گجهارتون

مرتب

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

لوڪ ادب سلسلي جو تيرهون ڪتاب

ڳجهارتون

(پهريون پاڳو)

مرتب:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hasan Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2010ع

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون	ڊسمبر 1969ع	تعداد 1000
چاپو ٻيو	آگسٽ 2010ع	تعداد 1000

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: چار سؤ پنجاهه رپيا

(Price: 450-00)

Gul Hayat Institute

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب ايليگنٽ پريس ڪراچيءَ مان پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ڇپائي پڌرو ڪيو .

مهاڳ

سنڌ جي 'لوڪ ادب' کي سهيڙڻ لاءِ هڪ تفصيلي تجويز، سن 1955ع ۾ 'سنڌي ادبي بورڊ' جي سامهون رکي وئي، جا 1956ع جي آخر ڌاري بورڊ بحال ڪئي، ۽ اُن جي عملي نگراني ۽ تڪميل بنده جي حوالي ڪئي.

ان تجويز مطابق، 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. اُنهيءَ موجب، پهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين. سنڌ يونيورسٽي ۾ 'سنڌي لغت آفيس' سان گڏ 'لوڪ ادب' جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، ته مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيٽي صاف ڪري، چپائڻ لائق بنائين.

پهريان ٻه سال، 1957ع ۽ 1958ع، لوڪ ادب جي مواد سهيڙڻ ۾ صرف ٿيا، انهيءَ عرصي ۾ تعلقيوار ڪارڪنن، ڳوٺن مان گهربل ڳالهيون هٿ ڪيون، مرڪزي آفيس جي عملي چپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اُتاريو، ۽ بنده ڪوشش ڪري سنڌ جي هر پاڳي جو گشت ڪري سڃاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون، ۽ عام سنڌي ادب جي هر پهلوءَ کي سمجهڻ لاءِ اُن جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهي سعيي ۽ همت، بلڪ جذبي ۽ محبت سان قدري ايترو مواد گڏ ٿيو، ۽ ٿي رهيو آهي جو اُن جي آڌار تي عام سنڌي ادب جي هر نوع بابت نموني طور هڪ ڪتاب مرتب ڪري سگهجي. ڪتابن جي تاليف جو سلسلو ٽئين سال 1959ع کان شروع ڪيو ويو آهي.

هت ٻه ڳالهيون واضح ڪرڻ ضروري آهن:

پهريون ته هن تجويز موجب، سنڌي ٻوليءَ جي عام ادب جون اهي جملي جنسون، جيڪي هن وقت تائين پهراڙيءَ جي غوام ۾ عام مقبول ۽ مروج آهن، تن کي 'لوڪ ادب' جو ذخيرو تسليم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ذخيري ۾ سنڌي ادب جون معياري جنسون پڻ شامل آهن. مثلاً: مداحون، مولود، ٽيهه اکريون، ڪافيون وغيره، مگر جيئن ته اهي هن وقت تائين پهراڙيءَ ۾ عام مقبول ۽ مشهور آهن، انهيءَ ڪري انهن کي پڻ 'لوڪ ادب' جي دائري ۾ شمار ڪيو ويو آهي. انهيءَ لحاظ سان، هن تجويز هيٺ گڏ ڪيل 'لوڪ ادب' کي بعينه 'فوڪ لور' (Folk Lore) جي مغربي مفهوم سان تعبير ڪرڻ صحيح نه ٿيندو. اسان جي ملڪ ۾ شهري زندگيءَ اڃا ايتري

Gul Hayat Institute

وسعت يا خاص نوعيت اختيار نہ ڪئي آهي، جو اها خواص جي زندگي ۽ تمدن جو يا 'معياري ادب' جو سرچشمو بنجي. سنڌي زندگيءَ جو مرڪزي دائرو اجا تائين ڳوڙ آهي. ۽ انهيءَ ڪري سنڌي ادب جو وڏو ذخيرو اهوئي آهي جو عوام جي زندگيءَ جو آئينو آهي. انهيءَ ڪري هن مرحلي تي سنڌي ٻوليءَ جي 'لوڪ ادب' جي وچ ۾ حد فاصل قائم ڪري نٿي سگهجي.

ٻيو ته هن تجويز ذريعي 'لوڪ ادب' جو سمورو مواد گڏ ٿي سگهيو آهي، ان کي سهيڙڻ لاءِ وڏي وقت ۽ ڪافي ذريعن جي ضرورت آهي. لوڪ ادب جو سڃو ذخيرو سربستو گڏ ڪرڻ جڻ اٽاهه سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر ٿيندو، جو ناممڪن آهي. البت جو ڪجهه مواد گڏ ٿي سگهيو آهي سو لوڪ ادب جي هر جنس بابت مثالي مواد آهي. انهيءَ لحاظ سان هن تجويز هيٺ تاليف ڪيل ڪتاب اُميد ته آئنده ڪوششن لاءِ نمايان نشان ۽ نيڪ فال ثابت ٿيندا.

'لوڪ ادب تجويز' جيتوڻيڪ بنده جي طرفان ٿي مگر ان جي عملي سربراهي توڙي تڪميل ۾ گهڻن ئي مخلصن جون ڪوششون شامل آهن. اول ته 'سنڌي ادبي بورڊ' جي ميمبرن کي جس جڳائي، جن هن تجويز کي سن 1956ع ۾ منظور ڪيو. ان بعد گهربل مواد گڏ ڪرڻ ۽ صاف ڪرڻ، ترتيب ڏيڻ، ابتدائي مسودا توڙي پريس ڪاپيون تيار ڪرڻ ۽ آخر ۾ ڪتابن ڇاپڻ ۾ ڪيترائي ساٿي ٻانهن ٻيلي ٿيا آهن. هن تجويز کي ڪامياب بنائڻ ۾ تعلقيوار ڪارڪن، مرڪزي آفيس جي باهمت فردن، سنڌ جي سڃاڻ سگهڙن، توڙي انهن مڙني دوستن جو حصو آهي، جن بنده لاءِ سگهڙن کي ڳولي هٿ ڪرڻ ۽ ساٿن ڪچهرين ڪرڻ ۾ پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪئي.

مجموعي طور سان هيءُ ڪتاب 'لوڪ ادب' سلسلي جو تيرهون ڪتاب آهي، ان جو بنيادي مواد ڊسمبر 1958ع تائين گڏ ٿيو، سڃي مواد کي چڪاسي، مختلف روايتن کي پيٽي، ترتيب ڏيئي، اپريل 1961ع ۾ ڪتاب جو مسودو تيار ڪيو ويو، ۽ نومبر 1961ع ۾ مسودي جي آخرين تصحيح ڪري، پريس ڪاپي شايع ٿيڻ لاءِ ڏني وئي.

ڪتاب جي ڇپائي ڪافي وقت ورتو، پر ان هوندي بہ 1965ع جي آخر ڌاري ان کي شايع ڪرڻ جو انتظام ڪيل هو، مگر بدقسمتيءَ سان لوڪ ادب تجويز کي شايع ڪرڻ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي ۽ هن ڪتاب جي اشاعت پڻ روڪجي وئي. 25- اپريل 1968ع تي سنڌي ادبي بورڊ جي صدر جناب مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب (تمغهء پاڪستان) جي سفارش تي سنڌي

Gul Hayat Institute

ادب بورڊ وري لوڪ ادب تجويز کي پايهء تڪميل تي پهچائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اها ذميواري بنده کي سونپي.

جون 1968ع کان ڪم شروع ڪيو ويو پر چئن مهينن بعد وري بورڊ طرفان ڪم بند ڪرڻ جو اطلاع مليو. وري 18- جون 1969ع تي بورڊ لوڪ ادب تجويز کي عمل ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو ۽ جناب مخدوم صاحب جن کان خط پهتو تہ دوباره ڪم شروع ڪيو وڃي. مخدوم صاحب جن جي ذاتي دلچسپي شامل حال نہ رهي ها تہ 'لوڪ ادب تجويز' هن مرحلي تي نامڪمل رهجي وڃي ها.

باوجود انهن تڪليفن جي جيڪي هڪ مخلص ڪارڪن کي پهچن ٿين ۽ جيڪي راقم کي پڻ 'لوڪ ادب' جي خدمت ڪندي سهڻيون پونديون آهن. بنده هي ڳرو بار ٿيون پيرو پنهنجن ضعيف ڪلهن تي کنيو آهي، انهيءَ تي سنڌي لوڪ ادب جي قيمتي سرمايي کي جيترو ٿي سگهي اوترو سهيڙي ان کي ضايع ٿيڻ کان بچائجي ۽ رٽيل پروگرام موجب 'لوڪ ادب' جي چاليهن جلدن کي پورو ڪجي.

مرڪزي آفيس جي ٻين ڪارڪنن سان گڏ خاص طرح محترم محمد بچل ۽ محترم محمد يوسف شيخ هن ڪتاب جي مواد کي اُتاري، يڪجاءِ ڪرڻ، پيڻڻ ۽ دوباره صاف ڪري لکڻ ۾ تحسين جوڳو ڪم ڪيو، سگهڙ ٻيڙي فقير ڪنير هن ڪتاب جي مواد پيڻڻ ۾ خاص مدد ڪئي ۽ محترم محمد اسماعيل شيخ ان سڄي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ ڪتاب جي مسوّدي تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. ڪتاب جي آخري سٽاءِ، ترتيب ۽ تاليف لاءِ خود ذميوار آهي.

سنڌ يونيورسٽي، **خادم العلم**

حيدرآباد سنڌ **نبي بخش**

22- جولاءِ 1969ع

Gul Hayat Institute

فهرست

پاڳو پهريون

ڳجهارتن جي پيڙي جا پاوا

اُپ	84	پَنُ	107
اڏ سڏ	85	پنڌ	108
اک	85	پنهنجو	108
اکر	86	پورهيو	113
اَن	86	پوک	113
اوزار	89	پهڻ	114
باهه	90	پيرُ	114
بار	91	پينگهو	114
ٻولي	91	جبل	114
ٻيڙي	92	جَرُ (آب، پاڻي)	116
پَٽِ	93	جِنڊ	120
ٻيلي	93	جنگ	121
پٽ	93	جوت	122
ينگ	93	جُوءِ	122
تاجيَ	93	جِيت (جيڏبلا)	122
تارو	93	جهنگ	127
ٽڙ	93	جهڻ	127
ٽر	94	چرخو (ائٺ)	127
ٽکر	94	چر	128
پاراتو	94	حاڪم	128
پَٽُ (ريشم)	94	ڏاڍي	128
پَٽ	95	ڏاند	131
پساري	97	ڏٽ	131
پکي	97	ڏڏ	131

Gul Hayat Institute

ڈينهن 131
ڈيهه 131
حقو 131
درياءَ 132
ذات 132
رات 159
راڳ (سُر) 159
راند 160
رَڇ 163
رِڍ 163
رسو 163
رنگ 163
ساز 163
سُٹ 164
سج 164
سڈ 164
سڪ 164
سمهڻ 164
سنج (ساز) 165
سٹپ 166
سوداگر 166
سودو 166
سونهن 166
سيد 166
سيءُ 166
شاهوڪار 166
شهر 167
عرض 175
عشق 176
عضوو 176
علمّ 179
عيبدار 179
فقير 179
ڪاٺ 182
ڪاريگر 188
ڪاسبي 188
ڪاغذ 188
ڪانو 188
ڪتاب 189
ڪتو 189
ڪٽڪ 189
ڪپڑو 189
ڪپهه 193
ڪڙمي 193
ڪڪ 193
ڪمي 193
ڪُن 193
ڪنڊو 194
ڪُنو 194
ڪوڙ 194
ڪوهه قاف 194
ڪاڇ 194
ڪٽ 195
ڪٽي 195
گار 195
گاهه 195

Gul Hayat Institute

گل 208
گندِي 208
گهه 208
گهر 229
گهوڑو 220
لڈو 220
لَکُ 220
لوهه 220
ليکو 223
مار 223
ماس (گوشت) 223
مال (جانور) 223
ماني 230
مايا 230
مٹي 230
مٹو 231
مچي 231
مرض 233
مرون 234
مسخري 236
معذور 236
معشوق 236
مقام 237
مکڑ 237
ملک 237
مُندَ 237
مندي 238
مٹيو 238
مئو 238
ميوو 238
نارنان (عورت) 240
ناڑو 251
نرنانءُ (مرد) 251
ننڈ 263
واچو (واچڑ) 263
واڑيو 263
واهه 264
واءُ 267
وکر 268
ول 274
ولايت 274
وڑ 274
وهانءُ 278
هاري 279
هڑ 279
هڑيار 279
هڑ 279
هڈو 280
هرلو 280
هکل 280
هلڑ 280
هندو 280
هنڈ 281

Gul Hayat Institute

پاڳو ٻيو
سُرن وار ڳجهارتون

باب پهريون: 'مٹين سُرن' واريون يا 'حقاني' ڳجهارتون 283
باب ٻيو: تاريخي ڳجهارتون 207
باب ٽيون: سُرائتيون ڳجهارتون: پاهريان عشقيه قصا 323
• بانڪو شاهه بهرام 323، • تاج الملوڪ 324، • ممتاز دمساز 324،
• ليلان مجنون 234، • شيرين فرهاد 330، • مل محمود ۽ مهرنگار 331،
• سيف الملوڪ 333، • ڪامسين ۽ ڪامروپ 335، • هير ۽ رانجهو 335،
• بلند بخاري 341، • روپ بسنت 341، • برووَ ۽ باني 341،
• چاندو ۽ ڳنگراج 342، • انسا ۽ بنسا 342.
باب چوٿون: سُرائتيون ڳجهارتون: موڪي ۽ متارا 343
باب پنجون: سُرائتيون ڳجهارتون: مَري ۽ مگ ٿر 345
باب ڇهون: سُرائتيون ڳجهارتون: ڦُل وڏوو ۽ پوري 346
باب ستون: سُرائتيون ڳجهارتون: سسئي 351
باب اٺون: سُرائتيون ڳجهارتون: مورڑو 482
باب نائون: سُرائتيون ڳجهارتون: ليلان ۽ چنيسر 486
باب ڏهون: سُرائتيون ڳجهارتون: مارئي 526
باب يارهون: سُرائتيون ڳجهارتون: مومل راڻو 618
باب ٻارهون: سُرائتيون ڳجهارتون: راءِ ڏياچ 656
باب تيرهون: سُرائتيون ڳجهارتون: سهڻي ۽ ميهار 674
باب چوڏهون: سُرائتيون ڳجهارتون: نوري ۽ جام تماچي 699
باب پندرهون: سُرائتيون ڳجهارتون: بوبنا ۽ جراڙ 702
باب سورهون: سُرائتيون ڳجهارتون: دولهه دريا خان ۽ همون 703

Gul Hayat Institute

باب ستر هون: سُرائتيون ڳجهارتون: ست سريون 705
باب ارڙهون: رسالي جي سُرن واريون ڳجهارتون: 710
• سُرسامونڊي 710، • سُر سارنگ 711،
• سُرڪاپائتي 712، • سُر رامڪلي 712،
باب اٺويهون: مجازي ڳجهارتون: 716
باب ويهون: سورهيائي واريون ۽ عام چوٽين واريون ڳجهارتون: 742
• سورهيائي 742، • نصيحت ۽ هدايت 743،
• مناجات 750، • چوٽيون ۽ پهاڪا 752،
• عام ڳجهارتون (روزمره جي ڪم ڪار بابت) 757

Gul Hayat Institute

ام للانسان ماتمنيٰ٥ فلله الاخرة والاولي

مقدمو

'ڳجهارت'، سنڌي 'پرولي' جو هڪ قسم آهي. لوڪ ادب سلسلي جي 'ڪتاب ٻارهين' جي مقدمي ۾ بيان ٿي چڪو آهي ته 'پرولي' جي فن کي سنڌ وارن پنهنجي ذوق ۽ ذهانت سان ڪمال تي پهچايو آهي. سنڌ ۾ پرولين جي پهه پچار ڪنهن آڳاٽي سمي کان شروع ٿي ۽ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن نوَن خيالن ۽ نُڪتن جي اضافي سان پرولي جا نت نوان قسم نمودار ٿيا، جن کي موجوده اصطلاحن ۾ پرولين، ڏنون، معمائون، ڳجهارتون وغيره سڏيو وڃي ٿو. انهن مڙني قسمن مان 'ڳجهارت' فني ۽ معنوي لحاظ سان نهايت ڳوڙهي ۽ معياري آهي، جنهن جو جنسي مثال دنيا جي ڪنهن به ٻئي ملڪ يا قوم جي ٻولي۽ ۾ ملڻ مشڪل آهي.

معنوي لحاظ سان ڳجهارت جيتوڻيڪ هڪ قسم جي پرولي آهي، مگر سٽاءَ جي لحاظ سان 'پرولي' ۽ 'ڳجهارت' ۾ فرق آهي: 'پرولي۽' جو بنياد تشبيهه ۽ استعاري تي آهي، ۽ 'ڳجهارت' جو مدار تجنيس ۽ تلميح تي آهي. فطرت جو مطالعو، ماحول جي ڄاڻ، شين جي واقفيت ۽ نُڪتن جي پروڙ پرولي۽ جي پس منظر جا خاص اسباب آهن، مگر 'ڳجهارت' جي پرک پروڙ لاءِ زندگيءَ جي مختلف شعبن، سماجي رسمن رواجن، عام قصن ڪهاڻين ۽ خاص داستانن جي تلميحي ٽاڻن ۽ اهجاڻن جو علم، سنڌي لغات جي گوناگون لفظن ۽ محاورن جي واقفيت، ۽ انسانن جي باهمي رشتي جي مختلف مرحلن تي رتن ۽ ارادن، خوشين ۽ ميارن، ڏکن ۽ ڏوراپن جي ڄاڻ پڻ ضروري آهي. 'پرولي' کي پروڙڻ لاءِ ذهن جي تيزي ڪافي آهي، مگر 'ڳجهارت' کي ڳولڻ لاءِ ذهني تيزي سان گڏ سوچ ۽ دانائي جي ضرورت آهي. پرولي۽ وانگر ڳجهارت جي ڏي- وٺ محض هلڪي ريجهه رهاڻ ۽ وندر ورونهه ناهي، بلڪ ادب ۽ ثقافت، لغت ۽ حڪمت (دانائي) جي ڳوڙهي رهاڻ آهي. انهيءَ ڪري ئي ڪن سالڪن جيتوڻيڪ هڪ مخصوص معنيٰ ۾ 'پرولي' کي 'راز' سان تشبيهه ڏني آهي. ("پچ پرولي ان جي، ڏنگي ڏور ڏيڻ" - چتو فقير سانگي)، مگر عام مروج

Gul Hayat Institute

معنيٰ ۾ سنڌ جي سالڪن ۽ سگهڑن جي نظر ۾ پرولي زياده عام فهم آهي، ان جي برعڪس 'ڳجهارت' هڪ ڳوڙهو فن آهي جو هنر، ڏهسنامي، ڏور، دُراهي ۽ سينگار جي صف ۾ شامل آهي ۽ جنهن جي وهجائڻ ۽ ورجائڻ لاءِ خاص جاڻ ۽ دانائي درڪار آهي. انهيءَ لحاظ سان سالڪ فقير الله ڏني ماڇي سندس هيٺئين بيت ۾ 'ڳجهارت' کي خاص فنن جي صف ۾ شمار ڪيو آهي:

ڳَهي 'ڳجهارت' کي ڪي ڳولينڌڙ ڳولين
'هنر' جي حساب جو خزانو کولين
'ڏهسنامي' 'ڏور' کي فلڪ سان قولين
'دُراهي' کي دل سان، الله ڏنا! اولين
معنيٰ جا من جي عاقل اُکولين
کي ويرِ وڙولين، 'سينگار' کي سوچ سان.

لفظ ڳجهارت جي معنيٰ

لفظ 'ڳجهارت' جي اصليت بابت جداجدا رايا آهن: ڪن جي خيال ۾ هيءُ لفظ 'ڳجهو اَرت' (لڪل معنيٰ) مان نڪتل آهي، ۽ ڪن جي راءِ ۾ ڳجهارت جو لفظ هندي 'بجهارت' يا 'بجهول' مان سنڌيءَ ۾ رائج ٿيو. هنديءَ ۾ لفظ 'بجهارت' موجود آهي، ۽ ان جي معنيٰ آهي 'حساب ڪتاب صاف ڪرڻ'، البته 'بجهَوُل' جي معنيٰ 'پرولي پيڃڻ' آهي. پر جيئن ته سنڌي ٻولي 'هندي' کان زياده قديم آهي، انهيءَ ڪري قوي گمان سان چئي سگهجي ٿو ته 'بجهارت' سنڌي جو پنهنجو لفظ آهي جو 'ٻوجهه' يا 'ٻجهڻ' مان 'سمجهڻ' ۽ پروڙڻ' جي معنيٰ ۾ آڪاٿي وقت کان رائج ٿيو، ۽ بالاخر ڳُجهه، راز يا 'مام' (پروڙڻ) جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. پٽائي صاحب توڙي ٻين شاعرن پڻ لفظ 'بجهارت' انهيءَ معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي:

ٻولي ٻجهارت، جوڳيان سندي ذات جي
ڏورڻ گهٽو ڏاڪڙو، هلڻ ۾ حيرت
عجب عبارت، پَـهه پروڙڻ ان جو.
(شاهه جو رسالو: سُر رامڪلي)

Gul Hayat Institute

وائنٽا ولات جا، ڪي جي ٻڌائون
ٻولي ٻجهارت جي ٻهڳٽ ٻوليائون
اولن سين لائون، لهي گهاتو گهڙيا.

(رسالو غلام محمد خانه زئي: سُرگهاتو)

لفظ 'ٻجهارت' جڏهن ڳُجهه، راز يا مام جي معنيٰ ۾ سنڌيءَ ۾ رائج ٿيو تہ غالباً عوام ۾ پٽ 'ڳجهہ' لفظ مان، 'ٻجهارت' سان نهڪندڙ لفظ، 'ڳجهارت' عام مشهور ٿيو.

ڳجهارت جي فن جي ابتدا

چئي نٿو سگهجي تہ موجوده ستاءَ واري 'ڳجهارت' ڪڏهن ۽ ڪيئن وجود ۾ آئي، مگر غالباً ان جي ابتدا مخفي سنيهي يا پيغام سان ٿي، جنهن جا ٻہ پهلو هئا:

پهريون تہ محبت جي راهہ ۾ ڳجهارت نينهن جي نياپن، مجازي رازن، ڏکن ۽ ڏوراپن جي ادا ڪرڻ جو خاص ذريعو بني. انهيءَ لحاظ سان هن فن جي تاريخ ٻہ هڪ حد تائين محبت ۽ مجاز جي تاريخ سان واپستہ آهي، جا ڪافي جهوني پراڻي آهي. سنڌ جي رومانن ۽ افسانن جي عروج وارو دؤر سومرن جو آهي جنهنڪري هن فن جي تاريخ جي ابتدا جو دؤر پڻ اهوئي سمجهڻ گهرجي.

ٻيو تہ ڳجهارت ذريعي اهي مخفي پيغام ۽ نياپا پڻ ادا ڪيا ويا جن جو تعلق سماجي يا سياسي معاملن سان هو. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ سنڌ جي درٻارن ۾ 'فن ڳجهارت' اهوئي مقصد ادا ڪيو جو اڄڪلهہ جا "مخفي ڪوڊس" (Codes) ۽ ملٽري جا "ڪوڊ ورڊ" (Code Words) ادا ڪن ٿا.[1]

مخفي پيغام کان سواءِ، ظاهري پيغام سان گڏ مقصد جي وضاحت خاطر ڪا شيءِ موڪلڻ، يا ظاهري پيغام ٻدران مام طور ڪا شيءِ موڪلڻ جنهن جي اهجاڻ مان آڏي ڏر دانائيءَ سان مطلب پروڙي- اهو سلسلو ٻين ملڪن

---

[1] هن سلسلي ۾ مخدوم محمد زمان 'طالب المولىٰ' جي هيءَ راءِ قابل قدر آهي: "سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ ڳجهارت جنهن اول ايجاد ڪئي آهي، انهيءَ مخفي پيغام ڏيڻ جو هڪ نمونو ايجاد ڪيو هجي تہ عجب نہ آهي. مثال طور جنگ ۾ جيئن ڪي خاص اشارا هوندا آهن جو دور دراز فاصلي تان انهن جي ذريعي هڪٻئي کي ڇئي سمجهائي سگهجي ۽ ڪو ٻيو ماڻهو معلوم نہ ڪري سگهي." ("سنڌي سلوڪ ۾ ڳجهارت"، رسالو نئين زندگي، ماهہ اپريل 1951ع).

وانگر سنڌ ۾ پڻ آڳاٽي وقت کان وٺي رائج رهيو. مثال طور سنڌ جي تاريخي دؤر ۾ نٽي جي حاڪر ميرزا محمد باقي پنهنجي التجا سان گڏ، وڌيڪ وضاحت خاطر، اڪبر بادشاهه ڏانهن 'ناپو'، 'بهه' وغيره پڻ ڏياري موڪليا: يعني ته هتي جي ماڻهن جو گذر غريباڻو آهي، ۽ سنڌ فتح ڪرڻ سان بادشاهه کي ڇا حاصل ٿيندو! ٽالپوري عهد جو مثال آهي ته روهڙيءَ جو ميرجان الله شاهه رضوي (فارسي زبان جو شاعر ۽ درويش) جهوڪ جي عارف شاهه، عنايت شهيد جو مريد ۽ هر سال جهوڪ شريف جي زيارت لاءِ ايندو هو. شاهه فضل الله قلندر جي سجاده نشيني واري دؤر ۾ هڪ سال پيريءَ سبان پهچي نه سگهيو. بزرگ ڏانهنس سوڪڙيون ڏياري موڪليون جن ۾ هڪ ڪشتي به شامل هئي. ميرجان الله شاهه مام پروڙي چيو ته: 'ابا، حڪم آيو آهي ته ٻيڙيءَ ذريعي پڻ اچو.'

سنڌ ۾ انهيءَ سلسلي کي اڳا به وڌيڪ گوڙهو بنايو ويو ۽ ڪنهن هڪ شيءِ جي بدران هڪ کان وڌيڪ شيون ڳنڍي ٻڌي موڪليون ويون، جيئن پيغام جا هڪ کان وڌيڪ پهلو روشن ٿي سگهن. اهو سلسلو اڪثر مجازي پيغامن خاطر عوام ۾ رائج ٿيو. ان کي 'ڳنڍ' يا 'موڙي' سڏيو ويو، جو ويندي موجوده دؤر تائين رائج آهي. پر جيئن ته شيون موڪلڻ يا انهن جي مطلب کي وهجائڻ آسان نه هو، انهيءَ ڪري وقت گذرڻ سان راز ۽ رمز خاطر معنوي سٽاءَ واريون پرولیون پيغامن طور رائج ٿيون[1].

ان بعد جڏهن سنڌي ٻولي ۾ بيان جي وسعت پيدا ٿي ته سالڪن ۽ سگهڙن کي سنڌي لفظن جي انوکي سٽاءَ ۽ معنوي مناسبت متوجهه ڪيو، ۽ ساڳئي صوت يا صورت (آواز ۽ صورتخطي) مگر مختلف معنيٰ وارن لفظن جو پن ۽ پردي خاطر گفتگو ۾ استعمال شروع ٿيو جو 'گجهارتن' جي سٽاءَ لاءِ هڪ محرڪ ذريعو بنيو. اهڙيءَ طرح بالآخر سگهڙن رٿيل مقصد واري جملي کي "تجنيس لفظي" جو لباس ڏڪائي، 'تلميح' (ڪنهن ڳالهه جي اشاري يا اهجاڻ) خاطر استعمال ڪري، 'فن گجهارت' جو بنياد وڌو جيئن ته (پرولي

---

[1] ڏسو لوڪ ادب سلسلي جي هارهين ڪتاب "پرولیون، ڏاڻون، معمائون ۽ ٻول" جو مقدمو، ص ص 9-18.

واري خيالي مام بدران) 'ڳجهارت' جو بنياد 'لفظي سٽاءَ' تي ٻڌو ويو ۽ هوليءَ جي ڇاڻن لاءِ اها سٽاءَ نسبتاً آسان هئي، انهيءَ ڪري ڳجهارت جي رهاڻ جيئن پوءِ تيئن ترقي ڪئي.

تاريخي لحاظ سان چئي سگهجي ٿو تہ سومرن جي دؤر ۾ موجوده سنڌي هوليءَ ۾ بيان جي وسعت پيدا ٿي ۽ قصن ۽ داستانن جي شروعات ٿي. هوليءَ جي لساني ۽ لغوي سرمايي جي اضافي سان غالباً انهيءَ دؤر ۾ ئي 'ڳجهارت' جي فن جي شروعات ٿي. دودي- چنيسر جي قصي ۽ سومرن جي دؤر جي بين واقعن بابت ڳجهارتون اجا تائين رائج آهن[1] . مگر جيئن تہ هن فن متعلق ڪو آڳاٽو لکيل رکارڊ موجود ڪونهي، انهيءَ ڪري اهو چوڻ مشڪل آهي تہ ڪو فلاڻي يا فلاڻي ڳجهارت انهيءَ دؤر جي سِٽيل آهي. البت سمن جي دؤر جي واقعات متعلق ڪن ڳجهارتن جي اندروني شهادت مان گمان ٿڪري ٿو تہ غالباً اهي انهيءَ دؤر جون سٽيل آهن. مثلاً هيٺين ڳجهارتن جو مقصد ۽ مفهوم انهيءَ گمان جي تائيد ڪري ٿو:

ڏيٽي: نالا اي نرنان! نالن نان ڦٽا ڪيا،

پڇٽي: سما اي سلطان! باغن ڦل ڦٽا ڪيا.

جام لاکي قول ڪيو هو تہ جيڪو منهنجي پيءُ ڦل جي مرڻ جي خبر ٻڌائيندو تنهن منحوس کي مارائي ڇڏيندس. پوءِ هڪ سگهڙ چارڻ وڃي ڪيس سهڻي رمز سان هن ڳجهارت ذريعي اها خبر ٻڌائي.

خوش قسمتيءَ سان اسان کي هڪ اهڙي ڳجهارت معلوم ٿي آهي جا ڪافي وٹوق سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جي مشهور سمي بادشاهہ جام نظام الدين عرف جام نندي جي ڏينهن جي آهي. ننڍي جي آسپاس جي ڪا معزز عورت پنهنجي رسوخ واري مرد (يا ڪو مرد پنهنجي ڪنهن رسوخ واري ساڻي) ڏانهن ٿي مخفي طرح هيٺين ڳجهارت ذريعي پيغام موڪلي ٿي تہ:

ڏيٽي: انهن ڏاتين سين، پنهنجو وهت جيئن نہ وڻ جيئن

اهي ڏاتيون اڳيئي ڪک جا ڪن

چئو نرنانءَ کي تہ گاهہ جو ڏئين

۽ چوي ڏاتين کي تہ ولات سي وڃن.

---

[1] ڏسو متن، ص ص 312-319

(ذاتيون = رنون. وهڻ جيئن = هنو. وڃ جيئن =، پن > پنو.

ذاتيون = رنون، ڪک جا = تُوتَڙ.

نرنائ = ڇام نندو، گاهه = پونگرو > پونگڙو.

ذاتيون = رنون، ولات = سال)

مراد: انهن رنن سان پنهنجو هَنُو نڪي پَنُو

اهـي رنون اڳيـئـي تـوتـڙ ڪـن[1] .

ڇئو ڇام نندي ڪي ته پٽي پونگڙو ڏئين،

۽ چـوي رنـن ڪـي ته سـال سي وڃن.

گجهارت جي هن مراد ۾ "منهنجو نڪي هنو نڪي پنو" توڙي "توتڙ ڪن" ٻئي سنڌيءَ جا جهونا محاورا آهن. ڇام نندي مان مراد يقيني ڇام نظام الدين آهي. 'سال سي وڃن' يعني نٽي جي پسگردائي ڇڏي وڃي جهڙڪن ڪان ٻـ اتر طرف 'سال' واري ايراضي ۾ رهـن. "سال" واري ايراضي جهڙڪن ۽ نئن بـارڻ جي وچ تي درياءَ لڳ آهي. اهي سڀ اهجاڻ جَـتائين تا ته اها گجهارت تـاريخي آهي. ڇام نندي جـو عهـد (868-914هـ) پندرهين صدي عيسويءَ جي پوئين نصف سان تعلق رکي ٿو، جنهن جي بناءُ تي اندازو لڳائي سگهجي ٿـو تـ غالباً پندرهين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي گجهارت جو فن ڪمال تي پهچي چڪـو هـو. انهيءَ نڪتـهٔ نظر کان پڻ هن فن جي شروعات سومرن جي دوَر ۾ قرين قياس معلوم ٿئي ٿي.

بهرحال سمـن جي دوَر کان وٺي هن فـن ۾ وڏي وسعت پيدا ٿي، ۽ فـن قصـ- خواني جي رواج سان سنڌ جا مشـهور قصـا ۽ داسـتان (مثلاً سسـئي- پنهون، عمر- مـارئي، مومـل - راڻو، ليلان- ڇنيسر، نوري- ڇام تماچي، ڪـل وڏوو ۽ پـوري، بوبنـا- جراڙ، مري- مگٽر، راءِ ڏياچ- سورٺ، مورڙو وغيـره) گجهارتن جا مکيـه موضوع بنيـا. عربـي ۽ فارسي تعليـم جي رواج سان نبيـن بابت روايتون ۽ ٻيون ٻاهريون حڪايتون (ليلي- مجنون، بانڪو شاهه بهرام، سيف الملوڪ وغيره) ٻيا قديم قصا ۽ تاريخي واقعا ويندي بخت نصر ۽ بني اسرائيل جي جنگ و جدل جي واقعـن تـائين گجهارتن جا موضوع بنيـا. مثلاً

[1] توتڙ = ڪوڙا بهتان ۽ جهيڙا.

ڳجهارت آهي تہ:

نرنانءَ ذاتين کي مسجد ۾ قرآن جو ڪيو

(نرنانءَ = بخت نصر، ذاتيون = بني اسرائيل،
مسجد = بيت المقدس، قرآن جو (لفظ) مثقال ذرة (يعني ذرا ذرا)

مراد: 'بخت نصر بني اسرائيل کي بيت المقدس ۾ مثقال ڪيو.'

مغلن جي تسلط کان پوءِ جڏهن سنڌ ۾ وري سنڌ جي ڪلهوڙا خاندان جي حڪومت قائم ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب توڙي ٻئي هر مقامي فن وڏي ترقي ڪئي. غالباً هن دؤر ۾ ڳجهارت جو فن پنهنجي اوج کي پهتو. جيئن تہ 'ڳجهارتن' ۾ ڳجهارتن ناهيندڙن سگهڙن جا نالا موجود نہ آهن، انهيءَ ڪري انهن جو زمان ۽ مڪان متعين ڪرڻ مشڪل آهي. مگر 'ڳجهارت' جي ٻئي ساڻي فن يعني 'هنر' ۾ شاعرن جا نالا موجود آهن. 'هنر' جي فن کي ڪلهوڙن جي دؤر جي وڏي سالڪ ۽ سگهڙ جلال ڪٽي اوج تي پهچايو. جيئن تہ 'ڳجهارت' توڙي 'هنر' جو بنياد 'تجنيس لفظي' تي آهي ۽ 'هنر' ۽ 'ڳجهارت' ٻئي سگهڙن جي رهاڻ جا لازم ملزوم جز آهن، انهيءَ ڪري ڇئي سگهجي ٿو تہ 'هنر' سان گڏ 'ڳجهارت' جو فن پڻ سٽاءَ جي سهڻائي توڙي معنيٰ جي نزاڪت جي لحاظ سان ڪلهوڙن جي دور ۾ ترقي ڪري اوج کي پهتو. ان وقت کان وٺي ڳجهارتن جو ذوق شوق اڄ تائين قائم آهي، ۽ ان ۾ نت نوان اضافا ٿيندا رهن ٿا. اڄين سالڪن جون جوڙيل ڳجهارتون سٽاءُ توڙي معنيٰ جي سهڻائي ۾ لاجواب آهن، مگر پيڙ ۾ نسبتاً آسان آهن. هن وقت سگهڙن جا ذهن تيز آهن ۽ سندن توجهہ پڻ ڳجهارتن کي وڌيڪ ڏيو ڪري لکائڻ طرف آهي. انهيءَ ڪري موجوده دور جي سڀيل ڳجهارتن ۾ لِک گهٽي آهي ۽ پيڙ ۾ ڏيکون آهن، مگر سهڻائي ۽ نزاڪت ۾ اڄين سگهڙن ۽ سالڪن جون ڳجهارتون ڪٽر آهن.

ڳجهارت جي بنيادي يا لفظي سٽاءُ

'ڳجهارت' ڪنايہ مطلب ادا ڪرڻ جو بهترين ذريعو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان ڳجهارت جي سٽاءَ جا ٻہ بنيادي پهلو آهن: (الف) مقصد واري ڳالهہ ۽ (ب) پَن پردي سان ان جي ادائگي. عام اصطلاح ۾، پَن ۽ پردي

واري طرز ادا کي ئي 'گجھارت' چيو وجي ٿو. حالانڪ حقيقت ۾ اهو گجھارت جو محض هڪ پهلو يعني 'گجھارت جي ڏيٽي' آهي. ٻيو اهم پهلو آهي، 'مقصد واري گالهه جو اظهار' يا 'گجھارت جي پيٽي'. 'ڏيٽي' ۽ 'پيٽي' جي ستاءُ کي سمجھڻ لاءِ اول هيٺين مثالن تي غور ڪرڻ گھرجي:

'گجھارت' کي سڏڻ وقت 'مقصد واري گالهه' کي اول ذهن نشين ڪرڻو آهي، ۽ پوءِ ان کي ڏک ۽ پردي سان ادا ڪرڻ بابت سوچڻو آهي. مثلاً، اسان جو مقصد ڪنهن دوست يا عزيز کي چوٽو آهي ته "پيارا! سُکيو هوندين". هن جملي ۾ 'پيارا' ۽ 'سکيو' ٻوليءَ جي لحاظ سان خاص اهميت رکن ٿا، چاڪاڻ ته هرهڪ جون ٻه معنائون آهن: پيارو معنيٰ پيار ڀارو ۽ پٽ پيارو مرد ماڻهو جو نالو (نرنانءَ = نر جو نالو) آهي. اهڙيءَ طرح 'سکيو' معنيٰ 'خوش' ۽ پٽ سکيو مرد ماڻهو جو نالو (نرنانءَ) آهي. هاڻي مقصد واري هن جملي "پيارا! سکيو هوندين" کي گجھارت جي فن موجب جڏهن لڪ ۽ پردي سان ادا ڪنداسون ته چونداسون "نرنانءَ! نرنان هوندين". اها ٽي گجھارت جي 'ڏيٽي' (۽ "پيارا! سکيو هوندين" ان جي پيٽي).

هن ڏيٽي ۾ 'نرنان' 'نرنان' ٻئي پردي ۽ ڏک وارا خاص لفظ آهن جن کي گجھارت جي اصطلاح ۾ 'پاوا'، 'بند' يا 'نَپَ' چئبو. انهيءَ لحاظ سان اسان چونداسون ته هن گجھارت ۾ ٻه پاوا آهن، جن ۾ مردن جا نالا (نرنان) مخفي آهن. گجھارت پيڙ لاءِ گولو (گولينڈ) مردن جا نالا وٺندو. عام سمجھ وارو گولو محض 'نرنان' واري 'پائي' کي ڏيان ۾ رکي مردن جا نالا وٺندو ويندو، پر سمجھو ۽ سگھڑ گولو گجھارت جي ڏيٽي جي ستاءَ جي لحاظ سان اصل مقصد کي خيال ۾ رکندو، يعني ته سوچيندو ته 'ڏيٽي' جو رخ هيئن آهي ته: "اي فلاڻا هيئن هوندين"، انهيءَ لحاظ سان هو مردن جا اهي نالا وٺندو جي اصل مقصد مطابق هجن، ۽ چوندو ته، 'سائو ستابو هوندين، خوش خورم هوندين، چگو پلو هوندين' (ستابو، خوش محمد، خورم، چگو ۽ پلو مڙيئي مردن جا نالا آهن). انهن نالن وٺ سان گجھارت کانپوءِ، پر جي چيائين ته 'سکيو هوندين' ته گجھارت پڄي. گجھارت جي ڪچهري جي قانون موجب

Gul Hayat Institute

ڪوبہ هڪ پائو پڳو تہ ڇڻ سڃي ڳجهارت پڳي.

مٿيئن مثال مان هيئيان پهلو واضح ٿين ٿا: اول تہ ڳجهارت جي سٽاءَ ۾ 'مقصد واري ڳالهہ' کي خاص اهميت آهي. ڳجهارت سٽڻ يا ناهڻ، توڙي ڳجهارت پيڙهڻ يا ڳولڻ ۾، 'مقصد واري ڳالهہ' مرڪزي حيثيت رکي ٿي. ٻيو تہ ڳجهارت جي ڏيڻي 'پاون' تي ٻڌل آهي، يعني تہ ڏيڻي واري سٽاءَ ڇڻ هڪ اڌاوت آهي جا 'پاون' يا ٽنين تي بينل آهي. ڳجهارت جي 'ڏيڻي' ڇڻ ڳجهارت جي 'لفظي سٽاءُ' آهي، جنهن ۾ 'پائي' ۽ ان ۾ سمايل 'صنعت تجنيس' کي وڏو دخل آهي، ڳجهارت جي پيڙهي ڇڻ ڳجهارت جي 'معنوي سٽاءُ' آهي جنهن جو تعلق 'مقصد واري ڳالهہ' سان آهي. مقصد واري ڳالهہ ڏانهن اشارو يا ان جو اهڃاڻ، يعني 'تلميح'، ڳجهارت جي 'معنوي سٽاءَ' جي جان آهي. مطلب تہ ڳجهارت جي اڌاوت ۽ مقصد جي لحاظ سان، 'تجنيس' ۽ 'تلميح' ڳجهارت جي جندجان آهن. هيڻ آسان پهريائين ڳجهارت جي اڌاوت يعني 'لفظي سٽاءُ' تي روشني وجهون ٿا جنهن ۾ 'صنعت تجنيس' ۽ 'پائي جي بيهڪ ۽ بناوت' خاص اهميت رکن ٿا.

ڳجهارت جي سٽاءَ ۾ تجنيس جي اهميت

ڳجهارت جي لفظي سٽاءَ ۾ 'پائو' مرڪزي حيثيت رکي ٿو. 'پائو' هڪ پردي وارو لفظ آهي، جو ظاهري طور فقط هڪ معنيٰ ظاهر ڪري ٿو. مٿيئن مثال ۾ هرهڪ 'پائي' مان ان جي ظاهري مراد 'مرد جو نالو' آهي. مگر اصلي مقصد جي لحاظ سان هرهڪ پائي ۾ 'مرد جي نالي' واري لفظ جي 'ٻي معنيٰ' پڻ آهي. انهيءَ لحاظ سان 'پائي' وارو لفظ 'ذو معنيٰ' آهي، يعني تہ ٻہ معنائون رکي ٿو. علمي اصطلاح ۾ اهڙي صورت کي 'تجنيس لفظي' چئجي ٿو. هاڻي واضح ٿيو تہ ڳجهارت جي ڏيڻي جي سٽاءَ 'پاون' تي ٻڌل آهي ۽ 'پائي' جو بنياد اڪثر 'تجنيس لفظي' تي آهي. لفظي سٽاءَ جي لحاظ سان 'تجنيس' جا هيئيان قسم ڳجهارت جي پاون جو بنياد بنجن ٿا:

(الف) تجنيس تام: مٿيئن مثال ۾ پائي جي هرهڪ لفظ 'پيارا' توڙي

Gul Hayat Institute

'سکيو' جون ٻہ مختلف معنائون آهن، اهڙو لفظ جنهن جي صورتخطي ۽ اُچار ساڳيو مگر معنائون مختلف هجن ان کي علمي اصطلاح ۾ 'تجنيس تام' چئجي ٿو. انهيءَ لحاظ سان متئين مثال وارن پاون ۾ 'تجنيس تام' سمايل آهي.

(ب) تجنيس زائد: ٻن هم صورت ۽ هم آواز لفظن مان هڪ جي شروع ۾ اکر زائد هجي، جيئن تہ 'زار' ۽ 'آزار'.

(ج) تجنيس مرتب: ساڳي صورتخطي وارن لفظن مان هڪ مرکب ۽ ٻيو منفرد لفظ، جيئن تہ 'ساهڙ' (اها هڙ) ۽ 'ساهڙ'، (مرد جو نالو).

(د) تجنيس مضارع: ٻن لفظن جو ساڳيو آواز مگر صورتخطي ۽ معنيٰ مختلف، جيئن تہ 'لال' ۽ 'لعل'.

(هـ) تجنيس ناقص: ٻن لفظن ۾ اڻپوري هڪجهڙائي، جيئن تہ 'کَنَ' ۽ 'کُنَ'.

(و) تجنيس لاحق: هم وزن لفظن جي پهرئين اکرن جي تبديل، جيئن تہ 'ٻار' ۽ 'هار'[1].

(ز) بعضي ڪن پاوَن جي ستاءِ ۾ 'تجنيس مُطرب' وارو اصول (پوين حرفن ۾ تبديل) پڻ سگهڙن جائز سمجهيو آهي جيئن تہ 'دوربين' ۽ 'دور بيهہ'[2].

اهڙي طرح گجهارت ۾ 'پائي' جي پڇڻي واري اصلي لفظ ۽ ڳالهہ جي مقصد واري اصولي لفظ ۾ متئين 'تجنيسن' مطابق فرق جائز آهي. گجهارتن جي ڪافي وڏي حصي ۾ 'پاون' جو بنياد 'تجنيس لفظي' تي آهي، حالانڪ ڪن 'پاون' جو بنياد محض پائي واري اهجاڻ ۽ مقصد واري لفظ جي معنوي مناسبت تي هوندو آهي.

---

[1] گجهارت جي بنيادي پائي ۾ هوبهو 'تجنيس لاحق' جي بدران اڪثر آڏو کي حرف گڏيا يا حذف ٿيندا آهن.

[2] 'تجنيس مطرب' ٻن مفرد لفظن جي پوين حرفن ۾ تبديل کي چئجي ٿو، جيئن تہ 'خار' ۽ 'خام'. مگر گجهارت جي پائي ۾ اڪثر 'مرکب لفظن' ۾ انهيءَ تبديلي جا مثال ملن ٿا.

مٿئين وضاحت ذرا علمي ۽ پيچيده آهي، مگر اها ان حقيقت تي پڻ شاهد آهي ته فن گجهارت علمي نقطهٔ نظر سان پڻ ڪافي گوڙهو ۽ معنيٰ خيز آهي. هيٺ اسان عام فهم لفظن ۾ 'پائي' جي جداجدا صورتن ۽ سٽائن ۾ گجهارت ۾ 'پائي' جي بيهڪ ۽ بناوت تي روشني وجهون ٿا.

گجهارت جي سٽاءَ ۾ "پائي" جي بيهڪ

مٿي چئي آيا آهيون ته 'پائو'، 'بند' ۽ 'نپ' ٽيئي ساڳي ڳالهه آهن. گرامر جي لحاظ سان، گجهارتن جا 'پاوا' جداجدا قسمن جا ٿيندا آهن، جيئن ته: اسم خاص (مردن ۽ عورتن جا نالا)، اسم عام (پکي، مڇيون، جيت وغيره)، اضافي (جو، جي، جون)، صفاتي (ٽلهو، موچارو) ضميري (پنهنجي، پنهنجن، تنهنجي، تنهنجن)، يا عددي (هڪ، ٻه، ٽي وغيره). ازانسواءِ ڪي منفرد لفظ، فعلي صيغا وغيره 'پولي' جي مجموعي 'پائي' هيٺ اچي وڃن ٿا. ٽلهي ليکي اسين چونداسون ته مڪيه 'پاوا' ٽن قسمن جا آهن: (1) خاص اسم ۽ نالا، (2) عام اسم يا نالا، ۽ (3) نالن جون اضافي وصفون. خاص اسمن ۾ مردن، عورتن، شهرن، ولايتن وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا جي گجهارت جي 'پاون' جي صورت ۾ 'نرنانءُ'، 'نارنانءُ'، 'نالو'، 'شهر'، 'ولايت' سڏبا. عام اسمن يا نالن ۾ مرن، مڇين، جيتن، پکين وغيره ساهوارن، ۽ گاهن، پوکن، وکرن ۽ ٻي هر جنس جا نالا اچي وڃن ٿا. گجهارت ۾ انهن جا 'پاوا' هر جنس جي مجموعي نالي جي صورت ۾ بيهندا جيئن ته 'پکي'، 'مڇي'، 'پوک' وغيره. ٽئين قسم جي 'اضافي وصفن، وارا پاوا، 'جو'، 'جي'، 'جا'، وغيره اضافي حرفن سان نروار ٽين ٿا، جيئن ته 'وڻ جو'، 'جنڊ جي'، 'اُپ جا'، 'جر جون' وغيره. گجهارتن ۾ اڪثر انهيءَ ٽن قسمن، يعني خاص اسمن، عام جنسن ۽ اضافي وصفن وارا 'پاوا' استعمال ٽين ٿا. انهن جي پيٽ ۾ عددن، صفتن ۽ ضميرن وارا 'پاوا' قدري انوکا ۽ ٽورين گجهارتن ۾ آيل آهن. جيئن ته:

Gul Hayat Institute

پائو عددي (سُر سسئي):

ڏيٽي: **اٺ، نو، يارهن، تيرهن، ٽيهه، پٽيهه ذاتيون** چڏيو ته **نالو** ملي.

(8 +9 +11 +13 +30 +32=103 سؤٽي > سؤٽيون، ذاتيون = وڳ، نالو = پنهون).

پيڇي: **سؤٽيون وڳ** چڏيو ته **پنهون** ملي.

(يعني ته اي سهيليون اوهين مون سان بحث چڏيو ته آءٌ وجان ۽ مون کي پنهون ملي).

پائو صفاتي (سُر سسئي):

ڏيٽي: **وڏن** منجهه **ننديي**، آءٌ **ننڍن** جا **وڏا** ڏسان.

(وڏن = کافن (جبلن)، ننديي = کَهي، ننڍن = گوئڙن، وڏا = گس)

پيڇي: **کافن** منجهه **کهي**، آءٌ **گونڙَن** جا **گس** ڏسان.

پائو ضميري (سُرمارئي):

ڏيٽي: ادا ڙي عمر! جڏهن هيس **تنهنجن** ۾، تڏهن ٽي مون کي **پنهنجن** ماريو.

(تنهنجن = اوطاقن > اوتاکن > تاکن = درن ۽ بندن، پنهنجن = اوجاڳن).

پيڇي: ادا ڙي عمر! جڏهن هيس **تاکن** ۾ تڏهن ٽي مون کي **اوجاڳن** ماريو.

پائو 'ٻولي'.

هيءَ هڪ مجموعي پائو آهي. 'ٻولي' معنيٰ ته ٻولي جو ڪوبه لفظ جيئن ته جيتر، تيتر، اگر، مگر، جڏهن، ڪڏهن، هاڻي، هان، هون وغيره. يعني ته اهڙو لفظ جو ٻئي ڪنهن پائي هيٺ نه اچي، ته 'ٻولي' جي پائي سان ادا ٿيندو. البت گجهارت جي سهڻائي انهيءَ ۾ آهي ته 'ٻولي' جو پائو سهڻو ڪري بيهارجي، ائين نه ٿئي جو ڏکيو ۽ انوکو لفظ اجايو ڪري آڻجي. 'ٻولي' جي پاون جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

سُر سسئي:

ڏيٽي: **ٻولي** پنهل اچي، **ٻولي** ڪريان ڪيئن.

(ٻولي = جيتر يا جاسين، ٻولي = تيتر يا تاسين).

پيڇي: **جيتر** پنهل اچي، **تيتر** ڪريان ڪيئن.

ڏيٽي: **ٻولي** تان نه ڪنڌياس، **ٻولي** هوت پنهونءَ سان.

Gul Hayat Institute

(پولي = اگر، پولي = مگر).

پجٹي: **اگر** تان نہ ڪندياس، **مگر** هوت پنهونءَ سان.

(سسئي ٿي چوي تہ: هوت پنهون سان 'اگر'، 'مگر' چئي بهانا ڪانہ ڪنديس).

پائو لفظي.

اهڙن عام مروج پاون کان سواءِ، فقط ڪي 'لفظ' يا 'لفظيَ سٽائون' پڻ 'پاون' طور استعمال ٿين ٿا، جن ڪي اسين 'لفظي پائو' ڪوٺيون تہ مناسب ٿيندو، مثلاً:

سُر سسئي:

ڏيٹي: **ونءَ پڪي** مون **ڪاڇ جا** ڏنا.

(ونءَ = لهہ، پڪي = للو، (هنجهہ)> للا، ڪاڇ جا = لوڑهہ).

پجٹي: لهہ لَـلا، مون لوڑهہ ڏنا.

سسئي جو لوڑهہ (قبر) ڏسي پنهون پنهنجي پاڻ لَـلي ڪي ٿو چوي تہ: للا! لهہ، جو مون لوڑهہ ڏنو آهي. هن ڳجهارت جو پهريون پائو 'ونءَ' آهي يعني 'وڃ'. هلڻ، چلڻ، لهڻ، چڑهڻ، ڊوڙڻ وغيره سڀ 'وڃڻ' جي معنيٰ ۾ آهن، انهيءَ ڪري 'ونءَ' جي مناسبت سان ٻيو هم معنيٰ لفظ 'لهہ' پجٹي طور آيو آهي.

ڏيٹي: **ڏڪار پاروٹو** مون، **پيءُ- مُـئو** اوهين.

(ڏڪار= قحط > ڪهہ + تہ، پاروٹو = باسي، پيءُ- مُـئو = چورو> چو +رئو).

پجٹي: **ڪَـهہ** تہ باسي مون، چو رئو اوهين.

Gul Hayat Institute

هن ڳجهارت ۾ ڏڪار ۽ پاروٹو ٻئي اڪيلا لفظ آهن، ۽ 'پيءُ- مئو' لفظي سٽاءَ (صفاتي) آهي، ۽ اهي ٽيئي 'پاوا' بنيا آهن. هينئن ڳجهارت ۾ جملي پاوا لفظي سٽاءَ وارا آهن ۽ صفاتي معنيٰ ۾ آيل آهن. هيءَ ڳجهارت 'سُرن ۾ ناهي مگر ڪنهن 'مهل ۽ موقعي' تي چيل آهي:

ڏيٹي: **ڪُـماٹهو ڪُـوڻ** چڑهيا، **ڪُـپوڪ** ۾ **ڪُـڏڻ** لڑيا.

(ڪُـماٹهو= مهاڻا، ڪُـوڻ= اک، ڪُـپوڪ= نانگلي، ڪُـڏڻ= گڏهہ).

پجٹي: مهاڻا اکين چڑهيا، نانگلي ۾ گڏهہ لڑيا.

پائو ۽ ٻين ٻولين جا لفظ.

گجهارت ۾ 'پاون' جي بنياد ۽ مراد يعني 'ڏيڻي' ۽ 'ٻجهڻي' وارا الفاظ اڪثر سنڌي ٻوليءَ جائي هوندا آهن. مگر سگهڙن گجهارت تي ڪڪ رکڻ، يعني لڪائڻ خاطر بعضي سرائڪي، اردو، فارسي ۽ ويندي انگريزي لفظن کي پڻ پاون جو بنياد بنايو آهي. ذومعنيٰ هجڻ سببان 'ٻجهڻي' ۾ اهڙن لفظن جي مراد اڪثر سنڌي مفهوم مطابق تيندي آهي. مثلاً 'اردو'، 'پاون' جي سٽاءَ سان هينيون گجهارتون ٻڌل آهن، جي آڪاڻي وقت ڪان ڪچهرين ۾ هلندڙ آهن.

مومل راڻو.

ڏيڻي: **ٽنگي شوم کي**، شهر مؤن **مال جي**.

(ٽنگي (چوڪري)= لڙڪي، شوم= راجا نند، کي= جي، شهر= ماڻيلو، مال جي= تڙي> مال کي تڙڻ).

ٻجهڻي: لڙڪي راجانند جي ماڻيلي مؤن تڙي.

موکي ۽ متارا:

ڏيڻي: **مَدني ڏَنِ کي ڏي نرنانءَ کي**.

(مَد= رس> مدني = رسيل يا پريل، ڏَن کي (ناڻي جي)= کيوَڻي (سوني)= کي +وڻي، نرنان= متارو (ماڻهو جو نالو)> نرناون= متارن).

ٻجهڻي: پَرکي وڻي ڏي متارن کي.

Gul Hayat Institute

ليلان چنيسر:

هيءَ گجهارت 'اردو' ۾ ٻڌل آهي:

ڏيڻي: **وَن کي ڏن کي قِر کيڻي کي** کيون؟

(ون کي(= وڻ کي> وڻ جو نالو)=سُڪمرد، ڏن کي (= ناڻي جي)= مَٽا، کيڻي کي(= کيڻي جي 'روت')= روتي).

ٻجهڻي: سک مرد مٽا قر روتي کيون؟

اهڙيءَ طرح سرائڪي زبان ۾ گجهارتون ٻڌل آهن، مثلاً مارئي جي سُر جي گجهارت آهي ته:

ڏيڻي: مئن نہ تيڏي **ذات**، تون **لوهہ دي** ڪر.

(ذات= جو (يا)، لوهه دي= چاهي).

پڇڙي: مڻ نه تيڏي جويان، تون چا پي ڪر.

هينئن گجهارتن ۾ ڪن 'پاون' جون پڇڙيون انگريزي لفظن مطابق آهن. مثلاً:

سهڙي.

ڏيڙي: رَڇ ٿو چئي ته **نالن** ماري سهڙي.

(رڇ يعني ٿانءُ = جگ (Jug) > جڳ، نالو = ويرُو، نالن= وِيرن).

پڇڙي: جڳ ٿو چئي ته وِيرن ماري سهڙي.

مارئي:

ڏيڙي: عمر سومرا! **ڪِني ڪاڻيءَ** ۾.

(ڪِني=گلا، ڪاڻي= پينسل (Pencil) > پئي +نسل).

پڇڙي:عمر سومرا! گِلاپئي نسل ۾.

مومل راڻو[1]

ڏيڙي: مومل به **ڪاڻي**، پر **ڪاڇ جو** ڪيني مينڊرا.

(ڪائي= هاڪي (راند جي Hockey) > هاءِ +ڪي، ڪاڇ جو= ناشتو (نيرن)> ناس +تو).

پڇڙي: مومل به هاءِ ڪي، پر ناس تو ڪئي مينڊرا.

(مومل به هاءِ ڪي يعني گهٽا ماريا، پر تو ڪيس ماريو)

مٿئين گجهارت ۾ هڪڙي پائي جي پڇڙي انگريزي لفظ ۾ ته ٻئي جي فارسي لفظ ۾ آهي. اها گجهارت اسان جي روبرو هڪ ڪچهريءَ ۾ لعلڻ خان لغاري کي ٻيڙي ڪنهن ڏني. لعلڻ خان لغاري ذات ذات جي ڪاني ڳولي هڪ بيت ۾ بند ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ڪائنس لڪائڻ خاطر سگهڙ ٻيڙي گجهارت ۾ ڪاني جو 'پائو' انگريزي ۾ رکيو. بهرحال 'پائي' جو صحيح اصول اهو آهي ته پل پائي جو اصلي لفظ ڪهڙي به ٻولي جو هجي مگر اهو اهڙو ذومعنيٰ هجي جو پڇڙي ۾ ان جي مراد سنڌي ٻولي موجب پوري ٻيهي، جيئن ته مٿين گجهارتن ۾ 'جڳ'، جي مراد 'جڳ'، 'هاڪي' جي مراد 'هاءِ

[1] ڏسو ص ص 618- 655

کي' بيني. ڪن ڪچهرين ۾ هينئن گجهارت خوش طبعي طور پيش ٿي مگر ان ۾ 'پاون' جو بنياد توڙي مراد ٻئي انگريزي لفظن مطابق آهن، انهيءَ ڪري اصول موجب اها صحيح ناهي:

ڏيٽي: مومل هڏ **ليڪو** هئي، پر لڳي **ليڪو** راڻي کي.

(ليڪو=وَن (one) = هڪ، ليڪو= ٽُو ((two) = ٻه).

پجڻي: مومل هڏ 'ون' هئي، پر لڳي 'ٽُو' راڻي کي.

پائي ۾ تجنيس لفظي جون رعايتون

پائي وارو لفظ هميشه ذومعنيٰ هوندو آهي: يعني ته هڪ ان جي اصلي يا بنيادي معنيٰ ۽ بي ان جي 'مراد' واري معنيٰ هوندي آهي. ڪنهن 'پائي' جي 'بنياد' توڙي 'مراد' واري لفظ بلڪل ساڳيو ٿي سگهي ٿو. جيئن ته ليلان چنيسر جي هينئن گجهارت جي مراد ۾ پاون وارا الفاظ 'جواب'، 'سوال' ۽ 'نفعو' بنا ڪنهن تبديل جي هوبهو ساڳيا بينا آهن (تجنيس تام).

ڏيٽي: **پولي** اٽئي ليلان، هاڻي وينِي **پولي** ڪر، **پنهنجو** ٽيندئي ڪونہ.

(پولي= جواب، پولي= سوال، پنهنجو = نفعو).

پجڻي: جواب اٽئي ليلان، هاڻي وينِي سوال ڪر، نفعو ٽيندئي ڪونہ.

مگر اڪثر پاون ۾ 'بنياد' ۽ 'مراد' وارن لفظن ۾، 'تجنيس لفظي' جي رعايت ملحوظ هوندي آهي. اسان مٿي چئي آيا آهيون ته گجهارتن جي پاون ۾ 'تجنيس لفظي' جون مڙيئي صورتون ملن ٿيون. هيٺ اسان انهيءَ نڪتي کي ورجائڻ خاطر 'پاون' جي بنيادي لفظن ۽ انهن جي مرادن جي مختلف صورتن کي مثالن ذريعي نروار ڪريون ٿا.

عام طور پائي جو 'بنيادي' لفظ 'مراد' ۾ پڻ ساڳي صورت ۾ بيهي ٿو مگر ذومعنيٰ هجڻ سببان نئين معنيٰ ڏيڪاري ٿو. اها 'تجنيس تام' جي صورت آهي، مگر 'پائي' جي بنيادي لفظن ۾ 'مراد' خاطر سگهڙن کي ڏيريون گهيريون جائز قرار ڏنيون آهن، جي علمي لحاظ سان مختلف تجنيسن جي دائري ۾ اچن ٿيون. مثلاً

Gul Hayat Institute

1. پائي واري لفظ ۾ زير، زبر، پيش يا ا، و، ۽ ي وغيره جي ڦيرگهير سان مراد ڪرڻ (تجنيس ناقص).

پاون جي بنيادي لفظن ۾ 'مراد' خاطر هيءَ ڦيرگهير عام آهي: مثلاً عمر مارئي جي سر مان گجهارت آهي ته:

ڏيٽي: ادا عمر! **سٽي ان جون** ڪري، **نرنان**ءِ ٽيو ڪونہ ڪو.

(سٽي ۽ ان جي= چـُوري، سٽي ۽ ان جون= چـُوريون> چوريون (بنا پيش)، نرنانءَ = ونهيون).

پڇٽي: ادا عمر! چوريون ڪري، ونهيون ٽيو ڪونہ ڪو.

ڏيٽي: **نارنان نالن کي ذات**ته ڏي (موکي ۽ متارا).

(نارنان=موکي، نالو=متارُو، نالن=متارن، ذات= سَرکي> سُرکي).

پڇٽي: موکي متارن کي سُرکي ته ڏي

2. پائي واري بنيادي لفظ جو مراد ۾ پڇي ٻه لفظ ٽيڻ.

ڏيٽي: **نالو** اٽيئي منگتا، هاڻي **ذات** ڪر. (سُر سورٺ).

(نالو=آڏو> آ +ڏو، ذات=مزاري=مَ +زاري).

پڇٽي: آ ڏؤ اٽئي منگتا، مَ زاري ڪر.

ڏيٽي: **ڪاڻ** پائيندياس، **وڻ جا** ڪندس ڪينڪي. (مارئي)

(ڪاڻ=نهيرو> 1. نہ +2. هيرو، وڻ جا=چير).

پڇٽي: نہ هيرو پائيندياس، چيرا ڪندس ڪينڪي.

3. ٻہ پاوا ملائي مراد وارو لفظ ناهڻ

ڏيٽي: ليلان انهيءَ **وڻئون تندئون چمر جو** وڄيئي. (ليلان چنيسر).

(وڻ=اڪ، تند=لئون> اڪ +لئون> عقلئون، چمر جو=مڙهه).

پڇٽي: ليلان انهيءَ عقلوُن، مڙهه وڄيئي.

4. ٽن پاون مان هڪ جو اکر ٻئي سان ملائي 'مراد' ڪرڻ.

ڏيٽي: اٽي **نالي ڪائي متان نالي هوت اچيئي**. (سسئي)

(نالو= ڪالو، ڪائي= چڪر> ڪالو + چڪر> ڪا + لوچ + ڪر، نالو= نظر).

Gul Hayat Institute

پڇڻي: اڻي کا لوڇ ڪر متان نظر هوت اچيئي.

ڏيڻي: هي **نرنالي پاڻي جون** آيون، تن اچي **ذاتيون** ڏنيون انِي کي آڻون، **گهُمي** ويڻي. (ليلان ڇنيسر).

(نرنالي=نصير، پاڻي جون=نيون> نصير +نيون> نہ سي ر +نيون> نہ سي رنون، ذاتيون=پڙهيار> پڙهي هار، گهمي=ور ڏيئي).

پڇڻي: هي نہ سي رنون آيون، تن اچي پڙهي هار ڏنو اني کي آڻ ور ڏيئي ويڻي.

5. پائڻي واري لفظ جو 'ڏيڻي' ۾ پر واري لفظ سان ملي 'مراد' بنجڻ.

ڏيڻي: **مال جي** ويا اٿر جيڏيون، آڻ **پنهنجي** ڏيندي سان. (سسئي)

(مال جو= اوهہ اوهہ (= هُـو)، پنهنجي= 'نِـڇ'، مڇ + ڏيندي> نہ + ڇڏيندي).

پڇڻي: اوهہ ڙِي ويا اٿر جيڏيون، آڻ نہ ڇڏيندي سان.

ڏيڻي: ڏي **رِڇ** سومرا، مون کي **نالو** تہ نہ (مارئي).

(رِڇ= حقو، ڏي +حقو> ڏيهہ +کو، نالو=وِيسريو> وسريو.

پڇڻي: ڏيهہ کو سومرا، مون کي وسريو تہ نہ.

6. پائي واري بنيادي لفظ ۾ 'مراد' خاطر ڪن حرفن جو بدلجڻ

ڏيڻي: مون توکي ڇيو تہ اها **ذات نالو** نہ ڪر. (ليلان ڇنيسر)

(ذات= درزي> درجي> در +جي، نالو= محرم).

پڇڻي: مون توکي ڇيو تہ اها در جي محرم نہ ڪر.

(ڇنيسر ٿو ليلان کي چوي تہ مون توکي ڇيو هو تہ اها ڪوڙو در جي محرم نہ ڪر).

ڏيڻي: **لوهہ جي** ليلان، اجا ٿي **مال جا** ڪرين.

(لوهہ جي=دوربين> دوربيهہ (تجنيس مطرب)، مال جا= آسرا).

پڇڻي: دوربيهہ ليلان، اجان ٿي آسرا ڪرين.

7. پائي واري بنيادي لفظ ۾ هڪ يا ٻن (بعضي ٽن) حرفن جو وڌائڻ (تجنيس زائد)

سر سسئي مان هيٺين ڳجهارت آهي تہ:

ڏيڻي: **ڪپڙو** ڏيرن من ۾، **ڪپڙو** ڪنهن نہ ڇيون.

Gul Hayat Institute

1 2
ڪپڙو ٻري مون اندر، ڪپڙو ڏيهه سندون.
3 4
(ڪپڙو= چُني> 1. ڪ + چني> ڪَچُ + ني.
2. س + چني> سَچُ + ني.
3. م + چني> مچُ + ني.
4. ڪ ي + چني> ڪيچُ + ني).

پيڇي: ڪچُ ني ڏيرن من ۾، سچُ ني ڪنهن نہ چيون.
مچُ نـي ٻري مـون اندر، ڪيچُ ني ڏيهه سندون.

8. پائي واري بنيادي لفظ مان هڪ يا ٻہ حرف ڪيرائڻ

ليلان چنيسر جي سُر مان گجهارت آهي تہ:

ڏيٽي: ذات پلايس جيڏيـون، ڪـاچ خـدا خلقيا.
سرتين نہ سمجهائيو، ست جي ڪي هٿ لاءِ.

(ذات= لوهار> هار، ڪاچ= چوهارا> چوهار، ست جي=مُهار> مَ +هار).

پيڇي: هار پلايس جيڏيون، چو هـار خدا خلقيا
سرتين نہ سمجهائيو، مَ هار ڪي هٿ لاءِ.

مراد (پيڇي) خاطر 'پاون' ۾ مٿيون سڀ تبديليون جائز آهن، بشرطيڪ سهڻي سٽاءَ سان بيهارجن. اهي گجهارتون جن ۾ مراد خاطر 'پائي' واري بنيادي لفظ ۾ حد ڪان وڌيڪ ڇيڙ ڇاڪ ڪرڻي پوي، سي گجهارت جي اصول موجب صحيح نہ چئبيون. علمي لحاظ سان اصول هيئن ٿيندو تہ پاون جي بنيادي لفظن ۾ فقط اها تبديل جائز آهي جا ڪنهن نہ ڪنهن 'تجنيس' مطابق هجي.

گجهارتن جي فني ۽ معنوي سٽاءُ

گجهارت جي 'لفظي سٽاءُ' ان جو بنيادي قالب يا سانچو آهي، ۽ لازمي آهي تہ هر گجهارت انهيءَ سانچي ۾ سموهيل هجي. پر هن فن جـي مـاهر سگهڙن، گجهارتن کي محض انهيءَ بنيادي سانچي ۾ سموهڻ تي اکتفا نہ ڪئي آهي، مگر پنهنجي هنرمنديءَ سان ان کي وڌيڪ سهڻو ڪري سينگاريو

Gul Hayat Institute

آهي. انهيءَ سهڻائي ۾ سينگار کي اسان ڳجهارت جي 'فني ستاءَ' چئون ٿا. جنهن جا مکيہ پهلو آهن: هڪ ان جي هيئت ۽ صورت ۾ جدت، ۽ ٻيو ان جي مراد ۽ معنيٰ ۾ نزاکت.

1. هيئت ۾ فني اضافو

جيڪڏهن ڪنهن ڳجهارت ۾ فقط هڪ 'پائو' آهي: ته ٻ ستاءَ ۽ صورت ۾ 'ڳجهارت' پوري چئبي. مثلاً سسئي جي سُر مان هڪ ڳجهارت آهي ته:

ڏيٽي: مون سان اها هلي: جيڪا هلي **واٽکي** ڪري.
(واٽکي= چوٽي).

پيڇي: مون سان اها هلي، جيڪا هلي چوٽي ڪري.

غالباً ڳجهارت جي شروعات ئي هڪ 'پائي' سان ٿي پر پوءِ جيئن ڳجهارت جو شوق وڌيو ته سگهڙن هڪ کان وڌيڪ پاوا رکيا. اهڙيءَ طرح ٻن يا ٽن پاون واريون ڳجهارتون عام ٿي ويون، پر سگهڙن اڃا ٻہ وک وڌائي، ستن، اٺن يا اڃا ٻہ وڌيڪ پاون واريون ڳجهارتون جوڙي ڳجهارت جي ستاءَ ۾ فني اضافو ڪيو. ويتر وڌيڪ نزاکت پيدا ڪرڻ خاطر هر جاءِ ساڳيو پائو استعمال ڪيائون، جيئن ته:

1. ڏيٽي: **ڪڪين** ويٺاڙي جيڏيون، **ڪڪين** ويندیسان،
ڪڪين سنديون ڳالهڙيون، وڃي **ڪڪين** چوندیسان. (سسئي)
(ڪڪين= تڏي> تڏو ڪکن جو).

پيڇي: تڏي ويٺا ڙي جيڏيون، تڏي ويديسان،
تڏي سنديون ڳالهڙيون، وڃي تڏي چوندیسان.

2. ڏيٽي: **ڪاڻي** هلي، **ڪاڻي** چلي، **ڪاڻي** ڪيي پار،
ڪاڻي هلندي ڪيچ ڏي، **ڪاڻي** ڪُٽي پار. (سسئي)
(ڪاڻي= ڪام).

پيڇي: ڪا مَ هلي، ڪا مَ چلي، ڪا مَ ڪيي پار،
ڪا مَ هلندي ڪيچ ڏي، ڪا مَ ڪُٽي پار.

هنن ڳجهارتن ۾ نہ صرف پائي جي نزاکت آهي، مگر انهن ۾ نظم ۽ قافيو پڻ آهي. داناءَ سگهڙن ڳجهارتن جي هيئت ۽ صورت ۾ اڃا ٻہ وڌيڪ

Gul Hayat Institute

نراکت پيدا ڪرڻ خاطر ان کي باقاعدي بيتن جي قالب ۾ سموهيو. مثلاً:
ليلان چنيسر جي سر جي ڳجهارت آهي ته:

3. ڏيٽي: **مـــتـــيءَ جـــو ڳهه** تنهنجـــو **چـيـــري** توئي ساڻ،
جنهن سان مون ٻانڌاڻ، سو ڏينم مڇي ڪانڌ ڙي!
(متيءَ جو= کامو> کامي، ڳهه= هار چيري= سڙي، مڇي= پلو)

پيڇٽي: کـــامـــي هـــار تنهنجو، ســڙي تـــوئـــي ساڻ،
جنهن سان مون ٻانڌاڻ، سو ڏينم پلئ ڪانڌ ڙي!

مارئي جي سر جي ڳجهارت آهي ته:

4. ڏيٽي: **ذات** ســاريم ســومــرا، جـــي **ذاتيين** هـــوءِ،
ته پاسي مارن لوءِ، وڃي **ذات** لاهيان سومرا.
(ذات= جانجهڻ> جا + جهڻ، ذات= سامٹيا، ذاتيين> سامٹيين> سا + ماٹيين، ذات= پيسڪ> پي + سڪ).

پيڇٽي: جا جهڻ ساريـــم ســومــرا، جي سا ماٹيين هوءِ،
ته پاسي مارن لوءِ، وڃي پي سڪ لاهيان سومرا.

مومل راڻي جي سر جي ڳجهارت:

5. ڏيٽي: **پنڌ ذاتين** جا پڌرا، جتي **پوڪ پڪيءَ** جا پونِ، هن بہ **نالا** ڪوڙيا، بينا **نالا** رُونِ.
جي **عضوي عورت** پونِ، تن جو **نرنانءُ** ئي نہ ٿي.
(پنڌ=گام، ذاتيون= گـــجر، پوڪ جا= لـــڙڻ (لڙي پوڻ)> لڙيو، پڪي= باشا، نالو= ڪيمو، نالا= ڪيما، نالو=راوت، عضوو= منهن، عورت= مومل، نرنانءِ= موٹڻ).

پيڇٽي: گـــام گجر جـــا پـــڌرا، جتي لڙيو باشاه پُـون
هن بہ خيما ڪوڙيا، بينا راوت رُون
جي منهن مومل جي پون، تن جو موٹڻ مس ٹئي.

6. ڏيٽي: اديون ڙي! انهن **ذاتين** جو مون سان اڳي **نـالو** هو،
ڪـــري **پوليـــون** پـــاڻ ۾، هـــن ئـــي **نـــالو** نيـــو

Gul Hayat Institute

سڌ نہ پييم سرتيون تہ مون سان **وڙ** ٽيو
پوک پنان ٿي پانهنجي، مون کي **ذاتيون** چو نہ ڏيو
اهڙو ڪونہ ٽيو، جنهن ڪئي **گهہ جي** ٻن **نرناون** کي.
(سسئي)

(ذاتين= جتن، نالو= وڻو> وڻو (وير)، ٻوليون= پارسيون، نالو- هوت، وڙ = هيرڙ> هي +رڙ، پوک= چانور> چان (چوان) + وَرُ، ذاتيون= ڏيرا، گهہ جي= نڙ> منڙ، ٻہ نرنان (ٻہ نالا)= خان ۽ پنهون)

پڇٽي: اديون ڏي! انهن جتن جو مون سان اڳي وڙو هو
ڪري پارسيون پاڙ ۾، هُن ئي هوت نيو
سڌ نہ پييم سرتيون تہ مون سان هي رڙ ٽيو
چان: وَر پنان ٿي پانهنجو، مون کي ڏيرا! چو نہ ڏيو
اهڙو ڪونہ ٽيو، جنهن ڪئي منڙ خان پنهونءَ کي.

محبت ۽ مجاز جي سلسلي جي گجهارت آهي تہ:

7. ڏيٽي: **ڪاڻ ڪائي** جون ڳالهڙيون،
هڪڙيون **پڪين** ٻيون **مائٽن**، ڪجن نہ **مال جن**
اسان ۽ پرين، ڪٽي **شهر** ڏٽو ڪيو.

(ڪاڻ جي= گجهہ، ڪاڻ جو=در> اندر، پڪين= طوطن> تو + تَن، مائٽن= مامن> مان + مَن، مال جون= ٻيڪون، مال جن= ٻيڪن> ٻئي + ڪَنِ، شهر= گڏيجي> گڏي + جيءُ)

پڇٽي: گجهہ اندر جون ڳالهڙيون،
هڪڙيون تو تن ٻيون مان من، ڪجن نہ ٻئي ڪن
اسان ۽ پرين، گڏي جيءَ ڏٽو ڪيو.

هن آخري گجهارت جي مراد نہ صرف 'ٻيت' جي صورت ۾ آهي پر ڇڙ سنڌي ٻيت ۾ صنعتِ مستزاد جو پيوند هنيو ويو آهي جو نهايت ئي پيارو پيو لڳي. ان کان، مطلب ۽ معنيٰ پڻ دلپذير آهي.

Gul Hayat Institute

2. 'مراد' ۾ معنوي نزاکت

سڃاڻ سگهڙن، گجهارت جي مراد ۽ معنيٰ واري مضمون جي مدنظر، گجهارت جي 'ڏيٽي' توڙي 'پيڇي' ۾ نوان نڪات پيدا ڪيا. نہ فقط سسئي، مارئي، مومل راڻو وغيره داستانن جي هرپهلو تي گجهارتون ٻڌائون، مگر هر هڪ داستان ۾ ڳالهہ جي سلسلي کي گجهارتن جي سلسلي سان روشن ڪيائون. يعني تہ سسئي ۽ سندس سهيلين، عمر ۽ مارئي، يا مومل ۽ راڻي جي پاڻ ۾ گفتگو ۽ سوالن- جوابن وغيره کي گجهارتن جي سلسلي سان ادا ڪيائون، مثلاً سهيلیون ٽيون سسئي کان پڇن تہ ادي ڏي متان.

چمر ڪپڙي جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟
ڪاچ حاڪم جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟
ولايت پنهنجي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟
يعني تہ
ڳلي تو نہ **جهلي**، تڏهن توکان هوت ويا؟
رس رهاڻ تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟
ڪيچ تياري تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا؟

تڏهن سسئي جواب ڏنو تہ:

اديون ڏي! **علم ذات** جا مون ڪيا، پر **نالا** ڪين
مون کي **پار جي** چڏي، **حاڪم جي** هوت ويا.

(علم جا = قَل (قل هو الله پڙهڻ)> ڪُل، ذات جا= جت> جتن (حيلا)، نالو= سرتو، نالا= سرتا، پار جي= سُتي، حاڪم جي= چڙهي)

يعني تہ:

اديون ڏي! ڪُل جتن مون ڪيا، پر سرتا ڪين،
مون کي سُتي چڏي، چڙهي هوت ويا.

سگهڙن جڏهن مختلف قسم ۽ داستانن بابت گجهارتون سڻيون، تہ کين ڳالهين ۾ هڪجهڙايون نظر آيون، ۽ انهيءَ خيال کي گجهارت ذريعي ادا ڪيائون. مثلاً سهڻي، سسئي، ليلان ۽ سورٺ چئني بابت هڪ نڪتو ذهن ۾ رکي هينئن گجهارت 'لفظي ستاءَ' جي بدران 'معنوي انداز' ۾ رڃيائون تہ:

Gul Hayat Institute

ڈيٽي: هڪڙي ڳهه چار مُنيون.

(هڪڙو ڳهه = هار> مي + هار = ميهار، ر+ هار= مُهار، مڱڻ + هار= مڱڻهار، چار= 1. سهڻي 2. سسئي 3. ليلان 4. سورٺ).

پيڇي: سهڻي تان ميهار مني، سسئي تان مُهار مني،
سورٺ مڱڻهار مني، ليلان لڪي هار مني.

يا وري سهڻي، بوبنا، ليلان، نوري، مومل ۽ سسئي جي ڪردارن کي ذهن ۾ رکي ساڳئي نوع تي گجهارتون ستياڻون ته:

نارنان نرنانءَ لاءِ **پاڻي جيئن** پيئي= **سهڻي ساهڙ** لاءِ **اوڙاهين** پيئي
نارنان نرنانءَ لاءِ **پُونءَ جي** ٿي پيئي= **بوبنا جراڙ** لاءِ **چري** ٿي پيئي
نارنان نرنانءَ لاءِ **ڳهه** ٿي پيئي= **ليلان چنيسر** لاءِ **ڪڙي** ٿي پيئي
نارنان نرنانءَ لاءِ **نالن** ۾ پيئي= **سسئي پنهون** لاءِ **پهاڙن** ۾ پيئي
نارنان نرنانءَ لاءِ **ذات** ٿي پيئي= **مومل راڻي** لاءِ **سنياسي** ٿي پيئي
نارنان نرنانءَ لاءِ خيراتن ۾ پيئي= **نوري جام تماچي** لاءِ **نيازن** ۾ پيئي.

3. ست سُري گجهارت.

مٿيون گجهارتون ساڳئي نوع تي آهن، مگر هرهڪ گجهارت جدا بينل آهي ۽ جدا داستان بابت آهي. سگهڙن وڌيڪ معنوي نزاڪت پيدا ڪرڻ خاطر اڳتي وڪ وڌائي. ۽ 'بيت' جي صورت ۾ گجهارت سٽي، ان ساڳي گجهارت جي جداجدا سٽن ۾ جداجدا سرن جا اهجاڻ آندائون. مثلاً:

پنهنجيءَ ۾ **نرنانءَ** جي هميشه هوندياس
شهر جن مال جو نہ مون کي، **نالي** آءٌ ويندياس
پولي ڳهه هنياس، تڏهن ويم **نرنان وڪر** جو.

(پنهنجي= سڪ، نرنان= ساهڙ جام، شهر جا= محل، شهر جن= محلين، مال جو= پورڻ> پور، نالو= وتڻ> وطن، پولي=هائي، ڳهه= هار، نرنان= سڪيو> سڪ، وڪر= سهاڳو).

يعني ته:

سڪ ۾ ساهڙ جام جي هميشه هونديـاس
محلين پور نه مون کي وطن آءٌ ويندياس

هائي هار هنياس، تڏهي ويمر سڪ سهاڳ جو.

هت پهرئين ست ۾ سهٽي، بيءَ ۾ مارئي ۽ ٽينءَ ست ۾ ليلان جي زباني سندن پنهنجن مدعائن جو اظهار ڪيل آهي. ساڳي گجهارت ۾ جيڪڏهن ٻن کان وڌيڪ سرن جا اهڃاڻ سمايل هجن تہ اهڙي گجهارت کي مجموعي طور "ست سُري" سڏجي ٿو. هيٺين گجهارت ۾ پورن ستن سرن جا اهڃاڻ سمايل آهن، پر ڪو سگهڙ ڪنهن گجهارت ۾ اجان بہ وڌيڪ سرن جا اهڃاڻ ڏيئي سگهي ٿو:

اديون **ٻن نالن جي نرنان** آءٌ هياس
نالي بنا **شهر** ۾ منهنجو روح نہ اچي راس
اَن جون **رچن** ۾ **واءَ-ڦون وادِيندياس**
نرنان نالي تڪيي، **گهر** جي ٿي ٻهنديـاس
جيڪر **نالو** مون سندو، ملڪ مڙيئي ڏيندياس
هي جي **نالو** پانهنجو، **وري ليکي جو** نہ ڪندياس
پنهنجي پئي ويندياس، **گاهہ مچي نرنانءَ** ڏي.

(ٻہ نالا= هوت ۽ بلوچ، نرنان=نواب> نباب> نہ باب (=نہ جوڙ جيس)، نالو= راڻو، شهر= ڪاڪ، ان جون=مانڌاڻيون (مانڌاڻي جو ان)، رچن= ماڻين، واءَ= ڇوهـ، واءَ-ڦون= ڇوهڻون، وادِيندياس (وادِ= وادِ يا رسـو وجهـڻ)= ڇڪيندياس، نرنان= ڇام، نالي= تماچي، گهر جي= پانهي، نالو=ٻچو> ٻچي، سندو=ڏٽي، ملڪ= ڏيهہ، نالو= بخشو> بخشي، وري= ٻيهر، ليکي جو=ٻيو، پنهنجي= تَري (هٿ جي)، گاهہ= نڙ، مچي= سُٽي، نرنان= ميهار).

هن گجهارت جي ستن سٽن مان سلسليوار هرهڪ ۾ سسئي، مومـل، مارئي، نوري، سورٺ، ليلان ۽ سهٽي جي زباني هن طرح سمايل آهي تہ:

سسئي: اديون هوت بلوچ جي نہ بـاب آءٌ هيـاس
مومل: راڻي بنا ڪاڪ ۾ منهنجو روح نہ اچي راس
مارئي: مـانڌاڻيون مـاڻين ۾ ڇوهڻـون ڇڪيندياس
نوري: ڇام تماچي تڪيي پانهي ٿي ٻهنديـاس

Gul Hayat Institute

سورٺ: جيڪر بچي مون ڏٺي، ڏيهه مڙوئي ڏيندياس
ليلان: هيءُ جي بخشي ڏوهه مون، ٻيهر ٻيو نه ڪندياس
سهڻي: تري پئي ويندياس، نڙ سٽي ميهار ڏي.

هن ڪتاب جي باب سترهين هيٺ هن قسم جون ڪي 'ست سُريون' گجهارتون ڏنيون ويون آهن.

4. گجهارت دُراهو.

ست- سُري گجهارت 'ساڳئي بيت' جي قالب ۾ سٽيل هوندي آهي، مگر هرهڪ سُر يا داستان جو ذڪر جداجدا سٽن ۾ سمايل هوندو آهي. سڃاڻ سگهڻن پنهنجي هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ انهيءَ معيار کان به اڳتي قدم وڌايو. ۽ گجهارتون اهڙي ته نزاڪت سان سٽيائون جو ساڳئي ست مان بن بالڪل جدا سرن جي مراد ۽ معنيٰ حاصل ٿئي. اهڙو بيت يا گجهارت جنهن جي 'مراد' معلوم ڪرڻ لاءِ 'به رايا' يا 'به راهون' هجن تنهن کي 'دُراهو'[1] چئجي ٿو. 'دُراهو بيت' جوڙڻ پڻ وڏي ڏاهپ آهي، مگر دُراهي گجهارت سِٽڻ به وڏي ڪمال آهي. هيٺين گجهارت 'دُراهي' مثال آهي:

عورت ويئي، نالو کيائين، نرنانءَ ٿي

هن گجهارت جي 'پاون' مان هرهڪ جون به معنائون آهن: 'ڪنولان' جي مراد هڪ ڪنولان راڻي، ٻيو ڪنولان= ڪولان يعني قول کان يا وعدي کان. 'مدگر' جي مراد هڪ 'مدگر' نالو وزير جو، ٻيو مدگر=مد +گهر> مدو+گهر، 'پورن' جي مراد هڪ 'پورن' نالو راجا جو، ٻيو پورن=پو +رن> پوءِ + رن.

پاون جي پهرين مرادن مان "ڪنولان راڻي ۽ پورن راجا" جي قصي جو اهجاڻ ملي ٿو، جنهن موجب ڪنولان راڻي، مدگر وزير سان ڪري ۽ اها خبر پورن راجا جي ڪنين پئي. (پورن خبر ٿي).

"ڪنولان ويئي، مدگر کيائين، پورن ٿي"

پاون جي پوين مرادن ۾، "ليلان ۽ چنيسر" جي قصي جو اهجاڻ سمايل

---

[1] دو= به + راهو= راهن وارو، يعني هن راهن يا رستن وارو. ڪن جي خيال ۾ 'دُرائو' يا 'دُراپو' يعني 'هن راپن وارو'.

Gul Hayat Institute

آهي، جنهن موجب ليلان ٿيئي قول ڀڳا (قولن کان ويئي)، ۽ پنهنجو گهر مدو ڪيائين، جنهن تي چنيسر تڙايس، سهاڳ ويس ۽ پوءِ رن ٿي:

"قولان ويئي، مدو گهر ڪيائين، پوءِ رن ٿي."

اهڙيءَ طرح ڳجهارت جي مراد ۾ ۽ معنائون سٽڻ، معنوي نزاکت جو هڪ معياري مثال آهي.

5. ڏيٽي واري سٽاءَ ۾ معنوي نزاکت:

يانئجي ٿو ته پهريائين سگهڙن ڳجهارت جي پڇڙي يا مراد ۾ نوان نڪات پيدا ڪيا، چاکاڻ ته پڇڙي يا مراد ئي ڳجهارت جو مرڪزي مضمون هو، جنهن ڏانهن پهريائين سندن ڌيان ۽ توجهه رهيو. مگر پوءِ جيئن هن فن ترقي ڪئي ته سگهڙن ڳجهارت جي 'ڏيٽي' واري سٽاءَ ۾ پڻ معنوي نزاکتون پيدا ڪيون. عموماً ڳجهارت جي 'ڏيٽي' بذات خود بي معنيٰ آهي: مثلاً "عورتان ويئي، نالو ڪيائين، نرنانءِ ٿي" بذات خود بي معنيٰ جملو آهي. ڳجهارت جي ارتقائي دؤر ۾ هڪ وڏي عرصي تائين ڳجهارتن جون 'ڏيٽيون' رسمي طور، 'پاون' تي مشتمل ۽ بي معنيٰ رهيون، چاکاڻ جو 'ڏيٽي' محض هڪ ڪوپو، ڪپ يا مياڻ آهي جنهن جي سونهن ڏانهن سگهڙن جو ايترو توجهه نه رهيو. اڄ تائين اڪثر ڳجهارتون پنهنجي بنيادي سٽاءَ موجب 'ڏيٽي' ۾ بي معنيٰ آهن. مگر سگهڙن جي ڪچهرين ۾ جيئن ئي هن فن ڏانهن وڌيڪ توجهه ٿيو ته اهو محسوس ڪيائون ته ڳجهارت جي 'ڏيٽي' مبهم ۽ ڊڪيل ئي صحيح، مگر سٽاءَ ۾ سهٽي سوڌي هجي. جيئن ئي 'ڏيٽي جي سٽاءَ' تي توجهه ڏنائون ته 'ڏيٽي' کي نه فقط معنيٰ خيز بنايائون. مگر ان ۾ معنوي نزاکتون پيدا ڪيائون جن مان به اسان کي نمايان طور نظر اچن ٿيون. هڪ ڳجهارت جي 'ڏيٽي' کي ظريفانه انداز ۾ سٽڻ، ۽ پيو ته مضمون جي خلاف الٽي معنيٰ پيدا ڪرڻ.

'ڏيٽي' ۾ ظريفانه انداز خوش طبعي خاطر سگهڙن ڳجهارت جي 'ڏيٽي' کي مزاحيه انداز ۾ سٽي ان کي معنيٰ خيز بنايو. مثلاً هڪ 'موقعي' جي ڳجهارت آهي ته ڪنهن ڳوٺ ۾ فقير اچي در تي خيرات لاءِ تڪڙ ۽ تاکيد

ڪئي. مائي ڪيس سگهو سارو ڏسي چيو تہ:

"چو ٿو **ساڳ** ڪائين، **لسي** نٿو ڪائين، **ڪهڙي ميچي** لڳي اٿئي!"

(ساڳ= پِڻي، لسي=ڪڍي، ميچي= حَوت> تاهوت= تکڙ).

يعني تہ

"چو ٿو پڻي ڪائين، ڪڍي نٿو ڪائين، ڪهڙي تاهوت لڳي اٿئي!"

هن گجهارت ۾ 'ڏيٽي' نہ فقط معنيٰ خيز آهي مگر ظريفانہ انداز ۾ ستيل آهي. 'ڏيٽي' ۾ انهيءَ معنوي نزاڪت جا مثال سسئي، سهٽي ۽ مومل جي هينئن گجهارتن ۾ ملن ٿا.

سسئي

1. ڏيٽي: **لوهہ** ڪوڻ اڳي **رڍ ڪاڻ** ۾.

(لوهہ= سانير (چڙو لوهہ جو)، رڍ= سسي> سسئي، ڪاڻ= صندوق).

پيڇي: سانير ڪوڻ اڳي سسئي صندوق ۾.

2. ڏيٽي: **مسخري ڪري** اديون اونارن جي.

(مسخري= نقل (نقل يا اهل ڪرڻ)> نہ +ڪَل، ڪِري= پيئي).

پيڇي: نہ ڪل پيئي اديون اونارن جي.

سهٽي

ڏيٽي: **ٿلهي موچاري جهرڪي.**

(ٿلهي= وهہ (چوپي)، يعني درياءَ جو وَهہ يا وهڪرو، موچاري= سهٽي، جهرڪي= ٻوڙي.

پيڇي: وهہ سهٽي ٻوڙي.

مومل

ڏيٽي: راڻا! تون ٿو **ڪانيون** ڪرين، منهنجو بہ **اٿئي ڪاڻ.**

(ڪانيون= پڳيون، ڪاڻ= لاهہ> الله).

ڏيٽي ۾ اُلٽي معنيٰ سسئي جي سر ۾ ستيل هينئن گجهارتن جي 'ڏيٽي' ۾ عجب معنوي نزاڪت ستيل آهي، جو ظاهر ۾ 'ڏيٽي' وارو مفهوم

Gul Hayat Institute

مراد واري مضمون جي مخالف نظر اچي ٿو.

1. ڏيٽي: پنهون **نار نالي**، سسئي **نرنان** پچي.

(پنهون 'نار نالي' ڪونہ هو، مگر 'ڏيٽي' ۾ الٽي رمز رکيل آهي).

نار نالي= جيوائي> جي +وائي، نرنان=پيروز> پئي +روز).

پجٽي: پنهونءَ جي وائي، سسئي پئي روز پچي.

2. ڏيٽي: **ويهڻ- هنڌ** ٽيوس، تڏهن **پٽي** ڇاڙ پنهونءَ کي.

(حقيقت ۾ سسئي نڪا ويٽي، نڪو پنهون کي پٽيائين.)

ويهڻ- هنڌ (ويهڻ جي جاءِ)= ڪٽولو> ڪٽو +لوڪ، پٽي= اوساري> او + ساري.

پجٽي: ڪٽو لوڪ ٽيوس، تڏهن اوساري ڇاڙ پنهونءَ کي.

3. ڏيٽي: پنهل **باهہ ڏيانءِ**، **نالي** نہ ڏسانءِ.

(سسئي ائين ڪانہ چوندي، پر 'ڏيٽي' ۾ الٽي رمز رکيل آهي).

باهہ= آس، باهہ ڏيانءِ= آس ڏيانءِ= آ +سڏيانءِ، نالو= پريو، نالي = پريي> پري).

پجٽي: پنهل آ سڏيانءِ، پري نہ ڏسانءِ.

4. ڏيٽي: پنهل آءٌ تنهنجي لاءِ **ماءِ**، متان پائين **ذات**.

(ماءِ= آئي، ذات= نائي (حجام) نہ + آئي).

پجٽي: پنهل آءٌ تنهنجي لاءِ آئي، متان پائين نہ آئي.

Gul Hayat Institute

'ڏيٽي' ۽ 'پجٽي' هم معنيٰ

ڪن ڳجهارتن جي 'ڏيٽي' ۾ ڪن 'پاون' جي بيهڪ اسان کي معنيٰ خيز ۽ مراد واري مضمون مطابق نظر آئي. مثلاً:

ڏيٽي: پنهون **پورهيو** هئي تہ **شهر** نہ چڏين ها.

مشهور آهي تہ پنهون پنيور ۾ بالآخر پورهيت ٿي ڪٽيءَ جو ڏنڏو ڪرڻ لڳو. جڏهن پورهيت ٿي پنيور ۾ ويٺو هو تہ پوءِ انهيءَ شهر کي نہ چڏي ها. انهيءَ لحاظ سان 'ڏيٽي' معنيٰ خيز ۽ اصل مضمون مطابق آهي. هن ڳجهارت

۾ 'شهر' وارو پاڻو جيتوڻيڪ قدري ڊڪ ۽ پردي جو اهجاڻ ڏئي ٿو، مگر 'پورهيو' اهڙو 'پاڻو' آهي جنهن جو مضمون سسئي پنهون جي داستان جي اصل اهجاڻ مطابق آهي:

(پورهيو= لائي، شهر= چني).

پجٽي: پنهون لائي هيئي، ته چني نه چڏين ها.

مراد واري هن مفهوم ۾ البته ڪچائي آهي، چاڪاڻ جو پنهون پاڻ پريت کانه چني هئي جو کيس ڏوراپو ڏجي. بهرحال هن توڙي ٻين گجهارتن جي ڪن 'پاون' مان اسان کي اهو نڪتو ذهين نشين ٿئي ٿو ته 'ڏيٽي' نه فقط معنيٰ خيز ٿي سگهي ٿي، مگر خود مراد واري مضمون جو مفهوم ادا ڪري سگهي ٿي، ايتريقدر جو مقصد ۽ معنيٰ جي لحاظ سان 'ڏيٽي' ۽ 'پجٽي' ۾ ڪو فرق ئي نه ٿئي. گجهارت جي اهڙي سٽاءَ 'فن' جي لحاظ سان ڪمالیت جو درجو رکي سگهي ٿي. انهيءَ نڪتي جي تصديق ۽ وضاحت خاطر بنده راقم پاڻ هي گجهارت 'سورٺ جي سر' ۾ سِٽي ٿو:

"پيجل جو نالو، راءِ کي ساز جي ميناج ماريو"

يعني ته عام خيال موجب راءِ ڏياچ کي پيجل ماريو، پر حقيقت ۾ راءِ کي ساز جي ميناج ماريو. هي گجهارت جي ڏيٽي آهي، مگر ان ۾ ڪا لڪ ڪانهي، يعني ته کي به مبهم 'پاوا' ڪين آهن، 'ڏيٽي' خود پجٽي وانگر معنيٰ خيز ۽ سُر سورٺ جي مضمون مطابق آهي. پر جو اسان '**نالو**'، '**ساز جي**' ۽ '**ميناڄ**' تنهي کي پاوا تسليم ڪري انهن جي مراد ڪريون ته هن طرح ٿيندي:

(نالو= موسو> موسو (=ڀهانو)، ساز جو= سڳو

(سرندي جو)، ميناڄ = ساءُ).

يعني:

"پيجل جو موسو، راءِ کي سڳي جي ساءِ ماريو."

گجهارت جي ڪچهريءَ جا قانون:

سنہ 1958ع ۾ جڏهن اسان گجهارت جي ڪچهرين ڏانهن خاص ڌيان ڏنو

Gul Hayat Institute

ته معلوم ٿيو ته سگهڙن وٽ 'ڳجهارت' جهڙو ڳوڙهو ۽ اعليٰ فن موجود هو، مگر ڳجهارت جي ڪچهري ڪنهن سهڻي رٽ ۽ اصولن موجب ڪانه ٿي هلي. ڏٺوسون ته ڪچهريءَ ۾ جيڪي سگهڙ گڏ ويجها وينل هوندا هئا، تن پاڻ ۾ ڳجهارت جي ڏي وٺ ٿي ڪئي، ۽ فقط کين ويجهو وينل ڏهن- پندرهن ماڻهن ئي سندن آواز ٿي ٻڌو. ٻيو ته گهڻو ڪري سندن خيال ان طرف هو ته ڏکي ڳجهارت ڏجي، جيئن آڏو ڳولي پيجي نه سگهي. ٿيون ته ڳجهارت جو سُر رکي ڪونه ٿي ڏنائون، جنهنڪري ڳولينڊڙ ٻه بنان ڪنهن گس جي ڇڻ جهرجهنگ پئي ووڙيو. پلا ڳجهارت جي ڏِس جوئي پتو ڪونه هو ته ڳولن ٻه نشان ڪري ڏک کين ٿي هنيا، پر رخ وني ٿي هليا، ۽ اتفاق سان وجي ٿي ڪنهن 'پائي' جي مٿان پيا. نابينا لاءِ ٻه سهاري واسطي لٺ هوندي آهي، مگر ڳولن ڪي اکيون ٻوٽي بنان لٺ جي ڏونگر ڏورٽو ٿي پيو. ڏيڻ وارو ڳجهارت ڏيئي ڇڪ هٽي ٽر ڪري ويهي ٿي رهيو، ۽ ڳولينڊڙن پوءِ سندس چوڌاري وني ٿي هنبس لاٿو. سندن هاءِ هوءِ سببان سڌندڙن کي گفتا سمجهه ۾ نٿي آيا ۽ ڪچهري ٻاڙي ٿي پئي.

انهن سببن ڪري ڳجهارت هڪ وڻندڙ رهاڻ جي بدران گورک- ڌندو بنجي وئي، فقط هڪ ڳجهارت کي ڳولڻ ۾ ئي ايڏي ڊيگهه ٿيندي هئي جو ٻن- ٽن ڳجهارتن کان پوءِ ماڻهو ڪڪ ٿي اٿندا هئا. انهيءَ ڪري ئي ڪچهريءَ ۾ 'ڳجهارت' جي پيٽ ۾ بيتن ۽ ڏورن جي رهاڻ وڌيڪ مقبول پئي، ۽ ڳجهارت جي رهاڻ فقط ڏيندڙن ۽ ونندڙن تائين محدود رهجي وئي.

ڪن سڃاڻ سگهڙن البت آڪاڻي وقت کان محسوس ڪيو ته ڳجهارت جي رهاڻ تڏهن وڌندي جڏهن ڏيندڙ ڳجهارت کي سولو ڪري ڏئي ۽ ڳولو اها پيجي سگهي. انهيءَ ڪري ئي پري ڪچهريءَ ۾ 'هڪ- ٻيي' يا 'ٻه- ٻيي' (فقط هڪ يا ٻن پاون واري) ڳجهارت کي ڏيڻ پسند نه ڪيائون: مقصد هو ته ڏيندڙ ڳجهارت ڏئي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽن پاون واري ڏئي جيئن پڇڻ جو امڪان وڌي. ٻئي طرف ڳولينڊڙ کي اها سهولت ڏنائون ته جي ڳجهارت (جي کنهن ٻه پائي) کي چاليهين پٽي واءُ لڳو ته ڳجهارت ڀڳي. بس قانون اهي ٻه هئا، ۽ فقط انهيءَ لاءِ هئا ته ڳجهارت کنهن طرح پڇي ۽ محفل مچي. ٻئي لحاظ

سان، انهن پائبندين ۾ ڪا خاص خوبي ڪانہ هئي. اسان 'ٻہ- نيپيون' بلڪ 'هڪ-نيپيون' ٻہ ڪي سهڻيون ڳجهارتون ٻڌيون جن ڪي ڪچهريءَ ۾ نہ ڏيڻ لاءِ ڪوبہ سبب نٿي نظر آيو. ٻئي طرف 'چاليهين پتي واڻ لڳڻ' واري اصول موجب ڳجهارت جي ڳول جو پورو انصاف نٿي ٿيو. پر ڳجهارت جو فن اڳتي ڳوڙهو هو ۽ ان جو ميدان وڏو وسيع هو: ويتر سر نہ رکي ڏيڻ سان واٽون ويهہ ٿي ٿيون ۽ ڳولي لاءِ صحيح گس ونڊ ئي مشڪل ٿي پيو. انهيءَ ڪري اهي ٻہ پائبنديون لڳائي سگهڻ هن مشڪل کي ڪم از ڪم قدري آسان ڪيو.

اسان هن باري ۾ سنڌ جي سيني پاڳن جي سگهڻ سان ڪچهريون ڪيون ۽ ساٽن خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. سيني قبول ڪيو تہ ڳجهارت جي ڪچهري وڏي نٿي جو ڏکي ٿي پئي آهي، ۽ ضروري آهي تہ انهيءَ ڪچهريءَ جا قانون مقرر ڪري ان کي سهڻو ڪري سينگارجي. انهيءَ مقصد خاطر سگهڻ جي صلاح سان اسان ڳجهارت جي ڪچهري جا ڪي قاعدا ۽ قانون مقرر ڪيا، جي آهستي آهستي سيني قبول ڪيا. جي ڪا مشڪل پيش آئي تہ فقط هي تہ شروع ۾ ڳجهارت جي سگهڻ جو اهو خيال هو تہ جي 'سُر رکي ڏبو تہ ڳجهارت پڇي پوندي'. انهيءَ خيال کي درست ڪرڻ لاءِ اسان ڪچهرين لاءِ اهڙيون ڳجهارتون چونڊيون يا پاڻ جوڙيون جي هر لحاظ سان سوليون ۽ سهڻيون هيون، انهن جو سُر بہ ظاهر هو، مگر اهڙي تہ هنرمنديءَ سان پاون تي پَن رکيل هجو جو سُر رکي ڏيڻ سان تہ خير، پر ڳالهہ جي وڌيڪ ٽاڻن ۽ اهجاڻن ڏيڻ سان بہ اهي ائين تکڙو کين ٿي پڳيون. مثلاً اسان مومل- راڻي جي سُر مان هينئين ڳجهارت سِٽي 'ڏيٽي' ۾ سر ظاهر ڪري، نشان چاڙهي ڏني تہ، مومل ٿي راڻي کي چوي تہ:

"راڻا! تو ڪاڻي مون نہ ڪاڻي"

هي سهڻي ۽ سوڻي ڳجهارت ڪيترن ئي ڪچهرين ۾ بيٺي ۽ نہ پڳي، حالانڪ 'سر' ظاهر آهي، ۽ 'ٽاڻو' بہ ظاهر آهي. مراد هن طرح آهي تہ 'ڪاڻي' "سَري" (ڏاند- گاڏي جي) معلوم ۽ مشهور آهي، يعني تہ:

"راڻا! تو سَري، مون نہ سَري."

Gul Hayat Institute

بهرحال گذريل ڏهن سالن کن جي انهن کوششن سان، هن وقت سنڌ جا مڙيئي مشهور سگهڙ ۽ ڇاڻون ڳجهارت جي ڪچهري جي اصولن کي سمجهن ٿا، ۽ انهن تي هلڻ جي کوشش ڪن ٿا، جنهنکري 'ڳجهارت جي ڪچهري' جا اڳي ٻُڌي پئي هئي سا وڏي آهي ۽ وڏيک وٽندڙ ٿي آهي. هن موقعي تي اسان انهن اصولن کي چٽو ڪري لکون ٿا.

(1) ڳجهارت جي رهاڻ کي پريءَ ڪچهريءَ لاءِ سينگارجي:

ٻن - چئن سگهڙن جو وچ ۾ يا ڪُنڊ پاسي ويهي هڪٻئي کي ڳجهارتون ڏيڻ ونڻ سندن پنهنجي واسطي نيڪ آهي، پر ڪچهريءَ جي لحاظ کان اها ڇڻ گونگي رهاڻ آهي. پري ڪچهريءَ ۾ ضروري آهي ته ڳجهارت ڏيندڙ ۽ وٺندڙ سگهڙ، هڪ طرفان سڄي ڪچهري ڳجهارت جي ڏيٽي کي سمجهي، وٺندڙ ڳجهارت کي آهستي پر وڏي سڏ ڳولي، جيئن سڄي ڪچهري سندس ڏڪ سُٽي، جي ڳجهارت پڇي ته ڏيندڙ يڪدم وڏي سڏ 'واهه واهه' ڪري ۽ اڳتي وڏي ڳولينڊڙ کي هٿ ڏئي، ڏارو ڏئي يا پاڪر پائي جيئن سڄي ڪچهري ڏسي. مطلب ته ڳجهارت جي رهاڻ کي پري ڪچهري لاءِ سينگارجي جو ڪُنڊ پاسي واري رهاڻ گونگي ٻوڙي آهي.

(2) ڳجهارت جي ڪچهري ۾ ٻُڌندڙن جو چاهه وڌائجي:

ڳجهارت ڏيندڙ توڙي وٺندڙ ائين سمجهن ۽ محسوس ڪن ته 'اسان ٻڌندڙن جي آڏو پنهنجو فن پيش ڪري رهيا آهيون.' جي رڳو ٻيهي پاڻ ۾ نَڪا ڏنائون ته اها رهاڻ نہ، پر سندن پنهنجي ڇڪتاڻ ڇئجي، جنهن سببان ڪچهري ٻاڙي ٿي پوندي. ٻڌندڙن ۾ ڪچهريءَ لاءِ چاهه تڏهن وڌندو جڏهن هڪ ڳجهارت پئي پڇندي ته ٻي پئي ڏٻي، ۽ نڪ نڪ لڳي ايندي. اهو خيال ئي موران غلط آهي ته اهڙي ڳجهارت ڏجي جو ڪو پڇي نہ سگهي، اهڙي رٽ سببان ڪچهري ڪَلڻ جي بدران ٻُڌجي ويندي.

(3) ڳجهارت جي ڪچهري کي زيب وٺائڻ ۽ ان جي معيار قائم رکڻ لاءِ هڪ امين مقرر ڪجي:

ڳجهارت جي ڪچهري شروع ڪرڻ کان اڳ، حصو وٺندڙ سگهڙ پاڻ کي ٻن ٽولن ۾ وراهين، جيئن واري سان هڪٻئيَ کي ڳجهارتون ڏين ۽ ڳولين.

Gul Hayat Institute

پنهنجي وچ ۾ هڪ اهڙي سگھڑ کي 'امين' ڪري ٻيهارين جو ڳجهارت جي ڪچهريءَ کان بلڪل پوريءَ طرح واقف هجي. امين سڀ کان اول ٻنهي طرف جي سگھڑن جي واقفيت ڪرائي، ٻنهي طرفان واري سان ڳجهارتون ڏياري، ڏنل ڳجهارت کي وهجائي ورجائي ۽ ڪچهريءَ کي مچائي زيب ونائي، باوجود چگي ڳول جي ڳجهارت نہ پڇي ۽ ٻيهي وجي تہ کولائي سال ڪرائي، ڏيڻي ۽ پڇڻي ۾ ڪو اختلاف ٿئي تہ فيصلو ڏيئي، فوراً ڪچهريءَ کي اڳتي وڌائي. اهڙي حالت ۾ سگھڑ فيصلو امين تي ڇڏين، ۽ جو بہ فيصلو ٿئي سو فوراً قبول ڪري ڪچهريءَ کي مچائي ٻيٺا هجن. پري ڪچهريءَ ۾ ڪِرڪِر ڪرڻ سگھڑپائي جي شان ۽ ڪچهريءَ جي اصول جي خلاف آهي.

(4) **واري سان هرهڪ سگھڑ ڳجهارت ڳولي:** هڪ طرفان ڳجهارت ملي تہ ٻئي طرفان واري سان هرهڪ سگھڑ ڳجهارت ڳولي، جيئن هرهڪ ڳولينڌڑ جا ڏڪ سڃي ڪچهري سُٽي سمجهي واهہ واهہ ڪري ۽ هرهڪ سگھڑ جي لياقت ۽ قابليت جو انصاف ٿئي. جڏهن ڪا ڳجهارت ڳولينڌڑن مان هرهڪ جا ڏڪ جهلي وجي، تڏهن جي امين مناسب سمجهي تہ سيني کي گڏجي ڳولڻ جي صلاح ڏئي، پر امين جي صلاح کان سواءِ، جي ڳولينڌڑ اڀهرا ٿي ساڳئي وقت ڳجهارت کي ڳولينڌا تہ هڪ تہ سندن گوڙ سبباڻ ٻڌندڑن کي ڪچهري سمجهہ ۾ نہ ايندي ۽ ٻيو تہ خود ڳولڻ مان هرهڪ جي لياقت پڌري نہ ٿيندي.

(5) ڏينڌڑ ڳجهارت کي سهڻو ڪري ڏئي، ۽ 'سُر' جو نالو نروار ڪري ڏئي:

Gul Hayat Institute

ڳجهارت 'پرائو ڳجهہ' آهي ۽ ڳولڻ ڏکيو آهي. سگھڑ جعفر ڏيرو چوندو هو تہ 'ڳجهارت چري مبارکي آهي'، يعني تہ مبارک ملڻ سان سرهائي ٿيندي آهي، پر ڳجهارت ملڻ سان حالي تہ ڳولينڌڑ سگھڑ مونجهاري ۾ اچي ويندو. انهيءَ ڪري ڏينڌڑ لاءِ لازمي آهي تہ ڳجهارت کي سهڻو ڪري ڏئي. ڳجهارت جي ڪچهريءَ ۾ پهرين وڏي جوابداري سيني کان وڌيڪ ڳجهارت ڏينڌڑ تي آهي. انهيءَ جوابداري کي پوري ڪرڻ لاءِ هن کي هينيون ڳالهيون خيال ۾ رکڻ گهرجن:

* ڏينڌڑ کي ڳجهارت جي ڏيڻي توڙي پڇڻي ٻئي حرف بحرف چٽيءَ طرح ياد هجن. ڪچهريءَ ۾ ڳجهارت ڏيڻ کان اڳ هو 'ڏيڻي' توڙي 'پڇڻي' کي

پنهنجي وجود ۾ ويچاري وهجائي خاطري ڪري. ائين نه ٿئي جو ڳولينڊڙ جڏهن ڳجهارت کي ڳولي ڳولي مٿو هٽي ڪ ٽي ڏينڊڙ کي چون ته 'ادا سڃي ڪر' تڏهن چوي ته 'پيٽي مون کي به نٽي اچي' يا 'پيٽي مون کي وسري وئي آهي.'

* 'ڏيٽي' بالڪل 'پيٽي' مطابق هجي: يعني 'ڏيٽي' ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاءَ هوبهو 'پيٽي' واري بيهڪ ۽ سٽاءَ موجب هجن، اهڙيءَ طرح جو پائو پائي سان ملي، حرف حرف سان ملي ۽ لفظ لفظ سان ملي. ڳجهارت ڏيڻ کان اڳ ۾ ڏينڊڙ کي گهرجي ته ڳجهارت جي 'پيٽي' کي خيال ۾ رکي 'ڏيٽي' کي ويچاري ڏسي ته برابر بيهڪ ۾ پوري آهي. کا گهٽ وڌائي هجي ته سگهڙ 'ڏيٽي' کي سوڏي سنواري پوءِ ڳجهارت کي ڪچهريءَ ۾ پيش ڪري.

* 'ڏيٽي' ۾ ڳجهارت جو سر ظاهر نه هجي ته 'سر' جو نالو رکي ڏجي. عام خيال آهي ته سر ڪٽي ڏبو ته ڳجهارت يڪدم پڃي پوندي، پر ائين نه آهي: ڳجهارت جو فن ايڏو ته ڳوڙهو آهي جو سر ڏيڻ ساڻ ته خير، پر ڳالهه جي تاڻن ڏيڻ سان به ڳجهارت وڏي داناءَ ڳولي کان لکي سگهي ٿي. پر جي سُر رکڻ سان ڳجهارت پڃي ته پل پڃي: هڪ پڃندي پي ڏبي، ۽ ڪچهري پاڻ مڃندي. پهاڪو مشهور آهي ته "رسو پڃي ور تي، ڳجهارت پڃي سر تي." 'سر' جي جاڻ کانسواءِ ڳجهارت ائين آهي جيئن 'جر ۾ گڏون' پوءِ جڏهن ليپي. هڪ سگهڙ چيو ته: بنا سر جي ڳجهارت ڏيڻ ۽ ڳولڻ، جڙ مرون ڪتي واري ويڙهه ڪرڻي آهي: 'هڪ ٿم ۾ ننيي هنيو وينو هوندو، پيا پيا چوڏاري باهيندا'.

'سُر' يا 'سرائتي ڳجهارت' جي معنيٰ کي سمجهڻ ضروري آهي. سگهڙن کان سواءِ پيا جيڪي هن فن کان واقف نه آهن، تن کي 'پرولي' ۽ 'ڳجهارت' ۾ جو فرق آهي سو صحيح طور معلوم نه آهي، انهيءَ ڪري عام طرح سان بين پرولين جي پيٽ ۾ خاص طور ڳجهارت کي ئي "سرائتي ڳجهارت" ڪري سڏين. پر سگهڙ جڏهن چوندا ته 'ادا، ڳجهارت سرائتي ڏي، بي سُري نه ڏي'، ته ان جو مڪيه مطلب اهو آهي ته: 'ادا ڳجهارت سُهٽي ۽

Gul Hayat Institute

سوڏي ڏي: اهڙي نـ ڏي جنهن جي ڏيڻي يا پيڻي ۾ ڪا خامي هجي'.

ڪچهريءَ جي لحاظ سان 'سر' جي هڪ خاص معنيٰ آهي، ۽ ڳجهارتون مجموعي طور سان هيٺين 'سرن' ۾ ورڇيل آهن:

(الف) مٿين سرن واريون يا حقاني: جن ۾ نبين، اصحابن، امامن، ولين، فقيرن ۽ درويشن بابت، يا نصيحت ۽ هدايت طور چيل ڳجهارتون ڳڻجن ٿيون.

(ب) خاص رهاڻ جا سر: (1) سر سسئي، (2) سر مارئي، (3) سر سهڻي، (4) سر مومل- راڻو، (5) سر ليلان- چنيسر، (6) سر راءِ ڏياچ، (7) سر مورڙو، (8) سر نوري، (9) سر موکي متارا، (10) سر ڪل وڏوئو - پوري، (11) سر بوبنا جراڙ، (12) سر همون دولهه دريا خان، (13) سر ليليٰ- مجنون.

(ج) سر 'ٻاهر': يعني تہ اهي ڳجهارتون جي (الف) ۽ (ب) هيٺ ڇاڻايل سرن کان ٻاهر هجن. يعني تہ جيڪي 'حقاني' يا سنڌ جي مشهور قصن وارين ڳجهارتن کان ٻاهر آهن.

(د) سر بادشاهي: سڪندر بادشاهه، دودي چنيسر، بين حاڪمن ۽ بادشاهن وغيره بابت جملي تاريخي ڳجهارتون.

(هـ) سر مجازي: عشق ۽ محبت جي پيغامن، ڏکن ڏوراپن ۽ بي پهـ پيچار واريون ڳجهارتون.

(و) سر سنگت: پاڻ ۾ اڻندي ويهندي ڪنهن موقعي ۽ مهل تي ڪن سگهڙن يا سنگتين جون چيل ڳجهارتون.

Gul Hayat Institute

مٿي (ب) هيٺ ڇاڻايل 'تيرهن سر' ڳجهارتن جي ڪچهري جا خاص سر آهن. پري ڪچهريءَ ۾ اڪثر اهي ڳجهارتون ڏيبون جي انهن سرن مان آهن، ۽ جڏهن بہ ڪا ڳجهارت ڏبي تہ 'سر رکي ڏبو': يعني تہ چٽو ڪري چئبو تہ سر سسئي، سر مارئي يا سر سهڻي وغيره مان آهي. پري ڪچهريءَ کان ٻاهر واري رهاڻ ۾ پل ٻين سرن مان بہ ڳجهارتون ڏجن، پر هرهڪ ڳجهارت بابت چٽو ڪري چئبو تہ 'مٿين سرن' ۾ آهي يا 'حقاني' آهي، يا چئبو 'سر ٻاهر'، 'سر بادشاهي'، 'سر مجاز ۽ محبت' يا 'سر سنگت'. مطلب تہ هر حالت ۾ سر رکي ڏبو.

(6) جيڪڏهن گجهارت کافي ڏک جهلي وڃي تہ ڏيندڙ کي گهرجي تہ گولي کي 'تاٽو ڏئي'، ۽ گجهارت جيئن چئي تي تيئن لهجي سان چئي ٻڌائي، يعني تہ پيڇي واري خيال مطابق 'ڏيڇي' کي ادا ڪري. 'تاٽو ڏيڇ' معنيٰ اهجاڻ ڏيڇ تہ ڪير ٿو ڇوي يا ڪهڙي موقعي جي گجهارت آهي. مثلاً گجهارت آهي تہ:

هولي اٽئي ليلان، پل پئي هولي ڪر، پنهنجو ٽيندءِ ڪونہ.

'ڏيڇي' ماں ئي ظاهر آهي تہ هي گجهارت 'ليلان ڇنيسر' جي سر مان آهي. ڏيڇي بہ سوڏي ۽ سهڻي آهي، پر ڪاريگر اهڙا ڪک رکيا اٿس جو تکڙو ڪانہ پڇندي[1] . ظاهر آهي تہ ڪو ماڻهو ليلان کي ٿو ڇوي، پر اِهو معلوم ناهي تہ ڪير ٿو ڇويس: ڪونڙو ٽي ڇويس، سرتيون سهيليون ٽيون ڇونس، يا خود ڇنيسر ٿو ڇويس؟ جيڪڏهن گجهارت کافي ڏک جهلي وڃي تہ پوءِ گولي کي همٿائڻ لاءِ تاٽو ڏبو تہ: 'ادا ڇنيسر ٿو ليلان کي ڇوي[2]'.

هيٺين گجهارت اسان پاڻ جوڙي ۽ ڪچهرين ۾ ڏني، پر گهٽو ڪري بيهي وئي ۽ پڇي ڪانہ:

راڻي مال جي، ڏسي وکر ڪائيءَ تي.

هي گجهارت اهڙي نموني سان سٽيل آهي جو گولينڊڙ اڪثر ائين سوچيندو تہ هي گجهارت انهيءَ موقعي جي آهي، جڏهن راڻي مومل کي کٽ تي ٻئي ڪنهن سان ستل ڏٺو. ڪو گولو انهيءَ لحاظ سان گولي ۽ گجهارت کافي ڏک جهلي بيهي وڃي تہ پوءِ تاٽو ڏبو تہ: 'ادا! هي گجهارت کٽ واري جاءِ تي نہ آهي، مومل کان راڻو رسي ويو، جنهن تي مومل گهٽيون ڪي منڻون ڪيون جي نہ مڃيائين. هي گجهارت ان کان پوءِ جي آهي.' انهيءَ تاڻي ڏيڇ سان گولو وڏيڪ سولا ۽ سنڌائتا ڏک هٽندو. هيءَ گجهارت ان موقعي جي آهي

---

[1] هي گجهارت اسان پري ڪچهري ۾ ڏني، ٻين سان گڏ سگهڙ ٻيڙيّ ڪنيار سهٽي ڪري گولي پر پڇي ڪانہ ۽ بيهي وئي.

[2] هي گجهارت ڪتاب ۾ موجود آهي (نمبر 1184) جتي ان جي مراد ڏسو.

Gul Hayat Institute

جڏهن مومل ويس بدلائي راڻي وٽ آئي ۽ ويهي پاڻ ۾ چوپڙ راند کيائون- ڏارو هٽندي، مومل جي ٻانهن تان ڪپڙو کڄي ويو ۽ راڻي لسڻ ڏسي سجاتو ته هي مومل آهي (مال جي= سجاتي، وکر= لسڻ (ٿوم)، کاڻي= ٻانهين> ٻانهن)- يعني:

'راڻي **سجاتي**، ڏسي **لسڻ ٻانهن** تي.'

'ٽاڻون ڏيڻ' جڻ ڳولي کي همٿائڻو آهي، ۽ ڪڇهريءَ جي قاعدي موجب اهو همٿائڻ ضروري آهي. بنيادي اصول اهو آهي ته 'ڏيندڙ ڳجهارت کي سهڻو ڪري ڏي ۽ ضرورت پوي ته ڳولي کي ٽاڻو ڏيئي همٿائي ڏيڻ ۾ سهڻي ڳجهارت اها آهي جا نظاري چڙهي نشان ٿي بيهي، جيئن ڳولو حرص مان ڏک هٽيس..اڳ سگهڙ 'هڪ ٽپي' (هڪ 'پائي' واري) ڳجهارت کي قبول ڪين ڪندا هئا، ۽ هن وقت پڻ ڪڇهريءَ ۾ 'هڪ ٽپي' ڳجهارت جو رواج گهٽ آهي. اسان کن سگهڙن کي ائين چوندو ٻڌو ته: 'ٻہ- ٽپي يا ٻہ- پائي ڳجهارت ليلان ۽ مارئي جي اصل ئي نپٽي آهي'، يعني ڳولڻ ۾ ڏکي آهي. ائين برابر آهي، پر سچو مدار ڳجهارت جي رخ ۽ بيهڪ تي آهي: ٻٽيل ڳجهارت ٽن پاون واري ٻہ ڳولڻ ۾ڏکي آهي، پر جي هڪ پائي واري ڳجهارت سهڻي ۽ سوڻي هجي ته پوءِ ان جي ڏيڻ يا ڳولڻ ۾ کو هرج کونهي. مثلاً هيٺين ڳجهارت 'هڪ پائي' واري آهي پر بلڪل سهڻي آهي ۽ ڪڇهريءَ ۾ ڏجي ته عيب کونهي:

ڏيڻي: اديون! مون سان اها هلي، جيڪا **واٽڪي** ڪري.

(سسئي)

پڇڻي: اديون! مون سان اها هلي، جيڪا **چوٽي** ڪري.

ان جي برعڪس 'ٻٽيل ڳجهارت' ڏيڻ مناسب ناهي، پوءِ ڀل ڪٽي ان ۾ ٻن کان وڌيڪ پاوائي هجن. 'ٻٽيل ڳجهارت' اها آهي جنهن جو رخ ۽ رايو ظاهر نہ هجي- مثلاً "ڪک، پکي، کاڻي ڙي." هن ڳجهارت جو سر ڪٽي رکي ٻہ ڏجي ته 'سسئي' جي سر مان آهي، مگر ان ۾عد ٻہ اهو معلوم نٿو ٿئي ته ڳجهارت جو رخ يا رايو ڪهڙو آهي. اهڙيون ڳجهارتون سگهڙ سندن خاص

Gul Hayat Institute

ڪچهرين ۾ ڏيئي پل پنهنجو ذهن پيٽين، پر پري ڪچهريءَ ۾ ڏيڻ مناسب نہ آهن. هن ڳجهارت جي مراد هي آهي: [ڪڪ = قلم (ڪانهن جو)، پکي = وهيو. ڪاني (لڻ) = لوڙهه] "قلم وهيو لوڙ ڙي."

(7) ڳولو اول ڳجهارت جي رايي کي سمجهي ۽ پوءِ ملوکت سان ڳولي: ڳجهارت جي ڳول فني لحاظ سان ذهانت ۽ هنرمندي جو بهترين مظاهرو آهي. ڳولڻ واري جي ملوکت اها آهي جو اجايو جهنگ نہ جهڙي پر گس وني هلي، رڳو رخ تي ڪڻن، پترن ۽ چاڙين جا وارا نہ لائي، پر ڪا شيءِ ڏسي نشان چٽي. ڪانبو ٻڌي ڪک کهچر نہ ميڙي پر جانچي گل چونڊي. مطلب تہ ڳجهارت جو رايو ۽ لهہ ڏسي، پاون جي لحاظ سان سهڻا ۽ سنڌائتا ڏڪ هٿي جيئن هرکو 'واهہ واهہ' ڪري.

اڳ وارين ڪچهرين ۾ ڳجهارت جو سر ظاهر ڪري نہ ڏينـدا هئا، انهيءَ ڪري ڳولي کي اهو تہ معلوم نٿي ٿيو تہ نشان ڪٿي آهي، پر ڪيس اها ٻہ خبر ڪانہ ٿي پيئي تہ نشان کهڙي قبلي تي آهي: انهيءَ ڪري هو وني چوڌاري ڳوڙها وسائيندو هو تہ من کو وڃي ڪٿي لڳي. پلا نہ هئي نشان جي خبر، تہ نہ هو رخ معلوم، پوءِ جي کو ڳوڙهو اتفاق سان وڃي ٿي نشان جي پر پاسي سان ڪريو ۽ نشان کي پورو واءُ تہ نہ پر جي 'چاليهين پتي واءُ' لڳو تہ ٻہ چوندا هئا تہ 'ڳجهارت پڳي'، ظاهر آهي تہ ڳجهارت جي اهڙي ڳول ۾ ڳولي جي پنهنجي سمجهہ ۽ عقل کي گهٽ دخل رهي ٿو. البتہ جي وٽس ڪڙا، پترا، ڳوڙها گهٽا هجن تہ پل پيو وسائي تہ من کو اتفاق سان وڃي نشان کي لڳي، يا ڪٽي چئجي تہ جيڪڏهن وٽس ٻوليءَ جي نالن ۽ لفظن جو وڏو لشڪر موجود آهي تہ پل ڪٽي هر قبلي تي فوجون چاڙهي، جن مان کي نہ کي فرد وڃي نشان جي مٽان پوندا.

ڳجهارتن جي نئين رس رهاڻ ۾ اول 'سر' ظاهر ڪري ٿو ڏجي انهيءَ لاءِ تہ ڳولي کي گهٽ ۾ گهٽ ايتري خبر پوي تہ نشان کهڙي ڏس تي آهي، ان بعد ٽاڙو ٿو ڏجي تہ انهيءَ ڏس تي نشان کيتري فاصلي تي کيتري حد اندر آهي. انهن اهجاڻن سان ڳولي کي ڏس ۽ گس جو پتو پوي ٿو: پر پوءِ سڄو مدار سندس سمجهہ ۽ دانائي تي آهي تہ هو پوري تڪ تور ڪري نشان چٽي. پر اها

ڳڻ ۾ ڪا سولي نہ آهي: ڳجهارت کي ملوڪت سان ڳولڻ ۾ وڏيءَ سمجھ ۽ سياڻپ کپي، جنهن لاءِ هينئيون ڳالهيون ضروري آهن:

*** ڳولو پهريائين پاڻ ۾ ڳجهارت ڳولڻ ۾ لياقت پيدا ڪري:** اِسان جي خيال ۾ انهيءَ لياقت پيدا ڪرڻ جا ٽي درجا آهن: پهريون تہ مشهور سرن مان، هرهڪ سر مان ڪيس ڳهڻ ۾ گهٽ پنجن ڳجهارتن جي ڏيٽي ۽ پيڇي ياد هجي، جيئن ڳجهارت جي مختلف بيهڪن، پاون ۽ پيڇين سان ڪيس پوري واقفيت پيدا ٿئي. ٻيو تہ هو مشهور قصن ۽ داستانن (سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي وغيره وغيره) جي ڳالهين جي سلسلي کان پاڻ کي پوريءَ طرح واقف ڪري، ڇو تہ ڳجهارتون ڳالهين جي ٺاٽن ۽ اُهجاڻن تي ٻڌل آهن، ڳجهارت ڳولڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڳالهين جا موقعا ۽ ٺاٽا ياد هجن، جيئن ڳولو سمجهي سگهي تہ ڳجهارت ڪهڙي موقعي جي آهي، ڪير ٿو چوي، ڇا ٿو چوي، ڇو ٿو چوي ۽ ڪيئن ٿو چوي. ٽيون تہ 'پاون' جي مناسبت سان سهڻن ڏڪن هڏڻ لاءِ ضروري آهي تہ ڳولي کي سنڌي ٻولي جي لفظن ۽ اصطلاحن، ۽ مختلف قسمن جي شين ۽ جنسن جي نالن سان ڪنهن حد تائين واقفيت هجي. اهڙيءَ واقفيت هر شخص جي پنهنجي ڇاڻ ۽ تجربي جو نتيجو ٿي سگهي ٿي. ٻهراڙيءَ ۾ سگهڻ لاءِ خالص سنڌي ٻولي، سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، ۽ پوکن، وٽن، پکين وغيره شين جو قدرتي ماحول اهڙيءَ ڇاڻ ۽ واقفيت لاءِ موجود آهي، البتہ لکيل پڙهيل طبقي لاءِ لکت ۾ اهڙو مواد موجود نہ هو، پر هاڻي هن ڪتاب جي 'پهرئين پاڳي' ۾ اهڙي واقفيت لاءِ ڇڳو خاصو مواد موجود آهي.

*** ڳولو اڳ ٻڌل ڳجهارت کي ڏڪ نہ هڏي:** ٻڌل ڳجهارت کي ڏڪ هڏڻ ڇڻ مئل شيءِ کي مارڻو آهي. محض سرخرو ٿيڻ خاطر ٻڌل ڳجهارت کي ڏڪ هڏڻ سگهڑپائي جي شان ۽ ڪچهري جي قانون جي خلاف آهي. ٻڌل ڳجهارت ملي تہ ڳولو چوي تہ: 'ادا ٻڌل آهي، يا مون وٽ اڳي آهي'. البتہ کي ڳجهارتون 'ڏيٽي' ۾ هڪجهڙيون ٽين ٽيون، انهيءَ کري ڏينڊڙ سگهڙ جي مناسب سمجهي تہ بيشڪ ڳولي کان ثابتي جي طلب کري. اهڙي طلب تي پوءِ ڳولو پل ٻڌل ڳجهارت سڃي کري ٻڌائي.

*** ڳجهارت تڏهن پڄي جڏهن ڳولو ڪنهن بہ 'پائي' وارو صحيح**

Gul Hayat Institute

۽ ثابت نالو ڪٽي: جڏهن سُر رکي ٿو ڏجي ته پوءِ 'چالیهین پتي واءَ' تي گجهارت کانءِ پڇندي. ضروري آهي ته گولو ڪنهن به پائي وارو ضحيح ۽ ثابت نالو ڪٽي. ڪن سڃاڻ سگهڙن اهو اصول اڳ به تسليم ڪيو هو جو چيائون ته "گجهارت پنهنجي پائي چٽندي" يعني گجهارت پڇندي تڏهن جڏهن 'پائي' وارو لفظ پڌرو ٿيندو. مثلاً، پائي وارو لفظ 'ڏڳو' آهي ته 'ڏاند' چوڻ سان گجهارت کانءِ پڇندي، ۽ جي پائي وارو لفظ 'دلو' آهي ته 'گهَڙي' چوڻ سان گجهارت کانءِ پڇندي. چوندا آهن ته، "هر 'پائي' پنهنجي مزوري پوري لهڻي." البتہ جيڪڏهن گولو هڪ پائو گولیندي، ڪنهن ٻئي پائي وارو پورو لفظ چئي ويو ته گجهارت پڇي پوندي. مثلاً ڪنهن گجهارت ۾ **گهہ ۽ ذات** به جدا پاوا آهن، ۽ **گهہ** جي پيڇي 'دستي' آهي، پوءِ جي گولو گولیندي 'دستي' چئي ويو ته به گجهارت پڇندي. اصول اهو آهي ته گولو پائي جو مراد وارو صحيح ۽ پورو لفظ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ پڌرو ڪري چئي.

***گول جي ملوڪت انهيءَ ۾ آهي ته گولو گجهارت جو خيال ۽ رايو سمجهي، پوءِ پاون جي مناسب سان پورا ڏڪ هٽي: گجهارت گولڻ آسان نه آهي:** پرائو گجهہ گولڻو آهي، جو ڪنهن به طرح گولجي ته جڳائي. پر سهڻائي انهيءَ ۾ آهي ته ڪنهن ڊنگ سان گولجي. سهڻائي ۽ دانائي جي لحاظ سان گول جا ٽي درجا آهن:

(1) سڀ کان سولي پرچڻ ٻارناڻي درجي واري گول اها آهي جو فقط 'پاون' کي گولجي: يعني ته پائو 'گهہ' جو هجي ته وڃي گهن جا نالا ونجن، يا 'ذات' جو هجي ته وڃي ذاتيون بيان ڪجن. اهڙيءَ گول ۾ خيال ۽ فڪر جي ضرورت ناهي: گهن يا ذاتين جا گهڻا نالا ياد هوندا ته 'پاون' جي پڇڻ جو وڌيڪ امڪان ٿيندو. انهيءَ ڪري ڪن سگهڙن گهن، ذاتين، ڪاٽين، پکين، وڪرن وغيرہ جنسن جي نالن کي بيتن ۾ منظوم ڪيو ته جيئن مختلف شين جي نالن جون ڪنڊيون سولائي سان ياد ٿي سگهن. جن کي بيت ياد هوندا سي گجهارت پڇڻ وقت وڃي گهن، ذاتين، پکين وغيره جنسن جي نالن جي ڪنڊي ڪٽندا ۽ بيت پڙهندا. جن گولن اهي ڪنڊيون ناهيون ۽ ياد ڪيون تن جي ذوق

شوق ۽ يادگيري کي آفرين ڏيئي سگھجي ٿي، پر گجھارت گولڻ جو اھو طريقو هيٺين درجي وارو شروعاتي طريقو آھي، جو نون سيکڙائن کي ئي جڳائي ٿو. بنا سوچ سمجھ جي وڻي پاون جا نالا کڻڻ، گجھارت سان انصاف کرڻو ناھي، مگر ان تي زبردستيءَ سان فوج چاڙھڻي آھي. پوءِ جي اتفاق سان کو تير لڳو تہ گھائجي پوندي نہ تہ گھٽو ڪري بچي پوندي.

(2) وچين درجي جي گول اھا آھي جو گولينڊ، گجھارت جي 'ڏيڻي' يا 'بيھک' کي خيال ۾ رکي پوءِ پاون کي انھيءَ لحاظ سان گولي.

(3) بالڪل متئين ۽ اعليٰ درجي واري سھڻي گول اھا آھي، جو گولو 'ڏيڻي' کان نظر اڳتي وڌائي، مقصد ۽ مراد جي لحاظ سان گجھارت جو خيال يا رايو سمجھي تہ ڪھڙي موقعي تي چيل آھي، ڪير ٿو چوي ۽ ڪيئن ٿو چوي! جيڪڏھن گولي دانائي سان گجھارت جو رايو ھٽ ڪيو تہ انھيءَ رايي کي موزون لفظن ۾ بيان ڪرڻ سان گجھارت کلي پوندي. سدا ملوڪ گولو اھو چئبو جو گجھارت جي مقصد کي وھجائيندي گالھ ۾ گجھارت کي پڄي ڇڏي، پر جي گالھ ۾ گجھارت نہ پڄي تہ قابليت اِھا آھي جو گولو، گالھ جي لحاظ سان 'پاون' کي سھڻا ۽ سنڌائتا ڏک ھٽي. سھڻا ۽ سنڌائتا ڏک اھي آھن جن ۾ پاون (مثلاً 'گھر' يا 'ذات') جون پيڙيون بہ اڇي وڃن ۽ اھي پيڙيون گجھارت جي رايي سان پڻ پڄي ٻيھن. ڪچھرين ۾ اسان جيڪي سگھڑ ڏٺا آھن تن ۾ رمضان ٽالپر کي اھا رمز ياد آھي جو بعضي تہ- پائي گجھارت جي ٽنھي پاون کي سھڻا ۽ سنڌائتا ڏک ھٽي ڇڻ سڄي پيڙي ڏينڊو ويندو.

Gul Hayat Institute

گجھارتن جي ڪچھرين ۾ ويھڻ ۽ پاڳي پائيوار ٽيڻ بعد اسان ھن نتيجي تي پھتا آھيون تہ معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان گجھارتون گھٽو ڪري ٻن قسمن جون آھن: ھڪڙيون 'بياني' ۽ ٻيون 'معنوي'. 'بياني' گجھارتون اھي آھن جن جي پيڙي ۾ فقط گالھ جو ڪو بيان ٽيل ھجي. 'معنوي' گجھارتون اھي آھن جن جي پيڙي ۾ سھڻو خيال يا معنوي نڪتو سمايل ھجي. ٻين لفظن ۾ جيڪر چئجي تہ: ھڪ 'گجھارت گالھ' ۽ ٻي 'گجھارت خيال' آھي. تجربي مان معلوم ٿئي ٿو تہ 'بياني' گجھارتون پڇڻ ۾ وڌيڪ سوليون آھن،

پر معنوي ڳجهارتون ڳولڻ ۾ البت مشڪل آهن. 'بياني' ڳجهارت جو مثال مارئي جي سر مان هي ڳجهارت آهي:

ڏيٽي: **ڪڪ منيءَ تي نالو اَباڻن.**

پيڇي: **پڪو دڙي تي آڏيو اَباڻن.**

يعني ته مارن هيئن يا هيئن ڪيو: اهو هڪڙو بيان آهي، ۽ سڄاڳ ڳولو ڪوشش ڪندو ته ڳجهارت کولي وجهندو. پر مارئي جي سر مان هينئين ڳجهارت 'معنوي' آهي:

ادا عمر هت نہ **مال جا**، پر هُت **مال جا**.

جي ڳولو بيان طرف ويندو ته ائين پائيندو ته ڇڻ مارئي عمر کي ٿي چوي ته، هت عمرڪوٽ ۾ اهي شيون نہ آهن پر هت مارن وٽ اهي شيون آهن. پر انهيءَ لحاظ سان ڳجهارت نہ پڇندي ڇو ته ان ۾ 'بيان' جي بدران ڪا معنيٰ وار ڳالهہ ڪيل آهي. مارئي عمر کي چوي ٿي ته:

"ادا عمر هت نہ مران، پر هُت مران"

(مالَ جا= مَرا> مران)

اهڙي طرح ٻين سرن ۾ به معنيٰ واريون ڳجهارتون وڌي سمجهہ ۽ دانائي سان ڳولي سگهبيون.

(8) ڳجهارت پڇي ته، ڏيندڙ ڳجهارت کي سڃو يا سال ڪري:

ڳجهارت جو ڪوبہ هڪ پائو پڳو ته ڳجهارت پڳي. ان بعد ڳجهارت جي پوري پيڇي يا وَراڻ پڌري ڪرڻ ضروري آهي، انهيءَ لاءِ ته سڃي سربستي ڳجهارت ڪڇريءَ جي ڪنين پوي، ۽ ڳولي کي پڻ اطمينان ٿئي ته ان کان اڳ سندس ڪنهن ٻئي ڏڪ سان ته ڳجهارت ڪانہ پڳي! انهيءَ لاءِ ڳولي کي گهرجي ته ڏيندڙ کان طلب ڪري ته: 'ادا ڳجهارت سڃي ڪر' پڻ چوندا ته: 'ڳجهارت سال ڪر'، يا 'ڳجهارت کول'.

هن بعد آسان ڪڇرين ۾ ڳجهارتن جي ڏيندڙن ۽ ڳولينڊڙن جي خاص گفتن ۽ خوش طبعين تي قدري روشني وجهون ٿا.

ڳجهارتن جا سگهڙ سندن ڪڇريون ۽ تڪيا ڪلام ڳجهارتن جي ڪڇرين ۾ ڏي- وٺ ڪندي سگهڙ پاڻ ۾ ڪي گفتا ۽ ٻول ڪندا آهن. مثلاً 'ڳجهارت ڏيندڙ' ڳولي جو نالو وڻي چوندو ته: 'فلاڻا! اڇئي تي ڳجهارت' يا

رکو چوندو ته 'اڇئي ٿي'. گولو ورائيندو ته: 'ادا پلي ڪري اڇي'. جيڪڏهن ڪنهن گولي وٽ اڇ ئي اها گجهارت هوندي ته چوندو ته: 'ادا آهي' يا 'بُدّل آهي'. ڪي چوندا ته 'ادا جهلي پئي آهي، ٻي ڏي.' ڪچهريءَ جي قانون موجب بدّل گجهارت کي ڏک نه ڏيو. ڪنهن سگهڙ گجهارت پنهنجي سمجهه سان پڇي تڏهن به چيائونس ته: 'ٻيلي تنهنجي بدّل آهي.' جواب ڏنائين ته: "ادا پلا جي بدّل آهي، ته به مون پنهنجي ٻاجهري ڪائي بدّي آهي."

اهڙن ٻولن مان ڪي ڪچهريءَ لاءِ ضروري آهن، ۽ ڪي محض خوش طبعي طور ڪيا آهن. گولو جڏهن گجهارت کي گولي ۾ ڏک ڏئي ته گجهارت ڏيندڙ لاءِ ضروري آهي ته کيس اهجاڻي ڏئي ته گجهارت پڇي يا بيني، مئي يا اجان جيئي ۽ بچي. گجهارت نه ٻڌڻ واري حالت ۾، گولي جا ڏک بدّندي ڏيندڙ اهجاڻي طور اکثر چوندو ته: "ادا، اجا بچي." ڇڇ جهڙا وڌيڪ ڏک لڳي وڃن پر اجا به گجهارت بيني ته چوندو، "اجا جيئي." پر جي گولا ٻولائي ڏک هٽندو ۽ پائيندو ته هاڻ پڇندي نه ڏيندڙ به انهيءَ لحاظ سان چوندو ته: 'اجا بچندي'. ڪي وري خوش طبعي طور چوندا ته 'اجا چوندي'، 'اجا پڙهندي'، 'اجا ٻولينديءَ' ڪي چوندا ته 'پنهنجو ٿي کائي'. عليم فقير مگريو[1] چوندو هو ته 'پنڌ جو ٿي کائي.' عثمان ڪچي جو پٽ اهو تڪيو ڪلام هو. ڪي وڌيڪ دعويٰ سان چوندا ته 'اجا گيهه ٿي گهري'، 'اجا کير ٿي گهري'. ڪي اجا به اڇيرو ٿي چوندا ته 'مجي ته مار کائي'. پر اهو گفتو ايڏو سهڻو نه آهي، جو ته ڏيندڙ جو ڪم آهي ته گولي کي همٿائي، ۽ نه ڪ ان کي هيسائي.

ڪي گولا به خوش طبعي سان گول ڪندا ۽ چوندا ته 'ائين نٽي چوي، ته پلا چا ٿي چوي!' هڪ سگهڙ سرائڪي ۾ چوندو هو ته: 'آهدِي پئي اي، پر ڪيئن پئي اهدي اي؟' ڪي گولا گول ۾ وٽ پڪڙ ڪندا ۽ ابتا سبتا ڏک هٽي به پيا منڊل مچائيندا.

گجهارت پڇي ته ڏيندڙ کي گهرجي ته يڪدم اهڙي اهجاڻي ڏئي. اکثر ائين چوندا ته 'ادا وئي' يا 'فلاڻي ڏک ماري'. پر سهڻائي انهيءَ ۾ آهي ته گولي جي قدرداني ڪجي ۽ کيس آفرين ڏيڻ لاءِ "واهه واهه" ڪجي: يعني ته

---

[1] سندن نالا هيٺ ايندا.

وڏي سڏ "واهہ واهہ" چئجي، بلڪ وڏي اچي ڪيس ڏارو ڏجي. اسان پنهنجين ڪچهرين ۾ "واهہ واهہ ڪرڻ" ۽ "هٿ ملائڻ" کي ترجيح ڀئي ڏني آهي.

کي ڳولينڊڙ ٻه ڳڇهارت پڇڻ وقت ناز انداز سان چوندا تہ 'مري وئي'، يا هڪل سان 'هاَ' ڪندا. سگهڙ گلڻ جلباڻي جي (هڪل واري) 'هاَ' ڪچهرين ۾ مشهور آهي. سگهڙ رمضان ٽالپر، ڳڇهارت پڇندو تہ اڪثر چوندو تہ 'هل ٻانڊي گدام تي'. (يعني تہ 'اي ڪائي، تون ٻہ هل گدام تي'. ڇڻ تہ اها ڳڇهارت ٻہ هڪ ڪائي هئي جا ٻين ڪائين وانگر گدام تي اڇلي ڦٽي ڪيائين). اهو سگهڙ رمضان ٽالپر جو تڪيو ڪلام آهي.

ڳڇهارت جون ڪچهريون سنڌ ۾ اٽر، لاڙ، ٽر، ڪاڇي ۽ ڪوهستان توڙي سنڌ جي موجوده سرحد کان ٻاهر لس ٻيلي، ڪچ، ناڙي (ضلعو ڪچي) ۽ چولستان) ٻهالپور ۾ مدت کان وڻي سگهڙن جي رس رهاڻ ۽ وندر ورونهہ جو ذريعو ٻئي رهيون آهن. پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، امير توڙي غريب انهن سگهڙن جي صف ۾ شامل ٻئي رهيا آهن. اڄ کان پنجاسي سال کن اڳ ڪوڙومل چندنمل کلناڻي ڳڇهارتن جي ذوق بابت لکي ٿو تہ: "سنڌ ۾ گهڻن ماڻهن کي خصوصاً ٻهراڙي ۾ ڳڇهارتن جو ڏاڍو شوق آهي، رڳو اڻ پڙهيل ۽ دهقاني ماڻهو نہ، پر بعضي بعضي وڏا ماڻهو ٻہ ڳڇهارتن سان اهڙيءَ طرح دل وندرائيندا آهن، جيئن چوڙڙ يا پتن جي راند سان"[1] . اڳ ميلن ملاکڙن ۽ عيدن شادين جي موقعن تي سگهڙن جي عام رس رهاڻين کان سواءِ ڳوٺن ۾ چگن مڙسن، رئيسن ۽ خانن جي اوطاقن، يا پيرن فقيرن جي درگاهن ۽ منزلن ماڳن تي موقعن سان ڪچهريون لڳنديون هيون، جن ۾ ڳڇهارتن جي رس رهاڻ ٿيندي هئي. ڪچهرين جي انهن سرپرستن ۽ خاص طرح ڳڇهارت جي ڪچهرين جي ڪوڏين مان اسان تعلقي عمرڪوٽ جي صوفي فقير جو مثال ڏيون ٿا، حالانڪ سنڌ جي ٻين خاندانن پڻ ڪچهريون قائم ڪري سگهڙپائي جي ذوق شوق کي وڌايو:

ضلعي ٿرپارڪر ۾ فقير صوفي محمد صادق رحہ جي خانقاہ جي سجاده نشين مان فقير ميان حاجي محمد صوفي عام سنڌي ڪچهرين جو سرواڻ ٿي

---

[1] ديباچو 'سنڌي ڳڇهارتون' قيصريہ پريس حيدرآباد، 1901ع.

گذريو آهي. ڪانئس اڳ سندس پاڻ فقير ميان علي بخش سڳهڙ پائي جي ڪڇهري ۾ رهاڻ جو بنياد وڌو. فقير علي بخش صوفي خاص طرح ڳڇهارتن جي ڪڇهريءَ جو ڪوڏيو هو. خود پاڻ وڏو ڳولو هو. رئيس مرحوم گل محمد خان لغاري (وينل ڳوٺ جعفر خان لغاري، تعلقو سنجهورو. ضلعو سانگهڙ) سنہ 1945ع ۾ بندہ راقم کي ٻڌايو تہ: 'آءٌ گڏ هوس جو جهوڪ شريف جو سجاده نشين صوفي صاحب عبدالستار (وڏو) ۾ فقير علي بخش سفر ۾ فلاڻي منزل تي اچي گڏ لٿا. فقير علي بخش جهوڪ وارن صاحبن جو مريد هو. صوفي صاحب عبدالستار چيو تہ: 'فقير علي بخش! اسان ٻڏو آهي تہ تون ڳجهارت ٿو ڳولين ، ٻاڻي اچئي ٿي اسان جي ڳجهارت، صوفي صاحب ڳجهارت ڏيئي بس ڪئي تہ فقير علي بخش چيو تہ: 'قبلا، پانيان ٿو تہ هيئن ٿي چئي.' ڳجهارت ٿڌي وئي، جنهن تي صوفي صاحب چيو تہ: 'فقير علي بخش! تون پلي ڳجهارت ڳول'. رئيس گل محمد خان چيو تہ: فقير صاحب خان مري (وينل لڳ پڑي، تعلقو سنجهورو) هڪ سالڪ ۽ سڳهڙ هو، نڙ جي بيتن ۾ ڳجهارتن جو ملوڪ هو. فقير علي بخش سنجهوري تعلقي ۾ مريدن وٽ اينڊو هو تہ فقير صاحب خان هلي اچي ساڻس ڳجهارتن جي ڪڇهري ڪندو هو، ڇراري، ٻيراني ۽ سنجهوري ۾ سندن ڪڇهريون اسان کي ياد آهن. فقير علي بخش هميشہ سهڻا ڏڪ هڻي فقير صاحب خان جون ڳجهارتون پئي پڳيون: ڪانبو ٻڌي ڪونہ ٿي ڳوليائين.'

اهو دوڙ سنہ 1920ع کان اڳ وارو هو. 1920ع کان 1940ع واري دوڙ ۾ ڳجهارتن جا ڳولا ۽ ڇاڻو جيڪي حضرت شاهہ عبداللطيف جي ميلي تي آيا ۽ پنهنجن ڪڇهرين ذريعي مشهور ٿيا، تن سيني ۾ سرس ۽ سوايو ۽ ڳجهارت جو وڏو ڇاڻو اوباهيو ماڇي (پاڙو سيماراڻي، سنائي) هو. تعلقي شهدادپور ۾، 'سئي ڪندر' لڳ ڏڪڻ اوپر طرف حاجي سنجر جوڻيجي جي ڳوٺ ۾ وينل هو ۽ سنہ 1945ع ڌاري 75 ورهين جي عمر ۾ اتي وفات ڪيائين. ڳجهارت توڙي ڏور جي ڪڇهريءَ جو اباهيو وڏو ملوڪ هو. سندس گفتي ۽ رهاڻ ۾ وڏو لطف هو. ڳجهارت ملندي هيس تہ اول ان تي غور ڪندو هو. ڳوڙهي ڳجهارت هوندي هئي تہ ٻہ يا ٽي دفعا ورائي چورائيندو هو ۽ پوءِ ويهي سهڻا ۽ سنڌائتا ڏڪ هڻندو هو. ڳجهارت متس کا ورلي ٻيهندي هئي. بعضي کا ڳجهارت

سهڻن ڏکن کان پوءِ به نه پهچندي هئي. ته ڏينڊڙ کي چونڊو هو ته: 'ادا، گنجهارت کول، جو انهيءَ ۾ ضرور کا غلطي آهي.' کولڻ بعد گنجهارت ۾ برابر خامي پڌري ٿي پوندي هئي.

ٽئ سري، لاڙ توڙي کڇ، لس ۽ ناڙي ۾ گنجهارتن جا سوين سگهڙ ٿي گذريا آهن، جن جا نالا به اڄ باقي ياد نه رهيا آهن. اسان گذريل پندرهن سالن واري عرصي ۾ مختلف ماڳن مڪانن تي ڪچهريون ڪيون آهن، ۽ جن سگهڙن جا اسان نالا پڌا يا جن کي اسان ڏٺو تن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو. انهيءَ لاءِ ته سندن نالا ياد رهن ۽ پڙ تصديق ٿئي ته گنجهارت جون ڪچهريون موجوده دؤر ۾ اڃان تائين مقبول آهن.

کڇ:

* چگو جت. کڇ جو مشهور شاعر، سگهڙ، سالڪ ۽ درويش هو، ۽ ڏيڊ سؤ ورهيه اڳ ٿي گذريو. گنجهارتن جو شاعر هو. سلوڪ ۾ سندس بدل، هيٺين گنجهارت اڄ تائين سگهڙن کي ياد آهي:

ڏيٽي: **کک ٻولي جي ڪن اپ ارٿ جون** سي پسن

کک = کل، ٻولي= مون، اپ جي= حور،

ارٿ جي= رون.

مراد: کلمون جي کهن، حورون سي پسن

* پچمر ۾ راهبجي سمون سگهڙ ۽ گنجهارتن جي ڪچهريءَ جو ملوڪ هو.

* عثمان نالي ڪچي مهاجر سان ڪيٽي بندر ۾ اسان جي رهاڻ ٿي. گنجهارتون وٽس گهڻيون هيون. 'پنڊ جو ٿي کائي' سندس تڪيو ڪلام هو. سگهڙ ٻيڙي ڪنيار ۽ راقم سندس گنجهارتون گولين. وري وري پئي ٻيڙي کي للڪاريائين ته 'مٽي نه وچ، ذرا هيٺ لهه، زمين تي اچ' (يعني اجايا ڏڪ نه هڻ).

ضلعو ٺرپارڪر:

*فقير علي بخش صوفي، گوٺ صوفي فقير تعلقو عمرڪوٽ، گنجهارت گولڻ جو ملوڪ هو.

* منگو فقير وسائي پوٽو چانديو، وينل ڪاڪڙهار رحم علي جو، تعلقو مِٺي،

Gul Hayat Institute

ڳجهارتن جو شاعر ۽ وڏو ملوڪ ڳولينڊ هو. سنہ 1948ع ڌاري 75 ورهيہ جي عمر ۾ وفات ڪيائين. سرندو وڃائيندو هو، ۽ ڳجهارت ملندي هئس تہ سرندي تي ٽي گزيون هٽي ڳجهارت پيڇي ڇڏيندو هو، پر جي ڳجهارت نہ پڳي ۽ ڪيس وڇٽو پوندو هو تہ وري موتي ايندو هو ۽ ڳجهارت پيڇي پوءِ ويندو هو. ڪنهن ڪيس هٿ جي ناهي ڏني تہ "ذات ڪاني چا ڪري"، نيٺ اها بہ پڳائين تہ "شيدي ڦٽي چا ڪري."

* سائين بخش وسائي پوٽو، ويڙل ڪاڪٽهار، بہ ڳجهارت جو چگو ڇاڻو هو.

* حاصل فقير وسائي پوٽو ويڙل ڪاڪٽهار، شيرو درس ويڙل وَڪڙيو، ۽ وريام موسي پوٽو، ٽيئي چگا سگهڙ، جن سان سنہ 1956ع ۾ مِـٽي ۾ اسان جـي پهرين ڪچهري ٿي.

* حاجي ٽيبو، مارو ٽيبو ۽ مارو جو پٽ، ٽيئي ويڙل ڪَـرنور، تعلقي چاچري جا. مارو ۽ سندس پٽ سان اسان جون ڪچهريون ٿيون. مارو ڳجهارت جو ڪانبڑيو ڳولو ملوڪ آهي.

* عبدالشڪور اوٺو ويڙل ڳوٺ ستي- ڏيرا تعلقو چاچرو.

*مٺو چانديو ويڙل ڪرچيلو، تعلقو ساماروِ، وڏو سدا ملوڪ سـگهڙ هـو جـو 1954ع ڌاري گذاري ويو. ڪانئس پوءِ، اسان جي ڪچهري ڏٽي بخش چانديي سان 1957ع ڌاري ٿي.

* بهار شاهہ ويڙل جهلوري، تعلقو ميرپورخاص جو، جنهن سان 1957ع ڌاري اسان جي ڪچهري ٿي.

* وريام نونداڻي وڏو سگهڙ ۽ هـر ڪچهري مان واقف هو، 1958ع ۾ ان ڪان اڳ ساڻس اسان جون ڪچهريون ٿيون.

* محمد خان ڪپري، ويڙل ڳوٺ عبدالله خان ڪپري، تعلقو ساماروِ پير مرد عمر 75 سال. ساڻس 9، 10- تاريخ جنوري 1965ع تي اسان جي ڪچهري ٿي. ڪيس سهڻيون ڳجهارتون ياد آهن.

* ڪريمڈنو ملاح جنهن سان جنهن (تعلقو ساماروِ) ۾ رئيس مرحـوم قـادر دادخان بلوچ جي اوطاق تي اسان جي رهاڻ ٿي. ڳجهارتون وٽس گهڻيون هيون.

ضلعو حيدرآباد:

* رمضان واديو، ويڙل پنجمورو، تعلقو هالا، وڏو داناءِ سگهڙ ۽ شاعر هو. هر

Gul Hayat Institute

فن ۾ طبع آزمائي ڪيائين ۽ ڳجهارتن تي پڻ ڪتاب لکيائين. ڳجهارتن جو پاڻ شاعر هو ۽ سندس ناهيل ڳجهارتون اڄان تائين ڪن سگهڑن کي ياد آهن، غالباً رمضان فقير ٿي پهريون سگهڙ هو جنهن پنهنجو نالو پڻ ڳجهارت ۾ آندو[1] .

* نمر لوهار ۽ گل لوهار وينل ڳوٺ 'وڏي اڏوڙي' (تعلقو ٽنڈوباگو) ڳجهارتن ڳولڻ ۾ نالي وارا سگهڙ هئا. نمر لوهار هر فن مولي هو. ان وقت تاجو نون، ڏاتو پهنور، بدر سينهڙو ۽ نمر لوهار چارئي وڏا سگهڙ هئا، ۽ تاجو نون سندن سرواڻ هو. اهو اندازاً 1880ع کان 1915ع وارو دؤر هو.

* الله ڏنو ماڇي ۽ جعفر اگاريو ماڇي، وينل 'ملان ڪاتيارن' جا ڳجهارت جا وڏا قابل ڳولا هئا ۽ پنهنجي وقت ۾ ڳجهارت جي ڳول ۾ دنگ ڪري ويا. پاڪستان کان اڳ وفات ڪيائون.

*طاهر هاليپوٽو، وينل بيبيءَ وارو اوٽو، تعلقو ماتلي، الله ڏني ماڇي جو ساٿياري ۽ ڳجهارت جو وڏو ڳولو هو.

* صالح تارو (ذات جو) وينل ڳوٺ سيد مَتو، تعلقو گوني. ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو ملوڪ هو. 1925ع ڌاري گذاريائين.

* چگو ماڇي قبول پور (تعلقو گوني)، ڳجهارتن جو ملوڪ هو.

* بچوکور، جنهن سان 24- ڊسمبر 1951ع ۾ ٽنڊي قيصر ۾ اسان جي پهرين ڪچهري ٿي. هنر ۽ ڳجهارت ڳولڻ جو ملوڪ هو.

* حاميد خاصخيلي، وينل ملهڻ (عمر 65 ورهيه) هر فن مولي ۽ وڏو سگهڙ آهي. سن 1958 کان وٺي اسان جون ساٿس رهاڻيون ٿيون آهن. ڳجهارتن جو پاڻ شاعر ۽ اڻ ورچ ڳولينڌڙ آهي. سنڌائتا ڏک ۽ هٺندو پر پنهنجا ناهيل بيت چئي ۽ ڳجهارت ماريندو. اڄا ۽ نه مئي ته وٺي قصي واري ڳالهه ڪٺندو. ٻيڙي فقير ڪنيار ڳجهارت ڏنس: ڏک هٺي، بيت ڏيئي، آخر اچي ڳالهه ۾ پيو. ٻيڙي فقير چيس ته ڳجهارت ڳول. جواب ڏنائينس ته: "تون وينو ڳالهه ٻڌ، پاڻهي پڇي پوندي." ڳجهارت ڳولڻ ۾ حاميد جي اها 'ڏگهي شنوائي' اسان کي هميشه ياد رهي آهي.

---

[1] ڏسو سندس نالي واري ڳجهارت ص 451

Gul Hayat Institute

* قاضي الله ورايو نظاماڻي (عمر 55 سال) اصل وينل ڳوٺ سومرو نظاماڻي، ديهه جهالار، تعلقو بدين 1955ع کان وٺي ساڻس اسان جون ڪچهريون ٿيون آهن. ڪنهن حد تائين حاميد سگهڙ جو شاگرد آهي، پر علم وارو، ذهين ۽ وڏي حافظي وارو آهي. ڳجهارت ڳولڻ جو ملوڪ آهي. سنڌائتا ۽ سهڻا ڏڪ هٿندو، ۽ ڪانبو بڌي ب ڳولينڊو.

* اڪ ماڇي (پاڙو مَرڪَٽ) وينل ڳوٺ سليمان ماڇي، پاڙو مزار شاهه اولياءُ لڱ قبول پور (تعلقو گوني) ڳجهارتن جو سهڻو ڳولو آهي. اسان جي 2- تاريخ مئي 1965ع تي ساڻس حيدرآباد ۾ ڪچهري ٿي.

* خليفو ربڏنو، جنهن 17، 18- ڊسمبر 1964ع تي شاهه قادري جي ميلي (بدين) تي اسان جي قائم ڪيل ڪچهريءَ ۾ بهرو ورتو.

* رمضان تالپر، وينل ٽنڈو سومرو، تعلقو ٽنڈوالهيار، ڳجهارت جي ڳول جو سدا ملوڪ آهي. ڪانبو بڌي ڪونہ ڪاهيندو، پر پاون جي پيڙي جي لحاظ سُڃان سهڻا ۽ سنڌائتا ڏڪ هٿندو جا وڏي ملوڪت آهي. اڪثر ڪانب ڪڍي ويهندو، ۽ بنا ڪنهن گوڙ گهمسان جي آهستي آهستي ڏڪ هٽي پيو. ڳجهارت وهجائيندو. سندس ڳول جي ڪاريگري اها آهي جو بعضي ڳجهارت جي بن يا ٽن پاون کي ساڳئي وقت معنيٰ وارا ڏڪ هٽي ڳجهارت سڃي ڪندو ويندو. ڪنهن ڪنهن وقت اهڙا تہ موزون ۽ سهڻا ڏڪ هٿندو جو چئجي تہ جيڪر ڳجهارت وارا اصل ڏڪ چڏي سندس ڏڪ ڪڍجن.

* ٻيڙو فقير ڪنيار، وينل اصل لقمان ڪوئريجو تعلقو هالا، حال رهندڙ ڪاري موري، شهر حيدرآباد. ساڻس اسان جي 1953ع کان ڏيٺ ويٺ ٿي. ان وقت هو 'ڏور' جي ڪچهريءَ جو سگهڙ هو. اسان پوءِ ڪيس ڳجهارت، سينگار وغيره ڏانهن مائل ڪيو. ڳجهارتن ۾ ٻيڙي فقير ۽ اسان جي سالن کان وٺي ڏي- وٺ پئي رهي آهي، ۽ هينئر ڪيس پوريءَ طرح ذهن نشين ٿي ويو آهي تہ اول ڳجهارت جو رخ ۽ رايو سُمجهي پوءِ ڳجهارت ڳولجي ۽ سهڻي ڪري ڳولجي. ٻيڙي کي آزمائڻ ۽ سجاڳ ڪرڻ لاءِ وقت بوقت اسان پنهنجي ذاتي ڪچهرين ۾ مختلف سرن مان جداجدا نوع جون ڳجهارتون جوڙي پئي ڏنيون آهن. بعضي

Gul Hayat Institute

خوشطبعي ڪندي چوندا آهيون تہ ٻيڙا توڪي هاڻي ڳجهارت ۾ ٻڌون تا. هڪ ٻيري ڪيس هن طرح ڳجهارت ڏنيسون تہ:

ٻيڙي جي ٻَڌڻ لاءِ مون ڳنڍي ڳجهارت

هيءَ ڪوئرو جي ڪهت، سالڪ سو صحيح ڪري:

ڏيٽي: **ملڪ ماڳ** ليلان، **گاه گاه** ڪري، تي **پکي** ڪرين.

پيڇي: **جهل جهل** ليلان، **ول ول** ڪري، تي **بل بل** ڪرين.

ٻيڙي هي ڳجهارت پڳي. ٻيڙو پاڻ ٻہ ڳجهارتون جوڙي تہ جيتوڻيڪ ٻُڌس اڪثر ميار رکندا آهيون تہ: 'ٻيلي اها ڳجهارت ڏهاڪن ۾ آهي. يعني تہ سهڻائي ۾ سوَن جهڙي نہ آهي.' ڳجهارت جي ڳول ۾ ٻيڙو فقير هن وقت سنڌ جي سڃاڻ ڳولينڌڙن مان آهي.

*صابح احمداڻي، وينل ڳوٺ احمداڻي لغاري تعلقو ٽنڈوباگو، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي عاشقن مان آهي. وٽس ڳجهارتون گهڻيون آهن. ڪانبڙيو پر وڏو خفتي ڳولو آهي.

ضلعو نٽو:

* الله ڏنو رَنو، وينل 'اَپلاڻن جو ڳوٺ' لڳ ڀهادي پور (تعلقو جاتي) ڳجهارتن جو وڏو شائق، شاعر ۽ ڳولو هو. سڃي عمر ڳجهارتن جي رهاڻ ۾ گذاريائين. ڳجهارتون جوڙيائين ۽ ڳجهارتن پڇڻ لاءِ مڃين، پکين وغيره جنسن جي نالن تي سهڻا بيت ٻڌائين، جي اسان کي سندس راوي دُري اوني ٻڌايا[1] . الله ڏنو 1950ع ڌاري گذاري ويو.

* پوپٽ خاصخيلي، عنايت خاصخيلي، جنڙو شاهہ سيد ٽيئي ننگر جا، ۽ پيروز مرگو (بلوچ) ڪاري جو (يعني تعلقو ميرپورساڪرو) چارئي ڳجهارت جي ڪچهريءَ جا سدا ملوڪ هئا. سگهڙ الله بخش پالاري چيو تہ منهنجون ساڻن ڪچهريون ٽيون.

* الله بخش پالاري وينل ڪوهستان تعلقو نٽو. وڏو داناءُ سگهڙ، هر ڪچهريءَ جو قابل ۽ ڳجهارتن جو ملوڪ، جنهن سان سنہ 1959ع کان وني اسان جون وڏيري ڪرن شوري جي ڳوٺ، مياڻي جي ٻيلي (تعلقو حيدرآباد) ۽ ٻين ماڳن

[1] ڏسو 'مڃين' بابت سندس بيت، صفحو 231

Gul Hayat Institute

تي ڪڇهريون ٿيون.

*ڪنڊو جتوئي، وينل ڳوٺ شيرمحمد جتوئي (جهوڪ ڪان اڳ، تعلقو ميرپور بٹورو) جنهن 15- فيبروري 1965ع تي ميرپور بٹوري ۾ اسان جي قائم ڪيل ڪڇهريءَ ۾ بهرو ورتو.

* پنيلڏو ماڇي وينل لڳ سونڊا، جنهن سان 1- آگسٽ 1962ع تي مڪلي (ننڍو) تي اسان جي ڪڇهري ٿي.

* علڻ فقير ڀٻر، وينل سال (تعلقو ننڍو) گجهارتن جو شاعر جنهن سان 7- ڊسمبر 1962ع تي نئين بارڻ واري بنگلي تي اسان جي رهاڻ ٿي. سندس پنهنجيون جوڙيل گجهارتون نهايت سهڻيون، جيڪي ڏيندو ويو ۽ هرهڪ جي آخر ۾ پئي چيائين ته: "علڻ فقير چئي."

* خدا بخش ميربحر، وينل لڳ ميرپور بٹورو. گجهارتن جي ڪڇهريءَ جي سگهڙن مان آهي.

لس ٻيلو:

* اسماعيل شاهه لس جو، گجهارت جو وڏو ملوڪ ڳولو هو ۽ سهڻا ۽ سنڌائتا ڏڪ هڻي گجهارت مارينڊو هو.

* ڪنڊو چنو، لس جو، جنهن سان اسان جي سنہ 1962ع ۾ ڪڇهري ٿي. هن وقت هو ڪراچي ۾ 'پــڑي' تي رهندڙ آهي. وٽس گهڻيون گجهارتون آهن ۽ ڪانبڑيو ڳولو ملوڪ آهي. ٻيڙي فقير ڪنيار سان گجهارتن جي ڏي- وٺ ۾ چگو مقابلو ڪيائين.

ضلعو دادو:

* جعفر ڏيرو، وينل لڳ فريدآباد (ضلعو دادو) گجهارت جو سدا ملوڪ ڳولو هو. تاريخ 4- جولاءِ 1965ع تي اسان جي ساٿس پهرين ڪڇهري خيرپورناٿن شاهه ۾ ٿي. راقم ويهارو ڪن گجهارتون ڪيس ڏنيون ۽ سپ هڪ- ٻن ڏڪن ۾ پڳائين. شڪ پيو ۽ 'چيوسون ته: 'ادا شايد تنهنجو ٻـڌل آهن.' چيائين ته: 'سائين، اوهان ڪٽي اهڙي ڏيو جا ٻـڌل نه هجي.' جعفر حقيقت ۾ گجهارت جو قابل ڳولو هو. چوندو هو ته 'گجهارت چري مبارڪي آهي، يعني ته ڳولي ڪي ڳٽتي ۾ وجهندڙ آهي، حديث تي ٻڌل نه آهي، ۽ انهيءَ ڪري نڪي هوند نڪو شڪر.' گجهارتن ۾ جعفر ڏيري جي مهارت ڪان متاثر ٿي، اسان 1958ع ۾

Gul Hayat Institute

گاجي شاهه جي ميلي (تعلقو جوهي) تي سگهڙن جي هڪ خاص ڪچهري قائم ڪئي ۽ جنهن ۾ لاڙ مان رمضان تالپر، لعلڙ خان لغاري ۽ ٻيڙي فقير ڪنيار جهڙا ڳولا مقابلي لاءِ آنداسون. وڏي ڪچهري ٿي، پر لاڙ وارن سگهڙن ٻه ميڄيو ته بيشڪ جعفر ڏيرو ڳڇهارت جو وڏو ڳولو آهي. هي سگهڙ پوءِ ستت ئي گذاري ويو.

* ميوو خان رند ۽ يوسف سيلرو وينڊل ڳوٺ فريدآباد، گاجي شاهه جي ميلي واري ڪچهريءَ ۾ جعفر ڏيري جا ساٿي هئا.

* ميرمحمد پٽ لال بخش پانڌياڻي لغاري، وينڊل واهي پانڌي (تعلقو جوهي) جنهن سان 26- جنوري 1958ع تي اسان جي پهرين ڪچهري جوهي ۾ ٿي، جڏهن سندس عمر 85 سال ڪن هئي. هر فن مولا ۽ وڏو سگهڙ هو، خاص طرح ڪيس سهڻيون ۽ گهڻيون ڳڇهارتون ياد هيون، ۽ پٽ ڳڇهارت جو سهڻو ڳولو هو. فضل بن خان محمد باگائي چانديو وينڊل واهي پانڌي، عالم خان پٽ جڙيو ٻهر (عمر 75 سال ڪن) وينڊل 8- شاخ، ۽ ميوو پٽ پريل رجباڻي پرڳڙي وينڊل 8- شاخ، اهي ٽيئي ميرمحمد خان لغاري جا ساٿي ۽ ڳڇهارتن جا چڱا سگهڙ هئا.

* قادربخش چانديو، ڳڇهارت جو ملوڪ سگهڙ جنهن سان 11- جولاءِ 1958ع تي اسان جي رهاڻ ٿي.

* ولي محمد مرياڻي وينڊل بهاولپور (تعلقو دادو)، ڳڇهارت جو وڏو ڳولو هو. چوندو هو ته ڳڇهارت ڏجي ته سُر رکي ڏجي. سندس لياقت ۽ قابليت جي خبر اسان سان ولي محمد جتوئي وينڊل ميان يارمحمد (لڳ خداآباد) ڪئي.

Gul Hayat Institute

ضلعو سانگهڙ:

* صاحب خان مري وينڊل پڙي، تعلقو سنجهورو. ڳڇهارت جو وڏو سڃاڻ سگهڙ هو. سنہ 1915ع ڌاري گذاريائين.

*غلام علي تالپر، وينڊل ڳوٺ نواب حيدر علي خان لغاري، تعلقو سنجهورو. ڳڇهارتن جي ڪچهريءَ جو ملوڪ هو.

* جاڙو خان ڪنگراڻي مري (عمر 85 سال). وينڊل ڄام ننڊو مري تعلقو سانگهڙ. هر فن مولا ۽ وڏو سگهڙ آهي. ڳڇهارتون ونس سهڻيون، گهڻيون ۽

قسمين قسمين آهن. گجھارت جي ڏيٽي توڙي وهجاٽي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

* عليم فقير مگريو، ويڻل سابو، تعلقو ڪپرو، بظاهر موحدانہ تبليغ ۾ مشغول ۽ مشهور هو، پر وڏو سگهڙ هو. خاص طرح گجھارتن جي وٽس ڪمي ڪانہ هئي. ساٺس ست- اٺ ڪچهريون ٿيون جن ۾ سهٽيون گجھارتون ڏنائين پر ڪڏهن بہ ساڳي گجھارت ٻيهر ڪانہ ڏنائين. سندس تڪيہ ڪلام هو تہ: 'ادا، پند جو ٿي ڪائي.'

* لعلڻ خان لغاري (عمر 75 سال)، ويڻل گوٺ گل محمد لغاري تعلقو شهدادپور، شاعر ۽ وڏو سڃاڻ سگهڙ آهي. ڪچهريءَ جي هر فن جي ڄاڻ اٿس. گجھارتون ڏئي توڙي ڳولي. هن وقت جي وڏن ڳولن مان آهي. گجھارت ڳولڻ لاءِ جنس وار بيت ناهيا اٿس جي هن ڪتاب جي 'ڀهرئين پاڳي' هيٺ ڏنا ويا آهن. لعلڻ خان سنا سنڌائتا ڏڪ بہ هٽي، پر جي گجھارت بيهي تہ پوءِ مٿس فوج چاڙهي، يعني تہ جنس وار شين جا نالا ڪٽي يا بيت چوي. ٻيڙو فقير ڪنيار چوندو آهي تہ: 'لعلڻ خان گجھارت لاءِ ملڻري آهي.' انهيءَ ڪري ڪو سگهڙ هوندو جو لعلڻ خان کان گجھارت ڪنهن رمز سان لکائيندو. اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون[1] تہ ڪيئن ٻيڙي فقيرڪنيار 'ڪاني' جي پائي کي لعلڻ خان کان لکائڻ لاءِ انگريزي نالو 'هاڪي' آندو، چو تہ ڪاني ڄڻ ذات لعلڻ خان کي ياد آهي. هڪ دفعي ٻيڙي فقير چيو تہ: 'لعلڻ خان کان لکائڻ لاءِ "ملڪ" 'لبنان' جي پائي سان هي گجھارت ناهي اٿم تہ:

ملڪ نہ رکان سومرا، مون کي **جر جو** ڪو مرَ چئو

يعني:

لب نان نہ رکان سومرا، مون کي **گهٽو** ڪو مرَ چئو

* بخشو خان شر، ويڻل گوٺ دليل شر، تعلقو سانگهڙ، جنهن سان گذريل ڏهن- ٻارهن سالن کان اسان جون ڪچهريون پئي ٿيون آهن. بخشو خان ڏور جو وڏو قابل ڳولو آهي. اسان جي ڪچهرين ۾ حصو وٺندي گجھارتن ڏانهن پوءِ مائل ٿيو ۽ هينئر گجھارت کي سهٽا ۽ سنڌائتا ڏڪ هٽي ڳولي ٿو.

---

[1] ڏسو مٿي، ص 66

ضلعو نوابشاهه:

ضلعي نوابشاهه ۾ ڳجهارتن جي ڪچهريءَ ۾ هيٺيان سڳهڙ نالي وارا ٿي گذريا آهن:

*اوباهيو ڏاهري، وينل ڇام صاحب، تعلقو نوابشاهه، سنہ 1925ع ڌاري گذاري ويو. جاڙي خان مري جي چوڻ موجب ڳجهارتن جي ڳول ۾ اوباهيي ماڃي جو مٽ ڪونہ هو.

* عثمان مير بحر، وينل دليل ديرو، تعلقو سڪرنڊ، پاڪستان کان اڳ گذاري ويو.

*لعل بخش شاهاڻي، وينل لڳ ڳوٺ مجيد ڪيريو، تعلقو سڪرنڊ ڳجهارت جو خفتي ڳولو هو.

* عثمان ڪٽي، وينل ڪنياريون، لڳ نوابشاهه، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جو سڳهڙ هو.

هنَ وقت علي خان سنجراڻي، وينل لڳ صابو راهو، تعلقو سڪرنڊ، ڳول ۾ لعلڻ خان لغاري جون سڪون لاهي ٿو. وارث ڪٽي وينل شهر نوابشاهه، پٽ ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي سڳهڙن مان آهي.

ضلعو خيرپور:

*قادر بخش راڄپر، وينل لڳ تالپر وڏا تعلقو ٺ ري، وڏو هر فن مولي سڳهڙ هو. 1955ع کان وني اسان جون ساٿس ڪچهريون قائم رهيون. ڳجهارتن جي ڏي- وٺ ۾ بہ ملوڪ هو. 1966ع ۾ گذاري ويو.

* علي شير جاگيراڻي، وينل لڳ ڪنبڙي، تعلقو خيرپور. وڏو داناءَ سڳهڙ ۽ هڪ لائق انسان هو. ڏور جو وڏو ڇاڻو هو، پر پوءِ اسان جي ڪچهرين ۾ حصو وٺندي ڳجهارت ۽ سينگار ڏانهن مائل ٿيو. ڳجهارتون پنهنجون جوڙي ڪڪ رکي ڏنائين جي ڪچهرين ۾ بيٺيون. 1967ع ۾ هي سڃاڻ سڳهڙ اسان کان جدا ٿي ويو.

*خدابخش ڏيپر، وينل لڳ ڪنبڙي، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي سڃاڻ سڳهڙن مان هو. 1962ع ڌاري گذاري ويو.

* سبحان شاهه، وينل سنابو، تعلقو گمبٽ. ڳجهارت جو وڏو ڳولو هو. حاجي فقير مهيسر خبر ڪئي تہ: ڳجهارت ڏڪ جهلي ويندي هئي ۽ پاڻ تڪڙو هوندو

Gul Hayat Institute

هو، تہ وري ٻئي دفعي موٽي اچي ڳجهارت ڳولیندو هو. ڪنهن ڪيس هٽ جي ناهي ڏني تہ "ذات آزار ۾ خوش" جا في الحال ڪانہ پيڳي. ڳوٺ ويو تہ گهاٽو ڏنائين ۽ موٽي اچي ڳجهارت پڳائين تہ: 'چاڪي پيڙ ۾ خوش.'

*ميوو ڦلپوٽو (عمر پنجهٺ ورهيہ) تعلقو خيرپور، هن وقت ڳجهارت جي وڏن ڳولڻ مان آهي. وٽس ڳجهارتون گهٽيون آهن ۽ پاڻ بہ ڳجهارتن جو شاعر آهي. ڳجهارت ڳولیندو تہ پاون ڪي سهڻا ۽ سنڌائتا ڏڪ هڻندو ويندو ۽ چئ ڳجهارت تي سوار ٿيو ويٺو هوندو، هن وقت ڳجهارت جي فن ۾ وڏو سڃاڻ سگهڙ آهي.

*حاجي فقير مهيسر، 'ڏور' جو شاعر آهي، پر اسان جي ڪچهرين ۾ ڳجهارت ڏانهن پڻ مائل ٿيو آهي. قدري ڳجهارت ڪي ڳولي ٿو ۽ ڪي ڳجهارتون پنهنجون بہ ڪچهرين ۾ ڏئي ٿو.

*مراد لاشاري (عمر 65 ورهيہ) وينل لڳ ڪنڊڙي، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي سمجهدار سگهڙن مان آهي. ڏيڻ لاءِ بہ وٽس ڳجهارتون جڇهيون آهن، ۽ ڳولیندو تہ بہ جانچي سهڻا ڏڪ هڻندو.

*گل بهار ڪٽي (تعلقو خيرپور) ڳجهارت جي ڪچهريءَ جي سمجهو ۽ سنجيده سگهڙن مان آهي.

* گلڻ خان جلباڻي (عمر 65 سال) تعلقو خيرپور، ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو مور آهي. سندس ويٺي ڪچهري سينگارجي ويندي. ڳجهارت ڳولیندو تہ وڏي چڙهائي سان ڳولیندو. بس ڳجهارت کي ٻکين ٻئجي ويندو ۽ منڊل مچايو بيٺو هوندو. ڳجهارت کي سندس ڏڪ لڳو ۽ پڳي تہ ٻئي هٿ اڀا ڪري 'ها' ڪندو ۽ ڪچهري تي ڇانئجي ويندو. گلڻ جلباڻي جي 'ها' مشهور آهي ۽ ڪنهن کي ڪانہ وسرندي.

ضلعو لاڑڪاڻو:

لاڑڪاڻي ضلعي ۾ اسان نسبتاً گهٽ ڪچهريون ڪيون آهن، ڳجهارتن جا نالي وارا سگهڙ جن جي اسان کي خبر آهي يا جن کي ٻين سگهڙن تسليم ڪيو آهي سي هي آهن:

* نبي بخش لاشاري گهوگهاري جو، ڳجهارت جي ڏيڻي ۽ پڇڻي جو خفتي، جنهن سان 1955ع ۾ اسان جي ڪچهري ٿي.

Gul Hayat Institute

* علي بخش لوهار، شهر قمبر جو، ڳجهارت جي وڏن سڃاڻ ڳولڻ مان هو. 1950ع ڌاري گذاري ويو.

*حاجي عيسو موچي، وينڊ رتوڪوٽ، تعلقو لاڑڪاڻو. ڳجهارت جي سگهڙن مان هو.

*احمد چانڊيو گهوگهاري جو، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جو سگهڙ هو.

ضلعو سکر:

*مولا بخش درزي شهر شڪارپور جو، ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو وڏو ملوڪ هو.

* واحد بخش شيخ، شهر شڪارپور جو. ڳجهارت جو سگهڙ هو.

* هوت موچي، شهر روهڙي جو، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جو وڏو شائق هو. ڏيڍ جو توڙي ڳول جو ملوڪ هو. سندس دم سان ئي شهر روهڙي ۾ سگهڙن جون ڪچهريون قائم هونديون هيون.

*فريد خان گڏاڻي (عمر 85 سال) وينڊ لڳ گهوٽڪي. هرفن مولئ سگهڙ ۽ ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جو پڻ ملوڪ آهي. 1955ع ڌاري اسان جي پهرين ڪچهري ساڻس ٽي ۽ ان کان پوءِ گهوٽڪي توڙي ڳوٺ گلو پتافي (تعلقو ميرپور ماٽيلو) ۾ ساڻس ڪچهريون ٿيون. فريدخان ڪچهريءَ جو مور آهي ۽ پنهنجي گفتي جي ملوڪت سان منڊل مچايو وينو هوندو آهي.

* غمڻار فقير انساڻي مهر (عمر 75 سال) وينڊ تڙ چنيسر، ديهه سُڇارو، تعلقو ميرپور ماٽيلو، شاعر ۽ هر فن مولئ سگهڙ آهي. 1960ع کان وٺي ساڻس اسان جون ڪچهريون پئي ٿيون آهن. وٽس ڳجهارتون گهٽيون ۽ سهٽيون آهن. ڳولو ۽ چگو آهي. جنسن جا بيت ياد اٿس.

* امين تڙت، ڳجهارتن جي ڪچهريءَ جي سگهڙن مان آهي. ڳوٺ گلو پتافي ۾ سردار فتح علي خان پتافي وٽ 7- مارچ 1969ع تي قائم ڪيل ڪچهريءَ ۾ امين سان اسان جي ڪچهري ٿي.

ضلعو جيڪب آباد:

جيڪب آباد ضلعي جي وڏي سگهڙ سيد شريف شاهه ۽ سهائي موچي جون پاڻ

ڀر گجهارت جون مقابلي واريون ڪچهريون هونديون هيون. سيد شريف شاهه چوندو هو ته 'بيشڪ علي بخش لوهار گجهارت جو وڏو گولو هو.'

* ماڻڪ خان لاشاري، ويندل محرابپور جمالي، تعلقو اوستوَ محمد، هرفن مولئ سگهڙ ۽ وڏو قصه خوان هو. گجهارتن جي ڪچهريءَ جو به چاڙو هو. سنه 1942ع ڌاري پنجانوي سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪيائين.

* سُهائو موچي، ويندل ميرپور برڙو، تعلقو ٽل، هرفن مولئ سگهڙ ۽ گجهارت جي ڪچهريءَ جو وڏو ڄاڙو هو.

* سيد شريف شاهه، ويندل بکرڙو، تعلقو اوستہ محمد، گجهارت جي سنڌ ملوڪ گولن مان هو. قنبر جي سگهڙ علي بخش لوهار سان سندس مقابلي واريون ڪچهريون هونديوَن هيون. گجهارت کي سهڻا ۽ سنڌائتا ڏڪ هٿندو هو. 1960ع ڌاري پنجاسي ورهيه جي ڄمار ۾ گذاري ويو.

* خاقل ٻرڙو (عمر 75 سال)، ويندل لڳ ميرپور ٻرڙو، تعلقو ٽل، هرفن مولئ سگهڙ آهي ۽ گجهارتن جي ڏي- وٺ جو به ملوڪ آهي. خاقل ڪچهريءَ جو مور آهي، ۽ گفتي جي وڍ- ڏڪ لايو ويندو هوندو.

* پنهون خان لاشاري (عمر سٺ ورهيه)، ويندل ڳوٺ سانوڻ لاشاري، تعلقو ڳڙهي خيرو، گجهارت جو خفتي گولو آهي. چوندڙ ڏڪ به هٿندو پر گهڻو ڪري ڪانبو ٻڌي گول ڪندو ۽ وڏي همت ۽ حرص سان گولیندو. سنه 1960ع کان وٺي اسان جون ساٿس ڪچهريون پئي ٿيون آهن.

ناڑي:

ناڑي (ضلعو ڪچي، قلات ڊويزن) ۾ اسان جون ڪچهريون ڊسمبر 1968ع کان شروع ٿيون. هينئن سگهڙن سان 'بيرون کيرٿر' (زمين مير شاهنواز خان شاهلياڻي جمالي) ۾ اسان جون رهاڻيون ٿيون، ۽ گجهارتن جي ڪچهري جا چڱا ڄاڙو نظر آيا.

* چنيسر خان عمراڻي، هرفن مولئ سگهڙ، گجهارت جو سدا ملوڪ گولو ۽ ناڑي جي سيني سگهڙن ۾ سرس ۽ سوايو آهي. 28- مارچ 1969ع تي اسان جي ساٿس ڪچهري ٿي.

* غلام حيدر جويو، جنهن وٽ گجهارتون گهڻيون آهن، گولڙ کان وڌيڪ ڏيڻ جو ذوق اٿس.

Gul Hayat Institute

* سومر خان مگسي، ڳڇهارتن جي ڏي- وٽ ۾ بهرو وڻندو آهي.

چولستان- رحيم يار خان (بهاولپور):

بهاولپور جي تر واري علاقي (چولستان) توڙي ضلعي رحيم يار خان ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ قومون رهن ٿيون جن ۾ ڪچهرين جو وڏو شوق آهي. انهيءَ پاڳي ۾ هوت موچي، ويڻل پُنگ تعلقو صادق آباد ڳڇهارتن جو وڏو چاٽو ۽ سهائي موچي جو استاد هو. اسان وڏي ۾ وڏي ڪچهري سنجرپور لڳ، محمدآباد ۾، جناب پير مبارڪ شاهه جي مدد ۽ مهرباني سان 5- اپريل 1965ع تي ڪئي جنهن ۾ هينيان سگهڙ ڳڇهارت جي ڪچهريءَ ۾ برڪ نظر آيا.

*لطيف شر (عمر 65 ورهيه ڪن) ويڻل ڳوٺ جنگو، ڳڇهارتن جي ڳول ۾ سيني کان ملوڪ هو.

*دين محمد مهر (عمر 60 ورهيه ڪن) ويڻل بيگ مهر، تعلقو صادق آباد، وٽ گهٽيون ڳڇهارتون هيون جي ڪچهريءَ ۾ ڏنائين.

*صالح محمد شيخ (عمر 30 سال) ويڻل ٽبي، نوجوان سگهڙ جنهن ڳڇهارتن جي ڏي- وٽ ۾ گهٽو بهرو ورتو.

فن ڳڇهارت جي اهميت ۽ افاديت:

ڳڇهارت ادب ۽ ثقافت، لغت ۽ حڪمت (دانائي) جي ڳوڙهي رهاڻ آهي. ڳڇهارت بابت مخدوم محمد زمان صاحب جي هي راءِ بالڪل صحيح ۽ وزندار آهي ته: "ڳڇهارت جيئن سنڌي ۾ آهي اهڙيءَ طرح ڪنهن ٻيءَ زبان ۾ شايد ئي هجي" ۽ "ڳڇهارت کي سنڌي ادب جي جان ڪٽي چئجي.... ته بيجا نه ٿيندو"[1] . اسان واضح ڪري چڪا آهيون ته تجنيس ۽ تلميح ڳڇهارت جا به مکيه پهلو آهن: اهي جڏ به ٿنيا آهن جن تي ڳڇهارت جي اڏاوت ٿيل آهي، يا به پر آهن جن سان ڳڇهارت اڏامي ٿي. معاني ۽ بديع جي لحاظ سان تجنيس ۽ تلميح جون صنعتون خاص اهميت رکن ٿيون. بيشڪ ڳڇهارت هڪ نهايت ڳوڙهو ۽ شاندار فن آهي، ۽ سنڌي علم ادب جو هڪ اهم ۽ نتيجي خيز سرمايو آهي. ڳڇهارتون

---

[1] مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ: "سنڌي سلوڪ ۾ ڳڇهارت"، نئين زندگي، اپريل 1951ع.

Gul Hayat Institute

عوامي ڪچهرين جي سونهن ۽ سگهڙن جي وندر ورونهن جو ذريعو پئي رهيون آهن. اهو گجهارتن جي اهميت ۽ افاديت جو نمايان مگر هڪ پهلو آهن. گجهارتون عام تعليم ۽ تربيت جو هڪ مؤثر ذريعو آهن جن سان هڪ ته تاريخي واقعن ۽ قصن، نينهن جي نياپن ۽ ڏوراپن، سلوڪ ۽ نصيحت جي گفتن، بلڪ زندگي جي هر شعبي بابت دانائيءَ جي نڪتن جي پرک پروڙ ۽ واقفيت حاصل ٿئي ٿي، ۽ ٻيو ته گجهارت ڏيڻ ۽ گولڻ سان سوچ ۽ ويچار جي ذهني مشق ٿئي ٿي ۽ سنڌي لغت جي ڇاڻ وڌي ٿي.

هن ڪتاب جي پهرين ٽن بابن هيٺ[1] ڏنل گجهارتن مان معلوم ٿيندو ته ڪيترين ئي گجهارتون قدرت جي ڪارنامن، قديم قصن، ۽ مختلف تاريخي واقعن تي سٽيل آهن، جن سان معلومات وڌي ٿي، ۽ اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته سنڌ جي سگهڙن جي ڇاڻ جو دائرو ڪيترو نه وسيع هو جو گذريل دؤر جي ڪيترن ئي انوکن اهجاڻن تي گجهارتون سٽيائون. سندن اها تاريخي ڇاڻ بخت نصر ۽ بني اسرائيل ۽ سڪندراعظم جي اهجاڻن کان وٺي ويندي هن دؤر جي تاريخي واقعن تائين پهچي ٿي. ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جڏهن ڪچ تي ڪاهه ڪئي تڏهن 'جهاري' جي ٽڪر تي جنگ لڳي جنهن ۾ پيمجي جاڙيجو بهادري سان وڙهيو پر مارجي ويو. ڪنهن سگهڙ هڪ بيت چيو ته:

ٻُڌ ٻُجهيئي وڃ ۾ انوري اٽڪيا پيمجي جهارو ملهائيو مُڙيو نه ماڳا

انهيءَ ٽاڪي تي گجهارت آهي ته:

نرنان ذاتين سين مال جن تي پوک جا ڪيا

يعني: **پيمجي جاڙيجن سين ٽڪرن تي ڳاهه ڪيا**

ٻي هڪ گجهارت آهي ته:

'شهرئون نارنان آئي، فقير ڏي ويئي

يعني: نيرون- ٿون نابينا آئي، سرفراز ڏي ويئي.

هن گجهارت ۾ شهر نيرون (حيدرآباد) ۽ سرفراز جو نالو ڪنيل آهي، ۽ ٿي سگهي ٿو ته هن گجهارت جو تعلق ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دؤر جي

---

[1] ص ص 283- 306

ڪنهن واقعي سان هجي. اهو واقعو وسري ڇڪو آهي پر ڳجهارت ان جي اهجاڻ ڪي محفوظ رکيو آهي.

ڪن ڳجهارتن ۾ ڪن ڪهڻن قصن ۽ ڪهاڻين جا اهجاڻ سمايل آهن، جن جي ذريعي انهن قصن ۽ ڪهاڻين بابت معلومات ۾ اضافو ٿئي ٿو. مثلاً 'ڪان سجان' بابت ڪهاڻيون هلندڙ آهن، پر هيڻين ڳجهارت مان معلوم ٿئي ٿو ته 'ڪان سجان' پٽ هو 'سجي ڪارياڻي' جو:

اي ميان **نرنان**! نہ تون **نرنان** جهليندين نہ **پنهنجو** پليندين،
هو **نارنان پنهنجي** سکيو، جو **نرنان** چنيو، **نرنان** ڪري،
تنهن ڪي **نرنان** ڪيئن **پنهنجو ڪندو**.

(نرنان= سجي ڪارياڻي، نرنان= ڪان سجان، پنهنجو= پٽ، نارنان = چگي، پنهنجي= ڪار، نرنان= ميهار> هار، نرنان= گلدار> گل ڌار، نرنان= خاوند، پنهنجو ڪرڻ= صبر ڪرڻ> ڪمڻ> ڪمندو).

اي ميان سجي ڪارياڻي! نہ تون ڪان سجان جهليندين نہ پٽ پليندين
هو چگي ڪار سکيو، جو هار چنيو، گل ڌار ڪري
تنهن کي خاوند ڪيئن ڪمندو!

'ممتاز ۽ ماه طلعت' جي افساني بابت ڳجهارت آهي ته:

ساز وڄي **نرنان** جاڳي، **نارنان** ڪاڻي،
مرڏنگ وڄي **ممتاز** جاڳي، **ماه طلعت** ڪاڻي.

هيڻيون ڳجهارتون عمر- مارئي جي قصي جي ڪن ٽاڻن کي روشن ڪن ٿيون. عام روايت آهي ته 'ڦوڳ' **وڄي** عمر سومري کي چوري چاڙهيو هو، پر هيڻينءَ ڳجهارت ۾ جڪري نالي چغل جو نالو ڪنيل آهي.

ميڃي ڪاڃ ڪيو، نہ ته عمر **نالو** ئي نہ.
(ميڃي= جڪري> جڪري، ڪاڃ= جونو> جوڻ، نالو= اڇو)
يعني: جڪري جوڻ ڪيو، نہ ته عمر اڇو ئي نہ.

بادشاهه عمر سومرو عادل هو جنهن ڪاب خيانت نہ ڪئي ۽ مارئي کي امانت سمجهي پنهنجن مائٽن ڏانهن موڪلائين. انهيءَ حقيقت تي هيڻين ڳجهارت

Gul Hayat Institute

شاهد آهي ته:

عمر **شهر** کانہ، وئـــي **شهر** ساڻ مارئي.

يعني: عمر **جو هي** کانہ، وئي **امان** ساڻ مارئي.

قصن ۾ کهاڻين کان سواءِ گجهارتون زندگي جي هر شعبي تي ستيل آهن: بزم ۾ رزم، محبت ۾ مجاز، سلوڪ ۾ دانائي ۾ روزمره جا تجربا ۽ احساسات مڙيئي گجهارتن جو موضوع ۽ مضمون بنيا آهن، جن جي پهڻ پروڙڻ سان عقل ۾ اضافو ٿئي ٿو. مثلاً سورهيائي ۽ بهادري جي اهجاڻن بابت هينئين گجهارت اثر آميز آهي:

لوهہ جا لڳن، **پکي** ڇپن، **نرنـــان** اڇيو **ان جا** ٿين

يعني: **کان** لڳن، **کانئر** ڇپن، **سورهيہ** اڇيو **ٽکر** ٿين

هينئين گجهارت پڻ جنگنامي جي آهي ته:

هـــو جـــي **پـــکـــي** آئيا، ڪري **ڪپڑا** وات

اڇي پڇياڻون **رات**، ته **نالا جنگ جا** ڪٽي؟

يعني ته: هـــو جي **گجهون** آئيون ڪـــري **گاڑهـا** وات

اڇي پڇياڻون **پريات**، ته **محب مار اڻا** ڪٽي؟

محبت ۽ مجاز جي مضمون ۾ هينئون گجهارتون دلپذير آهن:

ڪپڑي دل عجيب، **ان جي** مور نہ ٿئي.

يعني: **رلـــي** دل عجيب، **پـــلـــي** مـــور نہ ٿئي.

نالو تو وٽ ناهي، **آءٌ ڪاڇ جي** ڇا ڪريان.

يعني: **محبت** تو وٽ ناهي، آءٌ **ٽکي** ڇا ڪريان.

Gul Hayat Institute

تڙ لڳن جيڏيون، جو **مرد** نہ مڪائون

انهن کي آئون، مـــن **ڳهہ** لڳي آهيان!

(تڙ= ڪيهي (نالو ڳوٺ يا تڙ جو)، مرد (جو نالو)= سلام، ڳهہ= ڪڙي).

ڪيهي لڳن جيڏيون، جو سلام نہ مڪائون

انهن کـــي آئون، مـــن ڪـــڙي لڳي آهيان!

محبت جي مضمون ۾ قدرت جي نظاري جي گجهارت آهي ته:

نالا آيا نالن وٽ کي وکر جون ونڻ

(نالا= پونئر، نالن= گلن. وکر= سَنا، وکر جون= سنائون > واسنائون)

پونئر آيا گلن، وٽ کي واسنائون ونڻ.

روزمره جي زندگي ۾ باهمي تعلق ۽ لڳ لاڳاپي بابت گجهارت آهي ته:

بولي کجي ان کي جيکو بولي کري
جيکو بولي نہ کري، تنهن کي بولي چا کجي!

يعني: **عرض کجي ان کي جيکو غرض کري**
جيکو غرض نہ کري تنهن کي عرض چا کجي!

سلوڪ ۽ توکل جي موضوع تي گجهارت آهي ته:

الله **ذات** آهي، **نوکر** اٿس ئي کونہ، پر جي **نالو** ٿئي.

(ذات= ڏيٹو> ڏئي ٿو، نوکر= کمي، نالو= راضي)

يعني: الله ڏئي ٿو، کمي اٿس ئي کانہ، پر جي راضي ٿئي.

تاريخي واقعن ۽ قصن کهاڻين جي ٽاڻن، رزم ۽ بزم جي اهجاڻن، ۽ روزمره جي زندگي جي مختلف شعبن بابت معنوي نُڪتن ۽ نزاکتن جي آئيني کان سواءِ، گجهارت سنڌي لغت جو خزانو بلڪ سانچو آهي، جنهن ۾ انوکا لفظ پيا اٽلن پٽلن ۽ نئين سر سموهجي استعمال ٿين. بيشڪ گجهارت سنڌي لغت جي کاڻ جي کوٽائي جي هڪ نهايت مؤثر مگر پيچيده کَل آهي، جنهن مدت مديد کان پئي انوکن لفظن ۽ محاورن جي هيرن ۽ لعلن کي کوٽيو، ونڊيو ۽ چمکايو آهي. هن فن جي ذريعي سنڌي لغات جي ڇڄ- گهڙ ۽ وڌ- ٽڪ سان سنڌي ٻولي جو نت نئون مواد اُجرندو رهي ٿو. ۽ انهيءَ صيقل گيريءَ سان سنڌي لغت جو سرمايو وڌيڪ پختو ۽ پائيدار ٿيندو رهي ٿو.

روايتي رنگ ۾ گجهارتن کي گولڻ لاءِ لغت جي وڏي سرمايي ۽ سامان جي ضرورت آهي. جنس جنس جا نالا ۽ ٻولي جا انوکا انوکا الفاظ 'پاون' جي پوش ۾ ڏکجن ٿا، جن جي گولڻ ۽ کولڻ لاءِ لغت جي جهان ۽ جنسار تي نظر رکڻي آهي. 'گجهارت جي پيڙي' خاطر سگهڙن جيکو سنڌي لغت جو خزانو کوليو ۽ ڦوليو آهي، تنهن جو اندازو قدري هن کتاب جي 'پهرئين پاگي' مان

Gul Hayat Institute

ڪري سگهجي ٿو. شين جي هر جنس ۽ صنف، ۽ ڳالهه جي هر تاڻي ۽ اهجاڻ متعلق سنڌي لفظن جو ذخيرو وڏو وسيع آهي، جنهن جو اندازو فقط اهوئي ڪري سگهندو جنهن گجهارت ڳولي هوندي. ڪنهن لفظ يا معنيٰ جي ڄاڻ جي باوجود، جڏهن ماڻهو هم معنيٰ لفظ يا معنوي تاڻي جي تلاش ڪري ٿو تہ سنڌي لغات ۾ مترادفات ۽ متعلقات جو ميدان ايڏو وسيع لڳي ٿو جو ۾ يانئجي تہ پهچڻ ڏيٽي ڪانهي. سنہ 1950ع ۾ ڪراچي شهر (صدر) ۾ مرحوم سليمان بُري جي ڊيري (ڪير مکڻ جي دڪان) تي هڪ ڪچهري ٿي جنهن ۾ هڪ سگهڙ (جنهن جو نالو ياد نہ رهيو آهي) گجهارتون ڳولينديو هر جنس جي لفظن ۽ نالن جا انبار لائي تي ڇڏيا. ڪيس ڏي آڻ پهريون ڀيرو سنڌي لغت جي وسعت کان نهايت متاثر ٿيس. ان موقعي تي کنهن هي گجهارت ڏني تہ:

جنڊ جي ليلان ڪونئرو حاڪيماڻو ڏي.

مون کي فوراً خيال آيو تہ: 'جنڊ' (چڪي) متعلق نالا محدود آهن ۽ گجهارت جو پائو 'جنڊي جي' آهي جو ويتر جنڊ متعلق لفظن کي محدود ڪري ٿو. هاڻي ڏسان تہ سگهڙ 'جنڊ جي' لحاظ سان ڪهڙا لفظ ٿو ڪڍي! اهو خيال ڪري آڻ پنو پينسل تيار ڪري ويٺس، ۽ هن سگهڙ جيڪي لفظ ڀئي چيا سي تڪڙا تڪڙا لکندو ويس حالانڪ سڀ لکي ڪونہ سگهيس. ان وقت جي اِها يادداشت هن طرح آهي: جنڊ جي= ڳري، ڳاري، ٻُڪي، هلڪي، ڳوري، ڪَٽي، رَتي، سوڙهه، جهٽ- پٽ، گهُمري، ٻُهاري، ڪوسڙي، ڪاني، ڪَهي، چِٽي، موڙي، ڦيري، اَٻتي، سبتي، هَٽي، اڏاڻي، جوٽي، اڏاڻي، اڪڙي، تڙي، لوڏ، اُهوڙَ، ليڪ، وٽ، پَٽي، مڪڙي، هينئن، مٽين، ڪُمر، ماڻ، گني، پيني، لِتي، نند، ڳهر، اوجهراڻي، نائي، ڪَڻ، لپ، مٽ، ڪاڻي، ڦُٽي، ڦاٽي، ڦِٽي، ٽڪري، ڪڪري، جهري، پڳي، زخمي، اُسوئي (اُس ۾ ڇڏڻ)، بَجهه، تاڻي، مُڪائي، چڪي.... پر انهن ڏکن تي گجهارت نہ پڳي، ۽ آخرڪار 'گهرڪي' تي پڳي. جنڊ جي 'گهرڪي' ۽ حاڪيماڻو (يعني حاڪم جو) 'اَمن'. يعني:

گهُرڪي ليلان، 'ڪونئرو امن ڏي.'

Gul Hayat Institute

انهن لفظن بڌڻ کان اڳ، وهم گمان ۾ ئي نڪتي آيو ته کو 'جنڊ جي' متعلق بہ ڪي ايترا لفظ سنڌي ۾ موجود آهن. گجهارتن ذريعي اسان کي سنڌي لغت جا اٿڻا ته انوکا لفظ معلوم ٿيا آهن جن جي اڳ خبر ئي ڪانہ هئي. مثلاً مومل راڻي جي گجهارت آهي ته:

هڏو ڏنئي ته گاهہ نہ کيئي.

هڏو 'کوشڪ' ۽ گاهہ 'ڪوتڪ' آهي. ڪوتڪ گاهہ ته معلوم آهي پر اهو معلوم نہ هو ته کو وَهہ يا مِڪ واري هڏي کي 'ڪوشڪ' چئبو آهي. مومل (يا کو ٻيو) راڻي کي ٽو چوي ته، ڪٽ تي ٻہ گڏ ستل ڏسي ڪنهن ۾ کوشڪ ڏنو هئي ته ڏڪ هڏي کي تڪ (ٽڪرا) نہ ڪيئي:

کوشڪ ڏنئي ته کي تڪ نہ ڪيئي.

لعلڻ خان لغاري گجهارت جو وڏو ڳولو آهي ۽ لفظن جو وٽس پرپور خزانو آهي. سنہ 1956ع ۾ پير حسن بخش جي ميلي تي (ڊٺڙو، تعلقو شهدادپور) اسان ادبي محفل ڪئي جنهن ۾ گجهارتن جي ڪچهري هلي. ٻيڙي فقير ڪنيار ان موقعي تي هيٺين گجهارت لعلڻ خان کي ڏني ته:

عمر انهيءَ جاءِ تي مارو مون لاءِ **ڪاڻي ذات** ڪن.

لعلڻ خان وٽ ڪاڻي ڪاڻي جي ذات هڪ بيت ۾ بڌل آهي. لعلڻ خان بيت ڇيو ۽ ٻيا ٻہ 'ڪاڻي' جا گهٽا ڏڪ هنيا پر گجهارت ڪانہ پڳي. ٻيڙي فقير لِڪ خاطر ڪنيارن جي ڏنڊي مان 'اڏهڻي' نالي ڪاڻي گجهارت ۾ آندي هئي. 'اڏهڻي' يا 'ڏَڪ' اها ڪاڻي آهي جا ڪنيار وڏن ڏانوَن (ماڻي، مٽ يا دِلي) کي ٽپي پورو ڪري، زمين تي رکڻ وقت اندرين پاسي کان ايُي ٽيڪ طور ڏيندا آهن تہ ڏانو پنهنجو پاڻ جهلي ايُو ٽي ٻيهي. هر ڏانو کي گهٽ ۾ گهٽ ٻہ اڏهڻيون ايندیون. گجهارت جي پاوَن جي لحاظ سان، ڪاڻي= اڏهڻي> او + ڏهاڻي، ذات جا= گهمرا. مارئي تي عمر کي چوي ته:

'عمر انهيءَ جاءِ تي مارو مون لاءِ او ڏهاڻي گهمراکن'

انوکن لفظن کان سواءِ، اصطلاح ۽ محاورا پڻ گجهارتن ۾ سموهيل آهن. مثلاً زماني جي حالات بابت گجهارت آهي ته:

Gul Hayat Institute

شهر لڳو ماڻهو ذات ٿيا

يعني: سن لڳو ماڻهن ساڻ مٽيا

ذات جا 'سامٽيا'، 'سن لڳڻ' يعني 'چوڏهين سن جو اچڻ'. سنڌ تي انگريزن جي قبضي ۾ تالپورن اميرن جي حڪومت جي پڇاڙي ۽ آزادي جي خاتمي سان، ملڪ ۾ پنهنجي راج رسم موجب فيصلا نبيرا ختم ٿي ويا ۽ نوان قاعدا قانون رائج ٿيا. 1259ھ ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ ايندڙ چاليهن سالن ۾ سندن تسلط پورو ڄمي ويو. يعني ته سنہ 1300ھ بعد، چوڏهين سن (صدي) جي شروعات سان اهو نئون اثر نمايان طور نظر اچڻ لڳو، جنهن جو احساس سنڌ جي عوام کي شدت سان ٿيو ۽ چوڏهين سن کي نندياڻون ۽ شڪ جي نگاهه سان ڏٺائون. سگهڙن ان جو اظهار مٽين ڳجهارت ذريعي ڪيو.

مواد جي سهيڙ ۽ ترتيب:

پهريون اديب جنهن هن اعليٰ فن جي افاديت محسوس ڪئي سو هو ڪوڙومل چندنمل ڪلٽاٽي، جنهن سنہ 1888ع کان اڳ (اندازاً 87- 1885ع وارن سالن ۾) ڳجهارتون گڏ ڪرڻ شروع ڪيون ۽ هن موضوع تي ڪتابڙو مرتب ڪيائين. تاريخ 1- جنوري 1888ع تي ان ڪتابڙي جو ديباچو لکيائين، جنهن ۾ چوي ٿو ته:

"سنڌ ۾ گهٽن ماڻهن کي خصوصن پهراڙيءَ ۾ ڳجهارتن جو ڏاڍو شوق آهي. رڳو اٽڪل ۽ دهقاني ماڻهو، پر بعضي وڏا ماڻهو به ڳجهارتن سان اهڙيءَ طرح دل وندرائيندا آهن جيئن چوٻڙ يا پتن جي راند سان. ميلن ملاکڙن ۾ گهٽا ڳجهارتي اچي گڏ ٿين تا ته اتي کي شوقين ماڻهو سڄيون راتيون انهيءَ وندر ۾ گذارين. گهٽن ماڻهن چيم ته ڳجهارتون گڏ ڪري ڇپايو ته چڱو ۽ مون پاڻ به ڏٺو ته ماڻهو اٽڪل ۽ دهقاني سڏجن تا سي ڪيئن پنهنجو عقل ويڙهائين ۽ خيال دوڙائين تا ۽ پاڻ وندرائين تا سا ڳالهه ته ڳجهارتن مان معلوم ٿئي ٿي، پر انهن ۾ گهٽا نوان نوان لفظ تا ڏسجن، تنهنڪري جي گڏ ڪري ڇپائيبون ته سنڌيءَ جي به ڪجهه واڌ ٿيندي، پوءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ضلعن ۾ گهمندي انهن جي گڏ ڪرڻ ۾ پيس."

Sindhi Hayat Institute

اهڑيءَ طرح هن سڃاڻ اديب گجهارتن جي اهميت محسوس ڪري حيدرآباد ۾ ڪراچي ضلعن مان پنج سؤ گجهارتون گڏ ڪيون. جن مان چونڊ ڪري ٽي سؤ ٽيهٺ گجهارتون سرن وار مرتب ڪري انهن جي پيڙي ۾ مطلب سميت "سنڌي گجهارتون" نالي ڪتابڙي ۾ ڇپايائين[1] .

انهيءَ ساڳئي دؤر ۾ سنڌ جو هڪ وڏو سڃاڻ سگهڙ رمضان فقير وادو (ذات جو لاکو وينل پنجمورو تعلقو هالا) ساماٹو، جنهن سنڌي سگهڙپائي جي هر فن ۾ طبع آزمائي ڪئي. هو پاڻ سگهڙ شاعر هو، جنهن پنهنجون گجهارتون جوڙيون جن مان اڪثر منظوم هجڻ ڪري سگهوئي سگهڙن ۾ عام مشهور ٿي ويون. رمضان فقير اهي گجهارتون هڪ جدا ڪتابڙي ۾ مرتب ڪيون جو هن فن ۾ پهرئين تصنيف آهي، ۽ هن وقت قلمي صورت ۾ موجود آهي. اهڑيءَ طرح ٻئي ڪنهن سگهڙ گجهارتون گڏ ڪيون جي آڪاڏو هريسنگ (سکر) ۽ پوڪرداس (شڪارپور) ڪتب فروش طرفان شايع ٿيون. پاڪستاني دؤر ۾ محترم عبدالڪريم سنديلي ڪتاب 'وينجهار' ۾ هڪ باب گجهارتن تي لکيو ۽ گجهارتون درج ڪيون، ۽ پوءِ مرحوم عبدالحسين شاهه موسوي پنهنجي ڪتاب 'سرهاڻ' ۾ گجهارتون درج ڪيون. انهن مڙني ڪوششن ۾ ڪوڙيمل جي ڪوشش سڀ کان اول ۽ اهم هئي.

مٿيان ڇاڻايل ٻه پهريان ذخيرا گجهارتن جي هن ڪتاب مرتب ڪرڻ وقت اسان کي نه ملي سگهيا. اسان سنڌون سڏو سگهڙن وٽان مواد ميڙيو. 1951ع کان 1956ع واري عرصي ۾ اسان پنهنجي ذوق شوق سان مختلف ماڳن تي ڪچهريون ڪندي ڪافي گجهارتون گڏ ڪيون، ۽ سنه 1957ع ۾ جڏهن بورڊ طرفان "لوڪ ادب تجويز" منظور ٿي ته اسان هن تجويز هيٺ گجهارتن بابت جدا هڪ خاص ڪتاب رٿيو ۽ تعلقيوار ڪارڪنن کي هدايتون ڏنيون ته گجهارتون گڏ ڪري موڪلين. اهڑيءَ طرح ڪنهن حد تائين سنڌ جي هرياڳي ۽ ضلعي مان گجهارتن جو مواد دستياب ٿيو.

جڏهن اهو مواد مرڪزي آفيس ۾ پهچڻ لڳو ۽ زير مطالع آيو ته بنده

---

[1] اسان جي آڏو هن وقت سنه 1901ع وارو چاپو آهي جو "قيصريه پريس حيدرآباد سنڌ" مان شايع ٿيو. ٿي سگهي ٿو ته ان کان به اڳ ڪو چاپو شايع ٿيو هجي.

راقم محسوس ڪيو تہ ڳجهارت هڪ نهايت ڳوڙهو فن آهي ۽ جيسيتائين آءٌ بذات خود هن فن کان پوريءَ طرح واقف نہ ٿيندس تيسيتائين 'لوڪ ادب تجويز' جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ ڳجهارتن جي ڪتاب کي ڪماحقہ مرتب نہ ڪري سگهندس. انهيءَ ڪري جيتوڻيڪ ڳجهارتن سان اٽس اڳ هو مگر 1958ع کان ونئي هڪ طالب علم جي حيثيت ۾ ڳجهارت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيم ۽ ٽن سالن (1958- 1960ع) جي عرصي اندر ڪچهرين ۾ سگهڙن سان ڏي- وٺ ڪندي، ڳجهارتن جو مطالعو پختو ٿيو. ڳجهارت ڳولڻ توڙي پنهنجي طرفان ڳجهارت ٺاهڻ جي لياقت پيدا ٿي. ٻيڙي فقير ڪنيار کي، جو اڳ ڏور جو سگهڙ هو، ڳجهارت جو شوق ڏياري پنهنجي ذاتي ڪچهرين ۾ رفيق بنايو ويو، جنهنڪري ڳجهارتن ۾ ڏي- وٺ جي مشق ٿيندي رهي ۽ سنہ 1960ع تائين فن ڳجهارت جي هرپهلوءَ جي پوري پرک پروڙ پئجي ويئي.

انهيءَ ڪوشش ۽ ڪشالي بعد سنہ 1961ع ۾ ڳجهارتن جي مواد جي چڪاس ۽ چندڇاڻ تي توجهہ ڏنو ويو. پنهنجي ذاتي ميڙسيڙ سميت ڏهن هزارن کان وڌيڪ ڳجهارتون قلمبند ٿيل مواد ۾ ڪٽيون ٿيون. ڪيتريون ئي ساڳيون ڳجهارتون جداجدا ڪارڪنن کان لکجي آيون ۽ پڻ ڪي ساڳيون ڳجهارتون جزوي ڦيرگهير سان لکجي آيون. اهڙين ڳجهارتن کي پيٽي هڪ قابل قبول ڳجهارت قائم ڪئي وئي. انهيءَ چند ڇاڻ بعد اندازاً پنج هزار ڪن مستقل ڳجهارتون وڃي ٻيٽيون جن تي تنقيدي نگاهہ وجهڻ سان ڪي اڻپوريون، ڪي غير معياري ۽ ڪي مبهم نظر آيون جن کي ڇڏي باقي صافي طور 2674 ڳجهارتون هن ڪتاب لاءِ چونڊيون ويون جي متن ۾ شامل آهن. مطالعي ۽ پيٽ سان معلوم ٿيندو تہ هن ذخيري ۾ ڪوڙيمل جي ڪتاب واريون توڙي ٻيون پوءِ شايع ٿيل اڪثر ڳجهارتون (قدري روايتن جي اختلاف سان) اچي ويون آهن. سگهڙ رمضان وادي جون ڪي ڳجهارتون پڻ سگهڙن وٽان مليون جي هن ذخيري ۾ شامل آهن.

فن ڳجهارت جي اعليٰ معيار جي لحاظ سان هن ذخيري ۾ اجان بہ ڪيتريون ئي ڪچيون ڪڪيون ڳجهارتون موجود آهن، پر اسان عمداً ۽ ارادتاً

Gul Hayat Institute

اهي شامل ڪيون انهيءَ لاءِ تہ جنهن دؤر ۾ هيءُ گجهارتون گڏ ڪيون ويون انهيءَ ۾ گجهارتن جي ڏي- وٺ جو جيڪو چالامان هو تنهن جو قدري صحيح اندازو ڪري سگهجي. انهيءَ لحاظ سان هن ڪتاب ۾ گجهارتن جو شامل مواد موجوده عام روايتي رنگ جو آئينو آهي.

گجهارتن جي هيڏي وسيع مواد کي سهٽي ترتيب ڏيڻ هڪ اٽانگو ڪم هو. اسان اول 'گجهارتن جي ڀيٽي' واري مواد کي ڪتاب جي 'پهرئين پاڳي' هيٺ 'پاون' جي لحاظ سان 'الف- بي وار' مرتب ڪيو آهي، انهيءَ لاءِ تہ جنهن بہ 'پائي' جي ڀيٽي جو مطالعو ڪرڻو هجي ان کي آساني سان لهي سگهجي. خود گجهارتن کي انهن جي ڀيٽين سميت ڪتاب جي 'ٻئي پاڳي' ۾ سُر وار ڪري رکيو ويو آهي: مختلف سُرن هيٺ هرهڪ داستان (سسئي- پنهون، عمر- مارئي وغيره وغَيره) جي شروع کان آخر تائين گالهہ جي مکيہ ٽاڻن ۽ اهجاڻن جي سلسلي موجب گجهارتن کي مرتب ڪيو ويو آهي. انهيءَ سلسليوار سٽاءِ ۽ ترتيب سان اميد تہ هيءُ ڪتاب گجهارتن جي مطالعي لاءِ مفيد ثابت ٿيندو.

ڪوئيٽا ن.ب.

4- سيپٽمبر 1969ع

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

متن

گجهارتون- 1

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

پاڳو پهريون

گجھارتن جي پيڙي

گجھارت جي 'پائي' ۾ لڪل نالي وڻڻ يا انهيءَ نالي کي واءُ لڳڻ سان گجھارت پڇي پوندي، تنهنڪري سگھڙ ۽ گولا، اکٽر نالن جون ڪنڊيون پاڻ وٽ ياد رکندا آهن. انهيءَ ترڪيب سان گجھارت وسئون وڃائيندا پڇي ڪاڻ سگھندي آهي، جيئن ته گجھارت جي 'گولڙ' ڏکي آهي، تنهنڪري سگھڙن نه فقط جداجدا جنسن جي نالن ياد ڪرڻ تي ڏيان ڏنو پر هنن انهن نالن کي آسانيءَ سان ياد ڪرڻ لاءِ بيت جوڙيا، ته گجھارت کي گولڙ ۾ سولائي ٿئي. هن پاڳي ۾ گجھارت جي مشهور ڇاڻن جي زباني قلمبند ڪيل نثر توڙي نظم جي ڪنڊين کي شامل ڪيو ويو آهي.

گجھارتن جا 'پاوا' بن قسمن جا آهن، (1) نالا يا اسم ۽ (2) نالن جو صفتون. نالن ۾ ماڻهن، ذاتين، ساهوارن، جيتن، پکين، گاهن، پوکن ۽ شهرن وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا، صفن ۾ "جا"، "جو"، "جون"، ۽ "جي" اچي وڃن ٿا، مثلا "اُب جا"، "گاهه جو"، "جَر جون" ۽ "اڪ جي"، انهن پاون جي پيڙيءَ جون ڪنڊيون پڙ انهيءَ سلسلي موجب ترتيب ڏيئي رکيون ويون آهن. پيڙي يا ٻول جو "بيت" آخر ۾ ڏنو ويو آهي. اهو سمجھڻ ضروري آهي ته ڪنهن ٻه 'پائي' بابت چيل "بيت" ۾ انهيءَ پائي جا نالا توڙي صفتون اچي وڃن ٿيون، مثلاً "اُپ" تي چيل بيت ۾ نه صرف "اپ" جا نالا اچي وڃن ٿا، مگر اُپ جون صفتون توڙي فضائي شيون شامل آهن.

Gul Hayat Institute

آسانيءَ خاطر مُک پاوا، عنوان طور 'الف- بي' وار رکيا ويا آهن ته پڙهندڙ سولائيءَ سان ڪنهن ٻه 'پائي' جي پيڙي معلوم ڪري سگھي. شروعات 'الف' سان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ اُپ، اڌ سڌ، اک، اکر مڪيہ پاوا آهن، اهڙيءَ طرح 'بي' ۾ وري انهيءَ اکر سان شروع ٿيندڙ 'مُک پاوا' ساڳي ترتيب موجب ڏنا ويا آهن. ظاهر آهي ته هن پاڳي ۾ گجھارتن جا سيئي 'پاوا' ۽ انهن جون پيڙيون شامل نه آهن، صرف اهي 'مُک پاوا' ۽ انهن جون پيڙيون سگھڙن وٽان وقت سر ملي سگھيون، سي شامل ڪيون ويون آهن.

اُپ

1. اُپ جا نالا: آسمان، آڪاس، عرش.

2. اُپ جا: تارا، تيڙو، ستارا، لُڏا، گرهه، ڏينهن، اُپريا، لٽا، لڙيا، ڪڪر، بادل، وسڪارا، طبقَ، اولا، ڳڙا، گولا، نڪتَ، ڇوها.

3. اُپ جو: نڪتُ، عڪس، وهائو، وڇون، پٽون، ڪوهه، ٽنگر، قطب، سج، چند، زحل، مشتري، زهرو، منڊل، جهُڙ، وڏُر اوهيرو، مينهن، وسڪارو، چمڪات، نڪاءُ، ڏڪاءُ، ڪوهيرو، جهولو، طوفان، لُڙ، نيرو، پِنو، وُڻو، ڏانگڙو، مينگهه، ملهارُ.

4. اُپ جون: ڪتيون، راسيون، راتيون، پينگهون، ماريون، ڇاتو، ڦڙيون، ملهارون، اوريڪون، هوائون، اُلهيون، هرڙ ڪڏيون، نوايون، پيڙيون، ڪيڙَ رُون، منيون.

5. اُپ جي: ڪُنڊي، ڪٽ، رُوءِ، وڇ، اِندلڻ، برسات، بارش، بوند، گوڙ، ڪنوڙ، بجلي، ڪارَ، جهڪ، پِني، اوريڪ، هوا، لُڪَ، لڪَ، سردي، چِتَ، گرمي، واڇَ، ڪاراڻ، لَس، ڪڪري، واڏَري، ماڪَ، پولارَ، تترڪرڙي، ڳاڙهاڻ، ساوَڪ، وَس، صفائي، انڌوڪار.

6. اُپ جو بيت[1]

ساراهيان سچو ڏٽي، جو صاحب رب ستار چوان،
سانوڻ، سورج، سهڻو سارنگ، ميرُون، ميگهه ملار چوان،
ڪڪر، ڪارَپ، قمر، چند، چانڊوڪي، چهروڇار، چوان،
ٽيڙُو، مُنيون، مينهن، مَلارو، ڪتي، قطب، ڪاڙهو، ڪار چوان،
آڪر، آڙنگ، اُپريو، ڪنڊي، ڪٽي، حوت، دلو دلدار چوان،
لاٽ، لڙاٽ، نڪٽ، نيرو، پيسرو، پارو، ماڪ، وُني مهندار چوان.

---

[1] چيل لعلڻ خان پٽ علي بخش پٽ جيئندو، پاڙو سنجراڻي لغاري، ويڻل ڳوٺ گل محمد لغاري لڳ استيشن سرهاري تعلقو شهدادپور. اندازاً سنہ 1895ع ڌاري ڄائو، سندس وڏا اصل ديري غازي خان جا ويڻل هئا، پوءِ لڏي اچي ڳوٺ غلام شاهه لڳ سڪرنڊ ۾ وينا، پر دريا ۽ جي پائڌ ڪري لعلڻ خان لڏي ناناڻي ڳوٺ گل محمد لغاريءَ ۾ ويڻو ۽ شادي به اتي ئي ڪيائين. سندس ڪلام جو گهڻو حصو سرائڪيءَ ۾ آهي، جو حمل فقير جي تتبع ۾ چيو اتس. يوسف زليخا ۽ هير رانجها جا قصا پڻ ناهيا اتس. هن ڏور ۽ گجهارت جو به وڏو ڀاڻو آهي.

رَڻي رَڻ، رنگ، روشنائي، جھولا، جھڪون ڏار چوان، چنبا، ڦڙا، چاتون، چوھا چروُن، جوزا، قوس قندار چوان، جھٽ، ڦُٽ، جھالون، لس، لڏڙا، ڳڙا، ڳار چوڏار چوان، برف، بجلي، بوند، بھاري، بادل، برسيو، اندلٽ يار انڌار چوان، آيٽ اُپريو، چوٽڪا، چاندني، سڄ اُتر سردار چوان، تاءُ تکو تجلو تارو، برسات، رُوھي، بھار چوان، عرش قرش، آسمان، اوھيرا، وڇون، واٽ وسڪار چوان، مچلو، ڪٽ، ڪنوٽ، گل، گوڙيون، پِني، پينگھ پلار چوان، بارش، بار، بحر جو چمڪو، پيڄ پلي پٽڪار چوان، ڪاڙھو، ڪماٽيو، ڪھڪشان، جھمڪو، جھڙ ڦُٽ، جھلڪو ڏار چوان، صاف صفائي، مينھن ملھائي، اُپريو، لٽو آر چوان، گاج گجگوڙ، اوتر، انڌاري، ليڪون، لھريون، پيسرو پلتار چوان، ٽاڏل، ٽڏڪارو، چمڪار، چنگارو، ڪاڙھا ڪارونيار چوان، انڌو ڪار آيو، وڇ وسايو، چوھو سو چٽڪار چوان، لطف ڪجاءِ تون "لعٽ" تي، صاحب رب ستار چوان.

اَڏ سڏ

1. او، اي، اڙي، اَئي، ڙي، ھيٺ، ڦيٺ، ٻڙي.

اک

1. اک (اکيون): ڪاريون، ڪجليون، سھڻيون، چٽيون، ڪاڻيون، جڏيون، ٽيڏيون، شيريون، ڪُنڊيون، نماڻيون.

2. اک جا: اوجاڳا، اِشارا، ڦيرَ تارا، پنبڻ، چپر، تُنرا، نھين وار.

3. اک جو: ڏُنڊ، ڦُلو، وَھڻ، اُٽڻ، سڃڻ، چٽو، ڏيان، اِشارو، نظر، شرم، آرام، اوجاڳو، ناز، تجلو، نخرو، پاڻي، پورڻ، پٽڻ، حياءُ، وسڻ، لڳڻ، ٻڌڻ.

4. اک جون: ماڻڪيون، گھورون، نظرون، پٽيون، پوريون.

5. اک جي: نظر، چائي، سوچ، نند، ماڻڪي، لَڄ، گھورَ نگاھ، اُونگھ، چمڪ، اُٽي، رائي، آنڙي، لڳي، پوري، يٽي، پنڌ، چالي، اُگھي، ٻوٽي، ڳاڙھي، ڪاري، ٻِچي.

اکر

1. اکر (اکرن جا نالا): الف، بي، زي، لام، واو، ڙڙو، ممو.

2. اکر جا: نقطا، ٽپڪا.

3. اکر جو: اَنگ، وَٽ، لکيو، پيشُ، حرف، باب، صحيح، غلط، ڪارو، وڏو، ننڍو، سنهو، ٿلهو.

4. اکر جون: اعرابون، صورتون، نشانيون.

5. اکر جي: اڻي، زير، زبر، شد، مد، جزم.

اَن

1. اَن (انن جا نالا): ساريون، ڪٽڪ، چانور، ٻاجهر، حوٺ، ڪلٽ، ڪاٽي، گرگلو، آڇڙي، جاڙي، جوَ، پُرٽ، سائون، ڪرنگهه، مڪائي، مڪٽي، چٽا، متر، مانهه، سار، مُگَ، ترَ، ڪُنڊي.

2. اَن جا: ڏوڏا، ڪاسا، ٽوپا، ڪڏا، ڪوهرَ، سوئا، ڳارا، پکوڙا، ٻيجا، داڻا، چِلا، ياندا، ڪرا، گندا، ڦُلا، ڪوڪلا، ڪونڪلا، ڪيڏَ، پيليا، تُهه، پوڪيا.

3. اَن جو: آڌارڻ، ڏوڏو، اڳهه، مڻ، خرار، ٽوپو، ڪاسو، ماپارو، جيءُ، پت، ڏارو، ڪڏو، آپون، ڪرو، اَڏو، ميدو، ڳارو، ٻُڪ، چونڊو، لابارو، چُنو، وِرو، ابواب، ٻوهو، تهه، ڪِيڙُ، اَڏاڻ، بوسو، چاڻُ، سنگ، ياگو، داڻو، ڪٽو، ڪيرو، ڪوڙ، ڊِڳُ، ڪانو، رَس، ٻوڙو، ٻورو، وِڪرو، چرون، ڏَڪ، ڏريو.

4. اَن جون: راهون، ڪاهيون، ملهون، ٻوريون، پليون، گنديون، سيون، پهٽيون، ڪوڙيون، منيون، پريون، ڏاڻيون، ڪرهيون، رڪون، ٻڪيون، رَيون، ساريون.

5. اَن جي: وائُر، چڙَ، چنڊ، پاڻي، چوٽائي، رک، ماني، ڪچڙي، پوري، ڪُٽي، تُهي، ٻُري، ٻِٽَ، تري، پَلي، گُندي، پلهه، لَپ، ڪنڊ، آگر، ڪلڪائي، تاري، ڳاهي، هل، پُڳ، پرپَ، ساڌي چال، سيرڪي، تورَ، ڏري، توتڙ، ڪتر، ٻُڪي، واڌائي، دَڙ، ڪرهي، چاٽي، ڏڏڙي، ڏڏري، بکيا، پيڙي، گهاٽي، ڪاسڪي، اگهي، مُٺ، سٽي، ڊِڳي، ڪاهي، ٻوري.

Gul Hayat Institute

6. اَن جو بيت ●

ساراهيان سچو ڏٽي، جو صاحب رب ستار چوان،
اَن اُپاري، آوَت ناهي، تون ميڙ مُڱن جي هار چوان،
کيرو، کوڙي، کرو ناهي، کر کو رڙ ڪٽا ڏار چوان،
راهه کوئن ريڙهي رک تون، کر مانهه، منڙ جي ڏار چوان،
ميو، ماڻ، مهري، مُکري، کر چنگي، چپٽي ڏار چوان،
چهنبي، چُرون، چُوري، چانور، چٽو، چِلو، چُوريو يار چوان،
چاٽو، چاٽي، چوکا، چنگالي، سنگ، صفائي، کر وائر جي وسکار چوان،
کَڏا، کير، کنبي، کاسو، ڏڙو، تُوتڙ ڏار چوان،
پَل پلي، پُڻ پاڻي، پيٽوپيهون کر پکو، پليٽ ڏار چوان،
اچو آپُون، آڏ، اَنو کر ڏارو، پليٽ ڏار چوان،
ڍڳ، بُسري، پُکي، بُهاري، کر بُر پيجنو هار چوان،
قُلو قُکو، قرڙيو، کر ڍڳي، قانبي ڍار چوان،
قکي، قوڳر، قُلو، قَکو، پِڙي، پَٽي، کر چڙچنبڙ چاٽي ڏار چوان،
توتڙ، لپون، ليڑا ناهي کر يور، پانبڙ پري تار چوان،
ڳَس، ڳير، ڳچ، يور، پُڳڙو، کر کُٽي اگهه اپار چوان،
چُوري، چوٽائي، چِلو، چُنو، پيجو، بِج، بُهار چوان،
سيرا، سَيون، چيٽا، چپٽي، کر کوهه، کهڙو ڏار چوان،
ناپو، نانگلي، ساريون، سڳداسي، کر ڏاٽا، چنگالي ڏار چوان،
چَٽون، چَلَر، ناڙي، نگر، کر کهڙو ڪٽکي جوار چوان،
ڳاڙهي، اچڑي، کِلڙ کوڙا، بکيا بازيگر ڏار چوان،
ڪٽي، کانهين، کيرو، خاشو، ماپ، مَيو، مُگ، منڊاٽي، چونرا ڏار چوان،
اڏ، اَوهاندا، اوڙو، اچڑي، اُسري، ايکڙ، اڏويه آڏار چوان،
آڏائون، انگور، اور، اُسري، اَهُر، آڳاٽي، آوَت، آلو ڏار چوان،
اگهه آهلي، آپون، اڳياڙي، بند بيلاکي، بَگ، بازيگر ڏار چوان،
بص، بوکڙو، بُلِ بيهي، بُهه، باراني، بجر بوسي ڏار چوان،
تِر، توتڙ، تماڪ، توري، تَس، تَسيو، تُنبي تار چوان،

● چيل لعلڙ خان لغاري، سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيه ص84 هن بيت ۾ نه فقط "ان" پر "پوک" به شامل آهي.

Gul Hayat Institute

تک، ترائي، توريو، تُري، تُوريون، تُهه، تِيلا ڏار چوان،
سُکي، سڙي، سهنور ساڻ سنيالي، ساوَک، سُٽري ڏار چوان،
سائي، سائون، ساريون، سنگت، سوءِ، سنڈو، سُئا سار چوان،
سلو، سرنهه، سِٽي، سنيالو، سهاڳ، سونگڙي، سير سڏار چوان،
سيهو سهيڙي، جوهر جوئر جي، جانچي جاتون ڏار چوان،
جريب، جاڙي، هاري، هر، هڪلي، حصو، هنداڻو هار چوان،
کڙو، کڙکي، کيڙي، کرڙو، کيرو، کلڻ، کئي، کنياڻي ڏار چوان،
کاڏ کڏوٽي، کَس، کار، کوڙو، کرو، کُتون، کرو ڏار چوان،
کوٽيا، کهنبڙي، کوڙي، کنڊي، کَهُري، کاڇو ڏار چوان،
دَڙي، داڻا، دَن، دَنگ، ديرو، ريج، رجائج ڏار چوان،
روت، رُوٽي، ريهڙ، رتي، رُلي، رک، راهون ڏار چوان،
رنگ، ريڙي، رونبو، رسي، رچائي، ديکڻ ڏار چوان،
زيان، ضايع، ذوق، زَردو، زينت، ضابطو زردار چوان،
قرڙي قُٽي، ڪو، قرسو، قُلاڙي، قريون، قار چوان،
قوڳ، قولاريو، قندڻي، قاکو، کيڙ، کُچي، کل کار چوان،
کاڻي، کريلو، کتي، کارَپ، کرنگ، کنگڻي، کُماڻي ڏار چران،
کَرڙي، کُتر، کڏک، کهڻو، کانگڙو، کٽا، کُهڙي ڏار چوان،
کانو، کَکي، کسي، کانگڙي، کَجهي، کِري، کَڏا ڏار چوان،
کَڙَپ، کانهين، کانگڙ، کُرٽي، کورڙ، کاشني کار چوان،
کُکَ، کنار، کاسو، کُڙمي، گوگهم، گدرو، گلزار چوان،
کرنگ، کَڙيا، کُنڊي، ککڙا، کڙيا، کاشني، کارچوان.
گڏو گُدام، گجر، گلڙا، گوبي، گُڏ، گاهه، گُري، کر گُوار چوان،
لاهي، لٽي، لوسڻ، لوڙهو، لَپ، لوٽک، لابارو لار چوان،
لوڙهه، لائين، لسي، لينون، لائي، لُٽي، لٽ ڏار چوان،
گڏي، گوگڙو مُهري، منڊاڻي، مور، مُکري، مانهن، متر، مگ، ڏارچوان،
مُهڙ، مکڻي، مانجهر، موري، سُنون، مَڏ، ميها ڏار چوان،
مند، مهلو، مُنديي، مرلي، موڙ، ميندي، ميٽي، مرچون ڏار چوان،
منڙي، مرهي، مکئي، مليرڙو، موٺ، ملهو، منهن ڏار چوان،

Gul Hayat Institute

ميڙهه، منگهو ماڄ، ميڙي، ناڙو، نانگلي، نائڪو ڏار چوان،
ناڙي، نايو، نسري، نهوَرَ، ناڙو، نُڪرو، نار چوان،
ننديِ، نپائي، وَلهه، واڙِي، وَنگو، ويرو، سو وَڻون ويچار چوان،
واگُٽ، واهسي، وٽ، ورهائي، ونبدي، ٻارو ڏار چوان،
وڏي، وَلر، وَلار، وائڙو، وائر، وَڏَ، ووٽاني، وسڪار چوان،
ٻارا، ٻنا، ٻاري، ٻيلنگهه، ٻوڙا، ٻوچڙ، ٻيجو، ٻج ٻُهار چوان،
ٻورُ، ٻاجهري، ٻٽالو، ٻوڙو، ٻُڪي، ٻيلهَ ٻاٽي ڏار چوان،
ٻهراري، ٻاٽي، پَن، پوٽا، پيهي، پٽهه، پپوري پار چوان،
پَڪي، پوک، پچائي، پونجها، پاچاٽي، پالڪ، پتا پار چوان،
پَد، پيتل، پاڙو، پڑي، پٽي، پوٽو، پتي، پلي، پَل ڏار چوان،
پچور، پاٽي، پگر، پڪسي، پياري، پوري، پري، يل ڏار چوان،
پينبدي، پاڪ، پيلي، پاگو، نري، نيڑي، نوڙهي ڏار چوان،
نَسپ، ناهي، ماڻ، ميو، ٽُڪون، ٽيڑي، ڍڳي، ڍارا، ڏار چوان،
ڍهلي، ڍوري، ڍَڪي، ڍاڪو سا ڍَهل ڏار چوان،
ڍُپ، ڍٽي، ڍاهي، ڍاڳ، سٽي، سنيالو، ڪانبو، ڪٽي ڏار چوان،
تَڪ، تور، ڪَس، ڪهنبڑي، ڪارَپ، ڪاٽي ڏار چوان،
چوپ، چوپو، چوٽڪ، چيڑُ، چانور، چيڙو، چري، ڏار چوان،
چَٽو، چُنگي، چيٽ، چتي، ڳلچير، ڳنو، ڳر ڏار چوان،
ڳوڙها، ڳپل، ڳلي، ڳنڍو، ڪنڊي، ڪمائي ڏار چوان،
ڇاهان، ڇاٽو، ڇلي، ڇٽ، ڇُلنگي، بجر بار چوان،
ڳيي، ڳني، ڪيٽ، ڪَرو، ڪڏوتي، ڪري، ڏري، ڪُٽ ڏار چوان،
گهاٽ، گهاٽي، گهٽي، گهمرو، گهيرو، گُٽ، ڪنياٽي يار چوان،
ساڻ، صفائي، ڏيڍا، ڏنگر، ڍاڳ، ڏَني، ڍڳ ڏار چوان،
لطف ڪجاءِ تون "لعلٽ" چئي، ڪلمون قلب قرار چوان.

اوزار

1. اوزار (اوزارن جا نالا) پاڪي، ڪتر، ڪينچي، نڪچڙو، نهرڻ، مشين، واهولو، ڪارائي، رَندو، گونيا، رنبي، ماهيچو، پٽاس، سيراهي، ڪمان، ڪشو، هٿوڑو، برمون، ڪهاڙو، رَوات، ٽڪوري، ڪرٽ، اَنبوري، سنبو، سانسي، پنوس، ڦيرٽي، سُئي، ليول، گرمٽ، مسطر، وٽنل.

Gul Hayat Institute

باهه

1. باهه (باهه جا نالا) هيرو، آگ، آتش، آڑاهه.

2. باهه جا: اُڏمان، اگر، آرڻ، سيرَڻ، اوگها، ٽانڊا، چلها، تجلا، ٽمڪا، اُهاوا، سڙيا، ٻريا، دونهان.

3. باهه جو: ٽانڊو، ڪامڻ، سڙيو، تئو، سيڪ، پڙڪو، پڙڪو، مچُ، پيڙ، دونهون، سمون، اگَرَ، جاڳتو، ڪوئلو، ٻرڻ، ڏَڳڻ، دَونڪڻ، وسامڻ، ٻرڻ، پچڻ، وکوڙڻ، ونڊ، لڳڻ، مچڻ، ڪامڻ، جلڻ، پکڙڻ، ڦوڪڻ، ٽمڪڻ، رس، سڙڻ، تجلو، اوجيسُ، سوجهرو، اوجاس، چُلهو، ڪلُ.

4. باهه جون: اُماڙيون، ڏياڻيون، دونهيون، ڇيڙيون، سڙيون، رکون، چمڪيون، ٽمڪيون، جليون، ٻُريون، ٽانڊيون، ڪاڻيون، پڙڪيون، پيڪيون، چريون، چلهيون، تجليون، پکلون، اُجهايون، ڪاميون، وسامِيون، تيزيون.

5. باهه جي: نوسات، چرَ، لات، ڇيي، گرمي، چٽنگ، چوانتي، چار، چاري، ڪيري، رکَ، ڦلهير، دُکي، جامڪي، ڏَنوَڻ، ڏمڻ، بَڻي، بالي، اُجهائي، دُونهي، ٽانڊي، ٽمڪي، ڦلهيار، سڙي، چَري، ڪاڻي، اُماڙي، ٻاري، سڙيل، پکل.

6. باهه جو بيت ●

سارا هيان سچو ڏٺي جو صاحب رب ستار چوان،
آڑهه، اُلا عشق اتاريا، چوانتي، چٽنگ لڳي چوڏار چوان،
آس، الانبو، آتش، آگ، اُيري، ٻاري، ٻارڻ يار چوان،
پيڙ ٻاهيون، پڙڪي، چاهيون، ٿهڪو، ڪيري ڪار چوان،
بجلي، تجلي، ٻارڻ، پڙڪو، چٽڪو، چٽڪي چوڏار چوان،
تؤ، تک، تپش، ٽانڊو، ٿهڪو، ڪوئلو، اگر ڪار چوان،
دَري، دوزخ، ڏانڊ، داغ، دليون تي، ڏيو، چراغي ڏار چُوان،
چٽڪي، چلهه، چري ٻيو چِخو، چاهه، لڳي چوڏار چوان،
چرخ، چمني، ڏايو، ڏاري، ٻنيو، اُيارو ٻار چوان،
سيڪ، سوجهرو، رمز روشنائي، چاڻي، ڇيي چر، ڏار چوان،

● چيل لعلڻ خان لغاري جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه ص 84.

Gul Hayat Institute

شر، شور، شمع، ٻيوشاهي تجلو، تتي، ڪوسي ڪر ڏار چوان، جهلو، جهڙڪو، گهمرو، گهيرو، جوش، جليو جنسار چوان، ڪُهڻ، ڪوسو، ٻني، ٻيرو، ڏُنڀ، ڏُنب، ڏريو ڏُهڪار چوان، ساڙي، ساڻ، اُماڻ، اپارو، اويس، لاڻون، لوهه لغار چوان، اُهاڻ، آگر، شعاع، شاهي، ڦلي، ڦوڪ، ڦرڪٽي چار چوان، ڪڏ، ڪورو، ڪام، ڪوڙي، ٻيو ڏُونهن ڏکي دلدار چوان، اگر، اماڙي، چاٽي، چيرو، مچ مچايا من تي ڏار چوان، لطف ڪجاڻ تون "لعلڻ" چئي، ڪلمون قلب قرار چئوان.

ٻار

1. ٻار (ٻار جا نالا) ڪڪو، ڇوڪرو، ننڍڙو، لاڏلو، معصوم.

2. ٻار جو (ٻاراڻو): ڏُتو، ڏُٽپو، اَنگل، آرو، لاڏُ، ڪوڏُ، هيجُ، روئڻ، رُسڻ، روسامو، رَهلو، چوٽيءَ ڏک.

3. ٻار جي (ٻاراڻي): ٻولي، پوتي، چَٽ، ڪينچل، ويهڪ، لوڏ، وندر، وَهي، رَهلي.

ٻولي

1. ٻولي (لفظ ۽ ٻولين جا نالا) ماڻ، ڪر، لات، ڪل، خوشي، زاري، ڪڏهن ڪڏهن، والار، رڙ، ٻهڪ، منٽ، ها، اڇو، وڇو، نه، پٽڪو، آواز، ڪُٽڪو، گيت، بيت، راڳ، رڳڙو، رهلو، ڏُسڪو، ڳالهايو، مني، گهوڙا، آزي، ڪري، سچي، گت، لاڙي، پوش، جواب، مرو، ڪئي، نيٺ، ويڳاڻي، مسڪيني، ٽَر، چني، دُور، سمجهائي، مت، ڪرو، چو، چڱي، بد، هاڻ، چني، مرڳو، دوزخ، بهشت، پند، مون، تون، آڻ، اسين، ڪو، ناڪار، جيڏانهن، ڪوبه، نڪو، ڪيڏانهن، جٽ ڪٽ، لقب، مانُ، مهڙ، ستر، صبر، ساجاهه، شاباس، آفرين، جس، بيشڪ، شايد، لاشڪ، آهين، ووءِ ووءِ، جيءُ، هُون هُون، وٽ پڪڙ، هاها، پشتو، انگريزي، ٻوڙي، چيني، اُردو، سنڌي، سرائڪي، عربي، شاستري، گرمکي، ڪلداني، يوناني، دکني، پهاڙي، بلوچي، مرهٽي، گجراتي، ڪانياواڙي، ڪيچي، لاڙي، اُترادي، ڏاڻي، ٽرئي، پنجابي، بنگالي، روسي، جرمني، ولائتي، جاپاني، هندستاني، هندي، ملتاني.

Gul Hayat Institute

پيڙي

1. پيڙي (پيڙيءَ جا نالا): ڏونڊي، بَتيلو، ڪنڊي، پيڙي.

2. پيڙيءَ جا: ڏڪا، دڪا، پورَ لها، لوڏا، هاڪاريا، ڪنڊا، ناڪٽا، سونها، ملاحَ، مهاڙا، مَيربحرَ رَسا.

3. پيڙيءَ جو: سهاڳ، سانگهارو، ڳڙهه، سِڙهه، ونجهه، ناڪئو، مهاڙو، ميربحر، هاڪاريو، سونهون، ڪنڊو، پور، ترڙ.

4. پيڙيءَ جون: مڏيون، سانگاهيون.

5. پيڙيءَ جي: سانگاهه، ڪاني.

6. پيڙيءَ جو بيت ●

ساراهيان سچو ڏڻي، جو صاحب رب ستار چوان،
سرڪنڊ، س، سهاڳ، ساڙ، سير، سيما، قلمي، سا ڪنار چوان،
ڪشتي، ڪاهي، ڪوها، تنيا، ڳهمرا، ڳهيرا، ڳهاڙ خمار چوان،
ٽپَ، نشان، تري، تانگهو، لڪ، لهواري، لار چوان،
چڪ، چُڻي، چوهي، چاهڙي، چندا، چلڪا ڏار چوان،
اُچلَ، اُٽلي، آڪهه، پاڳهه، ڏُگڙي، ڏُونگي، ڏونڊي ڏار چوان،
تنبو، ترهو، تار، تري پئي، رَنڊ، روڪ، رواني، رَسَ ڏار چوان،
چپوُ، چونڪ، چلڻ، چانئڪا، چرخي، چڙهي ڏار چوان،
سنگهر، ميڙهه، صفائي، سگهائي، تڙ، طالبو تار چوان،
موڙ، ملاح، مرڪ، مهاڙا، لڪ، لانگها، لار چوان،
لوڏا، لمان، لهريون، لڪڙا، ليٽوُن، تختا، ڦرها ڏار چوان،
وَڪڙ، وَرَ، ونجهه، ورائي، وَلو، ويڙا، موسالي ڏار چوان،
جهل جهنڊا، جهانڪا، جهوڙا، ڦاتل ڦيرا ڏار چوان،
لڙهي لهواري، آئي اوياري، پلي ٽيلهو پار چوان،
ڏڪا ڏوڙا، پاڇل، پتڻ، وَنجهه، منهڙو وار چوان،
پور، پيتل، بيرق، باري، پٽي، پاري، ڪنڊيءَ لڳ ڪنار چوان،
بحر، بتيلا، گُرزا، گوشا، گهلي، گتي گار چوان،
لطف ڪجان تون "لعلڻ" تي، صاحب رب ستار چوان.

● چيل لعلڻ خان لغاري جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه ص 84.

ٻيلي

1. ٻيلي (ٻيلين جا نالا): نفر، نوڪر، ٻانهو، غلام، گولو، خادم، ٻچير، ڪمي، خدمتگار.

يَـٽ

1. پٽ جو (پٽڪو): نقل، نظير، ناچ، گيت، سُر، راڳ، ڏوهيڙو، ڏوهو.
2. پٽ جي (پٽڪي): پر، ٻولي، پوشاڪ، ڳالهه، ڪهاڻي.

پِـٽَ

1. پٽ جو: ڳاٽُ، پوچاندو، ڳارو، پاسو، لنگهه، لاهه، تونڪ.
2. پٽ جي: پِر، چوٽي، واٽ.

پنگ

1. پنگ جو: ڏَندو، ڪوندو، صافو، نشو، ترو، خمار، گهوٽو، جوڳُ.
2. پنگ جي: چُڪي، سُرڪي، چپٽي، چاٽي، پيتي، گهوٽي.

تـاجـي

1. تاجي (تاجيءَ جا قسم): چِـدبي، گهاٽي، اوچو.

تـارو

1. تارو (تارن جا نالا): وهائو، يَـڻون، قطب، ڪندو، ڪتيون، ڪوهه، ڪٽ، نڪٽ، ساتيرو، ٽيڙو، پچر.

Gul Hayat Institute

تـڙ

1. تڙ (تڙن جا نالا): قـڻ، ڳجهو، ڪيهي، ڏنگو، ڏنـگ، ساماروَ، ڪارو، ڪارو، منڻ، ٻاڙو، ڪچو، پڪو.
2. تڙ جا: وارا، ڪونا، دڪا، لوٽا، ڦيرا.
3. تڙ جو: وارو، ڪونو، نَهو، ڍنو، دڪو، نارُ ڪوس، اُڏمو، ڏَڪ، رئو، رندو، تارُ چن، لوٽو، ڦيرو، ٽپ، رسو، چڪُ، آنهن، گهيرو، گهمرو، آرُ.
4. تڙ جون: چونڪيون، ڦرٽيون، پوٽيون، نِـڪون، ورتون اوڙڪيون.
5. تڙ جي: رندِ، ڳجهه، ويساهه، سارڙ، ڪُـهڙ، ناهه، واري، ڏنـگ، جاڪ، وَرت، چونڪي، پونري، چرخي، چڙهي، مُـٺ، ڏوري، چِـڪ، پِـڪَ،

نڪ، پاڳ، رٽ، نيس، مالھ، چڪ، ٻڌ، سرڪي، س، روڙ، منجڙ، ڪرڪ، اُونھ، وَڻ.

ٽر

1. ٽر جو: رڙ، پنڊ، ٽري، ڪشالو، پيچرو.
2. ٽر جي: چٽي، ڪنڊي، ڪسَ، ڪنار، ڳنڊي، واري.

ٽڪر

1. ٽڪر جا: دلا، ڪوندا، ڪونرا، نارا، نيسارا، گھڙا، لوٽا.
2. ٽڪر جو: نارو، نيسارو، ڪنگر، لوٽو، مٽ، دِلو، ڊَڪڙ، ڪونرو، طباق، ڪوندو، حقو، طسُ، ڪُنو، گھڙو، ڊيو، ٽيو.
3. ٽڪر جون: دليون، دانگيون، گھڑيون، پاٽيون، ڦيلھيون، چلون، نادیون، نيلون.
4. ٽڪر جي: نيل، نيس، دلي، ماٽي، دانگي، گھڑي، پاٽ، ڦيلھي، گھاگھر، گھگھي، سر، ڪواري، اَڪري، دڪي، جمني، سٽڪ، ٽوپي، جندي، ڳنر، پيالي، نادي، چَل.

پاراتو

1. پاراتو: وڍيو، ٻريو، پٽيو، سڑيو، ڪُنو، ماريو، مُئو.

پَٽُ (ريشم)

1. پٽ: ڳاڙھو، اڇو، اُڇو، ريشم، ڪارو.
2. پٽ جا: ٽورڙ، دُڪا، پريا، سنھان، ٽلھا، ڊورا، اوگار، واپار، دوڪان.
3. پٽ جو: سڳو، ڊورو، دُڪو، رنگ، سنھون، ٽلھو، پرت، چوڑ، ھنڍائڙ، ڪپڑو، اوبرو، وَينڊ.
4. پٽ جون: تندون، ھاڪون، ڊوريون، رسيون، ڍھيون، چڑيون، موڙٽيون، ڪونيون، بدڑيون.
5. پٽ جي: تند، ڊور، لونگي، تور، ڪسائي، پڪائي.

Gul Hayat Institute

پَٽ

1. پَٽ (پٽ جا نالا): زمين، ڌرتي، پُون.
2. پَٽ جا: پنڌَ، ميدانَ، ملاکڙا، گذر.
3. پَٽ جو: وَسيو، رڻ، پاسو، تلسر، پڌرو، نُل، طرف، پاڳو، گهارو، نمبر، ايڪڙ، جريبُ، ويسو، پارو، رستو، دنگُ.
4. پَٽ جون: پيٽيون، لاهيون، چاڙهيون.
5. پَٽ جي: واري، نگاهه، زيل، ڏنڊ، ڏوري، هيناهين، مٿاهين، ڪڇ، آڏ، چونڪڙي، ڪيڙي، سرَ، اوپڙ.
6. پَٽ جو بيت •

ساراهيان سچو ڏڻي، جو صاحب رب ستار چوان،
اڻ، اُڇل، ايڪڙ، اوساري، آڏ، اُوهاندو، اوچي ڏار چوان،
اَروگو، آڙو، اُپاري، بيل، بوڙيندبو، بند بهار چوان،
بُڻ، پنجهو، بنگلو، بار، بيحد، تُوڪ، تراهي تار چوان،
تَرتَڪ، تربت، تنوُر تاکي، طول، ترو، سکي، سرنگهه سنيار چوان،
سُڄ، صفائي، صُفو، سنڊو، سونهين سرسائي ڏار چوان،
سخت، سلامي، سڙڪ، سامي، سيري، جاءِ، جارو ڏار چوان،
جَڪ، جريب، جَد، هاري، هر، هيناهين ڏار چوان،
حَب، هاڙهو، ڪرڪ، ڪرڙو، کوهي، کاڌ، کاٽي ڏار چوان،
کُڏي، کهاڏو، کورو، کيل، کوهر، کاٽو، کيڙي ڏار چوان،
کوڙ، کوٻو، کڏو، کنڊي، کرو، کهري ڏار چوان،
کاڻ، کپو، کڙو، دڙو، دِکي، دور، ديوال ڏار چوان،
دَنگ، دَبالَٽ، ديرو، دز، دڳ، دوفان، دکو ڏار چوان،
جنبَ، جائي، زِنب، ذَرو، راهه، رستو، ريهڙ، ريتي ڏار چوان،
رَئي، رائو، ريج، ريٽ، روهه، رَهڙي، روڙو، راڳو ڏار چوان،
ريگڙو، راڦو، رَند، روُٽي، سامي، سوڙهي ڏار چوان،
شاهد، شڪي، گُڏي، گاڏو، گِسر، گيهل، گوز، گارو، ڏار چوان،

• چيل لعلڻ خان لغاري جو، سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيو ص 89 هن بيت ۾ نه فقط "پَٽ" پر "مِٽي" به شامل آهي.

Gul Hayat Institute

گَرڙ، گَپ، گَندي، گولو، گورا گل، گون، گھرو ڏار چوان،
کَنڊي، کناروَ، کيرو، کڙيو، کسي، کوٽ، کنگرا ڏار چوان،
کپر، کوني، کپو، کل، کن، کيڙ کيري ڏار چوان،
کوپ، کچي، کُنب، قالب، کوس، کربل ڏار چوان،
ڦوٽون، ڦوڙي، ڦات، ڦلهاريو، ڦُلي، ڦُٽي ڏار چوان،
لَٽ، ليٽ، لوڙهه، لَک، ليکو، لَت، لپو، ليڙو ڏار چوان،
لٽڻ، ليپو، مارنگ، محلو، موڙي، متاهين، مارو ڏار چوان،
مَاڙي، مُنارا، مٽي، ميٽ، ميدان، نار، نيشان ڏار چوان،
وَرق، واهي، وَکُ، ويرو، وَٽ، واٽ، وَر ڏار چوان،
وَڍ، واڍڻ، واري، ويران، وسون، وڻکار چوان،
هيٽ، هوهاري، هنو، هارو، هنجرو هاري ڏار چوان،
هکي، هنڊ، هُهرَ، هوڏ، هکي، هنڊ، هيڇرو پٽ ڏار چوان،
پوسل، پستي، پيتل، پاڙو، پڑي، پٽي، پنوڙو پار چوان،
پنڊ، پٽيون، پور، پوئڙ، پهَ، پلي، پوڙي ڏار چوان،
پلي، پورَ پتر، پاڏ، پگ، پٽون، پيڙ، پڏو پني ڏار چوان،
ڪچ، وڇ، وَٽ، وسيو، رڻ، رُڄ، ڏار چوان،
نُلهه، ناهه، نري، ناک، نُکرو، نُک، نار ڏار چوان،
ٽر، ٽاک، ٽاٽا، تلها، ڏوڻ، ڏلهو، ڏار ڏار چوان،
ڏري، ڏرو، ڏاهي، ڏادي، ڏور، ڏار ڏار چوان،
ڊلي، ڊَک، ڊوري، ڊڳ، ڊڳي، ڊاسُڙ، ڊانءِ، ڊپ ڏار چوان،
چک، چوٽي، چکڻ، چنبو، چاڙي، چلهه، چري، چارو ڏار چوان،
چوپو، چٽي، چيکي، چپٽي، چرون، چلها چوڏار چوان،
چکي، چيري، کاٽي، کوٽي، چنپ، چاٽو، چار چوان،
چوري، چن، چن، چت، چندو، چاري ڏار چوان،
کهاڏو، کڏو، کاٽي، کار، کري، واهه، واهڙ ڏار چوان،
ڏوڙ، ڏُهڙ، ڏمک، ڊڳ، ڊوري، ڊَک، ڊڳي ڏار چوان،
گهٽ، گهارو، گهيڙ، ڏوڻ، ڏلهو، گهور، گهر ڏار چوان،
کامون، کوڙي، بَر، بيابان، بندر، آنهن، تلاءِ ڏار چوان،
لطف کرين تون "لعلڻ" تي، صاحب رب ستار چوان.

Gul Hayat Institute

پساري

1. پساريءَ جو (پسارڪو): وڪر، علاج، دڪان، هٽ.
2. پساريءَ جي (پسارڪي): پُڙي، ڦَڪي، سُتي، ٻُڪي، دوا.

پنڪي

1. پڪي (پڪين جا نالا): هڪ هڙيو، ٻيو ٻاٽيڙ، ٽي ٽپڪڻ، چوٽون چتون، پنجون پاريهل، ڇهين ڇپڪڻ، ستون سانهن، اٺون اونار، نائون، نغارون، ڏهون ڏاريو، يارهون روهل، ٻارهون ٻوهاڙ، تيرهون تتر، چوڏهون چاڪر، پندرهون پيٽ، سورهون سانباهو، سترهون سوڙنگ، اَرڙهون آڙي، اوڻيهون عقاب، ويهون وهيو[1]. پاريهو، طوطو، ٻوڙي، جهرڪي، چاپاڪو، هولو، ڪنائو، پاريهل، ڪاريهل، ڳيرو، تحمول، ڪانهل، پاپس، پورائي، هنجهه، گهگهه، چهرو، پهوڙي، لائو، ڪانءُ، هَل، چڙي، ڪانڙو، ڪهي، مقبول، چميڙ، چمڙو، پرماڻ، گل، پرديسي، ملڪ، ڪانگ، هيڙهو، شهباز، سور، مئنا، ڪونج، هُڙيو، عنقا، سيري، زُرو، پرو، گُرڙ، متاءُ، سيسر، ڪووس، سري، بانشو، اڏڪ، پوري، مورڙو، آئيڙي، روڏو، جاپر، سيل، پرمٽ، ڳجهه، سارس، ٻچڙو، وِلو، ٻٽير، ٽٽيهر، پاريهر، سائنر، اوني، نيلگي، ڏانوَر.

2. پڪي (پڪين) جا: وَڪر، پيرا، گهُمرا، ٽولا، آڪيرا، چنبا، ماريا، ڪاڏا، ڦَٽيا، چِنا، پرَ، پڙڪا، اُڏَٽا.

3. پڪي جو: بدن، پرُ، ڪنپ، ٽونگو، سُر، آوازُ، مٿو، گردن، سينو، پِتو، پاندو، ڪوڙو، هينئون، زيرو، جيرو، ڦڦڙ، نڙگهٽ، پُڇ، مغز، پاڇو، لَڪيو، اُڏاٽو، آڪاس، چرڪيو، پڙڪو، گهمرو، مڪلوف، طعامو، بوتو، نشانو، گَن، تير، لاڙگهو، شڪار، پَڇو، ڏڪ، پيٽ، ڳورانيو، آهٽ، اڙاٻيڙ، آڇٽ.

4. پڪي (پڪين) جون: چانگون، ٽوليون، ڇهنبون، ڪنيڙائيون، لاٽيون، لولين، ڪوڙڪيون، ڦَڙڪون.

---

[1] حاجي حاميد خاصخيلي ڄڻي زباني قلمبند ڪيل. حاجي حاميد ولد قبول خاصخيلي، ڳوٺ ملهٽ، تعلقي ماتلي جو ويڙل آهي. هن وقت سندس عمر سٺ ورهيه آهي، انهيءَ حساب سان سندس جنم سنه 1900ع ڌاري ٿيو هوندو. پاڻ فقط قرآن شريف پڙهيل آهي. ڏور ۽ ڳجهارت جو ڳولو آهي.

Gul Hayat Institute

5. پکي جي: ہولي، ڪوَ، چين چين، چينگھار، پڌڪارَ، هي هو، چانگار، تنوار، ڪوڪ، رڙ، دانهن، سڪَ، لات، وِٽ، سيرَ، تکبير، چوڪَ، چار، ڪمان، خطا، چست، چُٽَ، سرڪڻ، ڇهنب، سسي، ڳچي، گُجي، ڪوڙي، چَتي، ٽنگ، نَري، گھُنڊي، ڪُني، پُني، چيلھ، ڪُهي.

6. پکين جا بيت

(1)

ساراهيان سچو ڏڻي، تون مولي مسلمان ڪجان،
ڪونج، ڪبوتر، ڪانو، ڪيانتا، ڪانگل جام سلام ڏجان،
بلبل، پورا، ڳيرا، چَتون، چمڙا، بلا، چاڻ سڃاڻ ٿجان،
اُماھ، عقاب شتاب وجي تون، پيڻ منهنجا پيغام ڏجان،
سرڙ، سانباھا، بانشا، بحري، لغڙ لوھون جام ڏجان،
ترمچ، طوطا، ميرَ مڪالي، مينا، ڪبر، لالي لک سلام ڏجان،
لطف ڪجان تون "لعلڻ" تي، داتا دين ايمان ڏجان.

مقبول، متاھ، چانھن، چھون ۽ مينھڻ تاڙا ڪن ترڙاٽ اُتي،
موسا، ميٽا، جھنگ، چپاڪيون، ٻوڙي، ڪن بولاھيون برڙاٽ اُتي،
ڦوسيون، قديون، جھرڪ، لڪون، روڙا ڪن ريھاٽ اُتي،
ھنجھ، ھماءِ، ھزاري مور، بدڪَ، ڏيلون، گرڙ ٻڌن گرڙاٽ اُتي،
ڪنولي، ڪڪچي، ڪنگ، ڪبوتر، ڪرناھيون، ڪن ڪيناھيون ڪرڙاٽ اُتي،
چمڙا، چست چنڙ، چڪوري، چاھيون، چھرا، ڪن چرڙاٽ اُتي،
ھُدھُد، ھيڙھا، ھڏاڻي، ڪرڙ ڏينگ، ٽٽيھر، ٽڪلا، وَھيا ڪن وَرڙاٽ اُتيَ،
ٻنگ، ٻٽيرا، تلھير، طوطا، تلوُر، تتر، پونتر يا ڪن پرڙاٽ اُتي،
شترمرغ، چندول، چڙي، چناھيون، اَيرا، اُتڪا، سائن ٻڌا سرڙاٽ اُتي،
لاکي چاجي، پرمار، پپيھل، پوپٽ، ڪينگري ڪيا ڪرڙاٽ اُتي،
موھن، مرگھ، متاھيون، موڙا، چرغ، چڪوري چيھا ڪن چرڙاٽ اُتي،
ڪڪڙ، ڪارڙا، ڪٽا، قليل، ڪمرا، ڳجھ ٻڌا ڳرڙاٽ اُتي،
ڳھ، ڳھڙا، ٽوبا، ترڙا، ٽوڙ ٽوڪا، ڪن بوڙيندا برڙاٽ اُتي،
لطف ڪجان تون "لعلڻ" چئي، ڪا دين ڏيکارين وات اُتي.

---

(1) چيل لعلڻ خان لغاري جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 84.

Gul Hayat Institute

لکو،لغڙ، لوهه لامارو، لاکي، کُرکُٽ کن کرڙاٽ اُتي، پتنگ، پاريهل، پاپسي،پچرو، پروانا کن دُهلياري دُونهاٽ اُتي، آل اڏايو، اُلو، آڙي، آڇڙا، بشين، بحري، کڙهه جي کرڙاٽ اُتي، قاز، کواز، قُمري، کوئل، کرکو کن کرڙاٽ اُتي، کانڪڻ، کهنگ، کانيرو، کرڙو، کڻو، کوئاماري کاٽ اُتي، لاتيون، لنگو، ٿونگو ٽاهي کن دهلياري دڙهاٽ اُتي، دام، دُوالي، کنيڙا، کٽياڻي، مينهڙ، مکڙ، پوڙ، پنيوري پاٽ اُتي، ڦڙکو، ڦيٽ، ڦيرو، ڦٽکڙ، ڦاڙو، بٽ ٻنگائي سيرا کن سرڙاٽ اُتي، آصيل آنو، آر اُڏاريو، چوڪ چُڳڙ چرڙاٽ اُتي، چهنب، چُوڙ، چنبو، چٽالي، کري گهگهه گرو گرڙاٽ اُتي، لکو، لاورو، زرگڙ، زُرو، رَنهکي، روهيلا، هل ٻڌا هرڙاٽ اُتي، ميرو، مينهن وَساڙو، منگهو، ميهر، گرو گوڙو، تامو چرگڙ چاٽ اُتي، کُڏي، کوڙي، جهڙپ، جهٽيو، باز، بحر آنيل عطائي آٽ اُتي، آجهو، آکيرو، جابلو، جيئرو، کُهي، قطارون، کن واهيرُو ورڙاٽ اُتي، تنبڙ، تارُوئڙو، ماکي مڙئو، گُرگ، گاڏيڙ، ابابيل ٻڌا اوراٽ اُتي، لطف کري تون "لعلڙ" تي، کا ديِن ڏيکارين واٽ اُتي.

(2)

بحري، باز، بشين، بانشا، ٻيا شڪرا شينهن چون،
سرڙ سنباهو، سوزنگ، سانهه، ٻيا چمڙا چاهه چون،
مور، متاهه، مرغ، موهن، ٻي کنگري کونج چون،
ديل، دگوش، اونار، آڙي، ٻيا نوارا نون،
کُهنگ، کوڙهل، کبوتر، کوئل ٻيا پاريهل پرن،
تُور، تلور، کنگ، کانئرا، ٻگها کين ٻجهن،
گُگهه گرن، گڏها، گرڙ، ٻيا نردُول پاس نمن،
هنجهه، منگهه، پرمار، بنسو، همائ حضور هلن،
ڳجهه، ڳيرو، عقاب، ليهو ٻيا لغڙ لاپ هڻن،
ڀاڙ، ٻاٻيهو، چاکر، چکور، ٻيا زوران زور سُڃن،
بدڪ ٻئونر، هنجهر هُڙيو، ٻيا سيچاٽا سُڃن،

---

(2) چيل حاجي حاميد خاصخيلي جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 97.

پيٽ، پيٽ، چيهه، چيڪلو، ٻيون ٻولهايون ٻرن،
چاڑهو، چاپاڪو، چپَ، چندول، ٻيا هدهد حال ونڊين،
کومون، کيانتو، نيرگي، ڏاڙهيو، ٻيا روهيل پاس رمن،
مقبول، دهلاري، چنيو، چهڪ، ٽا ڪيٽاني کان هٽن،
چندو، چتون، ميري، ٻبوهڙي، ٽا پاريهر پچن،
بوڙينڊو، بنسو، نيرو، ڏئوٽي، ٽا ويرا واٽ وڻن،
آهنگريو، تورانڊو، سرمائي، ٻڌڻو، ٻيا مڱٿهار منجهن،
رُٽڪ، رتنبو، لوهاريو، ڦاڙهائو، ٻيا ڪنيا ڪيرَ چون،
تارڻ، تينائي، جهلوري، ٽئايو، سينڊرو ٻيا ڪوپائي خان چون،
سرخ، ساڳيلو، اُپنگ، اَبابيل، ٻيا سامون سال چون،
ٽاپرو، رامپري، سينسار، ڏوئل، ٻيا چپڪ چاڪ چلن،
ٽينڪ، غبارو، تيغونَ، سارڙي، ٻيا چٽوڙا چلن،
ٽوبو، ٽيٽو، مينا، لڪو، مٽو ماٽ نه ڪن،
طوطو، تتر، لائو، لڪ، ٻيون ٽاريليون ٽرن،
ڪانگ، ڪپ، ميٽو، ملهالو، ٻيون ڪٽياٽيون ڪلن،
هيڙهو، ليلهو، ٽوڙهو، روڊو، ٻيون ٽٽيهريون ٽهلن،
ڏانديڙو، ٻٽيرو، ٻاٽيڙ، پونترو، ٻيا گونهخور گڙن،
ڪُڪُ ڪهاڙي، ڪارڙو، ڪٿمار، ٻيا محمودي مرڪن،
ڳيري، ڪُرڪٽ، ڪالڪٽچي، بربل، ٽيون ڪوهين ڪيڏون ڪن،
جهرڪ، ڦوسٽي، آڪ چوپٽي، تُرمچي، ٻيا وَهيا ولر ڪن،
ڪانڪٽو، ڪرناهه، ڪرڪنات، ترناڪ، ٻياڪنائي ڪنبن،
آر، پوري، بکو، بوري، ٻيا چيها چرڙات ڪن،
تاڙو، تنبٽ، ڪاهو، قُمري، ٽا جگران قوت چون،
چر، چنير، چهنب، چوگو، لاکيچاجي لچڪن،
ملهه، طعامون، پچر، پخالي، ٻارنگارٽيون ٽهڪن،
ٽلي، ويرِ، ڏورو، پڙڪو، ڊوليرِ ڊڪون ڪن،
ٻگهه، ڊڪ، وٽ، چنبو، پڙڪو، گاموئي گاجون ڪن،
ڪرڪو، اوسو، ڳچي، ڳاني، ڪاري باز ڪنبن،
رام ساريڙي، رائينا، رمييو راندين ڪن،

Gul Hayat Institute

ڪڪڙ ٻانگو، اصيل، ٽرڙو، ٽا گوڙو گام هلن،
جائو، کهنبو، پيلو، پوئريو، ٽا ڦُلڦُليا ڦڙڪن،
هيرو، پُڏري، مادیو، گلوو، ٽا ريزا رواز ڪن،
شيخ، وايو، پاپڙيل، چوٽيو، ٽا دوڏر دام هڻن،
سري، چهنب، ڏاپ، ٽونگو، ٽا ڪڍيل ڪاري ڪوڏ هڻن،
بال، بغل، موڙ، مسو، هو خاڪي خيال نه ڪن،
آنو، ٻچو، چلهو، چوز، ٽا چوڙي، چرڳ چون،
مهو، مڇر، مڪ، ڏنگ، ٽا سانوڻ منجهه سونهن،
ڏينيو، چيلانو، ٻگڙي، مڪڙ ٽا حڪم ساڻ هلن،
پر پتنگ، پوپٽ، پروانو، ٽا امير امام پڙهن،
روح، پساهه، ريح، دم، ٽا ڏاڍي زور وجن،
"حاميد" انهيءَ احوال جي، آهي سڌ نه سنگهارن،
جن مجيو آهي محمد ڪي، سي دوزخ باهه ڇُٽن،
پوءِ جي ڪلمون پاڪ پڙهن، هوندا سي ايمان سان.

(3)

اول ساراهيان رب ستار، محمد ميرِ منو مختيار،
چوڪا چگا چارئي يار، پنجتن پاڪ جيءُ جيار،
مندون سال سنديون ٽيون چار،
سين کان بهتر آهه بهار.
وهواهه مند بهار جي آئي، سڀ هنڌ ٽيڙي ساوڪ سائي،
هرڪنهن متان لئي آئي، سيڪو ٽيو جاءِ بجائي،
مرد، زالون، ٻيٽو، بار.
ڏٺي اسان تي ڪيو رحم، ڪونهي دل تي غم وهم،
ڪل تي قادر جو آ ڪرم، سيڪو خوش آهه خورم،
هاري، ناري، ڏڻ، ڏڻار.

---

(3) چيل خان محمد پٽ واگهه پنهور، ويڙل ڳوٺ جانهري، تعلقي عمرڪوٽ جو. اندازاً سنہ 1910ع ڌاري ڄائو. تمام ٿورو پڙهيل آهي. سندس ڪلام بيتن تي مشتمل آهي.

وٽندڙ راحت واريون راتيون، بلبل باغن ۾ ڪن باتيون،
ليلهن، لغڙن جون سڙ لاتيون، طوطن، تترن جون ٻڌ تاتيون،
تڙ تڙ تاڙا ڪن تنوار.

هرهنڌ ٽيڙو غوغا غلغل، باتيون باغن ۾ ڪن بلبل،
گلشن اندر ٽڙيا گل گل، هنجهن، هيڙهن جا ٻڌ هُل هُل،
ڪونجون ڪريو وتن قطار.

ڊوڙون ڪن پيا ڊاغو، ڊوڙا، ولر ڪيو ڏس رمن زوڙا،
واءُ ڏئي تو وٽن ڪي لوڙا، اچيو اچيو سي ٽين اوڙا،
جهر جهر جهومن ٽاريون ٽار.

هنس، هماڻ هنجرون، هوڙيون، پاتيڙ، بگها ۽ پوڙيون،
گهگهن، گرڙن جون سڙ گوڙيون، هرجنس هلي ٽيون جوڙيون،
چمڙن، چيهن جي چينگار.

مرگهه، موسڙا مرڪن مور، ڪبڪون، ڪپرون ٽلن ٽور،
چڙهن جي چپ ٻيا چڪور، هر هر هنجهن لايو هور،
پُٽ پُٽ پوريءَ جا پٽڪار.

سرٽيون، سانباها، سرخاب، آڙيون، بدڪون، اُلو، عقاب،
تور، تلور جو تجلو تاب، ڪهڙي بات ڪجي هت باب،
سڙ تون جهرڪين جي جهونڪار.

شڪرن، شينهڙين شور وڏو، زُرن جو ڪل ڪان زور وڏو،
گيرن، هولن، هور وڏو، شترمرغ، اٽور وڏو،
باشا بحري بارو بار.

گوئڙ، ليها، ڪڪڙ، ڪانگ، چانهيون، چڪوا، چاڙو چانگ،
باز، ترمچي ڪن پيا رانگ، مينا، منگهه جي لڳي پئي لاڳ،
قمريون، ڪڙيون ڪن قطار.

قديون، ٽٽيهر ۽ ٻاٻيها، بدڪون، پاريهر ۽ پپيها،
قوسيون، ٽڪلا، چوپيون، چيها، هيڙها، بدڪون، ليلها ليها،
چمڪون، چندولن چوڏار.

Gul Hayat Institute

قدرت جا سپ آهن رنگ، هلي زمانو انهي ڏنگ،
جاڻي آبادي ۽ جا کل انگ، اتي رڙن تا کڏهن کنگ،
اهڙي ريت هلي سنسار.
دلبر دنيا اهڙي ۽ چال، ڏينهن ٻني آهه اهڙي ڳالهه،
کڏهن خوشي کڏهن بدحال، کڏهن سيڪ، کڏهن کنگال،
سوچي ان ۾ گهوٽ تون گهار.
اهڙي اڙانگي آهي دنيا، کنهن سان کين نباهي دنيا،
هميشه الٽي کاهي دنيا، سپ کي رڙ ۾ رلائي دنيا،
ڏيک دنيا جا ڏينهڙا چار.
کهڙو حال ادا! اُت ٽيندءِ، کٽيو مار، کَپُر جت کيندءِ،
وجهيو وات پيا پٽيندءِ، ڏاڍو ڏنگن ساڻ ڏنگيندءِ،
کابه نه اتهين هلندي کار.
اهڙي اندر وقت آخير، مدد کندو اچي مرسل مير،
آهه وسيلو وارث ويڙ، ڏينڊو سيد چام سڏير،
چٽندا چيهن کان بدکار.
"خانو" خيال سان گهرجي گهاڙ، نفس امارو پنهنجو مارڻ،
وعدو ازل جو گهرجي پارڻ، ٻيڙي پراڻي گهرجي تارڻ،
پُرجي کلمي جي پچار.
لا اله الا الله محمد رسول الله.

Gul Hayat Institute

(4)

پڙهه مرثيا مير حسين جا، تون غم منجهه گذار،
پکين ماتم کيو پير لاءِ، واهيرا چڏي وڻکار،
ڳيرن ڳوڙها ڳاڙيا، پساريهل کڏيا پار،

---

(4) چيل فقير عبدالرحيم پٽ چتن پٽ ولي محمد پٽ صفر ڏاهري، ويڙل لڳ درّو ضلعو نوابشاهه. سن 1902ع/1320هـ ڏاري ڄائو. اصل ويڙل کنب دارون جو پر پوءِ مارشل - لا واري زماني ۾ لڏي وجي هاڻوڪي هنڌ تي رهيو. سنڌي لکي پڙهي ڄاڻي. سندس گڏران جو ذريعو ٻني ٻارو آهي. پاڻ جي وفات کان پوءِ 1945ع ڏاري بيت چوڻ شروع کيائين. شاعر موريي فقير سان سندس هڪڙي رهاڻ ۾ بيتن جي ڏي وٺ کيائين. سندس ڪلام گهٽو چيل آهي، جنهن مان "عمر مارئي" جا بيت مشهور آهن.

جھرڪيون پنھنجي جھوريءَ ۾، چڑيون ڪن چونگار،
هيڙھا هداسي حسين لاءِ، تتر ڪن تنوار،
ڪانو، ڪبوتر، ڪبريون، ڪڍيا پٽَ پرمار،
سرڙيون، سانباها سڪ منجھئون، گجھڙين ڏنا ڳار،
لغڙن، باشن، لاٽيون ڪيون، ليھا ٽيا لاچار،
بازن، زُرن بس ڪئي، چڏيائون شوق شڪار،
مورن، ڍيلن ماتم ڪيو، پيا وَهيا منجھ ويچار،
تاڙن، طوطن طلب منجھئن، ڪوئل ڪئي ڪوڪار،
چبن، چيھن چيچٽ ڪيا، پگھن ڪئي ٻاڪار،
رانئل، ڪنگ، آڙيون، اصلون پٽي ڪڍن پار،
ڪُڪ، چٽا، چڪور، چاھيون گھمن پيا چوڌار،
ھئي ھئي هماءُ پکي هُئي، پسڻ جي پلتار،
عقاب پکي اَرمان ۾، ڪيو ڪوٺامار،
ككڙ قاز، شترمرغ، پيا پکي پي ملهار،
بربليون بس نہ ڪن، ھئي پورين جي پلڪار،
چمڙا، چنڊول پکي، ڪوڪن ڪانڪٽار،
هنجھ، ڪبوتر حسين لاءِ، رنو رتوبن زارو زار،
شڪرا، شھباز، گرڙ پکي، ۽ پيا اڪيچار،
تور، تلورون، تاريڙا، شڪلا بيشمار،
روڍن، گھگھن رڙيون ڪيون، ٽيا بوڙندا بيقرار،
گوجلا غمن ۾ ٽيا، ڪنگن جھلي ڪنار،
ڪونجون ڪرڪن روھ تي، ڪري آيون قطار،
ماتم ميرِ حسين جو، هرجاءِ ڪن حبدار،
عرش زمين اندوھ ۾، حورون ملڪ هزار،
حڪم حضرت حسين مجيو، سيد نيزي سوار،
اڳيان راهب رت رنو، ڏيئي اوچنگارون هروار،
"عبدالرحيم" ٿو عرض ڪري، واڳ مدينيِ وار،
ڏج پناهہ "ڏاهري" ڪي، نيئي مدينيِ مار.

Gul Hayat Institute

(5)

واکاڻيان تنهن واحد کي، جو مولي آهه مڙن،
کونهي ميعاد مخلوق جو، مٿي زمين زمن،
رڳو نشان کيم نالا، پيار منجهان پکين،
تہ اَبوجهلي، اَبابيل، آڙي، اُڏڪ ٽا اُتن،
بدڪ، بکر، باز، بهشتي، بي پري سان پچن،
بيوس، بازيگر، بوڙيندو، باشو، بگو، بُگلو ٽا بيهن،
ٻٽيرا، ٻهرلو، ٻوڙي، ٻگهه، ٻرهائي ٽا ٻوليون ڪن،
ٻوئڻ، ٻرهاڙو، ٻالڏتارو، ٻاجهه مان ٻيا کين ٻڏن،
پَٽ تتر، پيٽ، پاريهل، پريت، پيا سانَ پچن،
تتر، تکا، تلور، تڏ، تور، ترمچي، تيار ٽا ٽين،
ٽٽيهر، ٽاکرُو، ٽيٽوَ، ٽرکي، ٽکلو ٽور نہ ٽلن،
فيل، ڦيٽايون، ڦوسٽي، ڪوکراٽ، ڪٽياڻي، ڪنيوٽا ڪلن،
گگهه، ڳيرو، ڳجهه ڳاڙهو هنج، ويجها کين وهن،
زاغ، زرو، ڏگوش، ڏانڊيئڙو، ڏينگ، چڪور، چهرو، چاهه سان چڱن،
چندول، چانهه، چَتون، چرچائي، چپڪ، چيڪون ڪن،
ڇٽوڙو، ڇاپاکو، رتبو، رونهارو، رُنا کين رهن،
مُلو، موسڙو، مرغابا، ميٽو، منگهه، مور، ماندان کين مرن،
موز پر، متاءِ مٽُو، ملهالو، مينا مينهڙ، آهي محبت منجهن،
نامبر، نيرڳي، نَڪ، لاکي ڇاجي، لوريون، لڙسان لڙن،
لغڙ، ليٽڻ، لڪا، لقلق، لاهين ڏي لهن،
سانهن، سرڙ، سانباها، سرندائي، ٽا سيٽون سهن،
شيرازي، شڪرو، شاهين، شترمرغ، وهيا کين وهن،
هنجهه، هُد هُد، هيڙهو هنجهه، هنس، هڏيخور، هٽيا ٽي هلن،
جهرکي، جهڱڙ، کهنگ، کانڍ کنگري، ڪٽامار، کاوڙون ڪن،
کروانک، ڪُرکٽ، کانئروکي کونج کين کهن،
کانڪٽا، کاکاڙو، کوئل، قُمريون کاوڙسان کرکن،
کبوتر، قاز، ککڙ، کانڍا، کپ، کوشش منجهه ڪڙهن،

---

(5) چيل علي اڪبر لغاري ويڙل ڳوٺ لعل خان لغاري تعلقي سنجهوري جو. اُن وقت اسڪول ماستر هو.

Gul Hayat Institute

پڌم جيڪي ٻين کان، سو سٽايان ٽو سين،
چمڙو چئجو چاهه سان، چگا چُڪ نه ڪن،
ٻڌائجو "ٻروچ" کي، جيڪي ناهي منجهن،
"اڪبر" کي اهي تا اچن، باقي ٻين جي خبر ٻين کي.

(6)

محبت وئي موڪلائي، تڏهن جهجهي ٽيڙي جنگ،
جت طوطن جي تنوار هئي، اتي متاهه گهمن منگهه،
جت مجلس هئي مورن جي، اتي ڪانئرا رڙن ڪنگ،
جت هنجهن جي هيڪار هئي، اُت چيها وڃائن چنگ،
جت ڪٽڪ هئي ڪونجن جي، اتي ڪهرون گهمن ڪهنگ،
سيئي متيا رنگ، تڏهن ويو زمانو ضعيف ٿي.

ادا عمر! اسان جي ڏيهه ۾، پکي ٽين پالار،
سرڙ، سانباها، ڪارڙا، ڪهرون ڪارونيار،
ڪانگ، ڪوئل ۽ ڪانڪٽا، بدڪون بيشمار،
چهبون، چيها، چهرا، ٻي چتون ڪن چانگار،
چوزو، چڪلو، چمڙو، ٽٻڙو ۽ ٽٽيهار،
چڪور، چينائي، چڙي، پاريهل پرمار،
تاڙو، تلور، ترمچي، تتر ڪن تنوار،
هُدهُد، هيڙهو، هڙيو، مُنڍو ۽ ملار،
بگهه، برهاڙو، بابيهو، تا پوپٽ ڪن پاسار،
ققنس، ڪارونيار، آهن ڏاريا پکي ڏيهه ۾.

آهن ڏاريا پکي ڏيهه ۾، هڪ هماءَ ٻيا هنجهر،
لاکيڇاجي لوڏ مان، ٽي ڪٽي ڪيڙاني ڪَر،
زاغ، زغن، زُرو، ليهو ۽ لغ،
ميري، ميڙو، موسڙو، سينچول، سمونڊر،
چانهه، چندول ۽ چهرو، اُٺ پکي، ازگر،

---

(6) هيءَ روايت وڇولي (تعلقي ٽنڈي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي شاعر جو نالو معلوم ٿي نه سگهيو آهي.

لنگھو، ليلو، شڪرو، ٻوڙي، ٻاٽيڙ،
آنو، عقاب، آڙي، باشو ٻاخبر،
ٿھڪ، ٽوپو، ٽڏڪي، نِدو پکي نر،
چٽوڙو، پيٽ، پيھوڙي، ڪينھائي ڪبر،
گِجھ مقبل ۽ چرنگ، مرگھ پکي ماھر،
برڪ، ٽپڪ ۽ ٽڪلو، دوم، ڏونري ڏمچر،
ٻُڏٽي، ٻھاڙ، وڇلو، ڏانھن پکي ڏونگر،
ڪانبو، بشين، گھٽو، ٽو ھونگ ٻولي ھر ھر،
وھي، وھيو، دھلاري، پيٽ پکي ميھر،
بحري، باشو، بلبل، ڪُڪي ڪبوتر،
گِيرو، ابابيل، سانھن پکي، پيدا ڪيا پرور،
اونو، آڪاس، ٽوڙھو، پونٽريو، پُوڪ،
ديل، ڏوئيلو ۽ ڪنيو، ٽُراندو، ٽوھر،
اجا ٻہ سوين سراسر، پرور پکي پيدا ڪيا.

پکي پرور پيدا ڪيا، روھيلو ۽ رينگ،
باز، ٻولاھي، نيلڳي، ٽيٽو ۽ ٽيڙينگ،
روڏو، رُھاڳي، رتونبو، ڊوليرو ۽ ڊينگ،
ڪيول، چپاڪ، ڊانڊي، گڏھ پکي، گوڙينگ،
ڪٽياڻي، جت، جھرڪي، ھولو پکي ھينگ،
پورو، ٻٽيرو، گرڙ پکي، چيھر، چغل ۽ چينگھر،
تور ۽ تولينگ، اجا ٻہ قسم آھن ڪيترا.

پَنُ

1. پن جا: ڪَڙڪا، ڪريا، چٽيا.

2. پن جو: سائو، سڪو، چٽيو، چاٽو، پات، پوپو، ڪير، رس.

3. پن جي: تونري، پنڊي، ٻيڙي، ويڑھي، توتاڙي، ٻنڊي، چوٽي، رڏي.

Gul Hayat Institute

پنڌ

1. پنڌ (پنڌ جا قسم): اٽانگو، اوڏو، پري، ڏکيو، ويجھو، نيڙو، سولو، اھنجو، گھٽو.
2. پنڌ جا: قافلا، پيچرا، گسَ، پليا، ڪيا، ميل ڪوھ.
3. پنڌ جو: ڪشالو، ٽَڪُ، اُڊڪو.
4. پنڌ جون: وڪون، منزلون، واٽون، پَٽيون.
5. پنڌ جي: وڇوٽي، وٽي، ڇيٽي، پٽي، واٽَ، گام.

پنھنجو

1. پنھنجا: ٽاٽا، ٽڪاٽا، ٽڪاٽا، اوتارا، مائٽَ، عزيز، لنگھ، اوجاگا، گل، گوڙھا، ننھن، سڏَ، پرين، ھٽ، پُٽَ، پيٽا، قريب، جانب، ڪينرا، عضوا، پيرَ، پيرا، قول، قرارَ، چاچا، ماما، ڪاڪا، نانا، ڏاڏا، پوٽا، سوٽَ، ماسات، پڦاٽ، ماروٽ، ڏھنا، پڦ، ماسڻ، سالا، پيٽويا، ساھرا، نياٽا، نوڪر چاڪر، ٻانھا، خادم، پائر، طعنا تنڪا، احوال، ٻچا.
2. پنھنجو: فڪر، پاڙو، ملڻ، آندو، ڪَرُ، لبُ، سرُ، اَرواح، ڪرم، بخت، نصيب، وياءُ، اَباڻو، رَسُ، آرسُ، رستو، ڪشالو، جَيءُ، حال، ماھ، ڪفن، پُتو، جھجھڻ، ويرُ، آبرو، رَتُ، پگھر، لاڳاپو، اولاد، ننگ، وعدو، خيال، محبوب، دَمُ، پساھ، نانيُ، سنيُو، اسم، جسم، سرير، عقل، ڏيان، پاڳُ، پرم، شرم، ذوق، شوق، عشق، ويراڳَ، راز، ناز، چاڳَ، حڪم، اَدب، سلام، رُوئڻ، ڪلڻ، غم، تخم، بجُ، حق، ارادو، پيءُ ماءُ، آرام، حملو، سماءُ.
3. پنھنجون: اوڪاسون، منيون، نسون، اَرداسون، اڪيون، پانھون، اوطاقون، لڇون، رھاڻيون، واٽون، پيٽون، سرتيون، پانھيون.
4. پنھنجي: سمجھ، موڪلاڻي، منڊ، تري، ميڙ، رھاڻ، مجلس، وَھي، ڪاوڙ، نيچَ، سيرب، قبر، ڪياڙي، جاءِ، صلاحَ، ناس، جان، دل، جھوري، سڏ، ڪَلَ، ساھي، ويھڪَ، لڇَ، ريت، رسم، خوشي، فرحت، مٽي مائٽي، عزازت، ڳٽتي، ڪَلَ، پچاڳاچا، لَڄَ ليھ، لياقت، پُري، ناموس، ڳالھ ٻَڌ، گفتگو، نيت، مراد، وڃا، ڏڃا، طاقت، قسمت، مروت، ماءُ.
5. پنھنجو، پنھنجي جو بيت ●

ساراھيان سچو ڏٽي، جنھن جوڙي جوڙ جھان چوان،
آچار، اِنصاف، آواز، عدالت، اَڳرائي، عقيدو، عار چوان،

● چيل لعلڻ خان لغاري. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيہ ص 84.

Gulbayat Institute

آرس، انگڑائي، اَرڈو، آرو، انگ، آنڊ، آڪڙ هار چوان،
اَدو، ابو، آئي، اَرمان، اُلکو، اوسيڙو، آرام، عقل ڏار چوان،
اُڀو، اَجهو، عزت، آب، آبرو، احسان اندر جو ڏار چوان،
عذاب، عشق، آڏار، اَزل، اگٽ، آزي سا اعتبار چوان،
عيب، اَرمان، ارکان، ايماني، انديشو، اُرهه ڏار چوان،
اَمان، آکهه، اوڙو، آڙي، آسائش اندر آڏار چوان،
اکيون، آندا، اوجهري، عمل، بحث، بدن، بانور، بکيو ڏارچوان،
بابو، بقا، بدي، برائي، بدنامي، بوتو، باغ بهار چوان،
تخت، طومان، تعلي، تڪ، تڪبر، تنڪو، طعنو تار چوان،
توڙ، تکيو، طلب، ترکو، تن، طنبو، طرز تنوار چوان،
توبهه، طبل، تاب، ترس، تانگهه، تارو، تاري ڏار چوان،
تاج، طور، طرح، تماشو، تارون، تسلي ڏار چوان،
طبع، طبيعت، تَڏ، ترک، تسيو، توکل، ترهو ڏار چوان،
سنگتي ساٿي، سنڊ، سينو، سين، سجاڻ، سور، سندرو ڏار چوان،
ساهه، سوپ، سڃائي، سري، سانگو، صرفو ڏار چوان،
سڳر، سونهن، صلاح، صحبت، سُڌ، سينو، سُک ڏار چوان،
سام، ساعت، سُڌ، سک، سبيل، ثواب سينگار چوان،
صبر، ستيا، سوال، سيهو، سڪرات، سيراپ، سامي ڏار چوان،
سرسي، ثابتي، سجاڳي، ساڻ، سڻ، صفائي ڏار چوان،
سوٽ، صدقي، ساڻ، سنيال، سبب سوائي ڏار چوان،
جوهه، جوپن، جاڻ، جواني، جند، جان، جيرو ڏار چوان،
جوٽ، جسر، جُون، جگر، جاڳهه، جَتن، جاڳڻ، جواب ڏار چوان،
جڳ، جوڳ، جيءَ، جيئڻ، جلالت، جوش، جنسار چوان،
حال، هنج، هنيون، هول، حسد، حڪم حصو ڏار چوان،
هاڪ، هنبل، هوڏ، حيرت، هٺ، حيث، هستي ڏار چوان،
همت، حياتي، هوش، حرص، هلڻ، حُسن، حيلو، هٺ ڏار چوان،
حالت، هٺ، هنڊ، حَب، هلاڻو، هوڙهه، حجت ڏار چوان،
هنر، حمايت، هوس، حرڪت، هام، هاسو ڏار چوان،
ڪٽيو، خوف، ڪلڻ، خواري، ڪٽڪو، خواب، خصلت ڏار چوان،
ڪار، خوشي، ڪَڙڪ، خيال، خطرو، خُون، ڪاڏي ڏار چوان،
خُلق، خميرو، ڪَفن، ڪُڙي، ڪُچ، ڪوٽ، ڪپارو ڏار چوان،

Gul Hayat Institute

سانگ، سفر، دل، دماغ، دڙکو، دَهمان، دُور ديدار چوان،
دَرس، دَم، ديد، دلاسو، دنگ، دولاب، داغ، دَستا ڏار چوان،
دُن، داد، دَفن، دوست، دلداري، دَرکار چوان،
ظلم، زور، زبان، زنگ، ذوق، زَبردستي ڏار چوان،
ضد، زندگي، زاري، زوري، ذکر، ضابطو ڏار چوان،
زَهر، زيان، رڙا، رُوح، رَمز، رَهلا، رتي ڏار چوان،
روز، رهاڻ، رس، رولڙو، رت، رهائي ڏار چوان،
ريجهه، رُخ، رايو، روڏ، رقيب، رَضا، رَنجڪي ڏار چوان،
سينڊپ، سجاڻپ، ساهه، سوپ، سُو، سندرو، سنگت ڏار چوان،
سر، صفائي، سچائي، سورهيائي، صلاح، سڳر ڏار چوان،
سونهن، صحبت، سانگو، صرفو، سينو، سُرت سنيار چوان،
سگ، سام، سگهه، سياپو، سَنڊ، سرير، ساعت ڏار چوان،
سار، سنيال، سوت، سک، سبيل، ثواب، سُک، سينگار چوان،
سانگ، سفر، سداسهاڳ، سپت، سير، ستيا، صبر يار چوان،
سڪرات، سامي، سيراپ، سچ، ستابو، سَرسي ڏار چوان،
ساڻ، سڊ، سنڊو، سالي، ستر، سرسري، آڏار چوان،
شڪ، شبهه، شتابي، شور، شاباس، شان، شرم ڏار چوان،
شوق، شڪر، شادي، شعلو، شدت، شرط، شمار چوان،
غم، غور، غيرت، غوطو، غلطي، غرض، غليظي ڏار چوان،
گلا، گنج، گذران، غريبي، گهنگهر، گناهه، غيبت ڏار چوان،
گلو، گادي، گوڏا، گردن، گسر، گام، گناهي ڏار چوان،
فخر، فهم، فضيلت، فقيري، فرمان، فڪر ڏار چوان،
ڦند، ڦوڙائو، ڦاٽو، ڦٽڪڻ، ڦيرو، ڦٽ، ڏار چوان،
قلم، قياڙي، قلان، قاوڙ، قوڙ، قُپت، قار چوان،
قُرم، ڪٽنب، قبيلو، قياس، قمر، ڪاڻ، ڪٽر ڏار چوان،
قلب، ڪهول، قبر، ڪشالو، قانون، قناعت ڏار چوان،
ڪنڊ، ڪاپار، ڪَن، ڪلها، ڪچون، ڪلفت، ڪيڙ ڏار چوان،
ڪم، قول، قاعدو، قُرب، ڪلمون، ڪهه آڏار چوان،
قرار، ڪچائي، ڪاڏو، ڪَيد، ڪرامت ڪار چوان،
لکيو، لوهه، لڳ، لاڳاپو، لوپ، ليئو، لَب لالچ ڏار چوان،
ڪيس ڪارا، زُلف زارا، زَنخ ڏار چوان،

Gul Hayat Institute

لاشو، لوڑھ، لحاظ، لٹکو، لُڑک لگّن تان لار چوان،
لولھٹ، لیاکو، لوٗندڑي، لونڑا، لت، لکدار چوان،
لُکي، لئون لگي، لیلھائڑ، لارو، سچو، کپو، کار چوان،
لوھو، لاچار، لَچ، لیھ، لات، لپ، لپاٹي ڈار چوان،
مڈي، موڑي، مام، ملکیت، مغر، مونجھارو ڈار چوان،
مستي، مونا، مٹ، مائٹ، ماتا، ملٹ، مننار چوان،
منھن، رُخ، ماس، متّون، متي محبت یار چوان،
مرم، ملاحظو، ماگ، محبت، ملاقات، موکلاٹي ڈار چوان،
ماسات، ماٹو، مبارک، مڑسي، مدي ڈار چوان،
مرضي، موج، میٹ، مکر، مانُ، مصلحت ڈار چوان،
مرڑ، موت، مردو، مذکور، مراد، میلو ڈار چوان،
مگّ، مڈي، ماٹ، مُچون، مھانڈو، معافي، ڈار چوان،
مرک، مرکڑ، مذھب، مھر، میس، محشر ڈار چوان،
ماٹکي، مٹکو، مرھي، منگھو، لولھٹ، لچڑ ڈار چوان،
ننگ، ناموس، ناتو، نظر، نظارو، نینھن، نشو نروار چوان،
نک، ناس، ناڑو، نھائین، نیپاج، نکاحي نار چوان،
نور، نندون، نفرت، نڑي، نڑگھٹ، نانو، نروار چوان،
نصیب، نوڑت، نکتو، ناز، نیاز، نرمي، نَنھن ڈار چوان،
نھائین، ناڑي، نسون، نري، نیاگي ڈار چوان،
وگر، وَس، ولارو، ویڑھو، وگو، ورونھن ویچار چوان،
واگ، وڈائي، ویراگ، وَجھ، وَقوف، وندر ڈار چوان،
وصال، وَھم، ویسر، وارَ، وَس، وسوسو ڈار چوان،
ورچ، ویساھ، وَسیلو، وٹي، ویٹي، ویاءُ، ویري ڈار چوان،
ڤرکڑ، ڤر، ڤیٹي، فسادَ، فن، فقیري، ڤڤڑ ڈار چوان،
بَل، باپیس، باجھ، پانھپ، جمال، جدائي ڈار چوان،
خوءِ، خوبي، خون، خرابي، یقین کر تون بار چوان،
بک، بیائي، بٹاک، بڈي، بچا بار، ہولي ڈار چوان،
پیءُ، پٹ، پوٹو، پیچ، پریتي، پیار، ڈئي پت یار چوان،
پاپ، پچرو، پڑھي، پاڑو، پور، پاراتو ڈار چوان،
پگھر، پیري، پرٹو، پک، پچاڑي، پیٹُ، پُنا ڈار چوان،
پٹکو، پگّ، پچائي پاسو، پتو، پیشاني پرکار چوان،

Gul Hayat Institute

پير، پَـڀ، پاپڙي، پاند، پلـوءِ، پيـٽ، پيـڊي ڊار چـوان،
پـائرن، پيـرو، پـاڳ، پلائـي، پئـو، پيٽـي، پـل ڊار چـوان،
پـرم، پـاڪ، پڙڪـو، پونـري، ناهـه، نڳـي ڊار چـوان،
ٽوٽـڻ، ٽيـڙا، ٽـوڪ، ٽپـو، ٽـڪ، ٽڪـو، ٽولـو، ٽـرڻ ڊار چـوان،
ٿوڙهـ، ٿـپ، ٿيلهـو، ٿـڪ، ٿريـو، ٿڳو، ٿـڪ ڊار چـوان،
ڏڪ، ڏان، ڏورو، ڏڏو، ڏاهو، ڳلي، ڳچي، ڳارو، ڳاراڻو ڊار چوان،
ڳـرو، ڳـل، ڳوڙهـا، ڳـسـي، ڳڏتـي، ڏگ، ڏڙڪـي ڊار چـوان،
ڊاڊو، ڊُهتـو، ڊنـد، ڊَانـول، ڊک، ڊيـل، ڊاڪـار ڊار چـوان،
ڍاڙهـي، ڍونـرا، ڍوهـ، ڍمـر، ڍاج، ڍرڍان، ڍُهاڳي ڊار چـوان،
ڍورڻ، ڍِڊ، ڍائـي، ڍاڍائـي، ڍنگـائي، ڊار چـوان،
ڏڪـا، ڏوڙـا، ڏڙڪـي، ڏڙي، ڏگ ڊار چـوان،
چـپ چـاپ، چـپ، چپڙي، چھنـڊي، چنبـو ڊار چـوان،
چڙ، چال، چاچو، چشڪو، چيلهـ، چونڪ، چڊا، چگائي ڊار چوان،
چـڪ، چرائـي، چھـرو، چلـڻ، ڳالهـ، ڳيراڻـي ڊار چـوان،
چـمـي، چـرو، چتـي، چـڪ، چوڙي، چـوڏار چـوان،
چـڪي، چـڻي، چيهـ، چپ، چترا، چينيي، چبڙ ڊار چوان،
چرڪ، شـرڪ، چاهي، شادي، شڪايت، شيطان شمار چوان،
چشم، چالاڪي، چـاڪ، چـٽ، چھـڪ، چريـائي ڊار چـوان،
گھرگھاٽ، گھـل، ننڍنيـاڳي، جھڃـڻ، جھـوري ڊار چـوان،
چـاتي، چيهـ، پيـٽ، پڪـائي، وڏائـي، وائـي وارچـوان،
جاڙ، جدائـي، جلالـت، جيـرو، چڙ، چريـائي، وَفـادار چـوان،
عمر، حياتي، لوئن لاتي، ڪرامت چاتي، ماڻ، فنائي مار چوان،
قسم، سنهن، ساڪ، ڪمائي، ڃنگھون، ڃـيـا ڊار چـوان،
چنـي، چـوري، چمـڻ، چـاتي، ڪـوءِ خرابـي مـار چـوان،
لـڄ، لـوري، پيـاس پـوري، چڪنـا چـوري ڊار چـوان،
چـر، چـم، چنگھـون، چـاڙي، ٽنگـون، ٽپـر ڊار چـوان،
وَس، واهـر، وطـن، وڍ، وروُنهـن، وِنـدر وار چـوان،
پٽـر، پيرانـدي، پيـري، پاسيري، روئـڻ، راحـت ڊار چـوان،
شـرم، شـان، شـڪ، شـبهـ، شـب، شـيڪٽي ڊار چـوان،
لطـف ڪريـن تـون "لعلـڻ" تـي، صـاحب رب سـتار چـوان.

Gul Hayat Institute

پورهيو

1. پورهيو، پورهيت: ڪمي، نفر، نوڪر، مزور، ٻانهو، غلام، بجيرُ.
2. پورهئي جو: اُجورو، حق، حساب.
3. پورهئي جي: لائي، پتي، ورچ، ونڊي، مزوري، ڪمائي.

پوک

1. پوک (پوکن جا نالا): تـر، پنگ، موري، ميها، تل، تـار، سـٽي، سجاتو، وڻ، مانهن، مُـگ، متر، چٽا، چونرا، متري، مانجهلي، گدرا، هنداڻا، ونگا، ڪدو، ڪاڇا، بصر، ٽوم، ڪانتوري، پيندين، ٽماٽا، گجر، گوبيون، سُئا، ڦودنو، ڪوتمير، پالڪ، لوٽڪ، ميٿي، ڏاڙا، مرچ، واگڻ، پٽاڻا، سرهه، ڄانيو، آهر، توريو، لوسڻ، پان، ٻاجهر، جوار، مڪائي، گوار، ڪٽڪ، ساري، جوَ، سائون، ڪمند، ڪريلا، تماڪ، نيـر، السـي، سـاٺ، ڄـانهين، سـائي، سنيائي، پيلي، پڪل، پرتو، پريل، چدي، گهاٽي، نلهي.
2. پوک جا: انگور، سلا، ڪانا، پَـن، ڪڏا، گـل، ڏينـا، پتـا، گـڏا، ماپارا، منڌا، تَـڪ، سوئا، ٻيجا، ڏونها، ڏاندارا، هارا، ٻَنا، لاهيارا.
2. ڪپڑي جا: هٽ، ڪهنبا، پلاند، پگونئا، صافا، ڪُٽڪا، شان، گوشا، ٽانَ، لَٽڪا، روا، وڳا، تُن، گزَ، برَ، جورابَ.
3. ڪپڑي جو: ملير، پڑو، گج، ٽوال، رومال، ڪٽبو، چادر، چولو، پهراڻ،

Gul Hayat Institute

کوٽ، گهاگهرو، گهگهو، وهاٽو، پانڊٽو، پانڊيو، انگرکو، ٽانُ، تاکيو، چرٽو، پاجامون، پوتڑو، مرينو، کيس، اڱڻ، ڪچو، واسکوٽ، مفلر، ڪسابو، بوچڙ، پٽڪو، رَئو، فراڪ، پيشواز، پيشگير، پيٽي ڪوٽ، صافو، انگوڇو، چاپو، پُنيو، ڪوريو، چوسوءُ گُڏو، هٽُ، وَرُ، برُ، ننگ، سرُ، گونگهٽ، تنگ، برقعو، ڪوٽو، ڦڙڪو، تُن، ڪنجرو، ڏوپُ، پرت، ڪنڊڙو، پاڙو، گهنج، ٽَهو، سَٽو، ڏُرُ، ابداٽو، گَلو، پان، ڪالر، ڇهڪَ، ڪيسو، گيندو، پيڙو، بالو، نرماد، ڍَڪُ، پوش، طنبو، ٽئونر، پور، اجريو، اوجر، ڪنيُ، بجڪو، تنجڻ، ڪڙو، لڪ، ڦاٽو، چيريو، ادڙيو، پائو، پاتو، نئون، پراڻو، سفيد، اوڇڻ، اوڍڻ، ڪن، لُنگ، مولبند، يَن، بَنڌُ، ڳنڍُ، ڪَلف، تُنڪو، ٽنگ، چاڪ، چِتُر، بُڪل، پلاند.

4. ڪپڙي جون: ٻوڪيون، رضايون، ڳوٽڑيون، ڏريون، جوڙيون، ٻوڪانيون، پٽيون، اوٽيون، سبيون، چوليون، پيٽيون، وٽيون، ڪنيون، زريون، لونگيون، تسرون، ڏوتيون، لانگون، ڪناريون.

5. ڪپڙي جي: اوٽي، اَندي، ڪني، وهتَ، ڪُرڪَ، دامن، پليٽ، ربين، ڊوري، ٻڌي، رتي، چاري، ڪوڙَ، ليڙ، ڪورَ، پٽي، ٽڪ، ڦلڙي، ليڪ، استري، گُلي، ڪُلي، جهلي، ٽڦُلي، اڳڙي، ڪهي، انڌاري، اَبٽ سبٽ، ڏهي، رضائي، لانگ، ڇپي، ابيڇٽي، چادري، ڪانجهي، ڳوٽري، چوپڙ، ڪوٽي، رکي، منهن رکي، ڪانچَ، ميرداني، جوڙي، شالَ، مهاري، صدري، زري، ڏَري، گندي، ليڙ، ٻيٽي، ڳنڍ، ڪچ، ڪوٽري، پانڊٽي، ڪاري، سائي، هڙ، چِتري، تند، لوئي، سوڙ، ڏڙڪي، چُهَ، لنگي، فراسي، بوندي، پيٽي، چُني، بوچڙي، پوتي، گندي، گنجي، چاندني، پٽراڻي، طولَ، ڳنڍڙي، ڳئونڪي، سٽڻ، سلوار، گوڏ، ڪٽي، ڇانگي، ٽوپي، اَجرڪ، لاوڙي، چادر، بُٽ، ڪَئون، چُرَ، پاڙي.

6. ڪپڙي جو بيت ●

ساراهيان سچو ڏٽي، جو صاحب ستار چوان،
اوتي، اوڇٽ، علي باغ، آسماني استري ڏار چوان،
اَلفي، اَنگي، انبا، اَنگرکو، اَکارو، انگوڇو ڏار چوان،
اَجرڪ، اُجرو، آلو، اڳڙي، ايرام، انڌاري ڏار چوان،
اڳڻ، اوڍيو، انبلڻ، اَندرين، اَطلس، اگهه، اکياڙي ڏار چوان،

● چيل لعلڻ خان لغاري جو، سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيه ص 84.

Gul Hayat Institute

اَڏوبنـد، اوڙي، اُبتـو، اُٽيـو، اَيـرو، اَڇـو، اُبداٽـو ڏار چـوان،
بوچـڙ، بـافتو، بيـرقَ، بونـدي، بجـاج، برقعـو ڏار چـوان،
بُـگ، بـري، بکـڙو، بـور بوسـکي، بخمـل ڏار چـوان،
بـالو، بـُشکو، بـالي، بـاننو، بـر ڏار چـوان،
تاکيو، تَٽو، تَنو، تَنگ، تَسر، تُرهو، تـرچو، طنبو ڏار چوان،
تَـل، طـوق، تُـرو، تـازو، تـاجي، طـُول، توبـرو ڏار چـوان،
تند، طوُئي، تار ترِيزون، تختو، تهـ، تاج، تصويرون ڏار چـوان،
توکل تُـرهو، سندرو سالهو، سِـلک، سلار، سالر ڏار چـوان،
سـوٽيو، صـافي، سـيرو، سـهٽو، سـگهو، صـابڻ ڏار چـوان،
سال، سبتو، صافو، سـنو، سـڳو، سُـٽڻ، سيبو ڏار چـوان،
سادو، ساڙهي، سيتل، سکو، سائو، سوڙهـ، صدري ڏار چـوان،
صـوف، سـرمائي، سڙيو، سـهانگو، ستار سـبائي ڏار چـوان،
سـينهون، سِـراٽو، سـنهون، سـالم، سـيج سـڏار چـوان،
جڏو، جـوڙي، جوٽـو، جـوراب، جـورو، جُـبو جمنـي ڏار چـوان،
هـرک،حاشو، هلکو، هيٺو، هٽ، حُـلواڻ، طَـنبوُ تـار چـوان،
هَـڏَ، هـڙهـي، هنـدايو، هَـنڌ، هلايـو هـار چـوان،
کيسو، کفني، کيسَ، کٽو، کرڙي، کاهي، کفن، کهنبو ڏار چوان،
زيرگـادي، زبـرو، زِيـن، رَئـو، وَرتـو، رگيـو ڏار چـوان،
ريـڙ، رَضـائي، رومَـال، رَبـڙي، ريڙَـو ڏار چـوان،
رَلـي، رَلکـو، رِبـنَ، ريشـم شـبلم سـا سـلوار چـوان،
گهـاگهر، گهگهـرو، گنـدي، گلابـي، گيـڙوُ، گربـي ڏار چـوان،
گلگـوُن، گـزي، گنجـي، گـُڏي، گهـرو، گـج، گيگـر ڏار چـوان،
گـلم، غاليچو، گـُلي، غـلاف غـازي، قـاتل، قـٽو ڏار چوان،
قَـورو، قلکـاري، قـُلڙي، قـُـلي، قـکَو ڏار چـوان،
کُـلو، کـُڙتي، کارو، کمبـل، کـناري، کفن ڏار چـوان،
کمـر، قـُـلابو، کـانپ، کتـريـو، کنـڊيـو ڏار چـوان،
کَـف، کلنگـي، کپتـان، قلمـي، کـورَ، کچـري ڏار چـوان،
کيمخاب، کال، کنجرو، کانبو، کَـلف، کُـنڊي ڏار چوان،
کـانچ، کپـَڙ، لـوَن، ليـڙون، لباتو، لـُـنگي ڏار چـوان،

Gul Hayat Institute

ليڙ، لڙ، لنگ، لنگوٽ، لاوڙ، لسو، لائون ڏارچون،
لاک، لُڳڙ، ليڙا، ليلم، لهه، لوئي، لاڙ، لتو، لڙيو ڏار چوان،
لائڙيو، ليه، لويرون، منڙ، موڙ، ملهاڙو ڏار چوان،
ميرو، ململ، مليه، منگهڙ، محمودي، منجهلو ڏار چوان،
مُصلو، مهارو، مڏيو، موڙو، مونڙو، مَڙو ڏار چوان،
ننگ، نڙو، نرڳ، نپوڙيو، ناسي، نائو، نئون، نهوار چوان،
نقاب، ناڙي، نيرو، وَهڙ، وڳو، وَٽ، وائلو ڏار چوان،
ور، وَجهه، وَڙ، وڏو، واسڻي، وَٽ ڏار چوان،
وال، وَڙو، ويڙو، وهاڙو، ٻيو يڪتاري ڏار چوان،
ٻٽ، ٻانڊيَ، ٻَڌڙو، ٻچي، ٻُڪل، ٻوڪي ڏار چوان،
ٻَڌ، ٻيڙو، پلوءُ، پوتي، پڳ، پهراڻ، پوتيو، پٽڪو ڏار چوان،
پاڪ، پليد، پَٽ، پالکي، پٽي، پَڙ، پيٽي ڏار چوان،
پال، پُرزو، پُڻي، پاسو، پتلون، پوپٽي، پانچو ڏار چوان،
پيٽو، پائڻ، پوش، پاسري، پُسيو، پراڙو، پشم ڏار چوان،
پيشگير، پيٽو، پاپلين، پردو، پلوءُ، پاند، پڙاڙي ڏار چوان،
پَڪو، پيچ، پاليس، پٽي، پٽڪو، پوشاڪ پاتي ڏار چوان،
پرت، پلو، پگهو، پيندي، پري، ٽوپ، ٽاڪو ڏار چوان،
ٽڪ، ٽُڪ، ٽئون، ٽُڪرو، ٽوپو، ٽوپي، ٽَگ، ٽڪو ڏار چوان،
ڏوريو، ڏڪو، ڏوري، ڏُري، ڏور، ڏهي، ڏاڄ ڏَنو ڏار چوان،
ٽانُ، ٽگڙي، ٽڪيو، ٽُلهو، ٽيلهو، ڏاڳو، ڏُڪو ڏار چوان،
ڍڪ، ڍلو، ور وڇاڙو، ڇڪنو، ڇلڻي ڏار چوان،
چوتو، چادر، چولو، چڍي، چوپڙ، چيرو ڏار چوان،
چهڪ، چاڪ، چَندي، چَهرو، چَڪرو، چُوڙي، چُوڙ چوڏار چوان،
چُر، چتر، چوَ، چاپو، ڳلو، ڳائي، ڳوڙهو، ڳارو، ڳرو ڏار چوان،
ڳنڍ، ڳڙڪي، ڳانو، چيڪ، چونڙي، چاري، چار انڊار چوان،
جهمي، جهال، جهنڊو، جهونو، جهلي، ڏار چوان،
جهارَ جهٽي، جهُل، جهوڙو، جهولي، جپاني ڏار چوان،
جهُنڊ، جهلڪو، ڪُنج، ڪناري، گهنڊُ، گهُنڊي ڏار چوان،
ٽپڙ، ٽُوال، ٽَپُر، گرهه، گودڙي، گنجي سا گلزار چوان،
لطف ڪجان تون "لعلَڙ" چئي، صاحب رب ستار چوان.

Gul Hayat Institute

کپھ

1. کپھ جو: پھو، قُونڈو، ٹوئر، ڈينو، هنڈ.

2. کپھ جي: تورَ، تند، گنڙي، برکي.

کڙمي

1. کڙمي جو (کڙمکو): پِڙ، پير، بج، حال، هر، واهڻ، کيڙ، لاهه.

2. کڙمي جي (کڙمکي): واهر، ڊل، مٽکي، مار، هلر، هني، کوڏر، کهاڙي، مهل، مند، پوک، جهار، واهپ.

کک

1. کک (ککن جا نالا): وينجهل، س، کانهن، آلا، سُکا، تنهور.

2. کک جا: ٽنگڙا، تُرها، اوڏيا، مُچا، پُهارا، پکا، ٽُوئا، تڏا، سِڻ، چِکا، چَها، چونرا.

3. کک جو: تڏو، جهوپڙو، پهارو، آکيرو، مَنَهُن، پيهو، پيڙهو، چونرو، پکو، چَنو، تُرهو، مَڏُ، چِکو، مُچو، وِڇٽو، چَپُر، جهڳو، چهپو، کارو.

4. کک جون: ڊريون، دهڪيون، پترون، نُکون، چتريون، تيليون، لاڏيون، تَڏيون، چَهيون.

کک جي: ڊري، چهڙي، چهپي، کاري، دهڪي، نُک، تونري، ڊلهي، چتري، مَنَ، پَت، پلڙ، ڊهلي، پيشَ، لاڏي، کُڏي، چِت، ڏائي، مُئي، پهاري، تيلي، تَڏي، چيت، چهنب، نوکَ.

کَمي

1. کمي (کمين جا نالا): کاسبي، کهارو، نفر، نوکر، هيلي، هانهون، گولو، بجير.

کُن

1. کن (کِنن جا قسم): اونهون، ويڪرو، موڪرو، تانگهو، تار.

2. کن جو: کناري، ترو، وچ، گهيرو.

3. کن جي: گهير، ويڪر، موڪ، اونهائي.

Gul Hayat Institute

ڪنبو

1. ڪنبي جو: وڻ، ٽڻ، پُور، ڏار، تار، ٽڪ، سگ، پُور، پن.
2. ڪنبي جي: ٽاري، سگري، لام، ٽام چانوَ.

ڪُنو

1. ڪني جو: ٻوڙ، رڌو، ترو، ڏَڪُ، ڏڪڻ، ڪارو، ليهه، پاسو، ڪَنو.
2. ڪني جي: ڪاراڻ، رڌي، ڪڪ، ڪاراڻ.

ڪوڙ

1. ڪوڙ جو: ٻهانو، مڪر، فريب، دولاب.
2. ڪوڙجي: دغا، ٺڳي، ڪپٽ.

ڪوهه قاف

1. ڪوهه قاف جو: راکاس، ديوُ، ديهه، جِنُ.
2. ڪوهه قاف جي: پري، چوٽي، ديوي.

ڪاڇ

1. ڪاڇ (ڪاڇ جا قسم): مڪڙ، لڏون، چورمون، ڪوپرو، پَت، ڏاڪون، پُور، ٻوڙ، چانهه، وهَه، چرپي، وڪُ، چوهارا، ڪتل، وِسناڻ، پکو، ڪچو، ڪيرو، طعام، ڳُنڍڻ، آچار، صوف، پيهون، پاڻ، پيڙا، پَت، منائي، ٻوٽيون، تڙون، جليبيون، ٽڪيون، ريوڙيون، موٽيون، سانڌاڻو، تـرَ مصري، مهي، ماني، روٽ، روٽلو، ميوو، حلوو، مُستي، ڳُڙ، ڪباب، قورمون، پلاهه، چاشني، چنگالي، ڪيرٽي، ڪارو، ڪٽو، ڦڪو، ڪڙو، ڪُٽي، ناريل، پلو، مڇي، آني، ڪڙهي، ملائي، ٽَر، پساهه، دمِ پخت، تلوٽا، ليٽي، چمون، پُڳو، سَتُو، شربت، پوريون، پوڳاڙو، پکوان، اوبارو، فالودو، ڪچوريون، ڪوفتا، يخني، زردو، سترينيون، پلنگ ٽوڙ، پڳڙا، ڪاڇا، پيٽارو، ڪيري، مربو، چٽني، عرق، شراب، مالپڙا، ڪيرپُڙا، تـر بوڙيندا، ڳُڙڏاڻي، اکروٽ، مغزات، بادام، پستا، نيزا، ڪشمش، بوهي چٽا، دال، ڀاڄي، ڪمند، ڪريلو، نباتون، توشا، تاڏل، ميسوپاڪ، ڪجيون، ڪجور، بص، ٽوم، دَمَ، گيهر، وڙو، نختي، مائو، توت، نارنگي، ناسپاتي، چڪون، چيڙ، گدرو، چانهين، انب، انجير، ليمون، سيتاڦل، گجر، موري، وَنگو، پالڪ، مريڙو، هَڪم، لوجريون، تازو، پاروٽو.

Gul Hayat Institute

2. کاڇ جو: سواد، مزو، ٽاڻُ، برتن، گرھ، لُقمو، مصالحو، طباخ.
3. کاڇ جي: مھل، شيءِ، رَڌ، ڦيلھي، ٽالھ.

کٽ

1. کٽ جو: ھنڊ، وھاٽو، رَکو، پائو، اوپرو، ٽوکڻ، واڙڻ، ڇِکڻ، پَھڻ، مُنو.
2. کٽ جي: تانگھ، واڌڻ، اِيسَ، ڇِکي، تنگ، ڇني، واڙي.

کڻي

1. کڻيءَ جو: رنگ، کُن، ڏوپ، ننگ، کساٽو، ساکُڙ، ڦَرھو.
2. کڻيءَ جي: ڇُرَ، رَتي، ٻنڌي، ٻينبي، ڇاڇول، گِسي، کَتَ، ڦُلي، کڙ، مَنڊ، کوڙَ.

گار

1. گار (گار جا قسم): تَنوار، کُوار، رَنَ، حرامزادي، حرامخور، مڇلي.

گاھ

1. گاھ (گاھن جا نالا): مکڙي، لنب، لل، لاڙو، اَکڙ، پيچڙي، کانھن، لوسڻ، برسينگ، ڇپر، ڏنوھي، کانا، ساوڙي، ٻگرو، پَتَل، پَتَر، پُرٽ، بکڙو، ڳم، ڳنڊيرِ، گرڙ، وڻ ويڑھي، ناڙو، مريڙو، ٻُکن، بند، نڙ، ڳني، دَنو، ھرپَن، ڇٽ، سکو، سائو، گوار، ٻُنگ، ڇيھو، چل، کوڙي، کلوڙي، مانڊاڻو، کوتک، سيڙ، ڏائي، کَلَ، ٻيرڙ، ڇانھڪ، کھ، کول، مڇ، پکو، کڇو، رنجکو، سيءَ، سَرَ، کانئر.
2. گاھ جا: اوپڙ، تک، گَڏا، گُلَ، بند، مڊ، پوپا، چُوپا، اولڙ، کھڇ، کک پن.
3. گاھ جو: بند، سانگ، گل، پن، پُور، گڏو، سائو، سکو.
4. گاھ جون: دَنيون، پريون، تيليون، کُھڙيون، سٽريون، چونگيون، کتريون، سايون، سکيون.
5. گاھ جي: دَنِ، کالر، پري، ڇَٽ، پُوري، تُڳي، تيلي، ڀھاري، مُٺِ، کُھڙي، سٽري، کُتر، آھُر، لڊ، اور.

Gul Hayat Institute

6. گاهه جا بيت

(1)

ستي رات سڀيج، جو سهڻو لڏو هوم سومرا!
جيئن سمجهيم تيئن سڀائيين، ڏيان رکي دل ڏيج:
چان کر لٽم بند "براهم" چئي، مهندان هن پٽ هيج،
چان کر وُنا مينهن مليرتي، ٽيو رڻ جهڻ پٽن ريج،
وڻ ٽڻ وليون ڦليا، ٽيو سائو سبز سريج،
اچو چونم سرتيون سنبهيو: هيکر ڏٺ هليج،
پرٽ، پيکه، ڏنهين، کريو[1] خوب کڻيج،
مرلي، منڊيئڑو، مکڻي، پايو پاند ڏريج،
پرٽ، پونگر، قطر کامون، ميڑيو مُچ کريج،
ڊپ، ڊامڻ، پٽ تتر، پوئي، وڻ وڻ کيو واريج،
لل، مليرو، لنب، لاڻي، لوهيءَ[2] منجهه لڻيج،
سائون، که، ڳنڍير سين، دست مليو موڙيج،
پرو، پاجهر، پانڻي، سانجر[3] سڪائيج،
پٽ بصر، کوڏير کڻيو[4]، ڏڻيو ڏار کريج،
ڦرج ڦاروئن کي، ورجي کير وريج،
پکا، کونر کانڊ کي، ادي آڻيو ڏيج،
دڏڙ ڏاجورن سين، نوان چونڊيو نيج،
ڳاگا، راگا، گر، ليهاري، آڻيند کي آڻيج،
گولون، چيڙ، ميها، مگها، کوڙيون[5] جوپ کريج ،

---

(1) چيل شيخ ابراهيم پٽ شيخ حمد لسٻيلي ۾ شيخن جي ڳوٺ جو رهاکو هو. جام ميرخان اول (1776- 1818ع) جي دور حڪومت ۾ ٽي گندريو آهي. مختلف روايتن موجب سنه 1730ع ڌاري ڄائو. هن شاعر جي ڪري ئي لسٻيلي جي شاعريءَ کي عروج حاصل ٿيو.

[1] کريو= پڻيو.

[2] لوهي= لوئي.

[3] سانجر= ساجهر.

[4] کڻيو= کوڻيو.

[5] کوڙيون = پنهيري وڻ جو ڦر.

Gul Hayat Institute

ڏونئرا، پيرون، ڏنگٽي، چيچن چت رکيج،
سنگ، سنگراريون[1] ، ٻيرَ ٻڙون، ٻونگرو پاند پايو پرڏيج ،
کان پيرون، ڪل ڏکٽي، ٻڏ ڪٽيو رچ رکيج،
هئي ٻڙي! هنجيرن[2] کي، واهه جمون جاڻيج،
هڪ گهوگهيتا، پرهه پوتکون، لوءِ ڪنيون لوڻيج،
کانهن ٻکيون ڦرن ڏکيون، پن سِتا[3] پٽيج ،
اڇا ڦانڦن[4] ڦلڙا، ٻر چوندبيو گهر نيج ،
سر کاناري، ڳل سيليو[5] ، کليو پيه پسيج ،
هٽ پڳ ميندڙي موڙ سجوڙ لالائي لائيج،
کير، مکڻ، کڙ کيت سين، کائج کارائيج،
ٽڏا کٽا پن ٽوهرين، اوءِ به مزا ماڻيج،
ٻيا به ميوا موڪ مليه ۾، پينر پاڇي ڏيج،
جان جاڳان تان جيکي ٽيو، موٽي پيم مجيج[6] ،
ته ڪٽ ساڻيه، ڪٽ سرتيون، ڪٽ هينڙو، ڪٽ هيج،
ڪٽ مليه، ڪٽ مارئي، ڪٽ رڍون، ڪٽ ريج،
انهي سيل سفر کي ويهي وڇاريج،
ادا عمر! عادل آهين، مون مبارڪ ڏيج،
تان کي تعبيريج، سهڻو منهنجو سومرا.

(2)

وڻو مينهن وس ٽي، موريا ٻج ٻيهر،
کانهه، کانديرا اٽيا، سڻ موجار سَر،
لَنب، لوت لڳي پيَا، پٽين ۾ پوتر،

---

[1] سنگراريون= سگريون.

[2] هئي ٻڙي هنجيرن= آئي ٻڙي انجيرن.

[3] پن سِتا= پن جا سنگ.

[4] ڦانڦن= پن جا سنگ جي اڇا ٽين.

[5] سيليو= ٻوٽو، جنهن جا پن کائبا ۽ چپ ڳاڙها ڪرڻ لاءِ هٿبا.

[6] مجيج= سماءُ، خبر.

(2) چيل ولي محمد رونجهي جو، هي شيخ ابراهيم جو شاگرد هو ۽ لسبيلي جو ويڙل هو، پنهنجي استاد شيخ ابراهيم جي ڀران کافي ڏڳها بيت چيائين.

Gul Hayat Institute

ميھا، مگھا، مزليون، چڳا ڪيا چاھر،
ڊپ، ڊامڙ اٽيو، ڪيا منڊيئڙي مجر،
ڳر، ڳانڊير، ساوَڪو، سنگيو، چيھي لاياچر،
ڪھ، ڪٿڙيون[1] خوب ڪنھبيون، ڏنھون ڪيا ڏيھر،
ين پينج پچڻي، موڪ مريڙو، لاڙا، لوت لُلر،
ڪيرڙيءَ جا خوشيءَ سين ٽا چرن ٻُور ٻَڪر،
لال لاني ڦڳي، ٻي پوئي پٽ پٽر،
ڪڏي ڪوتڪ اتي، اجا زور ڦلي زھمر[2]،
ٽوپ، ڪلھوڙي، پنيون پڪيون، جوپ جھجھا تت جر،
واھو، ويڪو، جوپ جوانسو، ڊامائو ڊڪسر[3]،
ڦانڊ، سگوٽيون ڦليون، ٽا ڪن گولاڙن تي گذر،
نرو، ھرڙو نگيا، ڦٽا چل چپر،
ريڪ، منديري، سنيار، سوايو، ڏٽين لاءِ دَنور[4]،
ڏڏ، ٽانڪاري، اٽڏانگي[5] پيو، پياوڙا گنجڪ منجھ گھر،
ڏيڏو، ڪڙمت، ٻيل، ٻريڙي، ڊاک جھنگين تي جر،
آءٌ چل چونديديس چپ[6] ٻر، پاپاٽن سين پر،
چيڙ ميڙي، وليون ويڙھي، پريو ڪوڙي ڪانبا ڪر،
ميھا آندم چوندي پاند ٻر، ڪيم ڪاٽونبن سين ڪر،
ڏونئرا، پيرون پوچ پٽين ٻر، لال پڪا ليھر،
درس ديگوڙا[7] ديسين ٻر، پيا ڦاروئڙن ڪيا ڦر،
لال ليسڙيون پڪيون، ٻيون ڪوديريون ڪٽر،
آٽيو ڳاگا ڳوٽ ٻر، پتيون ڪن پنھور،

Gul Hayat Institute

---

[1] ڪٿڙيون= ڪڙا، پپون. ڏيھر= ڏيرگا.
[2] زھمر= پتر جو ٻوٽو.
[3] ويڪو يعني وڪو گاھ. چوانسو= ڪانڊيرو.
[4] دَنور= ڊوَ.
[5] انگي پيو= ڦٽي پيو. گنجڪ= ھرجاءِ.
[6] چپ= ڪوچو، ڊورو.
[7] ديگوڙا= گيدوڙا.

کوريون، پيريون، ککريون، ٽرين ڦليا ٽوهر،
بيد، ڇميون باغ ٽيون، کيا گهوگهينڊي، گگر[1]،
برٽ، بانول، ٻيکهين، پٽر پٽ بص،
پرٽ، پونگر، ڪرنگهه، ڪتي پڇ، حاجيئڙي هونگر،
اُست، ابتيون، ٽيو ڳوهيندبيو، پي جا بيحد گهٽي بتر[2]،
ٻاجهه ٻڪني، هنڊ هنڊ هيرڻ، پٽين پڇونگر[3]،
خوب کيرولين، هار هسڳريون، چندني کيا چکر،
ٽ- پنيون ٿهکن، منگليون مرکن، ڦٽيون ٻکر هاليون ٻيهر،
بڙ انجير، سرنهه ساڇو ٽيو، ويڙيون ويءَ ولر،
کهوءَ، مهوءَ وڻ کيترا، ٻيا پهڻيرا پٽر،
لڏي لوهيڙا نگيا، پاٻوهيا پيپر،
ٻيل ٻهورين پور ٻڌا، آءُ چونڊيان ساڪڙ ساڻ سڳر،
کورڻ، ميندين، چونڊڻ ويندين، جتي جهال جگر[4]،
گرڙ، ڳاراڻي، ويڙ ورينگڻ، ڪاڏيم سونهاري سگر،
اک، ٻوهه ابا ٽن اوڏڙا، نم تت نشانبر،
ٽانت، هشنگ، کار، کپون، ميشڪ کيا مجر،
ڦوڙ، گررڙ، خوب کرک ٽيو، تتي وڻ تمر،
تنهنجا ڪم نه اچينم کيوڙا، آما، انب اپر،
ليمان، کويون، آمريون، تو وٽ نت پکا نار[5]،
سرکن، ونجهه ولاڻي، پر قوت اسان جو کونر،
سرها سانبين سومرا، گام اسان جا گهر،
ڪٽوريءَ خوشبوءَ ڪئي، [ڇڻ] اوتيائون عطر،
ساريم وڻ وطن جا، ساڇا سي سکر،

---

[1] گگر وڻ جي ڦل جو نالو گهوگهينڊو (جو سُرهو ٿئي، ماڻهو کائينس ۽ وڻ جي ٽڙ مان نڪتل رس کي گگر چون.

[2] بَتر= پتر.

[3] ٻاجهه= گهاڻي.

[4] جهال جگر= گهٽيون گهاٽيون.

[5] نار= ناريل.

Gul Hayat Institute

واحد جي وڏائيءَ جي ڪمي ناهي ڪر،
مون کي عقل ايترو، آيو منجهه اندر،
ڪيڏ بنديائي بند مان الله لڳ عمر،
تہ مئي اتي مجيان، سندوءِ ٽورو ٽر،
ڪر پلائي يال وڏو، جان آءٌ ويهان ساڻ وڃر،
البت ابائڻ جا هوندا مٽم ڏک ڏمر،
سي سپ لاهيان سومرا، گڏي گم گوندر،
ڪر سڃايون سُک جون، ٽي مرَ ظالم زوراور،
ڪنهن پر ڪين قبوليندين، هڪ ور مٽان ٻيو ور،
هاڻي ڏٺو ڪر هن هٽ کي، آهي ڪرڙي زور قبر،
اصل عزازيل کي هبو تڙايو تڪبر،
ڪڙ هڙ سلامت هتهين، وڃاءِ ڪيم وڪر،
همراهي حضرت جي، شل ايندم ڪم قبر،
کا مرَ ڪاٽياري تئي، مهندان ڏينهن محشر،
سندي دوستاڻي در، شل ويندين "ولي محمد" چئي.

(3)

سدائين سهج ۾ منهنجا ويڙهيچا وطن،
ڪر ڪارونيار ڪيو اُت بادل ٽا ڀچن،
وَسن ٽا وڏڦڙا، بوندون بس نہ ڪن،
پريا تَل ترايون جا اچي اوهيرن،
ٽيا کيٽ ڪنيين جا، کيون گلزاريون گاهن،
موٺ انگوريا مونگهڙا، مٽي تن ماڳن،
گهيٽا پاس گهرن جي، آهن ڏالا ڏاجورن،
ڪهه، ڪلوريا، کيترا، ڇهر ساڻ ڇڻن،
کيهه ڏڻي آهه کاهڙ ۾، ڪئي ساول ساوڙين،
ٻيا جي ڳڙ، ڳنديير ٽيا، ميڙو گاهه منجهن،
مکڙيون ۽ مانڊاڻا، ٻي ڪيرُل ساڻ خوشين،
ٻُڪن، ٻوڙي، ٻيکهون ۽ لنب لنوارون ڪن،

---

(3) چيل جاڙي خان مري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 122.

پُڇَر گاھ پٽن تي، ٻي ڪوتڪ ساڻ ڪرن،
ٽيلھ ٽڙي ٽوپ ٽيا، پوچ ڪيا پٽرن،
سدائين سبزيءَ ۾ ڏايوري ڏيَن،
ڪانو گاھ ڪويھ ٽيو، ٻيو جھلورو جھوڪن،
سسئي، سيارچ، سونگڙو، ٻيو چوپو گاھ چون،
ڪتڻ گاھ ڪيترو، ٽيا ڦير ٻ ڦڙيھن،
ڦاڙھ ڦونھاري، ڦَرڦُل، سيندو گاھ سندن،
جھل، آڏيري، جھوپٽ، لاڙو لس پٽن،
ڪانئل، ڪڪڙو، ڪينجھرو ڪيترو، ٻيو چيلڪُ گاھ چون،
آگاري، ٻوٽي، ٻوھ گھٽا، ٻيا ڪانڌيرا ڪھڪن،
ڏير، ڏاتو، سنڇُ ساماڙو، ٻيا لاٽنيا لھريون ڪن،
ڪَپَ، گھمڻ، ڪالاڇ ڪنڊين سان، للھڪارون لاٽين،
ھزارداڻي ٻي جا ناڙِي، ۽ مٽري ٽئبي ماروئڙن،
ڏنگڻي، ڪوري ڪيتري، ٻيا سونھڑا سونھن،
پُرٽ، ٻڇٽي پاڻ ۾، ٽيو ڏامڻ گاھ ڏٻن،
ڪنڊين ڪراڇُ ڪڪوريا، ٻي ڇانھڪ چوڙيلين،
ٻرٽُ گاھ ٻھون ٽيو، ٻي پنِ مٽي پوڻن،
ناڙا جي نانيون ھڻيو، ٽا لوڙيءَ ساڻ لڳن،
چمڪ، چيھو، چوڪڻي، ٻي ڪانھين، ڪنگورن،
ڪَل، ڪٿھر ڪارونيار ڪيا ۽ سوجھي تن سَرن،
مونوگاھ، منديريون، ٻي پٽر پاس پٽُن،
اوئن گاھ اَمبنگ ٽيو، ٻيو ڪرسو ڪاراھن،
ڏراڙ ڪٽوري خوشبوءِ ڪئي، ٻي سٽئي سنگھارن،
جھنجھڻُ ٻ جھمڪا ڪيا، ٻيا سوڏا سالارن،
اڪڙُ اُبٽ ڪنڊڑي، ۽ ٻيو واھو ولھارن،
نَڌو ٻ نروار ٽيو، ٻيون ٿوھ وليون ٿھڪن،
سُڻ سيئي سرھا ٽيا مٽي ٽاڪ ٽرن،
ھڪڑا ڦوڳ ڦلاريا، ٻيا جھليا گل ٻ گولاڙن،
سيوڙي سائي ٽي، آھ پيڙي پنگورن،

Gul Hayat Institute

گوار گداڑي، گھونگھٽڑي، چيٽونيون چمڪن،
ماڇنگ ٽيا "مري" چئي، ڦري ڦوٽھڙن،
وَڻَ ويڑھيءَ جي ويس ڪيا، مٽي ملڪ ماڙيچن،
جُوءِ انھيءَ ۾ "جناڑو" چئي، مارن مال چرن،
سونھن ٽا ساٽيھ ۾، جھوپا جھانگيڑن،
پيا جي لس لھي پيا، سي ڏٽ ڏوٽيڑن،
ميڑيو تن ميھن کي، چيڑ چوپا ڪن،
ريبڑ، رانھان ڪيترا، چيھ ڪيا چانھن،
مانھن، موٽ، مُگن سان، ڪيئون منجھ ڪانين،
پھريون آھن پيرُن لاءِ، پيون لکين ليارن،
ڦرن ٽيون ڦوڳيءَ لاءِ، پيون پيُون منجھ پٽن،
چنيو اڇن ٽيون چوھ منجھان، ڳاٽ پريو ڳاگين،
چاڑھيا اٽن چاھ مان، سي سگر سرتين،
ويھو ٽيُون ورھائين سي، ڏويون جي ڏوڻرن،
لُلُس، مريڑا، لوٽڪون، اھو مرڪ ماروئڙن،
سانئون، ڪرنگھ ساماڻو، ٽيا سڪ سانگيڑن،
نئين سج جا نانگلي، سا چاٽين ساڻ ڇڇن،
شاعر جو شمار ڪري، ڳڻي ڇا ڳڻجن!
اھي ٻانھياريون "ٻروچ" چئي، اُتر ولر ڪيو وتن،
سي سگر ساھيڑين، ڪيئن وساري ويھي رھان.

(4)

ساراھيان سچو ڌڻي، جو صاحب رب ستار،
قادر جي قدرت جون جوڙون ۽ جنسار،
منڊ مڙن جو مصطفيٰ، جو تڪ لنگھائيندو تار،
ساريو سانگيڑن ڪي، نٽ ٽمايان نار،
سانوڻ ۾ سرھايون ٽيون، وڃون ڪن وسڪار،
لڏو ڏولائو ڏيھ تان، سرھا ٽيا سنگھار،
پريو پٽ پاڻيءَ مان، ھوءِ چِڪون ڪن چوڏار،

---

(4) چيل حاجي حميد خاصخيلي جو، سوانح عمري لاءِ ڏسو، ص 97

اوڙ اَپريا، ڇاوا، ڦٽا، انگوريا، لٽو ڏوٽين متئون ڏڪار،
ڏٽ، ٽُـــپ، ڀهـڙ، ٻوٽـــو، ســـُـــڪن پئـــي ســـار،
سائو، سيهڙو، ساوڪ، سهاوڙي، ڪچـو پـاس ڪنـار،
ڪـــهـ، ڪتـر، ڳر، ڳنـديـر، ٽـا پڪـڙن منجهـــ پاتـار،
چـپ، چـــٽ، پـن، پوٽـو، تـون نـــڈي پـاس نهـار،
ڊپ، ڊاڙي، نـــک، نـــاڙي، اُت پٽـــر ڪـــن پهنـــوار،
ڪَـــل، ڪلورو، ڪُـور، ڪـاني، نـاڙين پـاس نهـار،
مـــُنگها، مـــُرٽ، منڊيئـڙا، مانڊاٽـا، هنداٽـا هـزار،
مجـر، مَـــڪ، مريـڙا، اتـي سيـڙ نـــ ڪـــن سـنگهار،
لـــل، لنـــب، لاڙي، اتـــي بـــُـــڪن ســـاڙ بـــُـــهار،
بيڪهـــ، بـــرٽ، بيـــرڙ، اتـــي گولـــي ڪـــن گـــذار،
ڏم، ڏيـر، ڏنونـي، ڏاڪـر، مـــُـــڇ ســـان مـــوڙ مهـار،
ٽـــوپ، ٽوهـــو، ٽنگـــڙي، ڪتـــڙ چگـــيءَ ڪـــار،
گـاج، گـاجيرو، ڊامـــڙ، ڊوري، مڪڙيـــون ڪـــن ملهـار،
راضي، رنجڪي، رسامو، اوئِـن اولون، موئيءَ ناهـ ميار،
چوپـــو، چنـــدن، ڪوئيـــد، وڊي ڪنهـــن وڻجـــار،
ســـيءُ، ســـنور، ڪانهـــ، قلـــم، لکيـــو لکڻهـــار،
ڪـــُـڪ، ڪـڙپ، ڪس ڪـانو، وس نـ ڪنهـن جـي وار،
پلڪـار، پپـڙ، پـواڙي پـاڻي ۾، نسـريو ٽئـي نـروار،
پـڙي، پـٽ ڪنـوار، پـلاڙ، پـاندر، لڳـي تنـد تنـوار،
چپـــر، چوتـــو، ڪـــرڙ، ڪـــارئو پچـــر جـــي پچـــار،
اِڪـــڙ، ســـهل، ســـجاتو، ڏنگيـــن ڪيـــا ڏار،
برســـينگ، لوســـڙ، ســـنجي، نـــڈي ڪـــر نهـــار،
ســـاڳ، مليـــرو، ســـنجڙو، ڳـــڙو، گـــدڙول گينـــوار،
مـــُـــڙ، چـــڳ، ڪـــَـــچ، ڪـــانبو، آڙينـــگن اَپـــار،
يـــري، يـــاڪر، اڙ، لـــڏ، اتـــي چلـــي ڪـــن چـــوڏار،
ڪچ، ڪـُـهڙي، سَـــڙي، پـُـنارڪ، گڏي جي گـذار،
بنـد، بنـڈڙ، گڏنـد، گـودر، چـــنا چـاڪ چـوڏار،
ڪَـنڈي، ڪوڙو، پـُـرٽ، پچڙي، ڇهڙيـو پـوي چـوڏار،

Gul Hayat Institute

انبار، دڙ، نُل، دَنِ، ستي ڪنهن سينگار،
اڇو، اولو، منهن، مصلو، اها پر پهنوار،
جهڳو، جهوپو، يونگا، پرتي پڪا اڏين پهنوار،
چت، چاڇو، چپري، اتي چنبي ڪن چٽڪار،
پتر، ڪنڊي، ڏري، ڏنگٽي، اتي لڙهي ڏين لاچار،
تڏو، توئري، تَرُ، ترهو، تون پير اڪارج پار،
سنڊ، سوندو، گاگڙو، چڇن پئي چار،
بي پاڙي، نوڙي، رسي، ڦاهي، ڪاموهيءَ جي قطار،
باري، بني، پڙچ، پيڙهو، سپني ڪهڙي سار،
هٽي، ٽوڙهو، مڙهي، نت ناپو، گُري، گوندر منجهه گذار،
واڻ، ويڙهو، ڦرهه، چموٽي، بِندي ڪن پوڪار،
مڱ، موڙيا، مهيچا، اتي پاڙي پئي پچار،
موٺ سُرها، موتيريا، اُت ڪپيو ڪن ڪوڪار،
ڪرنگهه، ڪوتڪ، سر، سائون، تڪئي ناهي تنوار،
ڪورڙ، ڪرار، ڪُماچ، ڪِهري، ڪي سائر لهن سنيار،
بيهه، بُيڙ، اُڙد، آهر، آسرو، هتي چيڇا ڪن چوڌار،
رس، رهاڻ، روازي، رپڙ، روڙيو پَستل آڻين پنهوار،
ولواهنو، وڇريو، ڪن گولاڙا گلزار،
پپون پوچ پٽن تي، اتي سگر ڪين سنگهار،
پنج ست مڙيو پاڻ ۾، ات ڪليو ڪن ڪينڪار،
هيءَ نماڻي نيرن ۾، جا پٽيو ڪيي پار،
ٽيندو ڏينهن قيام جو، ٽيندس دانهين منجهه درٻار،
موڪل ڏي مليو وڃان، اٽئي ڏاڍي رب سرڪار،
"حاميد" انهيءَ احوال جو، تون واري ڪر ويچار،
تہ قادر جي قدرت جو، انت نہ ڪو شمار،
پوءِ ڪلمون جن قرار، هوندا سي ايمان سان.

لا اِلٰه اِلا الله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

(5)

ساراهيان سچو ڏڻي، جو مالڪ آهي ملڪن،
آندي عمرڪوٽ ۾ نماڻي سان نعلن،
قادر جا قيد ڪٽي، سا ملي ماروئڙن،
ونڙا مينهن مليرتي، گاج ٻڌي گاهن،
قير ڦرهيا ڦوڳي ٽي، ڏيهه ونو ڏونرن،
پپون، پيرون پاند ۾، خوش ٻڌي ڪائن،
ڏڪڙي، ڍامڻ ديس تي، بکڙو، پرٽ، پرانچ پٽن،
ڪهه، ڪراول، ٽڪ، مانڌاڻي، ٻور جهليو ٻوهن،
لنب، لانيو، سرهل، سين، ٽونگ پريا ٿوهن،
چپري، پنگري، ڪڙهه، ساوڙي، هلڙو حاضر ڪن،
سيٺهن ساماڻي هزار داڻي، ڳهلي ڳنديرن،
مجهه، منديري ملڪ تي، هيرڻ بہ گاهه چون،
ڪسڻ، ڪرسڻ، ٻرو، ٻاور، لهڙا لاڏ پرجن،
نہ ننداول وڻي، نہ چڙي چڳ ويڪر چورن،
مهڙا پيهڻ ماڳ تي، ٽا چيڙ چوپا ڪن،
اڪ، ڪبڙ عظيم ٽيا، ڪپ خوشحاليون ڪن،
"حاجي ميهر" چئي ماڳن، هي پي ٽر تي ٽوڪ پچي پيا.

(6)

رڻ ۾ 'رمضان' چوي، هئي گاهن جي گلزار،
لوسڻ، ڳڙ، ڳنديير، کهڻ جي کونڪار،
باد رنگ، بکڙو، لهر، لاش لاسي، لپاڻي، اوڻ اکيچار،
ڪلُ، ڪهه، ڪيو ڪوتڪ، ڏاڍي رمهه جي رفتار،
ڏنهه، ڏيرُ، پٽ تير، پئي، پهڻ، سالر ۾ سنسار،
لاني، لوٽي، لمهه، ڪوٽي، پتر، پوٽي، ٻيو ڪونهن قطار،
ميڙو، مکڙي، منديري، مانڌاڻو، ڏاڍي ڪيرل جي خنڪار،
بوبڪ، برهوٽي، بليڪو، ٻيو ايريو اکيچار،

---

(5) چيل حاجي ميهر جو. هيءَ روايت اُتر (تعلقي شهدادڪوٽ) مان عبدالحق کان ملي.
(6) چيل رمضان چانديي جو. هيءَ روايت اُتر (تعلقي ميروخان) مان غلام قادر کان ملي.

Gul Hayat Institute

مور، منگها، مورچل، چوڙ، ڍاماهو، ڪنسو ڪل پوار،
ڦوڳ، ڦتوڪڙ، ڪانول، ڪاري ٻوٽي، لوري، لاڙي، لونڊي،
آمهه اڪيچار،
ڊپ، ڇپ، سڪمڙڊ، سَس، سينور، سَنا، ساوڙي، ڪامهه ڪارونيار،
پرت، پنگ، پنگرو، واهو، وڻ ويڙهي، اُبت ڪنڊڙي جي آر،
بي پاڙي، اِڪڙَ، ٻُڪن، آڏيري، ڪلويڙي، ڏس لاڻن جي للڪار،
نڏو، نڙ، نَاڙو، ڍاڻڻ، باڻونو، سيم، ولهه منجهه سنسار،
اسپنگر، اسپنگي، ڦودنو، ڦاڙ، جانيو، ڳوڙ، ڪوڏالو منجهه ڪنار،
هزار داڻي، هگَ، هتمُ، پيتڪَ، پرسان، شاهترو، شرشتو بيشمار،
حسين ٻوٽي، گل ڪاڪڙ، پريو، ڏس اڪيري جا آڇار،
لل، لوٽڪ، ڏوڪڙ، مڪو، مريڙو، گاءُ زبان، گولاڙو، ڪستوري ڏار،
پيو نج، بنوشه، زوفان، بخمل، ٽين بادل ساڻ بهار،
"چانديو" چوي چوڏار، گٽ ڳٽينديس ڪيترا.

(7)

ساراهيان سچو ڏڻي، جو صاحب رب ستار،
وٺا مينهن مليرتي، ٻيا سهنج ڪيا سردار،
پهري پيون پٽن تي، پُڇ تہ ڏيئين پار،
يلي ڇائي پڇڻي، ڳنديري ڪيديا ڳار،
ڪهه نڪتي خوشيءَ مان [ڪينئَن] ڪري ڪينڪار،
ٻٽ ساماڻي ٻيري، ڏنوهي جهليا ڏار،
اوئَن لڳي الاهي، ڪيراهي جي پنار،
پَٽ پڪا آهن پار جا، ڪرڙ ڪي ڪنڊار،
سُٽا سَٽيا، يانيا جُوءِ جا، ونهين منجهه ولهار،
لڻيون سڪون ساهه جون، پگ ڏسي پگدار،
پنجاهه هٿ پکي جو هو، ڪڙي ڪڙي ۾ ڪنار،
موڪ پڪو مريڙو، ڏس لل جي للڪار،
لس پکي آهي لوٽڪ، ناهي مڪٽيءَ تي ميار،

---

(7) چيل مانجهي جو. هيءَ روايت وجولي (تعلقي ٽنڈي الهيار) مان ولي محمد طاهرزادي کان ملي.

هـرڙ چريـو اچـن هزاريـن، متـس مينگهـ مـلار.
ڏاڪـا پچـي ڏول ٽيـا، تونـنـگ بـڏو تڪـرار،
گنـج گـڏيا آهـن گاهـ جـا، ٽـوپ بـ ٽنـڊيدار،
لکين ڪِروڙين لنب لڱو، جنهن جو انت نڪو شمار،
سيڙ، وڏا سـُـنَ موريـا، قـُـٽي ڪيـائون ڦلهـار،
ڀهڪـي چـائو ٻوهـ ٻنيـن تـي، اوڏي ڪـل اوچـار،
تـُـهين تـُـهين، ٿوهر چـائو، ڪري چـوڏاري ڇهڪـار،
ڪلـون، ڪـانهن ڪپـن تـي، پپـون انهـيءَ پـار،
گـڏجو ڪـائن گـِـدرا، ڪـن ونـگن تـي ونگـار،
پرئيـن ڪـُـني پِتـل چـائي، ڪري ٻيلي ٻر ڀهڪـار،
ڪٽـي ڪٽـي ڪيـول چـائي، نئـي ٻـڏا اٽـس نـار،
چائي مـُـنڊيري مينهن تـي، ڏس ڪوتڪ سندي ڪار،
پلـو چـائو آهـي پنـگرو، گهـوڙي ول واڌار،
دلئـون چـائي آهـي دڪڙي، ڪـري سـاوڙي سـينگار،
پـاندُ رول پـن پکيڙيـا، ٽـي نانـگرول نـروار،
ميهـا پـاس ڊِپـن جـي، مـوٽ پکـا [موچـار]،
گوڙِ هٽي جا گوار نڪتي، ڪري چندن تي چٽڪار،
مينگهـ ملهاري ميندي جي، ڏس ڪاموهي جي ڪار،
بوبـڪ بـاغ بهاريـا، ڏس وٽـن جـي وٽڪـار،
وڻ وٽيا پنهنجي وطن جا، جن جي پـَـٽ بـ ڪين پچار،
ڳوٺيـن تـي ڳهـ پاتـا، ۽ حـُـورن پاتـا هـار،
مهل انهـيءَ "مانجهي" چئي، بـُـڌ چيرن جـا چمڪـار،
بـي جـا بـُـڌ ٻيلي ٻر، هلي ياڳين جـي يـُـٽڪار،
ڏس انهـن جـا پـار پچيـن تـو، پـورا ڏيئـن تـو پـار،
معلومـت مـُـلڪ جـي، سـڻ ڪـن ڏيئـي ڏاتـار،
پـوءِ ڪلمـي امـر قـرار، آهـي مولـيٰ ملڪ اسان جـو.

لا اِلـه اِلا الله محمد رسول الله

Gul Hayat Institute

(8)

ادا ڙي عمر سومرا! اسان جي ذات نہ ڪيون زوريون،
ڪاڄ خوشنما ڪائڻ، اسان پھنواريون نہ آھن پريون،
جھڙا تو وٽ آم، عطر، عنبير، تيلن سنديون تريون،
تھڙيون اسان وٽ ڪٽيون ڪتاليون، خوشبوءِ ڪٽوريون،
ميڙي مگاليون مليرا، اسين ڪوڏير ڪين وساريون،
ڳاگا، ڳاگيون پھري، ڪن پلپل پنھواريون،
ماروئڙن سين مليرِ، اسين ڏونئرا ڏٽ ڏوريون،
لڳا لل، ليسوڙا، ليھار، پيا پاڪرن ۾ پريون،
پاڪوٽين، بوڏين بحر لائيا، ڪاڄ بنا ڪوريون،
چونڊيندس چيڙا، پيون پيرن ڳاڙھيون پيريون،
پنجين ھٽڙا پاياسين، ۽ پڙچن ڪيون پاتاريون،
منا ميوا ماڪيون، اسين ڪٽورن منجھ ڪريون،
ڏيئي گوھر گولاڙن کي، سنگرالين جون سريون،
سنڊيلون "سونھارو" فقير ڇئي، ڪين وسرن کي ڪونرون،
اھڙيون ھاڄ جون ھٽيڙيون، وڃي ڏک ۽ ڏولا ڪنديون.

گل

1. گل (گلن جا نالا): سناسي، سورج مکي، گلاب، موتيو، چنبيلي.
2. گل جو: رنگ، پوٽو، گلدستو، ھار.
3. گل جي: خوشبوءِ، رنگت، سرھاڻ، ٽاري.

Gul Hayat Institute

گندِي

1. گندي (گندي جا قسر): اُبتي، سبتي، وڊيل، ٽُکيل، پوڙ، پڌل.
2. گنديءَ جو: پلاند، پاسو، بر.
3. گنديءَ جي: کنڊ، اُبت، سُب، ٽُک، ڊيگھ.

گھ

1. گھ (گھن جا نالا): مندي، دُر، ھار، نٽ، پونچي، ڪڙي، مُرکي، لعل،

---

(8) چيل سونھاري جوکيي جو." نئين زندگي" مارچ 1953ع تان ورتل.

مانگھہ، والي، ڪنريا، اَلي، اَلو لک، ورٽو، طوق، ڪيوٽي، چلي، ڏهري، نُورا، ڏانوٽي، پنڑا، بولو، بينسر.

2. ڳهه جا: وَر، وَکڙَ، ڦيرا، ڦيٽَ، موڙَ.

2. ڳهه جو: ور، ورٽو، مَٽُ، رُجرڻ، پٽار، ڏوکو، پورو، نهرو، موتي، مٽيون، وزن، اوجرُ، ڳنڍُ.

4. ڳهه جون: نيون، پراٽيون، ڪسوٽيون، واليون، ڏوريون، تندون، ميخون، لئون، ٽڪون، منديون، ڪُرڪون، سرون، گهنگهريون.

5. ڳهه جي: ٽڪ، لڪ، پوئي، ڪَسي، لاڄهي، اُجاري، گاڻ، تور، هلڪائي، سستائي، ڳرائي، مهانگائي.

6. ڳهه جا بيت:

(1)

سوني ساهه، تلاهه تلڪي، تنهن سر موتي مڙهياس،
بئنسر، بولا، نٽ، نموريون، سيند ٽڪي سر جنهور جڙاياس،
جهڳ مڳ جهومڪ، جهالريون، گجر ڪاڻ گهڙاياس،
دُر، ڪُر، دهرا دُرپڇا، روپ ڳهين رنگ لاياس،
ڏيڏيون، ڪوڪيون، پاڪن، پنڑا، ڪنين تي ڪان جهلاياس،
مرڪيان، مهريان، اور منڑا، سر سوني ڏانوڻ ڏاياس،
ڏر، توڏر، چاڳ پتڪيون، مينڊا ماڻڪ، موتي مُک ڳتياس،
نورا، پوئرا[1]، نانگلا، پيا هار، هسين گر پاياس،
ڪنڊيان، ٻنڊيان، پارتا، سهجان ساهه سيبا ياس،
پئنچان، سنگيان، واهه ونگڻڙا، پوچ پٽهڑيون، تي چمڪلين سرچا ياس،
ايڪ داڻي، ديکو دُسري، توسي طلسمي طوق بچاياس،
ڪنمالون قيمت ڳوريون، تن تي لعلون سر لٽڪاياس،
پانهي، پانهوٽيا، سونهن پانهيون، بازوبند بنايا س،
ڪنگڻ، ڪڑولا، ڪنريا، تنهن وڏ واڍولا آياس،
جهرمر جهانجهي، پيرن ڪڑيون پازيبان، گنگهرا، گجريون وچ تن وڄاياس،
نُنهڑا، وڇوٽا، بهوت منديان، گجر لئي گهاٽ گهڙاياس،

---

(1) چيل شيخ ابراهيم جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 196

1 پوئرا: سهاڳ جي ڪنڊي يا هار ۾ سون يا چاندي جا پرٽا.

بورينـــدا "براهـــم" چئـــي، جـــوڙ چگّـــني جهڙڪايـــاس،
مانگهـــ، ڦليـــان، چـــالي چـــلا، چـــوڙا چلڪـــي چڙڪايـــاس،
بيحـــد بچايـــاس، گلـــم، غـــلاف ۽ گـــادين.

(2)

ونـــا مينهـــن ملـــڪ تـــي، جيئـــن انـــدر ويـــا جـــار ميـــان،
موريـــا ڪـــڪ مليـــر ۾، آهـــن ســـرها ٽيـــا ســـنگهار ميـــان،
ٻڪريـــون چـــاريو، ولـــر واريـــو، پـــي رڍن جـــي رڙڪـــار ميـــان،
جيءُ ساري ٿـــو جـــن کـــي منهنجـــو، آءُ اُڪنڊيس تـــن اپـــار ميـــان،
پـــونم يـــاد، ڪريـــان فريـــاد، ٿـــو انـــدر ڏئـــي اوچنگـــار ميـــان،
ڪـــر ســـڻايون ســـومرا، هـــي بنـــدي ڪـــي بندڪـــار ميـــان،
ڪيندين اچـــون، پينديـــس پچـــون، ســـرتين ســـين ســـردار ميـــان،
تـــو جـــي رضـــا، مڃيـــان نـــه قضـــا، بـــت نـــه باســـي بـــار ميـــان،
ڪيـــن پرهيـــان پـــٺ ۾ پـــاڻ کـــي، آهـــم لوئيءَ جـــي للڪـــار ميـــان،
ورڻ، ڪيرون، وندڀون ويهي نه وجهندي، ماڻڪ ڪوٺ مروار ميان،
ڪنگڻ، ڪڙولا، ٻانهن‌ٻانهوٽا، تنهنجامان من‌وجهان[نه]موچار ميان،
سڳيون تنهنجون سونيون‌گهوريان، نه ڪريان‌گجرين سان‌گذار ميان،
ٻارڪيون ٻانهن ۾ ڪريـــان، تنهنجـــي پوئنچـــن ڪيـــن پچـــار ميـــان،
دستيون تنهنجون دل ۾ نه پيئيون، نُـــنهڙا وجهـــان نـــه نـــار ميـــان،
ڪڙيون، وچونئڙا پيرن پيڙا، نه ڪريان نُـــورن ســـان نـــروار ميـــان،
پـــاءِ زيـــب، ڪڙيـــن ريـــب، ڪـــر گهنگهـــر پنهنجـــا غـــار ميـــان،
جهرمريا جهوڙي، وجهه تون ٻوڙي، تن تي من نه ڪري منڌار ميان،
آءُ در نـــه وجهـــان دولـــت تنهنجـــي، هـــس نـــه هڪـــيءَ تـــي هـــار ميـــان،
چمڪليون چوڙي، جهانجهر جون نه وجهان عطرداني اظهار ميان،
ڪنمـــالون، وجهـــان نـــه لعلـــون، نـــه تنهنجـــي تـــائيٽن تـــار ميـــان،
مٺڙا آٽيـــو ڪَـــنديون پوئـــن، ســـرتين ڏاران ســـسيـــيءَ نـــه ســـونهن،
جي ڪرين هت هزار ميان،
طـــوق، دوســـري، چمـــر، چپيتـــي، ســـي نـــه ڪريـــان ســـينگار ميـــان،
نٽ گهڙائي، ڏانوڻ ڏائي، نه وجهان تنهنجو ڪُـــنڍڙو منجهه ڪپار ميان،

---

(2) چيل ولي محمد رونجهي جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص197

ميندين قل، پٽيون گل[1] ، تنهنجي بينين ڪوڻ بيزار ميان،
ايڪ داڻي، وجهان نه ڏاڻي، ڏر نه تنهنجا ڏار ميان،
بازو بند، وجهان نه بند، جن منجهه لالائي لگار ميان،
ڪوڪيون، پتنگ، ڪنين ڏيڏيا نه وجهان تنهنجا ڏار ميان،
پيڪن پنڑا، ڪوڪيون ڪٽائي، ڪريان دُر ۾ تنهنجا ڏار ميان،
واليون تنهنجون ويرنه وجهندس، نه ڪريان چڱن سين چانگار ميان،
ماڙيون تنهنجون مون نه قبوليون، ٿر دي ناچي[2] نار ميان ،
وطن منجهه "ولي محمد" چئي، ڪن سرتيون منهنجي سار ميان،
چڏ تون زورو، ٽيندو تورو، ڪندا ساهمي هٿ سنگهار ميان،
ساري ونندا سومرا، حق سيئي حقدار ميان،
اهي پرس پروڙ پار ميان، ته ڪونهي جڳ جيئڻ جو.

(3)

سسئيءَ جي شاديءَ جو، هئو ڪٽين منجهه خُمار،
لکئي ويل لائڻ جي، سسئيءَ ڪيو سينگار،
ڪنين پائي ڪيوٽيون، الپاڪَ وڇهي اَپارَ،
نٿَ، بولو، نسبي، ڏانوڻ جي ڏُهڪارَ،
ڏٺونرا سونهن ڏانوڻ ۾، اَليءَ جي آڌار،
زري، پوپٽ، زلف سين، ڪارا منجهه ڪپارَ،
ماٽڪ موهيڙا منهن ۾، موتين جي مقدارَ،
ڪنمال، ڏُهري ڪنڌ ۾، دلپاڪ وجهي دلدار،
نورَن اُتي ناٽَ ڪيا، جهرمر ڪري جهالارَ،
وجهي وڃون وينڊين ڪي، هلي ٿي هوشيارَ،
پَنڑا، ڪڙيون پريءَ سان، هيرا، مُکو هزارَ،
بانهين هيس بانهن ۾، سُرلين جي سنوارَ،

---

[1] پٽيون گل= مٽي جي پٽين ۾ گل پريل.

[2] ناچي= نه اچي.

[3] چيل باغ محمد جوڪيي جو. هي جنگشاهي اسٽيشن کان اُتر اولهه 15 ميلن جي مفاصلي تي جوڪين جي مشهور ڳوٺ مال ماڙي ۾ رهندڙ آهي، هن وقت سندس عمر اٽڪل پنجاهه ورهيه ٽيندي. جواني ۾ ئي دنيا جا لاڳاپا لاهي فقيري اختيار ڪيائين.

موريون، دُرَ منگواليون، منديِ هئي موچارَ،
جهاڀا سونهن جهوڙن سين، بازوبند بهارَ،
ڪتريا، ڪڙولا قيمتي، سو هسَ ڪٽي هيڪارَ،
پانچ وڏا پيرن ۾، ڪنگڻن جي ڪٽڪارَ،
تسبيح پڙهي تائيت کي، طوطن جي تنوارَ،
چُنگل پاتا چتونءَ سي، چوڙا چندن هارَ،
مينديِ قل موچارا، جڙيسا سان جنوهارَ،
وريلي پنهنجي وادلي سين، ڪيرول جي خمارَ،
ڪڙو، نيائو قرب مان، حُور پاتو هارَ،
ڪنجي، مَنَڻَ ڪونج وٽ، قلڙيءَ کي قلڪارَ،
ڪوڪون، ڪُر قلب ۾، ڪلمي جي قطارَ،
نرمل وڏو نُوهڙو، چيرن ڪئي چمڪارَ،
چوٽيءَ ۾ چتونءَ جي، سونهن سڳيون صدبارَ،
عطر مکيو اکين تي، خوشبوءِ ڪري ڪنڪارَ،
سسئي سيندَ سنواري، آرسي مُنهن اُجارَ،
ميندري رکي مومل ٽي، ڪيچيءَ سندي ڪنوارَ،
ٻانهيون تنهن سان ٻيلهه هيون، چوطرف چوڌارَ،
ساراهيان تنهن سبحان کي، جو ڏيهه ڏٺي ڏاتارَ،
جاني ڪاڻ "جوڪيو" چئي، تون غافل ٽي نه گذارَ،
لکئي جي لغارَ، پرٽ ملي پنهل کي.
(1)

ساراهيان سچو ڏاتي، جو صاحب رب ستار چوان،
ابرنگ، آگوني، الي، اوجر، بئينسر بولو ڌار چوان،
بازوُبند، بولو بئينسر، طوق تَسر، تعويذ طوئي ڌار چوان،
سوني سنگهر، سانچو سري، سڳي، سرپاهه، سينڈُر يار چوان،
چوڙا، جوڙي، هسي، هارُ هلائي، زر زيوَر ڌار چوان،
زنجير ظاهر، ڪنگڻ، ڪنڌا، ڪُنڊيو ڪار چوان،
ڪنمال، ڪُرڪُون، ڪڙي، لڙهي، لُڙڪا ڌار چوان،

---

(1) چيل لعلڻ خان لغاري جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ، ص 84.

Gul Hayat Institute

لئون لکون، لعل لاڻي، مين مُندي مهندار چوان،
مور، منگلي، موڙ، موراکي، مالها، مٽکو ڏار چوان،
مٽيو، موتي، مُهر، مُرکي، مانگهه وڏي موچار چوان،
رَڄ، ريهه، نُورا، نسبي، نَٽ نمونو ويڙهه والي ڏار چوان،
والا، واڱي، دُر ديداري، ٻڙو، ٻانهين، ٻُندا، ٻانهوٽا ڏار چوان،
پَٽي، پُتلو، پَنڙو، پوڻچي، پيچ پوتل پارڙا پار چوان،
ٻانهن رکي، ٻوڙو، کسوٽي، کناري، کوکو، کيوٽي ڏار چوان،
ڍولڻ، ڍارو، ڏاوٽي، ڏوري، گهاڙ، گهاٽ، گهنڊي ڏار چوان،
چَٽ، چُڱي، چمکا، چک، چَلو، چير، ڦُلي، جهالر، جهومڪ ڏار چوان،
لطف ڪجاڻ ٽون "لعلٽ" چئي، صاحب رب ستار چوان.

(5)

منٽ مڃ ٽون مارئي، ڏيئين پٽ پٽولا چار،
ڪنگڻ، ڪنمال، ڪڙيون، مُندين ميگهه ملار،
پَٽي، پازيب، پنڙا، واڱيون ڏيئين وِستار،
جهالر، جهومڪ، جهمٽيون، ڏس جهانجهر جا جنسار،
دلپاڪ، دولي، دستيون، واهه دُهريءَ جو ديدار،
ڪتريا، ڪُنڊيا، هٽ گُجريون، چرخيون، چندن هار،
ٽوڙها، وَرَ، وڇوها، مالها پائي مين مُوچار،
والا، واڍولا، ورٽا، اُٽوَٽ ڪئين انبار،
مانگ، منگليون، مورنٽ ۽ هسي حسندار،
ٻانهين، ٻانهوٽا، ٻارکيون، چوڙا ڏس چوڏار،
پٽي، پُتلي، پارڙا سڱيون سونهن وار،
ويندو، ويڙهه، واليون، مُرکي، دُر دينار،
نورا، اَلي، نسبيون، سوئڙيون سوَ هزار،
تند، پارڙا، پيرٽو، سوني لئون ستار،
لعل، ڪنٺ ڦُل، ڪارکون، چوٽيڦُل چمڪار،
ٽڪلي، ڦلڙي، سنگهيون، ٽي چير ڪري چمڪار،
ڏانوٽي ڏيئين ڏاج ۾، سا دلئون پاءِ دلدار،

---

(5) چيل اميد علي لغاريءَ جو، سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 143.

ڳانا سونهن ڳچيءَ ۾، تعويذ تهدل تيار،
بئنسر، بولو بي بها، بازوبند بهار،
چلا، پوپٽ، ڏورٽا، سونا سرٽ سچار،
ايرنگ "اميدعلي" چئي، ڪيوتيون ڪارونيار،
روپا سونا طوق جن ۾، ٽڪن جو جنسار،
سي پائي ڪر پسار، مارئي محل منهنجي ۾.

(6)

ساراهيان سچو ڏڻي، جو صاحب رب ستار،
مُنڊ مڙن جو مصطفيٰ، جو تڪ لنگهائيندو تار،
هردم وسن هنئين ۾، پريون اهڙا پيار،
منهن ۾ مٽيا محبوب کي، بيا وڇوڙا ويچار،
گُل پڏانس گهنگهريا، بيو جهرمريو جٽدار،
پيرن ۾ پدمڻيءَ کي، هيون ڪڙيون ڪرفدار،
چٽنس نورا چٽات ڪيو، بيون جهانجهريون جنسار،
پڏائونس پانهيون، پانهن رکيون پانهن ۾، بيو دريس جوڙائي ڏار،
ڪنگڻ، ڪڙولا، ڪيو ٽيون، نهيون ڪنس ٽيون نار،
ويڙهه، واڍولا، ڪتريا، پي پاولڙن پچار،
مهريون منگليون، مادريا، بيا دستين کيا ديدار،
ڪنديي ڏاڻي، انيڪ داڻي عجيب کي، مٿان لک لغار،
سڳا ٽيا سڳين ۾، بيا ڪئين چوٽيقل چوڏار،
مڙهيا هٿا کي مينڊن ۾، کي مينديي قل مٽهيار،
چلي، ورٽي چمڪو لاتو، پڏس کيرولين ڪينڪار،
مينا کاري مُندڙيون هٿن ۾ هزار،
ڏيڏيون، جهمٽيون ڏک ڪري، لائي لئون لغار،
پاڪ رکيائون پاڻ پاهوڙا، بيا دُريچا ديدار،
نٽ وينديو نڪ ۾، هئس قلڙيون قيردار،
ڪُرڪون، ڪنا، نسبيون نسبتُ جون، هئس ڪنديو منجهه ڪپار،
ڏاڙيون، ڏاندڙيون ڪيتريون، پي هئي بولن جي پلڪار،

---

(6) چيل حاميد خاصخيلي جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 97.

ڪربُندا تنهن ڪامڻ ڪي، ڪيا والڙن واپار،
سيبي ساجن ڪي اتي غوڪون غم گذار،
ڪٽن ٽا خوشي سان بيگ ايڏائي بار،
بدڪ واري، پونچن واري، لعلون لک هزار،
مالها، ڪنديرو، منهن سچ طوق، تهڪ، ٻي لڙڪن سندي لار،
هٽ گجريون تنهن حاڪر ڪي، هئي ڊولٽ جي ڊلڪار،
نوسري، مانگ، ٻيڙو چانپ، ٽونٽيون، ٽڪڙا: ٻيا چاڳچندن‌ڪي چار،
اَلولک ويلهوجهل ڪري پاتائين قربَ مان، ڪيا سانولي‌ءَ سينگار،
اَٽوَٽ، اگونا، زيور، زريون، ٻيا جوڙن جا جنسار،
ٽوڙها، ٽيلهٽ، ڏورٽا، ٻي بازو بند بهار،
رَتي رانهني رڙڪرا، ٻي هئس گلن جي گلزار،
سونهان، سينڪلي، سورخيون، ٻيون هئس چرڪڙيون چوڏار،
امل ماڻڪ، موتي مرجان، ٻي هئس ايرنگن اپار،
ياقوت، زمرد، هيرو جواهر، جنهن جي هئس لن‌ءَ لن‌ءَ منجهه لغار،
ڪلي، ڪوڙ، ڪچ، ڪپٽ، اوهين سيهي لهجو سار،
پيش پارس پارڙا پريت مان، هُني ڪلي ڪئي ڪينڪار،
دنيا، دولت، دمڙي، پر پائي نه هلندي پار،
قسمت ڪروڙ ڪوڙي، توهين ماسا ڪجو مدار،
سوين سينگار سورٺ ڪي، ڏنا هئا ڏيهه ڏڻي ڏاتار،
هن به سيئي ساڙيا سلڪڻي، ڏسي ڏڙ سسي‌ءَ ڪوئن ڏار،
ڪئين خان ڪپي ويا، جن ڪي هيون ڪلنگيون منجهه ڪپار،
همیشه "حامید" چئي، هونڊو خالق خلقٿهار،
پوءِ ڪلمون جن قرار، هوندا سي ايمان سان.

(7)

سهڻو لهي سرڪيا، خماري خوابن تي،
چند چوڏهين چمڪيو، جهليو جهولن تي،

---

(7) چيل نالي چگي پالاري جو. هي‌ءَ سگهڙ مڪان ٽڪ تپي علي گوهر محال ضلعي دادو جو ويڙل آهي. ان وقت سندس عمر اٽڪل 70 سال ٿيندي. جواني‌ءَ کان وٺي ڪلام چوڻ شروع ڪيائين. نهايت خوش طبع سگهڙ آهي.

پانچ پيرا، گهنگهرا، ويد وچوڙن تي،
نورا، ڪڙيون، جهانجهر، چم چم چيرن تي،
ور، ڪيرولين، ورٽا، ون ون وادولن تي،
ڪنگڻ، گهنيون، ڪڙولا، بازوبندن تي،
چوڙا، ٻيڙا، ٻانهيون، اڇيون عاجن تي،
مُندڙيون مڙيون، مينا جڙيون، چلا چاپن تي،
ڪنڊي، دُهري، ڪنمال، هس، هار چندن تي،
تائٽ گهڙيا، جوهر جڙيا، چِٽ چاندين تي،
سونا دُر سهڻا، پئنچون، پنڙن تي،
ڏيدا، واريا، والڙيون، جهالر جهڪمن تي،
منگليون مرڪن پئڪڙا، پڌون پائڪن تي،
ڪُر، پوٽيون، پتريون مقو منڊيئڙن تي،
ڪوڪيون، نسبيون، ڪتريا، جهومڪ جهڙن تي،
نماڻي نٽ پائي، بينا بولن تي،
ڏاڻ، ڏاڻي، ڦلڙي، جنهن ڏيئر پنرن تي،
ڏنگو ڏاڻ، زريءَ ساڻ، ڪنجيءَ ڪڙن تي،
سوني رپي سيندڙپٽي، چم چم چيرن تي،
تجلو راڻيءَ جو جڙيو، جلسو جلسن تي،
املهه ماڻڪ، اشرفيون، قيمت ڪنڊن تي،
پايو پائي پدمڻي، ڦيرو ڏي ڦلڪن تي،
دهرا، درپچا، سريا سهڻا سيلين تي،
چوڙيون، چپڪليون، اڪي ٽپ اڪين تي،
سيندڦل، سڳي سهڻي، واهه ويڙهيل وارن تي،
موتي مڻيا، زيور ڳڻيا، ليکا لعلن تي،
تنن نماڻيءَ کي "نالي چگو" ڏئي، رهيو روحن تي،
ڪلمون قائر ٿيو، راس رسولن تي،
سا ويڻي لاڙن تي، گهوٽ گهمي گهر آيو.

GulHayat Institute

(8)

ساراهيان سچو ڏٽي، جو صاحب رب ستار،
بادشاهه هو بلوچ جو ٻاروچاٽو ٻار،
مودي سندس مورت ڏني، نازڪ ۽ نروار،
سونهن تنهن سسئي کي، ڏني هئي ڏيٺهار،
واڻيو وري آئيو، جنهن ڏنا پنهون کي پار،
ڪيائين نيڪي نار جي، آهي ڏوپياڻي ڏاکي دار،
سڻي بات بلوچ اها، ٿيو غازي ترت تيار،
وڃي پڳين لڳو پيءُ کي، ٻيا ٻرجهل هئس يارَ،
گهريائين موڪل ماءُ کان، ڪري آزيون انتظار،
سيٺ منهنجي سودو ورتو، آهي واڻئي سو واپار،
ٻٽ ويندس ٻاٻيهي سان، هاڻ هلي آءُ هڪوار،
راضي ٿي رخصت ڏنائين، ڪيائون ڪوشش قرار،
عطر مشڪ عمدا ڪنيائين، ڪتوري خوشبودار،
لالڻ ليڙا پلاڻيا، ترت ٿيو ات تيار،
ورتائين وات وندر جي، لاٿئين پنيور ۾ بار،
پڇائي در ڏوپيءَ جو، ٻيٽو نوڪرن سان نروار،
پگهار پڇيائين ڪينکي، تن کي لڳي هئس تار،
سسئي ساجن ڏٺو، جنهن کي ٻري آگ انڌار،
جيڏيون منهنجو جوڙ آهي، من ڏياري ڏاتار،
پاڻ ڏٽيءَ پريت جي، وت ورهه اندر وار،
ڪيائين سڳ سسئي جو، ٿيو نائي سو نروار،
پيئي خبر "خميسو" چوي، ماٺهن ۾ موچار،
مبارڪون مليون مرد کي، واڌايون ٿيون گهر گهر وار،
ڪيائين سعيو شاديءَ جو، اهو وري ويچار،
گهرايائين سونارا شهر جا، جي ڏاهاهئا وينجهار،
آڻي ڏيو ساهه سسئي لاءِ، مون کي عمدي عجبدار،
زر زيور ياقوت جا، آڻي ڪيائون حاضر هيرا جنوهار،

---

(8) چيل خميسي جو. هيءَ روايت لاڙ (تعلقي ٺٽي) مان عبدالله گندري کان ملي.

سسئي اڻي سونهن خاطر، پاتا ساز وڏا سينگار،
پائي وينءِ پيرن ۾، ور، وڇون، منديون ميناڪار،
ناز ڪريو ٿي نورا پائي، جهانجهر جهمڪي دار،
بازوبند پيرن ۾، ڪڙيون وڏيون ڪرفدان،
ميناڪاري ملمعو مٿن هو چنيو چٽهار،
گاذر ٻڌا گهنگهريا هيج منجهان هيڪار،
امل مندبي آ هيرو، آهن آگر ۾ اسرار،
ڪيرول، ورڻو خوشيءَ مان، آهي سهراڻو ساچار،
وني پايون وڇوڙيون، پيون بادامیون بيشمار،
چوريءَ پايا چلا، مُندبيءَ سان، جال ۽ جروار،
مرڪي پائي ٿي منگليون، چوڙا چمڪيدار،
ڪنگڻيون پاتائين قرب جون، ڪچ وڏي خمار،
ڏڪ ٻڌائين ڏونرڙا، جن تي رکيو هو سوناري سينگار،
ٿپٽو هو ٽڪن سان، چمڪيو ٿي چوڏار،
ٻڌائين ٻارڪيون ٻانهن ۾، جن ۾ گهنگهريون گلزار،
ٽوئر ٽليا ٿي تن جا، جي جهاڻ تي جنسار،
لڪائي پاتئين چاتيءَ تي، ڪو هنئين مٿي هار،
دلپاڪ هئس دل تي، هس ڳچيءَ هيڪار،
ڪامڙ ٻڌي ڪنڌ ۾، دُهري وڏي ديدار،
عجب هئي ايڪ داڻي، جنهن ۾ گينيون لک هزار،
دانهه ٻڌي دُهري، جنهن ۾ جگليون جوهردار،
ٽڪا ڏنائين ٽداڻيءَ تي، پي ڪنمال قيمتدار،
طلب هئي تائٽ جي، جنهن جي چاندي چمڪيدار،
سسئي سريون پاتيون، پيا جوڙي مٿي جنسار،
ڪيڏا ڪم ڪنديلي تي، جنهن ۾ هئي لونگن جي للڪار،
پري پاتائين پالڙيون، پيا ٻندا ٻهڪڙدار،
ڪُرپاتائين ڪنن ۾، پيا ايرنگ وڏا عجبدار،
ڏاهيءَ ڏيڏيون پاتيون ۽ پنڙا پوشدار،
جيڏين جوڙ جهرمر لاتي، ڪڙيا ڪٽهار،

Gul Hayat Institute

ڏيل ڏيڏيا پاتا، ڪري سونهن وڏا سينگار،
نازڪ پاتو نڪ ۾ بولو ٻئنسردار،
لڏن لعلون تنهن ۾، جي لهن لک هزار،
لکياڻيءَ لونگ پاتو، ڦلڪو في الحال هار،
نٽ نماڻي پاتي، وينڊيو وڏي ويچار،
ڪنجيون هيس ڪلف سان، جي پريون بيشمار،
ڦيردار ڦلڙي جنهن تي جڙا ۽ جنسار،
مڙيا موتي تنهن جا، جنهن ۾ هيري جي هيڪار،
پوتا هئا پوڻ واري، ساري ڪنهن سنگهار،
ڏانگ ڪڍيائين ڏاڻ، ڪنڊيو منجهه ڪپار،
سينڊ پٽي سر مٽي، جنهن ۾ ڏاڻيءَ ڪيو ڏيڪار،
عجب تنهن جي آلي هئي، جنهن ۾ لاڙن جي للڪار،
ڏبڪ دانهه ويڙهيو، جو وڏو وقفدار،
مينڍل ملوڪ ڪي، چوٽيءَ ڦل چگي آچار،
چوٽو سندس چوسرو، جنهن ۾ سڳيون وڏو سينگار،
جهوڙا، جهاڀا تنهن ۾، جيئن گل ٽڻن گلزار،
ڪئين هيون ڪچ ڪوڏيون، گوندريون گينوردار،
"خميسو" چوي خاوندا، تنهنجي آهه اختيار،
مرهين مون ڏٺي تون صاحب رب ستار،
عيب اگهاڙن تون ڍڪين، ڍڪج ڍڪڻهار،
مرڻ ويل منهنجي تون، سوڪي ڪج سڪرات،
ڪلمو جن جي وات، سي مرکن ميڙي محمد جي.

لا اِلٰـه اِلا الله محمد رسول الله

گھر

1. گھر جا: جارا، دروازا، لوڑھا، پاتي، وڏا، نندا، ٻار ٻچا، وراندا.

2. گھر جو: اوسيڙو، در، اگڻ، وراندو، صفحو، پڙ، ٽلهو، جارو، ويڙهو، ڪاکوس، گدام، طرف، پاسو، حمام خانو، بنياد، ليپو، پوٽو، آڱڻ، رنڊڻ، بورڇيخانو، ڪوٽ، پنجرو، نارو، نيسارو، منگهه، بازيگر، ڪٽنب، وڏو، رهاڪو، ماڻهو، ضعيف، واسطو، ايوان، لوڑهو، مالڪ.

Gul Hayat Institute

3. گھر جون: پتيون، گھٽيون، دريون، ڪوٺيون، ڪندون، ديوارون.
4. گھر جي: پيٽي، سار سنيال، اونَ، ڏيتي ليتي، ڪاڻي، پاٽي، گھِـــٽي، ڪوٽي، چت، دڪي، موري، نالي، ڪند، صفائي، دُڇتي، پڇندي، ڇڇھري، ماڙي، آکھ، زَال، جوءِ، اگھاڻي، سگھائي، پِت، دري، پيڙھ، اوساري، لِنب، ديوار.

گھوڙو

1. گھوڙو (گھوڙن جا قسم): ڪميت، بور، هزاري، سرخو، مشڪي، سنجاف، چينو، سائو، ڊِڊو، ڊاڪر.
2. گھوڙي جو: لوند، پٺند، بند، چٽو، قدم، رَلو، هنو، لغام، ميدان، توبرو، طنبيلو، هلڻ، پنڌ.
3. گھوڙي جي: شوخائي، ڊوڙ، مستي، پُـستي، ڏوڻ انداري، آڙي، پُـست، هٽڪار، پاڻاري، چوٽ، تکائي، گوءِ، ڇڃ، بندرَ.

لـڏو

1. لڏي جو: لٽو، لڏيو، روانو، ٽڪيو، ڏوڙيو، ڪُتو، واهرو.
2. لڏ جي: لٽي، مڏي، ساگھ، رواني، ٽڪي، ڏوڙ، بَڌ ڇوڙ.

لَـڪُ

1. لڪ جو: مُنهن، پاسو، لنگھ، اونهون، ڊپ، ويڪرو، اونداهو.
2. لڪ جي: پِٽ، چوٽي، رُوڙ، پاساڙي، لينجھ، اونداهي، اونهائي.

Gul Hayat Institute

لوھ

1. لوھ جا: گرزَ، پالا، نعل، رَندا، ڪڙا، پٽَ، گھندَ، ڇڄا، ڪرٽَ، زنجيرَ، ڪپَ، گھوڙا، نيرَ وَٽَ، تورا، مڙَ سيرَ، پاءِ، آنا، دُڪا، تولا، قرَ، چيرا، دَرَ، ڪوڪا، پيڙا، پيچ.
2. لوھ جو: چڙو، ڪڙو، ڪانُ، ڪٽُ، ڪپُ، پٽُ، مُترڪو، ڪنڊو، ڪيرُ، ڪوڪو، نعل، نيرُ، ڪلف، اسڪرو، انجيسُ، ڏبو، ٽين، پٽڇ، چلو، چاقو، چمٽو، تئو، ڪُـلُ، چرُون، پرُڙ، زبانو، رڪيب، بگھڙ، لغام، پچرو، ڍيٽو، مارو، ڪانٽو، نڪچڙو، رنبو، ڪھيڙو، نچڪڙو، واهولو، ڪانيرو، سُـنبو، ڪرٽ، نلُ، نارو، پيچ، گارڊر، ٽيرَ، گھوپو، پستول، رِوالوَر، تيرُ، ٻيڙو،

ٽڪلو، سوئو، برمو، مَٽَرُ، سانچو، ڊڪٽ، خونچو، رَندو، ڏاتو، نارُ، ڪنڱير، چمچو، حمام دستو، ڪوٽڪو، لالٽين، شمعدان، فانوس، سُوئڙو، وڏاڻ، خنجر، ٽالهه، ڪٽاهو، رُک.

3. لوهه جون: هٿڪڙيون، ٻيڙيون، تغاريون، چاڻٽيون، ڪترون، ٽپريون، ساهميون، رواتيون، ٽالهيون، چرخيون، تارون.

4. لوهه جي: آهوڙي، ساهمي، سوئڙي، ڪوڏر، ڪرڪي، روات، سئي، ڪينچي، ڪس، تند، ڪاتي، گجي، پانڪ، نجهڪ، سنگهر، ڪُنجي، ميخ، ڪلي، طاقي، سيخ، ڪٽيچي، ڪُرپي، تئي، ٽڪٽي، وراٽي، چاٽٽي، باڙدي، بالٽي، ڪڙي، تارَ لئون، ڪرسي، ڪلَ، گاڏي، انجڻ، مشين، صندوق، ٽرنڪ، سئنڪلي، سائيڪل، بائيسڪل، زنجير، چُري، ڪارائي، رَنبي، ٽڪوري، سونهڻ، سيراهي، انبوري، پڪڙ، هٿوڙي، سنداڻ، تيشي، چڙي، چونڊي، دُري، بندوق، ريلَ، توبَ، گولي، زرهه، ٽجوڙي، چاپي، لارَ، آرَ، ڪُنديِ، سيراڻ، ٻلي، چوناري، ڪهاڙي، سڳري، چادر، پرٽي، ڪيوي، ڪميِ، چمني، ڪيفَ، ڏوئي، استري، ناتاري، ڪپي، چرخي، ڪٹا مار، ڪوڙڪي، بيلَ، ترار، تلوارَ، پيتي، چيٽي، چيرٽي، گهوڙي، سرائي، ڪٽاهي.

5. لوهه جو بيت ●

ساراهيان سچو ڏٽي، جنهن باري رنگ بنايو هو،
انبوري، آري، پالا، بٽچون، رينگ، ريوالا، گرزن گوڙ مچايو هو،
نل نوان سي ڪرسيون ڪليون، جهاپو جهٽ هٽايو هو،
چوهه، چڇري، انجڻ، آهوڙي، قفل، ڪلون ڪم لايو هو،
تالو، تاڙي، توڙ تارازي، تار، تندن کي تايو هو،
پرٽيون پونريِ، پاکي، پوسرو، پلڪاريِ پٽ لايو هو،
پَهها، پهوٽڻ، پڇرا، پهلو، پيتي، ڏاتي ڏند ڪڍايو هو،
سرڪ، سونهڻ، سانداڻ، سرائي، ڪُنجي سير سوايو هو،
سئي، سيرائي، سٽلي، شيخون، ٽيئر، ٽپيون، ٽَڪ ٽاهيو هو،
ٽڪٽيون، ٽڪوري، ريوَٽ، رندو، رَنبو، ريهه ڪمايو هو،
چَنگ، چمٽا، چاقون، چَڙي، ور واهولا، سامي سات گنوايو هو،
ڪسي، ڪرسي، ڪسوٽي، ڪليون، ڪاتي، ڪپ ڪمايو هو،

● چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 84.

ڪٽ، ڪاني، ڪتر، ڪھاڙي، ڪوڙ، ڇريون ڇت ڇلايو ھو،
مارو، ميخون، مٽ، مُنگلي، مُترڪي، بگھٽ، بند لڳايو ھو،
ريھ، رڪيب، روات، رَنبي، نارا، نريون، نعل نمايو ھو،
تير، تپاچا، ڪان، ڪٿھڙا، ڪوڪا، وھڪو وڻند ورايو ھو،
ڪير، ڪارائي، ڪُنديي، ڪھاڙي، دُڪا دونالي دنگ لايو ھو،
بور، بندوقان، بيلچا، ببون، زور زنجير زنگ لايو ھو،
نشتر، نھيرڻ، نڪو، ناڙي، ڪھي، ڪنيڙا، سيڪڻ، سيڪ سوايو ھو،
ريل، رواتي، زور، زبانو، دَبا، دُنگي، سائيڪل سايو ھو،
چرُون، چال، ڪٽيچي، قالب، لار، لغامي، ويتر پڙچ وڃايو ھو،
دُوربيني، دردِيوانا، ڪونجون، ڪرڪي، ٻٽ ٻلاري آيو ھو،
ويلڻ، ويڙا، ٽانگي، ٽڪوري، بولو، بنسري بند لايو ھو،
ڪان، ڪٽاري، نير، ناري، سونگو، سنبوھي ناھيو ھو،
تولو، تراڙو، تين، تير، تُڪي، سري سوڳارو سايو ھو،
ھَٽي، ھينڊل، وَڏاڻ، ولائي، پھلو، پڪڙ پايو ھو،
ٽڪ، ٽانڪي، ٽونٽي، ٽڪرو، ڳھڙيال، گھوپو درس دکايو ھو،
پُڑي پُرزا، پيتي، پانو، نَڑي، نڑانڊي نايو ھو،
گھنڊ، گھوڙي، ڦيٽو، ڦرڪو، پير پئي لئون لايو ھو،
ھوڪي، ڇڇو، ڇڪو، ڇاٽي، شھل شور مچايو ھو،
مٽ، موري، مشين، منگلي، ڇُري، ڇاھري، ڇاپي ڇايو ھو،
تند، تراز، ڪرين، ڪَڑو، ڊِبري، ڊنگ رَلايو ھو،
آنڪ، اِسٽيل، نانَبي، ڪانٽا، ڪوڙڪي، دروازي دنگ لايو ھو،
چُلھ، چڪري، ڏڦو، ڏاڪڻ، ڪيٽ، ڪانو ڪر لايو ھو،
گَن، گوني، گولي، گوري، پُل، پتو، ھول ھلايو ھو،
جَٽ جامڪي، واڇ، وراٽي، بُلٽ، بٽڻ بند لايو ھو،
عينڪ، آرو، ڪرٽ، ڪارو، سنگل، سؤرنگ لايو ھو،
ٽريڪٽر، ٽلو، ڏَمڪ، ڏُري، پل، پروڙ، داغ، دُري، دنگ لايو ھو،
چَلو، چري، چاپ، چڪو، پر پلڪار پھلو آڻي پايو ھو،
ڏڙي، ڏري، لسي، لاري، لاٽون، ڏگ ڏاريو ھو،
ڪُنڊ ماپ، ڪارائي، سانچو، سوئو، قنداق، ڪٽيچي ڪمايو ھو،
"لعلڻ" ليکو ڪرين ڪھڙو، رازق رنگ رلايو ھو.

Gul Hayat Institute

ليکو

1. ليکو (ليکي جا نالا): ڏنو، ورتو، گهريو، لٽو، صحيح، غلط.
2. ليکي جا: انگ، سو، هزار، لک، کروڙ، ارب، پدم، کرب، نيل، وزن، رپيا، آڏيا، ٽڪا، پئسا، آڏيلا، کسيرا، چوٿڪ، کوڙ، کارا، خرار، ٽويا، کاسا، ٽَن، مڻ، سير، پاءُ، آنا، دُکا، تولا، مُگ، ماسا، انچ، فوٽ، پُرهه، آگُر، ٻه، ٽي، پنج، ست، ڏهه، چوڏهن، ٽيهه، چاليهه، ٻڏا، ڪيا، پورا، گندِ، کاڳر.
3. ليکي جو: تعداد، باقي، جنس ميل، اگهه پار، نول، محصول، واصل، جمع، کنڊو، مودي، پونو، ڏڳو، هٽ، گز، وال، انگ، اکر، لهٽو، گهريو، کڇو، پکو، ٻڌو، واريو، کيو، حساب ڪتاب، پورو، وڌيو، کٽو، سنئون، ڏنگو، ڇڪتو.
4. ليکي جون: قارونيون، ڪوڙيون، پٽڪيون، ڏڙيون، ويهون، پائليون، ٻيانيون، لاريون، آنڪون، پايون، دمڙيون، ڪوڏيون، نونڊون، هنڊيون، پاٽيون، چوٽايون، رتيون، نريون، چاڙڪيون، ٻاڙيون، ويهون، اڪيون ٻڌيون.
5. ليکي جي: پڌري، سادي، پُل، گهوپي، اڪي، ٻڌي، سُٽ، ڪپت، جوڙ، ڪَٽ، وند، ضرب، ورچ، سُرت، اُڀل، رونگ، وهي، بندي، آمدني، گهاٽي، واڌي، وصولي، آڇت، رهت، رکت، ڪاربت، اوڌر، هنڊي، ڳٽ، ڪوڙي، ڪوڏي، دمڙي، پائي، رقم.

مار

Gul Hayat Institute

1. مار جو: ڏڪ، چنبو، ڏاڍو، ڪانئر، تڏڙ.
2. مار جي: جُٽ، ڦٽ، چماٽ، لت، مُڪَ، ڏندي.

ماس (گوشت)

1. ماس جو: ٽڪر، هينئون، جيرو، ٻيرو.
2. ماس جي: دِل، رانَ، ٻُڪي، ٻوٽي، سُنڊي.

مال (جانور)

1. مال (مال جا نالا): ڳئون، ڏڳي، ڏڳو، گابو، وهڙو، ڦروٽ، ڏاند، مينهن، پاڏو، وڇ، ٻهاڙ، ٽهاڙ، ٻکڻ، ٻکري، چيلو، پهرو، پٽ، ائٽ، اُٽُ، ڦندر،

ڏاچي، گوئرو، گوئري، ڪنوات، دئوڪ، ڪيرو، چَٽ، مست، رڍ، گھيٽو، دنبو، گھوڙو، گھوڙي، وڇيرو، ڪميت، بور، سنجاف، مڪڙو، سرخ، ابلق، بہ ڏندو، چوڳو، پوراف، چپران، ڏاگھو، ڪرھو، توڏو، ميو، چانگو، وڇيري، ليلو، ليلي، ڪودڙو، مھري، ڪرھو، چانگو، ڳائو، خچر، لاڏو، گڏھ، پاڳناڙي، ڪچي، سنڈي، ٽري، ڏاڻي.

2. مال جا: چوڑيا، ٻڍا، پھريا، ونگيا، ورايا، ڏَڪ، ڏنگيا، واڙا، وڻاڻ، سڱ، وريا، ونگ، ڪوراڳي، ڏنگا، ڪُنديا، پُور، ڏند، مٽايا، ايرا، ڏُبرا، مھوڙ، متارا، ولر، گاھ، پيرا، ٽڻ، ساڳا، ٽونا، اوجھ، چنگ، چَڙا، ڪرڪا، بَرا، تُرا، اوس، ساڳيا، بندَ، پينگھا، ڦ، در، احمال، نشان، لڳا، ڏوندي، چوڑا، ماڻاما، ڏوَ، جُڳ، ميڙائا، موڑا، سماڙا، عضوا، چارا، آھورا، پاڙا، گسَ، پيچرا، بوتا، سانَ، پوني، سنج، سوار، ڀڪرار، ڏراڙ، ڳنوار، ميھارَ، ٽيڑا، ڦڑا، پاڪڑا، پلاڻَ، تلَ، ھنا، پنڊ، اُٽ، گوئرا، گھوڙا، پچَ، توڏا، مھري، لاڏو، گھٽ، گھيڙ، گوھا، گوشا، ڏاوڙ، چيٽا، چٽ، تارون، بور، پُسيا، سانگا، داغ، پاسا، وڳ، گَلا، ماسا، سودا، لانگھا، اوھ، دونھان، ور، لاڙا، ڪرڪا، ڪڙا، چوئرا، سچا، ڪوٽا، ڪيٽا، ليٽڻ، ڦولھڙا، نڪَ، اوگر، تنگ، ڪنوات، مُھرا، نيش، لوڏا، ليڏوٽا، گوربند، ڳانا، ڳھنگھريا، ٽوھا، ڦيرا، گھمرا، وريا، سيڪا.

3. مال جو: ڪوسُ، ڪُڻُ، ٻوٽ، نڪ، پُڇ، جيرو، ڇپر، چورايو، ڪاھيو، ھڪليو، تڙيو، چٽو، دبڪ، ڏپو، پُتو، ڪير، ڏڏ، مڪڙ، گيھ، وسناڻ، رسو، ڪيرو، سعيو، ڳانو، تنگ، رنگ، سائو، ھاريارو، رتو، رائو، ڪڙو، ڪمرو، ٻولھاڻو، موڏو، ڏٻو، ھالو، ڪُنديو، تاسرو، لاڳڻ، لڏيو، پلاٽيو، سوار، ڳائو، ماھو، اونو، ريديو، ميھار، ريدار، ٻاڪرو، سودو، واپار، ڏنو، ورتو، پلاڻ، پاڪڑو، چيٽو، ليڏوٽو، جڙو، وَھو، پئندُ، پنجوڙ، ڏاڻُ، نقطو، مُھرو، وڪو، وڙ، بدنام، پلو، ڏلو، داڳ، بند، مُنھن، ڪُڏ، ٽپ، چال، ڳپ، سرگھيل، پرجڻ، بُرُ، وار، اوگر، نرو، ڳاٽ، اُرھ، گسُ، ڳٽ، پسُ، ڳراھو، چڪو، ونگ، سنڈو، ڪُر، ھُدو، ٽُڪر، سُنگ، چوڑو، لگّ، وڙ، مَٽ، ڪوڪرو، لاڳ، چارو، ڏوَ، رڙھڻ، رڙڻ، ڏوڙڻ، پنڊ، ويھڻ، سُڄو، ڏاڙو، ڦر، ھيڄ، چڳو، ٽوھو، گوڏو، نارون، ڏُڪو، لوڏو، ھوڪارو، نيش، چپ، تکو، پلو، ڏلِو، رڙيو، متارو، مَڄُ، آڙرجڻ، مرجڻ.

Gul Hayat Institute

4. مال جون: ٹليون، کرکيون، بريون، کاموريون، وسون، گوهرون، ڍُکيون، وياميون، ڦندبيون، کٹرون، سئائون، آلوڙيون، کانگهاريون، ٽنبليون، ڏوئريون، دهميون، نهيون، وندبيون، ماڻکيون، پوريون، ڪنديون، پوڙيون، مستيون، جهٽيون، جَڙون، بينڪون، ڍوريون، چرون، چرون، ميڙيون، ٿهايون، ڍهايون، چيهون، ککيون، ٻيکون، رنيون، رنيهون، رنيهاهون، رڙيون، دانهون، ڪوڪون، ويڙهيون، ڪُريون، پُٽيون، گوهيون، گهُٽون، گهيٽيون، گهٽيون، آيون، ويون، ڏجاڙيون، گجرون، مالڪياڙيون، مِنڊريون، منڊرون، روجهون، نٽون، کوٽايون، لُوهُون.

5. مال جي: چاتي، پُني، جهڻ، لسي، ڏهي، مُڇي، مِهنڊ، مهار، ٻيڪ، رَنڀ، ٽيڪ، ڏاس، ملس، هونگر، ويهڪ، ٻهڪ، اُن، پشم، ويڙهي، ڪَتي، ڪتري، چيڪاري، پياري، ڪاري، پٽاري، سڏي، ڪوڪاري، هَل، ڪُٽڪ، لاٽي، مٽ سٽ، چاڪري، ٽَڪ، ٽِڪڙ ٽياڪري، ڳلهي، ڪَٽي، پُوري، لئون، ڍُوري، دهڪ، پستي، ڪَلي، پهريات، ڦولهڙي، چوٻائي، رواني، چائي، برَهي، چاندپي، ڦُوڪ، رئي، اوڳر، پينگهي، رڙ، جهوڪ، ناس، ليٽ، لينٽ، ڪُري، نونهي، کل، ٽوهي، ٻيهڪ، سگهي، ٻولاهي، بُل، پلائي، ڍلائي، ارڏائي، ڍوڙ، ڪوڪ، ڍهَ، سُتي، مستي، نپائي، لَڙي، رُلي، مُهاڙ، اوڳر، هِري، ٻڍي، چوڙي، وهي، چني، ناهري، رسي، داڳي، گُجري، سائي، متاري، وهڙي، تنوار، گانءِ، کل، سانڍ، مادي، مڪڙي، گوهر، سَتي، گُڏي، لَٽ.

6. مال جا بيت ●

ساراهيان سچو ڏڻي، جو صاحب رب ستار چوان،
اُٺ عليل، اَمهڑا، آنس آهر، يار اَپار چوان،
اوجهه، اوڳر، اَچا آنڍا، آڦري، اُڍا، اُلڪا ڏار چوان،
اوهه، اَويسلي، الضحيٰ، اُتلي، آيري، اوڳي يار چوان،
آئٽ، اکري، اُچل، اوجهري، آنرا آويڙا ڏار چوان،
آمَرو، اَکيلي، آجڻ آڳائي، اُوسو اَلبيلي يار چوان،
اُٺ، انجڻيون، اَٽڪ، اوهيرا، اَپڇر احمق ڏار چوان،
اڳهه، اَصيل، اور، آندرُو، اوڏو، اَجهو، ارڏي يار چوان،
اُڍر، اڳاري، اَمر، اِندبو، اَهنڊ، اکياڙي ڏار چوان،

● چيل لعلڻ خان لغاري. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيه، ص 84.

آمرُو، اَلکو، آر، اَجھوري، اَک، اَپاٹي يار چوان،
اُڙد، اَٹالو، آمرُو، اُونگر اَهنڌ اجايو يار چوان،
بُغدي، باري، بَڌ، بدنام، بولو، بينڪ ڏار چوان،
بوربکي، بودلو، بَڄ، بوجي، بادِيا بيني يار چوان،
بَري، بندروڪ، بُل، بُهرو، بوجو، بُرو ڏار چوان،
بُکي، بندري، بَگي، بُکاري، بانو، بند رول بهار چوان،
تودّي، تودّا، تکبير، توائي، تُري تيلا تار چوان،
تعظيم تازي، تُوڪ، تارون، توبل، تَري يار چوان،
تڙ، تنوار، تين، ترسي، تسي، تانگهه طبيلا تاسرُو ڏار چوان،
تَل، تِنجو، توبرو، تاڙ تُنڪو سنگهر، سرکي، سگير
سارسنيال چوان،
ساتو، سَهڙو، سائي، سهٹي، سُچر، سُجي، سيري ڏار چوان،
صورت، سنڌٹي، سير، سرخي، سات سهڙي ڏار چوان،
سات، سودو، سيڙهه، سُئا، سير، سانپ، سنجو يار چوان،
سکُر، سلهڙي، سيڪ، سِسو، سُڌ، سگوئي سادي ڏار چوان،
سانهه، سوگهي، سُوڪ، سُتي، سپي، سوجر يار چوان،
جڏي، جاڙا، جُوءِ، جابلو، جُڳ، جوڳ، جيرا جَڙ ڏار چوان،
جر، جاڳو، جائُون، جاڙي، جانچ، جوتو يار چوان،
هونگ، هپا، حلال، هاٹي، هيٹا، هنجهي، هنر هير آڏار چوان،
حرام هڏ، هڪل هٹيڪي، هڙڪ هُشياپو هار چوان،
هٹڪار، هڏي، هَل، هَنا، هُلو، هَستي، هُدا، هٹيلي ڏار چوان،
هڏ هالي، حدَ هنبارو، هستر، هيڪلي هنبار چوان،
کُلي، خچر، کُنڊل، کُهري، کرکنگهاري، کوڙي ڏار چوان،
کُڇ، کيرا، کار، کٹل، کيري، کُر، کُراندي، کنڊ ڏار چوان،
شان، شوق، شڪي، شبڪ، شينهن شولو ڏار چوان،
گوهر، گونرا، گوڏا، گُڏي، گيهل گوڙ گوندا يار چوان،
غريب، غئيباٹي، گسي، گورا، گنجي، گتي، گلا، گُجرگار چوان،
گر، گهرا، گوها، گوشا، گُنديل، گوبا، گردن گرکيا ڏار چوان،
گابو، گابي، گوجا، گوهر، گميون، گاڏا، گور گذار چوان،

Gul Hayat Institute

کیل، کپائي، قیهي، قنبَر، قَر، قیري، قیت، قنجهي ڈار چوان،
قرهـ، قولهـڑي، قـاڈ، قـاتي، قـوک، قٹـي قٹکـار چـوان،
قولت، قیرو، قلو، قاکـُر، قـُڑي، قـَتکي، قاتي ڈار چوان،
کرهـا کـارا، کـُڈ کنواتـي، کمـرا، کـوڑي یـار چـوان،
کوڑي، کچیلا، کُنڈیا، کونها، کوراف، ککڑا یار چوان،
قطار کاچي کَن، کاپار، کوس، کوکارون، کرنگها ڈار چوان،
کڑهـ، کوڑا، کُتیل، کُرا، کٹا، کمري، کوراچي کار چوان،
کوجها، کاٹا، کُنهاٹ، کتـري، کـلا، کیـرا کـار چـوان،
کتریـا، کنـڈاري، کوچـا کـاري، لـُڑکا لاڑي لار چـوان،
لپـا لیـڑا، لـک لانگهـا، لوڑهـا، لیـٹ لیـلا ڈار چـوان،
لوگها، لاسي، لیڑا لاڈو، لتـُون، لُـکي بـُکي بیحد یار چوان،
لـڈ لـڈوٹا، لچي لاڑي، لوگها لتـُون، لـَتر لاچـي لار چـوان،
موٹـي منچـ، مست مـواڑي، مـور مـُنڈي مهنـدار چـوان،
مور ماٹکي، میٹي موچي، مڑي، منجي، مینهون منار چوان،
مچي موڑي، مُـنهن متاري، مهـڑ مـُل مهـل موچـار چـوان،
مـڑي، منـي، مـاچ، مٹانگو، مـُشکي، مهنـد مـدار چـوان،
مـَـرو، مهـادي، مکـرُو، مـاري، مکـٹ مکیرٹـو مـلار چـوان،
رَتي، روڈي، رنگلا، رُهي، راتاهو، کونج، کوپري قطار چوان،
کوسي، کُٹک، کُـني، کوکارون، کهڑو یار کنار چوان،
ککڑا، کنبو، کوس، کهائي، نرا، نـُهیون نروار چـوان،
نیرانگ، نویـل، نـُقرا، نختا، نرگهٹ، ننڈیا نیش نظار چوان،
نولـي، نٹـون، نـاس، نکیلـي، نـر نـوان نـروار چـوان،
مـنر منهـن، مگهـا مـواڑي، وچـر، وهکـون سـا وچـار چـوان،
ویڑهـا وَچ ورایـو واٹ وجـائي، وِیچـي ولـر وار چـوان،
وَهُـر، ویکو، وَڑ، ورتي، واڑي، وَهو واچ وچیري کار چوان،
واڑُو، ویـائي، ویچـي، وجـائي، وَچـون، وکـرو یـار چـوان،
وَڈا، وَهـري، وگـرَ، وروئـي، ہـُـل، ہولاهـي ہـار چـوان،
ہیـک، ہوٹـاڑو، ہـڈي، ہکـري، ہـڑندي یـار چـوان،
ہهـک، ہـُـکیون، ہـِلهڑ، ہوٹـارو، ہـوري ڈار چـوان،

Gul Hayat Institute

ٻَـهرو، ٻَندي، ٻيهر، ٻُـڪيون، پر پٽيلي يار چوان،
پوڙهو، پَـڪو، پوني، پهرُو، پُـور، پياري ڏار چوان،
پَـٽ، پچاري، پـُتو، پڌري، پـُـٽي، پونو يار چوان،
پيندَ، پچاڙي، پُـستي، پَـٽو، پانديِ پينگهي ڏار چوان،
پنڌ، پيچرو، پشم پيتي، پَـٽري، پٽاري، پُـڇ ٽار چوان،
پُـٽو، پاسري، پهرُو، پُـڇي، پـڑي، پَـٽي، پهار چوان،
پهرات پناڪون پس پيتائون، پونن تي پهنوار چوان،
پور پتاري، پاڳيا، پاٽا، پولي، پَـرڪي پيلار چوان،
پيڊ، پلي، پيرو، پـُلي، پـُـڇ، اُتي پٽڪار چوان،
ٿوڙهي، ٿڪر، ٿولهر ٿڳي، تنگ توائي تار چوان،
چَـڙي، ڇونگاري، چَـرهو، چربي، چال چگي ڇوڏار چوان،
چوري، چڪر، چانگي، چونري، چوڳا چرڪ اتي ڇوڏار چوان،
ڇوڙي، چنبي، چمڙو، چارُو، چوپ رنگي ڇوڏار چوان،
دَر، دُونهين، دَسي، داڳي، ڪرڪي، ڪيل ڪنگهار چوان،
ڇور ڇني، ڇُـڙي، ڇيلي، ڇـرڪ، ڇڙهي، ڇلَـر ڏار چوان،
ڇيٽو، ڇالي، ڇاٽو، ڇٽي، ڇلنگي، ڇڪڙ ڇٽ ڏار چوان،
جَـڙ، جابلو، جڳ، جوٽا، جائون، رت رتي ريدار چوان،
ڪَـرها، ڪڪر، ٽُـلها ٽُـوها، ٽري، ٽاٽا ٽڪل ڏار چوان،
ٽاڪَ، ٽنيا، ٽونا، ٿهريا، ڏاتا، ڏايا، ڏَنورا ڏڪا ڏار چوان،
ڏَڙ، ڏنـــار، ڏاڙا، ڏوڪـــي، ڏاري ڏيـــانَ اُڏار چـــوان،
ڏوڙ، ڏڪـا، ڏاند ڏُهيرا، ڏهـاڳ، ڏنجو يـار چـوان،
ڏَنـــي، ڏانـــون، ڏاوڙ، ڏنگـا، ڏُڏي، ڏگـــڙ ڏار چـــوان،
ڏُهري، ڏاچي، ڏاگهو، ڏوري، سانوڙ، سنجو يار چوان،
ڏاس، ڏندي ڏُڇر، ڏڏي، ڏارو، ملس ماڳ مهار چوان،
ڇاهين، چـُـتر، چمڙ، چوگي، چيڪ، چوڙو يار چوان،
جهٽڪون، جهوڪُون، جهڳي، جهلر، سودا واهه واپار چوان،
چَـــر، چانگهي، چچڙ، چمڙو، چگڙ، چوري ڏار چـوان،
ڪڙا، ڪـڙڪي، ڪڙهه، ڪولي، ڇُـندا، ڇاڙي، ڇـپ ڏار چوان،
ڏهاڳ، ڏاگهو، ڏنگـي، ڏُهيـري، ڏَنـي، ڏانـون ڏار چـوان،

Gul Hayat Institute

ڏور واڳ، ڏاوڙ، ڳُرون، ڳڏڙي، ڳاڙو، ڳاٽ ڳنوار چوان،
پينگي، پوئري، پَني، پيلارَ، پانبو، پيرو يار چوان،
ٽڪ، ٽهاڙ، ٽلهه، ٽوڪ، ٽَرکي، ٽاٽَر، ٽاپي ڏار چوان،
ٽاهه، ٽَکا، ٽاري، ٽَلو، ٽَکر، ٽاڪ ٽُنبي ٽار چوان،
ٽينهن، ٽپاٽري، ٽپر، ٽونٽي، گوهه، گُجر گار چوان،
آٽر، اوپرا، ڦاٽي، ڦرٽي، ڦيٽ، ڦرهه، مرو مهل يار چوان،
مدعو، موڙو، مَٽڪو، مهانگي، موڏي مُردار چوان،
سنڌ، سُنڊي، ساڙو، سمهڙو، هيرو، هوتي، ماس اُتي موچار چوان،
هَٻا، هيڻا، حلال، هڪل، هِلهه، هوڪ، هڪر ڏار چوان،
توترائي، تاڙ، تاڙُو، تيلو، اُن آگاٽي عار چوان،
ٽَکي، ٽاهو، رند، راهون، رَلا، رَسي رائي کار چوان،
ڊُڪ، ڊوڙ، ڊِپ، ڊڪو، ڊهو، ڊاهائي ڊار چوان،
پاڏي، پاڏو، هي هشايو، هستر، چڪرو سو چوڏار چوان،
گهڙي، گهوڙي، گهٽو، گهٽي، گهنڊ، گهنڊڙي يار چوان،
گهاڻ، گهمرو، کميت، کونتل، ابلَق سندا عار چوان،
هيڙ، هٽيلي، ڊور ڊِڳا، ڊُرکي، ڊوري ڊار چوان،
ٽيڙ، ٽيڙا، لسا ليڙا، لَٽون، لوگها، ڳرون سا ڳَٽڪار چوان،
ويڑ وَرائي، واٽون وکرو، تل توک سندا تَکرار چوان،
نگ نشاني، ڳاني ڳورا، ڳلهي، ڳيڙ ڳاو ڳلهي کار چوان،
ڳلخور، ڳُجهڙي، ڳلهي، ڳاڙهي، ڳهلي، ڳوڙهه ڳنوار چوان،
ڏاريا، ڏَڪا، ڊڪ ڊولياڳ ڊاٽي، ڊنگر ڊار چوان،
چال، چهي، چانگ، چڪو، چيڪاري، تَسي، تنوار چوان،
مرو، مونا، نونڊا، نوڙها، ڊنگ، ونگ، ڊائي، وهڪرا ڏار چوان،
پنجوڙ، پڙبي، بهار، پوٽي، پينگها يار چوان،
لُطف ڪجاءِ تون "لعلڙ" چئي، ڪلمون قلب قرار چوان.

(2)

پنيوران بار پئي، جان کي سڏ ڪيام ساڻين،
اديون! اُٺ ڪيي نيا، ڪاکيون کيڄئن،

---

(2) چيل شيخ ابراهيم جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 196. هن بيت ۾ اُٺ جي رنگن جا نالا آيل آهن.

ڪڪا، ڪارا ڪيترا، هئا بغدي بلوچن،
ساهه سانوڪ سونهٽا، جهما جهونجهارن،
نرتا وجن نڪريو، بانشا، بور سندن،
وجن سوچانا سنرا، لڏيا لاکيڻن،
پَرا ڏنا هُوَ پٽ تي، ڪي ڏونئرا اُٺ دوسن،
زرد، ڳاڙها ذوق مان، ڪوڏيا قريبن،
مڪڙا وجن موج ۾، تڪا، نه ترسن،
مائگڻ محبوب جا، سينگاريا سونهن،
ويندا ڏنا هُوَ واٽ تي، ڪي منهنجا اهڙن اهجاڻن،
مهري ملوڪن، ڪي چگي رنگ رمي نِيا.

ماني

1. ماني (مانيءَ جا قسم): سوڪ، تلهي، ڪچي، ڦڪي، سنهي، پاروٽي، تازي.
2. مانيءَ جو: ٽُڪر، پور، ڪَنو، لولو، ڳيو، ڳچل، اڌ، چوٿو، خير، ونڊ.
3. مانيءَ جي: ڏهڪي، ٽُڪري، صلاح، ڪورَ پڪي، ڪچي، ڪاڏي، اوبر، بچي، پاروٽي، سڄر، تازي، ڪوسي، ٽڏي.

مايا

1. مايا (مايا جا نالا): ڌن، دولت، پئسو، پارس، خزانو، ٽَڪا، هيرا، موتي، سون، چاندي.
2. مايا جو: هٺ، غرور، تڪبر، ڏوَ، فخر، ميڙو، موهه.
3. مايا جي: ماڃ، وڏائي، ميڙَ، واڌي، ڪنجوسائي، سخاوت.

Gul Hayat Institute

مٽي

1. مٽي جا: اوهڙ، ڪامان، ڏڙا، ڪورا، بنگلا، ڪوٺَ، ڪڙا، ڍڳ، ڳوڙها، پنوڙا، گلولا، مارا، نارا، چاٽا، گارا، دورَ، راندڪا، نڪ نڪالا، ڍيبا، وارا، پورا.
2. مٽيءَ جو: گارو، ڪرو، ڪونو، ڪوٺ، ڪامو، ڪڙو، لمندو، پنوڙو، پاڻ، ڇر، ٻنو، مارنگ، ڏڙو، تنورُ، ليپو، چاپوڙو، آلو، سڪو، بوتو، قالب، پنجهو، ٽَلهو، پتر، چڪ.
3. مٽيءَ جون: ڪونيون، دليون، ماڙيون، تغاريون، غارون، ڪونڊيون، سرون، گَندیون، ناريون.

4. مٽيءَ جي: سر، مسجد، چوري، طاني، ڪچي، پڪي، ماڙي، حويلي، واري، ڪاٺ، قبر، غار، غفا، پوڙ، چيڪي، چَري، ڪاٽي، ڏيوري، ڪيڙي، اوسار، لِنب، پِت، چُلهه، ونگ، آڳيٺي، دِڪي، مار، گوراگل، چِڪَ، مانار.

مٽو

1. مٽو (مٽي جا نالا): ڪرم، ڪاپار، تارون، نراڙ، سر.
2. مٽي جو: موڙ، لکيو، نصيب، وار، پٽڪو، ناج، سور، ڪاپارو، ٽَڪر.
3. مٽي جي: دستار، ٽوپي، ڇانوَ، جوُن.

مچي

1. مچي (مڇين جا نالا): کهي، سٽي، سُهٽي، پوپري، وونچ، دوٽر، اهل، ڪُرڙي، ڏنيري، گانگٽ، ڇرڪو، پلو، سينگاري، گنڈٽي، ڪُرڙو، مُڪر، گوج.
2. مچيءَ جا: ڪنڊا، تارا، چِلر، پيرا، ڳيا، ٽُڪر، آنا، پِنا، هوڪا، ريچ.
3. مچيءَ جو: ڪنهڙ، پچ، ڪنڊو، لائو، ڪاندو، پيٽانگو، ڏوٽو، اڌ، چوٽو، پِتو، چِلر، مار، سوئر، ٽنگڙ.
4. مچيءَ جون: ڪليون، ڳچيون، پيريون، اڈيون، مياڻيون، وڍيون.
5. مچيءَ جي: ڪاري، پُڇي، منڊي، ڪلي، ڳچي، سري، ڪِڪَ، هاري، آني، ڦاٽي، مئي، وڍي، اڈي، ڪُنڊي، تازي، ڪاري، لوٽاڻي، ڏپ، چٽ.
6. مچيءَ جو بيت ●

'مُرا'، 'مانگر' تنهن، 'بُلهڙيون'، 'ٻيهڙ'،
'ڪچئان'، 'واڳون' ڪيترا سمهين آهن سر،
بحري بلائون ڪيتريون، ڳڻنٽ ڪان ٻاهر،
'مچ'، 'موراکيون'، 'منديون'، جنهن ۾ نانگ ارڙ،
'ترٽيون'، 'ٽيريون'، تنهن ۾، جتي گڙيو اچن گينور،
'پَلا'، 'پٽون'، 'پٽئون'، 'پوپريون'، ڪن سان 'ديا' ۽ 'دانر'،
'سيريا'، 'سانا'، 'سينگاريون'، ڪٽ 'ڪُرڙا' منجهه ڪينجهر،
'گُلا'، 'گندڙ'، 'گانگٽيون'، ڏس 'بوهڙ' ۾ بحر،

● راوي دُورو اوڻو، عمر چاليهه سال، ويڻل ساڌپور، چيل الله ڏنو رڻو، ويڻل بهادي پور ۾ اُپلاڻن جو ڳوٺ، تعلقو جاتي. ڳجهارت جو ڳولو هو. مڇين ۽ پکين جا بيت ٻڌائين. هن فاني دنيا مان گذاري ويو.

Gul Hayat Institute

'ڪلان'، 'لهڙون' ڪيتريون، ڪٽ 'جرڪا' ۽ 'جاهڙ'،
'واڇون'، 'سيٽون' سوئن هجن، ڪٽ ڦوڪون ڏين 'ڦيدر'،
'رڙا'، 'ڏاهيون' ڏاهپ سان، ونيو هلن ڪنڊيون ۽ ڪپر،
'گوجون'، 'ڦندڙيون'، 'گرم'، پارين 'ڦاٻڙا' پنهنجيءَ پر،
'برڙيون'، 'ٻوهڙيون' تنهن ۾، جت نانگ انڊا 'اَنير'،
ڇيڏڪ ڇڏي 'ڇلوريون' هليون، 'ڍگڙا' ٻڌن ڍر،
'منڊيا'، 'ڳانيرا' مرڪي هليا، ڪٽي 'ڳوراهون' ٻڌن ڳهر،
'ڪهوا'، 'ڊينڊ' 'ڪريڙ'، جت 'برڪلا' نهارين ٻر،
آيا 'ڊانگريا' ڊنگ ٻڌي، ڪٽ 'غيري'، ڪٽي 'ڳيهر'،
'آل'، 'ڪڳا' اڇن اوجتا، جتي وريو اڇن 'ويسر'،
'مَلار'، 'ڦوٽائي' ڦوڪي هليا، جتي 'ويلڙا' ڪن پيا وَر،
'سوئا'، 'سوئليون' ڪيتريون، ڪن سان 'ڪنا' ني منگر'،
'ٻروُن'، 'پٽڻيون' پاڻ ۾، ڪٽ 'ڪنگ' ۽ 'ڪانئر'،
ڳڻي ڳڻيندين ڪيترو، قصو هي شاعر،
ڪئين سوين ويڙ ورڇي ويا هُئا عقل جا اڪابر،
سُڏ نه پيين سمنڊ جي، هئا وَنجهن جا وينجهر،
'ڦاڙ'، 'ڦاڻيون' فراق مان، ڪٽ لڪ ونسي 'لُوئر'،
'ڇهه چريون' هلن چلن، ڪٽ 'مور' ۽ 'مانگر'،
'ڏندو'، 'ڏانيو'، ڏڪي هليا، ڪٽ 'دَنواڻ' ۽ 'دوٽر'،
'ميا'، 'مانگيٽا' مجاز مان، ڪٽ لنگهه وڻ پيا 'لُوَرَ'،
'چيل'، 'چوڏيون'، چُهون ڏين، ڪٽ 'سيري' ۽ 'سيئر'،
'پڏڻ'، 'پنبيون'، بهي آيون، ڪٽي 'خوبٽا' ۽ 'ڪر'،
'گابَر'، 'مالُوس' گوڙيون ڪن، ڪٽ 'بادَم' آ بانور،
'ڪوئين'، 'ليارون' ڪهي آيون، 'گولي' ۽ 'گوڪر'،
'مَيو'، 'رنگَڻ' مردار چون، ڪٽي 'گشي' ۽ 'گسر'،
'لچڪ'، 'لامَ' لَمي هليون، ڪٽي 'قُوڪٽا' ۽ 'قاڪَر'،
'ڪهيري'، 'ٽابي' ڪُڏي هليون، ڪٽي 'ڊوڪائُون' ۽ 'ڊانوَر'،
'واڪياٽيون'، 'ليارُون'، وڙَڪي هليون، ڪٽي 'لُون' ۽ 'لانوَر'،
'گورک'، 'بادَم' برسي هليون، ڪٽي 'بونڊار' ڪري بانور،

Gul Hayat Institute

'ڪلريون'، 'سونيريون'، ڪٽي 'سپون' ۽ 'سادَر'، 'بورا'، 'دَڏَ' دَڏڪا ڪن، ڪٽ 'ڪَناتي' 'ڪانوَر'، سُٽ ذاتيون سانڻَ جون، جت گڏ رهن 'ڳيوَر'، 'ڇهيري'، 'ڪلري'، 'ڪيڪٽ'، 'پَٽاڙي'، 'پاوَر'، 'ڪڏي'، 'گهوڙائي'، 'ڪالي'، 'ڪُسُ' 'ڪاسَر'، من مرادون"الله ڏنو رَٿو" چئي، من پوريون ڪريم پرور.

مرض

1. مرض (مرضن جا نالا): نزلو، بگ، ڪوڙهه، ڪڙ، اڏرنگ، رتي، مهلو، مري، قيءَ، موراهي، اَلٽي، چڪي، ڪرڪو، عشق، رنج، چُڪ، سوداءُ، بدنام، دم، موهيڙا، گڙدو، ٽوٽل، وارو، پرهال، ڪهنبو، سائي، مُنهن ساڙو، اُيو ساهه، نُنهنڙ، نُگرو، رَسُ، ڪڪرو، ڏُمند، وائي، بادفرنگ، نَرو، پٽري، پرميل، ٽانڪي، رائو، ساڙو، سُوري، پيچ، گهمرو، وٽ، بواسير، سمڪي، موڪا، چِنُ، اُپ ساهي، زردوئي، يرقان، سِلهه، ڪنگهه، اُلي، جلندر، ڪاڇي، خارش، سيتانگ، چاپاڪو، چٽي، ڪوڙهه، رهڙ، لسڻ، ههو، ڏڍ، سنگهه، سردي، بادگولو، ڪنڊڪڙ، ڪڇوراڙي، ڏُني، جهامرو، ڪَنر، ويلڙ، ٽانٽ، مَلو، چالي، دق، ٽڙ، مرگهي، نزلو، ناڪيلي، قُلو، چَڪار، ڪرو، پيڙا، ڪُتي لڪ لوطي، پرتي، جوگير، آقري، خفقان، ڏينارو، قرڙيون، گُلري، مَلي، گنج، پِت، سوچ، سرٽو، اوپر، ڪوئلي، هڏڙي، ڪندڙو، ماڪوڙي، سٽ، تارون، ڪاڪڙو، ماتا، مائي، اُرڙي، هڏڦاڙ، هنبسڙا، قرڙي، رت ڪڙ، آرايون، آرس، تپ، هڪ ڏڙو، ايئڙ، ٻيئڙ، ٽيئڙ، سرءُ تپ، لُڪ، لوسات، لُوهه، جهولو، جهانگرو، ليس، سردي، سرسام، وَبا، نوڙي، پليگ، ڪوڙهي، بُڇڙي، ناسور، نمونيا، ڪِڙي بِراڙي، اوچارو، مُهان، اُڙاڪ، اُڙڪا، هڏڪوئي، قولنج، بين، ڦيري، گهمري، شبڪوري، ڏُنڊ، لُڙ، ريج، جيرو، جائون، پڪ، پکرو، پِتو، ٽڏي، موڙو، مروٽ، مهٽ، ڏکاءُ، گهٽ، پوئري، اوسو، ڪمسول، چٽر، پوزو، پٽريون، ناڪيري، ڪيڙو، بند، سُڪ، ڦيٽ، سرگير، ٻوڙڪي، ڦڦڙي، ڪارو واءُ، ڪڇرو، بدرو، جهاڙڪيل، چيرو، ڦار، روڙو، گڏر، ڦڪرو، ڏيج، سهڪ، گوڏا ڪوڙ، چڪڙ، پوسو، ڦاڙهه، بوند، چپ چٽ، اُبت ڏاڙ، سوجهر، منچر، ٽاهو، پنگلو، سرٽ، متي جو سور، پنواڻي، خفقان، اوجاگو، اڪ اُٽڻ، ڦٽ، ڇهڪ، چير، سيرَ، ڪجلي، چِڪون، خناق، ڳڳهي، هنيارو، دمڪشي، دل

Gul Hayat Institute

هول، مالیخولیا، بدهاضمو، چاراو گرائي، کامڻ، هیانچو، نواسیر، پهڻي، سنڌن جو سور، دست، وار چریو، چرند وار، چور وار، پرو، ڦڦو، بخار، بلغم، کرڻیو، ٽولهه، ماچ، جهوري، کلیون، ماندکائي، کام، کوسڙو، سدپاڪ، ویلڙ، ویلڙو، ڳلپیڙا، غشي، کَمري، گَرُ، کَک، کس، بادیا، پهار.

2. مرض جو: درد، سُور، علاج، فکر، غم، ایذاءُ، دِپ، ڦوکارو، ڏنپ، وارو.

3. مرض جي: تکلیف، دوا، ڦکي، سُتي، بوٽ، پُڙي، گوري، اوتَ، ٽوٽر، جهوري، لوري، رک، شفا، اُج، تاس، ڳهرَ.

مرون

1. مرون (مرن جا نالا): سامبر، سهو، سرهه، سوئر، سورُ، بگهڙ، گدڙ، هاٿي، شینهن، واگهه، سیڑهه، لومڙ، لوکڙ، ٻلي، کتو، راگو، تازي، ممرَ، واگو، لڏڙو، کڇون، پلنگ، پولو، پولڙو، مچ، وڇون، چیتو، ڏوهیون، کلب، مانگر، کُمر، سیسر.

2. مرون جا: چڪ، چنبا، رَتا، پرا، چسنا، ڦاڙیا، کاڏا، پٽیا، چڪیا، ماریا، چیریا، ڦاسایا، نیشَ، بُلَ، وَلَ، پنجوڙ، ڏڦا، هنبس.

3. مرون جو: ڏڏکو، جهٽُ، لنگهه، گسُ، شورُ، گهمرو، چرکُ، رانباهه، هوپو، راڙهو، وَڇُ، ڏند، جهیڙو، ٻڙ، لوگهو، گهُمرو، ٿم، چنبو، رانیوٽو.

4. مرون جون: سنگهرون، جهوتون، گهورون، لوڏون، اوناڙیون، بهکون، ٻُهکارون، تَڙون، بچون.

5. مرون جي: هیبت، چُر، گهور، سنگهه، گوهي، شوخي، رُوڙَ، رُومڙَ، گوڙ، گجکارَ، کاهه، جهڙپَ، کاوڙ، اوناڙَ، دوڙَ، ٽولي، ماري، گهلي، کاڏي، کیهه، کَٽ، مواس، لوهه، چیٽَ.

مرون جا بیت*

(1)

ساراهیان سچو ڏٺي، جو صاحب رب ستار چوان،
ببر، بدُو، باندر، بگهڙ، سرهه، سیسر، سامبر، سهو ڏار چوان،
سیڑهه، سوئر، ساڙ سهیلا ڏُرا، زَناوَر زیبرا ڏار چوان،
شنگور، شینهن، شڪ شڪاري، ڦاڙها ڦٽڪن ڏار چوان،
کیانگر، کُتو، تازي تکڙا، لوکڙ، لومڙ، لاٽبڙ، لنگوري ڏار چوان،

---

(1) چیل لعلڙ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشیہ، ص 84.

لاٽبَر، لُڏڙا، مست مهما، ممڙا، مڇڙا مـــرُون ڏار چـوان،
مانـگر، مـوڏا، چئنچل، چندي، چراخ، چيتا چَڪور ڏار چـوان،
رڇ، روهيـلا، هوسـڙ، هـاٿي، بـــلو، بيلاڻـــي ٻهڪـار چـوان،
ڪيهر، ڪچون، ڪُـم، قندَاري، ڳاڱيا، نهر، گورخر، سنداگينوار چوان،
گندا گُـــرگ، گـدڙ ٻيـا گينـدا، شـهگوش، شـنگوريا ڏار چـوان،
پـولڙا، پولـي، واگهـا، واڳـون، وينـدا، پلنـگ پـٽرا ڏار چـوان،
چٽـوڙ چريـا، چلاڇريـا، نـورَ نهريـا، بُـلهڙ جـي ٻهڪـار چـوان،
آدمخـور اَجـايو، آهـو، عجـب، ازگـر، گـرڙ اَنـڊار چـوان،
گورپٽ ڳجهڙا، گُـريـَـه، گينـدا، گـدا، گُـلر گَـرا ڏار چـوان،
پونـڊِ پـاڙي، بـدو بـاري، چـُـــهڙا ســي چـوڏار چـوان،
ازگـــر اُٺ عليـــل آيـــا، مـــــرگهه مواڙيـــا ڏار چـــوان،
لطـف ڪجـان تـون "لعلـڙ" چئـي، صـاحب رب سـتار چـوان.

(2)

اُڪـل اچـي ٽـو، اَلهـڙ، انـڊ، اُچـل، ايريـو ڏار چـوان،
ڪـاڌ، ڪـُڏڻو، گهـور، گهڻـي، قاسـي، قـاهي ڏار چـوان،
قـاتو، قٽڪيـو، قيـري، قٽيـو، دونـاڙ، دسـيو ڏار چـوان،
گونـريـو، گجـو، گـروڙ، گهـرو، چريـو، چتـو ڏار چـوان،
ڳَـلي، ڳاري، غـار، ڳرڪـو، مهمـا، مسـتي ڏار چـوان،
وَرتـو، ورايـو، ويڑهـو، واڇـر، ٽـان، ٽـاٽو ڏار چـوان،
بُـل، بچ، بنديو، بوجو، ٽاهـ، ٽَـنو، تنگيـو ڏار چـوان،
چـُري، چتـو، چـُـهي، چـُـنو، اڙيـو، آيـو ڏار چـوان،
يـاڇ، يڳـو، يڪـرڪيو، ماريو، مـار، شـڪار چـوان،
مـــڙيو، مـــوٽ، مئـــو، مـــاريو، مـــاري ڏار چـــوان،
چـال، چـڪيو، چَـند، قنـد، چَـڪڙ، چنـو ڏار چـوان،
ڏر، خـوف، خطـرو، ٻـڏو، ٻـرڙاٽ، ڪيهـون ڏار چـوان،
هَـكَـل، هڙڪ، سـريو، سنياڙو، هُـركڙ، هٽيڪو ڏارچوان،
گهُـور، گهُـمرو، چَـر، چارو، چَـڪر، چڏ، چپائي ڏار چوان،
رَنـڊ، روڪ، رنـد، رڙيـون، ريهـاٽ رَسـي ڏار چـوان،
لطـف ڪجان تـون "لعلـڙ" تـي، صـاحب رب سـتار چـوان.

---

(2) چيل لعلڙ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص84.

(3)

مولي خلقيا مُلڪ ۾، مرُون ڪئين مانگر،
شينهن، شنگور، ڳورپٽ، گيندا، گورخر،
گدڙ، گربه، پولڙا، بگھڙ ۽ باندر،
بيجُو، پولو، پچٽي، سيڙھ، سَھو، سانبر،
اُلو عزم، ممڙو، ڪارو ۽ ڪيھر،
پاني، ٻيلاڻي، ٻلو، رِپ، چراخ، خچر،
گول، گدا، گدن، گھٽو ۽ گنيو،
روجھه، روباھه، رِڇڙو، ليھو ۽ لومڙ،
ڦاڙھو، ڦيڪاري، چلو، تازي، تليھر،
ھرڻ، چيتو ھوڏ مان ٽا ھڻن چال چپر،
ماريو، چيريو، چچريو، چڪيو، ڪن چھر،
وڇون، ڇميو ٽا ويڙھه ڪن لنگور ۽ لُومڙ،
لوڪڙ ھليو لوڏ مان، ٽو ڪاھه ڪري ڪاوڙ،
ڪري اوناڙون ازگر، ڪتو وڏي ڪوڏ مان.

مسخري

1. مسخري (مسخري جا قسم): پوڳ، چرچو، کل، نقل، سانگ.

معذور

1. معذور (معذورن جا قسم): انڌو، منڊو، تُنڊو، لولو، لنگڙو، محتاج، ڪاڻو، گونگو، ٻوڑو، ٻڌي، پنگلو.
2. معذور جو: عذر، ڳوڙھو، لُڙڪ، رُوئڻ، اولاڻيو، سوال.
3. معذور جي: صدا، زاري، گھر، حاجت، جڏائي، ھيڻائي.

معشوق

1. معشوق جا: ماڻا، چاڳَ، سُھمان، ناز نخرا، اشارا، غمزا، صاروفا، نياپا، پاڪ، سينگار، سلام، سنيھا، آر، انگل.
2. معشوق جو: ماڻو، رسامو، سرجڻ، پرڇڻ، راز، چاڳ، ناز، نخرو، مُرڪ،

---

(3) چيل اميد علي لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 143.

مشڪ، حُسن، ڪلڻ، قاصد، رقيب، پيغام، سنيهو، پيار، قرب، هارسينگار، تيل ڦليل، جوپن، نينهن، سوز، فراق، وڇوڙو، من، گهونگهٽ، گهنڊ، شرمائڻ، موهڻ، نياپو، جفا، ستم، چنڻ، ڳنڍڻ، لوڏڻ، ڏکڻ، ديدار.

3. معشوق جون: اداڻون، وصفون، رمزون، رهاڻيون، اُميدون، ڪڇهريون، چڙون، چٽرون، نقلون، اهلون، آکڙون، ڏايون، قربداريون، نظرون.

4. معشوق جي: رَمز، ادا، سونهن، ڏُوتي، مرحبا، جيءُ، رس رهاڻ، ساروٽي، جهوري، آس، اُميد، اُداسائي، البيلائي، وهي، مجلس، دل، جا ن، وفا، بيوفائي، گهور، گڏجاڻي، ملاقات، لِڪ ڇِپَ، نظر، ديد، گهنڊي، چٽ، بيرخي، بيپرواهي، مِهر.

مقام

1. مقام جو: مجاور، لوڙهو، قبو، پٽ، ڊپ، لوڙهه، پاسو، اُگرو، وٽ، ڪنڊو.

2. مقام جي: قبر، مٽي، تربت، چوڪنڊي، راوتي، پر، حد، پاڪائي.

مڪڻ

1. مڪڻ جا قسم: ماهو، ڳائو، پاڪرو، اڇو، ڳاڙهو، پٽڙو، ڪونئرو.

2. مڪڻ جو: چاٽو، پنوڙو، ٽيرو، تازو، پاروٽو، رڃايو، ڦُٽو، دُکو، رِدو، ساڙهو، لوٽو، سير، اگهه.

3. مڪڻ جي: ڏهاڙي، ذري، مَکي، تور، ڦُٽي.

Gul Hayat Institute

ملڪ

1. ملڪ (ملڪن جا نالا): عربستان، افغانستان، سلون، ڪوهستان، لاڙ، وچولو، سرو، سنڌ، ايران، ڪيچ، ڪچ، روهه، مهراٹو، ملير، ڪائٽ، ويڑهه، سدا، ڊٽ، اُپو، ونگو، مڪران، ڪشمير، پنجاب، پاڳناڙي، بنگال، هاڙهو، لس.

مُندَ

1. مُند (مُندَن جا نالا): بهار، سرءُ، خزان، سيارو، اونهارو، آرهڙ.

2. مند جي: برسات، گرمي، پچاڙي، بيماري، ڪنوڻ، وَسَ، بهاري، لُڪ.

3. مند جو: مينهن، سيءُ، تپ، بخار، ميوو، ان، جهولو، طوفان، واءُ، وسڪارو، پکي.

منڊي

1. منڊيءَ جا قسر: کيرول، ويڑهه، ورٽو، چلو، مينا ڪاري، ستپڙي، سوني، روپي، ڪوڙي، سچي، ويندو، ڇڪائين، ڇنڇو.

2. منڊيءَ جو: ڳن، ننگ، هيرو، جڙاءُ، ٻُڑو، پائڻ، اوجر، گهڙڻ، ڇڪو، موتي، پٽر.

3. منڊيءَ جي: ٽڪ، گهڙاٽي، لِـک، ويڪري، سوڙهي، نيشاني، پاتي، سوڪڙي، گجهارت.

مٽيو

1. مٽيو (مٽين جا نالا): زمرد، ياقوت، ڪوهنور، هيرو، جواهر، ماڻڪ، موتي، دلپاڪ، پارس، مرجان، زمرد، نيلم.

2. مٽئي جو: هار، موتي، ڪنڊيلو، ڪنڻ، ٻانگو، ونڊيو، ٻگو، سڇو، پوئڻ، مُلهه، چمڪو.

3. مٽئي جي: لک، ٽِـڪَ، سري، تسبيح، قطار، پوتي، اڇائي، گاڙهائي، لعلَ.

مئو

1. مئي جا: پارَ، رانياڻ، ڇاڻَ، جمعا، ختما، مٽ مائٽ، ڪانڊي.

2. مئي جو: ارمان، ڏک، ماتم، فڪر، ڪانڊپو، روڄ، منجو، دفن، ڪفن، لاشو، جنازو، ٽيجون، ٽيون، ٽيجهو، ختمو، قل، پار، ڇاڻ، ڪانڊي، ترو، غسل، ننگ، پٽر، مقام، ورٿو، ترڪو، چاليهو، ٻارهو.

3. مئي جون: ڪيهون، رڙيون، وصيتون.

4. مئي جي: عذرخواهي، ڪُـني، نماز، فاتحه، ڪٽ، حد، پرچاٽي، ڇاڻ، ماني، اجرڪ، قبر، خيرات، وصيت، ملڪيت، جوڙي.

ميوو

1. ميوو (ميون جا نالا): ڏاڙهون، صوف، انار، ٻير، سنگترڙا، بادام، نارنگيون، گدرا، انب، انگور، ڊاک، ڦاروا، ناسپاتيون، اُنجير، ڪيلا، ڪيوڙا، ليمان، توت، ڪجيون، ڪجور، زيتون، ڇمون.

Gul Hayat Institute

2. ميوي جو بيت

واهه عجائب باغ بنائي، آگي ڪيو اظهار ڏسو،
پورهيو منهنجو صاب وڏو، هي ڪرم ڪري ڪلتار ڏسو،
رَنگا رَنگي ورڪ ورهايم، گُل قُل جا گلزار ڏسو،
سُرخ، سفيد، رَنگي، گل زنگي، موتيو مزيدار ڏسو،
گل عقيق، ته گل گلابي، ست گُلو سينگار ڏسو،
گيندو، گل هزاري، سورج، شرماپوڻي ڏار ڏسو،
ناز ڪيو آ نازبو، بيٺو چنبيلي چمڪار ڏسو،
اَنب، انجير، ترنج، قارُوها، ليمان، توت، ليار ڏسو،
سهڻا صوف، ته پير به صوفي، ڏاڙهن جا ڪي ڏار ڏسو،
سنگترا، نارنگيون، مالٽا، طرحين طرحين تيار ڏسو،
داڪ، ڪجيون، زيتون، پپيها، ناسپاتي نروار ڏسو،
ڪيلي جون به قطارون قائم، چوقبلو چوڏار ڏسو،
اَنبن جا به نمونا نالا، ڪريان شعر شمار ڏسو،
آمي، انجير، انگور، اَڪسيري، آپوسي اسرار ڏسو،
بيد، بادام، پسانگو، پيجو، بادشاهه بند بهار ڏسو،
طنبو، طوبيٰ، تحفو، توشو، ٽپڪو، ٽمنهن، ٽڏار ڏسو،
ٽپو، ٽيڪ، پتاشو، پستو، قارُوهو قردار ڏسو،
جاڙو، جهنڊبو، جهُٽلو، جهمٽ، جهوڙي جو جنسار ڏسو،
چمون، چيريل، چپو، چندن، چنبيلي چوٽيار ڏسو،
چُڳو، چٽ، چڪير، چهه گوشو، حبشي هي هڪوار ڏسو،
خيمو، خُرمو، خاص خوراڪي، دُنبو ذات ڏيلار ڏسو،
رَتن، رَنگ، رَتول، رَنگينو، ريپڙ پي رَمدار ڏسو،

• چيل شيرمحمد لغاريءَ جو. شيرمحمد خان ولد غلام شاهه لغاري بلوچ، ڳوٺ غلام شاهه لغاري تعلقي سڪرنڊ ۾ سنه 1298هـ/1880ع ڌاري ڄائو. سنڌيءَ جا ڇهه درجا ۽ فارسيءَ ۾ ڪريما، پندنامه، گلستان ۽ بوستان ڪتاب پڙهيائين. عمر جا 35 سال پنهنجي ڳوٺ غلام شاهه ۾ رهيو، پر پوءِ هوڏ جي ڪري اباڻو ڳوٺ ڇڏي، ڳوٺ گل محمد لغاري تعلقي شهدادپور ۾ وڃي رهيو. جتي سنه 1365هـ/1945ع ۾ وفات ڪيائين. ننڍي هوندي کان شعر شاعريءَ جو شوقين هو. سندس ڪلام قدير طرز جو آهي. وفات کان پوءِ سندس گهٽو ڪلام ضايع ٿي ويو آهي. هن بيت ۾ ميوي کان سواءِ گلن ۽ ٻين وٽن جا نالا به آيل آهن.

زَردو تي زَردالو ۽ پٽ رَنگي زينتدار ڏِسو.
سرد، سفيدو، سُپيڪ، سنهڙو، سونهري مينگار ڏِسو.
شيدي تي شمشاد، صنوبر، اَنب، عُناب، آنار ڏِسو.
قيصر پٽ قنڌاري ڪيلو. ڪابولي ڪسيار ڏِسو.
ڪَتوري، ڪَشميري، ڪُبڑو، ڪُهنبو ڪٺهار ڏِسو.
ڪَرپٽ، ڪارڪ، گنبو، گدرو، گيلي جا گلزار ڏِسو.
گوشو، گهاٽ، گنبذ، گلدَستو، گانڊوهي گردار ڏِسو.
گمُون، گندِر، لڏُون، لنبو، لال پٽو رَنگدار ڏِسو.
مُربو مرڪز، مڪڙ، مصري، ميسو، منگهه ملار ڏِسو.
مرجان، متيرو، مَندو، ماڪي، مالپڙو موچار ڏِسو.
نَر موتي، ناريل نشابر نڪري سو نروار ڏِسو.
وَنگو، واهه وزير ولائتي، هزاري هربار ڏِسو.
تيرهن سؤ چوونجاهه سَنه ۾، ڪير اهو سنسار ڏِسو.
لطف "لغاري" ساڻ ڪيا رَب هادي لک هزار ڏِسو.
سؤ بار شڪر ڪيا "شيرمحمد" ڇئي، ڪلمون ڪوڏ قرار ڏِسو.

نارنانءُ (عورت، ڪامڻ)

1. نارنانءُ (عورتن جا نالا): آمي، آمنڊ، ايمٽا، آسي، اميرزادي، اُميدي، امينا، آسودي، آسيت، البيلي، اِپوڙي، آيل، انوَري، اصغري، اُتمان، بيبي، بلقيس، بانو، بختي، بيبلَ، بديعل، بچان، بوبان، بچي، بوبنان، بنسان، بندياڻي، بيگم، ٻائي، ٻانهي، ٻانهياري، ٻوڙي، ٻاگهي، ٻُڌي، ٻائل، ٻوڪي، پاندي، پاڳان، پوري، پئوندي، پاڃائي، پاڃگي، پان، پرائي، پورَ، پاٽو، تالر، تڪڙي، تتي، توائي، تاري، تارُو، توڏان. ٽُلهي، ٽرڙي، ٽڪي، ٽاهر، ٽائري، ٽاريلي. ٽلان، ٽانوري، ٽنديلي، ٽڪڻ، ٽلڻ. ٽاڪران. ڇان، ڇان، ڇريت، ڏاڻي، ڏالهي، پورهيت، ڏمٽي، ڏاڳاري، ڏنڊي، ڏريما، ڏرڇندي، ڏري، ڏپاري، ڌاران، ڌوڙهي، ڌانڊياڻي. جندو، جعده، جوائي، جاڙي، جيئان، جيئندي، جنت، جادل، جيئري، جمڪي، جيوٽي، جيجل، جيجي، جُڙي، جنون، جاڙيتي، جني، جيئڻ، جيڏي، جيڏل. ڇامان، ڇينڊل، ڇيني، ڇينياڻي. جهوني. چري، چاڳان، چَتري، چوڙيلي، چگي. چاگل، چَتان، چوري، چُنٽي. حليمان، حاجاڻي،

Gul Hayat Institute

حاجران، حور، حرمت، حسنا، حوا، حُميران، حکيمان، حنيفان، حسن بيګم، حُمي حياتان، حاکمي. خيري، خوشحالي، خديجة، دادلي، دائي، دريا خاتون، دانهياڼي، دُوري. ډوکري، ډستي، ډُهيلي، ډاهي، ډيپلان. ډاڼو، ډجاڼي، ډنل، ډارين. ډولي، ډائي. راڃي، رحمت، رقيه، رئيسياڼي، رُستي، رامي، راستي، رحيما، روڃي، رفعت. زليخان، زينت، زيبو، زيندو، زرينا، زينل. سورٹ، سڃڻ، سيتان، سيل، سمل، سانوري، سونان، سګهڑ سياڼي، سپاڳي، سبحان خاتون، سرهي، سکينا، سوڍي، سوني، سمي، سائڻ، سهڻي، سسئي، ساران، سفوران، سُکان، سجني، سهتي، ساماڻي، سَتي، سومري، سانولي، سلکٹي، سنګهار، سهاڳڻ، ساهيڑي، سومل، سانګياڼي، سردار، سليمت، سنيوڑي، سُکي، سپائي، سدوري. صابل، صالحان، صغران، صحت، صاحبان، صاحبزادي. طوطل. عزت، عاجزان. فاطمه، فهميده. ڦاپو، ڦاپي. قائمان. کرامت، کاري، کذبانو، کڏو، کنوار، کريمان، کامڻ. کنڀائي. گندري، گوري، گونگي، گوهرجان، گاڏيلي. ڳوڑي، لالي، لالان، لُهاري، ليلي، لُڏڻ، لاڏلي، لاڏان، ليلان. مل، مرادي، مکڻا، مکڻ، ماڳل، مهرجان، مهري، ملوکان، محبت، موڏان، مِري، مريم، مروبت، مومل، موري، موکي، متي، مارئي، مانيٹي، مکلي، مالکياڻي، مګي، مِنان. نينګري، نصيبان، نماڻي، نيامت، نموئي، نوران، نِدوري، ناتر، نندي، نمري. وريتي، واصل، واندي، ويراڳڻ، وسائي، وريتي، وسندي، ولهي، واتوري. هير، هوندي، همشيراه، هيٹي، هيمان، هسندي، هيکل.

2. عورت جا: مکر، ڪيچ، نازَ، نخرا، سانڀ سوڻ، سينګار، سهما، طعنا، رُسڻَ، پار، جهيڑا، تالَ، کيڏا.

3. عورت جو: سهاڳ، ڏهاڳ، ناز، نخرو، تال، لچکو، صهرو، کابينو، مهر، سيلُ، حسن، لکيو، سينګار، جوين، جلوو، تجلو، مِڙس، وارث، پيهڻ پچائڻ، کتڻ، گهر کرڻ، جورو، پڙو، برقعو، گج، چولو، گهگهو، ناڃ.

4. عورت جون: دغائون، نڪيون، لائڻون، چوٹيون، مُندڀون، مينديون، ساهيڑيون، سرتيون، تاڑيون، گنديون، پوتيون، چُنيون، چاتيون.

5. عورت جي: تج، سِک، دل، پوڃا، پِتڻ، بهادري.

Gul Hayat Institute

6. نارنانءُ جا بيت:

(1)

ساراهيان سچو ڏاڻي، جو صاحب رب سبحان،
قادر جي قدرت جي، ڪمي آهي ڪان،
آدم جي اظهار لئي، حوا پي حيران،
ڳڻي ڳڻبا ڪيترا اُنهن جا نالا ۽ نيشان،
سائڻ ستڙي، سرتان، سومري، مرادي منجهان،
مومل، سومل، سهڃان، پرائي، پاڳان، پان،
ميول، ڪيول، ڪوڙي، مٺي وڏي مان،
جيئري، جيٺندي، جني، جيان، هير ڪري حيران،
سون، سفوران، حوران، حوري، گوڙي، خاني، خان،
خيري، جانل، جنت، جونئري، جاگُل، جاءِ مڪان،
آسيت، ايسل، اَمل، نِمل، پاڳي، پانا، چگّيءَ جا جولان،
صحبان، سياڻي، سمُل، ساران، سوڍي، سلي، بيبل ڪر بيان،
بيگم، بکي، بختي، بديعل، ملڪان وڏي مان،
پري، پوري، پتل، پرمي، سورٺ جا سامان،
گولي، بانهي، گوري، ساري، پردل پريي ڪان،
جميعت، جادُلو، رحمت، رحيمان، آمنت امان،
ڪونري، ڪونئرو، ڪمُل، ليلهان، لالي پروس پشيمان،
پت پاري سموري جعفران، ۽ جميعت جا جولان،
زليخان، زريخان، زينبزادي، مارُل سا مهمان،
شهرو، شيرين، شرمون، سمجهو، ڏس شاهُل جا شان،
آنسان، منسان، ڪيان، خاتون، ستهان، سائڻ ڪان،
حُمل، حوَل، حاتي، هاسوران، سؤ رنگ رتان،
چُتل، چُني، ڪُندن، ڪرمي، ڏرمي رک ڏيان،
دَرهه، دادلي، دَري، دِينا، ليلان لامڪان،
ريوي، راڄي، ناتر، نازي، جانان بيگم ۽ جان،
مَندي، ڪاڻي، ڪوجهي، ڏيوي، نماڻي، نڏر ڪي نيشان.

---

(1) چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص. ۲۰ ۽ ۲۱.

Gul Hayat Institute

کلٹ، کنڈل، صاف، سدوري، سهتي، رڻي ريب رکيان، مري، آمون، ڏيان، ڏجاڻي، صحت، سگهڙ، سوهان، عمري، عالمي، عيلمان، بي جا ختيجان خان، لالهر، لالان، تيجل، چينڀل، چامان، حاکمزادي، جمنا کر جولان، گولي، گندري، نوري، نماڻي، مينگهي کر ملار، طوطي، امين، مکڻ، ستوک، پونڇ، پارسان، سليمت، سنگهار، حيمل، حنيفان، هسنت، راستي، ايمٽا ٽي اظهار، مينهڙ، منان، موران، قسمت، ورائي، عظيمان وينجهار، نغار، نيوڙي، ناهي، کوڙي، پسي کر پوکار، الهرکي، عيد، اوپائي، ٽازل آهي نماڻي نار، عين الحق، عقيلان، عربي، البيلي آندل ٽي اظهار، ارمان، اُکي، اُمري، عملي، اتم، آسودي، عدن ٽي انکار، آشان، اُمت، عزت، آمنت، ارڏي، عائشه، اُم سلمه اظهار، بالو، مينا، بکان، بولي، برکت، بيبي بصري، بلقيسا باغ بهار، بدَرل، بانوَري، بختاوَر، بکاولي، بانو، بوبنا، بچي، بختار، پنيو، بالي، بوندي، تُرسان، طولان، تڳُل، تصوير، تُمن کر تنوار، سُرهي، سهاڳڻ، سنيل، سکينا، ساران، سمي، سگهڙ، سسئي، صحت سنيار،

سانوڻ، سانولي، ستابي، سنيوڙي، صورت، صابل، سورٺ، صحتي سار، سکيلڙي، صالحان، سامت، سهڻي، صفائي، ساران، سدوري، کر سينگار، جانُل، جانا، جوائي، جادو، جندو، جوري، جڳُل، جمنا کر جنسار، جديت، جهوڙي، جمني، جيوي، جيوٽي، جوڳڻ، جمالان کار، سمجهي، سليمت، سبياڻي، صدو، سياڳي، سُکان سار، سهتي، سليمان، سُکي، صابن، سموري، سنوک، سنگهار، کلي، کوڙي، قائمان، مَلي، مُولي، مَمُل ڏس مهناز موچار، حکمت، حکيمان، حريفان، حاتي، حاجاڻي، هيکي، حسنت، حکومت، حميران نار،

هوندي، حيلمان، هاجُل، حياتان، حرمت، حنيفان، هير، هدايتکار، هاجران، حسينان، هاني، حاجاڻي، حمون، هول، هنسي هار،

Gul Hayat Institute

خاتون، ختيجان، خانل، خيري، ختيجل، خوبي، خوشي ڪار،
خيران، ڪٽڻ، ڪتوري، ديوي، دادي، داني ڪر ديدار،
زُهران، زُليخان، زرينان، زيبل، زبيده، زرني ذوق ڏيکار،
روپي، ريوي، رامي، روچي، رُچ، رازُل ڏار،
رِندو، راستي، راملي، راوڙي، راحت، رضائي ڪار،
رنڙ، ربتي، رتني، راڄي، رامڪلي، ريشمان رس نار،
شانو، شيرٽي، شريف، شيرو، شر، شمي، شمس النهار،
گوهر، گلابي، گندري، گُجري، غلامي، گلستان گلزار،
گوهر جان، گُنگي، گنجي، گونئري، گُلي، غريب گڏ گذار،
ڦَتُل، ڦَتي، ڦاپو، ڦولي، فاطمه، ڪشني، ڪريمي ڪار،
قسمت، ڪملا، ڪوڙي، ڪُندن، ڪندني، ڪونري، ڪرکي هار،
ڪيوي، ڪرمي، ڪنولي، ڪُنڊي، قيصري، ڪالي ڪر ڏار،
ڪوڏڻ، ڪنواري، ڪلاڻ، ڪجلي، ڪوجهي، ڪملي، ڪامڻي ڪلتار،
لهر، لاڏڪي، لال، لطيفان، لچمي، ليلان لڳي لار،
لکي، لالي، ليلهان، لڏي، لونچي، ڪجري، ڪسبياڻي ڪار،
مَدن، ميهران، مڻ، موتل، محنت، منو، ميڙوڙي، ماڻو، مبارڪ يار،
مالهي، مٽي، مَگڻ، موران، موکي، منهين، مينگهي ڪر ملار،
مهربي، مهناز، ملوڪان، مريم، حُرمت، حاني، عدن تي اظهار،
پنيو، بينا، باني، بچائي، برڪت، بڪان، بچل بار،
بو بنا باغ بهار، لاهه لُڪون سڀ "لعلڻ" چئي.

Gul Hayat Institute

لاهه لڪون تون "لعلڻ" چئي، توکي اُمت جو آڌار چوان،
ڏوتي، ڏاڙو، ڏني، ڏجاڻي، پهاڻ، پڻاڻي، پار چوان،
پُني، پارُل، پريي پروس، پدمڻي پسي ڪر پوڪار چوان،
پُلس، پريت، پارسان، پلڪي، پونڇ، پُڃان، پهريدار چوان،
پونجي، پناهه خاتون، پريت، پتپار چوان،
وَسوَ وسائي، وَسندي، وَڏُل، وصيت، واڃان، والهان وار چوان،
وينگس، وزيران، نظيران، نازي، نازُل اهڙي نار چوان،
نوابي، نصيبان، ناتر، نوازي، نوران، نيامت نروار چوان،

ٻُڌي، ٻائي، ٻالڪ، ٻاتي، ٻوڙي، ٻيٽي، ٻڙڪي ٻار چوان،
ٻاگهُل، ٻالي، تلوڪان، تُلسي، ترياڪ طَلاق ترار چوان،
مَئي مُهاڻي، مياڻي، ڊولي، ڊائي، شمشاد، شمير شمار چوان،
گُل بڪاولي، تيمير، جوئري، جوگيڻي، حاجياڻي هار چوان،
بدرُل، بهار، بانوري، بلقيسه، رضائي، رنڊ صفائي سنيار چوان،
يونري، پرائي، پائُل، پاگان، تالُر، طلاق، تنوار چوان،
گَنگُل، گنجي، روُنجهي، راملي، رضَائي، صفائي سنيار چوان،
لطف ڪجان تون "لعلڙ" تي، ڪلمون ڪوڏ قرار چوان.

(2)

صفت ڪريان سبحان جي، جنهن جوڙيو جڳ جبار،
رکيائين شوق شريعت سان، ڪيائين محمد کي مختار،
چارئي يار رسول جا، جن سر ڏنا نروار،
تنهن کان پوءِ هن بيت جي کيان ٿو پچار:
گجهارت نالو نار جو هوندو بيشمار،
مارئي کنهن ملائي، جا هئي مارن کان ڏار،
دادلي پنهنجي دل ۾ ناتر هت نروار،
جيجان جهانگين لاءِ جهنگ جهونگاري جهار،
قابو ٿي وجي کوٽ ۾، هت پيڏوهي بيزار،
جبل جهاڳيا سسئي، ٿي پچي پنهل جا پار،
زليخا يوسف لاءِ ٿي رنُي زارو زار،
ليلان خاطر لوپ جي نه چڏيو هٿان هار،
پوءِ چنيسر به چست ڪنيو ڪونروءَ ناهه ميار،
مومل خاطر راڻي جي، ڪاڏو ڏاگهه چڙهي ڏهڪار،
هير خاطر رانجهي جي کياهنر هزار،
سهڻي خاطر ميهر جي وجي ڪُن ڏنا ڪڙڪار،
مجنون خاطر ليلئ جي کنيا برَن جا بار،
مرزي خاطر صاحبان جي سپ چڏيا سينگار،

---

(2) چيل علي شير جو. هن بيت ۾ نارنانءَ کان سواءِ 'ولائت' ۽ 'رچ' به آيل آهي. هيءَ روايت اُتر (تعلقي ميرپورماٿيلي) مان محمد عالر 'شور' خانپوريءَ کان ملي.

سيفل لاءِ بديعل جي، جهليا ديون جا دهكار،
چكوو خاطر چكوي جي، جنهن سفر كيا هزار،
چكور خاطر چند جي، كنڊ جهليو هن پار،
فرهاد خاطر شيرين جي، كيا ڏونگر ۾ ڏار،
تيئن مارن لاءِ مارئي، وڏا كيا ويچار،
سُرتان سُرت ركي كري ڳل وهايا ڳار،
هٿ كٽي منل كان، تنهن سور پسيا سنسار،
عائشه مغرب وقت كي، ٿي سوال كري ڏاتار،
هوا لڳي ٿي مليرجي، ٻي وڻي نٿي وٽكار،
ٿڏي هير مليرجي، ٻي گلابي گلنار،
عمر! مان سائڻ سوڍي ناهيان، نه سورٺ سخندار،
نه پارسڻ، پناڻي آهيان، نه ختيجان منجهه خمار،
نه تاجان تاج مٿي تي، نه حكيمان حكمدار،
پڃن مرادان، اُميدان من جون، صحت ڏي ستار،
زحمت پلي رحمت واري، آهيان آسودي عيبدار،
كديڃڏ كوڻن مان، كو عمر كر آچار،
خاني تنهنجي قائمان، حاصل هجي هروار،
دنيا دولت دريا جان، شل وڏي ٿئي واپار!
عمر! سومري نه آهيان، مان ويچاري پهنوار،
جيڏيون منهنجون ملير۾، ٽيون ڪاران پائن ڪار،
بيبل، جادل، فاطمه، هت رت روئن ٽيون زار،
جي سچي سليمي ڳالهڙي، آ كلڻ مون بيكار،
سرتيون هن سورن ۾، مان مركي محلان ست ماڙ،
سوني سك سانگن جي، كپي كيي تك چار،
آهيان شرم حياءَ سان، مان بختاوَر نار،
رحيمان راضي ٿي، كريمان كردگار،
كو خط اچي خيري، مانَ سيئي لهن سار،
مهران ٽيون مليرتي، حاجران مڙيون هزار،
جيڏيون سرتيون جيوٽيون، مارن ملان هيكار،

Gul Hayat Institute

ميهن مانڌاڻا ڪيا، ملوڪ ان منڌار،
ونءِ بوند ٻر تي، ٽيڙا ٻر ٻاغ بهار،
عنائتان ٽيون آڳي جون، ناتر تي نرواڻ،
عرشئون ڪرشئون اڇڻ لڳيون، سرتيون سڀ سنسار،
مان ٻه سڪي ٽيان سانگين سان، موڪل ڏي مختيار،
الهڏني آ توکي عدالت جي آڌار،
سڀائي ڳالهه سجاڻي ڪري، تون عمر ڪر آڇار،
تنهنجو بخت بلند آهي، سچو تون سردار،
چڏ تہ اسلامي مذهب جي، وڃي ڪيان مان ڪار،
هت موري، سائڙي ڳاهڙو، ٽيو ڇهڇتو چوڌار،
اتي عمر ولاتي ڪم، دل نرم ڪئي هرنار،
ملي هئي سسئيءَ کي مبارڪ لک هزار،
خوش نهالان سرتيون ٽيون، ڏسي پنهنجا پهنوار،
بچي پيئي غمن کان، ڪئي بي غمي پوتار،
چنءِ آئي قيد مان، ساران ڪائين سار،
پائن پيٽ سکي ڪئي، ڪائين عمر کان آر،
بيبي نہ ٽي عمر جي، توڙي ڏنائين بيحد بار،
ڳوري آهيس اندر جي، سلياڻين سانگين کي سؤ وار،
سڃي راڄي ڪني ٽي، راڻي مٽان راهدار،
ارباب بندي جي جيڪا بڻي، ڪير پوڳي پيو يار،
ڪا دل موران نہ موڙي، توڙي عمر ڏنا آزار،
ٽي پياري ڪوڙي ڪينکي، توڙي ڪيائين ڪتن جي آڇار،
محلان ماڙيون ڪين وڻيس، ڪيائين عمر کان آر،
ڪالڪان ڪل عجائب، ٽي گجر گلزار،
مٺ منهن نہ ڏوتو، آ ڪنڊلَ منجهه خمار،
پريَ پاڳي هئي مارئي، نہ سجي هئي سنگهار،
رکي رکڻي ڪيت جي، نوريري تنهن نار،
جاڳيو جوش جمالان، نهري ٽي ناڪار،
بس نہ آئي بصران کي، رهيس مارن جي تہ پچار،

Gul Hayat Institute

عمر چيس آزيءَ سان، آ ويني صاحب خاتون آچار،
چامل مهانگو توکي ڪري، ڪو خريد واپار،
چڏ ڪمئا منا ڏوران، ڪلڻ جي تہ پچار،
گلان گل گلاب جي، ڪڙا ڪيا خمار،
جواب ڏيئي چيائين عمر کي، تہ سڻ تون سردار:
نہ آهيان سياڻي صفوران، پورڙي مان پوتار،
جڏهن لطيفان لطف ڪيو، ٿي عينل تي اعتبار،
شريفان اشراف عمر ٿيو، ٻئي سولي ڪئي ستار،
جيئري موتي مارئي، اچي وسندي ڏنائين وڻڪار،
نازان ناز چڏي ڪري، ڪئي هيڻائي اختيار،
صاحبان سولي هئي، ڪٽي ڏات ڪئي ڏاتار،
ڪوڏان نڪتي ڪوٽن مان، الله ڪٽيا آزار،
پروزان سڪي سانگين لاءِ، حنيفان ڪيائين هزار،
هدايت ڪئي هادي، سچڻ تي سردار،
الله ورائي واڳڙي، ملي مارن سان هڪوار،
اچي سامت عمر کي، مانَ سانگين کي سؤ وار،
الله جوڙي جاءِ جنت ۾، وينس ٿهر تي ٽڏڪار،
الله جيوائي جڳ ۾، سهڻي سان سينگار،
الله بخشي عزت مارئي جي، مولي ڏڻي موچار،
ڏاهي ڏک ڏسي ڪري، نصرت نفرت ڪئي نروار،
حاجن کي هاج هئي، جنهن جي اچي سپ ڏنائين سنوار،
سهجان سوکڙيون ورتيون، جيڏين کان هٽ جار،
سکي ستابي قيد پئي، ڳري ٽي وجي ڳار،
مليس مارن سان موتي متاري، قيدن ۾ ڪنبا ڪيئي ڪلتار،
ڏک ڏنائين ڏاڍا، جهڙي تهڙي سار،
زيبران زرني زد ڪئي، زينب زيبدار،
ٽي حاجياڻي جوڳياڻي جهانگين لاءِ، رني زارو زار،
نمئي نماڻي قيد ۾، توڙي عمر ٿيو قهار،
عزيزان وڇڙي اتفاق سان، پر سولي ڪئي ستار،

Gul Hayat Institute

رحيم ڏني هيس روح ۾، پيڪن جي ته پچار،
ڪين ڏني هيس قوت، مردن کان موچار،
رب العالمين راضي ٿيو، ستاري ڪئي ستار،
راضل رائي منجھ راضي رهي، جيڪا جوڙي رب جبار،
ڀائي اچي مارئي، ڪيس غم قهار،
ڏاڪڻ اچي سهاڳڻ ٿي، ويس غم غبار،
جنڊ وڏي حياتان، تاروڻ عمر تار،
سونهن ۾ هيس سوائي، منهن ۾ موچار،
عجمان پري آزي ڪئي، نوڙي پري هئي پيڪار،
چگي ساعت سومرا، ٻڌي عمر دراز،
سعدان پيران کنو ڪري، اچي واڌايون ڏنيون وار،
خوران ۾ حيرت ۾، هئي پرين منجھ پچار،
هئي گھر ڏياڻي جن مارن جي، اچي بسمل ٿي بسيار،
الله ڏنس فتحان، ٿي سران سوءِ پنڌار،
جيوٽي هئي جڳ ۾، ته چا ڪيس عمر جي آزار،
درياهن دڙ لائي، ٿي پاڻيءَ جي پرڪار،
ڪنڊ تي ڪني جا، ريج ٿيا نه هن پار،
نوران نور نهوڙي، ڳوڙها هاري زارون زار،
مجيائين ڳالهه عمر جي ڪڏهن نه هكوار،
ڏنائين باس پيراڻي، جڏهن الله بچائي نار،
لکي لکان مون کيترا، عمر جا آزار،
عضوي عمل آهي، بيغم روز بهار،
چائي چامٹي جا تي اچي، اتي چمن ڏنائين چوڏار،
امينا امينت ڪئي، موڪل ڏني مختيار،
چگي هلت حاڪمن جي، صاحب ٿيو سچار،
سرتيون آئيون پري پري کان، واڌايون ڏيڻ وار،
ڪري ڪوهه ڪشالا، حيلا ڪيائون هزار،
آئيون جيڏيون ولايتن جون، ڪوئن ڪابل ۽ قندار،
ڪي هرات کان هليون، ڪي گجرات متان گلزار،

Gul Hayat Institute

کي ڊت کان ڊرکي پيون، کي هيون بلخ بخار،
کي کچ ۽ پچ کان، کي بيلجمان بازار،
کي برما کي بعد کري، کي اوڙيسا اعتبار،
کي برمنگهام کان گاج کري، کي ترکي طرحدار،
کي اٽلي کان آئيون، کي جپان مٽي جهلکار،
کي اسپين کان اچن ٽيون، کي امريکن انڊار،
کي هندستان کان هل کري، کي پاکستان پچار،
کي شام کان شروع ٽيون، کي روم مٽان رهدار،
کي مشرق، کي مغرب کان، کي ليل کي نهار،
کي مکو پييون ملهائين، کي مديني مٽان ملهار،
کي وندر کان ويس کري، کي کن تارون تار،
کي جنبي وييون جيسلمير تي، کي مارواڙ ڏي مهار،
کي بهرانچ کان بسر ٽي، کي انگلنڊ جي آڌار،
کي گرهوڙ کان غماز کري، گڙن مٽي گرنار،
کي کاهي آئيون کيچ کان، کي گس پچن گرنار،
کن پشين کان پنڊ کري، ڪئي پچم کان پلکار،
کي کهي آئيون کين کان، کي چين مڙن چوڌار،
کي رستو ونڊي روس جو، کي استنبول تيار،
کي يکي آيون يونان کان، رنگ رنگ باغ بهار،
کي نور حضرت کان، کي بنگالي بسيار،
کي اُپنگ کان آس کري، کي غزنوي گلزار،
کي ملتان کان مرکي هليون، کي جوڌپور جهدار،
کي گنگا کان گوڙ کري ويجهيون ٽيون ولهار،
کي سورت کان سرکي آئيون، کي سينگاپور سينگار،
کي کوهه قاف قلات کان، کي کربلا قطار،
کي مصر کان مٽو ڏوئي، کي بغداد مٽي بهار،
کي يمن کان يڪتا ٽي، کي يورپ کن پسار،
سيني اچي ستو ڪيو، ملهيڙ ۾ مقدار،
رچ ڏنائون پيکن جا، شيشا شرفگار،

Gul Hayat Institute

گهگهيون گلاس منڊا، ٽيلها چڪن ٻار،
ڪوپ ساسريون نہ وٽن، وٽن ڪليون ۽ سندار،
وٽيون، وٽا، ڪٽورا، ٽالهن جا ٽڏڪار،
دليون، دلا، گهڙيون، گهڙا، متن جا چٽڪار،
ڪُپا، ڪوزا، پاٽيون، ڊولن جا ڊهڪار،
پاٽيون، ڪُنا، ڪيترا، ٻيا دانگين جا دهڪار،
جنڊ، چڪيون، اُکريون، مهرين جي تہ مدار،
تنوريون ۽ تڏا ڏسان، ڇڇن جا چمڪار،
ٽوبا، ٽويا، پٽڪيون، درين جا ديدار،
گڏون ڪنجها تسر، وٽن جي وڻڪار،
ڊڪڻ مارنگ مارن جا، دلا ڪن ڏڏڪار،
چونريون، چپيون، پنڊيون، ٽوپيءَ جا ٽڏڪار،
تنور جهاگر توا، ٻيون بالٽيون بسيار،
جيئن مارئي ملي مارن سان، تيئن ميل مون کي يار،
منجهہ صاحب جي سرڪار، اکيو عرض "علي شير" جو.

ناڻو

1. ناڻي جا: آنا، آڏيا، رپيا، رَند، ٽَڪا، نوٽَ.

2. ناڻي جو: آنو، پيسو، ٽڪو، رپيو، آڏيو، آڏيلو، ريزو، ريجو، رند، مٽُ، حوض، ٻڏو، چنوري، سچو، ڪوڙو، نورو.

3. ناڻي جون: تَجرون، هميانيون، دمڙيون، پايون، پائليون، ڪوڏيون، مهرون، گنيون، ڪڏون.

4. ناڻي جي: پائي، پائلي، پياني، آنڪ، مهر، گني، ٻٽڪي، چوٽڪي، ڪوڏي، ٽجوڙي، کيڪ، ديڳ، ڳوٽري، واسٽي، زڪواة، خيرات، هُنديءِ، ڪٽ.

نرنانءُ (مرد)

1. نرنانءَ (مردن جا نالا): ابراهيم، اعرابي، اَرمڪ، اَرجٽ، اُميدعلي، آمون، آمن، امير، اللہ ڏنو، اولادي، آئل، الياس، اللہ بخش، الهداد، اڏيو، آڏت، آڇو، اُڏيرو، اصغر، اسماعيل، اسرافيل، اعتبار، ايسب، آسو، استاد، اسير، آغو، آگو، اَجو، ازر، اَبو، اَبابڪر، اَبن، ابراهيم، اَبوجهل، اِبريو، ابليس، اَنب، اُبتو،

ابڙو، احمد، احسان، اَملهه، ادريس، آدم، اوپايو، اڪ، اسر، آري، اُميدو، ادا، آيو، اوني، اَڪلو، اڳلو، اڳهاڙو، اوينگ، اڳارو، اُوچو، اوچل، اُتريو، اُتر، آخوند، آچار، اورنگ، اويس قرني، ايوب، انعام، آفتاب، افسر، امدادعلي، امين، البيلو، اُمتي، آسودو، الهورايو، اميرزادو، اسحاق، بوعلي، بخاري، بادشاه پير، بزرگ، بني هاشم، بلاول، بانگو، بهشتي، بنارو، بابو، برهمڻ، باري، باقر، بقاري، بچو، باريو، بيگ، بنگل، بهادر، بخشڻ، بشير، بچل، بابر، بادل، بنو، بلندو، باغ، بهار، بهرام، بانڪو، بندو، بيراڳي، بخشو، بخت، بصر، بچڙو، بقادار، بيبو، باغائي، بهاول، بلوچ، بديعل، بيدل، بيغم، بدنام، بنسي، بولو، بيگن، باگو، بوتو، بخش، بوقلمون. ٻالو، ٻاروچو، ٻڊيو، ٻروچ، ٻانيڙ، ٻُچي، ٻپ، ٻيڙو، ٻاٻيهو، ٻُرڙو، ٻير، ٻڪرار، ٻانهو، ٻيجل، ٻاڪڙ، ٻولُو، ٻيلي، ٻاجهريو، ٻانگو، ٻيلو، ٻوڙو، ٻاون ويو. پيرو، پڳڙو، پاڳُو، پاوندو، پليو، پرُو، پرمو، پارو، پوت، پُورو، پليڏنو، پولو، پاوَن، پنيو، پَلو، پِريو، پمرو، پونگر. تيجو، تُرسيو، تماچي، تڪيو، تيمور، تولو، توڪل، تاجو، تجمل، تونگر، تارو، تُلسي، تانار، تانسين، تمر، تازو، تِرو، تلوڪ، تودڙل. ٽوپڙ، ٽيڪر، ٽلو، ٽَهلو، ٽيئُون، ٽهلرام، ٽيڪُو، ٽَلڙ، ٽپالي، ٽڪيو، ٽيپو، ٽِڪو. ٺاڪُو، ٺارُو، ٺڪريو، ٺهيو، ٺينگُو، ٺريو. ٿهيم، ٿانيڪو، ٿانئُون، ٿڏو. پيرُو، پهلوان، پهلومل، پانڊي، پينگهر، پنگريو، پَرمو، پنهون، پٿورو، پنيل، پناڙ، پوڙهو، پسند، پت پريو، پتاشو، پارس، پناهه علي، پوپٽ، پرکيو، پيرون، پيارو، پنڊي، پنيو، پريتم، پَليو، پريپو، پرتو، پڙهيو، پارُو، پيرل، پڏرو، پهلراج، پادشاهه، پَڪو، پريم، پَنجُو، پيروز، پَدومل، پدم، جليل، جلال، جبريل، جمشيد، جانعالم، جرار، جڪريو، جُڙيو، جوڙيجو، جاني جمعون، جئندو، جهُلڻ، جيئرو، جابر، جيتو، جُمڙو، جڳپال جَلُو، جانڻ، جيئو، جواهر، جَتو، جندو، جَتُ، جڳمال، جبار، جهان، جوڏو، جَسُو، جيڻ، جمجا سلطان، جانو، جاڙو، جبل، جانب، جاڳڻ، جعفر، جمال، جبروت. ڇام خان، ڇينو، ڇام تماچي. جهوڙو، جهندو، جهونجهار. چندُو، چُهڙو، چاڳلو، چيتن، چگُو، چوچڪ، چارڻ، چينو، چاندي، چند، چاڪ، چنيسر، چڇ، چٽو، چوٽو، چنو، چندن، چيڙ. چُٽو، چورو، چَتو. حبيب، حاڪم، حڪيم، حاجي، حمير، حاصل، حسن، حسين، حُسنو، حنيف، حليم، حيدر، حافظ، حيات، حمزو، حاتم، حضوربخش، حمايت علي، حشريو،

Gul Hayat Institute

حَسڻ، حامد، خاوند ڏَنو، خليفو، خادم، خدابخش، خانو، خميسو، خاڪو، خوشحال، خواجہ خضر، خان محمد، خُوبو، خوبچند، خُدو، خيرو، خالق، خليل، دادُو، دائم، دولهہ، درياخان، دستگير، دودو، ديوان، دلير، دائود، دوست، دلبر، دوسو، دابود، دانائ، دوس محمد، داد، درگاهي، داس، دلوراءِ، ڏوڙرو، ڏمالي، ڏرمون، ڏَنو، ڏٽي بخش، ڏرمداس، ڏيئُو، ڏيال، ڏيسرام، ڏَتو، ڏاهر، ڏاتار ڏَنو، ڏيئلداس، ڏَنو، ڏيو، ڏهيسر، ڏهراج، ڏونگر، ڏاهو، ڏَاتو. ڊينگو. ڊولڻ، ڊوليو، ڊول. ذاڪر، ذڪريو. ربو، رحيمڏنو، رحمان، رمضان، رجب، رئيس، ربڏنو، رحيم، رامو، رتو، ريڏو، راوڻ، راضي، راڻو، رستم، رکيو، راکو، رمون، راڄو، رام، راجا، رسول، روشن، رانجهو، راوَل، رهندو، راءِ، رانوڙ، راوَت، رشيد، رفيق، راشد، روڇو، رکيل، رسيو، رضا، روپچند، روپ بسنت. زوراور، زوار، زمان، زاهد. سامي، سيجُو، سُکيو، سانوڻ، ساماڻو، سنگهار، سفر، سومر، سانگي، سعيد، سڄڻ، سڇار، سڇُو، سورهيہ، ساهُو، سلطان، ستابو، سپتيو، سالڪ، سومرو، سمن، ساڏُو، ساهڙ، سوڍو، سورج، سليمان، سردار، سهراب، سرهو،سالار، ستار، سوجهر، سڪڻو، سياڻگو، سڪڻو، سڪندر، سرفراز، سيفل، سڪيلڏو، سيتل، سهاجهو، سونهارو، سلام، سومار، سُهندو، سونو، سلامت، سانول، سائينداد، سجُو، سلُو، سنيالو، سَرکيو، ساجن، سوڏو، سبحان، سياڻگو، سخي، سَروَر، سنهون، سَتو، سوائي. شمس، شهباز، شاهہ، شيرو، شفيع، شاهن، شاهوکار، شامون، شيام، شمعون، شانُ، شفو، شهداد، شادي، شهمير، شرفو، شهزادو، شاکر، شوکت، شداد، شرف الدين، شاهہ پنجو، شمر. صادق، صالح، صحبت، صديق، صغير، صاحب، صلاح، صابو، صُوف، صابر، صمد، صوبو، ضامن، ضمير. طالب، طاهر، طيب، طوطومل، طفيل. ظاهر شاهہ، ظهور، ظفر، ظهير. عباس، عاشق، عيسن، عارب، عارُو، عمران، عرض محمد، عارف، عثمان، عرس، عمر، عظيم، عامل، عالم، علاوالدين، عليم، علي، عيسو، عاقل، عبدالله، عيسيٰ، عابد، عزيز، عنايت، عزرائيل. غفور، غازي، غلام، غريب. فائق، فقيرو، فهميدو، فنائي، فيضو، فقيرمحمد، فتح، فريد، فخرو. قوڪُ، قُل، قوڙو، قيرُو. قادربخش، قربان، قائم، قنبر، قدوس، قطب، قلندر، قابل، قبول، قيصر، قادو، قاسر، قيس، قادن، قمر. کارو، کامل، کَمون، کانيو، کرڙ، کمال، کانديرو، کوڏُو، کيسرو، کرم، کريم

Gul Hayat Institute

بخش، ڪيول، ڪَڪُو، ڪرمون، ڪَلُو، ڪنڌو، ڪرارو، ڪوڙو، ڪشنو، ڪرمڻ، ڪوڏڻ، ڪبير. ڪمون، ڪنڌُو، ڪپڙ، ڪلندو، ڪيمون، ڪيمچند. گودڙ، گاگو، گوپال، گيان، گُلڻ، گُهرام، گانڌيَ، گنپت، گامون، گلاب، گولو، گُلو، گاجي، گاهي، گل، گوهر. ڳاهو، ڳهڻو، ڳاڙهو. گهَنو، گهُريو، گهنشام، گهلُو، گهنوَر. لاکو، لهري، لالو، لطيف، لطف، لالُ، ليار، لائق، لالڻ، لوط، لوڏي، لقمان، لکانو، ليمون، لڏو، لکي، لوڪچند، لجپت، لونگ، لکمڻ، لهڻو. محمد، مصطفيٰ، مالڪ، منان، ممون، ميهار، مگڻ، منگهڻ، منو، مولابخش، مستان، ملنگ، مراد، مارو، مريد، مَتو، ماکوڙو، مَٽر، مسافر، موسو، مولو، مستانو، مانجهي، مصري، مجنون، منصور، معذور، مکڻ، معشوق، ميرڻ، مورڙو، محرم، مرتضيٰ، مَتُو، موتي، مومن، ميرل، مور، موٽڻ، ماهڻ، ملوڪ، مدد، ميوو، موٽُو، متيو، ماٽڪ، مسو، محب، مينهون، مبارڪ، موهن، محبوب، ميڪائيل، مقيم، موسيٰ، محبت، مگيو، منگهو، موچارو، متارو، موريو، محسن، محمود، مينهن وسايو، مهراڻ، مَمن، مالهو، ماڪن، مينڊرو، منظور، منڌار. نورو، نظر، ناٿو، نورنبي، نهال، نڏر، نماٽو، نصيبو، نامور، نواب، نانگو، نوري، نصرالله، نندو، نارُو، نظير، نانڪ، ننگر، نجف، نورنگ، نياز، نمرو، نصير، نَٽُو، نيٽو، نالي چگو، نيڪ محمد، نندلال، نيڪو، نيامون. واحدبخش، وريام، ويرو، وڪيو، وڪرماجيت، وسايو، واحدُو، وسنت، وزير، وَرند، وڳڻ، واسُو، وشنو، ويڏل، وسريو، وَريل، واڏُو، وَرُو، ويرسي، وقار، ولي، وارث، وَنهيون، ولو، وساڻ. همايون، هوت، هيبت، هوتو، هوندو، هميرَ، هاڪارو، هنومان، هيمون، هوتچند، هيرو، هارون، هابيل، هاشم، هيمن، هزاري، هَندل، هوشُو. يارو، يعقوب، يونس، يوسف، ياسين، يزيد، يامين، يحييٰ.

1. مرد جا: لوڏامان، ڪارنامو، ڪم، سڃڻ، دشمن، وڙهڻ، ويري، پورهيو، وعدا، ٻول، مقابلا.

2. مرد جو: لٽڪو، ڪڙڪو، دڙڪو، عقل، محابو، لحاظ، پٽڪو، زور، شهپر، اخلاق، ڏيان، تڏو، مان شان.

3. مرد جون: فَلڪون، مهلون، رهاڻيون، سخائون.

4. مرد جي: مهل، محبت، مڙسي، هيبت، ياري، ڪچهري، ماني، اوطاق، ڪمائي.

Gul Hayat Institute

6. نرنانءَ (مرد) جا بيت ●

ساراهيان سچو ڏٽي، جو پاڪ ڏٽي پرور،
آدم بندا بي بقا تون طالب توبه ڪر،
خالق، مالڪ، مُرسل، مولئ، حامي ٻيو حيدر،
حَسن، حُسين، حبيب، حاڪم، عالم آجو ڪر،
احمد، محمد، علي آيو، تون شافي شفا ڪر،
رحمٰن، رحيم، رازق، راضي، تون قادر ڪرم ڪر،
رَب، رسول، رانجهن، ريڍو، راجا، رانول ٽر،
سردار، سونهارو، سهڻو، سارو، نبي بخش، نظر،
سرور، سخي، ثابت، سوڍو، صاحب پاڻ سڏر،
پاڪ ڏٽي پرور، پُڄان پول "پروچ" جا.

ساراهيان سچو ڏٽي، خدا خاص آهي اڪبر،
ايسر، الهداد، عادل، عيسن، آيو، آمون، آيوڙو، آذر،
اَلهرڪيو، اوڻي، انب، انيراءَ، آديسي، اُداسي، عطر، اجْمَل ءِ اصغر،
عشاق، آري، عاشق، عَدلو، عباس، علي، اڪبر،
ارباب، عارف، عيسو، الاهي، عاصم، اسماعيل، آڏُوتي، عمر،
افروز، آذر، اويس، علٽ، آدو ٽيو آنور،
اوڍر، اُوڍپ، آڏيو، آڏت، ابراهيم، اُميدو، آچر،
عزرائيل، اميدن پريو، آسن، ابليس، عرس، اوڍر،
ابوبڪر، اسرافيل، ادريس، عالي، عارب، الله ڏنو، عثمان، اَجر،
آلو، آبيل، عابد، اڪو، آندل، عاقل، اَمين، عيدو، گهُرَ،
عبدالروف، آمرنو، اَسد، عامل، ايوب، اُڏيرو، عاصي ٽر،
امير، آگينو، آفتاب، اڳرو، اڪرم، ابڙو، اشرف، الياس پر،
عزت، آچر، عليم، عمرو، عزرائيل، اڳاريو، اول سو اوڍر،
الله بخش، اُڪاسيو، اعتبار، عزيز، اسحاق، علُو سو گُهرَ،
عظيم، آلو، عيدو، عاصي، افلاطون، اُگو، اويس قرني، ابو،
عزرائيل، آذر،
پاڪ ڏٽي پرور، ڏجان پاند پناهه جو.

● چيل لعلڻ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص.84

بلاول، بادشاهه، بلند، بانڪو، بادل، برڪت، بشير، بُولا ڪر بهار،
بابو، بهارو، بخش، بلوچي، بختو، بيڪس، بُخاري، يار،
بنگل، بهاول، بازبهادر، برجو، بابل، باقر يار،
بيڪس، بهرام، بڪو، برادي، بلندو، بالو، بالم، بيوس بار،
بچو، بردو، بادو، بنو، بودا، بُردهه، بالاچ، بِلُو، بردار،
بيگو، بگو، پنيو، بجر، بص، باريچو، بنشو، بهار،
بهرام، بري، بهريه، بُلو، بُرفت، بيدل، منجهه بازار،
بهادر، برهمڻ، پوپو، اَمسر، مُڪي، رام، رحمعلي يار،
بدر، بڪر، باري لاهئين بار، لاهه لُڪون سڀ "لعلڻ" جون.

بخش، بخاري، بلوچ، بختو، بلند، بيگ، بحر،
پُنپ، پونرو، پائو، پَتا، پلو، پروَسو ڪر،
بخت نصر، باري، بردو، بهار، برووءِ بدر،
تَنُو، تماچي، تارو، طيب، طوطو، تولو پيو طاهر،
تان توڪلي، تاجو، طارق تمي، تسيو تونگر،
تابوت، تلسي، تُرسي، توڏو، تيرٿ، تقي، تجلو پيو تمر،
تلسي، تبرين، تان، توڪلي، تاجو، طارق توبه ڪر،
تمي، تسينو، تبريز، تورپيو، طعنو، تُنڪو، تاٿو، تَمر.

ساراهيان سڀ ڏڻي، جو پاڪ ڏڻي پروَر،
سبب، ثابت، صفر، صالح، سورهه، سائو ٿيو سڪندر،
سيوو، صادق، ثعلب، سعدُو، سامن، صحت، سامري سَيَر،
ساڏُو، صاحب، سلام، صابُو، سافو، صابر پيو سُومر،
سُرهو، سنگت، سنگهار، شرخي، ساجن، سوڍو، سام، سفر،
سانگي، سڪُو، سيرُو، ساڻي، سهڻو، ثمُود، سنجر،
سانوڻ، صوبو، سلطان، سبحاني، سونو، سڪايل، سڏر،
ساڏو، سيفل، ستار، سياڳو، سهجو، سنيُو، سجاول، سامت ڏر،
سليمان، ساماڻو، سعدُل، سُهليو، سالار، سڪارو ٿر،
سِيتل، سِڪُو، سمن، سهتو، سُرڪي، سدرو، سروَر،

Gul Hayat Institute

ساٿ، سڳو، سالڪ، سندو، صوبيدار سونهارا وَر، سهراب، سوالي، صادق، سُڪُو، سورج، سج اُپر، صديق، سيباڻو، صلاح، سُرخي، سهاڳ، صوبو ٽر، سَپَڻ، سخي، صوف، سناسي، سامي، سڪايل ساٿ، ساقي، سارنگ، سونو، سڳو، سڳورو، صابن ور، سومرو، سوائي، صالح، سالُو، ساند، سنديلو، سکر، صدر، صابڙو، سپاهي، ستابو، صاحب سوجهرو ڪر، سَچُو، سعيدو، سڏُو، صغير، سو صوفي سير سکر، پاڪ ڏڻي پرور، لاهه لکون تون "لعلڻ" چئي.

ساراهيان سچو ڏڻي، جو رازق ٽيو رهبر، جيئرو، جيئندو، جوسب، جاڙو، جاني ٻيو جعفر، جبل، جُڙيو، جاهد، جمعون، جوڳي، جبير جهنور، جنگو، جلال، جاڳڻ، جتير، جندو، جيتو سو جابر، جيوَت، جيو، جوان، جادو، جوڏو، جرار، جانو، جاڳر، جندو، جالوط، جُبير، جابر، جيسن، جهانگير، جوهر، جلَو، جمال، جڳت، جڳُو، جاجڪ، جوتو، جناح جاتر، جت، جُنيد، جابُو، جيهو، جانب، جري جَشَنڪ، جمجما، جوکيو، جليل، جارج، جادين، جاتي، جوڙو ٽر، جالوط، جوهر، جانڻ، جَتو، جويو، جاڙو سو جعفر، جاڳڻ، جونگو، جابو، جندو، جبرائيل، جُنيد، جوهر، جمشيد، جبار، جليل، جُڙيو، جُنگ، جيلاني جَبر، پاڪ ڏڻي پرورَ، ڏي تون پاند پناهه جو.

حاڪر، هيسب، هيبت، هرداس، هيمن، هاشر، حاجي، حاصل، هاسو، هادي ڪر،
حاڪو، حمل، هوتو، حارث، حبيب، هرمل، هنسراج، هاڙهي وَر.
هارُوت، حسو، هريل، هرپو، حاتر، حوران، حضوري ڪر،
هُود، هَنود، هِير، هنُومان، هَنڊل، هوش تون هاشر ڪر،

Gul Hayat Institute

گُلڻ، غازي، گامون، گوهر، گنگُو، گوگو ٻيو گهنور، گنبو، گرڙاري، غفُور، گاهي، گولو، گُر، گوسائين، گوندر، گُل، گُلاب، گيندو، گدبو، گجر، گابر، گوڙُو، گيان، گبر، گنُو، گيهي، گيلو، گجڻ، گُهرام، گدائي، گُلشن، گدُو، گُر، گاجي، گُلُو، غريب، گاروڙي، غلام، گُلشير سو گوهر، گاگن، گندرو، گاجڻ، گوپال، گنُو، گُرنو، گوبند، گُر، گلزار، گاهي، گنج بخش، گولاڙو، گجُو، گلناز، گورَنر، پاڪ ڏاڙي پروَر، ڏي تون پاند پناهه جو.

لعلڻ، ليکو، لشڪري، لهري، لالڻ خان، لوڏي ڇڏ لَهر، لونگ، لطيفي، لکُو، ليکُو، لاکو، لُڏڙو، لوکس لُر، لقمان، لکياري، لڏو، ليلو، لهڻو، لائق لطف ڪر، لکميں، لکانو، لکي، لنگهو، ليمون، لوپي لَر اُڏر، لاڙي، لات، منات، لاڏن، لکياري، لَڪدر، لال شهباز، لقمان، لُقو، لاڏلو، لوڏڪ لوڏ نه ڪر، لطيف، لهري، لغڑي، لُٽرُ لَڙڪي، ملان مَر، لڇمڻ، لڏو، ليلو، لاڏڪو، ٻيو لهواڻي لوهر، حڪيم، حڪومت، حڪمت، هوندو، هامانَ، هريهَر، هارون، هَرجِي، هارُوت، حريف، حسيب، حميد حياتي ڪر، حاسد، هيمون، هوڻي، هالا هڻي هوڏ نه ڪر، هَسُو، حاجي، هاسو، هندبل، حفيظ، هِمت ڪيئي جا حُر، هاشم، ڪاڪو، حاتم، حارث، هدايت هاشمي ڪر، هرداس، حمالي، حافظ، هيرو، هوت، هنومان حشر، پاڪ ڏاڙي پروَر، ڏي تون پاند پناهه جو.

ڪٻڻ، خميسو، ڪيو، خانو، خوشي، خليل، خاوند ڪر، ڪَنڌ، ڪنڌ، ڪيڑو، خاڪو، ڪلڻ، خيرو، خاطي، خوبو گهر، خُدُو، خانڻ، ڪُسرو، خوجو، ڪيمو، خداداد ٻيو خضر، ڪيت، کهڙو، خاشو، خالق، خاڪي، خُدُو ڪپت ڪر،

Gul Hayat Institute

خورشيد، خليفو، خليل، خادم، كمون، كثوريو، كاپڙ، دُورو، دولت، دولهه، دستگير، دوسو دايو، ٽيو دلبرَ، درياخان، دَرُو، دائريو، دودو، دوست، دائم دولهه در، درگاهي، دقيانوس، دليل، دالو، دُلو، دنياري داور، دينو، دادلو، درس، دريانو، ديدار دوُراني داتا در، دلَير، دائود، دلبر، دَكوراءِ، دلاوَر، دلو، دارا درک ستر، ظهور، ظالم، زنگي، زمان شاهه، ذاكر، ذوق، ذوالقرنين ظاهر، زربخت، زوالي، ظاهر، زُبير، ضعيف، ذكر، زبرزاري كن، پاك ڏٽي پروَر، ڏي تون پاند پناهه جو.

راڻا، رقيب، راضي، رانول، روزي ڏي رهبر، رتو، راوي، راهب، ريلو، رِيڏو، راوت، رنجيت، راءَ كنگهر، رام، رَبنو، رزاق، رازق، راكاس، آدمخور اَپر، رمضان، روچو، رمزُو، ريجهو، رانجهو، راڏو، ريوو ٽر، رانجهن، رُونجهو، رئيس، رامون، رهندو، راڄو گهر، روحل، رِندو، راهُو، رُوپو، راضي رَسول كن، رُكڻ، رشيد، روشن، راحت، ريلُو، راءِ ڏياچ، رب رحيم كيا رَنگ اپر، رفاق، رُستر، رفيق، ريالي، رَتنو، راڄڙ ٽر، شراف، شيرخان، شاهو، شمس الدين، شهپال، شهيد، شكر، شونقو، شاهن، شمس، شهبازي، شهك، شكور، شمر، شنيو، شهداد، شهيد، شملو، شيرُو، شرم شيطاني شر، شمعون، شيخ، شراف، شيروان، شربت، شكاري، شكر، شهپال، شرابي، شيش، شنگور، شادي، شافي شفا كر، شاكر، شكيم، شيخ، شندو، شادمان، شفيع شتابي كر، شهلي، شوم، شاهنشاهه، شهمير، شهداد، شبير، شام شهه، شكر شاهي، شيراز، شكور، شبگير، شتروان ۽ شمس، شاهن، شهك، شربت، شمس تبريز ۽ شكر، پاك ڏٽي پروَر، ڏي تون پاند پناهه جو.

Gul Hayat Institute

فيروز، فنائي، فولاد، فضل، فتح، فاروق، فقير فدائي ڪر،
فاضل، فارس، فريد، فوجو، فرعون، قادر ڪر مهر،
قطب، قهار، ڪامل، ڪانپو، ڪنڊو، قرار قمر،
قائم، ڪوڙو، ڪيهر، ڪلو، ڪالو، ڪيو قارون ڪنڊر،
ڪمال، قُبو، ڪوڏو، قابل، ڪمن، ڪارو، ڪيسو ۽ قهر،
ڪان بجان، ڪَڪو، قاضي، ڪرمون، قاسم پيو قيصر،
ڪريم بخش، قادو، قنڌاري، قيدو، قربان علي، ڪونڌر،
ڪرپال، ڪوهيارو، ڪيچي، ڪرم، ڪوٽو، قيمت گهر،
ڪوندو، قبول، ڪاتب، ڪسب، قُباد، ڪلاچي قمبر،
ڪلتار، ڪسيرو، ڪمن، قلندر، ڪاپڙي، ڪرم ڪر،
قابيل، ڪُندو، ڪوڙو، قادرنو، ڪرڙ، قيدو ڪر،
قليچ، قلبي، ڪشنو، ڪاتيار، ڪنعان، قريشي، ڪسمبر،
پاڪ ڏڻي پروڙ، ڏي تون پاند پناهه جو.

مرچو، ميرو، منگهن، مطلب، موٽو، مرزو، محبت ڪر ملار،
ميهار، ماڏو، مستي، مَڪُو، ماڪوڙو، ميلهو، منڌار،
مَسُو، منگر، ماهي، مُلڪ، مسافر، مگيو ٿيو مدار،
ممُون، مينهل، مگر، منگهر، مينگهو، ملعون، موهن مار،
محرم، مدد، مدن، ماڪُو، مانجهي، مُوسو، محسن يار،
مبارڪ، موتي، مدڪر، مهرو، مالهي مُهڙ پار،
مَتو، متارو، ملڻ، مَتُو، مَتل، ميوو، موڏي ٿي نه مدار،
مارُو، منگل، مَلڪ، مَيلڪ، محبوب، متر، ماڪي يار،
ماڻو، مُراد، ملاح، موندر، مُولجي، منسو، موالي ڏار،
مسڪين، مدني، منگتو، مُولو، منظور، مجاور يار،
ممتاز، مقيم، ماندو، مجنون، مخدوم مناسب ڪار،
مينهون، مينڊرو، ماڪو، ميران، منشي، ميرل پار،
ماڻڪ، مَڇندو، محمود، محراب، مڻو، محب، مَدار،
مڪي، موڪي، ملاح، ماڪو، مظهر، محرم، منڌار،
ماويو، مصري، ملُوڪ، مصر، مڇيو ماهيءَ جو موچار،

Gul Hayat Institute

میرحسن، مائیٹو، مقصود، ملاڻو، مسو، مومن پار،
مکڻ، مور، موسيٰ، مهاديو، محراب، مَنُو، مولجي مار،
محسن، مانجهي، مگڻو، معافي، ميراڻي مهندار،
مارُو، موتي، مَتل، منگل، مالڪ آ مهندار،
مجنون، معروف، مورڙو، متارو مُنڪر منشي مار،
ميرخان، ملوَندي، مويي، يحييٰ، ذڪريا يار،
مرحب، موذي، ماڪن، ماڇي، ماسلو، مظهر، ميران، مزار،
مائيٽو، مانگر، محتاج، مهاولي، مريد، متارو ملار،
صاحب رب ستار، ٻڌجان ٻول "ٻروچ" چئي.

نوح، نظارو، نصوحو، نرمل، نوري، نظر ساڻ نهار،
نيپو، نٽو، نائون، ندو، نظام، نورالدين نماڻو پار،
ندو، نهرو، ناڻو، نومڑيو، نيامون، نادر ٽيو نروار،
نورَنگ، نانگو، نارو، نظير، نيو، ناڻن، نوَل، نوراني ڪار،
نصير، نازو، نواز، نارو، ناظر، نوتو، ٻيو ننگر نوڪر يار،
ناظر، نيائو، نيڪو، نَبو، نصيبو، نوح نبي نروار،
نواب، نورو، نڪير، نيڻو، ننگر، نادر، نڪو ڏار،
ناڪس، نمر، نماڻو، نمرو، نوناري، نوَل، نصر بخت نهار،
نوشيروان، نور، ناڻو ڪار، ٻڌجان ٻول "ٻروچ" چئي.

وَل، وڏل، ويڙو، وسايو، وڻيلو وينجهار،
وارث، والي، ولڻ، واليو، ويرُو، وَرُو، ولر واڌو وار،
وريام، وانُو، وليو، واصل، وينگس، وليداد، وسڻ يار،
ورنو، واپاري، وسيلو، وڻيو، ورند، واحد سو وينجهار،
وڳر، وڪيو، ويڙهو، ورتو، بيربل، بنگو، وزير وار،
ويرڙ، ورڻو، وسندو، واسطو، وَڏيا، ڪر ويچار،
وَالُو، وچائت، وليداد، وَهريو، وسيلو ولهار،
وڪيل، واندو، ورينڊ، وسيو، ولو ٽيو وينجهار،
يارُو، يَاقي، يعقوب، يوسف، يامين، يزيدن يار،

Gul Hayat Institute

ٻبرُ، ٻيلو ٻانهون، ٻاجهيَ، ٻاجهه ڪر ٻاٻيهل ٻاڪار،
ٻروچ، ٻيڑو، ٻاراچ، ٻاچو، ٻڊو، ٻالو، ٻالڪ ٻار،
ڳورو، ڳهڙو، ڳهلو، ٻاراچ، ٻاچو، ٻاجهي، ٻاٻيهو ٻار،
ٻاڳو، ٻيرُو، ٻَـٽ، ٻرڪيو، يونر، ٻٽائي، پرمون پار،
پنـگر، پونـگر، پرمـون، پيـرو، پلنـو پاڪـار،
پلـو، پـارُو، پـائي خـان، پولـرو، پـروَسـو، پـڙُ پتـار،
پـانَ، پـلارو، پـاڳيو، پـوڙ، پليـو، پـارس پـار،
پـورو، پگـت، پگـوان، پلينـو، پـاگو، پـرُو چڏ پـُلڪار،
پدمونَ، پارُو، پيرو، پناهه، پريتم، پيسُـو ڪرپوڪار،
پلنگر، پُرسُو، پيسُـو، پانڊي، پُـرڏن، پنجـُو، پريُـو، پار،
پـروَس، پچيـل، پهلـوان، پيـارو، پمـن، پريـل، پـاهڙ، پـار،
پـروَل، پنهـون، پـَـلي، پليـو، پٽـورو، پـر، پاڳـارو پـار،
پرتـو، پـارکو، پـڏرو، پـارس، شـاهه پنجـو بـ شمـار،
پـورن راءِ، پنـاڻ، پياسـي، پسـند، پهـلاج، پيـروز، پرڪـار،
پونجـو، پـارس، پيـرُون، پـانهو، پوهـو پڪـوڙو يـار،
پوپـٽ، پتاشـو، پنگريو، پٽولي، پوربـي، پـرورَ پـار اُڪـار،
صـاحب رب سـتار، بـُـڌجان بـول "بـروچ" چئـي.

ڏنـُو، ڏيـوو، ڏانـدُو، ڏاڙهـون، ڏانـور، ڏاتـُو، ڏتـل ڏار،
ڏوهـ ڏڏو ڏانـوَر، ڏَـم، ڏاسـن، ڏوڏو، ڏانـدو ڏار،
ڏمـڻ، ڏاڙهـون، ڏيـال، ڏهـراج، ڏونـگر، ڏيـوو، ڏتـل هـار،
ڏوڏي، ڏيـرو، ڏيئـُـو، ڏيـو، ڏياچ، ڏامـون سـر ڏاتـار،
ناڪُـو، نارو، ٽيڪُـو، ٽالهو، ٽنڊڻ، ٽـلُـر، ٽوپـڻ، ٽهـل ڏار،
ٽونئـر، ٽڪيـو، پـاپرو، ڳنييـر، ڳـاهو ڪـار،
ڳوئرو، ڳهيلو، ڳوڏو، ڳهڙو، ڳچلـو، ڳـاڳيو، ڳنـڊ هـار،
چـام، چـاريڪو، چـٽ، چموڙي، چـاچي سـيءِ چمـار،
چوئـٽ، چنگـو، چيلـو، چنـدن، چنـو، چـاڪي، چوهـڙ چـار،
چگيـل، چڙو، چـاچڪ، چـُـوچڪ، چيڙ، چـاڪن، چوڪيـدار،
چـاڪ، چـاري، چينچـل، چانـدُو، چـوڏري، چيـزل چـوڏار،

چاکر، چغدو، چِينُو، چاري، چانگو، ڍولڻ، ڍلُو ڍار، ڏَسُو، ڏرمُون، ڏيرڻ، ڏوبي، ڏمالي، ڏگاٽو ڏکار، چاگو، چَتن، چُٽو، چَتو، چلگري، چورو، چڪن هار، گمٽ، گهلُو، گهُريو، گهُريو، گهاتُو، گهوٽاٽو، گهليار، فيض، فنائي، فاروق، فضليو، فرهاد، فقيرو ۽ فکار، قري، قوگ، قُلپوٽو، قتن، قرسو، چنيسر، چوڏار، صاحب رَب ستار، لاهي لُکون، سي "لعلڻ" چئي.

ننڊ

1. ننڊ جو: خواب، سجاڳ، آرام، سهٽو، آلوٽ، گهوگهرو، پاسو، سپنو، مئو، چرڪ، ڪانهيلو، اچٽ، ڦٽڻ، جهوٽو.

2. ننڊ جي: پنڪي، ڳهر، آئي، ڪاٽي، اڪپوري، سجاڳي، اوجهراٽي، اوپاسي.

واڇو (واڇٽ)

1. واڇو (واڇي جا نالا): دهل، شرناءِ، قرناءِ، ڏڪڙ، ڪنجري، يڪتارو، ڪماچ، سرندو، سارنگي، ستار، طنبور، بگل، بين، مُتو، پکواز، هارمونو، ڍولڪ، ڊيبڪي، دلِ، بئنڊ، جهانجهر، توتارو، مُرلي، نڙ، ڪاني، بانسري، نغارو، پاوا، گهڙو، گهاگهر، ڪڙتالون، ٽليون، چيرون، گنهگهريا، مغرمان.

2. واڇي جا: ڏونڪا، ڏانڊيا، واڇٽ.

3. واڇي جو: ڏونڪو، تارُ رسُ، گُر، سرگر، پڙهو، ڏانڊيو، ڏڪ، ٽِڪ، پهلُو، نؤ، مڙهيو، ڦاٽو، لاٽو، چاڙهيو، اٽو.

4. واڇي جون: ڏيلون، تانون، چوٽون، وڇتون.

5. واڇي جي: دَمَرَ، ڏيل، تانَ، مُرڪ، لئي، ڪٽ، چڏٽي، چوٽ.

واڻيو

1. واڻيو (واڻين جا نالا): پائي، وڻجارو، مهتو، وڇائت، هندو، دڪاندار، سيٺ، مودي.

2. واڻئي جو: وڪر، هٽ، دڪان، ڏيڻ ونڻ، رام.

3. واڻئي جي: وَهي، بندي، هٽي، ڪپت سپت.

Gul Hayat Institute

واھ

1. واھ (واھن جا نالا): نصير، سرفراز، گھلو، ساگرو، بگھياڙ، ڪيسانو، ڪلري، يونڪاڙ، مولچند، الله ڪئي، ڳاھورو، گوني.

2. واھ جا: ڪپ، ترا، بند، گھيڙ، پَڏا، ڪپر، پاسا، گز، وھڪرا.

3. واھ جو: سنڌو، ڳنڍيو، ڪپ، رستو، ترو، پڏو، دڙو، لٽ، ريٽ، ڪڏو، گھيڙ، پاٽي، پاسو، وھڪرو، لاھو، چاڑھ، ھرلو، مُنھن، چاٽو، لھٽ، ڦٽو، فصل، روءُ.

4. واھ جون: ڪاٽيون، ماپون، سيرون، لاھيون، چاڑھيون، پوڪون، ٻنيون، موڪون، آبادیون، چرخيون، ٻوڏون، اُتلون، ڪڏون، چولیون، لھرون، سوڪون، ڪَرون، پلا پلايون.

5. واھ جي: پوڄڙي، ڪاٽي، ماپ، پوڪ، سُڏسماءُ، چاڑھي، ليٽڻ، گپ، مٽي، ڪڏ، پِڪَ، پيڙ، اُپڪپري، ڏيگھ، اونھائي، ڪنڊي، ڪنڊي، ونجھي، بندي.

6. واھ جو بيت •

ساراھيان سچو ڏٽي، پاڪ ڏٽي پرور،
مکي سندي ملڪ جي، ڀڏجانءِ خان خبر،
مرون انھيءَ ماڳ تي، ڪندا ھئا ھل حشر،
بگھڙ انھيءَ برن ۾، ڪيو وتندا ھئا ولر،
مرندا ھئا ماڻھوءَ جي ماھ لئي، ور وڙي ھٽندا ھئا ور،
قادر جي قدرت جي، ڪنھن کي ناھي خبر،
پاڻ لکيو ٿو پوريون ڪري، صاحب رب ستر،
لکئي منجھان ھڪ لک نٽو لاھي، تل تنھن مان تر،
جنھن آتران ٽي واھڙ آندو، 'تارو' سوئي نر،
جنھن مان ڪئين واھ وھي ويا، نالي نيشانبر،
جاني وھي تو 'جمڙائو'، جنھن بسيار وسايا بر،
'اکرو' وھيو تي 'اُڏک' واھ، ڪڙڪا ڪن ڪپر،
'سائو' ۽ 'سنھڙو' وھيا، ڏيو پٽن پاسي پر،
واڪا ڪيو 'واڍڪي' وھي، 'بگھياڙي' برابر،

• چيل عرس جمالي جو. ھن بيت ۾ پکين ۽ گاھن جا نالا به آيل آھن.

Gul Hayat Institute

'چترڑي' ۽ 'چنبڙ' وهيون ٽي، وڻ هنيو سي ور،
بيشڪ وهيو ٽي 'بان'، موڙهي انهيءَ موهر،
جنهن پاڻي کڻي پٽن تي، جام وهايا جر.
کميون، کچون، لڏڙا، واڳون، سيڙهيون، سيسر،
پلهڙيون، پوڙيون، واسينگن ويڙهيون، پيا سوين منجهه سر،
مچي انهي موهر ۾، ٻي حال هلي ٽي جر،
گنڍ، گوجون، پلا، پوپريون، يا چيلرين جا چچر،
چارو، چرکا، مارک، مُڪ، پيا رڙا گهمن ٽا ريٽن تي،
سنها سينگارين جا سر،
ڏاهي مچي ڏهرن ۾، پيا ڏنيرا ۽ ڏيڏر،
ٽيلهه جنهن جون ٽيلهيون، موراکيون موهر،
سوين آهن سهڻيون، پيا گانگڻ سي گوهر.
چوقبلي چوڏاري، ٻي پکين جي پوک،
بدکون بيحد بيشمار، پٽون کن پچر،
چيهون، چنوڙا، کيترا، ٻيون ٽوليون ڏگوشن جون ڪرکيو
کونجون کٽن ڪر،
بگها، ٻوٽيون ٻيٽن تي، کيو وتن ولر،
ککڙيون، کانئيلا کيترا، پيا آڙين جا اڙگر،
سوين سانهيون، نيلون نهايون، ڏکڻيون ڏيلون، پوکارن پنهنجي پر،
منگهه، ملنگ، متاهه، پيا گهگهه پکي گوهر،
نازڪ نيرگيون، پيون هنجهرون ساڻ هنر،
راندين رتنبا، دولاري مٽي در،
پيا ٻه ڏنڊ جا پکي آهن کيترا، تن کي کانهي خان خبر.
هاڻي سُڪَ جا پکي ٽو ڳڻيان، سي دانهه ٻڌ دلبر،
هزارين آهن هنجهه، پيا گرڙ پکي گوهر،
ٻوڙيون، ٻير ٻيلائين ۾، پيا روڏا سي رهبر،
ٽُوها، ٽوپا، ٽاليون، پيا ٻُربلين جا ولر،
ڪُرا، زُرا، ٻُرا، پلڪ پکي سي پهر،
ڪپريون، ڪٽچيون، ڪُرتون، کارڙا، کوهيس، کانوڙا،
پيا پوئر يا پيٽي پر،

Gul Hayat Institute

گجھون، گيرا، گگا، گاڑھ گلا، ڀيا پرين سي پاريھر، توريون، تلوريون، تاڙا، طالب سي تتر، وھيا واريون، جھرڪيون جھاريون، تتيھر تاريون، ڀيون ڦوسيون منجھ فڪر،

ميٽا، مور، ملاليون، ڀيا لکين لغڙ ۾ بديھل باز بحر، سرٽيون، سانباھا، سوراخ، ھيڙھا ساڻ ھنر، چيھا، چمڙا، چوڪا چڪور، ڀيا چاپاڪا منجھ چپر، ھڪڙا چڪرا چڙين جا، ڀيا ڀھگڻ ڀاتيھر، چندڀ چڪور، ڪوئليون، باشا برابر، طوطا، چتون، ڀيون مينائون انھيءَ موھر، سُڪ جا پکي ڪيترا، ٻي ڪانھي خان خبر، ھاڻي ڏنڊ جا گاھ ٿو ڳڻيان، سي دانھ سڻ دلبر، وطن ۾ وسون ٿي، گاھن جا گودر، پنن، پاپڙو، پپٽ، ناڙو، ٻي آھي چبر، چلڙ، چيھو، چانھڪو، ڪارا ڪانھن، ڀيا سھڻا ساوا سر، ٻُڪن، ٻيکھ ٻيٽن تي، ٻَڻن ھنيا پَتر، ڪيھ، ڪلورو، ڪکڙو، ٻي ساوڙي منجھ سڏر، ٻرٽ، ٻرڙو، سارنگ سھڻو، ڀيو مونو منجھ موھر، ٽونر ھنيا آھن ٽوپ، ٻي ڳاڑھ ڳني جھلي آ ڳر، نيرڳ، ننڈا ڪيترا، ماڇاوا انھيءَ موھر، ڏنڊ جا گاھ ڪيترا، جن جي آخاوند خاص خبر، ھاڻ سُڪ جا گاھ ٿو ڳڻيان، تن جي ٻڌ خان خبر، مالڪ ڪٽي مينھن وسايا، ٽن پاسي پر، ڦٽا ڏپ، ڏامڻ، ڏاسوڙين ۾، ڪري کارا کونڊ ڪکر، پرٽ، پچتي، مُرٽ، مانڊاڻو، مارک، مريڙو ٻي لوٽڪ ۾ لل، ڪِھ، کموءَ، ڳمر، ڳنڊير، سَتي سير ڪري پئي آھي، ڪُوري پن جھلي پاندر،

ڏُڪٽي ڏنارڪٽوري، ڏاجورو، لکين آھي لَنب، ڏنوھين سان ڏڏر، ڪتڻ، ڪوتڪ، ڪوھيارو، ڪانگڙو، جھنجھڻ جال جوھر،

Gul Hayat Institute

بوهه، ٻوڙو، بکرو ٻلائين ۾، واهو سو ويراڳي ويتر،
کيهه، ڪٽوري، ڪوڙ، منديري انهيءَ موهه،
ڪاڻونبا، نانگلي ۽ ڪورڙ موري هنيا سي واڇوٽي ور،
اڃا به سُڪ جا گاهه آهن ڪيترا، اٿم ڪانه خبر.
سانگي وينا آهن سانگ تي، ڏيئي پٽن پاسي ٻر،
سانگين ڪٽي سهٽا اڏيا، گهوٽن پنهنجا گهر،
مارن ڪٽي مَنَهن اڏيا، ڇانيا سي ڇپر،
هڪڙي هوءَ جي هيڪار، ٻي ڪرڪين جي ڪيڪر،
هڪڙا ڇرڻات هئا چيرن، ٻيا سرلا وڃن سانير،
مچي مال متارا تيا، ڦرها ٿيا سي ڦر،
پٽاريون اڇن ٿيون پاڻي تي، ڪنديون ڪنيون ڪر،
تن کي ٻيجڙ ڏُهن ٻيئُون، ٻه گهمرا ٻيهر،
رکيو ساڙها سينڌن تي، هلن ڪونجيليون ڪنيو ڪر،
جن کي ٻيڙا ٻانهيون ٻانهن ۾، بولا ۽ بينسر،
سڏيون آهن سهٽيون، سڏا سندن سر،
هلن ڪلن ٽلن ملن، ويڇاريون ڪن ولر،
سڪيون گهمن ساڙيهه ۾، ساري سيپ عمر،
آزي ٻڌج "عرس" جي، پاڪ ڏڻي پرور،
جو ڪيون اٿم ڪيتريون، ڪچايون ڪهڙ،
معاف ڪجانءِ مون کي، توبهه تنهنجي در،
"جمالي" آهيان ذات جو، گهوڙيءَ واريءَ تي، مڪيءَ ۾ گهر،
اها ٿئي خان خبر، مڪي سندي ملڪ جي.

واءُ

1. واءُ: گرم، سرد، طوفان، ٽڏو، ڪوسو، اُتر، ڏکڻ، پورب، تکو، ڌرو.
2. واءُ جو: سٽائو، واڇوڙو، اُڏايو، پوريو، چُريو، ڏوڙيو، سنڪو، ڪڙڪو، سيءُ، جهولو، لڳو، ڪليو، بنديو، منگهه، جهول، اُبتو، ڪُنرو.
3. واءُ جي: سٽائي، هير، ٽڏڪار، واڇ، جهڪ، لُڪ، جهڙپ، سردي، گرمي، ڪنڌ، گهُٽ.

Gul Hayat Institute

وڪر

1. وڪر (وڪرڻ جا نالا): شراب، ڪمرڪس، ڪار، ڪنڙو، پاھ، مس، ڪوپرو، سرمو، صابڻ، مائو، ڪتيلو، تماڪ، ساڻ، ڏاڻا، هرتال، چوتال، سنکيو، ڪيس، ڪنبيرو، جاڻ، ڪڻ، سُتي، منديري، آڏيري، ڳڙ، سرهاڻ، سوپاري، ڪٿوري، سانتوڙي، ڪنڊڙي، چيڙي.

2. وڪر جا: ڪسيرا، ٽَهـا، ٽَـپا، باردانا، ڏڳا، پُـڙيڪا، دُڪا، آنا، پات، پونيا، ڏڻا، ورتا، اڳهه پاڻ، ٽيلها، پورا، پوجها.

3. وڪر جو: وڪرو، سودو، واپار، هوڪو، سيرُ پاءُ، مڻ، پوئيو، چيتو، پات، ڏڳو، ڪارو، ٽالهه، توريو، دُڪو، تولو، بَڏو، چُـڙيو، ريزڪي، وٽج، وِهائيو، ڏهو، دوڪان، هٽ.

4. وڪر جون: دمڙيون، ڳوٽيون، تورُون، ٽَوڙيون، ڪوڏيون، چيپون، ڏيپون.

5. وڪر جي: گهورَ، ڏيتي ليتي، اوڌر پاڌر، روڪڙ، رهت، رڪت، تور تڪ، ٽڪري، ڪوٽ، ماٽي، ٽپري، اُٽل، رُونگ، هار ويرَ، پُـڙي، پِـنڊي، پُـوري، هَڪ هَـٽي، ڪَـس، اُپت.

6. وڪر جا بيت*

(1)

ســاراهيان ســچو ڏڻــي، جــو صــاحب رب ســتار چــوان،
آهوپيــر، آنــورَا، اُنڪچــور، انجڻيــون، آرا، آر چــوان،
آلوبخــارا، اندرجــو، السـي، آفيــر، آچــار چــوان،
آهــُـن آلوچمــڙو، آڪــڙوٽ، انجيــر، انــار چــوان،
ايريــال، اڇــڙو، انگــور، اڪلوئـي، ايريــو، آرينــا، آر چــوان،
اِســپنگر، اولاســار، اَمــل، بکــڙو، بيضــو بــار چــوان،
برف، بص، بــادام، بکــر، بهمــڻ، بوتــل، بيهـي ڏار چــوان،
بســڪوٽ، بــــهه، بنفشــو، طــالب، توشــو تــار چــوان،
تالمکاڙو، تَـسَ، توتيو، تيل، تماڪ، تاڪيو، تندتار چوان،
تپاشير، تلونگڙي، تخم حيات، تخم ريحاڻ، ترڪاري توار چوان،
صوف، سِهنو، سُرو، سُـرهو، سنگجراح، سنا، سپ سار چوان،
سُـرخي، سوپاري سنکيو، ساڻ، سَون سڳا، سُـٽ ڏار چـوان،

---

[1] چيل لعلڻ خان لغاريءَ جو. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيہ، ص 84.

صحتکندرُو، ساکُٹ، صندل، سنڈاٹو آچار چوان،
سُتي، سپي، سمندِ ڦيٽ، سالارو، صابڻ، کُل سنيار چوان،
سينڈو، سونچر، سيڑهي، سورجاڻ، سينڈر يار سنگهار چوان،
سَندِ، سڳداسي، سُٽ، سفيدو، هَرمرو، هُرپو هوشيار چوان،
هيد، هيراکس، هرتال، هريڙ، حلوو، هـگّ سندا انبار چوان،
جاڻ، جليبي، جرڦُل، جيرو، جُلاب، جوهر، جوکار چوان،
جعفر، جيسُو، دال، دارُون، رگّ، رَتي، ريوڙي رسيار چوان،
رَچ، ريونَد، زَنگي، زَهر، زَنگال، زَري، کند، کار چوان،
کارک، خوشبوءِ، کٹمٹڑي، کوپرو، خسخاس، خُمار چوان،
کيرو، کٹوري، کهنبڑو، کاڇو، کوئر، کسي، چوڑسي چوڏار چوان،
چٹا، چوبچيني، چانورَ چونرا، چاکليٽ، چندَن چوڏار چوان،
چُورو، چاڻو، چاس، چيرولي، چَرس، چيمڪ چوڏار چوان،
چيراتو، چڪنو، چتي، ٽڪ، ٽڦُلو، انجڻيون، عاقل قرهو کار چوان،
عطر، اَبَرق، شنگرف، شربَت، شَاهتِرو، شراب شمار چوان،
کَهُو، کيوڙو، ککور، کنڙو، قيطُون، کتيلو کار چوان،
کتل، کيس، کوکڙ، کيسُو، کوهر، کبابچيني کل يار چوان،
کوڏيون، کچريون، کوپرو، کنيرو سار چوان،
کيڪ، کمند، کانڦُل، کاغذ، کريلو، کمال، کاسني کار چوان،
قلميشورو، قلعي، کشميرو، کمرکس، کورڙکار چوان،
کوکين، کرمچي، کيس، کنگڻي، کانگڑو، قند کلار چوان،
ليلاڪ، لونَگ، لوٽ، لڏون، لهو، لاک، ليار چوان،
ماکي، مُساڳ، مصري، ميندي، موري، ميٽ، مرچون مار چوان،
مُشڪ، موصلي، مهميرو، مرجان، مليرو، مصالَحو منار چوان،
مَس، موٽ، مُگّ، مٽ، معجون، مَکُو مسي، ميٽي مار چوان،
مٽيڪٽ، ميسو مانهن، ماچيس، مُهُري، مکئي، مُنديري ڏار چوان،
مکڻي، مانڈاڻي، مکري، موتي، ماڻڪ، موتي مٽيادار چوان،
مُستي، مٺائي، نيزا، ناپو، نَقُل، نمڪ، نازبو نار چوان،
نرگس، نموري، ناريل، نوشادر، نيلوفر، نبات، نارنگي نارچوان،
نڪچڪڻي، نرگنديو، نانختائي، ناس، نظارو نروار چوان،

Gul Hayat Institute

واوڻنگ، واول، ورق، وارنش، وڏف، واگٽ وار چوان،
پيهون، پکوڙو، پيپري، پاپڙ، پنير، پتاشو پار چوان،
پپيتو، پاڻو، پٽ، پنو، پلاهجيري، پتو، پڪي هار چوان،
پورو، پهيڙا، پيڙو، پج، پيرچو، پڙو سو پهکار چوان،
لاٽي، لوٽک، پارو، پشم، ڦٽکي، ڦکي، ياقوتي، يار چوان،
قريون، قوتو، قودنو، قل، قارو، گل گلابي، گلنار چوان،
گوگڙو، گدرو، گوبي، گازبان، گجر، گدامري گلزار چوان،
گلقند، گوري، گجي، گندرف، گيهر، گيهي، گگر گار چوان،
گندک، گوماندر، گيدوڙو، گانجو، گهپيت، گهوٽو گهار چوان،
گڙ، گاني، گنيو، زنگال، زوفي، زري، شاهترو شمار چوان،
ٽقلو، ٽکي، چوهارو، چپري، ڦيٽ، ڦکي، عشبو آر چوان،
پگڙا، پيلاوڙو، پنگ، پرٽ، پتر، پچٽي پلکار چوان،
پنگرو، پتو، پٽپيرون، پستو، پست، پريو، پن پار چوان،
سيماب، ثعلب، سونف، سنيالو، ستاوڙ، سرمون ڏار چوان،
سهاڳو، سنگترو، سنکيو، ساپا، ستگلو، سهنوار چوان،
خطمي، خبازي، چٽک، چنبيلي، ڏوپ، ايلاچي ڏار چوان،
ريوندچيني، ربس، رتنجوت، رسکپور اظهار چوان،
زهر کچلو، زمرد، زهر مورو، ترنج، تماکي تار چوان،
زنگالا، زرني، زري، زهر، زعفران، زوفا، زنبق، زنگار چوان،
سون، سهاڳو، سونف، سرهو، سيمابي، سهنوار چوان،
لطف کجاڻ تون "لعلٽ" تي، صاحب رب ستار چوان.

(2)

ڪڪا! وجي ڪوڏ مان، ونبي اڇ وڪر،
کنڊ، گڙ، نبات، مصري، پتاشا، جوهر،
کتل، ڪشمش، کارکون، چونرا، مڱ، متر،
کجور، پگڙا، ريوڙيون، ماکي ۽ گيهر،
مرچ، مصالحو، مريون، دالچيني، جافر،
ڪٽک، کتيلو، کنڙو، اڇڙو، اسپنگر،

---

(2) چيل اميدعلي لغاري جو. سوانح عمري لاءِ ڏسو حاشيه، ص 143.

لونـــگ، جيـــرو ۽ وڏ، ســـونف، صنوبـــر،
هيـد، هريـڙ، کار، گـُـلي، سـائي ٽـوم، بـص،
واوڙنـگ، ٽنـپ ٽوٽيـون، سـوپاريون، ســـندر،
يونـان، پرسـان، گاوزبـان، جرڙـل، نوشـادر،
پـان، پنيـر، ميـٺ، تيـل، ڪٽـوري خوشـتر،
لـوبڙ، رسـولُ، چسـوڙ، مينـدي، دال، گـُـگر،
گيهـ، کاڇـا، کوپـرو، ڍاک، چٽـا، چـانور،
گدنـا، گلقنـد، گدامـري، ميـٺ، مجـٺ، مـر،
بسـکوٽ، ڏاڙهـون، سَـنا، کـانقل ۽ ڪيسـر،
اٽنگـڙي، ٽعلـب، موصلـي، تالبخـانو، تـر،
صنـدل، سـاڳ، مصطکـي، لوبـان، لونـدر،
هرتـال، هيراکـس، هرمـڙو، اولاسـار، عطـر،
هـگ، هربـو، گوگـڙو، نيـزا، نيلوفـر،
تلسـي، بـادام، پسـتا، جـاٽ، توتيـو، تـر،
گـدرف، جيـرو، چـاڇرو، املـداس، عنبـر،
آيـا سـپ وکـر، هيـڄ منجهـاران هـٽ ڇـا.

پـر اڇـان وکـر هـٽ جـو، وسـري ويـر واپـار،
تمـاک، بـاکس، پيڙيـون، پـوري نـاس بهـار،
سُرهاڻ، سهاڳو، سُـنڊ، پَـريو، شنگرف شاندار،
ڦوٽـا، ڦودنـو، سُـٽ، پشـم، ليسـوڙا، ليـار،
ايريـو، عنـاب، اِلسـي، زرشـڪ، زنگـار،
ڏُوپ، زراونـد، پـان پـاڙ، سـنيالو سـينگار،
گـوٽ، مـُـهرو، کاسـني، بنفشـو بسـيار،
مُـستي، شراب، شورو، کَـٽ، جَـوَ ۽ انـار،
کوئـر، ڏوڏي، صابڻ، سُـتي، پـاجهري، جـوار،
سـرمون، سـوئيرو، ڪجـل، جيـري، جـدوار،
چٽـڪ، چرياتو، ترنـج، گـل سهاڳ، سَـمُالفار،
زهـر ڪچلـو، کُـچريون، ڪوکيـن ۽ آچـار،
"اميدعلـي" سـنيار، وکـر پنهنجـي وجـود ۾.

Gul Hayat Institute

(3)

ساراهيان سچو ڏاڻي، صاحب رب ستار،
منڌ مڙين جو مصطفيٰ، جو تڪ لنگهائيندو تار،
ڏاتار تنهنجي ڏيهه ۾، ڪامل چڱي ڪار،
سانگان سيکوئي سُکيو، گهوٽ! گهرئين ئي گهار،
نظر ڪري نهار، بيهي منجهه بازار،
ته ڳڙ ڳانا، ڳيهون، مکڻ، ميوو، ميها، مصري، جهجهي جال جوار،
چوٿرو، چٽو، چيٽو، چيٽوني، مڱ موچاري ڪار،
ڪوڪڙ، ڪنگڻي، ڪاڪي، مٽي مانهن ملهار،
جوَ جيرو، جاڙ، نم، نير، پنير، ناپو، نانگلي، ناريهر نهار،
ڪونجا، ڪارڪ، ڪنڊ، ڪرمچي، ڪپور، ڪچري، ڪوپرو پريان جي پار،
لونگ، لباتي، جعفر، جرڙل، نت نباتن نهار،
سينڌر، سرمون، صابڻ، ساڪڻ، سرهو، سُنڌ، سوپاري سار،
الوچمڙو، البخارا، ڪمال پٽ، توتيو، تُوت تنوار،
چوئو، چندن، چاشني، چنبيلي، فرق قُللين نهار،
ريجو، ريوڙي، رسول، روپاهه روڳا ڪريو ڪمائي ڪار،
ٽنبج، ٻهيڑا، آنورا، هريڙ، ميٺ موچاري ڪار،
عاقر قرهو، ليمان، انب، ايلاچي، مر موچاري ڏار،
مهلو، ميٽي، مجٺ، ميندي، سوئا، پالڪ، چوڪو سپ سنيار،
پپر، پيرون، ڏودنو، ڪي، ڏاڙهون چڱي ڏار،
آهوپير، اهريو، امل، ايريو، انجڻي، سنا، سوئف، سنيار،
سنبل، سرخو، بهمن، بکرو، ڪتل، ڪياس نهار،
مغز موصلي، تُهي، تالبخالو، ڪي، ڪوڳ ڪلهار،
ڪمرڪس، ڪوتڪ، ڪنڙو، بادامي، ڀڳڙو، ڪيسوڪل قرار،
مٽي ڪٽ، ڪتيلو، ڪاسني، ڪافور، پانهين پورو ڏار،
گگر، گوماندر، هريڙ، هرٻو، هرمرو، ساٿر، سيڙ سنيار،
اُنڪچور، ڳوڙ، گاؤزبان، صحتڪندرو، مربو ماڳ موچار،
ڏوپ واس، لوبان، نوشادر، ڪتيلي ڪا سنيار،

---

(3) چيل حاجي حاميد خاصخيليءَ جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 97.

Gul Hayat Institute

ولڏاتورو، شاهُترو، زهر مهرو، جمال گهوٽو، ڪرياتو منجهن خميرو خمار،
عطر، عنبر، املداس، چاٽو، يعقوتي، خاڪو، تون جوهر جوڙ جنسار،
مشڪ، مائو، موتي، مرجان، تون سهسين ڏس سينگار،
گدو، ڪلڦوڙ، ڪاند، ٻيو گندرف، مهمائي منهن موچار،
چانهه، چموٽي، قلمي شورو، شنگرف، باڪس باهه بسيار،
منائي، مُستي، ماکي، مصري، موڪ مليدو، خوراڪ خوب خرار،
توشو، ٽڪي، لڏون، جليبي، ريوڙي، رس بسيار،
پکوڙو پچار، چاش چپن، پيڙو، بوندين باغ بهار،
مربا، ميسو، گيهه، ڪچوريون، گانٽيا، پٽاٽا بار،
ريال، رتنجوت، گوگرو، گاسليٽ، گلقند، وجي ڏس ٻيهي داڻا بازار،
موڙ، ٻيڙو، ڪَٽو، چانهيو، سيلي سچو سالار،
ڍاڪ، ڍامڻ، آنورا، ڪجل ڪوڏ قرار،
گردل، ڪلڦوڙ، چانچرو، هرتال حال هزار،
مهلب، مساڱ، چنڙ، چورو، چوپچيني، چوڙ، ٻنيهو، سهانجو، سارسنيار،
ناس، نيلوفر، نارنگي، ڦيڻ، ڏونگهين ڪديا ڏار،
ٽوم سري سائي، ڪيسر، ڦٽڪي، ٽڪي ڪاچ سنيار،
هڱ، هيراڪس، پُست، پواڙي، هُشبو حال هشنيار،
ٽنجڪاني، پريم ڏندي، عاقل قرهو، چوڙجلابي چوڏار،
واوڙنگ، واپنبا، سورجاڻ، اُستو خدوس آتار،
روغن تلخ، تُهي، طالبخانو، محمودو موچار،
ڪاري جيري، گل بنفشو، ڏوڏي، ريول رس، ڏس عنابن آچار،
مستگيرومي، منسي ڪاني، جئوڪار جونجهار،
گجر، گاجرو، گوساٽو ۽ چوڪا چندن هار،
سوڌا، پڙي، ٽاڊل، ڪڙو، برف، نموريون نهار،
ترسي، السي، ڪاڇا، ليپ، لپري، ڏس اسپنگر جا آر،
سوپاريون، ڍاڪ، پگڙا، بوهي مڱ، گدامڙي گينوار،
صندل، سفيدو، ڪيسر، منڌ ڪاني، مس، مِسي، چوڙ ڏس چوڏار،
گلاب پاٽي، قرمچي ڪاشڪ، مُوڙي مزيدار،
نبات، زعفران، بيضا، اطريفل، تپاشير، سنا، سرنهپتو سنيار،

Gul Hayat Institute

زهر، زنگ، زرني، پيرچو، ايلسي وڃ واپار،
دارونءَ پٽ، پاڻي شراب آهي، وزن جو ويچار،
چرش، چندول، آفيم، گانجو، ڀنگ جوڳ، نشو نام نڪار،
گجر، بصر، موري، مرچ، ڏاڪا، دالچيني، وڏف، ڦوٽا، هيڊ مصالحو موچار،
لوڻ لاهوري، منائي، پتاشو، اسپنگر، سوڊا، صندل، ڪار،
"حاميد" انهيءَ احوال جو، تون واري ڪر ويچار،
ته ڳٽي ڳٽندين ڪيترا، آهن لکين لک هزار،
پوءِ ڪلمون جن قرار، هوندا سي ايمان سان.

ول

1. وَل (ولين جا نالا): ڪانئل پيرون، هير، وڻ ويڙهي، بي پاڙي، چنبلي، ناڙو، گولاڙو.
2. وَل جو: وٽ، وڪڙ، تندو، رس، گُل، ويڙهو، چڑهڻ، سُڪڻ، تنبو، ڪدو، پن، ميهو، پتو، ونگو، گدرو، چيڙ، ڪرٽ، تڏو، پاٽي، ڇانهون، هنداڻو.
3. وَل جي: مُرلي، ڳراهٽي، چوٽي، تند، ڇانهين، توري، ميخ، تُنبي، پاڙ.

ولايت

1. ولايت (ولايتن جا نالا): عربستان، آفريڪا، عراق، عرش عظيم، چين، روم، شام، ڪيچ، هرات، ارم، اورنگ آباد، مروبات، آخرون، بهشت، يونان، مصر، ڪربلا، قدوس، بيت المقدس، طوس.

وڻ

1. وڻ (وڻن جا نالا): جهِلَ، سِڻُ، آمون، آڪ، تانور، هيرڻ، سرهل، سرنهه، لاڻو، ٻاوري، ڪنبي، سوپاري، ڪيسن، پائر، ڇمون، ڪامون، مينڊي، ڪنبو، لئو، آسري لئو، رسوَل، نيٺ، ساتار، تار، ساڏور، ڪٽي، مورو، راڙهو، ڪيتڪي، توت، چار، ڪينجهو، جارو، ورهو، نم، ڪهيرو، سُڪمرد، مروئو، ليار، بيد، ڪنوارپوٽي.
2. وڻ جا: موڙَ، ڪپَ، پورَ، گوشا، مورَ، ڏنڊ، ڏار، پيرون، سگر، مُڇا، پاڇا، پاڇولا، پنَ، ڪيسَ، وَڍَ، ٽارَ، گوشَ، ڏونرا، پڪا، ڏيلها، پلڙا، چَها، ڪڪڙا، دڌڙا، ميوا، پالا، چَها.
3. وڻ جو: سُڪو، موريو، اُپريو، ڦُٽو، لاهه، پور، چوڏو، ٽار، آڪارو، پڪو،

Gul Hayat Institute

ڪچو، ڪوئر، ٻور، مور، ٽڻ، پتو، ڪنڊو، گل، قل، بج، ڳچ، جهونو، ٽار، جوهو، جهڳٽو، سگ، پلڙو، ڪپ، لهه، وڏيو، مڇو، لڪ، ڏنگو، سڏ، پن، ميوو، ڏليارو، جاڙو. ڪپيو، سيلهه، پيلهه، چاڙهو، چهو، لڪڻ، ڏنڊ، چابڪ، چوٽ، ڏنگهه، ٽڏ، پيجو، سائو، رس، گوش، اسريو، چانولو.

4. وڻ جون: چوٽيون، ڪامون، سوپاريون، پاڙون، لامون، ٽاريون، چانئون.

5. وڻ جي: لاٽي، پسي، مڪ، سوپاري، چڙهي، ٽاري، اڪ، نموري، ڪٽ، چانو، جهول، جهل، پاڙ، چانيه، ٽڪي، لام، مڪري، باٽي، لاڪ، ٻوري، ڪل، ٽام، ڏاري، چاٽي، هڙي، جوهي، تلهڙ.

6. وڻ جا بيت *

(1)

ساراهيان سچو ڏٽي، جو صاحب رب ستار چوان،
اکروٽ، انب، انجير، املداس، اڪ، انار چوان،
آسري، ايريال، آلوچمڙو، آڏيري، آگر ڏار چوان،
اسڪاٽلي، انگور، اڪڙي، اڪڙ، آنورا، عشبو ڏار چوان،
بيد، بانس، بهٽ، بڪڙو، بادام، بازي، برڙ ڏار چوان،
ترنج، توت، تالمڪاڙو، طوبي، تر تماشو ڏار چوان،
سهنوار، سجاتو، سورج، سنبل، سڪمرد، سنيالو ڏار چوان،
ساڳ، سوپاري، سٽي، سالارو، صوف، سرنهه ڏار چوان،
سوسن، سرهو، ساٽر، سٽانجڙو، سنگترو، ڏار چوان،
جمال، جرڦل، جنگ، جعفر، هگ، هيرڙ ڏار چوان،
ڪارڙ، ڪيڙڪٽو، ڪٽونبڙو، ڪارڪ، ڪجي، ڪاڇو ڏار چوان،
خبازي، ڪهنبڙو، ڪپ، ڪسي، ڪٽ ڪليو ڏار چوان،
ڏنبو درخت، ديوي، ديال، داڳيو، زيتون، زنگي اسرار چوان،
گوگڙو، گدامري، گوبي، گدڙي، گونٽو، گلابي ڏار چوان،
ڦاڙهه، قارهو، قوٽو، قودنو، قوگ، قولاريو ڏار چنوان،
گرز، گولاڙو، ڪهو، ڪنڊو، ڪرڙ، ڪنڊي ڏار چوان،
کامون، کمال پٽ، کينڪ، کنولي ڏار چوان،
ڪڙلو، ڪپو، قنداري، ڪشمش، ڪابولي ڏار چوان،

---

(1) چيل لعلڙ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيه، ص 84.

لئي، لاڻو، لاسڻ، لَسو، ليسوڙو، لَيو، لَهُو ڏار چوان،
لونگ، ليار، لُلُ، لالي، ليمون، لوهيڙو ڏار چوان،
ڪيس، ڪال، ڪوڙو، ڪنگور، ڪنڙو، ڪيلو ڏار چوان،
موئت، منجهاندڙو، مالٽو، منڙي نارنگي، ناريل ڏار چوان،
نم، نازبو، نيت، نشان، نرگس، ناڙو ڏار چوان،
مشڪ، موتيو، موسمي، مانجهلي، نيزا سي نروار چوان،
ونئڻ، ووڻاني، واگڻ، وڻ ويڑهي، هائر ٻٽون ڏار چوان،
ٻُهڙ، پير، ٻير، ٻٽالو، ٻُوهه، ٻُوٻَٽ، ٻاٽلي ڏار چوان،
پپر، پان، پڪو، پراڻو، پينڊي، پگو ڏار چوان،
پنير، پال، ڪپوئي، ڪال، نُنبو، ٻانڊڙ ڏار چوان،
چار، چگر، چمون، چڪون، چنبيلي، چندن ڏار چوان،
چيل، چوڙ، چپو، چڪي، پيڙ، پوري ڏار چوان،
ٿوهر، ٽلهو، ٽُڙ، ٽڏو، ساڳ، سندو سينگار چوان،
اڪڙ، ايريال، ڏاڙهون، ڏونگهي، سجاتو، سهنوار چوان،
هريڙ، هرپو، ڪٽ، خيرو، ڪونيٽ، ڪال بڙ بهار چوان،
لطف ڪجانءِ تون "لعلڻ" چئي، صاحب رب ستار چوان.

(2)

تنهنجا ميوا مون کي ڪين وٽن، ادا ڏي عمر!
جيئن تو وٽ نم، ناريل، نازبو، هيا سهٽا صنوبر،
تيئن اسان وٽ ڪانديرا، ڪندا، ڪرڙ ٽين هير، هير،
جيئن تو وٽ ڪتل، ڪارڪون، ڪشمش، دارچيني، جاف،
تيئن اسان وٽ سڻ، سرنهن، ساڏور ٽئي، لئي، لاڻو، ٿوهر،
تو وٽ چانهن، چنڻ، چوبچيني، پُست، انگور، اگر،
اسان وٽ گرهو، گيدوڙي، گوار، ٽئي آڏيري اپر،
تو وٽ موتيا، گل گلاب جا، ڪن چٽائي چوڏر،
اسان وٽ مرچ، ڏاڙا، واگڻ ٽين، ڪن ڏاتورا ڏمچر،
املداس "اميدعلي" چوي، تو وٽ آمان ٽين اُپر،
اسان وٽ سڪمڙ، سئانجڙو، سنجي ساڳ سڏر،

---

(2) چيل اميد علي لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 143.

تـو وٽ سـورج، سـُـنبل سـونهن، ٽيـن بـادامين بحـر،
اسـان وٽ بـٽ بـُـوهٽ، بهـڻ ٽئـي، سـاوا هيـرڻ، سـر،
تـو وٽ صنـدل، سـوپاري، صـوف ٽيـن، ليمـان، لوٽـڪ، ليـر،
اسـان وٽ چـار، چمـون، اڪ ٽيـن، بـُـوهه، سـٽي، هونـگر،
تـو وٽ قـَـريون، ڦوٽـا، قـاروا، ڊاک، زيتـون زبـر،
اسـان وٽ ڪامون، ڪـَهـُـو، ڪونيٽ ٽيـن، ڳاگيون ۽ ٿوهـر،
تـو وٽ سـونف، سـيتاڦل، ڪاسـني، آبنـوس، اسـپنگر،
اسـان وٽ ڪـاريلا، ڪويـت، ٽيـن، سـاوا ونئـڻ سـَهـَـر،
تـون وٽ پـان، پـاڙهون، شيشـم ٽئـي، چـيـل، ديـالي دَر،
اسـان وٽ ڪـپ، ڪـپڙ ۽ مـانجهلي، پـي ميـندي ٽئـي مـَـچر،
تـو وٽ زنگـَـي گـل، زردالـو، جرڦـل، عنـاب ٽيـن اُپـر،
اسـان وٽ رتـاروڙ، ڊامـاهو ٽئـي، جيـرو ۽ سـاٽر،
تـو وٽ ڪهـي ڪـانو، ڪيتڪـي، جـاءِ، ورهـ مـورو بـاهر،
اسـان وٽ پيـرون ٽيـن پٽـن تـي، آڪـارا سـگـر،
تـو وٽ ترنـج، توريـز ٽيـن، ڪـانهل، عڪـس اَگـر،
ڪري چاٽو ٻوهـ ٻونگر، اسـان وٽ ايـي ساوڪ سالاري سندي.

(3)

سـاراهيان سـچو ڏٽـي، جـو صـاحب رب سـتار چـوان،
اَنـار، اَهليـو، اَنبـڙي، اَڪـارو، اوٽ، اولـو ڏار چـوان،
اڪـڙوٽ، اَنگـور، اُپـو، اوڏ، آنـورا، آگـر ڏار چـوان،
بوکـڙ، بـُـڪڙو، بنـد، بـارو، بـادام، توتـر، تلهـڙ ڏار چـوان،
سـگري، ساٽو، ساڪـُـڙ، سونگڙي، سوئي، صفـائي ڏار چـوان،
سـاَڪ، سـَـري، ساڙ، سـڪو، جوهي، جاڙا، جرڦـل ڏار چـوان،
هـُـڙهي، هريـڙ، ڪنـو، ڪـارڪ، ڪـارڙ سـا ڪـُـت يـار چـوان،
روڙ، رَڇـائي، گلـڙا، گومـاندر، گـز، گـوز، گوشـا ڏار چـوان،
ڦوتـو، قـاروهو، قـُـول، قريـون، قـُـلاريو، قـر ڏار چـوان،
ڪوڪـڙ، ڪچـو، ڪپيـو، ڪيـر، ڪيرايـو، ڪـاتر ڏار چـوان،
ڪـَتـَـل، ڪنـدي، لاڙ، لامـون، ليـڙون، لـُـگـَ ڏار چـوان،

---

(3) چيل لعلڙ خان لغاري جو. سوانح عمريءَ لاءِ ڏسو حاشيہ ص 84.

Gul Hayat Institute

لاکُٽ، لئي، لوٽ، لڙيو، مُڇ، ميندي، مُنڊ ڏار چوان،
نيشان، نارنگي، ويڑھ، ولر، وَڍيو ڏار چوان،
ٻيلو، ٻچو، ٻور، ٻاتي، ٻيلھ، ٻوکيو ڏار چوان،
ٻُھڙ، ٻسانگ، ٻيجو، ٻوڑا، پلڑا، پاپڙ ڏار چوان،
پاڙ، پاسو، پالُر، پور، پورو، پَن ڏار چوان،
پگو، پور، پلاوڙا، پاکر، پَلا، ٿوڙھا، ٽپ ڏار چوان،
ٽاکُٽ، ٽاري، ٽُکيو، ٽُٽو، ڏَنگر ڏار چوان،
ڄار، ڄارو، ڇگر، ڇمون، جھُمٽا، جھُوڙا، جھنگل ڏار چوان،
موڙ، موئٽ، منگھر، مورو، مَڇَر، ماکي ڏار چوان،
ڇوڙا، ڇاٽو، ڇَکي، ڇَلھا، ڇُڳا، ڇانولا ڏار چوان،
گھاتا، گھيرا، گھُمرا، گھٽيون، ٻانڊڙ، ٻيجا ڏار چوان،
ڇَھ، ڇولو، پاڇو، پکڙيل، پُتو، تُنبو تار چوان،
کَپا، کوڙ، کوڙو، کاڌل، ڇوڏي، ڏوڏي ڏار چوان،
اوڌ، آڏيري، ڇرھو، ڇُھاٽ، ڇُوھارو ڏار چوان،
اوٽ، اولو، گوڙڇ، گيدُوڙو، کٽ، کار، قطار چوان،
ميوات، ميندي، مُکري، مھلو، ڇانگيو، ڇَمَک ڏار چوان،
پاڙ، پُسي، پيرُون، پَکو، ڏوڙو، ڏيلھو ڏار چوان،
ڇنگا، ڇُلنگي، ڇانگيو، ڇَلَر، تارو، تاري، تار چوان،
چوٽي، چَنبيل، ڪٽو، کارو، گُل، گُڏي، گُلزار چوان،
لطف ڪجاءِ تون "لعلٽ" ڄئي، صاحب رب ستار چوان.

Gul Hayat Institute

وھاڻُ

1. وھاڻ جا: ڳيچ، ڳاڇ، ڳيا، ڳيت، گل ڦل، موڙ، ويس، وڳا، رُسامان، مورا، کھنبا، ڏاندڻيا، گولاڻ، ڇنا، مَنَھن، مارکا، ڳائٽا، ڏونکا، باجا، ڇمکا، دھل، ڄاجي، سانگ، ڇوٺسا.

2. وھاڻ جو: نکاح، شغل، گھوٽ، پَت، پھت، پوئو، سوڙ، ساڻ، مَنھُن، چنو، اکيو، ڳانو، سھرو، جاڳو، پلوَ، ڏانوڙ، ريتو، اَنھيرَ، ڏينھن، موڙو، ناڇ، مارکو، ٽانر، اُوندَر، ڏيج، پلاند، رواج، سڏ، موقعو، ڄاجي، کوٽو، پِڙو، سرگس، ڦڏو، پرڃاءُ، ميڙ، ويلو، سيڏو سامان.

3. وڻائڻ جون: لاٽڻ، ٻڌڻ، گھوروڻ، ڇيروڻ، ٻينوڻ، ڳائڻيون، نينڊون، مبارڪون، واڌايون، دعوتون، گھڙيون، بجليون، ڪوٺون.

4. وهڻ جي: آس، اُميد، خوشي، ويڙي، ڪنوار، ڇج، ميندي، ٻڌڻ، ڪوٺاري، گھوري، نيند، دعوت، سَاگھر، ڪوٺ، مبارڪ، واڌائي، گھڙي، نيڪيٽي، رسائي، وهائي، ٻُڪي، ڊڪٽي، ڏونگھي، ڪارڪ، ڪٽ، سيج، لونگي، اجرڪ، لاڻ، ماني، نُڪ، ديگ، چرَ، بني.

هاري

1. هاريءَ جو: هر، هارپو، وارو، پنو، قرض، ليکو، جوڙو، سانئر، ڦار، ہج، ميڙو، چوندبو.

2. هاريءَ جي: ٻني، پوک، ڪوڙ، ڪھاڙي، هل، جوڳَ، ونگار، ڪاٽي، اڳومت، ساڻ، اوڙ، سيڃائي.

هٽ

1. هٽ جو: ڏڪ، ٽونڊو، هنيو، ڏنو، سخي، ڇُوٽ، اشارو، ٽونگو، ڪپو، سڃو، ميرو، چنبو، چُرون، ٻُڪ.

2. هٽ جي: ڇڪَ، تِري، آگر، مُڪ، چيڇ، ٻاڇ، وڇين، ليڪَ، لپ، چپٽي، تاڙي، هنئي، چپيٽ، چماٽ.

هٿيار

1. هٿيار (هٿيارن جا نالا): تير، ڪمان، گن، بندوق، تمنچو، گولي، ڪاتي، ڇري، ڪھاڙو، ڪھاڙي، ترار، توب، سپر، ڍال، ياليو، بڇي، ساڏار، خنجر، ڪٽاري، ٻاڻ، ڪمند، مصري، ڪھيڙو، نيزو، لٽ، لوڙھ، لڪٽ، نيٽ، بيد، ڇھبڪ، گرز، ڪان، بان، تير، ڪنو، شيخَ، دونالي، گھوپاتو، بانڊو.

2. هٿيار جو: ڇيرو، ميڻ، منيو، ڪھٽ، هنيو، قربان، تکو، منو، ڪٽيو، ڪڙڪو، مٽڪو، سر.

3. هٿيار جي: ڪوٽي، ڌار، مُٺِ، نوڪَ، تکي، وهي، لڳي.

هٽ

1. هٽ جو: ڏورو، وکر، در، ڪليو، پوريو، آسٽ، دِڪو، دَخل، اگر، نوڪر، پائيوار، مھاڳو، مُھاڙي، گراهڪ.

2. هٽ جي: مٺائي، آوت، ٻُڪي، اوڌر، گراهڪي.

Gul Hayat Institute

هـڏو

1. هڏي جو: سنڌ، سنڈو، ڏند، ڏارو، چوڑو، ڀگ، سڃو، وڏڻ.
2. هڏي جي: نري، ڪيپراٽي، ڏکڻي، ڀيڏي، مِک، وِهـ.

هرلو

1. هرلي جو: چکر، ڦيرو، ميدان، ويساهون، ٻَڌو، چُـڑيو، وهيو، پانـڊو، پاڙچ، پِـڙ، اوپارو، لهوارو، پڑاڏو، تڏو، ٻُندُ، مکڑو، مُهرو، ارو، ڪنڈات.
2. هرلي جي: جوڳ، سرائي، نيسر، ڳاڏي، نـڪَ، چکر، آڏ، ارٽي، لات، ڪاڇ، ڍرهي، ونگ، مالهـ، ڪِنگري، لوٽي، ٻَندي، لڻ.

هڪل

1. هڪل (هڪل جا لفظ): ڪر اڙي، او اي، ها ها، هلا هـُون هـُون، ڪلا ٽئي.
2. هڪل جو: سڏ، ڪڑڪو، دهمان، دڑڪو، واڪو، ڪُـوڪريو، آواز، هوپو، هُـلاڇو.
3. هڪل جي: رڙِ، ڪوڪ، ڪئي، تِـکي، ٻُڌي، سُـئي، ٽي، پري، ويجهي.

هلڻ

1. هلڻ جو: سعيو، ارادو، پهـ، ڏلو، تڪڑو، موڳو، چوهو، تِـکو، ڏيرو، سهڻو، سڻو، پير، رند.
2. هلڻ جي: تياري، سنبت، وک، گام، ٽور، لوڏ، ٻانهن، رمز، چال، جهڙ، ڪُـڙي، ڏوڙ، پچ، فلڪ.

Gul Hayat Institute

هندو

1. هندو: مص، عامل، ديوان، برهمڻ، ويشنو، ٻُـڌ، سک، واڻيـو، پيـل، مينگهواڙ، ڪولهي، باگڙي، ڪوڇڙو، سنياسي، جوڳي، پنڊت، گوسائين، مرهٹو، راجپوت، ماروواڙي، ماڙيچو، سوچي، موچي، پنگي.
2. هندوءِ جو (هندڪو): رام، ليکو، حساب، واپار، هٽ، شوالو، ٽڪاٽو، جٽيو، گـڏون، مندر، ڏرم، ڪريا ڪرم، اڪو، مـارڳ، چونڪـو، انگوڇو، لانگوٽو، انگرکو، پنٽ.

3. هنڌوءِ جي (هنڌڪي): وَهي، بندِي، هَٽي، مڙهي، ڪُٽيا، پوٽي، پوچا، جاد، چوٽي، ڏوتي، پڳڙي.

هنڌ

1. هنڌ جو: وهاٽو، ويڙهيو، وچايو، گاديلو، ٽوال، چن ڏيو، ڦوڪيو، ميرو، سبيو، سيج بند.

2. هنڌ جي: ڪٽ، چَپَر ڪٽ، چادر، طول، پٽراٽي، رڪي، سوڙ، مهاري، چَهَر، رضائي، ڪپهه، فراسي، صفائي، اچائي.

Gul Hayat Institute

پاڳو پيو

سُرن وار ڳجهارتون

هن پاڳي ۾ جملي ڳجهارتون جداجدا بابن هيٺ ورڇي رکيون ويون آهن. هرهڪ ڳجهارت 'ڏيٽي'، 'پيڇي' ۽ 'پاون' سميت هيٺينءَ ترتيب موجب لکي ويئي آهي: پهريائين ڳجهارت جي 'ڏيٽي' نروار ڪري ان ۾ 'پاوا' ڇڻيا ويا آهن، ان بعد پاوَن مان هرهڪ 'پائي' جي پيڇي ۽ انهن پيڇين مَان ٺهندڙ لفظ ۽ انهن جون معنوي صورتون ڏنيون ويون آهن، ان کان پوءِ سڄي ڪيل ڳجهارت يا سڄي پيڇي ڏني ويئي آهي.

پهرئين باب ۾ قدرت جي ساراهه ۽ قدرت طرفان معجزن نبين، ولين ۽ درويشن بابت ڳجهارتون رکيون ويون آهن. اهي ڳجهارتون 'مٿين سُرن واريون' يا 'حقاني' جي عنوان سان مشهور آهن. ٻئي باب ۾ تاريخي واقعن متعلق ڳجهارتون ڏنل آهن. ٽئين باب کان پوءِ عشقيه قصن ۽ داستانن تي ٻڌل ڳجهارتون جداجدا بابن هيٺ ڏنيون ويون آهن. ان بعد رسالي جي سُرن، مجاز، سورهيائي، هدايت ۽ نصيحت واريون ڳجهارتون سلسليوار شامل ڪيون ويون آهن.

Gul Hayat Institute

قدرت جي ساراهه

باب پهريون

'متين سُرن' واريون يا 'حقاني' گنجهارتون

[1]

بن نالن وچ ۾ **ڪاٺ** جي ٽئي ڪانہ ميان.

بہ نالا= هڪ عرش، ٻيو فرش. ڪاٺ جي= چاڑهي.

عرش فرش وچ ۾، چاڑهي ٽئي ڪانہ ميان.

[2]

تنهنجي **گهمئي** آءُ نہ پڃاڻ، جو ٿو **نالو** ڏين **نرنانءَ** کي.

گهمئي>گهمڻ=وڙڪڻ>وَڙڪيو>وڙ + ڪيو.

نالو= پِروز>روز. نرنان= خالق، خلق.

تنهنجي وَڙ ڪئي آءُ نہ پڃان، جو ٿو روز ڏين خلق کي.

[3]

اها **پنهنجي** آهي **نرنانءَ** کي، جنهن **مال جن** ۾ **ڪاڇ** وڏو.

پنهنجي= قدرت. نرنان= خاوند. مال جن=

ٽڻ>تڻن. ڪاڇ= ڪير.

اها قدرت آهي خاوند کي، جنهن تڻن ۾ ڪير وڏو.

نڪتہ

[4]

ڪاٺ شهر جو نالو ٽيو، سو **جُر جو** ٽيوئي ڪونہ.

ڪاٺ جو= ڪتبُ> قطب. شهر جو=

اوتارو>تارو. نالو=اِپريو>اُپريو. جر جو= لڙ.

قطب تارو اُپريو، سو لڙ ئي ڪونہ.

[5]

نالو پنهنجي جاءِ، **ڪاٺ راند جي** تنهن کي.

نالو= قطب. ڪاٺ جي= ڪٺ. راند جي=

ڦيري>ڦِري.

قطب پنهنجي جاءِ، ڪٺ ڦِري تنهن کي.

Gul Hayat Institute

[6]

هڪ **نرنان نالي** مٹان، مون **ڪاڻيءَ جي** ڦرندي ڏٺي،
هي به **نرنان نالي** مٹان، مون **ڪاڻيءَ جي** ڦرندي ڏٺي،
ٽي **نار نالي** اڇيان، مون **ڪاڻيءَ جي** ڦرندي ڏٺي.
نرنان= قطب. نالو= تارو. ڪاڻيءَ جي= ڪٺ.
نرنان= سمند. نالو= دريا خان>درياءُ.
ڪاڻيءَ جي= ٻيڙي. نار= مسيت. نالو= دُرُو>
دَرو>در. ڪاڻيءَ جي= تسبيح.
هڪ قطب تاري مٹان مون ڪَٺ ڦرندي ڏٺي،
هي سمند درياءُ مٹان مون ٻيڙي ڦرندي ڏٺي،
ٽي مسيت در اڇيان مون تسبيح ڦرندي ڏٺي.

[7]

جيئڙ سي ڄمار، اَن جي ڏٺي ڪانڪا.
جيئڙ= يَڙُون. اَن جي= ڪَتي.
يَڙُونءَ سي ڄمار، ڪَتي ڏٺي ڪانڪا.

[8]

جيت ڇئي، الله! مون کي متيءَ جي ملاءِ.
جيت= وِڇون. متيءَ جي= ڪَتي.
وِڇون ڇئي، الله! مون کي ڪَتي مِلاءِ.

عزازيل

[9]

نالي، نالي کي شهر نہ ڪيو، تڏهن پوک جي ٽي ويو.
نالو= عزازيل. نالو= آدم. شهر= جِدو>سجدو.
پوک جي= تَڙ>تڙجي.
عزازيل، آدم کي سجدو نہ ڪيو، تڏهن تڙجي ويو.

[10]

نرنان، پوک ڪپڙ جو ڪري، مال جو ٽي ويو.
نرنان= عزازيل. پوک جو= تڪ + ڪپڙ جو=
بر>تڪبر. مال جو= تڙيو>تڙجي.
عزازيل، تڪبر ڪري تڙجي ويو.

Gul Hayat Institute

[11]

مرد نالي ساز هو، **ڪپڙي جو** ڪيائين تہ **نرنان** ٽي پيو.

مرد نالي= عزيٰ + ساز= زيل. ڪپڙي جو=

بر>تڪبر. نرنان= شيطان.

عزازيل هو، تڪبر ڪيائين تہ شيطان ٽي پيو.

اسرافيل

[12]

نرنان، ذات ڪنئي، پر **پنهنجي** تہ نہ.

نرنان= اسرافيل. ذات= نفيل. پنهنجي= قُوڪ> قوڪي.

اسرافيل نفيل ڪنئي، پر قوڪي تہ نہ.

عزرائيل

[13]

ولايت-ڏون آيو نالو، جنهن اچي **پوک جي** ڪئي.

ولايت= عرش. نالو= عزرائيل. پوک جي= گهُٽ.

عرشئون آيو عزرائيل، جنهن اچي گهُٽ ڪئي.

حضرت آدم عليه السلام

[14]

نالو ۽ نارنان، پوک، ان ۽ ست جي ڪري، **شهر** مان **ذات** ٽي ويا.

نالو= آدم. نارنان= حوا. پوک= ڪٽڪ.

اَن (جو)= داڻو. ست جي= ڪاهي>ڪائي.

شهر= بهشت. ذات= لوڏي>لوڏجي.

آدم ۽ حوا ڪٽڪ جو داڻو ڪائي، بهشت مان لوڏجي ويا.

Gul Hayat Institute

[15]

نرنان، ملڪ تي **علم** جي ڪئي،

نرنان، نالو ڪري **حاڪم جي** ڏني.

نرنان= حضرت آدم. ملڪ= عرفات. علم جي= توبہ.

نرنان= قادر. نالو= قبول. حاڪم جي= معافي.

حضرت آدم عرفات تي توبہ ڪئي،

قادر قبول ڪري، معافي ڏني.

هابيل ۽ قابيل

[16]

نالو ۽ نرنان، شهرئون اڳي هئا.

نالو= هابيل. نرنان= قابيل. شهر= سال.

هابيل ۽ قابيل، (ڪئين) سال اڳي **هئا**.

حضرت نوح عليه السلام

[17]

ڪاڻ، نالي ذات جي، نرنان، جرجن مان **عورت** ڪئي.

ڪاڻ جي= ڪشتي. نالو= نوح. ذات= نبي.

نرنان= قادر. جرجن= لهرين. عورت= بچائي.

ڪشتي، نوح نبيءَ جي، قادر لهرين مان بچائي.

[18]

نالي هينئن **ذات، نرنان** ڦابو ڪئي.

نالو= ڦوٽو. ذات= ريڊار. نرنان= قادر.

ڦوٽي هينئن ريڊار، قادر ڦابو ڪئي.

هاروت ۽ ماروت

[19]

نالو ۽ نرنان، ٻئي ولايت ويا.

نالو= هاروت. نرنان= ماروت. ولايت= **ڪنعان**.

هاروت ۽ ماروت، ٻئي ڪنعان ويا.

[20]

نالو ۽ نرنان، ڪپڙي جي ڪيئن **ذات** ٿيا؟

نالو= هاروت. نرنان= ماروت. ڪپڙي جي=

اُبت>اُبتا. ذات= ٽنگوڙي>ٽنگيا ڙي.

هاروت ۽ ماروت، اُبتا ڪيئن ٽنگيا ڙي؟

حضرت ابراهيم عليه السلام

[21]

نرنان گهڙيو **جهنگ** ۾، **نار** کي **نرنان** لڳو.

نرنان= حضرت ابراهيم. جهنگ= آڙاهه. نار=

بيبي ساران. نرنان= نورنگ>نئون + رنگ.

حضرت ابراهيم گهڙيو آڙاهه ۾، بيبي ساران کي نئون رنگ لڳو.

Gul Hayat Institute

[22]

نرنان کي پنهنجو آيو، تہ اُٿي **نار نالي** ڪر.

نرنان= خليل. پنهنجو= آواز. نار نالي= قرباني.

خليل کي آواز آيو، تہ اُٿي قرباني ڪر.

[23]

اي **نالا!** ڪر **پکي** جو، **نالي** کي تہ **ذات** ٽئين.

نالو= ابراهيم. پکي جو= ڪُهڻ>ڪُهہ.

نالو= اسماعيل. ذات= ڪسر>ڪثر.

اي ابراهيم! ڪُهہ اسماعيل کي تہ ڪثر ٽئين.

[24]

نالي ۽ **نرنان** کي، **نماز جي**ءَ ۾ اچي **ڪاڻ جو** ڏنائون.

نالو= ابراهيم + نرنان= خليل. نماز جي= تڪبير.

ڪاڻ جو= دُنبو (پچر).

ابراهيم خليل کي تڪبير ۾ اچي دنبو ڏنائون.

حضرت يوسف عليه السلام ۽ بيبي زليخا

[25]

نالي ۽ **نرنان** کي، **پنهنجن ٽڙ** ۾ **ڪاڄ** جو ڪيو،

پوءِ وڃي **شهر** ۾ **عيبدار** ٽيو، جو **نار نان مال جو** ڪيو.

نالو= حضرت + نرنان= يوسف. پنهنجن= پائرن.

ٽڙ= ڪوهہ. ڪاڄ جو= وڏيو>وڏو. شهر= مصر.

عيبدار= ڪاڻو>وڪاڻو. نارنان= بيبي زليخا.

مال جو= خريدڻ>خريد.

حضرت يوسف کي، پائرن ڪوهہ ۾ وڏو،

پوءِ وڃي مصر ۾ وڪاڻو، بيبي زليخا خريد ڪيو.

[26]

پکي ڏٺم، ڏي جيڏيون! تہ **نرنان، ولايت** ۾ آيو.

پکي= سرخاب>اَسر + خواب. نرنان= يوسف.

ولايت = مصر.

اسُر خواب ڏٺم، ڏي جيڏيون! تہ يوسف مصر ۾ آيو.

Gul Hayat Institute

[27]

نارنالي! پنهنجي ۾ نرنان، ڏنو هوءِ، تہ پنهنجو ڪرين ها.

نار نالو= زليخا. پنهنجو= خواب. نرنان= يوسف.

پنهنجو= هوش.

زليخا! خواب ۾ يوسف ڏنو هوءِ، تہ هوش ڪرين ها.

[28]

نار، نالي کاڻ، مٽيءَ جي ٽي پيئي.

نار= زليخا. نالو= يوسف. مٽيءَ جي= چَري.

زليخا، يوسف کاڻ، چري ٽي پيئي.

[29]

کامڻ نرنان کي، مٽيءَ جي ۾ ڪپڙي جو ڏنو.

کامڻ= زليخا. نرنان= يوسف. مٽيءَ جي= ڪوئي.

ڪپڙي جو= چاڪ.

زليخا، يوسف کي ڪوئيءَ ۾ چاڪ ڏنو.

[30]

پنهنجي تہ پنهنجو، پنهنجو نرنانءَ جو هو،

پنهنجي= سنگهہ>سُنگهان. پنهنجو= سُرهو.

پنهنجو= پگهَر. نرنان= يوسف.

سُنگهان تہ سُرهو، پگهر يوسف جو هو.

حضرت موسيٰ عليه السلام

[31]

نالي تنهن نرنان کي، پکي جو فقير جيءَ تي ولايت مان نالي پولي ايندو هو.

نالو= موسيٰ. نرنان= دوست خدا. پکيءَ جو= تور>طور + فقير جي=

سين>سينا= طور سينا. ولايت= الست. نالو= هاتف>هاتفي. پولي=آواز.

موسيٰ دوست خدا جي کي، طور سينا تي الست مان هاتفي آواز ايندو هو.

[32]

نرنان نالي جو پکيءَ جي وکر تي،

باهہ نالي، جو ڏسي، ذات کاڻ جو ٽي ويو.

نرنان= حضرت موسيٰ. نالو= دوست خدا.

پکيءَ جو= تُور>طور +وکر=سَنا>سينا=

Gul Hayat Institute

طور سينا. باهه جو= تجلو. نالو= نور. ذات= فنا.
ڪاڻ جو= لاهه>في الله.
حضرت موسيٰ دوست خدا جو طورسينا تي،
تجلو نُور جـــو ڏسي، فنا في الله ٿي ويـــو.

[33]

نرنالي مٿي پوک جي، ڪپڙي جي ڏني.
نالو= موسيٰ. پوک= توريو>تُور>طور.
ڪپڙي جي= جهلي>تجلي.
موسيٰ مٿي طور جي تجلي ڏني.

[34]

نرنانءَ ڪي مرض ڏسي مال جو ٿيو، جو ولايت ۾ ويو.
نرنان= قارون. مرض= گنج. مال جو= مَٽو.
ولايت= تحت الثريٰ.
قارون کي گنج ڏسي مٽو ٿيو، جو تحت الثريٰ ۾ ويو.

حضرت خضر عليه السلام

[35]

نالي ۽ نرنان کي جر جون ڏنائين.
نالو=خواجه +نرنان= خضر. جَرَ جون= موجون.
خواجه خضر کي موجون ڏنائين.

Gul Hayat Institute

[36]

نالي ۽ نرنان کي، پنهنجي پويئي ڪانه.
نالو= خواجه + نرنان= خضر. پنهنجي= ڪرَ.
خواجه خضر کي ڪَرَ پويئي ڪانه.

[37]

اي نالي نرنان! ڪاڻ جو پريو ڪپڙو ڪرين.
نالو= خواجه + نرنان= خضر. ڪاڻ جو= ٻيڙو>
ٻيڙا. ڪپڙو= غرقي>غرق.
اي خواجه خضر! ٻيڙا پريو غرق ڪرين.

حضرت دائود ۽ شداد

[38]

نرنان کي **جيت** نہ لڳي ها، تہ **نارنالي** ڏسي ها.

نرنان= شداد. جيت= کاريهر. نار نالي= جنت.

شداد کي کاريهر نانگ نہ کائي ها، تہ جنت ڏسي ها.

حضرت دائود ۽ بخت نصر

[39]

نرنان، شهر ۾ وڃي، **ذات سان قرآن جا** کيا.

نرنان= بخت نصر. شهر= بيت المقدس. ذات= بني اسرائيل. قرآن جا= مٹقال.

بخت نصر بيت المقدس ۾ وڃي، بني اسرائيلن سان مٹقال (وعدا) کيا.

حضرت سڪندر ذوالقرنين عليہ السلام

[40]

نالي، ذات آٹائي، **سا کاڻ** ٹي پيئي.

نالو= سڪندر. ذات= سامٹيا>سا +مِٹي.

کاڻ=پڑاڻي>ڪيپراڻي.

سڪندر، مٹي آٹائي سا ڪيپراڻي ٹي پيئي.

حضرت يونس عليہ السلام

[41]

نالي نرنان کي ميڇي جهنگ جو.

نالو=حضرت +نرنان= يونس. ميڇي= آسا.

جهنگ= ڳِٹو.

حضرت يونس کي آسا (ميڇيءَ) ڳِٹو.

حضرت سليمان عليہ السلام

[42]

نالي نرنان اڇئ **شهر** جوٗ پيڑو ٹيو، **ذات** وارن اڇي **پنهنجو** ڪيو.

نالو= حضرت +نرنان= سليمان. شهر جو= تخت. ذات= ديوَ، پريون. پنهنجو= سلام.

حضرت سليمان اڇي تخت پيڑو ٹيو، تہ ديون پرين اڇي سلام ڪيو.

حضرت زکریا علیہ السلام

[43]

نالي نرنان تي اوزار جر جو، تڏهن بہ شهر ٿيو.

نالي= حضرت +نرنان=زکريا. اوزار= ڪرڻ.

جر جو= وهيو>وڻهو. شهر= آراضي>راضي.

حضرت زکريا تي ڪرڻ وڻهو، تڏهن بہ راضي ٿيو.

حضرت لقمان

[44]

نالي ۽ نرنان، پنهنجي ۾ ڪو جر جو ڏنو.

نالو= لقمان + نرنان= حڪيم. پنهنجي= ڪوپري.

جر جو=ڏيڏر.

لقمان حڪيم، ڪوپريءَ ۾ ڪو ڏيڏر ڏنو.

حضرت محمد ﷺ

[45]

جڏهن نرنان جو نالو پيدا ٿيو، تڏهن ذات هئائي ڪونہ.

نرنان= رسول الله. نالو= نورو>نور.

ذات= مَلڪ>ملائڪ.

جڏهن رسول الله جو نور پيدا ٿيو، تڏهن ملائڪ هئائي ڪونہ.

[46]

نالي نرنان جو، ڪاڻ جو اڪ جي ۾، ڪيئن ڪپڑو هو.

نالو= نورو>نور. نرنان= نبي ﷺ. ڪاڻ جو=

ڪتب= قطب + اڪ جو= تارو= قطب تارو.

ڪپڑو= شال>سال.

نور نبي ﷺ جو قطب تاري ۾ ڪيئن سال هو.

[47]

جيڪو رچ مان پيدا ٿيو، سو آهي نالو وڪر جو.

رچ=تنور>نور. نالو= مرسل. وڪر= جاڻ>جهان.

جيڪو نور مان پيدا ٿيو، سو آهي مرسل جهان جو.

[48]

جڏهن نرنان شهر ۾ پوک جو، تڏهن ليکي جا رچ باهہ ٿيا.

Gul Hayat Institute

نرنان= محمد ﷺ. شهر= مڪو. پوک جو= ڄائو. ليکي جا= ڄوڏهن.ريڄ= طباخ>طباق> طبق. باهه= روشن.

جڏهن محمد ﷺ مڪي ۾ ڄائو، تڏهن ڄوڏهن ئي طبق روشن ٿيا.

[49]

جڏهن **نرنان** پيدا ٿيو، تڏهن **ذاتين جا عضوا ڪاڻي ڪاغذ** جا ٿيا.

نرنان= محمد رسول. ذاتين = ڪافرن. عضوا= بُتَ. ڪاڻي= ڀڳي>ڀڄي. ڪاغذ جا = پرزا.

جڏهن محمد رسول پيدا ٿيو، تڏهن ڪافرن جا بت ڀڄي پرزا ٿيا.

[50]

جڏهن **نر نالو** آيو، تڏهن **ذات نار نالي** اُتي **اَن جي** ڏني.

نر نالو= محمد. ذات= دايا>دائي + نار نالي= حليمان. اَن جي= واڌائي.

جڏهن محمد ﷺ ڄائو، تڏهن دائي حليمان اُتي واڌائي ڏني.

[51]

جڏهن **وڻ جو** پيدا ٿيو، تڏهن **اَن جي** لٽي عام تان.

وڻ جو= رس>رسول. ان جي= ڪاهي>اوڪائي.

جڏهن.رسول پيدا ٿيو، تڏهن اوڪائي لٽي عام تان.

[52]

شهر ڏي ڪيم **مال جي**، تہ **نرنان** پيو **باهه جا** ڪري.

شهر= مڪو. مال جي= مُهاڙ. نرنان= نورو> نور. باهه جا= تجلا.

مڪي ڏي ڪيم مُهاڙ، تہ نور پيو تجلا ڪري.

[53]

شهر ۾ **ولايت** ۾، **نرنان** ٿو سُجهي.

شهر= مڪو. ولايت= مدينو. نرنان= محمد ﷺ.

مڪي ۾ مدينو ۾، محمد ﷺ ٿو سُجهي.

[54]

نالي تنهن **نرنان** ڪي، **ليکي علم** جون سُٹايون، تڏهن به **نرنان نالي** تي نہ آيو.

Gul Hayat Institute

نالو= محمدﷺ. نرنان= ابوجهل. ليکي= هزارين.
علم جون= حديثون. نرنان= ابوجهل. نالو=
سلام>اسلام.
حضرت محمد ﷺ، ابوجهل کي هزارين حديثون سڻايون،
تڏهن بہ ابوجهل اسلام تي نہ آيو.

[55]

نرنانِ چيو **نرنان** کي، تہ **ولايت** هلنداسون.
نرنان= جبرائيل. نرنان= محمدﷺ. ولايت= معراج.
جبرائيل چيو محمد ﷺ کي، تہ معراج هلنداسون.

[56]

تاج جي رات هئي، **جانورن** ۾ لات هئي، **نرنان** ٿي **ولايت** ويو.
تاج جي= وڏائي>وڏي. جانورن= مرگهن (هرڻن).
نرنان= حضرت محمد ﷺ. ولايت = معراج.
وڏي رات هئي، مرگهن ۾ لات هئي، محمد ﷺ ٿي معراج ويو.

[57]

جڏهن **نرنان**، **نالي** کي **نالي** گهرايو،
تڏهن **نالي** کي **نالو** کيائين.
نرنان= الله تعالي. نالو= محمد. نالو=
مورج>معراج. نالو= عرش. نالو= عظيم.
جڏهن الله تعالي، محمد ﷺ کي معراج گهرايو،
تڏهن عرش کي عظيم کيائين.

[58]

جڏهن **نرنان** ٿي **نالو** کيو، تڏهن **نالو** ٿيو **نرنائن** ۾.
نرنانءِ= محمد ﷺ. نالو= مورج>معراج.
نالو= عيدو>عيدون. نرنائن= عرشن.
جڏهن محمد ﷺ ٿي معراج کيو، تڏهن عيدون ٿيون عرشن ۾.

[59]

پڇو **نالي** ءِ **نرنان** کان، تہ کيڏي هئي **نار نالي نرنان** جي.
نالو= عرش + نرنان= عظيم. نار نالي= عزت.
نرنان= رسول الله.
پڇو عرش عظيم کان، کيڏي هئي عزت رسول الله جي.

Gul Hayat Institute

[60]

نرنان، ولايت ۾ ڪي گھوڙي جا ھو.

نرنان= محمدﷺ. ولايت= معراج. گھوڙي جا= سال.

محمد ﷺ، معراج ۾ ڪي سال ھو.

[61]

عورت نالي تہ پاڻيءَ جو چاڑھيو، نالي پر نالو ئي نہ.

عورت نالي= ڪينا. پاڻيءَ جو= ڪُن>ڪُنو.

نالو= راڏو>رڏو.

ڪينا تہ ڪُنو چاڑھيو، پر رڏوئي نہ.

[62]

نرنان پئي حاڪيماڻي ڪئي، مال عضوي جي ڪاڻ.

نرنان= عڪاسہ. حاڪيماڻي= دعويٰ. مال جي=

مھر. عضوي جي= چُمي>چمڻ.

عڪاسہ پئي دعويٰ ڪئي، مُھر نبوت جي چمڻ ڪاڻ.

[63]

نرنان پنھنجيءَ سان، حاڪم جي ڏني.

نرنان= عڪاسہ. پنھنجي= حرفت. حاڪم جي=

مھر (نبوت).

عڪاسہ حرفت سان مھر نبوت ڏني.

[64]

نار ھئي نرنان جي، نر نالي ڏسي پنھنجون ڏنيون.

نار= مھر>مُھر. نرنان= محمدﷺ. نر نالو=

عڪاسہ. پنھنجون= چميون.

مُھر ھئي محمد ﷺ جي، عڪاسہ ڏسي چميون ڏنيون.

[65]

ڏس فاقيري نرنانءَ جي، جو نار لاءِ نرنان ڪي،

حاڪم جي ڪندو ويو.

فاقيري= ٻاجھہ. نرنان= محمدﷺ. نار= آمنت>

اُمت. نرنان= عزرائيل. حاڪم جي= پارت.

ڏس ٻاجھہ محمد ﷺ جي، جو اُمت لاءِ،

عزرائيل کي پارت ڪندو ويو.

Gul Hayat Institute

[66]

کپڑي ۽ ڪاڪ جو، ٻئي مرد مڙان.

کپڑي جو= چوسو>چوسا>چيو + اسان.

ڪاڪ جو= قلم>کلمون. مرد= محمد.

چئو سو کلمون محمد ﷺ مڙان.

[67]

ولايت ۾ نرنان ايندو، جو اچي حاڪم جي ڪرائيندو.

ولايت= محشر. نرنان= محمد ﷺ.

حاڪم جي= معافي.

محشر ۾ محمدﷺ ايندو، جو اچي معافي ڪرائيندو.

[68]

ذات کي زحمت لڳي، نرنانءَ ٿي شهر جي ڪئي.

ذات= مانک>مون کي. زحمت= ماندڪائي.

نرنان= محمدﷺ. شهر جي = ماڙي>ماڙ.

مون کي ماندڪائي لڳي، محمد اچي ماڙ ڪئي.

[69]

پڙهه علم ذات تي، تہ فقير جو ٿيئي.

علم جي= صلوات. ذات= سروري>سرور.

فقير جو= ثواب.

پڙهه صلوات سرور تي تہ ثواب ٿيئي.

[70]

نالي ۽ ٻن نانون جي، لوهه جي ٿيندياس،

نار نالي نرنانءَ چوي، پڪي مئي جو پيئندياس،

اتاهون لوهه جا وٽندياس، جتي عالم آسرو.

نالو= سهٽو. ٻ نانوَ= هڪ مرسل ٻيو مير. لوهه جي= گولي. نار نالي= رحمت. نرنان= رمضان، پڪيءَ جو= پر>پُر + مئي جو= پيالو>پيالا. لوهه جا= وَٽ.

سهٽي مرسل مير جي، گولي آن ٿيندياس،

رحمت مان "رمضان" چوي، پيالا پُر پيندياس،

اتاهون وٽَ وٽندياس، جتي عالم آسرو.

[71]

نالـــو ٿـي نرنان، مـــرض اٿـــر تنهنجو.

نالو= مدد، نرنان= مصطفيٰ. مرض= ڏڍ.

مـــدد ٿـــيءُ مصطفيٰ، ڏڍ اٿـــر تنهنجو.

[72]

الله ڪڃ نالو مون کي، شهر جي نرنانءَ جو.

نالو= پانڌي. شهر= مڪو. نالو= محمد.

الله ڪڃ پانڌي مون کي، مڪي جي محمدﷺ جو.

[73]

مٽيو آهي جيڏيون! ڪاٽ جو نرنان ڏي.

مٽيو = دل پاڪ. ڪاٽ جو = سل > مرسل.

نرنان= محمد ﷺ.

دل پاڪ آهي جيڏيون! مرسل محمد ڏي.

[74]

مال جي، نرنان جي مون کي نالو ڏيڪاري.

مال جي= ماڻڪي. نرنان= محمد ﷺ. نالو= ڏاتر.

ماڻڪي محمد ﷺ جي، مون کي ڏاتر ڏيڪاري.

[75]

شهر ڇڏي شهر ۾، وڃي مال جي ڏنائون.

شهر= مڪو. شهر= مدينو. مال جي= ماڻڪي.

مڪو ڇڏي، مديني ۾ وڃي ماڻڪي ڏنائون.

Gul Hayat Institute

[76]

شـهر منجهـ ويندياس، وڃـي نارنـان ٽيندياس،

مال نرنانءَ نالي جي، عضون سين ٻار جي ڪندياس.

شهر= مدينو. نارنان= حاجاڻي. مال= ماڻڪي.

نرنان= محمدﷺ. نالي= مير. عضون= چشمن.

ٻار جي= چمي.

مديني منجهـ ويندياس، وڃـي حاجـاڻي ٽيندياس،

مـاڻڪي محمـد مير جـي، چشـمن سـين چمنديـاس.

[77]

جڏهن **جبل** ڏنو هئي، تڏهن **ڪپڙي** جو ٻڌين ها.

جبل= لم لم. ڪپڙي جو= احرام.

جڏهن لم لم ڏنو هئي، تڏهن احرام ٻڌين ها.

[78]

شهرئون نڪتي **شهر** ويئي، **نالو** ڏسي موٽي آئي.

شهر= مڪو. شهر= مدينو. نالو= محمدﷺ.

مڪي مان نڪتي، مديني ويئي، محمدﷺ ڏسي موٽي آئي.

[79]

نالا گڏيا **نالن** کي، وڃي **نالو** ڏنائون،

پنهنجو مڃيائون، **مڙد** مڙئي **نالا** ٿيا.

نالا= حاجي. نالا=حاجي>حاجين. نالو= رضا>

روضو. پنهنجو= مرشد. مڙد= حق. نالو= حاصل.

حاجي گڏيا حاجين کي، وڃي روضو ڏنائون،

مرشد مڃيائون، حق مڙئي حاصل ٿيا.

حضرت علي ڪرم الله وجه

[80]

نالي جي **مال** جيءَ سان، **پوک** جي ٿي ويا.

نالو= حيدر. مال جي= هڪل. پوک جي=

ڏيڏڪي>ڏيهه + ڏڪي.

حيدر جي هڪل سان، ڏيهه ڏڪي ٿي ويا.

[81]

ذات نالي جهڙو ٿيوئي ڪنهن،

جنهن کان **فقير ساز** جو ويو ڪنهن ميان!

ذات= سخي. نالو= علي. فقير= سوالي. ساز= خالي.

سخي علي جهڙو ٿيوئي ڪنهن،

جنهن کان سوالي خالي ويو ڪنهن ميان!

Gul Hayat Institute

[82]

ڪاڪ جو نرنان جو، نالو وڻ جو ڪندو هو.

ڪاڪ جو= هندورو. نرنان= امام حسين. نالو= جبرائيل. وڻ جو= جهولو>جهولينڊو.

هندورو امام حسين جو، جبرائيل جهولينڊو هو.

[83]

پنهنجا، نارنان جا، وڻ جي نالو ٿيا.

پنهنجا= پٽ. نارنان= خاتونِ جنت. وڻ جي= ڇانئپ>ڇاپندي. نالو= ڇام.

پُٽَ، خاتونِ جنت جا، ڇاپندي ڇام ٿيا.

[84]

نالي ۽ نرنانءَ ڪي، **نارنان** ٿي **وڻ جا** ڏنا.

نالو= امام حسن. نرنان= امام حسين. نارنان= بيبي فاطمہ. وڻ جا= لاٽا>اولاٽا.

امام حسن ۽ حسين ڪي، بيبي فاطمہ ٿي اولاٽا ڏنا.

[85]

پنهنجا، پير ڪپڑ جي ذات جا نالا ٿيا، سي نارنان ڪي ڳهه جو ڪري ويا.

پنهنجا= پٽ. پير= پاڪ + ڪپڑ جي= دامن> پاڪدامن. ذات= سوريا>سورهيہ. نالا= ساماٽا.

نارنان= آمنت>اُمت. ڳهه جو= اُجار.

پٽ پاڪدامن جا سورهيہ ساماٽا، سي اُمت کي اُجاري ويا.

[86]

نالي ۽ نرنان جي، ڪا جاءِ ڪائي ڙي!

نالو= حسن. نالو= حسين. جاءِ= عرش.

ڪائي= آڏي.

حسن ۽ حسين جي، ڪا عرشئون آڏي ڙي!

Gul Hayat Institute

[87]

نرنان ولايت ويو، نارنالي ڪٽي عضوو ڪيو.

نرنان= حسين. ولايت= ڪربلا. نارنالي= حور.

عضوو= هنج.

امام حسين ڪربلا ويو، جنهن کي حورن ڪٽي هنج ۾ ڪيو.

[88]

جڏهن شهر ۾ چر جو ٽيو، تڏهن عورتن گهه مال جا ڪيا،

جر جن ۾ ماڻهوءَ جون پيون، ذات ملڪ ويا.

شهر= ڪربلا. چر جو= ڪوس. عورتن= حورن.

گهه جا= هار. مال جا= چنا>چِنا. جر جا=

يَن>اُين. ماڻهو جون= اوچنگارون. ذات=

اوڏکي>او + ڏکي. مُلڪ= ڏيهه.

جڏهن ڪربلا ۾ ڪوس ٽيو، تڏهن حورن هار چنا،

اُين اوچنگارون پيون، او! ڏکي ڏيهه ويا.

[89]

پاڻي جيڏ ۾ جيڏيون! ذاتين نالا مال جا.

پاڻيءَ جي= ڪرَ. جيڏ= بلا>ڪربلا.

ذات= ڪوفي>ڪوفين. نالا=امام. مال جا= ڪُنا.

ڪربلا ۾ جيڏيون! ڪوفين امام ڪُنا.

[90]

نرنانءَ کي لوهه جن ڪاٽ جو ڪري ڇڏيو،

تڏهن به شهر گهوڙي جي ۾، نالو مال جوئي ڪين.

نرنان= امام حسين. لوهه جن= تيرن. ڪاٽ جو=

تَرجو>ترچي. شهر= ڪربلا. گهوڙي جو= ميدان.

نالو= ڪوڏ>ڪوڏيو. مال جو= ڪٽڪيو.

امام حسين کي تيرن ترچي ڇڏيو،

تڏهن به ڪربلا ميدان ۾، ڪوڏيو ڪٽڪيوئي ڪين.

Gul Hayat Institute

[91]

جڏهن **نرنان شهر** ۾ **پکي** ٿيو، تڏهن **ذاتين بيني کاڄ جا** ڪيا.

نرنان= امام حسين. شهر= ڪربلا. پکي= شهيد.

ذاتيون= مَلڪ>ملائڪ. کاڄ جا= طعام>ماتام.

جڏهن امام حسين ڪربلا ۾ شهيد ٿيو،

تڏهن ملائڪن بيني ماتام ڪيا.

[92]

نرنان ولايت ويو، وري **راند جو نه.**

نرنان= امام حسين. ولايت= ڪربلا. راند جو=

موٽو (جُڳ)> موٽيو.

امام حسين ڪربلا ويو، وري موٽيوئي نه.

[93]

نرنانءَ نالي جي **پکيءَ** ۾ **کاڄ جو** ڏنو.

نرنان= حضرت عباس. نالو= امام حسين.

پکي= هنج. کاڄ= پساهه.

حضرت عباس، امام حسين جي هنج ۾ پساهه ڏنو.

[94]

نالو ۽ **نرنانءَ شهر** ۾ **شهر** ٿيا، پر **نالي مال جي** ڪيائون ڪين.

نالو= قاسم. نرنان= علي اڪبر. شهر= ڪربلا. شهر= شهد>

شهيد. نالو= ڪونڌر. مال جي= ڪُٽڪ>ڪٽڪيا.

امام قاسم ۽ علي اڪبر ڪربلا ۾ شهيد ٿيا،

پر ڪونڌر ڪُٽڪيا ڪين.

[95]

نرنانءَ سُٽ جا مال جا ۽ **نالي راند جي پکي** ٿيو.

نرنان= امام قاسم. سُٽ جا= ڳانا. مال جا=ٻَڌا.

نالو= شادي. راند جي= ويل. پکي= شهيد.

امام قاسم ڳانا ٻڌا ۽ شاديءَ ويل شهيد ٿيو.

[96]

نالي نرنانءَ ڪي **مال جي** لڳي، **زناور جر جو** ڪونه ڏنو،

مرڳو **لوهه جو هٿي پکي** ڪيو، **نرنان** اهو **مرض جو** سَنو،

ڏسي **جر ڏک جو، نرنان** پنهنجو ڪيو.

Gul Hayat Institute

نالو= علي + نرنان= اصغر. مال جي= اُڃ. زناور=
پليت. جر جو= پاڻي. لوهه جو= تير. پکي= شهيد.
نرنان= امام حسين. مرض جو= سُور. جر جو= ريلو.
ڏک جو= رت. نرنان= صابر>صابرين. پنهنجو= صبر.
علي اصغر کي اُڃ لڳي، پليتن پاڻي ڪونہ ڏنو،
مرڳو تير هڻي شهيد ڪيو. امام حسين اهو سور سَڻي،
ڏسي ريلو رت جو، صابرين صبر ڪيو.

[97]

نرنانءَ جي پنهنجي نالو حاڪم جي ٻڌي پنڌ جو ڪاڌيو،
تڏهن بہ وڪر علم جو ڪندو ويو.

نرنان= امام حسين. پنهنجو= پُٽ. نالو=
زين العابدين. حاڪر جو= قيد. پنڌ جو=
ڪشالو. وڪر= شڪر>شُڪر. علم جو= الحمدلله.
امام حسين جي پٽ زين العابدين، قيد ۾ ٿي ڪشالو ڪاڌيو،
تڏهن بہ 'شڪر الحمدلله' ڪندو ويو.

[98]

شهر ۾ مرض جا، نارنان ٿي مال جا.

شهر= ڪربلا. مرض جا= ڪڪرا.
نارنان= مادر. مال جا= ميڙيا.
ڪربلا ۾ ڪَڪرا، مادر ٿي ميڙيا.

Gul Hayat Institute

[99]

پنهنجي هجي نرنانءَ کي، جنهن نالي کي پکي ڪيو.

پنهنجي= لعنت. نرنان= شمر. نالو= امام حسين.
پکي= شهيد.
لعنت هجي شمر کي، جنهن امام حسين کي شهيد ڪيو.

[100]

شهر ۾ چمر جو ٿيو، مال جا تن نرنائن لاءِ!

شهر= ڪربلا. چمر جو= ڪوس. مال جا=
گهوڙا. نرنائن= گهوڻن.
ڪربلا ۾ ڪوس ٿيو، گهوڙا تن گهوڻن لاءِ!

[101]

ولايت شهر اي نرنان! وکر کي عضوو ڪيئي،
جنهن لاءِ نالي ڪائيءَ جي پئي ٻوليءَ جا ڪيا.

ولايت= ڪين. شهر=سرو>سرئي. نرنان= پليت.
وکر= ڪوئن>ڪوهه + اُن. عضوو= ران>حيران.
نالو= عرس>عرش. ڪائيءَ جي= ڪرسي. ٻوليءَ
جا= ماتام.

ڪينَ سريئي اي پليت! ڪوهه اُن کي حيران ڪيئي،
جنهن لاءِ عرش ڪُرسيءَ پئي ماتام ڪيا.

جُبير اصحابي رحہ

[102]

نرنان ڪُڙمڪو هو، جنهن پنهنجي راند جي ڪئي.

نرنان= جُبير (اصحابي). ڪڙمڪو= جُنگ.
پنهنجي = جنگ. راند جي= خاصي.

جُبير اصحابي تہ جُنگ هو، جنهن جَنگ خاصي ڪئي.

تميم انصاري رحہ

[103]

نرنانءَ ذاتين مان نڪري، ولايت ويو ڙي!

نرنان= تميم. ذات= انصاري. ولايت=تنگها.
تميم، انصارين مان نڪري، تنگها ويو ڙي!

Gul Hayat Institute

بيبي رابعہ بصري رحہ

[104]

نار نالي کي نرنانءَ ولايت ۾ گڏيو.

نار= بيبي رابعہ(بصري). نرنان= ڪعبو. ولايت= مصر.

بيبي رابعہ بصريءَ کي ڪعبو مصر ۾ گڏيو.

شيخ سُنيان رحہ

[105]

ڪامڻ نرنان کي ڪپڙي جو پئي ڪيو.

ڪامڻ= نيٽي. نرنار= سنيان. ڪپڙي جو= پليت.
نيٽين، سُنيان کي پليت پئي ڪيو.

فريدالدين عطار رحہ

[106]

نـــرنـــانءُ ولايـــت ۾ بينو پنهنجي كـــري.

نرنان= عطار. ولايت= فلسطين. پنهنجي=نصيحت.

عـــطـــار فلسطين ۾ بينو نصيحت كـــري.

بادشاهہ پير جيلاني رحہ

[107]

اي نرنالا! كا نالن كي اچي نالي كَر.

نرنالو= داتا دستگير. نالو= مريد. نالو= مدد.

اي داتا دستگير! كا مريدن جي آچي مدد كر.

[108]

اي نالا ۽ اي نرنان! پاڻيءَ واريون پرتيون اٽئي.

نالو= پير. نرنان= دستگير. پاڻيءَ واريون= واهيون>بيواهيون.

اي پير دستگير! بيواهيون پرتيون اٽئي.

[109]

آءُ فقير! ٽيءُ گهر جو، مان درياءَ جي ٽيان.

فقير= دستگير. گهر جو= اجهو. درياءَ جي= ڪنڌي.

آءُ دستگير! ٽيءُ اجهو، تہ مان ڪنڌيءَ ٽيان.

[110]

ڏسو فقير نرنان جو، جنهن ڪاڻ عورت جو،

لـــوهـــ جـــي منجهان، آن جـــو ڪـــري ڇڏيو.

فقيرجو=معجزو. نرنان=محي‌الدين. ڪاڻ جو= ٻيڙو. عورت= ٻيڙي. لوهہ جي= تار. آن جو= تارڻ>تاري.

ڏسو معجزو محي الدين جو، جنهن ٻيڙو ٻيڙيءَ جو، تار منجهان تاري ڇڏيو.

[111]

ٽيءُ نـالو نرنـانءُجـو، تـہ گهـہ مـال جـو ڪرئـي،

جيئـــن ولايـــت ۾ پنهنجـــو ٽيئـــي كونـــ.

Gul Hayat Institute

نالو=مريد. نرنان= محي الدين. ڳهه= والي. مال جو= وڙُ. ولايت= آخرت. پنهنجو= پولو.

ٽيءُ مريد محي الدين جو، ته والي وڙُ ڪرئي، جيئن آخرت ۾ پولو ٽيئي ڪونہ.

[112]

عورت رڇ جر جي ۾ ڪري نالو ڪاڇ، مٽيءَ جي ڏيئي مال جي ٽي، لاٽائين نرنان تان پنهنجي.

عورت= سهڻي. رڇ= گهڙي>گهڙي. جَر جي= سير. نالو= الله +ڪاڇ= تُهه>تهار= الله تهار.

مٽيءَ جي= سِر. مال جي= سرهي. نرنان= مرد. پنهنجي= ميار.

سهڻي گهڙي سير ۾، ڪري الله تهار، سِر ڏيئي سرهي ٽي، لاٽائين مرد تان ميار.

[113]

تون وئين شهر ۾، نر نالو ڏنئي، پوءِ ڪپڙي جي ڇو نہ ورتئي.

شهر= بغداد. نرنالو= دستگير. ڪپڙي جي= داوَن.

تون وئين بغداد ۾، دستگير ڏنئي، پوءِ داوَن ڇو نہ ورتئہ.

منصور حلاج رحہ

[114]

نالو چڙهي حاڪيماڻي تي، نالو نالو پيو چوي.

نالو= منصور. حاڪيماڻي= سوري. نالو= آئل+ نالو= حق>اَناالحق.

منصور چڙهي سوريءَ تي، 'اناالحق' پيو چوي.

[115]

جڏهن نرنان پولي چيائين، تڏهن مٽيو جر جو ٽي پيو.

نرنان= آئل+پولي= حق>اناالحق. مٽيو= پارس. جر جو= پلٽيو>پلٽجي.

جڏهن 'اناالحق' چيائين، تڏهن پارس پلٽجي پيو.

Gul Hayat Institute

شمس تبريز رحہ

[116]

نرنان نالو ڪيو، جنهن لاڻي **مال جي پنهنجن** تان.

نرنان= شمس. نالو= شاهي. مال جي= ڪل.

پنهنجن= لڳن.

شمس شاهي ڪئي، جنهن لاڻي ڪَل لڳن تان.

[117]

نالي نرنان ذات قبولي، **پنهنجي** ڏنائين.

نالو= شمس+ نرنان= تبريز. ذات= شر>

شرع. پنهنجي= ڪَل>ڪلڙي.

شمس تبريز شرع قبولي، ڪَلڙي ڏنائين.

[118]

نالي نرنانءَ جي وڻ مٿي ٽي **ڪاچ جي** پڪي.

نالو= شمس+ نرنان= تبريز>شمس تبريز.

وڻ= سورج. ڪاچ جي= ٻوٽي.

شمس تبريز جي سورج مٿي ٽي ٻوٽي پڪي.

قلندر شهباز رحہ

[119]

نرنان آيو **ولايت** مان، **شهر** ۾ اچي **راند جو** ڪيائين.

نرنان= قلندر شهباز. ولايت= مروَند.

شهر= سيوهڻ. راند جو= غوغاءُ.

قلندر شهباز آيو مروَند مان، سيوهڻ ۾ اچي غوغاءُ ڪيائين.

Gul Hayat Institute

[120]

ڪپڙ جو وجهي ڪائيءَ ۾، **فقير** ماريائون،

ويڇي ڏيکاريائون، **نالي ۽ نرنانءَ** ڪي.

ڪپڙ جو= گز. ڪائي= ڪمان. فقير= ملنگ.

نالو= قلندر. نرنان= شهباز.

گز وجهي ڪمان ۾، ملنگ ماريائون،

ويڇي ڏيکاريائون، قلندر شهباز ڪي.

ساجن سوائي رحہ

[121]

نالو نرنان آهي ٻنيءَ ۾.

نالو= ساجن+نرنان=سوائي>ساجن سوائي.

ٻنيءَ جو= ڪوئنچو.

ساجن سوائي آهي ڪوئنچي ۾.

شاھ قادري رحہ

[122]

نرنان ڳھ ڪاٺ وارو شھر ۾ آهي.

نرنان= شاھ قادري. ڳھ= روپو. ڪاٺ= در.

شھر= بدين.

شاھ قادري روپن درن وارو بدين ۾ آهي.

Gul Hayat Institute

باب ٻيو

تاريخي گجھارتون

ڪان سُجان

[123]

نار نالي! جھل پنھنجي نالي نرنانءَ کي،
جو ھال جن ۾ ٽو ڪاٺ جون ونسي.

نار نالي= گنگل راڻي. نالو= ڪانَ+
نرنان= سُجان. مال جون= گھٽيون.
ڪاٺ جون= ڪرايون.

گنگل راڻي! جھل پنھنجي ڪان سجان کي،
جو گھٽين ۾ ٽو ڪرايون ونسي.

[124]

ليکي کي سمجھاءِ، جو شھر جن تي ٻيھي، ڪاٺ جون ٽو وڻي.

ليکو= ٻ ۽ ٽي>ٻٽي>ٻيٽي. شھر جا= در>
درن، ڪاٺ جون= ٻانھون.
ٻيٽي کي سمجھاءِ، جو درن تي ٻيھي ٻانھون ٽو وڻي.

[125]

نالي نرنان! پنھنجيءَ کي ھٿ نہ لاءِ.

نالو= ڪان + نرنان= سُجان>ڪان سجان.
پنھنجي= ٻانھن.
ڪانَ سجان! ٻانھن کي ھٿ نہ لاءِ.

Gul Hayat Institute

[126]

نالا ۽ نرنان ڇوڙ، پکي رات مال جي.

نالا= رکان>ڪانَ. نرنان= سُجان. پکي= مٹنا>
مين + نُون. مال جي= گُجر>گُجري>گذري.
ڪانَ سجان ڇوڙ، مينون رات گذري.

[127]

اي ميان نرنانءَ! تون نرنان جھلين نہ پنھنجو پلين،
ھو نارنان پنھنجي سکيو، نرنان چنيو، نرنان ڪري،
تنھن کي نرنان، پنھنجو ڪيئن ڪندو!

نرنان= سجي ڪارياڻي. نرنان= ڪان سُجان.
پنهنجو= پٽ. نارنان= چگّي. پنهنجي= ڪار.
نرنان= هار. نرنان= گلزار>گل + ڏار.
نرنان= خاوند. پنهنجو= ڪمڙ>ڪمندو.
اي ميان سجي ڪارياڻي! تون ڪان سجان جهلين، نہ پٽ پلين،
هو چگّي ڪار سڪيو، هار چنيو، گل ڏار ڪري،
تنهن کي خاوند ڪيئن ڪمندو!

رام سيتا

[128]
سُٽ جو لڳو نرنانءَ کي ولايت ڏٺائين،
مرض جي ڪري نار کڻي، ليکي جي نيائين.
سُٽ جو= واجهہ>وجهہ. نرنان= ڏهيسر.
ولايت= سورت>صورت. مرض جي= سٽَ.
نار= سيتا. ليکي جي= سادِڪي>سا +دِڪي.
وجهہ لڳو ڏهيسر کي، صورت ڏٺائين،
سٽَ ڪري سيتا کڻي، سا دِڪيءَ نيائين.

[129]
نالي چيو نرنانءَ کي، نار رات ٻولي!
نالو= رام. نرنان= لڇمڻ. نار= سيتا.
ٻولي=گئڙي>گئي + ڙي.
رام چيو لڇمڻ کي، سيتا رات گئي ڙي!

Gul Hayat Institute

[130]
نر نالي جيت هڻائي، ڪامڻ تنهنجي ڪاڻ.
نر نالو= سڏاونت. جيت= سيرنگ>سرنگهہ.
ڪامڻ= شوڪنڪا.
سڏاوَنت سرنگهہ هڻائي، شوڪنڪا تنهنجي ڪاڻ.

[131]
نرنان، ٻولي ڪئي، شهر لُٽيو ڙي!
نرنان= هنومانُ. ٻولي= هاءِ. شهر= لنڪا.
هنومان هاءِ ڪئي، لَنڪا لُٽيوڙي.

افلاطون

[132]

پنهنجيءَ کان پوءِ، **نرنان پولي** ڪئي.

پنهنجي= تڪبير. نرنان= افلاطون. پولي=ڊال ڊال.

تڪبير کان پوءِ، افلاطون "ڊال ڊال" ڪئي.

نصوحو

[133]

نئين سج **نالو** جنهن جو، **ذات ۽ ڪپڙ** کاءِ،

هٿي **جر ڪاٺ جي** کي، ڏڃي نہ ڪنهن جي ڏاءِ،

رب اهڙو مالڪ آءِ، جو **جاءِ انڊو** ڪيائين اُن کي.

نالو= نصوحو. ذات=کوسا>کوسيو. ڪپڙ= ڪفن. جر جو= ڪاٺ. ڪاٺ جي= ساهمي>سامين.

جاءِ جو= طبقو>طبق. اَنڊو= بي روشن>روشن.

نصوحو نالو جنهن جو، کوسيو ڪفن کاءِ،

هٿي ڪاٺ سامين جا، ڏڃي نہ ڪنهن جي ڏاءِ،

رب اهڙو مالڪ آءِ، جو چوڏهن طبق روشن ڪيائين ان کي.

[134]

نرنان جنهن جو نانءُ، **جر جا جوڳين** کي هٿي.

نرنان=نصوحو. جر جا= ڪاٺ.

جوڳي= سامي>سامين.

نصوحو جنهن جو نانءُ، سو ڪاٺ سامين کي هٿي.

Gul Hayat Institute

[135]

اي **نالا! نرنانءَ** وٽي، **نار نالي** گهر، وري اڇي **گهر جو** ڏٺئي!

نالو= نصوحو. نرنان= ليکو>ليکو. نار نالي= رکي. گهر جو= مارنگ>رنگ.

اي نصوحا! ليکو وٽي گهر رکي، وري اڇي رنگ ڏٺئي!

[136]

نر نالي کي **نار** ملي، پوءِ وڃي **نرنان** ٿيو.

نر نالو= نصوحو. نار= صحت>نصيحت.

نرنان= حاصل>واصل.

نصوحي کي نصيحت ملي، پوءِ وڃي واصل ٿيو.

[137]

لوهه جي کي عورت نالي چا ڪندي.

لوهه جو= سوئو>نسوئو>نصوحو.

عورت نالي= هدايت

نصوحي کي هدايت چا ڪندي.

سڪندر بادشاهه

[138]

نالي جهڙو ذات ٿيوئي ڪونه،

نرنانءَ سان حاڪم جي ڪري، جنهن ملڪ نالي ڪيو.

نالو= سڪندر. ذات جا= سورهيه. نرنان= دارا.

حاڪم جي= لڙائي. مُلڪ= سنڌ. نالو= فتح.

سڪندر جهڙو سورهيه ٿيوئي ڪونه،

دارا سان لڙائي ڪري، جنهن سنڌ فتح ڪئي.

نوشيروان

[139]

نالو ماري نالي کي، سو ته نالو ڏي.

نالو= شتر. نالو= برشم. نالو= نوشيروان.

شتر ماري برشم کي، سو ته نوشيروان ڏي.

چچ

[140]

نرنان آيو نار ڪٽي ولايت ويو.

نرنان= چچ. نار= ڏيپ. ولايت= وَنئڪ.

چچ آيو ڏيپ ڪٽي وَنئڪ ويو.

هنود ڪاسائي

[141]

نالي ذات ولهه مال جا ڪريو، ٿي ڪاڇ جا ڪيا.

نالو= هنود. ذات= ڪاسائي. ولهه=دَمي>

آدمي. مال جو= ڪُهيو. ڪاڇ جا= پاپڙ>پاپ.

هنود ڪاسائيءَ آدمي ڪُهيو ٿي پاپ ڪيا.

Gul Hayat Institute

[142]

نرنان وڏيءَ **ذات** جو، **پوک جون** ڪري، ڪٽيو **پوک جا** ڪري.

نرنان= هنود. ذات= ڪاسائي. پوک جون= دميون>آدمي. پوک جا= پاڳا.

هنود وڏو ڪاسائي، جو آدمي کُهي ڪٽيو پاڳا ڪري.

دلوراءِ

[143]

نالي جي **نرنان** ۾، ڪنهن جي **نالي** رهي ٿي ڪانہ ميان!

نالو= دلوراءِ. نرنان= دُورو>دور. نالو= عزت.

دلوراءِ جي دور ۾، ڪنهن جي عزت رهي ٿي ڪانہ ميان!

[144]

ڪائي پڪين مٽان، تڏهن **نرنان**ءَ ڪُٽي ڦٽي ڪئي.

ڪائي= مُهري>موري (حڪومت). پڪين= مورن (ماڻهن). نرنان= دلوراءِ.

موري مورن مٽان، تڏهن دلوراءِ ڪٽي ڦٽي ڪئي.

چامر سمو سلطان

[145]

نالا اي نرنانءَ! نالن نانءَ ڦٽا ڪيا.

نالو= سمو> سما. نرنان= سلطان. نالو= باغ> باغن. نان= گُل.

اي سما سلطان! باغن گل ڦٽا ڪيا.

پُنرو بداماڻي

[146]

جڏهن تون ٽئين **نرنان**، تڏهن **شهر ملڪ** ٽيو.

نرنان= پُنرو. شهر= پانُ> پانُ. ملڪ= ڪاچو.

جڏهن تون ٽئين پُنرا، تڏهن ڪاچو پانُ ٽيو.

لاکو ڦلاڻي

[147]

پير مرد نڙ جا ڏڻي تـوڏي اچـن **رانـد جـون** ڪٽي،

ڪـــائي، مـــال جـــا تـــن ڪـــي ڏي.

Gul Hayat Institute

پيرمرد= لاکو. نڙ جو= لهرو>لهر. راند جون= کيڏون. ڪاني= ترت>تُرتئون. مال جا= ڏاوڻ>ڏاڻ.

لاکا لهر جا ڏٽي! تو ڏي اچن کيڏون ڪٽي،
تُرتئون تن کي ڏاڻ ڏي.

پريو گاروڙي

[148]

هُو جو **نرنان** آيو، سو **متيءَ جو** ڙي،
جيئڻ کي **واءَ جون** ڏي، سو تہ ڏسو ڙي!

نرنان= پريو + متيءَ جو= گارو>گاروڙي.
جيئڻ= نانگ. واءَ جون= واڇون.

هو جو پريو آيو، سو تہ گاروڙي،
نانگن کي واڇون ڏي، سو تہ ڏسو ڙي!

ڪملا ۽ پُورن

[149]

اي **نارنان**! **نرنان** چوڙ، اجهو **نرنان** آيو.

نارنان= ڪملا. نرنان= مدگر. نرنان= پورن.
اي ڪملا! مدگر چوڙ، اجهو پُورن آيو.

گوگو ڇهواڻ

[150]

نرنالو آيو **شهر** ۾، اچي **مال جا** ڏنائين.

نرنالو= گوگو. شهر= گرنار. مالَ جا= داغ.
گوگو آيو گرنار ۾، اچي داغ ڏنائين.

[151]

نرنان ولايتون اچي مون کي **مال جو** ڏنو.

نرنان= گوگو. ولايت= اروڙ>اروڙئون.
مال جو= هُدو.
گوگي اروڙئون اچي مون کي هُدو ڏنو.

Gul Hayat Institute

[152]

جتي **بار بلا جا** اٽڪيا، اُتي **نرنان ڪاني** ڪٽي ويو.

بار جو= آڙو + بَلا جو= منڊ>اَڙمنڊ. نرنان= گوگو. ڪاني= گوءِ.

جتي اَڙمنڊ اٽڪيا، اُتي گوگو گوءِ ڪٽي ويو.

دودو چنيسر

[153]

نرنان ذات کان **مال جو**، تڏهن **نرنان ڪاڻ راند جي**.

نرنان= چنيسر. ذات= مُٹا>مـاءُ. مال جو= پُـڇ> پڇيو. نرنانءُ= دودو. ڪـاڻ جو= پڳُ> پڳَ. راند جي= ٻڌي.

چنيسر ماءُ کان پڇيو، تڏهن دودي پڳَ ٻڌي.

[154]

نـرنـان مڇي چـاڙهـي **نـالـو** آيـو.

نرنانءُ=چنيسر. مڇي=چلي. نالو=عالادين.

چنيسر چـلـي چاڙهي عـالاديـن آيـو.

[155]

چـوري چـوري **ڪـک**، وڃـي **مسيت وارو** اُتاريو.

ڪک= سر>چنيسر. مسيت وارو= دين>عالادين.

چـوري چـوري چنيسر، وڃـي عـالادين اُتاريو.

[156]

نالي چيو **نرنانءَ** کي، ڏيئي **مال جو شهر** کي پوءِ **راند عضوي** ايناسين.

نالو= ننگر. نرنانءُ= پونگر. مال جو= داغ.

شهر= دلي. راند= وري. عضوو= تن>وطن.

ننگر چيو پونگر کي، ڏيئي داغ دلـيءَ کي وري وطن ايناسين.

[157]

نالي چيو **نرنان** کي، **پنهنجي عضون** ۾ پکي ٽيناسين.

نالو= ننگر. نرنانءُ= پونگر. پنهنجو= پيءُ.

عضوا= هٽ>هٽن. پکي= شهيد.

ننگر چيو پونگر کي، پيءُ جي هٽن ۾ شهيد ٽيناسين.

Gul Hayat Institute

[158]

نالو ۽ نرنان، پنهنجي لاءِ ويا،
پنهنجو ٿين ڪينڪي، مرڳو ذات ٿيا.

نالو= ننگر. نرنانءُ= پونگر. پنهنجو=پرچاءُ.
ذات= ماريجي>مارجي.

ننگر ۽ پونگر پرچاءُ لاءِ ويا،
پرچاءُ ٿين ڪينڪي مرڳو مارجي ويا.

[159]

نالو ۽ نرنانءُ، ٻئي ذاتي ذات ٿيا.

نالو= ننگر. نرنان= پونگر. ذات= معصوم.
ذات= ماريجيُ>مارجي.

نينگر ۽ پونگر، ٻئي معصوم مارجي ويا.

[160]

ڪاڻ مُلي جو، ٿو ڪاڇ جون گهُري.

ڪاڻ= آلو> آلا>عالا + مُلي جو= دين>عالادين.
ڪاڇ جون= مريون>سومريون.

عالادين ٿو سومريون گهري.

[161]

عورت چيو مرد کي، ڏي مال جو تہ منهنجو ٿَري جهيڑو وجي.

عورت= ٻاگهي. مرد= دودو. مال جو= سگّ> سگّ.
ٻاگهيءَ چيو دودي کي، ڏي سگّ منهنجو تہ ٿَري جهيڑو وجي.

[162]

رونشي جي چيو ذات کي، وڻ جي جهيڙي کي.

رونشي جي= ٻاگهي. ذات= پاٽيو>پائٽيو. وڻ جو= ٽار.

ٻاگهيءَ چيو پائٽيي کي، ٽار جهيڙي کي.

[163]

نرنانءُ ايندو، راند جي نہ ڏيندو،

نرنانءُ= دودو. راند جي=ٻاگهي.

دودو ايندو، ٻاگهي نہ ڏيندو.

[164]

چوري چوري ڪڪ، آندو مرد سيد جو،
توڙي مڙن لک، ذات نہ ڏيان هڪڙي.

ڪڪ= سر> چنيسر. مرد = علو>علاوُل +
سيد جو=دين=علاوالدين. ذات=سومرو>سومري.

چوري چنيسر، آندو علاوالدين کي،
توڙي مڙن لک، سومري نہ ڏيانءِ هڪڙي.

[165]

نالي چيو نرنانءَ کي، تہ پوک جي نہ ڏيندوسئين هڪڙي.

نالو= دودو. نرنانءُ= عالادين. پوک جي=
مِري>سومري.

دودي چيو عالادين کي، تہ سومري نہ ڏيندوسئين هڪڙي.

[166]

ستَ جون عالادين تي، ڳهہ ڪيون دودي.

ست جون=اُجلون. ڳهہ=جامڪي>جام +ڪيون.

اُجلون عالادين تي، جام ڪيون دودي.

[167]

نرنانءَ ٿي حاڪيماڻين ۾ ڪاڇ جون هنيون.

نرنانءُ= دودو. حاڪيماڻو= هنباريون.

ڪاڇ جون= مصريون.

دودي ٿي هنبارين ۾ مصريون (تلوارون) هنيون.

Gul Hayat Institute

[168]

حاڪم ذات جي لڳي، تي اوزار باهہ جا ڪيا.

حاڪم جي= جنگ. ذات جا= جونجهار. اوزار=
تراريون. باهہ جا= تجلا.

جنگ جهونجهارن جي لڳي، اتي تراريون تجلا ڪيا.

[169]

مال جن ۾ نرنانءُ، سو منهنجو ڏاند ڙي.

مال جون= ديميون. نرنانءُ= دودو. ڏاند=سوڙهو.

ديمين ۾ دودو، سو تہ سرهو ڙي.

[170]

نرنانءَ چيو ذات وارن کي، ڪٽو ڪاٺ جون، هلو ڪپڙجن ٿي، مون کي نرنائءُ ڏسي ٿو گاهه ٿئي.

نرنانءُ= عالادين. ذات= مغل. ڪاٺ جون= ڪرسيون. ڪپڙ جا= طنبو. نرنان= دودو. گاهه= سِيءُ.

عالادين چيو مغلن کي، ڪٽو ڪرسيون هلو طنبن ٿي، مون کي دودو ڏسي ٿو سيءُ ٿئي.

[171]

ڪئين مال جنگ جا آيا، پر نرنانءُ لوهه جا ٽيائي ڪين.

مال جي= ڪاهه>ڪاهي. جنگ جا= ڪٽڪ. نرنان= مانجهي. لوهه جا= مڑيا.

ڪئين ڪاهي ڪٽڪ آيا، پر مانجهي مڙيائي ڪين.

[172]

نرنانءُ، ذات مال جا ڪري، پوءِ پولي ٿيو.

نرنانءُ= چنيسر. ذات جا= ڪونڊر. مال جا= ڪُهاڻ>ڪهائڙ>ڪهائي. پولي= پشيمان.

چنيسر، ڪونڊر ڪهائي، پوءِ پشيمان ٿيو.

[173]

شهر ملڪ ٿيو، نرنانءُ مال جيئن ويا.

شهر= وِگهه. ملڪ= ويران. نرنان= ڪونڊرَ. مال جو= ڪسڙ>ڪُسي.

وِگهه ويران ٿيو، ڪونڊر ڪُسي ويا.

[174]

عورتون مال جون ٿيون، جن جا نالا ۽ نرنان مال جيئن ويا.

عورتون= رَنڍيون. مال جون= رُليون. نالا= ڪيهر. نرنانءُ= گهوٽَ. مال جو=ڪسڙ>ڪسي.

رنڍيون رُلي ويون، جن جا ڪيهر گهوٽ ڪُسي ويا.

Gul Hayat Institute

[175]

نالا! نالن جهل، ته پوک اَن جون ڏيانءِ.

نالن= سمو>سما. ذات نارين= سميون>

سامون. پوک جون= چليون. اَن جون= چاٽيون>چاٽي.

سما! سامون جهل، ته چَليون چاٽي ڏيانءِ.

[176]

اهو نار نانءَ راند جو ڪيو، نه ته شهر ملڪ نه ٽئي ها.

نارنانءَ = ٻاگهي. راند جو= ٻائيتال. شهر= وڳهه.

ملڪ= ويران.

اهو ٻاگهيءَ ٻائيتال ڪيو، نه ته وڳهه ويران نه ٽئي ها.

[177]

نارنانءُ ليڪي جو ڪيو، تڏهن نرنائن کي ڏڪ جا لڳا.

نارنانءُ= ٻاگهي. ليڪي جو= ٻائيتال. نرنائن= گهوٽن. ڏڪ جا= گهاءُ.

ٻاگهيءَ ٻائيتال ڪيو، تڏهن گهوٽن کي گهاءُ لڳا.

[178]

نار نڪتي شهر مان، پوک جي ڪندي ويئي،

نرنانءُ گڏيس ڪونڪو، تڏهن وڃي ڪپڙي پيئي.

نار=ٻاگهي. شهر=وڳهه. پوک جي=موڪي>

موڪلائيندي. نرنانءُ=دودو. ڪپڙو=سامر.

ٻاگهي نڪتي وڳهه مان، موڪلائيندي ويئي،

دودو گڏيس ڪونڪو، تڏهن وڃي سامر پيئي.

[179]

شهرٿون نڪتي نارنان، نالو نالو ڪندي ويئي،

نالو گڏيس ڪونه، وڃي ذات ڪپڙي پيئي.

شهر=وڳهه ڪوٽ. نارنان=ٻاگهي. نالو=دودو.

ذات=ابڙا>ابڙو. ڪپڙو= سامر.

وڳهه ڪوٽان نڪتي ٻاگهي، دودو دودو ڪندي ويئي،

دودو گڏيس ڪونه، وڃي ابڙي سامر پيئي.

Gul Hayat Institute

[180]

ذاتيون ۽ ڪامٽيون، نر نالي حاڪيماٽيون.

ذات= سما. ڪامٽيون= سومريون. نر نالو= ابڙو. حاڪيماٽي= سنيال.

سميون ۽ سومريون، ابڙي سنيالين.

[181]

ذاتيون ۽ ذاتيون نالي ڪاڪ جون.

ذات=سما>سميون. ذات=سومرا>سومريون.

نالو=اَبڙو. ڪاڪ جون = پالڪيون>پويان +لڪيون.

سميون ۽ سومريون، اَبڙي پويان لڪيون.

[182]

پولي هجي ذات ڪي، نالي اوزار ڪپڙي جون.

هولي= شاباس. ذات= اَبڙا>ابڙن. نالو= سومرو> سومرن. اوزار جون= سامون. ڪپڙي جون= جهليون.

شاباس هجي اَبڙن ڪي، جن سومرن جون سامون جهليون.

[183]

رڇ جي ڏيئي پنهنجي، سگ مارايائين پنهنجو.

رڇ جي= دلِي>دهلي. پنهنجي= دانهن. سگ= ياءُ.

دهلِيءَ ڏيئي دانهن، ياءُ مارايائين پنهنجو.

Gul Hayat Institute

[184]

نالي گاهه جا، ڪپڙي تي ذات.

نالو=ڏونگر. گاهه جا= پوٽا. ڪپڙو= ننگ. ذات= نهڙيا>نهوڙيا.

ڏونگر پوٽا، ننگَ نهوڙيا.

[185]

نالو شهر جي توچوي ميار جي، چنيسر!

نالو=راڄو>راڄ. شهر جي=مهاڃڻ. ميارجي=حيف. اڄ مهاڃڻ توچوي 'حيف چنيسر'!

[186]

ٻہ نرنانءَ کپڑ تئون وڑھيا،
شھر سڏي، وڃي پوک تي ٽيا.

ٻہ نرنان= دودو ۽ چنيسر. کپڑ= پگ. شھر= دلي. پوک جو= ڳاھ.

دودو چنيسر پگ تئون وڑھيا،
دلي سڏي وڃي ڳاھ ٽيا.

[187]

نالو ۽ نرنان، ٻئي نرنان هئا،
پروڙ ۾ پئي، پورهئي جي ۾ پنهنجا ٽيا.

نالو= دودو. نرنان= چنيسر. نرنان= دلبر.

وڙ جي=پاڙ>پاڙ. پورهئي ۾=خفا. پنهنجا=خون.

دودو ۽ چنيسر دلبر هئا،
پر پاڙ ۾ ٻين ته خفا خون ٽيا.

حمير سومرو ۽ گنگل راڻي

[188]

ٻن نالن جو کانڊ، ٻن نالن جي جوءِ،
پکي تي نالو هو، مڇي تنهن کان پوءِ.

ٻن نالن= حمير سومرو. ٻن نالن= گنگل راڻي

پکي= پيڙ. نالو= پوڙهي. مڇي= رڙي.

حمير سومري کانڊ جي هئي، گنگل راڻي جوءِ،
پيڙ کان پوڙهي ٽي، رڙي تنهن کان پوءِ.

اکبر بادشاھ

[189]

نالي جهڙو نالو ٽيو ئي کونہ،
جو شھر ۾ کپڑي جون کري ويو.

نالو= اکبر. نالو= حاکم. شھر= دھلي.

کپڑي جون= لوڏون.

اکبر جهڙو حاکم ٽيوئي کونہ،
جو دھليءَ ۾ لوڏون کري ويو.

Gul Hayat Institute

[190]

نرنان نار تي نالو ٿي پيو.

نرنان= اڪبر. نار=گانوَري. نالو=عاشق.

اڪبر گانوريءَ تي عاشق ٿي پيو.

[191]

ساز وڄي نرنانءَ سُٽي، ته منهنجي نارنان ڪٽي؟

ساز=اُپنگ. نرنان=اڪبر. نارنان=گانوَري.

اُپنگ وڄي، اڪبر سُٽي، ته منهنجي گانوَري ڪٽي؟

پيمجي جاڙيجو

[192]

نرنان ذاتين سين، مال جن تي پوڪ جا ڪيا.

نرنان= پيمجي. ذات=جاڙيجا. مال جن=ٺڪرن.

پوڪ جا= ڳاهه.

پيمجي جاڙيجن سين، ٺڪرن تي ڳاهه ڪيا.

مدد خان پناڻ

[193]

نرنانءَ جي مرض ۾، مال جي ٿي هئي.

نرنان= مدد. مرض= وارو>واري. مال جو= قَر>قُر.

مدد جي واري ۾ قُر ٿي هئي.

ميربجر

[194]

نالي ۽ نرنانءَ کي، وڻ جي ولايت ۾ لڳي.

نالو=ميربجر. نرنان= بجر. وڻ جي= ٽاري>ڪٽاري.

ولايت= ڪَچ.

ميربجر کي ڪٽاري ڪچ ۾ لڳي.

گامون سچار

[195]

نرنان چيو **نرنانءَ** کي، **انگ جن** کان مون **راند جا جر نالي** کان **عورت جا** ڪيا.

نرنان= گامڻ. نرنان= غازي. انگ جا= ڳٽڻ>اڳ ڳٽي.

راند جا= ٽپا>ٽپڙ. جر نالو= ڪٽور واهه. عورت جا=پار.

گامڻ چيو غازيءَ کي ته اڳ ڳٽيءَ کان مون ٽپڙ ڪٽور واهه کان پار ڪيا.

Gul Hayat Institute

ميائڻيءَ جي جنگ

[196]

نار چيو **نرنائ**ءَ کي، تہ **باھہ چمر جن** تي چڙھي، وجي **ذات** مٽيءَ جا ڪر!

نار= راڻي (وڪٽوريا). نرنان=جرنيل. باھہ= آگ. چمر جن= بوٽن>آگبوٽن. ذات= ٽالپور. مٽيءَ جا= بند.

راڻيءَ وڪٽوريا چيو جرنيل کي تہ آگبوٽن تي چڙھي، وجي ٽالپور بند ڪر!

[197]

جي **پنگ جا** ھٽن، سي **پوک جون** وجن، **مال جن** کوڻ کين ڏجن.

پنگ جا= ترا>ترار: پوک جون= ڪانھيون>ڪاھيو.

مال جن= گونرن>گورن (انگريزن)

جي تـــرار ھٽن سي ڪاھيو وجـــن، گـــورن کـــوڻ کين ڏجن.

دھي جي جنگ

[198]

نرنـــانءَ جـــي مـــن ۾ اچـــي **رانـــد** جـــو پيـــو،

عـورت ماري **گھہ جو** ڪري، آڻي مـون کـي ڏيـو،

تہ **ڪپڑ جي** لکي ڏيانوَ وجي **ذاتيـن** سـان ويھـو.

نرنان= شيرمحمد. راند جو=شوق..عورت=فلنگي.

گھہ جو=فتو>فتح. ڪپڑ جي=ڪچ>ڪُجھہ.

ذاتين=چانگن>چانگن.

شـــير محمـــد جـــي مـــن ۾ اچـــي شـــوق پيـــو،

تـہ فلنگـي مـاري فتـح ڪـري، آڻـي مـون کـي ڏيـو،

تـہ ڪجھہ لکـي ڏيـانوَ وجـي چـانگن سـان ويھـو.

Gul Hayat Institute

نڪرن ۽ انگريزن جي جنگ

[199]

لوھہ جا لڳا، اُت **پکي** چيپا، **اَن جن** مان کي **مال جا** پڳا،

سـي اَڏ **پنـڌ** لنگھـي ويـا، **وڻ** نـہ ڏنئـون **نرنـائن** بنـان.

لوھہ جا= ڪانَ. پکي= ڪانئر. اَن جن= پاندن.

مال جا= گونرا>گورا. وڻ=ھيرڻ>ھيءُ + رڻ.

نرنائن= جھونجھارن.

ڪانَ لڳا اُت ڪانئر چيپا، پاندن مـان کـي گـورا پڳـا،

سـي اَڏ لنگھـي ويا، ھيءُ رڻ نـہ ڏنئـون جھونجھـارن بنـان.

حُر تحريڪ

[200]

مال جن جي نار نالي ۽، نالا نالا ٿيا، نالو جن وکر ۽ نالو تنهن جو حاڪم جو.

مال جن= گونرن>گورن. نار نالو= صاحبان> صاحبي. نالا= حُرَ. نالا= ساماڻا. نالو= بچو. وکر= بادشاهڻ (مصري)> بادشاهه. نالو=پيرو. حاڪم جو= وزير.

گورن جي صاحبيءَ ۽ حر ساماڻا، بچو جن جو بادشاهه، ۽ پيرو تنهن جو وزير.

[201]

نالو ۽ نرنانءَ وجي ذات ٿيا.

نالو= بچو. نرنان= پيرو. ذات= پيلا>پلا.

بچو ۽ پيرو وجي پلا ٿيا.

[202]

ولايت مان نرنان آيو، جنهن اچي کير جا بند ڪيا.

ولايت= ڪلڪتو. نرنان=جرنيل. کير جا= ڏوها>بي ڏوها.

ڪلڪتي مان جرنيل آيو، جنهن اچي بي ڏوها بند ڪيا.

لاٽبٽ صاحب

[203]

ولايتؤن نرنان آيو، جنهن اچي حاڪم جي چالو ڪئي.

ولايت= لندن. نرنان= لاٽبٽ. حاڪم جي=بيگر.

لندَن ٿون لاٽبٽ آيو، جنهن اچي بيگر چالو ڪئي.

پير صاحب پاڳاري جي گادي نشيني

[204]

ذات نالو آيو، پوک جا لهي ويا.

ذات= پير. نالو= پاڳارو. پوک جا= لوڙها.

پير پاڳارو آيو، لوڙها لهي ويا.

Gul Hayat Institute

باب ٹيون

سُرائٹيون گجھارتون: باھريان عشقيه قصا

بانکو شاھ بھرام

[205]

نرنانءَ کتابن جو ذات ڏين مون،
نرنانءَ مٿي پُون، پيا نالا ذات ٽيا.

نرنان= محسن. کتابن جو= مذکور. ذات= معلم>معلومت. نرنان= پِريو. نالو= دانَه. ذات= دوڙيا>دوڙيا.

مُحسن، هن مذکور جي، معلومت ڏين مون،
پِريو مٿي پُون، پيا به دانهه دوڙيا.

[206]

ولايت کان نرنانءَ آيو، جنهن اچي مُئي جا ۽ گهوڙن جا ڏنا.

ولايت= چين. نرنان= بھرام. مُئي جا= پار. گهوڙن جا= چٹا.

چين کان بھرام آيو، جنهن اچي پار چٹا ڏنا.

[207]

ان نالي نرنانءَ ڏاريو ڇ ولايت ۾.

نالو=بانکو + نرنان= شاھ بھرام. ڇ= چونري. ولايت= چين.

اِن بانکي شاھ بھرام، ڏاري چونري چينَ ۾.

[208]

نرنانءَ مرون جيءَ ۾ ويو، اُتي کامڻ سان ڏُڏ جو ٽيو.

نرنان= شاھ بھرام. مرونءَ جي= چين>چين. کامڻ= گل اندام. ڏڏ جو=گڏڻ>گڏيو. شاھ بھرام چين ويو، اُتي گل اندام سان گڏيو.

[209]

ڇ، اِها کاڇ جي اٿئي، نرنانءَ جي مرض جي.

ڇ=بھڳ. کاڇ جي=باڦ. نرنان= ويرم ديو.

Gul Hayat Institute

مرض جي=وات (ٻراڙي).
ڀهڳڻ، اها ٻاڦ اٽئي، ويرم ديوَ جي وات جي.

[210]

نالي نرنانءَ کي ڏيهه ۾ لڏائون.

نالو=بانڪو + نرنان=بهرام. ڏيهه=مصر.
بانڪي بهرام کي، مصر ۾ لڏائون.

تاج الملوک

[211]

نرنانءَ توڪل ڪري، ڪاهي پيو مڇيءَ جيءَ ۾.

نرنان=تاج الملوک. توڪل= الله توهار.
مڇيءَ جي= ڏنڊ.
تاج الملوک الله توهار ڪري، ڪاهي پيو ڏنڊ ۾.

ممتاز دمساز

[212]

جڏهن نارنان آن جي ٽي، تڏهن نرنانءَ تي پنهنجو پيو.

نارنان=مهاسندر. آن جي=ڪري. نرنان=ممتاز.
پنهنجو=ڪشالو.
جڏهن مهاسندر ڪري ٽي، ممتاز کي ڪشالو پيو.

[213]

نالو نالي کي پنهنجو نہ ڏئي ها، تہ چو مرون ٿئي ها؟

نالو=ممتاز. نالو= دمساز. پنهنجو=علم.
مرون=باندر.
ممتاز، دمساز کي علم نہ ڏئي ها، تہ چو باندر ٿئي ها؟

[214]

ساز وڄي، نرنانءَ جاڳي، نارنانءَ ڪاٽي؟

ساز=پرتنگ. نرنان=ممتاز. نارنان=ماهہ طلعت.
پرتنگ وڄي، ممتاز جاڳي، ماهہ طلعت ڪاٽي؟

ليلي مجنون

[215]

ذات نند جي ۾ نالو، نرنانءَ ٻولي نالو ٿيو.

Gul Hayat Institute

ذات=ڪيس> قيس. نند جو=سهڻو(=خواب)
نالو=لڏو. نارنان= ليلىٰ. ٻولي=ڏسي.
نالو= مست.
قيس سهڻو لڏو، ليلىٰ ڏسي مست ٿيو.

[216]

مجنون **فقير** ٿيو، لڳس ليلىٰ جي **ذات**.
فقير= مست. ذات=لغاري>لغار.
مجنون مست ٿيو، لڳس ليلىٰ جي لغارَ.

[217]

نرنانءَ پنهنجي ڪاڻ جي ڪان، **جروڻ جي** ڪري، **عضوي** کان **ٻولي** ٿيو.
نرنان= مجنون. پنهنجي=ماءُ. ڪاڻ جو=در>
مادر. جر جي= موڪ +وڻ=لاٽي>موڪلاٽي.
عضوو=تن>وطن. ٻولي=دُور
مجنون مُادَر کان موڪلاٽي ڪري، وطن کان دُور ٿيو.

[218]

وکر مال جو ڪري، اِجهو **نرنانءَ** آيو!
وکر= ڪاتو>ڪاتئون. مال جو=پنڌ. نرنان=قيس.
ڪاتئون پنڌ ڪري، اِجهو قيس آيو!

[219]

وکر ڪري آيو هو، هُو **ڪاريگر**، ڙي **عورت**!
وکر=ڪوپرو>ڪو +پرو. ڪاريگر=سُڄيت.
عورت= ليلىٰ.
ڪو پَرو ڪري آيو هو، هُو سُڄيت، ڙي ليلىٰ!

[220]

ڙي نرنانءَ ٽي، ڙي ڏينهن، **ڪاڻ جي** ۾ **جر جو** ٿيو،
نارنانءَ آڻي، جنهن **ٻولي** ڪئي، تڏهن **نرنانءَ ڪاڻي جيءَ** مان **نالو** ٿيو.
ڙي نرنان= محب، مجنون، مبست. ڪاڻ جو=
هُرلو. جر جو=وَهيو. نارنان= ليلىٰ. ٻولي=
بَس. نرنان=مجنون. ڪاڻي جي=ڳاڏي.
نالو= چُڻو.

Gul Hayat Institute

محب مجنون مست تي، تي ڏينهن هرلي ۾ وهيو،
ليليٰ آئي، جنهن بس ڪئي، تڏهن مجنون ڳاڏيءَ مان چُتو.

[221]

نرنانءَ عضوو مرون جو چميو، چيائونس ته اي **نرنانءَ** تو چا ڪيو؟
چئي: هيءُ **مرون نارنانءَ** جي **متيءَ جي** ۾ **پولي پولڻ** ويندو هو.

نرنان= مجنون. عضوو= پير. مرون= ڪُتو.
نرنان= مجنون. نارنان= ليليٰ. متيءَ جي=
حويلي. پولي پولڻ= ڪڏهن ڪڏهن.

مجني پير ڪُتي جو چميو، چيائونس ته مجنا تو چا ڪيو؟
چئي: هيءُ ڪتو ليليٰ جي حويليءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويندو هو.

[222]

نرنانءَ منهنجي **نرنانءَ** ڪي، **نرنانءَ** چوين ڪيئن،
چيري وڻ واڻئي جو، تنهن ڪي **گاهه جون** هڻين ڪيئن!

نرنان= محب. نرنان= مجنون. نرنان= چريو.
چيري جو= ڪُل>عاقل. وڻ جو= پورُ.
واڻئي جو=اڪر>اڪرين. گاهه جون=ڪامون.

محب منهنجي مجني ڪي، تون چريو چوين ڪيئن،
عاقل پوري اڪرين، تنهن ڪي ڪامون هڻين ڪيئن!

[223]

پنهنجو ته ڪونهي، **مال جو** چئين ته ڏيان!
پنهنجو=رت. مال جو= ماس.
رت ته ڪونهي، ماس چئين ته ڏيانءِ!

Gul Hayat Institute

[224]

جيئن **نرنانءَ فقير ٿيو**، تيئن **نارنانءَ** ڪي به **ذات** هئي.
نرنان= مجنون. فقير=داس>اُداسي. نارنان=
ليليٰ. ذات= پيسڪ>به + سڪ.
جيئن مجنون اُداسي ٿيو، تيئن ليليٰ ڪي به سڪَ هئي.

[225]

نالي جو لڪائي ڏنئون، **وڪر** ويچاري ڪي.
نالو=لوڪو>لوڪئون. وڪر=وهه.
لوڪئون لڪائي، ڏنئون وهه ويچاري ڪي.

[226]

وکر پنهنجو ذات ٿيو، اجان پيو چمر جي ڪري.

وکر=وهِ. پنهنجو=پيءُ>پِي. ذات=خشڪ>

خوش. چمر جي = گهرڪڻ>گهرَ +ڪرڻ.

وهِ پِي خوش ٿيو، اجان پيو گهرَ ڪري.

[227]

توڙي اوزار هجي، ته به آءٌ راند جي وڃان.

اوزار=وهڪرو (سونارڪو اوزار، جنهن سان

ٽپو لڳي)> وهِ +ڪڙو. راند جو=پينگهوڙو>

پي + گهڙو.

توڙي وهِ ڪڙو هجي، ته به آءٌ پِي گهڙو وڃان.

[228]

شهر ۾ نرنان ۽ نالو ٿيو،

جنهن وکر ۾ ماڻهو ذات ٿين، تنهن مان هن مال جو ڪيو.

شهر= مصر. نرنان=مجنون. نالو= مست.

وکر= زهر. ذات=مري. مال جو= ڏوءُ.

مصر ۾ مجنون مست ٿيو،

جنهن زهر ۾ ماڻهو مري وڃن، تنهن مان هن ڏوءُ ڪيو.

[229]

مٽيون پيتر جن سان، ڪڙو تن پيان،

تهان پوءِ ٿيان، نالو تنهن نارنان ۽ جو.

مِٽيون= مصريون. ڪڙو= زهر. نالو=

مجنون. نارنان= ليلىٰ.

مصريون پيتر جن سان، زهر تن پيان،

تِهان پوءِ ٿيان، مجنون تنهن ليلىٰ جو.

[230]

اي ميان نرنان ۽! مُلڪ بينو سڏ،

آءٌ نارنان ۽ پوک جي ٿي اچان.

نرنان= مجنون. مُلڪ= اُپو. سڏ=هو>هُج.

نارنان= وَسندي>وَسَ. پوک جي= چَري.

اي ميان مجنا! اُپو بينو هُج، آءٌ وَسَ چري ٿي اچان.

Gul Hayat Institute

[231]

وَهتَ ٻولي ءَ لاءِ نرنان ءَ سُڪي حاڪيماڻو ٿي پيو.

وهتَ ٻولي= لئي لئي>ليلي. نرنان= مجنون.

حاڪيماڻو= ڪاڻ.

ليلي لاءِ مجنون سُڪي ڪاڻ ٿي پيو.

[232]

نرنان ڪاڻ ٿيو، پوڪ جن جهيڙا ڪيا.

نرنان=مجنون. ڪاڻ= بُندِ. پوڪ جن= وَلهين. جهيڙو=ويڙهه.

مجنون بُندِ ٿيو، ولهين ويڙهه ڪيا.

[233]

ڏس نالو نرنان ءَ جو، جو شهر ٿون وِيڙو آهي.

پرجي شهر ٿون ويڙو آهي، تہ ہ ڪپڙي جي ۾ بينو آهي.

نالو= مستي. نرنان= مجنون. شهر= هالا>

هالئون>حالئون. ڪپڙي جو= بر.

ڏس مستي مجني جي، جو حالئون وِيڙو آهي،

پر جي حالئون وِيڙو آهي، تہ ہ بر ۾ بينو آهي.

[234]

نالو چڙهيو نالي تي، تنهن کان پيو نار نالو گهري!

نالو=نندو(وَل). نالو=مجنون. نار نالو=ليلي.

نندو چڙهيو مجني تي، تنهن کان پيو ليلي گهري!

[235]

نالو چڙهيو نالن تي، وڻ جن اچي مِرون ءَ جو ڪيو،

تڏهن هن تي مرد نالي اچي عيب جو ڏريو،

ء نالي ذات اچي محنت جو هنيو،

تڏهن نرنان ءَ ڪٽي نار نار ڪيو.

نالو= نندو. نالا= ميرء مجنون. وڻ جن= وَلين.

مرون ءَ جو=ويڙهه. مرد نالي= شهباز.

عيب=ڪيرو>آڪيرو. نالو=ميرء. ذات=دايو.

محنت جو= ڪهاڙو. نرنان= مجنون.

نارنار= ليلي ليلي.

Gul Hayat Institute

نندو چڑهيو مير مجني تي، ولين اچي ويڑهه ڪيو،
تڏهن هن تي شهباز اچي آکيرو ڪيو،
ڀ مير ڏائي اچني کاڙو هنيو،
تڏهن مجني کڻي 'ليلئ ليلئ' ڪيو.

[236]

پکي نرنان متان وجي **ڏک جو** ڪيو.

پکي=شهباز. نرنان= مجنون. ڏک جو= کيرو>آکيرو.

شهباز، مجني متان وجي آکيرو ڪيو.

[237]

نالي ذات لوهه جو هنيو، پر **نرنانءَ پوک** جي به ڪانه ڪئي.

نالو= باغائي. ذات= بڻارو. لوهه جو= کاڙو.

نرنان= مجنون. پوک جي= کورڙ>کا +رڙ.

باغائي بڻاري کاڙو هنيو، پر مجني کا رڙ به ڪانه ڪئي.

[238]

لڳو ڪُتو کاڻ کي، **نرنان** ڪئي، **راڳ جي**.

ڪُتو=کاڙو(نالو ڪُتي جو). کاڻ= بُنڊ.

نرنان= مجنون. راڳ جي= لئي>ليلئ.

لڳو کاڙو بُنڊ ۾، مجني ڪئي، 'ليلئ'!

[239]

نالي نرنان چڏيئي متي تُ ڏِس!

نالو=جتو>جتي. نرنان= مجنون. متي=اُتي.

جتي مجنون چڏيئي، اُتي تُ ڏس.

[240]

نارنانءَ چيو ته **نرنانءَ مال** ڏيکار، نه ته **نرنان** جي ٽي ماري.

نارنان= ليلئ. نرنان=مجنون. مال=مينهن>مُنهن. نرنان=سڪندر>سڪ +اندر.

ليلئ چيو ته 'مجنا' منهن ڏيکار، نه ته سڪ اندر جي ٽي ماري.

[241]

نرنانءَ ذات پنهنجيءَ کي، **حاڪم جي** ڪئي،
پر **نارنانءَ نرنانءَ** تان **عضوي جي** نه ڪنئي.

Gul Hayat Institute

نرنان= قمر. ذات=قاضي. پنهنجي=ڏيءَ.
حاڪر جي=نصيحت. نارنان=ليلىٰ. نرنان=
مجنون. عضوي جي=دل.

قمر قاضي ڏيءَ کي نصيحت ڪئي،
پر ليلىٰ مجنيءَ تان دل ئي نه ڪئي.

[242]

جر جي لڳي نارنانءَ کي، تڏهن نرنانءَ لاءِ گهرَ جي ٿي.

جرَ جي= لهر. نارنان=ليلىٰ. نرنان= مجنون.
گهرَ جي= چَري.

لهر لڳي ليلىٰ کي، تڏهن مجني لاءِ چري ٿي.

شيرين فرهاد

[243]

پولي پنهنجو، هليو ڪٽي نالو نرنانءَ ڏي.

پولي= وني. پنهنجو=قول. نالو= ٽيڪر.
نرنان= جبل.

وني قول، هليو ڪٽي ٽيڪر جبل ڏي.

[244]

ڪري پنهنجي نرنانءَ جي، ذات ڏانهن ڪُتي،
نالي ڳاريو ڪاچ جو، ٿوريون ڪندي گاهه کي.

پنهنجي=آس. نرنان= الله. ذات=هلايو>هليو.
ڪُتو= جبل (نالو ڪتي جو). نالَو= مرد.
ڪاچ جو= ماهه. ٿوريون= پٽون. گاهه=پٽر.

ڪري آس الله جي، هليو ڏانهن جبل،
مرد ڳاريو ماهه، پٽون ڪندي پٽر کي.

[245]

تنهن نالي کي پنهنجي، جو پار جو ڪين رڇ کان.

نالو=فرهاد. پنهنجي=شاباس. پار جو=ڏڪڻ>
ڏڪيو. رڇ=ڏونگهو>ڏونگر.

تنهن فرهاد کي شاباس، جو ڏڪيو ڪين ڏونگر کان.

Gul Hayat Institute

[246]

مال کپڑي جا ويو، نالي تنهن نار لاءِ.

مال جا=ٽکر. کپڑي جا=ٽانڪا>

ٽاکيا. نالو=فرهاد. نار=شيرين.

ٽکر ٽاکيا ويو، فرهاد تنهن شيرين لاءِ.

[247]

عاشق **نرنانءَ کاٽ جو، کاڇ جي پنهنجي** ٻر.

نرنان=ڏونگر. کاٽ جو= ڏاريو. کاڇ جو=

شيرين. پنهنجو=شوق.

عاشق ڏونگر ڏاريو، شيرين جي شوق ٻر.

[248]

نارنانءَ شهر جي مان نڪري **نرنانءَ** ڏي ٽي ويئي.

نارنان= شيرين. شهر جي=سرحد. نرنان=فرهاد.

شيرين سرحد مان نڪري، فرهاد ڏي ٽي ويئي.

[249]

ڳالهه پنهنجي نار کي، **پکيءَ جي** مٽان **نرنانءَ** جي.

ڳالهه= سچي. پنهنجي=سڪ. نار=شيرين.

پکيءَ جو=ڦٽکو>ڦٽکي. نرنان=فرهاد.

سچي سڪ شيرين کي، ڦٽکي مٽان فرهاد جي.

[250]

مرض جو کيائون پنهنجو، فقير جو آچار ڪري هليا.

مرض جو=صدقو. پنهنجو=ساهه. فقير جو=نينهن.

آچار=نبيرو.

صدقو کيائون ساهه، نينهن نبيري هليا.

مل محمود ۽ مهرنگار

[251]

ولايت مان نرنانءَ آيو، جنهن شهر ٻاهران **حاڪم جو** ڪيو.

ولايت= مڪو. نرنان=مل محمود. شهر=

نيرون ڪوٽ. حاڪم جو=شڪار.

مڪي مان مل محمود آيو، جنهن نيرون ڪوٽ ٻاهران شڪار ڪيو.

Gul Hayat Institute

[252]

مال جون ڏسي، پنهنجو ڪيائين نرنانءُ تي.

مال جون=ڏاريون>ڏاريو. پنهنجو=
دهمان. نرنان=مل محمود.
ڏاريو ڏسي، دهمان ڪيائين مل محمود تي.

[253]

ڳَهه جي لڳي نار ڪي، جڏهن ڏنائين جبل جي نرنانءُ ۾.

ڳهه جي= لَنءُ. نار=مهرنگار. جبل جي=
مومياڻي>منهن مهانءِ. نرنان=مل محمود.
لَنءُ لڳي مهرنگار کيْ، جڏهن ڏنائين منهن مهانءِ مل محمود کي.

[254]

پڪي وچ پرجُوءِ، جنهن هنڌ نالا هونِ،
وڃي چئُو نالي روبروءِ، تہ ڪا شيءِ پنهنجو ڪاٺ تي ڪڏهن ڪين رکيوءِ.

پڪي= ڪاهو. پرجُوءِ= ڪهي. نالا=مل + محمود.
نالو=مل محمود. شيءِ=نگار. پنهنجو=پاسو.
ڪاٺ جو=پلنگ.

ڪاهاڻ! وچ ڪهي، جنهن هنڌ مل محمود هوءِ،
وڃي چئُو مل محمود کي روبروءِ،
تہ نگار پاسو پلنگ تي ڪڏهن ڪين رکيوءِ.

[255]

ونءُ نالا وَنءُ نرنانءُ، وڃي نرنانءُ کي چئجو،
تہ هيءَ جا نارنالي تنهنجي لاءِ تڙ تي بيني، سا ڪپڙي جو نہ ڏري.

نالا=رتو ۽ راڏو. نرنان=مرد. نارنالي=
مهرنگار. ڪپڙي جو= پاسو.

ونءُ رتا ۽ راڏا مرد، وڃي مل محمود کي چئجو،
تہ هيءَ جا مهرنگار تنهنجي لاءِ تڙ تي بيني، سا پاسو نہ ڏري.

[256]

نار سُٺ جو پنهنجي ۾ ڪپڙي جي سان نرنانءُ کي.

نار=نگار. سُٺ جو= نيو. پنهنجو=گهر. ڪپڙي
جو= برقعو. نرنان= مل محمود.
نگار نيو گهر ۾ برقعي سان مل محمود کي.

Gul Hayat Institute

[257]

نالو وڏائون جر جي ۾، تڏهن نارنالي جو پنهنجو ۾ شهر ٿيو.

نالو=خان. جر جو= کوهه. نار= مهرنگار. پنهنجو= سُک. شهر= ڳنو.

خان وڏائون کوهه ۾، تڏهن مهرنگار جو سک ڳنو.

[258]

علم جي ڪئي مرد جي جڏهن عضوو ڏنائين مرونءَ جي ۾.

علم جي= زير. مرد جو= زور. عضو= چنبو.

مرونءَ جو= چنبو.

زير ڪئي زور، تڏهن چنبو ڏنائين چنبي ۾.

[259]

عيب ڏسي عضوو، چور جو تنهن نرنانءَ کي.

عيب= انڊو. عضوو=هٿ. چور جو= پڪڙيو. نرنان=بهادر.

آنڊي ڏسي هٿ، پڪڙيو تنهن بهادر کي.

سيف الملوک

[260]

پکي آيو ڪاٺ جو ڪنيئين، نرنانءَ نالو ٿيو.

پکي= گرڙ. ڪاٺ جو=پاندو. نرنان= سيفل. نالو=جو (سب> جو +سبب.

گرڙ آيو پاندو ڪينئين، سيفل سبب ٿيو.)

[261]

هندڪو ڪاسبڪي تي، زحمت پيو ڪائي.

هندڪو=ساڻ>سعد. ڪاسبڪو=بٽو> بَٽُ. زحمت=ڦُلا (اکين جا).

سعد بَٽَ تي، ڦلا پيو ڪائي.

[262]

جر جون جر جي تي آيون هيون جڏهن،

پنهنجيون پنهنجون نرنان ليکي لڳيون هيون تڏهن،

هاڻي شهر ڪاريگر شهر ۾ ايندين جڏهن،

پنهنجو نالي جو ٿيندو تڏهن.

جر جون= اُپچرُون (اُپچرَ=جَرَ جو تانگھو
پاسو)> اُپچرائون. جر جو=تلاءِ. پنھنجيون=
دلڙيون. نرنان= سيف الملوڪ. ليکي جو=
گڏيو>گڏيون. ڪاريگر شھر= روغان.
ناٽي جو= ميڙائو.

اُپچرائون تلاءِ تي آيون ھيون جڏھن،
پنھنجون دلڙيون سيفل گڏيون ھيون تڏھن،
ھاٽي شھر روغان ۾ ايندين جڏھن،
پنھنجو ميڙائو ٽينڈو تڏھن.

[263]

جڏھن **جر جرن** تي اچين، تڏھن **ڏڻ مال جون** پسين،
نرنائن کان مٿي، جڏھن **شھر** وجين، **نارنان** ملئي تڏھين.

جر جرن= تڙن، تلائن. ڏڻ مال جو=پچڙُون>
اپچرائون. نرنائن=ديوَن. شھر=روغان.
نارنان= بديعل.

جڏھن تڙن، تلائن تي اچين، تڏھن اُپچرائون پسين،
ديون کان مٿي جڏھن روغان وجين، بديعل ملئي تڏھين.

[264]

نالو چوي **نرنان** کي، **ڪا نار نالي** هئي **نرنانءَ** ۾.
نالو=سيفل. نرنان=سعد. نارنالي= بديع الجمال.
نرنان=باغ.

سيفل چوي سعيد کي تہ 'ڪا بديعل هئي باغ ۾.'

[265]

نرنانءَ تيڏي باغ ۾، اِڪ **نرنانءَ** آيا،
ڪامٽي وس ڪري، **مال جيئن** سُور ويا.
نارنان= بديعل. نرنان=سوالي. ڪامٽي=چوڙيلي.
وَس=چت. مال جي=سانڊ (ڏاچي)> سانڊي.
بديعل تيڏي باغ ۾ اِڪ سوالي آيا،
چوڙيلي چت ڪري، سانڊي سُور ويا.

Gul Hayat Institute

[266]

ذات چگي، نالي مدي، ڪپڙ جن سان گڏي.

ذات چگي= پري. مدي=بدي>بديعل.

ڪپڙجن= ديون.

پري نالي بديعل، ديون سان گڏي.

[267]

هنن مُلڪ جن ۽ ذاتين کان، نارنانءَ ڇيري جي يلي.

مُلڪ جن=ديهن>ديون. ذاتين= پرين.

نارنان=بديعل. ڇيري جي=جوت.

هنن ديون ۽ پرين کان، بديعل جي جوت يلي.

[268]

هن ذات ۽ ذاتين کان، نارنانءَ ڇيري جي ڪٿ.

ذات= چنڊ. ذاتين=تيورا>تارن. نارنان=

بديعل. ڇيري جي= جوت.

هن چنڊ ۽ تارن کان بديعل جوت ڪٿ.

[269]

اي نار نرنانءَ! شهر تنهنجي شهر تي.

نار=بديعل +نرنان=جمال>بديع الجمال.

شهر=دلي. شهر=ڪچ.

اي بديع الجمال! دلي تنهنجيءَ ڪچ تي.

کامسين ۽ کامروپ

[270]

نرنانءَ پنهنجيءَ نارنانءَ لاءِ، ڪاسبڪي هولي ڪئي.

نرنان=کامسين. نارنان=کامروپ. ڪاسبڪي=

ڪَٽ. هولي=اُونڌي.

کامسين پنهنجيءَ کامروپ لاءِ، ڪٽ اُونڌي ڪئي.

هير رانجهو

[271]

واءَ جو ڪر ڪائن سان، نالي مِٽي ڙي.

واءُ=هير. ڪر=لُڏڻ>لُڏي. ڪائن=

هندورن. نالو=رانجهو. مٽي=واري.

هير لُڏي هندورن ۾، رانجهوءَ واري ڙي.

[272]

واءُ ڏڻ جن منجهه هئي، نرنانءُ ٽي ٻولي ڪئي.

واءُ=هير. ڏڻ جن=پينگهن. نرنان=رانجهو.

ٻولي=والار.

هير پينگهن منجهه هئي، رانجهو ٽي والار ڪئي.

[273]

وڪردا انگين وچ پيا نانءُ سڏائيندا ها.

وڪردا=رانجهن. انگ=هزار>هزارو.

نان=خانُو>خان.

رانجهن هزاري وچ پيا خان سڏائيندا ها.

[274]

واه وو نرنانءُ! مال دي ڪاڻي دا نانءُ.

نرنان=رانجهو. مال دي= چوڙي>چوڙيئي.

ڪاڻي دا=تختا>تخت. نان=هزاري>هزارو.

واه وو رانجها! چوڙيئي تخت هزارا.

[275]

نرنانءَ حاڪيماڻي ڪئي، نار نالي ڪاڻ.

نرنان=رانجهو. حاڪيماڻي= چڙهائي.

نار=هير. نالو=سيال.

رانجهن چڙهائي ڪئي، هير سيالڻ ڪاڻ.

Gul Hayat Institute

[276]

نرنانءَ! نارنانءُ جهنگ جو.

نرنان=الله سائين. نارنان=هير.

جهنگ جو=لاهه>لاءِ>ملاءِ.

الله سائين! هير ملاءِ.

[277]

نار کي نرنانءَ ولايت ۾ گڏيو.

نار=هير. نرنان=رانجهو. ولايت=باغ.

هير کي رانجهو باغ ۾ گڏيو.

[278]

نرنانءَ پِت زمين جي، پنهنجيون! نالو ذات آ.

نرنان=رانجهن. پِت جي=بنا. زمين جي=رُڇَ.

پنهنجيون=جيڏيون. نالو=جهنگلي>جهنگ.

ذات=سيال.

رانجهن بنا رُڇَ، جيڏيون! جهنگ سيال آ.

[279]

اي ذات نرنانءَ! حاڪيماڻا نه ڪر،

آءٌ عضوي نه نارنانءَ ڪاٺ جي.

ذات=قاضي. نَرنان=صاحب. حاڪيماڻا=قصا.

عضوو=هڪي>هڪ. نارنان=مجيدي>مجيندي.

ڪاٺ جيِ=سنئين.

اي قاضي صاحب! قصا نه ڪر، آءٌ هڪ بہ نہ مجيندي سنئين.

[280]

ذات جا تارين ڪُهسين، تہ نرنانءَ ميڏي ڪاٺ وڇون وڻ دي نہ ويسين.

ذات= قاضي. تارا=ڪتيون>ڪاتئين. نرنان=ماهي.

ڪاٺ دي=من. وڻ دي=مول (مُور).

قاضي! چا ڪاتئين نال ڪهسين، تہ بہ ماهي ميڏي من وڇون مول نہ ويسين.

[281]

نانءَ مرون، تَين ڪيها رب دا ڪيتا!

نان= ڪيڏو. مرون= ڪُتو. رب دا=قهر.

ڪَيڏوُ ڪُتا! تَين ڪيها قهر ڪيتا!

Gul Hayat Institute

[282]

عورت مرض وجئي، ڪيون نانءَ ڪيتا هئي ذاتيان ڪُون!

عورت= هير. مرض=اُپ ساهي>ساهه. نانءَ=

ڪالُو>ڪالا. ذاتيان=سيالان.

هيرِ! ساهه وجيئي، ڪيُون ڪالا ڪيتا هئي سيالين ڪون!

[283]

ذات والا مال دا، تيڪون نه هندوُ؟

ذات=ڪيڙا. مال دا=سِڪ>سَڳ. هندو=

واڻيا>وڻيا.

ڪيڙي والا سَڳ، تيڪون نہ وڻيا؟

[284]

نالو مَ نالي، نرنانءَ رڄ ۾.

نالُو=ڪيڙو. نالو=مومن>مون +من.

نرنان=رانجهن. رَڄُ=دلو>دِل.

ڪيڙو مَ مون من، رانجهن دِل ۾.

[285]

ڪاڇ ڪون وڏ دي گهتان، ميڪون ڏڏ دي ملي.

ڪاڇ=ڪيڏيون>ڪيڙو. وڏ دي=ڪوئر>

ڪُوهر>ڪوهه. ڏُڏ دي=مهي>ماهي.

ڪيڙي ڪون ڪوهه گهتان، ميڪون ماهي ملي.

[286]

اي نالا ذاتيون آڇ نہ مُئيءَ کي، ڪپڙي جا آڇين ڇو نہ ميان؟

نالو= ڇوڪ. ذات=ڪيڙا. ڪپڙي جا=

ڇاڪَ> ڇاڪر.

اي ڇوڪ! ڪيڙا آڇ نہ مئيءَ کي، ڇاڪر آڇين ڇو نہ ميان؟

[287]

جيٽ نہ ٽيوين ها، رڄ ڪپندا هئا نرنانءَ ميڏا.

جيت=ماڪوڙي>ماءُ +ڪُ +وڙي. رَڄ=

ڍِڪڙ. نرنان=ايوب>عيب.

ماءُ ڪوڙي نہ ٽيوين ها، ڍِڪڙ ڪپندا هئا عيب ميڏا.

[288]

اول تہ جنڊ جي، ذات هٿيارَ آهن پوءِ.

جنڊ جي=رانجهه>رانجهو. ذات=ڪيڙا.

هٿيار=ڪنو>ڪنا.

اول تہ رانجهو، ڪيڙا ڪنا آهن پوءِ.

[289]

نر نالي ڪپڙي جو ڪيو، پر نار نالي تہ نہ.

نرنالو=ڇوڪ. ڪپڙي جو=ڇاڪ>ڇاڪر.

نارنالي=لالي>حلالي.

ڇوڪ ڇاڪر بيهاريو، پر حلالي تہ نہ.

Gul Hayat Institute

[290]

نالي مين نون کائي ماري، مٽي مٽي عورت نہ.

نالو=رانجهو. کائي=چمڪ. مٽي مٽي=
چيڪي چيڪي>چڪي چڪي. عورت=جُٽي.
رانجهي مين نون چمڪ ماري، چڪي چڪي جُٽي نہ.

[291]

آڻي وڪر ڏي، توکي فقيرا گهه ڏيان.

وکر=رانجهن. فقير=جوگي. گهہ=ڪنديَ.
آڻي رانجهن ڏي، توکي جوگي! ڪنديَ ڏيان.

[292]

هڏڙي سامیءَ من ۾، جو اڇيو کاٽ جي پني.

هڏڙي=مڙ>کامڙ. کاٽ جي=ڏوئي>اوڏوئي.
کامڙ سامیءَ من ۾، جو اڇيو اوڏوئي پني.

[293]

آيس آس رکي ڪري، تنهنجي نالي تي،
توکي شل نرنالو ملي! مون کي ميوي جو ڏي.

نالو=اگڙ. نرنالو=مراد. ميوي جو=رَسڙ>ترسڙ.
آيس آس رکي ڪري، تنهنجي اگڙ تي،
توکي شل مراد ملي، مون کي ترسڙ ڏي.

[294]

تيڪون ملي آپٽي، ميڪون نانءُ ملاءِ.

اپٽي=مراد. نان=رانجهو.
تيڪون ملي مراد، ميڪون رانجهو ملاءِ •.

[295]

وڙ نالو تون، لاهہ عضوي جي حاڪيماٽي.

وڙ=ليار>مل +يار. نالو= ماهي. عضوو=
هينئون. حاڪيماٽي=ڀائي>مانداڻي.
مل يار ماهي تون! لاهہ هينئين جي مانداڻي.

• هير پنهنجي نڻان 'سهتي' کي چئي ٿي تہ: توکي مراد ملي، مون کي رانجهو ملاءِ.

Gul Hayat Institute

[296]

ذات ميڏا ڳهه، مين سودي دي ۽ راند دِي هان تيڏي.

ذات=عامل>آءُ+ مل. ڳهه=والي.

سودي دي= ٻولي. راند دِي= ٻڌِي.

آءُ مل ميڏا والي! مين ٻولين ٻڌي هان تيڏي.

[297]

هين تہ نرنانءُ، پر مرض نانءُ ڪيتوئي.

نرنان=شهزادو. مرض=عشق. نان=فقيرو>فقير.

هين تہ شهزادا، پر عشق فقير ڪيتوئي.

[298]

نرنانءَ! تيڏي ڪاٽ، نارنانءَ ڪاڻي ٿي.

نرنان=رانجهو. ڪاٽ=ڪان>ڪاٽ. نارنان=هير. ڪاڻي=ٻيراڳڻ.

رانجهو! تيڏي ڪاٽ، هير ٻيراڳڻ ٿي.

[299]

اي ميان نرنانءَ! شهر وسئي، مين ڪاڻي ٿي هان.

نرنان=رانجهو. شهر=جهوڪ. ڪاڻي=ٻيراڳڻ.

اي ميان رانجها! جهوڪ وسئي، مين ٻيراڳڻ ٿي هان.

[300]

آءُ جيت وارا، ڪيڪپڑي جي، ٻہ- ٿي وات جون ڏي.

جيت=سَپ>سپيرا. ڪپڑي جي=رکي>مُرلي.

وات جون=ڦوڪون.

آءُ سپيرا ڪيڏ مرلي، ٻہ- ٿي ڦوڪون ڏي.

[301]

ذات تيڏي فقيري دي، ذات نرنانءُ.

ذات=جوڳي. فقير دي=منڊ. ذات=سيالڻ.

نرنان=موسيٰ>مسائي.

جوڳي، تيڏي، مَنڊ، سيالڻ مُسائي.

Gul Hayat Institute

[302]

مال جي ٻُڌي، کاڻ ٿي پئي، جر جي وکر کاڻ.

مال جي=ڏوڪ. کاڻ=بيراڳڻ. جرجي=هير.
وکر=رانجهن.

ڏُوڪ ٻُڌي بيراڳڻ ٿي پئي، هير رانجهن کاڻ.

[303]

جيت نہ کاڏي هون، مين فقير کا بنايا هي.

جيت=نانگ. فقيرکا= بيکُ.

نانگ نہ کاڏي هُون، مين بيکُ بنايا هي.

[304]

گهوڙي جي زمين جيءَ ۾ نرنانءَ ٻيٽو نار گهري.

گهوڙي جي=اَنڌاري. زمين جي=قبر.
نرنان= رانجهو. نار=هير.

اَنڌاري قبر ۾، رانجهو ٻيٽو هير گهُري.

بلند بخاري

[305]

نالي ذات لاءِ وڃ ٿي ويني آهيان.

نالو=بلند. ذات=بخاري. وڃ=کيسن> کي +سنہ.

بلند بخاريءَ لاءِ کي سنہ ويني آهيان.

روپ بسنت

Gul Hayat Institute

[306]

اٿي نار پير جو ڪ، کي هندو آيئي ڏي!

نار=گوري. پرجو=ويس. هندو=روپ، بسنت

اٿي گوري ويس ڪ، روپ بسنت آيئي ڏي!

بروو ۽ باني

[307]

ولايت ۾ نرنانءَ ٿي پنهنجي ڪئي.

ولايت=باني. نرنان=بروو. پنهنجي=اُلٽي.

بانيءَ ۾ بروي ٿي اُلٽي ڪئي.

چاندو ۽ گنگراج

[308]

انهيءَ وڻ ۾ نرنانءَ آهي، سو راند جوئي نہ.

وڻ= ڪيتڪي. نرنان=پوئر. راند جو=کُليو.

انهيءَ ڪيتڪيءَ ۾ پوئر آهي، سو کُليو ئي نہ.

انسا بنسا

[309]

اُڏر پکي لهہ ولايت، جتي پولي ڏي.

پکي=آتاهہ. ولايت=ستارا. پولي=بنسو.

اُڏر آتاهہ، وچ ستارا، جتي بنسو ڏي.

[310]

نارنانءَ چوي تي نرنانءَ کي، تہ چئو پنهنجي نرنانءَ کي، تہ ولايت مان وڻ آڻي ڏي.

نارنان= اُنسا. نرنان= بنسا. نرنان=گروڪاس. ولايت=تيمور. وڻ= توريت.

اُنسا چوي تي بنسا کي، تہ چئو پنهنجي گروڪاس کي، تہ تيمور مان توريت آڻي ڏي.

[311]

ولايتئون پکي آيو، جنهن اچي پولي ڪئي.

ولايت=بنات. پکي=بنسو. پولي=بيروني.

بناتئون بنسو آئيو، جنهن اچي بيروني ڪئي.

Gul Hayat Institute

باب چوتون

سُرائتيون گنجهارتون: موکي متارا

[312]

آءُ نارنانءَ، پر گهه، اجهي نالا آيا.

نارنان=موکي. گهه=کيوتي>وٽي.

نالا=متارا.

آءُ موکي، پر وٽي، اجهي متارا آيا.

[313]

پر نالا آئيا، تن آب بلا جون کيون،

ذات اٽئون پٽڻ واري، مقام جي ويي ڏيون.

پر نالا=موکي. متارا. آب جون=واهيون>وايون.

بلا=پيئڻ. ذات=مڏئي>مڏي. پٽڻ جو=

کان>کا نہ کا. مقام جي= سر (نالي لکيل).

موکي! متارا آئيا، تن پيئڻ جون وايون کيون،

مڏي اٽئون کانسين کا سر ويي ڏيون.

[314]

نارنانءَ نالن کي، ذات جي تہ ڏي.

نارنانءَ= موکي. نالا= متارا. ذات=

سَرکي>سُرکي.

موکي! متارن کي سُرکي تہ ڏي.

[315]

علم جي زحمت جيت، ڏنئي، تہ کٽي ذات کر.

علم جي=شرع>شرا + زحمت=بمي (قوکيل)>

ب + ر. جيت=سپ. ذات= دَبکر>دب +کر.

شراب ر سپ ڏنئي، تہ کٽي دب (ماٽ) کر.

[316]

اولت علم جي ر ڏنو هئي، تڏهن هولي کرين ها.

اُولت=سپني>سپ +ني. علم جي=شرع>

شراب. هولي=وَر (ماٽ).

سپُ ني شراب ر ڏنو هئي، تڏهن وَر (ماٽ) کرين ها.

Gul Hayat Institute

[317]

اهي **نالا نرنانءَ رچ ائٽ جي وڃي ذات ٽيا.**

نالا=متارا. نرنان= ملوڪ. رچ=وٽي. ائٽ جي=ڪاڻ. ذات=مويا>مئا.

اهي متارا ملوڪ، وٽيءَ ڪاڻ وڃي مُئا.

[318]

ڳهه جو ست جبيءَ ۾ ذات ڏي.

ڳهه جو=سُپڙو>سَپڙو. ست جو=متاءِ> متُ. ذات=مسرق>مرَ +سُرڪ.

سپڙو متَ ۾، مرَ سُرڪ ڏي.

[319]

سودي مان سودي جو ڪري، ڳهه جون ڀريائون، گاهه جي نه پئي فقيرن کي، جڏهن نالو ڏنائون.

سودو=ستو، سودي جو=وَٽو. ڳهه جون= ڪيوٽيون>ڪي +وٽيون. گاهه=ڪلَ. نالو= آدم>دم.

سَٽي مان وَٽو ڪري، ڪي وٽيون ڀريائون، ڪل نه پئي فقيرن کي، جڏهن دم ڏنائون.

[320]

نرنانءَ ٽا رچ بلا ڪن، چون ته پٽڻ وارو اسان کي ڪونهي، پوءِ به مقامن جي ڏيندا سون.

نرنان=متارا. رَچ=بتيون. بلا=پيئڻ. پٽڻ وارو=آهو (آسرو). مقامن جي=سِر. (نالي لکيل سر).

متارا ٽا بيتونَ پين، چون ته آهو اسان کي ڪونهي، پوءِ به سِرَ ڏيندا سون.

[321]

آيا **مال** جي ڪري، ڏنئون ته **جر جي**، پر پوءِ **نر نالائي جر جي.**

مال جي=آسَ. جر جي=ڪينَ. (سمنڊ جو نالو)

نرنالا=وَرِيا. جر جي=ڪين. (سمنڊ جو نالو).

آيا آس ڪري، ڏنئون ته ڪين، پر پوءِ وريا ئي ڪين.

باب پنجون

سُرائتيون گجھارتون: مري ۽ ’مگ ٹر‘

[322]

نارنانءَ مرد مارايو، ڪيائين ڪڪن منجھ.

نارنان=مري. مرد=مُگ ٹر. ڪڪ=آڙا

(گاھ جا)> اڙانگن.

مري، مگ ٹر مارايو، اڙانگن منجھ آڇي.

Gul Hayat Institute

باب چهون

سُرائتيون ڳجهارتون: 'قُل وَڏُوو ۽ پورِي'

[323]

نرنانءَ ڪامڙ ڪاڙ پوک جي ٽي پيو.

نرنان=قل وڏوو. ڪامڙ=پوري. پوک جي=
. قولر>قولارجي.

قل وڏوو پوريءَ ڪاڙ قولارجي پيو.

[324]

ڪاڻيءَ جي پائي ڪاڻ جي ۾، ڪاڻ بہ ڪنيائون،
اوڏا آيا شهر ڪي، نارنانءَ پڇيائون.

ڪاڻيءَ جي=منڊي. ڪاڻ جي=من. ڪاڻي=
من. شهر=اُونچل. نارنان=پوري.

منڊي پائي من ۾، من بہ ڪنيائون،
اوڏا آيا اُونچل ڪي، پوري پڇيائون.

[325]

پڪي ٻولي ڪن، ڪو جو نرنانءَ آئيو.

پڪيْ=تاڙا. ٻوليءَ=تنوار. نرنان=جوڳي.

تاڙا تنوارين، ڪو جو جوڳي آئيو.

[326]

هندڪار ۾ هياس، تہ ڪاڻ جي وڳي ڙي،
جان ذات ٽياس، تہ نرنانءَ پيو ان جي گهُري.

هندڪار=رام>آرام. ڪاڻ جي=مُرلي. ذات=
جوڳي>جاڳان. نرنان=بابو. اَن جي=بڪيا.

آرام ۾ هياس تہ مرلي وڳي ڙي،
جان جاڳان تہ بابُو پيو بڪيا گهُري.

[327]

هو جو نالو آئيو، تنهن کي سُٹ جا ڏي.

نالو=بابو. سُٹ جا=بخيا>بڪيا.

هو جو بابو آئيو، تنهن کي بِڪيا ڏي.

Gul Hayat Institute

[328]

مَـــدنـــي ڏَن كـــي ڏي نـــرنـــانءَ كي.

مدني=پري. ڏَن كي=كيونڪي>كا +
وَڻي. نرنان=فقير.
پـــري كـــا وَڻـــي ڏي فـــقـــيـــر كي.

[329]

چـڏ جر جا، وٺ سُٽ جا، كپڙي جو چئين تہ كپڙي جو ڏيئن.

جر جا=گهمرا. سُٽ جا=بخيا>بِكيا. كپڙي
جو=جامون>جو +مون. كپڙي جو=چوسو>
چئين + سو.
چـــڏ گُهمرا، وٺ بِكيـــا، جـــو مـــون چئين تـــہ ســـو ڏيئين.

[330]

ذاتيون! ذات مَرَ ڏي، تہ كنهن كوڙ تي پكي ڏسان.

ذاتيون=دايا>دائي. ذات=دائيداٽا>داٽا.
كوڙ=بهانو. پكي=پوريِ.
دائي! داٽا مَرَ ڏي، تہ كنهن بهاني پوريِ ڏسان.

[331]

ڏئـــي تہ شاهوكاري ڏئـــي، نہ تہ ذات نہ ڏي.

شاهوكاري=توراٽي>تو +راٽي. ذات=
دائيداٽا>دائي +داٽا.
ڏئـــي تہ تو راٽي ڏئـــي، نہ تہ دائي! داٽا نہ ڏي.

Gul Hayat Institute

[332]

چـَـمـ جـــا فـــقـــيـــرا هـــيءُ كـــاٽَ جو اٽئي.

چمر جا=بكمَ> بك +مَ. كاٽ جو=سوڳارو
(شكنجو)> ڳارو. (ان جي لپ).
بَـــكُ مَرَ فـــقـــيـــرا هـــيءُ ڳـــارو اٽـــئـــي.

[333]

توڙ كاٽ ٻڌين، تہ بہ نرنانءَ ريجهي كينكي.

كاٽ=وٽوهڙ>وٽو +هڙَ. نرنان= سامي.
توڙي وٽو هڙَ ٻڌين، تہ بہ سامي ريجهي كينكي.

[334]

هوءِ پيئي نالا ڏئي، تہ بہ نالو نالي کين ميان!

نالا=سونو ۽ ڇڪڙو. نالو=سامي. نالو=سُرتو(سرڇيو)

هوءِ پيئي سونو ڇڪڙو ڏئي، تہ بہ سامي سرتو کين ميان!

[335]

جيئن ذات ٻولي ڪنس، تيئن رسو پاڻي جي وجي.

ذات=دايون. ٻولي=دور. رَسو=مرڪ>

مرڪ> مرڪيو. پاڻيءَ جَو= منجهہ.

جيئن دايون دور ڪنس، تيئن مرڪيو منجهہ وجي.

[336]

نارنانءَ! بينو ڪاڪ جي تي، ان جي نڙو وڻي،

اُڙي نارنانءَ، ڏون ٻوليءَ جا ڪرينس.

نارنان=درسياڻي>دُرس. ڪاڪ جو=در، ان

جي=بِڪيا. نارنان=ڏيجاڻي. ٻولي جا=

سرڇائڻ>سرڇائينس.

دُرس بينو در تي، بِڪيا نڙو وڻي،

اُڙي ڏيجاڻي، ڏون سرڇائينس.

[337]

رڇ ڪاڪ ٽيو، ڪاڇ جي جنگ جوا!

رڇ=برتن. ڪاڪ=بيراڳڻ. ڪاڇ جي=پوري

(ڪُڻي، چُوري). جنگ جو=پڳو.

برتن بيراڳڻ جو پوري تو پڳوا!

[338]

رڇ ڪري پيو جيئڙ تي، عضوو پکي توتي.

رَڇ=برتن. جيئڙ=پوپڙ>پَٽ. عضوو=

پاپڙي>پاپ +ڙي. پکي=پوري.

برتن ڪِري پيو پَٽ تي، پاپُ ڙي پوري! توتي.

[339]

آءُ فقيرا وڻ ڪپڙي جي، توکي مال جي ڏيان.

فقير=سامي. وڻ=جهِل>جهَل، ڪپڙي جي=

جهولي. مال جي=ڏاڙي.

آءُ سامي! جهَل جهولي، توکي ڏاڙي ڏيان.

Gul Hayat Institute

[340]

لوهه جي ان جا ڪري، منهنجي پنهنجي مرض جيئن ڪيئي.

لوهه جي=ساهمي>سامي. ان جا=اسم، پنهنجي= دل. مرض جو=ڪسي.

سامي! اسم ڪري، منهنجي دل ڪسيئي.

[341]

ذات عضون سان پنهنجي گهوڙو جو بہ!

ذات=سامي. عضون=چشمن. گهوڙو=ڪسي.

سامي چشمن سان دل ڪسيئي بہ!

[342]

ڪاٺ جيئن جوڳي آئيا، گهه جي بہ پوتي تن.

ڪاٺ جو=آڙو>اڙي! جوڳي=اداسي. گهه جي= لئون. پوتي= لاٽي>لائي.

اڙي! اُداسي آئيا، لئون بہ لائي تن.

[343]

ڪپڙي مال پوک جي اُتئي، تڏهن ڪا رچ ترس.

ڪپڙي جي=بوند. مال جي=بري>برهه. پوک جي=لائي. رچ=گهوڙي.

بوند برهه جي لائي اتئي، تڏهن ڪا گهڙي تَرس.

[344]

ڏس ڪاڻيءَ جي جنهن ڪي زمين جي ڪيڏي!

راند اُن جي منهنجو، ڪڪن جو هو تہ وڃي.

ڪاڻيءَ جي=ساهمي>سامي. زمين جي=ڪلا. راند جي=ٻڏي>ٻڏيو. اُن جو=جيءُ. ڪڪن جو=ڇڪو>ڇڪيو.

ڏس سامي جنهن ڪي ڪلا ڪيڏي!

ٻڏيو جيءُ منهنجو، ڇڪيو هو تہ وڃي.

[345]

اي ذات عورتاُ پنهنجو لايو، وري پنهنجون ڪرين.

ذات=غافل. عورت= گولي. پنهنجو=نينهن. پنهنجون=نندون.

اي غافل گولي! نينهن لايو، وري نندون ڪرين.

Gul Hayat Institute

[346]

مـــچـــي آءُ تياس، نه ته مچيون ٻيون ئـــي گهٽيون.

مچي=مشڪي>شڪي. مچي=گولي>گوليون.

شـــڪـــي آءُ تياس، نه ته گوليـــون ٻيون ئي گهٽيون.

[347]

اُٽي نارا ٻولي ڪر، پنهنجي وَٽن جا کي ڪپڑ جا لڳا.

نار=دائي. ٻولي=ڏيان. وٽن جا=موريا>

مورن. ڪپڑ جا=گز.

اُٽـــي دائـــي! ڏيان ڪـــر، پنهنجي مورن کي گز لڳا.

[348]

پڪـــي هـــن شـــهر ۾ اچـــي رانـــد جـــي پيئـــي،

نرنـــانءَ هـــو ڪونڪـــو جـــو ٻولـــي ڪـــري.

پڪي=پوري. شهر=ڳٽو. راند جي=دوکيبازي.

نرنان=ساڏُو. ٻولي=سڃي.

پـــوري هـــن ڳـــٽي ۾، اچـــي دوکيبـــازي پيئـــي،

ســـاڏو هـــو ڪونڪـــو، جـــو ســـڃي ڪـــري.

Gul Hayat Institute

باب ستون

سُرائتيون گجھارتون: سسئي

سسئي جو چرڀ ۽ نندپڻ

[349]

ذات راند جو پٽيو، پوءِ **نار نالي** ٽي ويو.

ذات=ٻانيڙ. راند جو=ٽِپو>ٽِپڻو. نارنالي=ڏري.

ٻانيڙ ٽِپڻو پَٽيو، پوءِ ڏري ويو.

[350]

رسو ڏنو هو ماڻُ، تہ **شهر** نہ ويهندي سسئي.

رسو=طالع (ٻيڙيءَ جو) شهر=ڏري.

طالع ڏنو هو ماڻُ تہ ’ڏري نہ ويهندي سسئي.‘

[351]

ذات کپڙي جيءَ کي، نہ **مال** جو نہ **نانءَ** جو.

ذات=ٻانيڙياڻي. کپڙي جي=ٻچي. مال جو=ٽَڻُ (تَج) نان=ڏنو.

ٻانيڙياڻيءَ ٻچيءَ کي، ٽَڻ نہ ڏنو.

[352]

جڏهن **راند جي** منجهہ هياس، تڏهن **گاهہ** نہ ڏنو کنهن.

راند جي=پينگهہ>پينگهو. گاهہ=لاٽو>اولاٽو.

جڏهن پينگهي منجهہ هياس، تڏهن اولاٽو نہ ڏنو کنهن.

[353]

نہ **کاڪ جي** ۾ وڏائون، نہ **نرنانءَ** ئي ڏنائون.

کاڪ جو=پينگهو. نرنان=راٽو> اوراٽو.

نہ پينگهي ۾ وڏائون، نہ اوراٽوئي ڏنائون.

[354]

نالو نالي هيڻ، ڪين **مال جي** سسئي.

نالو=مائو>ماڻُ. نالو=ڪوڙو>ڪوڙي.

مال جي=نپائي.

ماڻُ ڪوڙي هيڻ، ڪين نپائي سسئي.

Gul Hayat Institute

[355]

جيٺ هيٺ نہ پاليو، ڪاڇ جو وڃوان ڪنهن کي!

جيٺ= ماڪوڙي>ماءُ +ڪوڙي. ڪاڇ جو= ٻيرو>ٻيو +روئي.

ماءُ ڪوڙي هيٺ نہ پاليو، ٻيو روئي ڇوان ڪنهن کي!

[356]

ككن جي ٻولي ڪئي، تہ پنهنجيءَ ڪوڻ نارنالي وجون.

ككن جي=ٻِني>ٻنهي. ٻولي=صلاح.

پنهنجي=گَلا. نارنالي=ٻچي.

ٻنهي صلاح ڪئي، تہ گلا ڪوڻ ٻچي وجون.

[357]

مرض ڏسيو تي رُنو، جو پنهنجو عيب سسئي.

مرض=ماتا. پنهنجو=پيءُ. عيب=ٻوڙي.

ماتا ڏسيو تي رُنو، جو پيءَ ٻوڙي سسئي.

[358]

پنهنجو پنهنجي کي پوک جو ڇڏيائون.

پنهنجو=وِياءُ. پوک جو=لوڙهو>لوڙهي.

وياءِ پنهنجي کي لوڙهي ڇڏيائون.

[359]

جڏهن اک مرض هئينءَ سسئي، تڏهن پنهنجن آجهي ڇڏيئي.

اک مرض= ڇمڙ>ڇائي. پنهنجن= مائٽن. آجهو=لوڙهو.

جڏهن ڇائي هئينءَ سسئي، تڏهن مائٽن لوڙهي ڇڏيئي.

[360]

پوک وهٽ جي جيڏيون! نرنانءُ هئي، عضوي ۽ مرونءَ پر نالو ونيو ويئي، پوءِ تڙ جا ڪيائين، ذات رچ هئي نارنانءُ.

پوک جي=هنداڻي>هندواڻي. وهٽ جي= ساڃائي>سا +ڇائي. نرنان=صادق>صندوق. عضوو=ڪن +مرون=هاتار>ڪنها + تار

ڪنان تار، نالو=نصير>نہ + سير. تڙ جو=وارو.
ذات= ڏوبي. رڄ=هاري>پالي. نارنان=سسئي.
هندواڻي سا ڄائي جيڏيون! صندوق ۾ ڪنان تار جي تار
پر ۾ نہ سير وڻيو ويئي،
پوءِ، واري ڏوہن ڪڻي اڇي پاري (پالي) سسئي.

[361]

لوهئون نڪتي، وڃي ڪائيءَ جيءَ ۾ پيئي،
نڌڻڪي نار، وڃي پڪين ۾ پيئي.
لوهہ جو=سانير. (وڏو ٽلو). ڪائيءَ جي=صندوق.
نار= سسئي. پڪين=ڪٽياڻين>ڪٽين.
سانيرئون نڪتي، وڃي صندوقن ۾ پيئي
نڌڻڪي سسئي، وڃي ڪٽين ۾ پيئي.

[362]

مرونءَ ڪان اڳي ريڊ ڪاڻ جي ۾.
مرون=سامبر>سانير. ريڊ=سسئي.
ڪاڻ جي=صندوق.
سانير ڪان اڳي سسئي صندوق ۾.

[363]

ڪير جي ڪان پوءِ، ٿي ذات سسئي.
ڪير جو=ڄائو. ذات=مسلمان.
ڄائي ڪان پوءِ، ٿي مسلمان سسئي.

Gul Hayat Institute

ساماڻجڻ ۽ پنهون سان عشق

[364]

اول پوڪ جي، پوءِ راند جي، پوءِ نار نالي سسئي.
پوڪ جي=لُڙهي. راند جي=جهٽي.
نارنالي=ساماڻي.
اول لُڙهي، پوءِ جهٽي، پوءِ ساماڻي سسئي.

[365]

نار ڪي نرنانءَ ولايت ۾ گڏيو.
نار=سسئي. نرنان=پنهل. ولايت=پنيور.
سسئيءَ ڪي پنهل پنيور ۾ گڏيو.

[366]

ولايت كان **نرنانءَ** آيو، تنهن اچي **رَچِ جي** کسي.

ولايت=کيچ. نرنان=پنهون. رچ جي= دلي>دلڙي.

کيچ کان پنهون آيو، تنهن اچي دلڙي کسي.

[367]

جرجن ماري **مڙس** کياس **آزار** چرندي،
ڏئي باهه شهر کي سا **مال جا** کندي،
تنهن کان پوءِ چوندي، آيم **پنهنجا ڏُکر** جا.

جرجن=چشمن. مڙس=چور> چُور. آزار=سور.
باهه=آگ. شهر=پنيور. مال جا=رَند.
پنهنجا=ڏُک. ڏُکر جا=ڏولاوا.

چشمن ماري چُور کياس، سور چرندي،
ڏئي آگ پنيور کي، رندن تي رڙندي،
تنهن کان پوءِ چوندي، آيم ڏک ڏولاوا.

[368]

پنهون **پوک پار** جو هو، تڏهن کان مون کي **نالي** ۾ هو.

پوک جو=سَلو. پار جو=سرجيو. نالو=کرم.

پنهون سلي کان سِرجيو هو، تڏهن کان مونکي کرم ۾ هو.

[369]

ليکي جو اڳيئي لکيل هو، تڏهن پاتم **مرض جو** پنهل سان.

ليکي جو=انگ. مرض جو=پيچ.

انگ اڳيئي لکيل هو، تڏهن پاتم پيچ پنهل سان.

[370]

جي **اکر جا** لکيل، سي **وکر** ئي کين.

اکر جا=انگ. وکر=ميٽ>ميٽيا.

جي انگ لکيا، سي ميٽيا ئي کين.

[371]

پنهون **نار نالي**، سسئي **نرنانءَ** پچي.

نار نالي=جيوائي>جي +وائي.

نرنان=پيروز>پئي +روز.

پنهونءَ جي وائي، سسئي پئي روز پچي.

Gul Hayat Institute

[372]

مونکي نيهن **کائي جي** لڳي، اچي **کا عضوو** ڏي!

کائيءَ جي=ناوَکَ. عضوو=لت>مصلحت.

مون کـــي نيهن ناوَکَ لڳي، اچي کا مصلحت ڏي!

[373]

اُٽي **پکي نرنالو** آڻي ڏي، توکي **ميڇيءَ جون** ڏيان.

پکي=ٻاٻيهو. نرنالو=پنهون. ميڇيءَ جون= گهورون (وکرو ڪرڻ).

اُٽي ٻاٻيها! پنهون آڻي ڏي، توکي گهورون ڏيان.

[374]

پکي بـــولـي تنهنجي **ذات کـــو رچ نـــ** يانيان.

پکي=ٻاٻيهو. ذات=آري. رچ=مٽ.

ٻاٻيها! ٻولي تنهنجي، پر آريءَ کو مٽ نہ يانيان.

[375]

پـــکـــي سوداگر جـــو، ذات کو رچ آڻيان.

پکي=ٻاٻيهو. سوداگر جو=ٻول>ٻولايو.

ذات=توسي>توسين. رچ=مٽ.

ٻاٻيهي ٻـــولايـــو، توسين کـــو مٽ آڻيان.

[376]

ذات پنهـــــون، ســـــي **ذات** مـــــون کـــــي.

ذات=جيپر>جيپار>جي +پار. ذات=ڏيپر> ڏيپار>ڏي + پار.

جـــي پـــار پنهـــونءَ، ســـي ڏي پـــار مـــون کـــي.

[377]

اهي **پـ نالا** سي بـ سونهن، ڇام پنهونءَ جي اُٺ کي،

اهي **ٿر ۽ جر جو**، سي بـ سونهن ڇام پنهون جي اُٺ کي،

اهي **بـ نارن نالا**، سي بـ سونهن ڇام پنهون جي اُٺ کي.

بـ نالا=جهوڙو ۽ ٻيڙو. ٿر جو=سَرُ. جر جو= واڳون. بـ نارن نالا=سونيَ>سونَ، سيائي>سيئي.

اهي جهوڙا ۽ ٻيڙا، سي بـ سونهن ڇام پنهونءَ جي اُٺ کي،

اهي سرَ واڳون سي بـ سونهن، ڇام پنهونءَ جي اُٺ کي،

اهي سونَ سيئي سي بـ سونهن، ڇام پنهونءَ جي اُٺ کي.

Gul Hayat Institute

[378]

نرنانءَ جي ذاتين سان، پنهنجي اَن اوزار جي ڪرائي،
تڏهن عورت جو، مال جو ٿيو.

نرنان=پنهون. ذاتين=ڏوهين. پنهنجي=قسمت.
اَن جا=مُنان>مُلا + اوزار جو=ڪات>ملاقات.
عورت=سسئي. مال جو=سڳ>سَڳ.

پنهونءَ جي ڏوهين سان قسمت ملاقات ڪرائي،
تڏهن سسئيءَ جو سڳ ٿيو.

[379]

پنهون اڳيئي ننڊ جو هو، تنهن ويتر ڪپڙ جا ڪيا،
تنهن کي اوهين کا نالي ڏيو ڏي جيڏيون!

ننڊ جو=سهڻو. ڪپڙ جا=ڪهنبا. نالو=مبارڪ.

پنهون اڳيئي سهڻو هو، تنهن ويتر ڪهنبا ڪيا،
تنهن کي اوهين کا، مبارڪ ڏيو ڏي جيڏيون!

[380]

اديون! منهنجي پنهونءَ تي ڇو ٿيون رڇ ڪريو،
ولايت ڏنيس الله، اوهين ڇو ٿيون وڪر پئو.

رڇ=حُقو>هوڪو (هوسَ ڪريو). ولايت=
سُورت>صورت. وڪر=ڪار>خارين.

اديون! منهنجي پنهونءَ تي اوهين ڇو ٿيون هوس ڪريو،
صورت ڏنيس الله، اوهين ڇو ٿيون خارين پئو.

Gul Hayat Institute

[381]

اتي سسئي! ڏڪ ڪپڙ جو، اڳيان اها مال جي اتئي.

ڪپڙ جو=گهگهو. مال جي=چال (رسم).

اتي سسئي! ڏڪ گهگهو، اڳيان اها چال اتئي.

[382]

سسئي ماءُ، پر پنهونءَ ڪپڙ جا ڏيو.

ماءُ=آيل>آئي. ڪپڙ جا=ڪيس> کي +سَ.

سسئي تہ آئي، پر پنهونءَ کي سڏيو.

[383]

جڏهن ست جي هڪل نہ ڪو ڪيس، تڏهن بہ شهر ڪئي آئون،
ٺاهي نڪر جون ذاتيون ڪٽام، تہ بہ ذات پنهونءَ سان زال جون،
اهي آهن رب جون رضائون، جو ٿو نالي کان نرنانءَ ڪري.

سُٽ جو=پيٽو>پيٽئون. هڪل=ڪڙڪو>
ڪُڙم + ڪو. شهر=سورت>صورت. ٺاهي
نڪر جو=سو سو>سوَ سوَ. ذاتيون= هڪ ذات.
سڪَ> سُڪَ + پي ذات لڏا> لڏيم. زال جون =لائئون
نالَو= اول. نرنان=اڳرو.

جڏهن پيٽئون ڪڙم نہ ڪو ڪيس، تڏهن بہ صورت ڪئي آئون،
سوَ سوَ سُڪَ ڪٽام، لڏيم پنهونءَ سان لائئون،
اهي آهن رب جون رضائون، جو ٿو اول کان اڳرو ڪري.

[384]

ڪپڙ جي ڇائي، ڪپڙ جن وٽ آئي، ڪپڙ جي ڪر آئي.

ڪپڙَ جي=ڪَني (=وَٽ).

ڪني جي ڇائي، ڪني وٽ آئي، ڪني جي ڪر آئي.

[385]

وات جو ونيو ويندياس، جنهن سان منهنجي ڪاڻيءَ جو.

وات جو=وَرُ. ڪاڻيءَ جو=اَنگهہ>انگ.

وَرُ ونيو ويندياس، جنهن سان منهنجو انگ.

[386]

رڇ منجهہ وڪر، مرض پنهونءَ ڪي.

رڇ=دانگي>دُنگي. وڪر=دارون.

مرض=ڏِپا>ڏي +پائي.

دُنگيءَ منجهہ دارُون، ڏي پائي پنهونءَ ڪي.

[387]

سسئي رڇ ڪٽي، پنهونءَ ڪي چوي ابا!

رَڇ=گلاس. ابو=پيءُ.

سسئي گلاس ڪٽي، پنهونءَ ڪي چوي پيءُ!

Gul Hayat Institute

[388]

نرنانءُ پنهنجي مان رچ جو، پر ذاتين مال جي نارنانءُ.

نرنان=پنهون. پنهنجو=پيار. رچ=پُرڻ>پرڻيو.

ذاتين=ڏيرا>ڏيرن. مال جي=ڏکاري.

نارنان=سسئي.

پنهون پيار مان پرڻيو، پر ڏيرن ڏکاري سسئي.

ڏيرن جو اچڻ ۽ پنهون کي کڻي وڃڻ

[389]

کڏ جي ڏيئي آيا اٽئي ڏير، اُٽي ساز جي ڪر سسئي!

کڏ جي=پاڏ>پاءِ +ڏي. ساز جي=

سوگهائي>سوگها.

پاءِ ڏي آيا اٽئي ڏير، اُٽي سوگها ڪر سسئي!

[390]

نالي پائئي مَ گاهه، شهر هٽي ويندءِ سسئي!

نالو=ساڏو>ساڏ. گاهه=سِڻ>سيڻ. شهر=

سيکات>سي +کات.

ساڏ پائئي مَ سيڻ، سي کات هٽي ويندءِ سسئي!

[391]

اهي مرون ڏي سسئي، توکي پنڌ جو ڏيندا،

انهيءَ ٻيري توکان، نارنانءَ جو نيندا.

مرون=لڏڙو>لوڏ +ڙي. پنڌ جو=اُڀڪو.

نارنان جو=سهاڳ.

اهي لوڏ ڙي سسئي، توکي اُڀڪو ڏيندا،

اَنهيءَ ٻيري توکان سهاڳ نيندا.

[392]

قيمت ڏير سسئي جا، قيمت رهندا کين،

آءٌ قيمت اُنهيءَ جي، من قيمت نين.

قيمت=مايا>مَ + آيا. قيمت=دَمڙي>دم +

گهڙي. قيمت=ڪوڏي>ڪوڏيلي. قيمت=

ساٽسي (سونارن جو اوزار)> ساڻ +سي.

مَ آيا ڏير سسئي جا، دَم گھڙي رهندا ڪين،
آءٌ ڪوڏيلي اُنهن جي، من ساڻ سي نين.

[393]

اَن جيءَ مان گھوڙي جو ڪن، آءٌ نالو پانيان تن جو.

اَن جي=تِکي. گھوڙي جو=پوَن (سُنب).
نالو=پٽورو>ب +ٽورو.
تِکي مانَ پون، آءٌ ب ٽورو پانيان تن جو.

[394]

مالن متان ٽي ويهه، متان **ذات** نہ وڃئي ڙي سسئي!

مالن=گھٽن. ذات= لنگھي.
گھٽن متان ٽي ويهه، متان لنگھي نہ وڃئي ڙي سسئي!

[395]

نارنان جرجي، نرنانءَ حاڪم جو ٽيو.

نارنان=سسئي. جر جي=سُتي (سِپي). نرنان=
پنهون. حاڪم جو=قيد.
سسئي سُتي، پنهون قيد ٽيو.

[396]

ڪپڙ جيءَ تي جر جي، تڏهن ذات مال جي ويا.

ڪپڙ جي=سيج. جر جي=سُتي(سِپي).
ذات=ڪچي>ڪيچي. مال جي=قطاري.
سيج تي سُتي، تڏهن ڪيچي قطاري ويا.

[397]

سسئي پاراٽي، حقي جيءَ هوت ويا.

پاراٽي=سُتي(دوا). حقي جي=اُٽڙي=اُتي +ڙي:
سسئي، سُتي، اُتي ڙي هوت ويا.

[398]

وڃ جا بَڌي پنهل نيائون، جيٺ مچيءَ جي سسئي ڪيائون.

وَڃ جا=ڏُئونرا. جيٺ=ڏُکڻي +مچيءَ جي=
هاري>ڏکڻهاري.
ڏُئونرا بڌي پنهل نيائون، ڏکڻهاري سسئي ڪيائون.

Gul Hayat Institute

[399]

اصل آريجن جي، هئي عضوي ۽ ذات.

عضوو=دل. ذات=دائي>مدائي.

اصل آريجن جي هئي دل ۽ مدائي.

[400]

شهر ڏيرن من ۾، ڪپڙ جي مور نہ ڪن.

شهر=بچيري>بچڑي. ڪپڑ جي=مهاري>مهر.

بچڑي ڏيرن من ۾، مهر مور نہ ڪن.

[401]

لوهہ جا آيا ڏير، پر هو نالائي نہ.

لوهہ جا=ڪڙا>تڪڙا. نالا=ٽڪيو>ٽڪيا.

تڪڙا آيا ڏير، پر هو ٽڪيا ئي نہ.

[402]

راند جا نہ راند جا، راند جا ويا جت.

راند جا=ڏڪا>ٽڪيا. راند جا=ستا>سُتا.

راند جا=يَڪا.

ٽڪيا نہ سُتا، يَڪا ويا جت.

[403]

عضوو ڏئي، ڪاٹ جي هوت ڪري ويا.

عضوو=ڪَنُ. ڪاٹ جي=گسڪڻ>ڪسڪي.

ڪَنُ ڏيئي، ڪسڪي هوت ويا.

[404]

ركي ڪاٹ جو مال جن تي، ذات ڪپڑو ٿيا.

ڪاٹ جو=بار. مال جن=بغدين (اڻن) ذات=

ڪچي>ڪيچي. ڪپڑو=لسو>لس.

ركي بار بُغدين تي، ڪيچي لَس ٿيا.

[405]

ڪاٹ ٿون ڏيَر آيا، ڪو جو ڪاٹ ڪٽي،

ڪاٹ ڏنائون ڪاٹ ۾، وڏو ڪاٹ ڪٽي،

ايءُ نہ ڪاٹ تني، جو ڪاٹ ڪيائون مَ ڪاٹ ۾.

ڪاٹ=مڪڑو>مڪرو>مڪران. ڪاٹ=

Gul Hayat Institute

مَدن>مدي. ڪاڻ=ڏاڪو. ڪاڻ=مَن.
ڪاڻ=ويساهون>ويساهه. ڪاڻ=مُنا>مناسب.
ڪاڻ=نشان(جهنڊو). ڪاڻ=پوئري>پنيور.
مڪران ٿون ڏير آيا، مَدي ساڻ ڪٽي،
ڏاڪو ڏنائون من کي، وڏو ويساهه ڪٽي،
اڻ نه مناسب تني، جو نشان کيائون مَ پنيور ۾.

[406]

مال جون مِرن ۾، حقي جا هوت ويا.
مال جون=مهارون. مرون=ڪڇوئن>ڪڇن.
حُقي جا=ڇڪڻ>ڇڪيندا.
مهارون ڪڇن ۾، ڇڪيندا هوت ويا.

[407]

نرنانءَ آيا نرنانءَ جا، نرنانءَ ڪٽي ويا،
نرنانءَ ذات ڏسي، عورت ڇڏي ويا.
نرنان=اوني. نرنان=آري. نرنان=پنهون.
نرنان=ڇام. ذات=ڏوهياڻي. عورت=سسئي.
اوني آيا آريءَ جا، پنهون ڪٽي ويا،
ڇامَ، ڏوهياڻي ڏسي، سسئي ڇڏي ويا.

[408]

پني هئي جن لاءِ، پني سي نه ٽيا،
پني ڇڏي سپرين، پني هوت ويا.
پني=سنيوري. پني=پيلي>پيلي. پني=سُتي.
پني=ڏِڪي.
سنيوڑي هئي جن لاءِ، پيلي سي نه ٽيا،
سُتي ڇڏي سپرين، ڏِڪيءَ هوت ويا.

[409]

سسئي پوک جي تي ڇڏي ويا، ڪاڻي جو ني نه جتن،
توڙي ڪاچ جي شهر ۾، ته به ٻاجهه نه پئي ٻاروچن.
پوک جو=ٽڏو. ڪاڻيءَ جو=نول>نال.
ڪاچ جي=ٽڪي>ٽڪيا. شهر=پنيور.

Gul Hayat Institute

سسئي ٽڏي تي چڏي ويا، نال نہ ني جتن،
توڑي ٽِکيا پنيور ۾، تہ بہ ٻاجھہ نہ پئي ٻاروچن.

[410]

کاٽ تہ کاني، اُٺن کي اڏ کائيءَ ڏير چڏي ويا.

کاٽ= ٽويو>تيئون(هڪليئون). کاني=
پاتي>پوءِ +تي. اڏکاني=اڏپاتي>آڏي +پوءِ تي.
تيئون پوءِ تہ تي اُٺن کي، آڏي پوءِ تي تہ ڏير چڏي ويا.

[411]

زحمت ذات جن، لوهہ راند جي سسئي.

زحمت= سلهہ>اصل. ذاتين= آريجا> آريجن.
لوهہ جو=نالَ.راندجو=نڇڪو>نہ +چائي +ڪنهن ئي.
اصل آريجن، نال نہ چائي ڪنهن ئي سسئي.

[412]

نہ اُڇي ڪئي ڏيرن، هئا مڙئي پوڪ جا.

اُڇي ڪئي=چاڙهي. پوڪ=پُوڪ بصر.
نہ چاڙهي ڏيرن، هئا مڙئي پوڪ بصر جا.

[413]

آنن مٿي پکي، چورائي ويا چور.

آنن=موهرن>مهرين. پکي=مور.
مهرين مٿي مورُ، چورائي ويا چور.

[414]

پُونءَ جا ڏيئي سسئي کي، پنهون تان نيائون،
ست جي ڪيچين کي، تڏهن سسئي چڏيائون.

پُونءِ جا=جريب>ريب. ستّ جي=ناڙي>
ناٽي>نا +وٽي.
ريب ڏيئي سسئي کي، پنهون تان نيائون،
نا وٽي ڪيچين کي، تڏهن سسئي چڏيائون.

[415]

سسئي کي پوڪ ٽي ڪانہ، نہ تہ پٿر ڪيئن لنگهي ها.

پوڪ=سار(ساريال). پٿر=لعل>لعلڻ.
سسئي کي سار ٽي ڪانہ، نہ تہ لعلڻ ڪيئن لنگهي ها.

Gul Hayat Institute

[416]

گاھ بلا اُنَ، سسئيءَ کي ڪپڑا ڏيو.

گاھ=ڪانهين +بلا=ديو>دي=ڪاهيندي.

ڪپڑا=ڪيس>ڪي +سَ.

ڪاهيندي اُنَ، سسئيءَ کي سڏيو!

[417]

ڪاڻيءَ آيئي ڏير، پکي وات جو ويئي ڙي سسئي!

ڪاڻي=سهنجو>سنجهو. پکي=ڪهنبو.

(ڪڙ)> ڪنيي. وات جو=ور.

سنجهي آيئي ڏير، ڪنيي وَرُ ويئي ڙي سسئي!

[418]

اڪ پوک جي ٽي سسئي! جو هو حاڪيماڻي ويا.

اڪ جي=اُٽي. پوک جي=ڪڙهي>ڪڙي.

حاڪيماڻي=چڙهي.

اُٽي ڪڙي ٽي سسئي! جو هو چڙهي ويا.

[419]

شهرئون شهر وڃن، تون ذات ڦٽي ڪر سسئي.

شهر=اڳهام (اڳهاماڻو)> او +گام. شهر= ٔ

اڳهر>گُهر. ذات=ڳهرا>ڳهرُ.

Gul Hayat Institute

او گاموئن گُهر وڃن، تون ڳهر ڦٽي ڪر سسئي.

[420]

هو تہ **ڪاٺ جا** ڪندا ويا، تون **لوهر جي** ڦٽي ڪر سسئي.

ڪاٺ جا=رحل>رَهلا. لوهر جي=ڏَنوڙ>

ڏُونڙ (ڪنڊ ڏُونڙ).

هو تہ رهلا ڪندا ويا، تون ڏُونڙ ڦٽي ڪر سسئي.

[421]

هو تا **شهر** وڃن، تون **ذات** ڦٽي ڪر سسئي!

شهر=لس(لسبيلو). ذات=اوڊر>ڊر.

هو تا لس وڃن، تون ڊَر ڦٽي ڪر سسئي!

[422]

جيت چڑهي ڏسي سسئي، تہ **ذاتين** چا ڪيو.

جيت=پوپٽ<پوءِ +پٽ. ذاتين=ڏيرن.

پوءِ پٽ چڑهي ڏسي سسئي، تہ ڏيرن چا ڪيو.

[423]

شهر هٽي ويئي ڏيرن، هاڻي **ڪاڻي** ڪر سسئي.

شهر=ٻوڏڪ(ٻانيڙاھ)> ٻہ +ڏڪ. ڪاڻي= سرڪنڊ<سر +ڪَنُھ.

ٻہ ڏڪ هٽي ويئي ڏير، هاڻي سِرڪَنُھ سسئي.

[424]

ذات جا لڳا، **لوهہ جي** سسئي ڪي.

ذات جا=ٻوڏڪ<ٻہ +ڏڪ. لوهہ جي=ٻاري (لوهہ جي ٽلهي ڏڳهي لٽ واري رنبي، جنهن سان ڪڇين جون چڪيون ڪيجن، ريلن ۾ ٻہ ڪر اچي)< ٻاري.

ٻہ ڏَڪَ لڳا ٻاري، سسئيءَ ڪي.

[425]

پنهون تہ **نارنانءَ**، سسئيءَ **مال جو**.

نارنان=چاڳان<چا +ڳئي. مال جو=بوسو< پوءِ +سُئو.

پنهون تہ چا ڳئي، سسئيءَ پوءِ سُئو.

[426]

ڪتو ڪاريءَ رات، **مال** ڏنو سسئيءَ.

ڪتو=پلنگ(ڪُتي جو نالو). مال=سُجو.

پلنگ ڪاريءَ رات، سُجو ڏنو سسئيءَ.

[427]

پنهل ريءَ **جبل جي** تي **عورت** ڪين سمهي.

جبل جي=پٽري<پٽراڻي. عورت=سسئي.

پنهل ريءَ پٽراڻيءَ تي، سسئي ڪين سمهي.

[428]

ڪتو پَٽي پنهنجو، تہ **نر نالو** نہ **ڪپڑ جيءَ** ۾.

ڪتو=جاندار>جان +در. نر نالو=محب.
ڪپڙ جي=مُهاري.
جان دَرُ پٽي پنهنجو، تہ محب نہ مُهاريءَ ۾.
[429]
سسئيءَ اڄ **ڪتو پاراتو** ڪيو، پر هو **گاهہ جيئن** هليا ويا.
ڪتو=جاندار>جان +در. پاراتو=پٽيو>پٽيو.
گاهہ جي=هٿي>هٿيڪا.
سسئيءَ جان در پٽيو، تہ هو هٿيڪا هليا ويا.
[430]
پولي پهڻ جو نهار، تنهنجو پنهون **ذاتين** نِيو.
پولي=نئين>نيئي(نمي). پهڻ جو=مگهڙ>
مرَ +گهر. ذاتين=ڪاهوڙين>ڪائو +ڙين. (پيٽوڙي).
نيئي مرَ گهرُ نهار، تنهنجو پنهون ڪائوڙين نِيو.
[431]
نرنانءَ تنهنجي **نرنانءَ** لاءِ مون، ڏاڍا **پنڌ جا** ڪيا،
پر **نرنانءُ** ڪٽيو پاڻ سان، **ولايت** ويندا رهيا.
نرنان=پنهون. نرنان=پريتو>پريت. پنڌ جا=
ڪشالا. نرنان=پنهون. ولايت=ڪيچ.
پنهون تنهنجي پريت لاءِ، مون ڏاڍا ڪشالا ڪيا،
پر پنهون ڪنيون پاڻ سان، ڪيچ ويندا رهيا.
[432]
ذاتين مال جون ڏنائين، **نرنانءُ** ڪوئن پوءِ.
ذاتين=چانگن(اُڻن). مال جون=چيڙهون.
نرنان=سِجو>سِجُ. نرنان=پِريو>اُپريو.
چانگن جون چيڙهيون ڏنائين، سِج اُپرئي ڪئون پوءِ.
[433]
نالي نرنانءُ ڪان، پوءِ **پوڪ** ويئي سسئي.
نالو=سِجو>سِج. نرنان=پِريو>اُپريو.
پوڪ=ڪوماڻي.
سِج اُپرئي ڪان پوءِ، ڪوماڻي سسئي.

Gul Hayat Institute

[434]

ڪاڻ جي تي مال جا، ايا ئي ڪي ڪـــاڇ جا.

ڪاڻ جي=ليٽڻ>ليٽُـن. مال جا=ليڏوٽا.

ڪاڇ جا=تازا.

ليٽُـن تـــي ليڏوٽـــا، ايـــا ئي ڪـــي تـــازا.

[435]

ذاتيـــن نيـــس ڪينڪـــي، ڇـــڏي ويـــس ذاتيـــون،

جي نينس ها ذاتيـــون، تـــ ڇـــو پڇـــي هـــا ذاتيـــون.

ذاتـــيـــون= ســـونـــهـــان.

ســـونهن نيـــس ڪينڪـــي، ڇـــڏي ويـــس اَســـونهون،

جي نينس هـــا ســـونهان، تـــ ڇـــو پـــُڇـــي هـــا ســـونهون.

[436]

ٻولي سسئي، ٻولي پنهون، ٻولي ڏير ڪري ويا!

ٻولي = ڇا.

ڇـــا سسئي، ڇـــا پنهون، ڇـــا ڏيـــر ڪري ويا!

[437]

متيءَ جـــي ڪـــيـــي، ۽ ذاتين ڪاڻ جو ڏنـــو.

متيءَ جي=ماپي>ماءُ +پيءُ. ذاتين=هوتن.

ڪاڻ جو=رُولُ> رولو.

مـــاءُ پـــيءُ ڪـــيـــي، ۽ هـــوتـــن رولـــو ڏنـــو.

[438]

پنهـــونءَ ڪـــي پـــــ ڏانـــــد ٻڌائنـــــون!

ڏاند=هڪ نيهي>نيئي. ٻيو ڇاهڻ>ڇا +هڻ.

پنهـــونءَ ڪـــي نيئـــي، ڇـــا هـــَـــڙِ ٻڌائـــون!

سسئيءَ جا ورلاپ

[439]

ڪاڻ جي ڏٺم ڪاڻ جـن تي، ســـي نار نالي نہ.

ڪاڻ جي=مُهري>مهري. ڪاڻ جن=دَرِن.

نارنالي=خيري.

اُنَ ڏِٺـــم دَرَن تـــي، ســـــي خـــيـــرِي نـــہ.

[440]

ڪڪ ڪاڻ جي تي چڙهي، مون جي **مال جا** ڏٺا، سي **نار نالو** نہ.

ڪڪ=سر + ڪاڻ جو=در>دري>سر دري.

مال جا=مهري. نار نالو=خيري.

سَر دري تي چڙهي، مون جي مهري ڏٺا، سي خيري نہ.

[441]

نالا اهي ئي، **ذات** نہ ڏسان **جهنگ جي** ہر.

نالا=اگڙ. ذات=جت. جهنگ جي=جُوءِ.

اگڙ اهي ئي، جَتَ نہ ڏسان جُوءِ ہر.

[442]

نالي تي ڪين ڏسان ٿي، **مال جا** محبوبن جا،

نالو=اگڙ. مال جا=ميڙا.

اگڙ تي ڪين ڏسان ٿي، ميڙا محبوبن جا.

[443]

انهن **ذاتين** مون **ڪي شهر** بہ نہ ٻڌايو.

ذاتين=چانگن. شهر=رڙي.

انهن چانگن مون ڪي رَڙِي بہ نہ ٻڌايو.

[444]

ڪاڏائون ڪين، **راند جيءَ** هليا ويا.

ڪاڏائون=رڙ ڪيائون>رڙ +ڪيائون.

راند جي=اُتي.

رَڙِ ڪيائون ڪين، اُتي هليا ويا.

[445]

ڪالهونڪر منهنجا پرين، **ڪاچ ڪاچ جا** ڪن،

وجهيو **وڻ جون مال جن** تي، **ست گاهه جيئن** وجن.

ڪاچ جا=لڏون>لڏيون. وڻ=جهلَ> جهُلون.

مال جا=اُنَ. سُت جا=سڳا. گاهه=سڻ>سيڻ.

ڪالهونڪر منهنجا پرين، لڏيون لڏيون ڪن،

وجهيو جهُلون اُنن تي، سڳا سيڻ وجن.

Gul Hayat Institute

[446]

مان چوان **ڪاڇ ڪاڇ جو**، پرين چون **ڪاڇ ڪاڇ جو**، پر هو **ڪاٽ جي** ويا.

ڪاڇ جو=رَهو. ڪاڇ جو=لڏون>لڏيون.

ڪاٽ جو=ڏورٽو>ڏور +وٽئون.

مان چوان رهو رهو، پرين چون لڏيون لڏيون، پر هو ڏور وٽئون ويا.

[447]

نڪا پڪين وڃ، نڪي مـــون **وهـــٽ جو** سنياليو، نڪي **شهر** ورتم **گاهن** ڪان.

پڪين=روڏن. وڃ=ڪرڙ>ڪي +رڙ. وهٽ جو=

سنج>سنجهو. شهر=ساڪو>ساڪ. گاهن=سڻ>سيٽن.

نڪا روڏن ڪي رڙ، نڪي مون سنجهي سنياليو، نڪي ساڪ ورتم سيٽن ڪان.

[448]

هٽي **ڪاٽ جون مال** ڪي، اٽي **مـرون** واريـائون،

جيڪـن آءٌ **نـار** ٽي، ونـي **ڪاســبڪي** ڪنيـائون.

ڪاٽ جون=ناڪيليون. مال=اُٺ. مـرون=واڳون.

نار=ڳوري. ڪاسبڪي=ياني>ياءِ +ني.

هٽـي نـاڪيليون اُٺـن ڪـي، اُٽـي واڳـون واريـائون،

جيڪـس آءٌ ڳـوڙي ٽـي، ونـي يـاءِ نـي ڪنيـائون.

[449]

ڪـاٽ ٿـون اُٺ پيـدا ٿيـا، هنيـون **ڪـاٽ** وڃـن،

پڇـان تـن اُنـن، تـ وجهـان **ڪـاٽ جـو** اُنـن ڪـي.

ڪاٽ=ڏُرو>ڏُرئون. ڪاٽ=لوڙهه.

ڪاٽ جو=ونگ.

ڏُرئـــون اُٺ پيـــدا ٿيـــا، هنيـــو لوڙهـــ وڃـــن،

پڇـان تـــن اُنـــن، تـــ وجهـــان ونـــگ انهـــن ڪـــي.

[450]

شهر منجهه مون جا ذات ڏني، سا تان **نرنالو**.

شهر=جهوڪ. ذات=گيسري>گيسر>گسر

(اُٺ جي گسي). نرنالو=عالي>آلي.

جهوڪ مٽي مون گسر ڏني، سا تان آلي.

Gul Hayat Institute

[451]

نہ نالا ۽ نہ نرنانءَ گاھ نہ منھنجا سپرين.

نالا=ٽڪيا. نرنان=جَنڀيا. گاھ=اوئنُ> اُوءِ +نہ.

نہ ٽڪيا نہ جنڀيا، اُوءِ نہ منھنجا سپرين.

[452]

مون کي کپڙ جا پون، هو نرنالائي نہ.

کپڙ جا=چهڪ. نرنالا=ٽڪيا.

مون کي چهڪ پون، هو ٽڪيائي نہ.

[453]

کاڻيءَ رات پار جو، ذاتين مان سان ڪونہ ڪيو.

ڪاڻي=پِڻي. پار جو=پٽڪو. ذاتين=ڪيچين.

پڻيءَ رات پٽڪو، ڪيچين مان سان ڪونہ ڪيو.

[454]

جي ننديءَ ڪيائون، سي نالي نہ پيا.

نندي=پهرات>پهہ +رات. نالو=ماڪن> مان +ڪن.

جي پهہ رات ڪيائون، سي مون ڪن نہ پيا.

[455]

جا ٽُڪي رات جتن، سا نہ پولي مون.

ٽُڪي=ڪنڀي. پولي=پروڙي.

جا ڪنڀي رات جتن، سا نہ پروڙي مون.

Gul Hayat Institute

[456]

ڪکن لوهہ جو رات ٿيو، اهو مان سان ٿيو فقير جو.

ڪکن جو=جهُڳو. لوهہ جو=تالو>تالان.

فقير (جي پِٽ) جو=جَرجَلو.

جهڳو تالان رات ٿيو، اهو مان سان ٿيو جَر جَلو.

[457]

جڏهن اُٺ مچي گاھ جا ٿيا، تڏهن آءٌ مال جي.

اُٺَ=مَيا. مچي=مودري>مون +دران.

گاھ جا=لڏا>لڏيا. مال جي=اوجهري.

جڏهن ميا مون دَران لڏيا، تڏهن آءٌ اوجهري.

[458]

پنهنجن ۾ هياس، تڏهن مرون جي ڪيائون،
پنهنجي ڪري، مون کي مال جي ڪيائون،
هاڻي اُن جي مانَ ڪن.

پنهنجن=آرامن. مرونءَ جي=چوري. پنهنجي=
صلاح. مال جي=چني>چنڊ. اُن جي=پيڙي.

آرامن ۾ هياس، تڏهن چوري ڪيائون،
صلاح ڪري پوءِ مون کي چنائون،
هاڻي پيڙي مَانَ ڪن.

[459]

ڏڪ مان پنهون چورائي ويا.

ڏڪ=ڪَچَ (سوئر کي).

ڪَچ مان پنهون چورائي ويا.

[460]

اکيون گوشت لڳيون، تڏهن پنهون پکي ٿيو.

گوشت=اوجهري>اوجهڙ. پکي=وهيو>ويو.

اکيون اوجهڙ لڳيون، تڏهن پنهون ويو.

[461]

سُتي هُيس وڻ تي، هو نار مان پئي ويا،
اتي راند وارو ڪونہ هو، هو ڏڻ جي ڪيو ويا.

وڻ= سئانجو> سيج. نار=وسندي. راند
وارو=وانگي. ڏڻ=مُهين>مون +موهيو.

سُتي هيس سيج تي، هو وسنديءَ مان پئي ويا،
اتي وانگي ڪونہ هو، هُو (مون کي) موهيو ويا.

[462]

رات سُتي هيس وڻ تي، نار مؤن پئي ويا،
راند جو گڏين ڪونڪو، لوهہ جي ڪيون ويا.

وڻ=هيرڙ>هي +رڙ. نار=وسندي.
راند جو=جهالو. لوهہ جي=بيلچي>بي +لچي.

رات سُتي هيس، هي رڙُ ڪيو وسندي مؤن پئي ويا،
جهالو گڏين ڪونڪو، بي لچي ڪيون ويا.

[463]

شهر جـــي آءُ نـــ هـــياس، تڏهن جر جي هوت ويا.

شهر جي=چونڪي. جرجي=سُرڪي>سِرڪي.

چونڪيءَ آءُ نـــ هـــياس، تڏهن سِرڪي هوت ويا.

[464]

پيڙيءَ جن منجهه هياس، پنهون پڪي ٿي ويو.

پيڙيءَ جن=پُورن. پڪي=سِري.

پـــورن منجهه هـــياس، پنهـــون سِري ويو.

[465]

مرونءَ جي آءُ نه هياس، مون کي ڪاڻي ڏير ڪري ويا.

مرونءَ جي=سجاڳي. ڪاڻي(جي)=ڏوئي>ڏوهي.

سجاڳ آءُ نه هياس، مـــون کـــي ڏوهي ڏير ڪري ويا.

[466]

آيـم واءَ جـــو ويـــا رات، نرنـــانءَ نيـــائون پنهنجـــو.

ويـم مٽان اُپ ڪٽي، ڏاڍي حساب سان ڏڪ هٽي.

واءَ جو=جهوٽو. رات=وهاڻي. نرنان=پنهون.

اُپ(جو)=نڪٽ>ڪٽ. ڏڪ=گهاءُ.

آيـم جهوٽـــو ويـــا وهـــاڻيءَ، پنهـــون نيـــائون پنهنجـــو،

مٽان ڪٽ ڪٽي، ڏاڍي حساب سان ويـم گهاءُ هٽي.

[467]

ذات ٻاراڻي ڪيام، سا بہ نار نہ وڻي نرنانءَ کي.

ذات=ڪاسائي>ڪا +ساعت. ٻاراڻي=لوڻ.

نار=سيباڻي. نرنان=صاحب.

ڪا ساعت لوڻ ڪيام، سا بہ سيباڻي نہ صاحب کي.

[468]

وڻ تـــ گهـــٽـــو هئم، پـــر ذات ڪـــيـــم.

وڻ=اَڪ>عقل. ذات=ڪاسائي>ڪسائي.

عـــقـــل تہ گهٽـــو هئم، پر ڪسائي ڪيم.

[469]

رچ جرجـــي ٽـــورڙي، ڪيچـــي ڪپـــڑ ٽيـــام،

ڪاسبڪي نيندا پنهنجو، مون کي ڪندا پـــوڪ جـــي؟

Gul Hayat Institute

رڇ=گھڑي. جر جي=سُتي(سپي). ڪپڙو=
گاسڙ>گس. ڪاسبڪي=ياني>پاڻ+ني.
پوک جي=ڪُھڙي>ڪوھ+ڙي.
گھڙي سُتيس ٽورڙي، ڪيڇي گس ٽيام،
پاڻ ني نيندا پنھنجو، مون کي ڪندا ڪوھ ڙي؟

[470]

ذات آڻ هياس، ذات جا ڏير ڪري ويا.
ذات=سھتا>سُتي. ذات جا=چورتا>چوري.
سُتي آڻ هياس، چوري ڏير ڪري ويا.

[471]

ناڻي شهر جي ٽيان ها، ته ڪاڇ پنھنجو ٽئي ڪونہ ها!
ناڻو=دمڙي>دم ھڪڙو. شھر جي=جاڳھ>
جاڳ>جاڳان. ڪاڇ=ھڏو>ھيڏو.
پنھنجو=ھاجو.
دَمُ ھڪڙو جاڳان ها، ته ھيڏو ھاجو ٽئي ڪونہ ها!

[472]

رڇ ٿون پھرين رات ويا، ڪڪ جون ڪنھن کي ڏيان.
رڇ=وَٽو>وَٽئون (مان وَٽئون) ڪڪ جون=
ڏانئيون>دانھون.
مان وَٽئون پھرين رات ويا، دانھون ڪنھن کي ڏيان.

[473]

وڻ ٿون اُٺ پيدا ٽيا، ھنيو وڻ وڇن،
پڇي تن اُڻن، وڃھان وڻ تني کي.
وڻ= سورڇ>سور.
سورئون اُٺ پيدا ٽيا، ھنيو سور وڇن،
پوءِ پڇي تن اُڻن، وڃھان سور تني کي.

[474]

پنھنجو ڪاريگر جو عضوي پوي ها ته ڪيان ها نار نالي اُڻن کي.
پنھنجو=ٽورو. ڪاريگر جو=سانچو>سئونچو.
عضوو=ڪن. نارنالي=جاڙي>جڙ.
ٽورو سئونچو ڪن پوي ھا، ته ڪيان ھا جَڙ اُڻن کي.

Gul Hayat Institute

[475]

اُهـي **اَن** مـون نہ وٹـن، جي **ذات** جـدا ڪيا.

اَن=مُـهري>مَـهري. ذات=جت.

اُهي مهري مون نہ وٹن، جني جَت جدا ڪيا.

[476]

مال جن ٽي **اُپ جون** ڪيون، تڏهن مون کي **وڃ جا** نہ پيا.

مال جن=ڏاگهن. اُپ جون=گوڙيون. وڃ جا=

پَـڙلا (= پلڙا) پڙلاءِ.

ڏاگهن جڏهن ٽي گوڙيون ڪيون، تڏهن مون کي پڙلاءِ نہ پيا.

[477]

شهر سان مون **مال جا ڪيا**، پر هو **دوا جي** ويا،

جي **دوا جي** نہ وڃن ها، تہ **واٽڪا** وجهان ها!

شهر=جاڳڻ. مال جا=ٻوڪٽ. دوا جي=

ڪـري>نڪري. واٽڪا=گوگها.

جاڳڻ سان مـون ٻوڪـٽَ ڪيا، پـر هـو نڪـري ويـا،

جـي نڪـري نہ وڃـن هـا، تہ **گوگهـا** وجهـانِ هـا!

[478]

جي خبر پوي هـا تہ **ذات** ٻـڌان هـا **ڪاڻي ڪاڻيءَ** سان.

ذات=پٽيوال>پٽي +وار. ڪاڻيءَ(جي)=نَـٽ.

ڪاڻي=ناڪيلي.

جي خبر پوي هـا تہ پٽي وارَ ٻڌان ها، نَـٽ ناڪيليءَ سان!

[479]

جي مون **وڃ گاهه** ٽئي ها، تہ هوند **ذاتيون ذاتين** کي ڏيان ها.

وڃ=ڪامون>ڪا +مون. گاهه=ڪَـلَ.

ذاتيون= چاري. ذاتين=چانگن.

جي مون ڪل ٽئي ها، تہ هوند چاري چانگن کي ڏيان ها.

[480]

وهٽَ ڇوڙي ڇڏيائون، **مرون** نہ منهنجي وس.

وهٽَ=گونرا. مرون=واڳون.

گونرا ڇوڙي ڇڏيائون، واڳون نہ منهنجي وس.

Gul Hayat Institute

[481]

مِـرون هُـونِ مون وَس، تہ وجهان ڪائي اُڻن کي.

مـرون=واڱون. ڪائي(جو)=وَنگ.

واڱون هُـونِ مون وَس تہ وجهان وَنگ اُڻن کي.

[482]

پنهون هلـــڻ مـــون نہ پڇڻ، نـــار نـــالـــي شهر نيو.

هلڻ=وڃڻ>ووڃ=ڪرڻ. نار=پانا>پائن.

نالو=پائي خان>پاءُ. شهر=پُـنگو.

پنهون ووڃ ڪرڻ، مـــون نہ پڇڻ، پائن پاءُ پونگي نيو.

[483]

جـــر جـــي ڪيڇين ڪاڻ، شهر هوت ڪري ويا!

جرجي=پريجي>پري +جيءُ. شهر=ڪيهي.

پري جيءُ ڪيڇين ڪاڻ، ڪيهي هوت ڪري ويا!

[484]

مان جيت سان ايـــڏو درياءَ جو ڪيئن ڪيائون!

جيت=اُڏوهي>ٻي ڏوهي. درياءَ جو=طوفان.

مان ٻي ڏوهيءَ سان ايڏو طوفان ڪيئن ڪيائون!

[485]

وڃ ڪنهـــن نـــ ڏنـــو، وڃ مـــون ڏنـــو،

وڃ مـــون ســـان ڏيـــر ڪـــري ويـــا.

وَڃ=هيرڃ>هيءُ +رڃ.

هـيءُ رڃ ڪنهـن نـ ڏنـو، هـيءُ رڃ مـون ڏنـو،

هـــيءُ رڃ مـــون ســـان ڏيـــر ڪـــري ويـــا.

Gul Hayat Institute

[486]

ڪپڑو ڏيـــرن مـــن ۾، ڪپڑو ڏيـــر نہ ڪن.

ڪپڑو=اُبت>اُبتي. ڪپڑو=سبت>سبتي.

اُبتي ڏيـــرن مـــن ۾، سُبتي ڏيـــر نہ ڪن.

[487]

جَـتڪي ڏيـــرن مـــن ۾، هندڪي ڏيـــر ڪري ويا.

جتڪي=جاتي>جا +تہ +هُـئي. هندڪي=

سائي>سا +ئي.

جا تہ هئي ڏيـــرن مـــن ۾، سا ئي ڏيـــر ڪري ويا.

[488]

شهر آءُ نہ هياس، گاهہ ڏير ڪري ويا.

شهر=آراضي>راضي. گاهہ=ڪورج>ڪوهہ +رنج.

راضي آءُ نہ هياس، ڪوهہ رنج ڏير ڪري ويا!

[489]

اَن جي آءُ نہ هياس، مٽيءَ جي ڏير ڪري ويا.

اَن جي=ڪچي. مٽيءَ جي=چري.

ڪچي آءُ نہ هياس، چري ڏير ڪري ويا.

[490]

اَن جو نالو هئر جنهن سان، چمر جي هوت ڪٽي ويا.

اَن جو=جيءُ. نالو=سڪيو. چمر جي=سيبي>سو +پي.

جيءُ سڪيو هئر جنهن سان، سو پي هوت ڪٽي ويا.

[491]

هيس نار نالي پنهنجي واري، پر پنهنجي شهر ڪياس.

نارنالي=سياڻي. پنهنجو=سَتُر. پنهنجو=عشق.

شهر=بگهاڙ>اگهاڙي.

هيس سياڻي سَتُر واري، پر عشق اگهاڙي ڪياس.

[492]

باهہ جي ڏيئي، ڪپڙي جو ونيَ ويا.

باهہ جي=باني(رکَ)> بهانو. ڪپڙي جو =وَرُ.

بهانو ڏيئي وَر ونيَ ويا.

[493]

رَچ نہ ٿيا مُئيءَ جا، وني ڪاٽ ويا.

رَچ=مٽ>مٽَ. ڪاٽ جو=وَرو>وَرُ.

مٽ نہ ٿيَا مُئيءَ جا، وني وَرُ ويا.

[494]

وڻ گاهہ پوي ها، ڳهہ جي نہ لايان ها نرنانءَ سان.

وڻ=ڪامون>ڪا +مون. گاهہ=ڪل.

ڳهہ جي=لنئون. نرنان=پنهون.

ڪا مون ڪل پوي ها، تہ لنؤن نہ لايان ها پنهون سان.

Gul Hayat Institute

[495]

لوهه جي پوي ها، ته ڪٽي **ذات** ڪيان ها.

لوهه جي=ڪل. ذات=دُنگا>دنگ.

ڪَل پوي ها، ته ڪٽي دَنگ ڪيان ها.

[496]

لوهه جي نه مون پئي، **نالو** ڏير ڪري ويا.

لوهه جي=ڪلَ. نالو=شهبازي>بازي.

ڪلَ نه مون پيئي، بازي ڏير ڪري ويا.

[497]

باب جو ڏيئي من **هٿيار جو**، مون سان **راند جي** ڏير ڪري ويا.

باب جو=حرف. هٿيار جو=چيرو>چيري.

راند جي=بازي.

حُرف ڏيئي، من چيري، مون سان بازي ڏير ڪري ويا.

[498]

پنهل ته **پوڪ جو** هو، پر **راند جي** ڏير ڪري ويا.

پوڪ جو=جيءُ. راند جي=بازي.

پنهل ته جيءُ هو، پر بازي ڏير ڪري ويا.

[499]

پنهون ته منهنجو **پهڻ** هو، پر ڪن **ذاتين** نيو.

پهڻ=پارس. ذاتين=بازيگرن.

پنهون ته منهنجو پارس هو، پر ڪن بازيگرن نيو.

Gul Hayat Institute

[500]

پنهل ته منهنجو **ڳهه** هو، پر ڪن **جاءِ جو** نِيو.

ڳهه=چَٽ. جاءِ جو=بازيگر>بازي +ڪري.

پنهل ته منهنجو چَٽ هو، پر ڪن بازي ڪري نيو.

[501]

مان ته **مال جي**، پنهل **پوڪ جو**.

مال جي=ڦولڙي>ڳولڙي.

پوڪ جو=ڏاڙو>سڏاڙو.

مان ته ڳولڙي، پنهل سِڏاڙو.

[502]

پنهون تان مون وٽ **ڪاڻي** هو، پر **ڪپڙي جيئن** ويو.

ڪاڻي(جي)=تاڪي>اوطاقي. ڪپڙي جو=
وهاٽو>وهاٽي.

پنهون تـان مـون وٽ اوطـاقي هو، پر وهاٽيءَ ويو.

[503]

پنهل تہ **مـٽيءَ جي** هـو، پـوءِ وجي **ذات** ٿيو.

مٽيءَ جي=تاڪي>اوطاقي. ذات=جوڳي.

پنهل تہ اوطاقي هـو، پـوءِ وجي جوڳي ٿيو.

[504]

شهر ڏيئي، **نـرنـانءَ** نيائـون پاڻ سان.

شهر=ماڻيلو>مان +ٿيلهو.

نرنانءَ=سويا>سو +پاءُ.

مان ٿيلهو ڏيئي، سو پاءُ نيائون پاڻ سان.

[505]

پنهل تہ منهنجو **واپاري** هو، پر **ذاتين** ڇا ڪيو!

واپاري=گهورڙيو>گهورو. ذاتين=ڏيرن.

پنهل تہ منهنجو گهورو هـو، پر ڏيرن ڇا ڪيو!

[506]

ڪپـڑو ڏيـرن مـن ۾، **ڪپـڑو** ڪنهـن نـہ اُتـونِ،
ڪپـڑو مـان انـدر ٻـر، **ڪپـڑو** ملـڪ سـندونِ.

ڪپڑو=چُني>ڪچُ +ني. ڪپڑو=چُني>
سچ +ني. ڪپڑو=چُني>مچ +ني. ڪپڑو=
چُني>ڪيچ +ني.

ڪچ نـي ڏيـرن مـن ۾، سـچ نـي ڪنهـن نـہ اُتـونِ،
مچ نـي مـان انـدر ٻـري، ڪيـچ نـي ملـڪ سـندون.

[507]

ڪـاڻ جـي ڪـري ويـا، **گاهہ جي** مون سان.

ڪاڻ جي=ٻياني>ٻيائي. گاهہ=سِڻ>سيڻ.

ٻـيـائـي ڪـري ويـا سـيـڻ مـون سـان.

Gul Hayat Institute

[508]

فقيري منجهہ هياس، تڏهن **پوک جي** ڏير ڪري ويا.

فقيري=عاشقي. پوک جي=گهنبي.

عاشقي منجهہ هياس، تڏهن گهنبي ڏير ڪري ويا.

[509]

عضوي جدائـي مون کي **شهر** ڏيئي ويا.

عضوو=جيرو>جيئري. شهر=ڏيرا>ڏير.

جيئري جدائـي مـون کـي ڏيرَ ڏيئي وِيا.

[510]

مـون کـي **چمر جـي** ڏيئي، **چمر جي** ڏير ڪٽي ويا.

چمر جي=چڑهي>چڑھ +ني. چمر جي=پالي>پاءُ +ني.

مـون کـي چڑھـٽي ڏيئي، پاءُ ني ڏير ڪٽي ويا.

[511]

مون سان **متي ذات** ڪئي، **مال جي** ڏير ڪري ويا.

مـتي=ماپي>ماءُ +پيءُ. ذات=هڪڙا>هڪڙي.

مالَ جي=ٻيهر.

مون سان ماءُ پيءُ هڪڙي ڪئي، ٻيهر ڏير ڪري ويا.

[512]

ملان جي مون نہ چئي، تہ بہ **گهوڙي جو** هوت ڪري ويا.

ملان جي=الف- بي. گهوڙي جو=بدنام.

"الفوَن بي" مـون نہ چيو، تہ بہ بدنام هوت ڪري ويا.

Gul Hayat Institute

[513]

ڪپڙي جـو نـالـي ويا، **ڪپڙي جو** ني مان کي.

ڪپڙي جو=پچاڑ>پچاڑيون. نالو=پنهون.

ڪپڙي جو=سٽ>سٽيون.

پچـاڑيـون پنهون ويـا، سَٽُيون نِي مـان کي.

[514]

هاءِ **نالي وارن** ڪاڻ، مون **ذاتين** ڏاڍو ڪيو.

نالي وارن=هوتن. ذاتين=جت>جتن.

هاءِ! هوتن ڪاڻ، مون سان جتن ڏاڍو ڪيو.

[515]

شهر جيءَ ڪري ويا، سا **نالو** نہ مون، تڏهن **راند جي** ٿياس.

شهرجي=هوتل>هُو +ٽَل. نالو=لکي.

راند جي=کُلي>کلي>هيکلي.

هُوٽَل ڪري ويا، سا لکي نہ مون، تڏهن هيکلي ٿياس.

[516]

نہ **پنهنجا**، نہ **ڳهہ جا**، نہ **ڪاٺ جا** هئا،

جڏهن **ذاتين** ٿي **ڪپڙ جا** ڪيا، تڏهن **مال مال جا**.

پنهنجا=وارث. ڳهہ جا=والا>والي. ڪاٺ جا=

وانگي. ذاتين=جتن. ڪپڙ جا=جورا.

مال جا=گهوڙا.

نہ وارث نہ والي، نہ وانگي هئا،

جڏهن جتن ٿي جورا ڪيا، تڏهن گهوڙا ڏي گهوڙا.

[517]

مسخري پيئي، تڏهن **راڳ جو** ونی ويا.

مسخري=نقل>نہ +ڪَلَ. راڳ جو=هاروچو(ڳيچ).

نہ ڪل پيئي، تڏهن هاروچو ونی ويا.

[518]

لوهہ هئا منهنجا پرين، **لوهہ ٿون** مون نہ اُتو،

ڪو جو **لوهہ** پيو، تہ **لوهہ ٿون** ويا منهنجا پرين.

لوهہ(جو)=ڪُل. لوهہ(جو)=زبانو. لوهہ

(جو)=ڪرٽ. لوهہ(جو)=برمو>بر +مُنهن.

ڪُل ئي هئا منهنجا پرين، زبانٿون مون نہ اُتو،

ڪو جو ڪرٽ پيو، تہ بر منهن ويا منهنجا پرين.

[519]

آءٌ **ڪاٺ** ٿون معذور، **ڪپڙو** ڪيچين لاءِ ڪيم.

ڪاٺ(جا)=ڏُرا>ڏرٿون. ڪپڙو=ڪارو>ڪارُون.

آءٌ ڏُرٿون معذور، ڪارون ڪيچين لاءِ ڪيم.

Gul Hayat Institute

[520]

مون وٽ منهنجا پريـن، بـارنهن **ڪـاڇ** هئـا،
جـر جـا ۽ جبـل جـا، مـون سـاڻن ڪيـن ڪيـا،
پولي واڇٽ ڏڻ جو، راند جي ٽي هوت ويـا.

ڪاڇ(جا)=ماهه. جر جا=ٻُڌا. جبل جا=ڪارا.
پوليءَ جي =لڱي>لڱن. واڇٽ جو=ڏونڪو.
ڏڻ جو=ڏيل. راند جي=رڻي.

مـون وٽ منهنجـا پريـن، بـارنهن ماهـه هئـا،
بـڌا ۽ ڪـارا، مـون سـاڻن ڪيـن ڪيـا،
لـڱن ڏونڪـو ڏيـل ۾، رڻـي ٽـي هـوت ويـا.

[521]

وڪر هڻڙم جن سين، سي ويا **ڪاڻيءَ** ڪوهيارا،
ڏنم **ڪپـڑي** اولارا، تـه رڇ نـه پئـڙم ان جـو.

وڪر=ڪنرس>ڪن +رس. ڪاڻي(جي)=
ڪڙڪي>ڪسڪي. ڪپڑي(جي)=لينگهه>
لَنگهه. رڇ=طباق>تہ +باڪ.

ڪن رَس هڻڙم جن سين، سي ويا ڪسڪي ڪوهيارا،
جان ڏنم لنگهن اولارا، تہ باڪ نہ پئڙم ان جي.

[522]

نرنانءَ ڪهي ملڪ ويو، مون ڪي **عورت** ورتو.

نرنان=پنهل. ملڪ=ڪيڇ. عورت=
دائي>ماندائي.

پنهل ڪهي ڪيڇ ويو، مون ڪي ماندائي ورتو.

[523]

ڪـپـڑو منهنجو ڪانـڊ، سو پـڻ **پـڪـي** ويو.

ڪپڑو=جوڑي>جو +ڑي. پڪي=وهيو>ويو.

جـو ڑي منهنجو ڪانـڊ، سو پـڻ ويـو هليو.

[524]

پنهون تہ منهنجو **مرض** هو، پر ڪن **ليڪي وارن** نيو.

مرض=ڏڍ. ليڪي وارن=ڪُپتين.

پنهون تہ منهنجو ڏڍ هو، پر ڪن ڪُپتين نيو.

Gul Hayat Institute

[525]

پنهون مان وٽ **گاهه** ويو، پر **مرون** نيائون.

گاهه=نَپ=نہ +پئي. مرون=ڪُمي>حڪمي.

پنهون مان وٽان نہ پئي ويو، پر حُڪمي نيائون.

[526]

پنهون مان وٽ **رَچُ** هو، پر **ڪن ذاتين** نيو.

رَچُ=ڏيئو>ڪوڏئو. ذاتين=زونرن>زوري.

پنهون مان وٽ ڪوڏئو هو، پر ڪن زوريءَ نيو.

[527]

پنهون تہ منهنجو **مٽيءَ جو** هو، پر ڪن **ماس جيءَ** نيو.

مٽيءَ جو=ڏَڪڻ>ڏَڪ. ماس جي=ہڏي>ہَڏي.

پنهون تہ منهنجو ڏڪ هو، پر ڪن ہڏي نيو.

[528]

نالي ڪي **حاڪيماڻي** ڪاڻي، **هو ولايت** ويا.

نالو=پنهون.حاڪيماڻي ڪاڻي=ہڏي.ولايت=ڪيچ.

پنهون ڪي ہڏي، هو ڪيچ ويا.

[529]

ناڻي پنهل نين، **هو جي ناڻو هوءِ!**

ناڻو=ہڏو>ہڏيو. ناڻو=ڇُڙيو.

ہڏيو پنهل نين، هو جي ڇُڙيو هوءِ!

[530]

تپ اَن جي آءٌ نہ هياس، تيلاهون هوت هڻي ويا.

تپ=ہرو +اَن جي=ڇاڻي>ہروڇاڻي.

ہروڇاڻي آءٌ نہ هياس، تيلاهون هوت هڻي ويا.

[531]

جهنگ جي آءٌ نہ هياس، تڏهن **تڙ جي** هوت ڪري ويا.

جهنگ جي=وڻي. تڙ جي=ڦَٽي.

وڻي آءٌ نہ هياس، تڏهن ڦَٽي هوت ڪري ويا.

[532]

نار نالي آءٌ نہ هياس، **نالي** نہ نيائون پاڻ سان.

نار نالو=گهربي. نالو=پرتو>پرتي.

گهربي آءٌ نہ هياس، پرتي نہ نيائون پاڻ سان.

Gul Hayat Institute

[533]

آءُ نار هيس نرنانءُ جي، پر گهوڙي جي ڪري راند جي ويا.

نار=ٻانهي. نرنان=ٻاروچو. گهوڙي جي=

انڌاري>ڏاري. راند جي=ڏکي.

آءُ ٻانهي هيس ٻاروچي جي، پر ڏاري ڪري ڏکي ويا.

[534]

هن پوک جي پوک، تڏهن ذات ڪري ويا پوک.

پوک=ڦٽي. ذات=ڏيرا>ڏير.

هن ڦٽيءَ جي ڦٽي، تڏهن ڏير ڪري ويا ڦٽي.

[535]

ڪوهه مچي ڏير، مچي رات ڇڏي ويا

مچي =سياڪوه. مچي= حڪم> حق + ب.

ڪوهه سياڪو ڏير، حق ب رات ڇڏي ويا.

[536]

اَن سُٽ جو هئم جن سان، سي شهرئون هوت ويا.

اَن جو=جيءُ. سُٽَ جو=جٽيو>جڙيو شهر = چني.

جيءُ جڙيو هئم جن سان، سي چنِي هوت ويا.

[537]

پڪي مون منجهه هو، تڏهن حُقي جي هوت ڪري ويا.

پڪي=ڪوئل>ڪو +وَلُ. حُقي جي=

ڪَلي>هيڪلي.

Gul Hayat Institute

ڪو وَل مون منجهه هو، تڏهن هيڪلي هوت ڪري ويا.

[538]

ذاتين مون سان ذات ڪئي، ڪاڇ ڇڏي پهرڻ ويا،

جن ذاتين تي نرنانءُ، سي ٻولي ڇڪي ويا.

ذاتين=جتن. ذات=جوهي>جا +هيءَ. ڪاڇ=

طعام>تان +مون. پهرڻ(جي)=چولي>چوري.

ذاتين=ڏيرن. نرنان=اعتبار. ٻولي=ويساهي.

جتن مون سان جا هيءَ ڪئي، تان مون ڇڏي چوريءَ ويا،

جن ڏيرن تي اعتبار هو، سي ويساهي ويا.

[539]

اوزار نہ هيس مان، **اوزار** مون نہ پيو،
اوزار نہ چيائون، **اوزار** ۾ وجهي ويا.

اوزار=ڪرني>ڪا +رَني. اوزار=پتو.
اوزار=شاهلَ> چاهل. اوزار=مانجهولو>
مان +جهول.

ڪا رَني نہ هيس مان، پتو مون نہ پيو،
چا هلُ نہ چيائون، مان جهور ۾ وجهي ويا.

[540]

ڪاڻ ڏسي چڏي ويا، **ڪئي قرآن جي** ڏيرن،
ائين پيا چون، تہ **ذات** نہ ٽي سسئي!

ڪاڻ(جو)=وَنجهہ>وَجهہ. قرآن جي=پڇاڙي.
ذات=چنبڙ.

وجهہ ڏسي چڏي ويا، ڪئي پڇاڙي ڏيرن،
ائين پيا چون، تہ چنبڙ نہ سسئي!

[541]

ٻنيءَ جي هيس جن سان، **ٻنيءَ جا** سي نہ ٽيا،
ٻنيءَ جي منهنجا سپرين، **ٻنيءَ جي** ڪري ويا.

ٻنيءَ جي=سنياڻي>سنيوڙي. ٻنيءَ جا=ساڻي.
ٻنيءَ جي=ڏڪي. ٻنيءَ جي=ڏِڻي.

سنيوڙي هيس جن سان، ساڻي سي نہ ٽيا،
ڏڪيءَ منهنجا سپرين، ڏِڻي ڪري ويا.

[542]

جان ائين هياس، جو **نرنانءُ** ڏوتم **ست جا**،
جان ائين ٽياس، جو **ذات** نہ نينہ پاڻ سين.

نرنان=پنهل. سُتَ جا=ڪپڙا. ذات=جت.

جان ائين هياس، جو پنهل ڏوتم ڪپڙا،
جان ائين ٽياس، جو جت نہ نينہ پاڻ سين.

Gul Hayat Institute

[543]

اَن تي چڑهي **مرون** ورتائون، ائين نہ چيائون تہ **پکي ڙي!**

اَن=مُهري>مهرين. مِرون=واڳون.

پکي=آڙي>آءُ +ڙي.

مهرين تي چڑهي واڳون ورتائون، ائين نہ چيائون تہ آءُ ڙي!

[544]

ڪاني جي وڻي **راند جي** ويا، پر **ڪاڏئون** ڪين.

ڪاني جي=اڪ. راند جي=ويلَ. ڪائڻ=

رڙڪڻ>رڙ +ڪرڻ.

اڪ وڻي انهيءَ ويل ويا، رڙ ڪيائون ڪين.

[545]

مـــون ياڻيو ڏير **ٻڌيءَ جـــي** ڪندا، پر **نالو** هوت ڪري ويا.

ٻڌيءَ جي=معافي. نالو=قادو>قيدياڻي. ڪِ +آئٽي.

مـــون ياڻيو ڏير معـــافـــي ڪندا، پـــر قيدياڻي ڪري ويا.

[546]

وڃ جـــــي آءُ هياس، تڏهن **ڪـــاڻي** ڏير ڪري ويا.

وڃ جي=نوڙي>نہ +وڃي. ڪاني=روجهڪي>

روءِ +جهڪي.

نہ وڃي آءُ هياس، تڏهن روءِ جهڪي ڏير ڪري ويا.

[547]

ڪپڙي جي آءُ نہ هـــيـــاس، **پوڪ جي** ڏير ڪٽي ويا.

ڪپڙي جي=رلي>رُلي. پوڪ جي=ڪس>ڪسي.

رُلـــي آءُ نہ هـــيـــاس، ڪـــسـي ڏيـــر ڪٽي ويا.

[548]

ڪاڻ جي آءُ نہ هياس، **مال جي** ڏير ڪري ويا.

ڪاڻ جي=ڪرسي>ڪُ +رسي. مال جي= مستي.

ڪُ رَسي آءُ نہ هياس، مستي ڏير ڪري ويا.

[549]

ڪاڻي آءُ نہ هياس، **مال جي** هوت ڪري ويا.

ڪاڻي=واتوري. مال جي=مستي.

واتوري آءُ نہ هياس، مستي هوت ڪري ويا.

Gul Hayat Institute

[550]

اَن جي آءُ نہ هياس، ڪپھ جي ڏير ڪري ويا.

اَن جي=سڳي. ڪپھ جي=پڳي(پوٽي).

سڳي آءُ نہ هياس، پڳي ڏير ڪري ويا.

[551]

ڪاڻي آءُ نہ هياس، پر ڪاڻي ڏير ڪري ويا.

ڪاڻي=ڏنگي.

ڏنگي آءُ نہ هياس، پر ڏنَگي ڏير ڪري ويا.

[552]

ڪاڻي آءُ نہ هياس، ڪاڻي ڏير ڪري ويا.

ڪاڻي=ڪِني.

ڪِني آءُ نہ هياس، ڪِني ڏيرڪري ويا.

[553]

ڪاڻي آءُ نہ هياس، ڪاڻي ڏير ڪري ويا.

ڪاڻي=پَڳي. ڪاڻي=ڪاري.

پڳي آءُ نہ هياس، ڪاري ڏير ڪري ويا.

[554]

ڪاڻي آءُ تہ هياس، پر ڪاڻي هوت ڪري ويا،

ڪاڻي نہ رهنديا‌س، نرنانءَ اڳيوَن وجي ڪاڻي ٽيندياس.

ڪاڻي=لائي. ڪاڻي=قَلَمي. ڪاڻي=ڪتب>

تہ بہ. نرنان=پنهل. ڪَاڻي=سُرهي.

لائي آءُ نہ هياس، پر قَلَمي هو تہ ڪري ويا،

تہ بہ نہ رهنديا‌س، پنهل اڳيان وڃي سُرهي ٽيندياس.

[555]

نرنائن تي مون کي وڏا نرنانءَ هئا، پر ڪپڙي جي ڪري ويا.

نرنائن=ڏيرن. نرنان=اعتبار. ڪپڙي جي=

چولي>چوري.

ڏيرن تي مون کي وڏا اعتبار هئا، پر چوري ڪري ويا.

[556]

نالن ۾ نانوَن، مون سان ليکي هٽ جي ڪانہ ڪئي.

Gul Hayat Institute

نالن=هوتن. نانون=جتن. ليکي جي=آسي>
اصي. هٿ جي=لپ.
هوتن ۽ جـتـن، مـون سان اصيلپ کانہ ڪئي.

[557]

بازار جـي اڳ هياس، پر **واپار جي** ڏير ڪري ويا.
بازار جي=چاپ>چاپيل(نالي چڑهيل). واپار
جي=نروار.
چاپيل اڳ هـيـاس، پـر نـروار ڏيـر ڪري ويا.

[558]

آءٌ تہ **اَن** ڪيچين جي، پر ڪيچين **ڪائي** کانہ.
اَن=ساريون>ساري. ڪائي=ٻاري.
آءٌ تہ ساري ڪيچين جي، پر ڪيچين ٻاري کانہ.

[559]

آءٌ تہ **راند** ڪوهيارل جي، پر ڪوهيارل **باھ جي** کانہ.
راند(جي)=ساري. باھ جي=ٻاري.
آءٌ تہ سـاري ڪوهيارل جي، پر ڪوهيارل ٻاري کانہ.

[560]

آءٌ نـہ **ڪـائيءَ جـي، ڪـڪـن جـا نـہ** ڏيـر.
ڪائيءَ جي=چيت>سچيت. ڪڪن جا=پيڑها>
پيڑهائتا.
آءٌ نـہ سـُـچيت، پيڑهائتـا نـہ ڏيـر.

[561]

شڪار جي ڪيچين ڪئي، **مال جي** مون کان نہ ٿي.
شڪار جي=جهـُڙي>جهڙي. مال جي=تڙي>تهڙي.
جهڙي ڪيچين ڪئي، تهڙي مون کان نہ ٿي.

[562]

ڪـاڪ عضـوي جـي مـون سـان کانـہ.
ڪاڪ جو=ڪچ> ڪيچين. عضوو=ڪرائي>
ڪا +رَهائي.
ڪيچيـن، ڪـا رَهـائي مـون سـان کانـہ.

Gul Hayat Institute

[563]

عورت نالي نہ ذات، اهي جهنگ زحمت جا.

عورت نالي=چگي. ذات=جت. جهنگ جا=ڪَچا.

زحمت=ڪوئليون>قولن.

چگي ذات نہ جت، اهي ڪچا قولن جا.

[564]

زحمت پٿر ذات تي نالو ئي نہ.

زحمت=هرو +پٿر=چڪي>هروڇڪي.نالو =اعتبار

هروڇڪي ذات تي اعتبار ئي نہ.

[565]

جروڙ جي مون سان ڪري ڪاڻ ويا.

جرَجي=موڪ +ڙ=لاٽي>موڪلاٽي.

موڪلاٽي مون سان ڪري ڪاڻ ويا.

[566]

ڪو وڪر جو ويهي، ذاتين مون سان ڪين ڪيو،

ڏاند جو ڏيئي، ويو نرنائ نڪري.

وڪر جو=ڳُڙ>ڳُڙ. ذاتين=ڪيچين.ڏاند جو=

ڏورڙو>هيڏو +رڙ. نرنان=ٻاروڇو.

ڪو ڳُڙ ويهي، ڪيچين مون سان ڪونہ ڪيو،

هيڏو رِڙُ ڏيئي، ويو ٻاروڇو نڪري.

[567]

عورت ڪنديس ڳالهڙيون، عورت ذاتيون،

پڇو هنن ذاتين ڪان، تہ عورت ٽيس چاموئن.

عورت=حليمان>هلي مان. عورت=رحيمان>

رهي مان. ذاتين=جتن. عورت=ڪوڙي>ڪڙي.

هلي مان ڪنديس ڳالهڙيون، رهي مان راتيون،

پڇو هنن جتن ڪان، تہ ڪڙي ٽيس چاموئن.

[568]

آءٌ اڳئي هڏ متي، مون کي ٻيڙيءَ جا چو تا ڏيو.

متي=چوري. ٻيڙي جا=ڏڪا.

آءٌ اڳئي هڏ چوري، مون کي ڏڪا چو تا ڏيو.

Gul Hayat Institute

[569]

الله! جتن جي، **کا لڳي نہ چڑي جي،**
پوک کي ماري، **وڻ جي** ويا منهنجا پرين.

چڑي جي=لار>لاري. پوک=موٽ>مُٽي
وڻ جو=اُسرڻ>اُسري.

الله! جتن جي **کا لڳي نہ** لاري،
مُٽيءَ کي ماري، اُسري ويا منهنجا پرين.

[570]

لوهہ جي نہ هئي تہ کو پکي مال جا ڏيندا.

لوهہ جي=کل. پکي=کيچي. مال جا=
ڏُها>ڏهاڳ.

کَل نہ هئي تہ کو کيچي ڏهاڳ ڏيندا.

[571]

پنهونءَ جي وڃڻ جو، **ذات** مون سان کن،
تہ **نالي** ويهان تن، **پنهنجو** ڏيانِ کينکي.

ذات=چِتايا>اڳ چتاءِ. نالو=پرمون> پر +ہ.
پنهنجو=اُٽڻ.

پنهونءَ جي وڃڻ جو، جي اڳ چتاءِ کن،
تہ پَر ہ ويهان تن، (هوند) اُٽڻ ڏيانِ کينکي.

[572]

وڻ هجيم ها تہ نرنامءَ عضوي مان شهر ڏيان کانہ ها.

وڻ=سنيالو>سنيال. نرنام=پنهون. عضوو=پاسو.
شهر=کيڻ.

سنيال هجيم ها تہ پنهون پاسي مان کيڻ ڏيان کانہ ها.

[573]

مال جي کيائون، مون کي **عورت** نہ ٿي،
نہ تہ **ست جن** ہ، **پار جي** ٿيان ها.

مال جي=پهريات>پهر +رات. عورت>سُهند>
سُڌ. ست جي=مهار. پار جي=لُڙکي>لڙکي.

پهر رات کيائون، مون کي سُڌ نہ ٿي،
نہ تہ مهارن ہ لڙکي پوان ها.

[574]

جي **نارنالي** هجان ها تہ پڇي پنهل کي **راند جا** وجهان ها.

نار نالي=سياڻي. راند جا=جوٽا.

جي سياڻي هجان ها، تہ پڇي پنهل کي جوٽا وجهان ها.

[575]

نرنانءَ جي **ذات** جي خبر هجي ها، تہ **عضوو** ئي نہ ڏيانس ها.

نرنان=پنهون. ذات=واجاڻا>وجڻ. عضوو=تَنُ>اُتڻ.

پنهون جي وجڻ جي خبر هجي ها، تہ اتڻ ئي نہ ڏيانس ها.

[576]

جي **مال** هجان ها تہ پنهون **عورت لوهہ جي** ڏيان.

مال=منجهي. عورت=هوند. لوهہ جي=کَهي.

جي منجهہ هجان ها تہ پنهون هوند کهي ڏيان.

[577]

جي پنهون جي **نار نالي** هجان ها، تہ کريان ها **عضوي پوک** جي تن سان.

نارنالي=شانا>ثاني. عضوو=سينو. پوک جي=کسي>کشي.

جي پنهون جي ثاني هجان ها، تہ کريان ها سيناکشي تن سان.

[578]

پنهون تہ **پکي** ٽيو، **مان ٻيڙيءَ واري** هياس.

پکي=کينو>کين +رهيو. ٻيڙيءَ واري=ڏاري.

پنهون تہ کين رهيو، جو مان ڏاري هياس.

[579]

پنڌ جي هوتن کي هئي، تڏهن **عضوو** هياس.

پنڌ جي=وجوڻي. عضوو=مُرهي>مان +رهي.

وجوڻي هوتن کي هئي، تڏهن مان رهي هياس.

[580]

مشڪري ڪِري، نہ تہ **راند جو** ڪنهن کي ڏيان.

مَشڪري=تاڙي. ڪِري=ڀڳي. راند جو=هاروجو.

تاڙي ڀڳي، نہ تہ هاروجو ڪنهن کي ڏيان.

Gul Hayat Institute

[581]

ذات مال جا پون، پنهل جا **گاهن** ۾.

ذات=آڇا>اڇيو. مال جا=پُور. گاهن=نينڊ>نَنڊن.

اڇيو پور پون پنهل جا ننڊن ۾.

[582]

نار **نالي** پنهون، **نرنانءَ** نه مون.

نار نالو=جيئري. نرنان=ويسر>وِسري.

جيئري پنهون وسري نه مون.

[583]

پنهل ته منهنجو **ڪائي** هو، پر **نرنالو** نه ڪيائين.

ڪائي=مصري (ٻيڙيءَ جي ڪپيءَ جي سرائي).

نر نالو=نيباهو.

پنهل ته منهنجو مصري هو، پر نيباهو نه ڪيائين.

[584]

پنهل ته منهنجو **ذات** هو، پر **ذات** ڪري ويو.

ذات=وينجهر>وينجهار. ذات=ڪاسائي>ڪسائي.

پنهل ته منهنجو وينجهار هو، پر ڪسائي ڪري ويو.

[585]

پنهون وڏي **ذات** هو، پر **ڪپڙي جو** ڇڏي وڃي **ڪاڻ** ٿيو.

ذات=وينجهر>وينجهار. ڪپڙي جو=ننگ.

ڪاڻ=هلڪو.

پنهون وڏو وينجهار هو، پر ننگ ڇڏي وڃي هلڪو ٿيو.

Gul Hayat Institute

[586]

پنهون ته **شهر** هو، پر ڏير **ذات** ٿي ويا.

شهر=سکر. ذات=ڪلال>ڪُلال.

پنهون ته سکر هو، پر ڏير ڪُلال ٿي ويا.

[587]

آءٌ پنهل جو **پير** ميجان، جي **ولايت** وڃي.

پير=پٽورو>پوءِ +ٽورو. ولايت=ڪين.

آءٌ پنهل جو پوءِ ٽورو ميجان، جي ڪين وڃي.

[588]

پولي کانہ کنڊياس، **پولي** هوت پنهون سان.

پولي=اگر. پولي=مگر.

اگر کانہ کنڊياس، مگر هوت پنهون سان.

[589]

آءٌ تہ هڪڙي **زمين جي**، ٻي **درد جي**،
ٽي **ڪپڙي جي**، چوٽين **راند جي** ٽيس،
هاڻي ٻہ **گهوڙي جا ڪاڻ** تي رکي، چوان تہ **نالو** ڪيو.

زمين جي=چري. درد جي=سُتي. ڪپڙي جي=
گندي. راند جي=بدَ< بدنام. گهوڙي جا=
تَڙا>هٽڙا. ڪاڻ=پيرن. نالو=بخش.

آءٌ تہ هڪڙي چري، ٻي سُتي، ٽي گندي، چوٽين بدنام ٽيس،
هاڻي ٻہ هٽڙا پيرن تي رکي چوانِ تہ بخش ڪيو.

[590]

تپ، جنڊ، هٿيار، ڪوهہ ڪاف جي.

تپ=ٻرو. جنڊُ=ڇڪي. هٿيار=ڪانُ< ڪانہ.

ڪوهہ ڪاف جي=پري.

ٻروڇڪِي ڪانِ پَري.

[591]

پنهل ڪوئن پوءِ **پوک جا** ٿيا.

پوک جا=وهراج>وهِ +راج.

پنهل ڪوئن پوءِ وهِ راج ٿيا.

Gul Hayat Institute

[592]

نار نالي سان ڪريو، تہ **ڪڪن جي** ڪي ڪيڇ نيو.

نارنالي=حڪيمان>حقي +مان. ڪڪن جي=
ٻني>ٻنهي.

حقِي مان سان ڪريو، تہ ٻنهي ڪي ڪيڇ نيو.

[593]

ڪا **ڪُتي جي** آئي ڪانہ ڪا، جا **ڪڪن جي** نئي ها ڪيڇ ڏي.

ڪتي جي=ڏاڙهہ>ڏاڙهي. ڪڪن جي=ٻني>ٻنهي.

ڪا ڏاڙهي آئي ڪانہ ڪا، جا ٻنهي کي نئي ها ڪيڇ ڏي.

[594]

پکين ۾ پولي پوي، مُئيءَ جـو لوهه کاٽ جي ويا.

پکي=روڏو. پولي=رڙ. لوهه جو=مارو>ماري.

کاٽ جي=مَن.

روڏن ۾ رڙ پـوي، مـئـيءَ جـو مـاري من ويا.

[595]

کـائن کـي جيئـڏ، پـون شـال عضـون ۾.

کاٽ(جو)=کرهو. جيئڏ=کيئان. عضون=پيرن.

کرهـن کـي کيئـان، پـون شـال پيـرن ۾.

[596]

اُهي فقير جي نه هوندا شال، جن مون سان هٿن جيَ ڪئي.

فقير جي=سينَ> سنئين. هٿن جي=چاتَ(چماٽ) >اُچاٽ.

اُهـي سنئين نه هوندا شـال، جن مون سان اُچاٽ ڪئي.

[597]

جـن منهنجـو ڳهـه نيـو، سـي ذات ٽينـدا شـال.

ڳهه=ڪنديلو>ڪُنديل. ذات=مشوري>مشهور.

جن منهنجو ڪُـنديل نيـو، سـي مشـهور ٽيندا شال.

[598]

وڻ جو ڪنهن کـي ڏيـان، نالي کـان نرنانءُ ويو.

وڻ جو=جوڏو>جو +ڏوهه. نالو=ڪرمون> ڪرمن. نرنانءُ=ڪيچي.

جو ڏوهه ڪنهن کـي ڏيان، ڪرمن کان ڪيچي ويو.

[599]

اَن جن ناهي ڏوهه، مـان سـان ڪـاٽ جـي ڪئي.

اَن جا=تُهه>تو. ڪاٽ جو=کارب>کا +رب.

تـو ۾ نـاهي ڏوهُـه، مـان سـان کـا رب ڪئـي.

[600]

نـالي نرنـانءَ جـو ڪوبـه مـرون نـاهي،

سـڀ مـرون مـون ڏي، جـي نرنـانءُ ملـي.

Gul Hayat Institute

نالو=هوت. نرنان=بلوچ. مرون=ڏوهيو>ڏوهه.
نرنان=پنهون.

هوت بلوچ جو کوبو ڏوهه ناهي،
سڀ ڏوهه مون ڏي، جي پنهون ملي.

[601]

ذاتين کونهي ڏوهه، **اکر** منهنجو ايئن هو.
ذات=ڏيرا>ڏيرن. اکر=انگ.
ڏيرن کونهي ڏوهه، انگ منهنجو ايئن هو.

[602]

کاٽ جو آءٌ کنهن کي ڏيان، لکيو **نرنانءَ** جو.
کاٽ جو=چوڏو>چو +ڏوهه. نرنان=قلم.
چو ڏوهه آءٌ کنهن کي ڏيان، لکيو قلم جو.

[603]

نارنانءَ جو **کپڑو**، آهي چار پنهون سان،
تڑ ۽ **وهٽ** جو، آهي چار پنهون سان،
مال ۽ **سُٽ** جو، آهي چار پنهون سان،
فقير ۽ **پوک** جو، آهي چار پنهون سان،
کاغذ ۽ **کاٽ** جو، ته به آهي چار پنهون سان.

نارنان=نماٽي. کپڑي جو=ننگ. تڑ جو=وارو> واري. وهٽ جو=ونگ. مال=توڏو. سُٽ جو= تنگ. فقير جي=سنگت. پوک جو=سنگ. کاغذ جو=ليکو. کاٽ جي=انگهه>انگ.

Gul Hayat Institute

نماٽيءَ جو ننگ، آهي چار پنهون سان،
واري وجهڻ جو ونگ، آهي چار پنهون سان،
توڏي چڪڻ جو تنگ، آهي چار پنهون سان،
سنگت وارو سنگ، آهي چار پنهون سان،
لکيو منهنجو انگ، ته به آهي چار پنهون سان.

[604]

پنهل ته منهنجو **کاٽ** جو، آءٌ پنهل جو **کاٽ**.
کاٽ جو=انگهو>انگ.
پنهل ته منهنجو انگ، آءٌ پنهل جو انگ.

[605]

هو جـــي **جيت** پروچ آلا، **ولايـــت** بہ تن ســـان.

جيت=لُـنڊَ> لُـنڊو. ولايت=نئنگ>انگ.

هو جي لُـنڊا ۾ـــروچ، آلا، انگ ۾ تن ســـان.

[606]

پنهـــون، **نـــالا** آيـــا، پـــر **نـــالا** تـــ نـــ.

نالو=تولو>تو +لاءِ. نالو=مُـولو>مون +لاءِ.

پنهـون، (ڏيـر) تـــو لاءِ آيـــا، پـــر مـــون لاءِ تـــ نـــ.

[607]

نرنانءَ، تنهنجي **مال** جي **ست جي** ٿيان ها.

نرنان=پنهل. مال=اُٺ. سُـٺَ جي=مهار.

پنهل، تنهنجي اُٺ جـــي مهـــار ٿيان ها.

[608]

پنهون! جي **پورهئي جي** هيئي تہ **شهر** نہ ڇڏين ها.

پورهئي جي=لائي. شهر=ڇني.

پنهـــون! جـــي لاءِ هُـيئي تـــ ڇنـــي نہ ڇڏين ها.

[609]

سنج ئون ڇڏ نہ هٽڙي، **پاهڙ جا** پاڙ سين.

سنج=پرُڀ>پرڀي. پاهڙ جا=ڀينگهر

(جنڊ جو پويون اڌ)> ني +گهر.

پرڀي ڇڏ نہ هٽڙ، نـــي گهرِ پاڙ سين.

[610]

عضوي اک جي لڳي، **جنگ جا** ڪر منهنجا پرين.

عضوو=ڳچي. اک جي=ڇڇ. جنگ جا=مَ ڇڏ.

ڳچـــيءَ ڇڇ لـــڳـــي، مَ ڇـــڏ منهنجا پرين.

[611]

ـــيءَ **اک جي** پئي **عضوي** ۾، سا **شهر** نہ ڪجي.

اک جي=ڇڇ. عضوو=ڀَـني. شهر=ڇـــٽو>ڇـــٽي.

هـــيءَ لـــڇ پئي ڳچيءَ ۾، ســـا ڇـــٽي نہ ڪجي.

[612]

وڻ وڻ، ۾ ئي ناهـ، **ذاتيون** ڇڏڻ پانهنجون.

وڻ=اَڪ>عقل: ذات=جويا>جويون.

عقل ۾ ئـــي ناهـ، جويون ڇڏڻ پانهنجون.

Gul Hayat Institute

[613]

كاريگر جي وچ نہ پنهون، توكي **نشي جو** چوندو كونہ.

كاريگر جو=رچائي>ري +جوءِ. نشي جو=خاشو.

ري جوءِ وچ نہ پنهون، توكي خاشو چوندو كونہ.

[614]

هٽ جو نہ وچ پنهون! هوءَ **كاڻي** پاڻ سان.

هٽ جو=ريجو>ري +جوءِ. كاڻي=نيزو>

نيجو>ني +جوءِ.

ري جوءِ نہ وچ پنهون! هوءَ نيءِ جوءِ پاڻ سان.

[615]

تنهنجي دل مون سان **گاهہ جو هئي**، پر ڏيرن كو **جانور** وڏو.

گاهہ جو=گڏو>گڏيل. جانور=پولو.

تنهنجي دل مون سان گڏيل هئي، پر ڏيرن كو پولو وڏو.

[616]

كپڙي جي هوت كري ويا، **جُتيءَ جي** تون نہ كرين ها.

كپڙي جي=كاري. جُتيءَ جي=ڏاري.

كاري هوت كري ويا، ڏاري تون نہ كرين ها.

[617]

درياءُ جو ڏنوَ دوست پرين، تڏهن رانول **رچ** ٿيو،

آءٌ اوهان سان **مال جي**، تڏهن **ملك** مون كي ڏيو.

درياءُ جو= كچو>كُچ. رچ=ڏكڻ. مال

جي=هري. ملك=سرو>آسرو.

كُچ ڏنوَ دوست پرين، تڏهن رانول ڏكڻ ٿيو،

آءٌ اوهان سان هري، تڏهن آسرو مون كي ڏيو.

[618]

ذات پولي منهنجا پرين، آءٌ نہ **جر جي** هياس.

ذات=شر>سر. پولي=پوش. جر جي=

گهڙي>اُگهاڙي.

سرپوش منهنجا پرين، آءٌ نہ اُگهاڙي هياس.

Gul Hayat Institute

[619]

ڪاچ جو مُئيءَ مٽان، **نالي** پنهنجا عضوا.

ڪاچ=ڪڪڙ>مرَ +ڪَڙ. نالو=هوت. عضوا= هٿ>هٿڑا.

مرَ ڪڙ مُئيءَ مٽان، هوت پنهنجا هٿڑا.

[620]

پنهنجا پنهون، **پنهنجي** آهيان.

پنهنجا=آرس>آءُ +رس. پنهنجي=بيوس.

آءُ رس پنهون، بيوس آهيان.

[621]

مرض ڇام پنهون، آءُ **عضوي جي** آهيان.

مرض=آرس>آءُ +رَس. عضوي جي=نس>نہ + سونهين.

آءُ رس ڇام پنهون، آءُ نہ سونهين آهيان.

[622]

عورت وٽ هوت آءُ، **وڻ اکر جي نالي** هاڻي آهيان.

عورت=حليمان>هلي +مان. وڻ=نسر + اکر جي=آڻي>نماڻي. نالو=اَبن>عيبن.

هلي مان وٽ هوت آءُ، (آءُ) نماڻي عيبن هاڻي آهيان.

[623]

باهہ ڏيئين پنهون، **اکيين** نہ ڏسئين.

باهہ=ساڙي>ساهہ +ڙي. اکيين=پري.

ساهہ ڙي ڏيئين پنهون! پري نہ ڏسئين.

[624]

پنهون **مال جي** ڏيانءِ، **نالي** تہ نہ ڏسانءِ.

مال جي=آسَ> آءُ +سڏيانءِ. نالو=پروُ> پري.

پنهون آءُ سڏيانءِ، پري تہ نہ ڏسانءِ.

[625]

اي **نالا!** ٽيءُ نہ **نالي، ڪاٺ جي** آءُ **نالا!**

نالو=پنهل. نالو=پريل>پري. ڪاٺ جو=

وَرو>وري. نالو=ولهو.

اي پنهل! ٽيءُ نه پري، وري آءُ وَلهاا!

[626]

ذات ڏي منهنجا پرين، نہ تہ ذات ويندیسانءِ.

ذات=عامل>آءُ +مِل. ذات=مري.

آءُ مِل منهنجا پرين، نہ تہ مري ويندیسانءِ.

[627]

تون شاهاڻو، آءُ ڏونري جي تي ملندیسانءِ.

شاهاڻو=ترسُ. ڏونري جو=دڳُ> دڳُ.

تون ترس، مان دڳ تي ملندیسانءِ.

[628]

اکر اچن سپرين، تہ اکر ٽي پوان،

نالي سندیون ڳالهڙیون، شهرئون ويهي کريان.

اکر=اوري. اکر=گهوري. نالو=هيمن>

هيءُ +منُ. شهر=دلي.

اوري اچن سپرين، تہ گهوري ٽي پوان،

هي من سندیون ڳالهڙیون، دليوَن ويهي کريان.

[629]

اَن جي شال اچن، آءُ عورت جرَ جي آهيان.

اَن جي=سيئي>سي ئي. عورت=جني.

جرَ جي=ڪوڏي.

سي ئي شال اچن، آءُ جني ڪوڏي آهيان.

[630]

سسئي پنهون جي اَما، پر اَبو اچي شال.

اَما=جيجڙي>جيءَ +جڙي. اَبو=بابو>باب.

سسئي پنهون جي جيءَ جڙي، پر باب اچي شال.

[631]

پنهل تہ منهنجو پيءُ هو، شل ماءُ ٽي اچي!

پيءُ=بابو>باب. ماءُ=مادر>مان +دَر.

پنهل تہ منهنجي باب هو، شل پر مان دَر اچي!

Gul Hayat Institute

[632]

شـــهرئون ويـــا، ســـي ذات ملنـــم شـــال!

شهر=مودر>مون +در. ذات=جانوري>
جان +وري.

مـون دَرَئـون ويـا، سـي جـان وري ملنـم شـال!

[633]

نرنـانءَ شـكار جـي، عضـوي تـي ڳهـــ ڙي.

نرنان=پنهون. شكار جي=اَڇي اَڇي. عضوو=
چشم. ڳهـ=هلكو.

پنهـون اڇـي اڇـي، چشـمن تـي هلكـو ڙي.

[634]

پاڻي جي پتَ وَلِ اوهان نہ ڪئي، شل عورت ڪاڇ جوا

پاڻيءَ جي=موڪ. پَتَ وَل=لاڻي. عورت=
سُڪي. ڪاڇ جو=رهو.

مـوڪلاڻي اوهـان نہ ڪئي، شـل سُڪي رهو!

[635]

پنهون مـان سـان پوڪ پٽ جي ڪئي ڪانہ ڪا.

پوڪ=موڪَ +پَٽ جي=لاڻي>موڪلاڻي.

پنهون مـان سـان مـوڪلاڻي ڪئي ڪانہ ڪا.

[636]

ڳاهـــ ڙي ويندياس، نرنـانءَ علـم جـيءَ ۾.

ڳاهـ=مريڙو>مري +ڙي. نرنان=ساجن.

علم جي=سورة>سور.

مـري ڙي ويندياس، سـاجن، انهـيءَ سـور ۾.

سرتين کي دانهن

[637]

حقـي جـي هـوت ويـا، لوهـــ جـون هاروچـا،

حقي جي=اُٿهڙي>اُٿو +ڙي. لوهـ جون=
ميخون>مان +ڪوئن.

اُٿـو ڙي هـوب ويـا، مـان ڪـوئن هاروچـا.

Gul Hayat Institute

[638]

اديون! مان سان **ڪاڇ** ٿون **ڪاڇ** ڪري ويا.

ڪاڇ=ڇاهين>ڇا +هوئن. ڪاڇ=ڪرڻ>ڪرڻَ.

اديون! مان سان ڇا هوئن ڪرَڻ ڪري ويا؟

[639]

هٿيار منجهه **عضوي**، جيڏيون **ذات** هڻي ويا.

هٿيار=ڪُنديو. عضوو=ڪاپار. ذات=جت.

ڪنديو منجهه ڪاپار، جيڏيون! جت هڻي ويا.

[640]

ڪُتي جو ساري رات، **ڪاڻ جو** ڏنر ڏي جيڏيون!

ڪُتي جو=پٽو>پٽيو. ڪاڻ جو=در.

پَٽيو ساري رات، در ڏنر ڏي جيڏيون!

[641]

هتئون **اوزار** ڏي اديون، **چنڊ جو** ڪو پنهون.

اوزار=رَندو>نڪرندو. چنڊ جو=ڏنو.

هتئون نڪرندو ڏي اديون، ڏنو ڪو پنهون؟

[642]

شهر آيا ڏي جيڏيون! **شهر** نہ ڏنائون؟

شهر=ماڏو>مان ڏي.

مان ڏي آيا ڏي جيڏيون! مان ڏي نہ ڏنائون.

[643]

حاڪيماڻي نہ هئر ڏي جيڏيون، تہ مون کي **فاقيرو** هوڻ کندا.

حاڪيماڻي=ڇاڻ. فاقيرو=حلقو>هلڪو.

ڇاڻ نہ هئر ڏي جيڏيون، تہ مون کي هلڪو هوڻ کندا.

[644]

گاهه جيءَ تي **جاءِ جا** هئر، پر **ڪاڻيءَ** ويا ڏي جيڏيون!

گاهه جي=دن>ايندن. جاءِ جا=بار>اعتبار.

ڪاڻي=ويساهن>ويساهي.

ايندن تي اعتبار هئر، پر ويساهي ويا ڏي جيڏيون!

Gul Hayat Institute

[645]

ڪاچ ٿون **ڪين** چيو، تہ **ذات ڪرين سسئي!**

ڪاچ=آني>آهان +ني. ذات=سونگها>سوگهه.

آهان نـي ڪين چيو، تہ سوگهه ڪرين سسئي!

[646]

منهنجو **گاهہ جو نرنانءُ سان، سگيٽيون ذات.**

گاهہ جو=بندُ. نرنان=بلوچ. سگيٽيون=اديون.

ذات=آهيڙي>آهي +ڙي.

منهنجو بندُ بلوچ سان اديون آهي ڙي!

[647]

اڪيون **ڪاچ** ٽيون، **رچ** ٿون هوت ويا،

ڪڪن جون ڪنهن کي ڏيان، مون **نرنالا ڪاٺ** پيا.

ڪاچ=ٻوٽيون. رچ=وٽو. ڪڪن جون=ڏايون>

دانهون. نرنالا=ڏونگر. ڪاٺ(جا)=ڏورٽا.

اڪيون مون ٻوٽيون، وٽئون هوت ويا،

دانهون ڪنهن کي ڏيان، مون ڏونگر ڏورٽا پيا.

[648]

اڪيون ڪٽي **ماس** ڪير، **رچ** پرين رات ويا،

ڪڪن جون ڪنهن کي ڏيان، **ڪاٺ پهڻ جا** پيا.

ماس=ٻوٽي>ٻوٽير. رچ=وٽا>وٽان.

ڪڪن جون=ڏايون>دانهون. ڪاٺ جا=

ڏورٽا. پهڻ جا=ڏونگر.

اڪيون ڪٽي ٻوٽير، مون وٽان پرين رات ويا،

دانهون ڪنهن کي ڏيان، ڏورٽا ڏونگر پيا.

[649]

ولايت وڃان ها جيڏيون، تہ **ست جي** هوند پوان ها،

ڪري ڪاٺ پنهون کي، آءٌ **جر جو** وڃان ها.

ولايت=هرات>هي +رات. ستَ جي=رَسي.

ڪاٺ(جو)=نهيرو>حيلو. جر جو=وارو>واري.

هي، رات وڃان ها جيڏيون، تہ رَسي هوند پوان ها،

ڪري حيلو پنهون کي، آءٌ واري وڃان ها.

Gul Hayat Institute

[650]

عورت نالي چا ڪريان، ويا مرد نالو ڇڏي،
هُن تان هڏو ڪيو، آءُ نہ رهندي هڏي،
ڳهہ منهنجو ولايت ويو، مٿي لوهہ جن لڏي،
دعا ڪريو ڏي جيڏيون! من عورت نالو گڏي.

عورت=حليمان>هلي +مان. مرد نالو=بيگ>
بي گُرا. هڏو=سَنڌ>سنڌو. ڳهہ=وَرُ.
ولايت=ڪيچ. لوهہ جن=گهوڙن>گوئرن.
عورت=سسئي. نالو=پنهون.

هلي مان چا ڪريان، ويا بي گُرا ڇڏي،
هن تان سنڌو ڪيو، آءُ نہ رهندي هڏي،
وَرُ منهنجو ڪيچ ويو، مٿي گوئرن لڏي،
دعا ڪريو ڏي جيڏيون! مانَ سسئي پنهون گڏي.

[651]

امڙ اتي آڳيٺيءَ جو ڪ، واڇت نالا وڃن،
هٽيو نڪر جا پٽر جن تي، مال جا ڪن،
اديون، ائين چون، نہ ولايت ۾ وڻ ٽيو.

آڳيٺيءَ جو=اُهاڻ(سوجهرو). واڇت=ڏُم>دَمُ.
نالا=هوت. نڪر جا=هٽيا>هٽ. پٽر جي=سِرَ.
مال جا=گهوڙا. ولايت=هرات>رات. وڻ=
هيرڻ>هيءُ +رڻ.

امڙ اتي اُهاڻ ڪ، جنهن دم هوت وڃن،
هٽيون هٽ سڀرن تي، گهوڙا گهوڙا ڪن،
اديون، ائين چون، تہ رات ۾ هيءُ رڻ ٽيو.

[652]

ٻہ وڻيون نرنانءُ ناهي عضوي ۾، تڏهن زمين جا ڏي،
ذراڙ ڏڻ جو ڪري ويا، تڏهن مال جا ڏي!

ٻہ وڻيون=ٻهلاڻيون>ٻيلياڻيون. نرنان=پنهون.
عضوو=ڪيچَ. زمين جا=ڪامان. ذراڙ=اونار.
ڏڻ جو=ڏاڙو. مال جا=گهوڙا.

Gul Hayat Institute

پيلياڻيون! پنهون ناهي ڪچ ۾، تڏهن ڪامان ڏي!
اونار ڏاڙو هٽي ويا، تڏهن گهوڙا گهوڙا ڏي!

[653]

جڏهن ٽي پنهون ذات ٽيو، تڏهن عورت نه جيڏيون!
ڪاڻ پکيءَ جو نه ڪيو، نه ته عورت ٽيم ڏي جيڏيون!

ذات=ڄاڻهان>پاڻهان. عورت=مُئي ڪاڻ جن=
پلاڻن. پکيءَ جو=چيچٽ. عورت=سجاڳان>سجاڳي.

جڏهن ٽي پنهون پاڻهان ٽيو، تڏهن ميس نه جيڏيون!
پلاڻن چيچٽ نه ڪيو، نه ته سجاڳي ٽيم ڏي جيڏيون!

[654]

آيا ڏير ڏکيءَ جا، ڪري ڪپڙي جي من،
راڳ ۽ نارنءَ جو، چو نه لاڻائون ڪن،
اديون ڏي هوتن، نيو راند جيءَ ٻاروڇو.

ڪپڙي جي=ڪوٽي. راڳ جي=زاري. نارنان
عورت=ڏائڻان>ضعيف. راند جي=اڳيئي>
آ+گهٽي.

آيا ڏير ڏکيءَ جا، ڪري ڪوٽي من،
زاري هن ضعيف جي، چو نه لاڻائون ڪن،
اديون ڏي هوتن، نيو آ گهُٽي ٻاروڇو.

[655]

سڏ ٻُڌي جي ڇڏيائون، ڪوريئڪو ورڪ نه ڪيائون،
نالي ڏنائون، پنهنجا ٻُڪين ڪينكي.

سڏ=ڇو. ٻُڌي جي=ڏي. ڪوريئڪو=پنجو>
پنهنجو. ورڪ=وڻ>وڙ. نالو=موسو>مون+
سي. پنهنجا=لڪَ. ٻُڪئي جو=لنگهڻ.

ڇوڙي ڇڏيائون، پنهنجو وڙ نه ڪيائون،
مون سي ڏنائون، جي لڪَ لنگهڻ جا ڪينكي.

[656]

مرد ۽ مال جا سرتيون، شهرئون ڏير ويا،
اُن جي ڪونه هئا، مان رچ ڏي جيڏيون!

Gul Hayat Institute

مرد=تازا. مال جا=سور. شهر=ڏيهي>ڏيئي.
ان جي=ڪرهي(سنگن جي حفاظت لاءِ هاري
ناهين)> ڪرَ +هي. رچ=وَڻو>وٽ.
تازا سُور سرتيون، ڏيئي ڏير ويا،
ڪرَ، هي ڪونه هئا، مان وٽ ڏي جيڏيون!

[657]

ڪائي جنهن لاءِ ٽياس، **ڪائي** سي نه ٽيا،
آديون ٻاروچا، مون کي **ڪائي** ڪري ويا.
ڪائي=پگي. ڪائي=ٻسانگي>سانگي.
ڪائي=ڪاري.
پگي جنهن لاءِ ٽياس، سانگي سي نه ٽيا،
اديون ٻاروچا، مون کي ڪاري ڪري ويا.

[658]

ولايت ڏون ويا ڏي جيڏيون، پر شهرڏون شل مرَ وجن،
جيت ڏسيو انهن جا، مون کي **پکي** جهل نه ڏين.
ولايت=هرات>هي +رات. شهر=دلي>دلئون.
جيت=جائون>جايون. پکي=هنجهه>هنجهون.
هي رات ويا ڏي جيڏيون، پر دلئون شل مرَ وجن!
جايون ڏسيو انهن جون، مون کي هنجهون جهل نه ڏين.

[659]

لوهه بنان ڏي جيڏيون، وڏيون **مال جون** پُرِن،
سي جي **نالو** هونِ، ته **وکر جي** کير کري.
لوهه(جو)وَرَ> ورن. مال جون=گهٽيون.
نالو=حيات. وکر جي=پُڙي>اُپڙي.
وَرَن بنا ڏي جيڏيون، وڏيون گهٽيون پُرِن،
سي جي حيات هونِ، ته اُپڙي کير سگهي.

[660]

جتن **نانءُ** ٽيان، جي مون کي **ذات** ڪن.
نان=نهال>نال. ذات=سهاڳا>سهاڳڻ.
جتن نال ٽيان، جي مون کي سهاڳڻ ڪن.

[661]

هن **ولايت** کان جيڏيون! **نالا نانءَ** وجن،
اَن جي رڌي ڪن، **عورت ذات** آهيان.

ولايت=سورت>سور. نالو=وَريام>وريا
نان=ويچ. اَن جي=سيئي>سي +ئي.
رڌي=سڃي. عورت=جنت>جني. ذات=ماري.

هن سور کان جيڏيون، وريو ويچ وجن،
سي ئي سڃي ڪن، جني ماري آهيان.

[662]

اديون ڏي آءٌ **ذات**، **نالن نرنانءَ** کين،
مَن **جر جا** ٿين، تہ **مئي جو** ٿئيم **سُٽ** سان.

ذات=کانهل>کاهلي. نالن=سيٽن. نرنان=
سنيو>سنيس. جر جا=ڏڏا. مُئي جو=وصال. سُٽَ
(جو)=وَر.

اديون ڏي آءٌ کاهلي، سيٽن سنيس کين،
من ڏڏا ٿين، تہ وصال ٿئيم وَر سان.

[663]

جر جون وڏم جانب کي، **وڃ جي** وڏم کانہ،
وکر ڏيو ڏي جيڏيون، **نرنانءَ** پسان مان.

جر جون=جهلون. وڃ جي=ڳيراڻي>ڳرهاڻي.
وکر=کوپرو>کو +پرو. نرنان=پنهون.

جهلون وڏم جانب کي، ڳرهاڻي وڏم کانہ،
کو پرو ڏيو ڏي جيڏيون، پنهون پسان مان!

[664]

منهنجا **گاهہ پروچ**، **ڪاڻي** ڪنديس ڪينکي.

گاهہ=سڙ>سيڙ. ڪاڻي=ٻيانو>ٻيا.

منهنجا سيڙ پروچ، ٻيا ڪنديس ڪينکي.

[665]

ناهي **ڪاڻي نالي** ري ٻين **نانونَ** جي.

ڪاڻي=لوڑهہ>لوڙَ. نالو=جانب. نانوَن=جتن.

ناهي لوڙ جانب ري ٻين جتن جي.

Gul Hayat Institute

[666]

وڻ تہ گھٹو اٿر جيڏيون، پر ذات ماري آهيان.

وڻ=اَڪ>عقل. ذات=جهڄڻ. ماري= جهوري.

عقل تہ گھٹو اٿر جيڏيون، پر جهڄڻ جهوري آهيان.

[667]

مِرون وئڙم نڪري، مان مرون ڪوهہ ڪنڊياس.

مرون=ڪيڇئون>ڪيڇ +ئون. مرون=پلنگ (ڪتو).

ڪيڇ ئون وئڙم نڪري، مان پلنگ ڪوهہ ڪنڊياس.

[668]

نار نالي ڪان هوت ويا، هت نار نالي ڇا ڪنڊياس.

نارنالي=حليمان>هلي +مان. نار نالي=رحيمان> رهي +مان.

هلي مان ڪان هوت ويا، هت رهي مان ڇا ڪنڊياس.

[669]

نالي بنان هاڻ، هت نار نالي ڇا ڪريان.

نالو=سڄڻ. نارنان=رحيمان>رهي +مان.

سڄڻ بنان هاڻ، هت رهي مان ڇا ڪريان.

[670]

نار نانءَ ڪيئن ٽڪي، جنهن جو واڻيو ذات وني ويا.

نارنان=جادل>جا +دل. واڻيو=هيمن>هيءُ + من. ذات=هوت.

جا دل ڪيئن ٽڪي، جنهن جو هيءُ من هوت ونی ويا.

[671]

نالي پڇاڙا جيڏيون! هاڻي ڇيرو نالي ڪي.

نالو=جانب. ڇيرو=باهہ. نالو=ينيو>ينيور.

جانب پڇاڙا جيڏيون، هاڻي باهہ ينيور ڪي!

[672]

نرنانءَ بنا ڙي جيڏيون، سمهڻ وڻ ٽيو، هي مال جا، مون رچ ئون هوت ويو.

Gul Hayat Institute

نرنان=پنهون. وڃ=اَڪڙو>ڪڙو. مال جا=
گهوڙا. رڇ=وَڻو>وڻئون.

پنهون بنان ڏي جيڏيون، سمهڻ ڪڙو ٿيو،
هي گهوڙا! مون وڻئون هوت ويو.

[673]

لوهہ جن جون ڳالهيون، ڪهڙيون ڪنديسانِ،
لوهہ جو هوت وني ويا، عضوو ڏي ڏسنديسانِ.

لوهہ جي=بيل>بي +لڇن. لوهہ جو=ڪهاڙو>
ڪوهيارو. عضوو=آندو>آءُ +ڏوڙي.

بي لڇن جون ڳالهيون، ڪهڙيون ڪنديسانِ،
ڪوهيارو هوت وني ويا، آءُ ڏوڙي ڏسنديسانِ.

[674]

پنهنجون هن شهر ۾، لڏيون مون شاديءَ جون،
نرنانءَ ناهي حاڪيماڻو، سو ته راند جي نيائون،
تني ڪي آءٌ، وڃي ولايت ڳوليان.

پنهنجون=پيئر. شهر=پنيور. شاديءَ جون=-
لائئون. نرنان=پرين. حاڪيماڻو=پلنگ.
راند جي=ٻڌي. ولايت=وندر. ڳوليان=ووڙيان.

پيئر هن پنيور ۾ لڏيون مون لائئون،
پرين ناهي پلنگ تي، سو ته ٻڌي نيائون،
تني ڪي آءٌ وڃي وندر ووڙيان.

Gul Hayat Institute

[675]

عضوي ڪائينڊياس، عضوي ويندیس هوت جي.

عضوو=پِني. عضوو=پُني.

پِني ڪائينڊياس، پُنيءَ ويندیس هوت جي.

[676]

راند جي هوت ويا، آءُ ڪتي جيءَ ملنڊياس تن ڪي.

راند جي=لڪ>لِڪي. ڪُتي جي=لَڪ.

لِڪي هوت ويا، آءُ لَڪ ۾ ملنديس تن ڪي.

[677]

ولايت ويڑا جيڏيون، مون کان پير ڪري،
نرنائ نيائون پاڻ سان، هت مال جي ڪير ڪري.

ولايت=هرات>هي +رات. پير=هادي>هيڏي.
نرنان=پنهون. مال جي=نَهَر.

هَي رات ويڑا جيڏيون، مون سان هيڏي ڪري،
پنهل نيائون پاڻ سان، هاڻ هت نَهَر ڪير ڪري.

[678]

ولايت وياڙي جيڏيون، تن نالا نائ ڪري،
نالو نيائون پاڻ سان، تن نالا کا مَ ڪري.

ولايت=هرات>هي +رات. نالو=خدابخش>خدا.
نان=خيرو>خير. نالو=جيئندو>جِند. نالا=
نندو>ندا.

هَي رات وياڙي جيڏيون، تن خدا خير ڪري،
جِند نيائون پاڻ سان، تن نِدا کا مَ ڪري.

[679]

جنهن ڪاڻ لڳو ڙي جيڏيون، نار نالي ڏيندي ڪيئن نہ ميان!

ڪاڻ=تير. نار نالو=صابُلَ> سا +بُل.

جنهن تير لڳو ڙي جيڏيون! سابُل ڏيندي ڪيئن نہ ميان!

[680]

Gul Hayat Institute

اَن جي سا ڪاريگر جي، مون کي پوک جو ارمان ڙي.

اَن جي=رهي. ڪاريگر جي=نهي. پرک جو=
سنگ>سنگت.

آءُ رهي سا نهي، مون کي سنگت جو ارمان ڙي.

[681]

ڪاڻ پَناري پيوم، پر رچ ناهيان ڙي جيڏيون!

ڪاڻ=پلڪ. رچ=جَمن>جم.

پلڪ(ويجهڙي جو) پناري پيوم، پر جم ناهيان ڙي جيڏيون!

[682]

پـــاڻـــيءَ منجھ پـــيـــاس، **ڪاڻ** لڳو ڏي جيڏيون!

پاڻي(جا)=پور>پورن. ڪاڻ(جو)=چرخو>چرخ.

پـــورن منجھ پـــيـــاس، چـــرخ لڳو ڏي جيڏيون!

[683]

پنڌ جو نرنائ ويو **شهر** ڏي، مـــان **مٽيءَ جا** جيڏيون!

پنڌ جو=ڪوھ. نرنان=يارل. شهر=ڪيچ.

مٽيءَ جا=ڪامان.

ڪوھيارل ويـــو ڪـــيـــچ ڏي، مـــان ڪامان جيڏيون!

[684]

آءٌ **زمـــيـــن جا** ڏي جيڏيون، **ذاتين** هـــوت وجن.

زمين جا=ڪامان. ذات=مهندا>مهندان.

آءٌ ڪـــامـــان ڏي جيڏيون، مهندان هـــوت وجن.

[685]

ڪـــاچ پرين جـــو پوءِ، تہ **شهر** وجان ڏي جيڏيون!

ڪاچ=ڪوپرو>ڪو +پرو. شهر=**ڊُڪ**.

ڪو پرو پرين جو پوءِ، تہ **ڊُڪ** وڃان ڏي جيڏيون!

[686]

ڪڪ ڪريو ڏي جيڏيون، **جبل** منهنجي جو.

ڪڪ=**ڊيُ**. جبل=سورجاڻ>سور.

ڊَيُ ڪريو ڏي جيڏيون، سُور منهنجي جو.

Gul Hayat Institute

[687]

ســـازيـــن هـــوت گڏيـــو. ڪنهن **نرنائ** سان جيڏيون!

ساز=مُرلي>مون +رُليَ. نرنان=ٿوابو>سبب.

مـــون رُلـــيءَ هـــوت گڏيو، ڪنهن سبب سان جيڏيون!

[688]

نرنائ ونـــي ويا **مرض** ۾، مون کي **مرض** ڏيئي ويا.

نرنان=پنهون. مرض=نهنڊ>ننڊ. مرض=سور.

پنهون ونـــي ويـــا ننـــڊ ۾، مون کي سور ڏيئي ويا.

[689]

پنهنجو ٽير جيڏيون! گاهه پکي ڪيو، پر جر وڻ جي جي ڪانه ڪيائون.

پنهنجو=ارمان. گاهن=سڻ>سيڻن. پکي=سانباهو. جر جي= موڪ. وڻ=لاٽي.

ارمان ٽير جيڏيون، سيڻن سانباهو ڪيو، پر موڪلاٽي ڪانه ڪيائون.

[690]

هڪ هجن ها وڻ جي، ٻيو نالا ۽ نرنان،

تن ۾ ڪاڻي جو هو ڪونڪو، سي زر بلا جي ڪيئن ڪندا؟

وڻ جي= مائڻ> مائٽ. نالو=چگو> چگا.

نرنان=جوان. ڪاڻيءَ جو=هڏو>هڏ ڏوکي.

زر جي=ڳڻ. بلا جي=مڻ.

هڪ هجن ها مائٽ، ٻيو چگا جوان،

تن ۾ هڏ ڏوکي هو ڪو نڪو، سي ڳڻ مڻ ڪيئن ڪندا؟

[691]

چمر جي ساريان عورت، جي رهي ويا عضوو.

چمر جي=سيبڻ>سي +بڻ. عورت=سچڻ.

عضوو=رتڙي>راتڙ.

سي پڻ ساريان سچڻ، جي رهي ويا راتڙي.

[692]

ولايت ويا ڙي جيڏيون، شهر شال اچن!

ولايت=ونگو ولاسو>ونگي. شهر=موندر> مون +در.

ونگي ويا ڙي جيڏيون، مون در شال اچن!

[693]

اک جن ڙي اديون، مان سين ان جا ڪيا.

اک جو=جَتو>جتن. ان جا=اَڏ>اَڏن>ويڏن.

جتن ڙي اديون، مان سين ويڏن ڪيا.

[694]

ڪاڻيءَ جي نرنان ڪانه ڪيائون، شهر ونې ويا ڙي جيڏيون!

ڪاڻيءَ جي=رَسَ. نرنان=محبت. شهر=چِني.

رس محبت ڪانه ڪيائون، چني ويا ڙي جيڏيون!

Gul Hayat Institute

[695]

ولايت ويا ڏي جيڏيون، **شهر** ملائي شال!

ولايت=ارم>ور +ڀر. شهر=يثرب>سي +رب.

وَرَ ڀر ويا ڏي جيڏيون، سي رب ملائي شال!

[696]

كاڻي جن سان هياس، اُهي **كاڻي** ڪري ويا،

اديون ٻاروڇو، **كاڻي** مون ڪري ويو.

كاڻي=لڳي. كاڻي=قِنّي. كاڻي=كاري.

لڳي جن سان هياس، اُهي قِنّي ڪري ويا،

اديون ٻاروڇو، ڪاري مون ڪري ويو.

[697]

ذات نہ هيس ڏي جيڏيون! تڏهن **ذات** ڏيئي ويام.

ذات=سيا. ذات=سيلر>سي +لُرَ.

سياءَ نہ هيس جيڏيون! تڏهن سي لُرَ ڏيئي ويام.

[698]

نرنانءَ وئي كان پوءِ، **شهر ڏي**.

نرنان=پنهل. شهر=بغداد.

پنهل وئي كان پوءِ، بغداد ڏي.

[699]

نار چيو **نار** كي، مون كي **نالو** آڻي ڏي.

نار=سسئي. نار=سكي. نالو=پنهون.

سسئي چيو سكيءَ كي، مون كي پنهون آڻي ڏي.

[700]

سازين هوت ڏنا، **نالي** سان ڏي جيڏيون!

ساز=مُرلي>مون +رُلي. نالو=فضل.

مون رُلي هوت ڏنا، فضل سان ڏي جيڏيون!

[701]

دعا كريو ڏي جيڏيون، مان **جُتيءَ جيئن** ٽيان.

دعا(جا)=ٻُكَ. جُتيءَ جي=رُوءَ >روبرو.

ٻُكَ ڪٽو ڏي جيڏيون، مان روبرو ٽيان.

Gul Hayat Institute

[702]

مان سان لڳي **جنگ جي**، اوهين وجي **کا وکر عضوي جي** ڪريو.

جنگ جي=چَڪري. وکر=مس +عضوي

جي=لت>مصلحت.

مان سان لڳي چڪري، اوهين وجي کا مصلحت ڪريو.

[703]

ڪاڇ جو ڪنهن کي چوان، من کو **فقيراٽو** ٽئي.

ڪاڇ جو=هيرو>هيو +روئي. فقيراٽو=ميلو.

هيو روئي ڪنهن کي چوان، من کو ميلو ٽئي.

[704]

ڪائنئين ويا سڃڻا، مان پي **ڪائنئين** ويندياسانِ،

ڪائين سنديون ڳالهيون، وجي **ڪائنئين** چونديسانِ.

ڪائي=ڪنواڻي>ڪنواڻين. ڪائي=ڪنواڻي>

ڪنهن +واڻين. ڪائي=ڪنواڻي>ڪن +واڻن.

ڪائي=ڪنواڻي>ڪنهن +واڻين.

ڪنواڻين ويا سڃڻا، مان پي ڪنهن واڻين ويندياسانِ،

ڪن واڻن سنديون ڳالهيون، ڪنهين واڻين چونديسانِ.

[705]

جنهن **ڪاڻ** ويا ڙي جيڏيون، آءٌ تنهن **ڪاڻ** ويندياسانِ،

ڪاڻ سنديون ڳالهڙيون، آءٌ **ڪاڻ** چونديسانِ.

ڪاڻ=در. ڪاڻ=در>اندر.

جنهن در ويا ڙي جيڏيون! آءٌ تنهن در ويندياسانِ،

اندر سنديون ڳالهڙيون، آءٌ اندر چونديسانِ.

[706]

پنهنجي ويا ڙي جيڏيون! آءٌ **پنهنجي** ويندياسانِ،

پنهنجيءَ سنديون ڳالهڙيون، وجي **پنهنجي** چونديسانِ.

پنهنجو=دَم>هڪدم.

هڪدم ويا ڙي جيڏيون! آءٌ هڪدم ويندياسانِ،

هڪ دم سنديون ڳالهڙيون، وجي هڪدم چونديسانِ.

Gul Hayat Institute

[707]

ڪائين ويا اٿم جيڏيون، آءٌ ڪائين ويندياسانِ،
ڪائين سنديون ڳالهڙيون، آءٌ ڪائين چوندياسانِ.

ڪاني=پيٽُ> هو +پِٽ(آءٌ پٽ، جي پٽ،
سي پٽ)

هو پٽ ويا اٿم جيڏيون، آءٌ پٽ ويندياسانِ،
جي پٽ اٿم ڳالهڙيون، سي پٽ چوندياسانِ.

[708]

ولايت ويم جيڏيون، مان ولايت ويندياسانِ،
ولايت سنديون ڳالهيون، ولايت چوندياسانِ.

ولايت=جاوا>جاءِ.

جاءِ آيم جيڏيون، تنهن جاءِ ويندياسانِ،
جاءِ سنديون ڳالهيون، جاءِ اتي چوندياسانِ.

[709]

جنهن عضوي ويا اٿم سپرين، تنهن عضوي ويندياسانِ،
عضوي سنديون ڳالهڙيون، وڃي عضوي چوندياسانِ.

عضوو=منهن.

جنهن منهن ويا اٿم سپرين، تنهن منهن ويندياسانِ،
منهن سنديون ڳالهڙيون، وڃي منهن سان چوندياسانِ.

[710]

ڪڪين آيا ڏيس، ڪڪين ويندياسانِ،
ڪڪين سنديون ڳالهڙيون، وڃي ڪڪين چوندياسانِ.

ڪڪين=تڏي.

تڏي آيا ڏيس، تڏي ويندياسانِ،
تڏي سنديون ڳالهڙيون، وڃي تڏي چوندياسانِ.

[711]

عضوي ويا ڙي جيڏيون، مان بہ عضوي ويندياسانِ،
عضوي سنديون ڳالهيون، وڃي عضوي ڪندياسانِ.

عضوو=چڏو>چڏي>ڪيڄ +ڏي.عضوو=

Gul Hayat Institute

چڏو>چڏي>ڪيچ +ڏي. عضوو=چڏو>چڏي>
ڪيچ +ڏي. عضوو=چڏو>چڏي>ڪيچ +ڏي.

ڪيچ ڏي ويا ڙي جيڏيون، مان بہ ڪيچ ڏي ويندياسانِ،
ڪيچ ڏيهہ سنديون ڳالهيون، وڃي ڪيچ ڏي چوندياسانِ.

[712]

عضوي جي ويندياس، جو اک جي ڪامڻ آهيان.

عضوي جي=نڙي>(چو) +نہ +ڙي. اک جو=
نينهن. ڪامڻ=نوازي.

چو نہ ڙي ويندياس، جو نينهن نوازي آهيان.

[713]

پکي درياءَ جو چاڙهيو، هو ڪاچ بہ منهنجو جن،
آءٌ بہ مهندان تن، جر جو ڪنديس ڪينکي.

پکي جو=ڪُهڻ>ڪُهي. درياءَ جو=ڪن. ڪاچ
جو=ماهہ. جر جو=ٻاڙو.

ڪُهي ڪُني چاڙهيو، هو ماهہ بہ منهنجو جن،
آءٌ بہ مهندان تن، ٻاڙو ٻولينديس ڪينکي.

[714]

ڪپڑو پنهون کي شل، مڇي نہ لڳي جيڏيون!

ڪپڑو=ميرو>مير. مڇي=مؤس>مَ +اُس.

مير پنهون کي شل، اُس مَ لڳي جيڏيون.

[715]

ٻولي پنهل اچي، ٻولي ڪيان ڪيئن؟

ٻولي=جيتر. ٻولي=تيتر.

جيتر پنهل اچي، تيتر ڪيان ڪيئن؟

سسئيءَ کي سرتين جو چوڻ

[716]

جر واري جي ڪامڻي، جيت جي ڏير ويئي.

جر واري جي=آني>آءٌ +ني. ڪامڻي=سسئي.

جيت جي=تاني>تان +ني.

آءٌ ني جاڳيس سسئي، تان ني ڏير ويئي.

Gul Hayat Institute

[717]

نرنانءَ چيو **نارنانءَ** کي، هي نہ پرين پر،
هٽي **وڻ ذاتين** کي، ڏير ويا ڏونگر،
نالي نرنانءَ کينکي، رچ تنهنجي گهر.

نرنان=صالح>صلح. نارنان=سسئي. وڻ=
کامون. ذات=چانگ>چانگن. نالو=تولو>
تو +لئي. نرنان=ٽکيو>ٽکيا. رَچ=گهڙي.

صلحَ چيو سسئي کي، هي نہ پرين پر،
هٽي کامون چانگن کي، ڏير ويا ڏونگر،
تو لئي ٽکيا کينکي، گهڙي تنهنجي گهر.

[718]

نارنانءَ چيو **نارنانءَ** کي، ادي! اها نہ پرين پر،
هٽي **وڻ ذاتين** تي، ڏير چڙهيا ڏونگر،
نالن ۽ نرنائن جا کينکي، رچ **نرنانءَ** جي گهر.

نارنان=سُکي. نارنان=سسئي. وڻ=کاموئي>
کام.ذاتين=چانگ>چانگن. نالا=تولا>تو +
لاءِ. نرنان=ٽکيا. رچ=گهڙي. نرنان=پنهون.

سکيُ چيو سسئي کي، ادي اها نہ پرين پر،
هٽي کامون چانگن تي، ڏير چڙهيا ڏونگر،
تولاءِ ٽکيا کينکي، گهڙي پنهونءَ جي گهر.

Gul Hayat Institute

[719]

جن جو **مرض نالي** سين، تن کي **عورت** نہ نياءِ.

مرض=عشق. نالو=آري. عورت=نندِ.

جن جو عشق آريءَ سين، تن کي نندِ نہ نياءِ.

[720]

عورت پنهنجو اڙايو، **پنهنجون** کرين!

عورت=ڳهلي. پنهنجو=نينهن. پنهنجون=نندون.

ڳهلي، نينهن اڙايو نندون کرين!

[721]

جڏهن جيئڏ پولي آيا، تڏهن چو ڪاڇ هئينءَ سسئي؟

جيئڏ=سيانتو>سيا +تو. پولي=وٺ
ڪاڇ=ليٽي.

جڏهن سيا تو وٺ آيا، تڏهن چو ليٽي هئينءَ سسئي؟

[722]

نالا ڏنا هيئي رات، تڏهن چوٽي ڪامڙ چو سُتينءَ؟

نالا=ميا. چوٽي=سوڙهي>سوڙ. ڪامڙ=
اُڀي>اوڀي.

ميا ڏنا هيئي رات، تڏهن سوڙ اوڀي چو سُتينءَ؟

[723]

جر ول جي تو ڪئي، پنهنجو مِرون ڏري،
ولايت ويا سسئي، جن جو پنڌ پري.

جر جي= اڪ. ول جي= ٻوٽي> ٻوٽ.
پنهنجو=پاسو. مرون=پلنگ(ڪتو). ولايت=
هرات>هو +رات.

اڪ ٻوٽ تو ڪئي، پاسو پلنگ ڏري،
هي رات ويا سسئي، جن جو پنڌ پري.

[724]

عيبدار سسئي، جڏهن ڪانڌ ويئي ڪوهيار،
پنهنجي ويو وڻڪار، تڏهن جر جي لٽي جيڏيون!

عيبدار=نڪَ لٽي>نـ +ڪل +ٽيئي. پنهنجي=
وَهي جر جي=ماڪ>مان +ڪل +ٽي.

نـ ڪل ٽيئي سسئي، جڏهن ڪانڌ ويئي ڪوهيار،
وهي ويو وڻڪار، تڏهن مان ڪل ٽي جيڏيون!

[725]

لوهه جي پنهنجي نه ڪرين ها، ته ڪاٺ جا چو پچين ها؟

لوهه جي=سُئي>سسئي. پنهنجي=ننڍ.
ڪاٺ جا=دَر>وندر.

سسئي! ننڍ نه ڪرين ها، ته وندر چو پُچين ها!

Gul Hayat Institute

[726]

ذات جا ڏنا هيئي ڏيـر، تـہ **جـر جـو** ٿئين ها سسئي!

ذات جا=شورا. جر جو=ڪُـر>محڪم.

شورا ڏنا هيئـي ڏيـر، تـہ محڪـم ٿئيـن هـا سسـئي!

[727]

هڪڙو بہ **راند جو**، پيو بہ **راند جو**، ٽيون بہ **راند جـو** نہ ٿيو،

تنهـان پـوءِ ويـو، **رانـد جـو** پنهـون ڙي سسـئي!

راند جو=نولو. راند جو=دَهلو>دهلئين.

راند جو=پَتو. راند جو=يَڪو.

نـَـولا ڏسـي دهلئيـن، پـر پـَـتو ڪونـہ پيـو،

تنهـان پـوءِ ويـو، يـَـڪو پنهـون ڙي سسـئي!

[728]

جڏهن **ڪاٺ جا** ڏنئي **گهر جي** تي، تڏهن تون **مال جو** ڙي سسئي!

ڪاٺ جا=اوپرا. گهر جو=اڳڻ.

مال جو=پُـڇ.

جڏهن اوپرا ڏنئي اگـڻ تـي، تڏهن تـون پڇ ڙي سسـئي!

[729]

ڪاڻي آيئي ڏيـرَ، تڏهن **راند جيئَن** ڪيين ها سسئي!

ڪاڻي=ناقص. راند جي=هڪل>هڪالي.

ناقص آيئي ڏيـرَ، تـڏهن هڪالي ڪـيين هـا سسـئي!

[730]

تو **ڪاغذ جي** آيا هئا ڏير، تڏهن **ناڻي جا** ڪرين ها سسئي!

ڪاغذ جي= پاس. ناڻي جا=تيلها>تيلهي.

تـو پاس آيـا هئـا ڏيـر، تـڏهن تيلهي ڇڏين هـا سسـئي!

[731]

جڏهن **اڪر مـال جـو** ڏنئي، تڏهن **وڻ جـو** ڪرين هـا!

اڪر=قـنـو. مال جو=پاڳيو>پاڳ. وڻ جو=

ڪوئيلو>ڪو +حيلو.

جڏهن قـِـنـو پـاڳ ڏنئي، تـڏهن ڪـو حيلـو ڪرين هـا!

Gul Hayat Institute

[732]

جڏهن ٿي پنهل ويو، تڏهن **کائيون کاڻ پوک جو** ڪرين ها.

کائيءَ جون=دريون. کاڻ جو=دَر.

پوک جو=بَند.

جڏهن پنهل ٿي ويو، تڏهن دريون در بند ڪرين ها.

[733]

جڏهن **مال** ٿي **مچي** ٿيو، تڏهن **پکي** نه ٿئين ها سسئي!

مال=اُٺ. مچي=رَڙي>رڙيو. پکي=ٻوڙي.

جڏهن اُنن ٿي رڙيو، تڏهن ٻوڙي نه ٿئين ها سسئي!

[734]

سڻي پريت **پکي** جي، **پنهنجو** تو نه جڳائي،

ذات ڪڙ وس تنهنجو ڪر، پوءِ **نالو** ڪري خدا.

پکي=سانباهو. پنهنجو=سُمهڻ. ذات=مَٽڻ.

نالو=ميڙائو.

سڻي سانباهو سڃڻ جو، سمهڻ تو نه جڳائي،

مَٽڻ وس تنهنجو ڪر، پوءِ ميڙائو ڪري خدا.

[735]

پکي تن سيڻن جو، **پکي** تو نه سُئو،

پکي ڏير چڙهي ويا، **پکي** تو نه ٻڏو،

پکي هل پنهون سان، توکي **پکي** چا ڪندو.

پکي=سانباهو. پکي=آڙي>اَڙي. پکي=چڙي.

پکي= ٻوڙي. پکي= پاريهر> پاري + هلَ.

پکي=چاپاڪو>چير.

سانباهو تن سيڻن جو، اڙي تو نه سُئو،

چڙي ڏير چڙهي ويا، ٻوڙي تو نه ٻڏو،

پاري هل پنهون سان، توکي چپر چا ڪندو.

[736]

پنهون **کاڻ** ۾ ڏنو هوءِ، تڏهن **ذات** چو نه وئين؟

کاڻ جو=پاڪڙو. ذات=چنبڙَ.

پنهون پاڪڙي ۾ ڏنو هوءِ، تڏهن چنبڙي چو نه وئين؟

Gul Hayat Institute

[737]

رات **ڪپڙ جي** ۾ **چوڪر** ڇونہ پئين.

ڪپڙ جي=مهار. چوڪر=لڙڪي.

رات مهارن ۾ لڙڪي ڇو نہ پئين؟

[738]

پنهون تنهنجي **شهرئون** ويو، **نالن ۾ نرنائن** ۾،

پوءِ **مروئن** ۾ **نينگر** پوين ها سسئي!

شهر=ڪيڇ>ڪيڇئون. نالو=ٻيڙو>ٻيڙن.

نرنائ=جهوڙو. مرُون=واڳو>واڳن.

نينگر=لڙڪي.

پنهون تنهنجي ڪيڇئون ويو، ٻيڙن ۾ جهوڙن ۾،

پوءِ واڳن ۾ لڙڪي پوين ها سسئي!

[739]

جڏهن **زر جا ڏنا هيئي**، تڏهن **مال جا** ڪرين ها!

زر جا=رَند. مال جا=راهڙ.

جڏهن رند ڏنا هيئي، تڏهن راهڙ ڪرين ها!

[740]

دونالي ڪامٽي، ڪاڇ کي ڪندينءِ ڇا؟

دونالا=هڪ نالو'جنت'>جن +تنهنجي. ٻيو

نالو=رکي>نہ +رکي. ڪامٽي=سسئي. ڪاڇ=

تُوت>توتن>تون +تن.

جن تنهنجي نہ رکي سسئي، تون تن کي ڪندينءِ ڇا؟

[741]

نار نالي رڇ سسئي، **وڻ جن** ڪندينءِ ڪوهه؟

نارنالي=جَني. رڇ=پاري. وڻ جا=تُوت>

تُوتن>تُون +تن.

جني نہ پاري سسئي، تون تن ڪندينءِ ڪوهه؟

[742]

پنهنجي ڪنيرڪي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا.

پنهنجي=اڪ +ڪُنيرڪي=چَني.

اڪ چَني تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا.

Gul Hayat Institute

[743]

کاني کپڑي جي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
جر ڇ جي تو نہ **کپڑجي** کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
وڏي **چمر جي** تو نہ **سڪئي**، تڏهن توکان هوت ويا،
هاڻي تنهنجو **شهر** هئي، توکان هوت ويا.

کاڻيءَ جو=ٽانبو. کپڑي جي=ٽوپي. جر=پاڻي.
ڇ=پيالي. چمر جي= ڳلي. کپڑ جي= جهلي.
شهر=پريجي>پري + جيءُ.

ٽانبي ٽوپيءَ جي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
پاڻي پيالي جي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
وڏي ڳلي تو نہ جهلي، تڏهن توکان هوت ويا،
هاڻي تنهنجو پري جيءُ، توکان هوت ويا.

[744]

مکڙ ماني جي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
واڙ گاهه جي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
هندو درياءَ جي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
حقي گهوڙي جي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا.

مکڙ جي=ڏاڙي. مانيءَ جي=صلاح. واڙ جي=
کڙهه. گاهه جي= پوري. هندو جي= آهر.
درياءَ جو= پور> پوري. حُقي جو= دم.
گهوڙي جو=قدم.

ڏاڙي صلاح تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
کڙهه پوري تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
آهر پوري تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
دم قدم تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا.

[745]

واءَ جي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
مينگهواڙ کي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،
کنيار کي تو نہ کئي، تڏهن توکان هوت ويا،

Gul Hayat Institute

جنڊ جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
گهوڙي نغاري جي تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
واءِ جي= گهُٽ. مينگواڙڪي= ڳَلي ۽ جهلي.
ڪنيارڪي=ڪَري ۽ پاري. جنڊ جي=ڊوڙ ۽ ڳاري.
گهوڙي جي=ٽَهل. نغاري جي=ٽڪور.
گهُٽَ تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا،
ڳَلي تو نہ جهلي، تڏهن توکان هوت ويا،
ڪري تو نہ پاري، تڏهن توکان هوت ويا،
ڊوڙي نہ ڏني توڳاري، تڏهن توکان هوت ويا،
ٽهل ٽڪور تو نہ ڪئي، تڏهن توکان هوت ويا.

[746]

اها وادڪي تو نہ جر جي، تڏهن توکان هوت ويا.
وادڪي=گهَڙي. جر جي=گهاري.
اها گهڙي تو نہ گهاري، تڏهن توکان هوت ويا.

[747]

پڪي نار نالي تو ۾، ذات ويئي ڙي سسئي!
پڪي=اَڻ. نارنالي=رکي. ذات=ماري.
اَلَ رکي تو ۾، ماري ويئي ڙي سسئي!

[748]

نالي آيئي ڏيرَ، شهر هٽي ويئي سسئي!
نالو=اگڙ. شهر=سيکاٽ>سي +کاٽ.
اگڙ آيئي ڏير، سي کاٽ هٽي ويئي سسئي!

[749]

نہ لقب سسئي، تنهنجا لقب ڏير ويا.
لقب=جل(جل جلاله). لقب=کپ>کپي>خفي.
نہ جل سسئي، تنهنجا خفي ڏير ويا.

[750]

مرون مار ڪري، ڪي پڪي ويا ڙي سسئي!
مرون=تازي. مار=جُٽ. پڪي=طوطا>تو +تان.
تازي جُٽ ڪري، توتان ويا ڙي سسئي!

Gul Hayat Institute

[751]

جي هو **ذات** ڏينئي، تہ تون **پنهنجا** ڏيئي ڳنهہ.

ذات=وڳڻ>اوڳڻ. پنهنجا=ڳُڻ.

جي هو اوڳڻ ڏينئي، تہ تون ڳُڻ ڏيئي ڳنهہ.

[752]

جيئڙ ڪيچين ڪاڻ، **مال جو** هوت پلي ويا.

جيئڙ=مڪڙ>مرَ +ڪڙهہ. مال جو= آهو.

مڪڙهہ ڪيچين ڪاڻ، هو آهو هوت پلي ويا.

[753]

شهر ذات ٿون **ذاتَ** ويا، تون **ڪيئن ڪاڇ جو** سسئي؟

شهر=هاڙهو. ذات=هوت. ذات=لنگها.

ڪاڇ جو=رهو>رهي.

هاڙهو هوت لنگهي ويا، تون ڪيئن رهيءَ سسئي؟

[754]

جيڪي **ڪڪ** لکيو، سو **ذات** ڙي سسئي!

ڪڪ=قلم. ذات=يوڳڙي>يوڳ +ڙي.

جيڪي قلم لکيو، سو يوڳ ڙي سسئي!

[755]

ڪاڻيون ڪر نہ سسئي! تنهنجو **ڪاڻ** ڪاڏ نيو.

ڪاڻيون=ايرٽيون>رڙيون. ڪاڻ=ڪرهن.

رڙيون ڪر نہ سسئي! تنهنجو ڪرهن ڪاڏ نيو.

[756]

هندڪي ڪر **ڪامڻي**، **مال جو** ڪيچين ڪاڻ.

هندڪي=سمجهہ. ڪامڻي=سياڻي. مال جو=

نهيرو>نہ +روءُ.

سمجهہ ڪر سياڻي، نہ روءُ ڪيچين ڪاڻ.

[757]

پڪي ٿي نہ سسئي، جيتر **گاهہ** پوي.

پڪي=ڳيرو>اڳي +روءُ. گاهہ=ڪَلَ.

اڳي روءُ نہ سسئي، جيتر ڪَل پوي.

[758]

سسئي مال جو، هو جيئڏ نه.

مال جو=نرو>نہ +روءِ. جيئڏ=سيانتو>سيا +تو.

سسئي نہ روءِ، هو سيا تو نہ.

[759]

شهر جي ويا، جر جو نہ تن کي،

شهر=لَکي>لِکي. جر جو=يونئرو>پوءِ +روءِ.

لِکي جي ويا، پوءِ روءِ نہ تن کي.

[760]

ذات ٽي نہ سسئي! پنهون تہ وڃ جي ٽي.

ذات=وئونرا>ونءُ +رو. وڃ جي=جهڙ>ويجهڙ.

ونءُ، رو نہ سسئي! پنهون تہ ويجهڙ ٽي.

[761]

کاڻ جو سسئي، اجهو هو نالو ڏس.

کاڻ جو=مَنرو (مانڈاڻيءَ جو حصو)> مرَ +روءِ.

نالو=گُلو>گَلو.

مرَ روءُ سسئي، اِجهو هو گلو ڏس.

[762]

گاهه پولي کر سسئي! هو اڳهين پنڌ وڃن،

پنهنجن گهر تان کيئن رڃ ڪجن!

گاهه=مروئو>مرَ +روءِ. پولي=ماڻ. پنڌ=ڪوهه. گهر=وَرَ> ورن. رڃ=دلي>دليون.

مرَ روءُ، ماڻ کر سسئي، هو اڳهين ڪوهه وڃن،

پنهنجن ورن تان، کيئن دليون ڪجن!

[763]

مٽيءَ جي ٽي نہ سسئي! اڳيئون ڪپڑ جا ٽي.

مٽيءَ جي=چري. ڪپڑ جي=ليڑ>ليڑا.

چري ٽي نہ سسئي! اڳيئون ليڑا ٽي.

[764]

گھرَ جي نہ ٿي سسئي، اڳيئون نرنانءَ اٽئي.

گھر جي=ٻھاري>اُباھري. نرنان=پنھل.

اُباھري نہ ٿي سسئي، اڳيئون پنھل اٽئي.

[765]

متيءَ جا ڳھہ نہ سسئي! اڳيئون پکي ٿي.

متيءَ جا=ڳوڙھا. ڳھہ=ھار. پکي=ڪيچي.

ڳوڙھا ھار نہ سسئي! اڳيئون ڪيچي ٿي.

[766]

جيئڏ نہ ڙي سسئي، اڳيئون ذاتيون وڃن.

جيئڏ=پونئرو>پوءِ +نہ +روءُ. ذات=اوڏ>اوڏا

ءِ جت.

پوءِ نہ روءُ ڙي سسئي، اوڏا جت وڃن.

[767]

جر جن جويُن کان، ھو وڻ واريون ٽا نين،
ساز نہ ڪر ڙي سسئي! ڪارڻ ڪوھيارن،
پچاڙا پرين، گھر پوک چلم ڙي سسئي!

جر جي=سُتي>سُتين. وڻ جون=ڇڙھيون.

ساز=ڪينرو>ڪين +روءُ. پوک جا=سلا.

چلم=مَتي.

سُتين جويُن کان ڇڙھيون ھو ٽا نين،

ڪين روءُ ڙي سسئي! ڪارڻ ڪوھيارن،

پچاڙا پرين، گھر سلامتي ڙي سسئي!

[768]

سسئي! غم جا نہ ڪر، من کو نالو ٿيئي.

غم جا=ڳوڙھا. نالو=صابو>سبب.

سسئي! ڳوڙھا نہ ڳاڙ، من کو سبب ٿيئي.

[769]

نالا عضون تان، مال جي سسئي!

نالو=ڳوھو>ڳوڙھا. عضوا=ڳل. مال جي=

مھار>مرَ +ھار.

ڳوڙھا ڳلن تان مرَ ھار سسئي!

Gul Hayat Institute

[770]

پنهنجا پنهنجن تي، هاڻي ڳهه نه سسئي!

پنهنجا=ڳوڙها. پنهنجن=ڳلن. ڳهه=هار.

ڳوڙها ڳلن تي، هاڻي هار نه سسئي!

[771]

ملڪ ڇڏ هتي، وڃي نالي روءُ پنهون جي.

ملڪ=حبش>هنبس. نالو=منگهو.

هنبس ڇڏ هتي، وڃي منگهي روءُ پنهون جي.

[772]

شهر ڪر نه اتي، وڃي نالي روءُ پنهون جي.

شهر=مانجهند>مانجهاندا. نالو=اگڙ.

مانجهاندا ڪر نه اتي، وڃي اگڙ روءُ پنهون جي.

[773]

دل جا ڇڏ ڙي سسئي، ڪجهه ته عورت ٿي.

دل جا=اوتارَ. عورت=سياڻي.

اوتار ڇڏ ڙي سسئي، ڪجهه ته سياڻي ٿي.

[774]

تڙجي ڪنديءَ ڪوهه، هو ته راڳ لنگهي ويا.

تڙ جي=رُوڙ>روئي. راڳ=ڪيڏارو>ڪيڏا +روهه.

روئي ڪنديءَ ڪوهه، هو ته ڪيڏا روهه لنگهي ويا.

Gul Hayat Institute

[775]

ڏڙ ٻولي وجهه نه سسئي، نارنالي ٿيءُ،
ڪڙمڪي لائق نه ذاتين.

ڏڙ ٻولي=ٻيڪ>ٻئي +ڪنُ. نارنالي=سياڻي.

ڪڙمڪي=ڪيڙ(=نار جي ڳاڏيءَ کي پاجاريءَ سان ڳنڍڻ وارو رسو). ذات=جويا>جوين.

ٻئي ڪن وجهه نه سسئي، سياڻي ٿيءُ،
ڪيڙ پوڻ لائق نه جوين.

[776]

ڪپڑي مرون جي، اهو وڙ نه ذاتين.

ڪپڑي جي=پُڻي. مرون جي=پوڻ. ذات=جويا>جوين.

پُڻيءَ پوڻ، اهو وڙ نه جوين.

[778]

ڪاڻيءَ جي وچ سسئي، هو نالو اٿئي.

ڪاڻيءَ جي=ناڪيلي>نہ +آڪيلي. نالو=پرتو>پرتي.

نہ آڪيلي وچ سسئي، هو پرتي اٿيئي.

[778]

عضوين چڙهه نه سسئي، **متان موچڪا** ٿئين.

عضوا=چپر>چپرين. موچڪا=پرزا.

چپرين چڙهه نه سسئي، متان پرزا ٿئين.

[779]

هندونالي ڪامٽي، پنهنجين ۾ بلائون اٿئي.

هندو=سڪُ. نالو=سياڻي. ڪامٽي=سسئي. پنهنجي=چُر.

سِڪُ سياڻي سسئي، چُرن ۾ بلائون اٿئي.

[780]

فقير تا چون، ڪاڻي جبل ۾.

فقير=نيڪ>آ +نيڪ. ڪاڻي=پاهوڙي>يوءَ +ڙي.

آنيڪ تا چون، يوءَ ڙي جبل ۾.

[781]

عضون ۾ اٿيئي **نار نالي** ڙي سسئي!

عضوو=چُرون>چُرن. نارنالي=فتان>آفتون.

چُرن ۾ اٿيئي، آفتون ڙي سسئي!

[782]

اڳيان هٿيار اٿئي، **رڃ** لڳندئي، **نارنالي هٿيار** اٿئي.

Gul Hayat Institute

هٿيار=تبر>تہ +بر. ريڇ=تاس>ڙي. نارنالو=
وسندي. هٿيار=ڪانُ> ڪا +نہ.
اڳيان تہ بَـرُ اٿئي، تاس لڳندءِ، وَسندي ڪانہ اٿئي.

[783]

پير جون ڪر، ڏي ڪاريگر جو نرنانءُ ڪي.
پير جون=مداحون>مرَ +دانهون. ڪاريگر جو=
آهوڙو. نرنانءُ=پنيو>پنيور.
مرَ دانهون ڪر، ڏي آهوڙو پنيور ڪي.

[784]

تون ٿي هت **نالا** پڇين، ڏي **ڪاريگر جي نالي** ڪي،
تہ اڳيئون **نرنالا** ٿينئي.
نالو= ويڑهو> ويڑها. ڪاريگر جي= آهوڙ.
نالو=پنيو>پنيور.نرنالا=هڪ نالونيڪ، پيو روشن.
تون ٿي هت ويڑها پڇين، ڏي آهوڙ پنيور ڪي،
تہ اڳيئون نيڪروشن ٿينئي.

[785]

نرنانءُ ڪيچين ڪاڻ، **ذات** ٿيندئين ڙي سسئي!
نرنان=هوندو>هوند. ذات=زبوني>زبون.
هوند ڪيچين ڪاڻ، زبون ٿيندئين ڙي سسئي!

[786]

زمين جي نرنانءُ ڪي، تان تہ توتان وڃ جا لاهي.
زمين جي=چوبندي>چوءُ +بندي. نرنان=صاحب.
وڃ جا=پورَ.
چوءُ بندِي، صاحب ڪي تہ توتان هي پورَ لاهي.

[787]

اُٿي **درياءَ جا** جانڇ ڙي سسئي، اجهي **مال جا** آيا.
درياءَ جا=لنگهہ. مال جا=ساڻ.
اُٿي لنگهہ جانڇ ڙي سسئي، اجهي ساڻ آيا.

Gul Hayat Institute

[788]

رڄ ويهہ سسئي! توکي پوک جي نہ ڪندا هوت.

رڄ=اَڪِلي>آءُ+ڪلي. پوک جي=
وَلهہ>وِلهو.

آءُ ڪِلي ويهہ سسئي! توکي ولهو نہ ڪندا هوت.

[789]

وڻ نہ ٿي سسئي، عورت نالي ايندا ڙي!

وڻ=تُرنج>تون+رنج. عورت نالو=ورائي>وري.

تون رنج نہ ٿي سسئي، (تو وڻ) وري ايندا ڙي!

[790]

پنڌ جو ڙي نارنانءَ، رڄ تو نہ ٿيندو،
نرنان هوندو نالي ہ، تان پاٽهي نالو ايندو.

پنڌ جو=ڪشالو. نارنانءُ=سسئي. رَڄُ=وڻو>
وڻان. نرنان=ليکو>لکيل. نالو=ڪرم.
نالو=پنهل.

ڪشالو ڙي سسئي، وڻان تو نہ ٿيندو،
جي لکيل هوندو ڪرم ہ، تان پاٽهي پنهل ايندو.

[791]

جيئڻ سين توکي نالي نيندا سسئي!

جيئڻ=ڪپ>ڪپُ+نہ. نالو=نوازيو>نوازي.

ڪپُ نہ، توکي نوازي نيندا سسئي!

سسئيءَ جو سرتين کي جواب

[792]

جيت پسان ڙي جيڏيون، شهرئون هوت وڃن،
نالو منَ ڪري پهچان ڏانهن پرين.

جيت=جانو>جاني. شهر=چن>چنيو. نالو=الله.

جاني پسان ڙي جيڏيون، چنيو هوت وڃن،
الله منَ ڪري، پهچان ڏانهن پرين.

Gul Hayat Institute

[793]

هو پنهون جا **ڪپڙا** آيا، تني اچي **ڪپڙو** ڪيو.
ڪپڙو ڪيائون، **ڪپڙو** نيائون، آءٌ به اني جي **ڪپڙي** ويندس.

ڪپڙو=ڪونو>ڪونيا. ڪپڙو=جورو>زورو
ڪپڙو=چگو. ڪپڙو=پلو>پلي. ڪپڙو=
پُڻيو>پڻيان.

هو پنهونءَ جا ڪونيا آيا، تني اچي زورو ڪيو.
چگو ڪيائون، پلي نيائون، آءٌ به اُني جي پڻيان ويندس.

[794]

ٻيڙيءَ واري پنهنجي ور لاءِ، **جبل جون** ڳولينديا‌س.

ٻيڙيءَ واري=واڳي. جبل جون=ڪويون>
ڪا +يونءِ.

واڳي پنهنجي وَر لاءِ، ڪا پونءِ ڳولينديا‌س.

[795]

اَن جا اوڪا آهن ڙي جيڏيون، وڃي **ست جو** ڏسنديسان.

ان جو=آڏارڻ>آڏا +رڻ. سُٽ جو=ڏورو>ڏوري.

آڏا رڻ اوڪا آهن ڙي جيڏيون، وڃي ڏوري ڏسنديسان.

[796]

عضون ۾ ويندياس، مان آڏو **ذات نرنانءَ** جي.

عضوو=لُڪي>لَڪن. ذات=آري. نرنانءِ=جام.

لڪن ۾ ويندياس، مان آڏو آري جام جي.

[797]

ڳهن ۾ ڪندياس، **وڻ** جام پنهون لاءِ.

ڳهه=اَولَڪ>الو +لڪ>لَڪن. وڻ=
لاٽا>اولاٽا.

الو، لڪن ۾ ڪندياس، اولاٽا جام پنهون لاءِ.

[798]

ڪاڻي ٽڪنديس ڪاڻ ڪا، **ڪاڻي** آءٌ ويندياسِ،
ڪاڻيءَ جي **نرنانءَ** وٽ، **ڪاڻي** آءٌ ٽيندياسِ.

Gul Hayat Institute

کاڻي=هتي. کاڻي=تُر>تُرت. کاڻي=
کاهلي>کاهي +هلي. نرنان=هوت پنهون.
کاڻي=سُرهي.

هتي ٽکنديس کانھ کا، تُرت آءٌ ويندياسِ،
کاهي هلي هوت پنهون وٽ، سُرهي آءٌ ٽيندياسِ.

[799]

نالي ٽيس سرتيون، **نالو** کونھ ٽيوم،
نالو پوءِ ٽيوم، آديون تن **ذاتيين** سان.
نالو=ساماڻو>سامائي. نالو=جشن. نالو=صفر>
سفر. ذات=اوتار>اوتارن.

مون سامائي سرتيون، جشن کونھ ٽيوم،
سفر پوءِ ٽيوم، آديون تن اوتارن سان.

[800]

وکرَ کيچين کاڻ، **جر جا** پير جيڏيون!
وکر=پٽ>پٽَ. جر جا=جُهاڳڻ.

هي پَٽ کيچين کاڻ، جهاڳڻ پير جيڏيون!

[801]

جي **دوالوه جا** مون، سي **کاڻ جا** پير جيڏيون!
دوا جا=حب. لوھ جا=سُئا. کاڻ جا=ڏورٽا.

جي حب سُئا مون، سي ڏورٽا پير جيڏيون!

[802]

ولايت ويندياسِ، آهن **هٿيارن** ۾ منهنجا پرين.
ولايت=هرات>هي +رات. هٿيار=تبر>تبرن
تہ +برَن.

هي رات ويندياسِ، آهن تہ برن ۾ منهنجا پرين.

[803]

راند جي نہ رهندياس، هو جيءُ **ولايت** ويا.
راند جي=پَٽي. ولايت=ونگو>ونگي.

پَٽيءَ نہ رهندياس، هو جيءُ ونگي ويا.

Gul Hayat Institute

[804]

لوهه ٿون آءٌ ويندياس، **ان جو** هوت پنهون سان.

لوهه جو=كانٽو>كاڻي. ان جو=دَمڙ>دم.

كاڻي آءٌ ويندياس، كو دم هوت پنهون سان.

[805]

كپڙي جي ويندياس، **كاڻيءَ جي نرنانءَ** ڏي.

كپڙي جي=كهي. كاڻ جي=مورڪي> مُنهن +ركي. نرنانءَ=پنهون.

كهي ويندياس، منهن ركي پنهون ڏي.

[806]

كاڻي لڳ خداءِ، ڏيون **جهنگ جو** چام پنهون كي.

كاڻي=هٿوڙي>اُٿو +ڙي. جهنگ جو=ولو.

اُٿوڙي لڳ خداءِ، ڏيون ولو چام پنهون كي.

[807]

پنهل تہ **پيرَ جي** ويو، اُٿو ڙي اَديون، تہ **پنڌ جي** كريون.

پير جو=غيب>غائب. پنڌ جي=دوڙ.

پنهل تہ غائب ٿيو، اُٿوڙي اَديون! تہ دوڙ كريون.

[808]

ٽيهه پنجاهه ٽيويهه مٽي ناهي ميار،

پير رگيو نرنانءَ كٽو تہ ويجهيون ٽيون وٽكار كي.

ٽيهه + پنجاهه +ٽيويهه=سوَ ٽي(103)سوٽن.

پير=اويس>او +س. رگيون=رتيون. نرنان= گامون>گام (وڪ).

مٽي سوٽن ناهي ميار،

او سرتيون، گام كٽو تہ ويجهيون ٽيون وٽكار كي.

[809]

ادي! جي كا پنهون جي **مٽيي** جو ڏس ڏئي،

تہ ان كي **ليكي پوك جو** ڏيان.

مٽيو=وائو>وائي(= لنگهه، پيچري). ليكي جو= كاڻيو>كاڻي. پوك جو=جيءَ.

ادي! جي كا پنهون جي وائي جو ڏس ڏئي، تہ ان كي كاڻي جيءُ ڏيان.

[810]

نار نالي پنهنجو نہ ڪر، آءٌ ٿي ڪاريگر جي ڏسان.

نارنالي=سکي. پنهنجو=سڏ. ڪاريگر جي=آهوڙي.

سُڪي! سڏ نہ ڪر، آءٌ ٿي آهوڙ ڏسان.

[811]

اوهين نہ سرتيون **ساز جون**، منهنجو **وڻ** وني ٽيا وات،

جر چڪ جيڪي ڪيو، تنهن ڪان ڳوڙهن پريو ڳات،

جر جي پيجو نہ جيڏيون! آءٌ ويندیس پنهونءَ وات.

ساز=ڊولڪ>ڊول. وڻ=وينگس. جر چڪ=

وَرتَ> وَرُ +تہ. جرَ جي=چاڑهي>چاهہ +ڙي.

اوهين نہ سرتيون ڊول جون، منهنجو وينگس وني ٽيا وات،

ان ور تہ جيڪي ڪيوَ تنهن ڪان ڳوڙهن پريو ڳات،

چاهہ ڙي پيجو نہ جيڏيون، آءٌ ويندیس پنهونءَ وات.

[812]

نالي ماريس **نالو** آهي، **نالي** ڪي ٿو **نالو** نئي.

نالو=محبت. نالو=صحبت. نالو=سڪندر>سڪ +

اندر. نالو=ساڻي>سا +ٿي.

محبت ماريس صحبت آهي، سڪ اندر جا، سا ٿي نئي.

[813]

پنهون تہ وجي **پڪي جو** ٿيو، پر آءٌ **اَن جي** ٽيان.

پڪي جو=پَرَ>پر. اَن جو=پري>اڳ پري.

پنهون تہ وجي پرجو ٿيو، پر آءٌ اڳيري ٽيان.

Gul Hayat Institute

[814]

پنهون تہ **پنهنجيءَ** ويو، آءٌ **ڪا پورهئي** جي ٽيان.

پنهنجي=قسمت. پورهئي جي=پري>اڳ پري.

پنهون تہ قسمت سان ويو، آءٌ اڳ پري ٽيان.

[815]

اديون! **ڪُٽ** باسيون، **بي زحمت** باسي.

ڪُٽ=مارڻ>مان +رڻ. زحمت=ڪارڻ=

(ڪارڻ ڪرڻ=پڙهيا ڪرڻ)> ڪا +رڻ.

اديون! مون رڻ باسيو، بي ڪا رڻ باسي.

[816]

اوهين چو ٿيون وڻ ٿيو، مان کي **متيءَ جو** ناهي.

وڻ=ڪپ> ڪَپَ> ڪَپو. متيءَ جي=ڪوپ> ڪو +پوءُ.

اوهين چوٿيون ڪپو، مون کي ڪو پوءُ ناهي.

[817]

ڪاٺ وڻ جو ڪريو مَ جيڏيون، **سُٽَ جي** مان سان **ولايت** هلندي ڪانہ.

ڪاٺ جو=ڪپو. وڻ=ڪجي>ڪِجو. سُٽ جي= ڪهي. ولايت=ڪيچ.

ڪپو ڪِجو مَ جيڏيون، ڪهي مان سان ڪيچ هلندي ڪانہ.

[818]

هٿيار جو لڳو **شهر** منهنجي ڪي، **نالوَن** جا هلندي، مان نہ جهليان تنهن ڪي.

هٿيار جو=چڪر. شهر=مديجي>ماندو +جيءُ. نالو=خوشي.

چڪر لڳو منهنجي ماندي جيءَ ڪي، خوشيئون جا هلندي، مان نہ جهليان تنهن ڪي.

[819]

هلي تہ مون سان **ذات** هلي، **پولي** هلي ڪانہ.

ذات=خوشا>خوشي. پولي=پُڇي.

هلي تہ مون سان خوشيءَ هلي، پُڇي هلي ڪانہ.

[820]

هلي تہ مان سان **ذات** هلي، پر **نارنالي** ڪا مَ هلي، **حاڪم جو** ڏسي، متان **وڪر جو** ٽي پوي.

ذات=ڪاڪا. نار نالي=سدوري>سڌ +واري. حاڪم جو=ڪارائو>رائو. وڪر=ڪنبيرو>ڪنبي روئي.

هلي تہ مان سان ڪا هلي، پر سڌ واري ڪا مَ هلي، اڳيان ڏسي رائو، متان ڪنبي روئي پوي.

Gulhaat Institute

[821]

اوهين **ڪاچ جو** اِتي ڏي! آءٌ **شهر** هلنديان.

ڪاچ جو=رَهو. شهر=حب.

اوهين رهو اِتي ڏي! آءٌ حب هلنديان.

[822]

اوهين **حقي جي جيڏيون! نالو جر جي** ويندياس.

حقي جي=اُتو ڏي>اُتو +ڏي. نالو=جبل.

جرَ جي=جهاڳ.

اوهين اُتو ڏي جيڏيون! آءٌ جبل جهاڳيندياس.

[823]

دليئون جي **گهوڙن، سي نارنالي** چا ڪنديون!

گهوڙو=نُقرو>نہ +گهُرن. نارنالي=

حليمان>هلي +مان.

دليئون جي نہ گهرن، سي هلي مان سان چا ڪنديون!

[824]

ڪاٺ هلي، ڪاٺ چلي، **ڪاٺ ڪُٽي** بارَ،

ڪاٺ هلي **ڪيچ تي، ڪاٺ ڪديِ** پارَ.

ڪاٺَ=ڪامرَ> ڪا +مرَ.

ڪا مرَ هلي، ڪا مرَ چلي، ڪا مرَ ڪُٽي بار،

ڪامرَ هلي ڪيچ تي، ڪامرَ ڪديِ پار.

[825]

مٽيءَ جون مون گهٽيون، پر **عورت نالي** ڪانہ ميان!

مٽيءَ جون=ڪونيون. عورت نالو=حليمان>

هلي +مان.

ڪونيون مون گهٽيون، پر هلي مان سان ڪانہ ميان!

[826]

ڪاڻ واريون وري وجو، آءٌ **نارنالي** رهيس ڪانہ،

نالو وري ملڪ تي، **چمر جي** نہ عاشقن.

ڪاٺ=وَرو>وَرن. نار نالي=سهاڳڻ. نالو=

موٽڻ. چمر جي=اَڏوڙ>اَدي +وڙ.

Gul Hayat Institute

ورن واريون وري وڃو، آءُ سهاڳڻ رهيس ڪانه،
موٽ وري ملڪ تي، اڌي! وڃ نه عاشقن.

[827]

ڪُتو پاراتو، اوهين ته **ڪائي** ڏي!

ڪُتو=جبل(ڪتي جو نالو). پاراتو=تَتو. ڪائيءَ جو=وَرو.

جبل تتو، اوهين ته ورو ڏي!

[828]

ول سڏون ڪري، جنهن جي **عضوي** منجهه **نرنانءَ** ڏي!

وَل=سائي. عضوو=هينئون. نرنانءُ=هيبت.

سائي سڏون ڪري، جنهن جي هينئين منجهه هيبت ڏي!

[829]

ڪپڙ منهنجي **ڪا** مَر هلي، **مان ذات** ويندياس،
پوڪ پوڪ جون خبرون، وڃي **نرناءَ** ڪي چونديا‌س.

ڪپڙي جو=پُنيو>پنيان. ذات=سادڙ ور>سا + ڏور. پوڪ=تَرَ. نرنانءُ=پنهون.

پنيان منهنجي ڪا مَر هلي، مان سا ڏور ويندياس،
تر تر جون خبرون، وڃي پنهون ڪي چونديا‌س.

[830]

ان جي اُتر جيڏيون، **ڪڪ جي** هلندي ڪانه،
آءُ يي **ذات** پنهل جي، **جر جي** ويندي سان.

ان جي=ماني>مان +ني. ڪڪ جي=ڪاني> ڪا +ني. ذات=سدائي>سدايل. جر جو=سارو> سا +روهه.

مان ني اُتر جيڏيون، ڪا ني هلندي ڪانه،
آءُ يي سَدايل پنهل جي، سا روهه ويندي سان.

[831]

مون سان اُها هلي، جا **واٽڪي** ڪري.

واٽڪي=چوٽي.

مون سان اُها هلي، جا چوٽي ڪري.

Gul Hayat Institute

[832]

نالن بنان جيڏيون، ڪري وڏيون مال جون ٽين،
نہ تہ پسارڪي ڪير ڪري!

نالو=وريو>وَرن. مال جون=گهٽيون. پسارڪي=
پُڙي>پڙي.

ورن بنان جيڏيون، ڪي وڏيون گهٽيون ٽين،
نہ تہ پڙي ڪير ڪري!

[833]

اوهين تہ جر جون، آڻہ جر جي، مان ڪي واڻ جا وٺندياس.

جر جون=ڪُهيون. جر جي=ڪُهي. واڻ جا=
گهوگهٽ>گهٽ.

اوهين تہ ڪُهيون، آڻہ ڪُهي، مان ڪي گهٽ وٺندياس.

[834]

عورت ٽي مان ڇا ڪريان، عورت ٽي مان سان ڪانہ،
عورت پنهنجو نرناڻ نيو، تڏهن ماس ڪاچ جو ٽيو.

عورت=رحيما>رهي +مان. عورت=حليما>
هلي +مان. عورت=عدن>اَدَن. نرنان=پنهون.
ماس=هينئون. ڪاچ جو=ٽُڪر.

رهي مان ڇا ڪريان، هلي مان سان ڪانہ،
اَدن پنهنجو پنهون نيو، تڏهن هينئون ٽُڪر ٽيو.

[835]

زمين نہ هٿو ڙي جيڏيون! مون سان ڪپڙي جي هلندي ڪا؟

زمين=ٽاڪ>پٽاڪ. ڪپڙي جي=ڪَهي.

پٽاڪ نہ هٿو ڙي جيڏيون! مون سان ڪَهي هلندي ڪا؟

[836]

پنهنجي هوت پنهون سان، مند هلندي ڪانہ،
ڪاڳر جهليو جيڏيون! آڻ تہ پنهنجي ڏينديسانِ.

پنهنجي=ڪاوڙ. مُند=برسات>بَر +ساٺ.
ڪاڳر(جو)=مُکهٽ>مَ +گهٽ. پنهنجي=
نِچ>نہ +چ.

Gul Hayat Institute

ڪاوڙ هوت پنهون سان، برَ سات هلندي ڪانہ،
مرَ گهٽ جهليو جيڏيون! آءٌ تہ نہ ڇڏيندياسانِ.

[837]

اوهين **گهوڙن** واريون، مون سان نہ هلو، اڳيان
زالن جون اٽو زور،
متان نہ پهچو توڙ، ۽ **مال جون** ٽي پئو.

گهوڙي جا=آيال>عيال. زالن جون=پٽيون.
مال جون=وانڊيون.

اوهين عيال واريون، مون سان نہ هلو، اڳيان پٽيون
اٽو زور،
متان نہ پهچو توڙ، ۽ وانڊيون ٽي پئو.

[838]

نارنالي سين ڪوهہ ڪنديون، ڳهہ پنهنجو ڪا مرَ ڇڏي،
پير منهنجا پڙهيہ ويا، مٽي **لوهہ** لڏي،
هوتن هڏو ڇڏيو، آءٌ نہ ڇڏيندي هڏي،
وکر ۽ پوک جو، من الله مان سين گڏي!

نارنالي=حليمان>هلي +مان. ڳهہ=ورٽو>ور.
پير=وارث. لوهہ(جا)=گورا>گورن. هڏو=
تنگ>ننگ. وکر=سرهو. پوک جو=هارو.

هلي مان سين ڪوهہ ڪنديون، ور پنهنجو ڪا مرَ ڇڏي،
وارث منهنجا پڙهيہ ويا، مٽي گورن لڏي،
هوتن ننگ ڇڏيو، آءٌ نہ ڇڏيندي هڏي،
منهنجو سرهو باروچو، من الله مان سين گڏي.

[839]

پوک جي وڃو متان **پهٽ** ٽي پئي، اڳيان **حاڪيماڻي** اٽو.

پوک جي= ول. پهٽ= لکجڻ(= پنڊ پهٽ ٽيڻ جي
بيماري)> لکجي. حاڪيماڻي=پٽواري>پٽ +واري.
ول وڃو، متان لکجي پئي، اڳيان پٽُ، واري اٽو.

Gul Hayat Institute

[840]

وڃ جي نہ هلي ڏي جيڏيون! زالن واري سُڃي زور،
متان کا ول ٽئي.

وڃ جي=کامَ. زالن واري=پَٽي>پَٽ. وَل=
کانئل>کانئر.

کا مَ هلي ڏي جيڏيون! پَٽ سُڃي زور، متان
کا کانئر ٽئي.

[841]

پھڻ پوي سا پوک ٽئي، اڳيان مال جن نرنانءَ سُجهي،
حاکيماڻو پسي متان وکر ٽئي.

پھڻ= چوک. پوک جي= وَل. مال جن= برن.
نرنان=هيبت. حاکيماڻو=کارائو>کا +رائو.
وکر=کنبيرو>کنبي.

چوک پوي سا وَل وَجي، اڳيان بَرن ۾ هيبت سُجهي،
کا رائو پسي متان کنبي.

[842]

رنگ مَ رنگيون ڏي جيڏيون، وڃ ٽيندي کانہ،
مال جن تي چڙهي، کا ملک پسندي کانہ.

رنگ=بکم>بک +مَ. وڃ=آمون>آن +
مؤن. مال جو=ٽکر>ٽکرن. ملک=روھ.

بک مَ بکو ڏي جيڏيون، آن مؤن هلندي کانہ،
ٽکرن تي چڙهي، کا روھ پسندي کانہ.

Gur Haya Institute

[843]

وڃ واريون، نالي بنان ٻولي هلي!

وڃ=بيدُ> بيدليون. نالو=عشق. ٻولي=کانہ.

بيدليون، عشق بنان کا نہ هلي!

[844]

اوهين وڃ رڌيون، مون کي چئو مال جو.

وڃ=بيد +رڌيون>بيدرديون. مال جو=مَرو>
مَ +روءُ.

اوهين بيدرديون، مون کي چئو ٽيون مَ روءُ.

[845]

اوهين سيئي **اَن** واريون، پر جيڪي آهي سو منهنجي **پوک** ساڻ.

اَن=ڪلڻ. پوک (جو)=جيءُ.

اوهين سيئي ڪِلڻ وَاريون، پر جيڪي آهي سو منهنجي جيءَ ساڻ.

[846]

اوهان جو ڏي **نالو**، **نالو** ٿي، مان **مال جي** ڪنديس.

نالو=معاويو>مرَ +ويو. نالو=موسيٰ>مون + سان. مال جي=ووڙَ.

اوهان جو ڏي مرَ ويو، مون سان ٿي، مان ووڙ ڪنديس.

[847]

رچ نہ چوءِ پرين ڪي، اوهين سيئي **پوک** واريون، **شهر** منهنجو، اوهان جو چا ڏي!

رچ=بدنو>بد +نہ. پوک=ڪِلڻ. شهر= هريجي>هري +جيءُ.

بَد نہ چئو پرين ڪي، اوهين سيئي ڪلڻ واريون، هري جيءُ منهنجو، اوهان جو چا ڏي!

[848]

پولي بي **پولي** ڪريو، **پڪي** اڳي ائين ڪن.

پولي=مَرو. پولي=ماڻ. پڪي=پرديسي.

مَرو اوهين ماڻ ڪريو، پرديسي اڳي ائين ڪن.

[849]

هٽ جون مون ڪي **شهر** نہ ڪريو، مان **ڪا پڪي واٽئي جي** ڪريان.

هٽ جون=مُنيون. شهر=جهَل. پڪي جا=پَر. واٽئي جي=گهور.

مُنيون! مون ڪي جهَل نہ ڪريو، مان ڪا پرگهور ڪريان.

[850]

پنھنجون پنھنجي مَ چئو، مون کي تا **وڻ** جا ماريون.

پنھنجون=مڻيون. پنھنجي=ماڻ. وڻ=سُک مرد.

مڻيون ماڻ مَ چئو، مون کي تا سُکَ مرد جا ماريون.

[851]

پنھنجون مون کي، **پنھنجا** نہ ڏيو، **نرنان** ٿو نڻئي.

پنھنجون=مڻيون. پنھنجا=طعنا. نرنان=سڪندر >سڪ +اندر.

مڻيون، مون کي طعنا نہ ڏيو، سڪ اندر جي ٿي نڻئي.

[852]

وڻ جيئن هوت ويام، **آءُ مال جي** آهيان جن لئي.

وڻ=ساڏور>سي +ڏور. مال جي=ويڳاڻي.

سي ڏور هوت ويام، آءُ ويڳاڻي آهيان جن لئي.

[853]

مون کي **پنھنجا** پيا، **ڪاسبڪا ذاتيون** ڏي.

پنھنجا=قدم. ڪاسبڪا=پرٽا. ذات=آريچا >آريچن.

مون کي قدم پرٽا پيا، اصل آريچن ڏي.

[854]

پنھون مان سان **پنھنجي** کي، مون کي **ولايت ڪکن جو** پيو.

پنھنجي=حدَ. ولايت=آخر. ڪکن جو= وڃٽو>وَڃٽو.

پنھون مان سان حد کي، مون کي آخر وڃٽو پيو.

[855]

ذاتيون ني ڏينڊياس، **وڻجارا** ڏسان **ڪيڇ جا**.

ذات=روهلا>روهہ +لتان. وڻجارا=مُندر (کير وکڻڻ وارا) مَنَ +دَرَ.

روهہ لتان ڏينڊياس، من! در ڏسان ڪيڇ جا.

Gul Hayat Institute

[856]

ڪپڑي اندر ڳالهه، سا شهر جو چونديسانِ.

ڪپڑو=جامون>جا +مون. شهر جو=جهلو>جهلي.

جا مون اندر ڳالهه، سا جهلي چونديسانِ.

[857]

آءٌ **ڪڪ جي** گهوريان، پنهل مر **پوک** هجي.

ڪڪ جي=مُئي. پوک=جيئري>جيئرو.

آءٌ مُئي گهوريان، پنهل مر جيئرو هجي.

[858]

اوهين تہ **اَن جون**، اديون! منهنجو **نرنانءَ ڪير جو**.

اَن جون=ٽڪيون. نرنان=رام>آرام. ڪير جو=ڪٽڻ>ڪٽو.

اوهين تہ ٽڪيون، اديون! منهنجو آرام ڪٽو.

[859]

ٻہ نالا ڪينڊياس، پر ويندس **پوک** پنهون جي.

ٻہ نالا=هڪ نالو مگيو، ٻيو نالو پنيو. پوک=ساڻ.

مگيو پنيو ڪينڊياس، پر ويندس ساڻ پنهون جي.

[860]

وڃ ٽي ويندياس، وجي **نالي** ۾ پونديان،

جڏهن **نرنانءَ** ۾ ايندياس، تڏهن ملندم وَرَ"وزير"چئي.

وڃ=ڪَنڊي>اُڪنڊي. نالو=ڏونگر. نرنانءَ=جبل.

اُڪنڊي ٽي ويندياس، وجي ڏونگر ۾ پونديان،

جڏهن جبل ۾ ايندياس، تڏهن ملندم ور"وزير" چئي.

[861]

وڏن منجهه **ننڍي آءٌ ننڍين جا وڏا** ڏسان!

وڏا=قاف(جبل)> قافن. ننڍي=ڪوهي>ڪهي.

ننڍين=گونرن. وڏا=گس.

قافن منجهه ڪهي آءٌ گونرن جا گس ڏسان!

Gul Hayat Institute

[862]

آءٌ تان **وات** ڏي تي وجان، جنهن سان اٽر **کاٽ** ڙي.

وات(جو)=وَرُ. کاٽ جي=انگهه>انگ.

آءٌ تان وَرَ ڏي تي وجان، جنهن سان اٽر انگ ڙي.

[863]

کائي ڳولينديان، **عضوي** هوت پنهون کي.

کائي=پوٽي>پُٽي. عضوو=کَلِي>هيکلي.

پُٽي ڳولينديان، هيکلي هوت پنهون کي.

[864]

توڙي **اَن جا** آهن، تہ بہ **سُٽ جي** ڏسندي سان.

اَن جا=آڏارڻ>آڏا +رڻ. سُٽ جي=ڏور>ڏوري.

توڙي آڏا رڻ آهن، تہ بہ ڏوري ڏسندي سان.

[865]

مون تان **نالو** ڇڏيو، **کا نالو** ڇڏيندي،

نالي جي **نالي** سان، **کا نالو** جهاڳيندي،

نالو گڏيندي، **کا نالي** جي **نالي** سان.

نالو=حال. نالو=مال. نالو=آگو. نالو=احسان.

نالو= جبل. نالو= هيمن> هيءُ + من. نالو= هوت. نالو=پنهون.

مون تان حال ڇڏيو، کا مال ڇڏيندي،

آگي جي احسان سان، کا جبل جهاڳيندي،

هيءُ من گڏيندي، کا هوت پنهونءَ سان.

[866]

پنهون **پوک** نہ ٽکيو، پوءِ آءٌ **کپڙي جي** ڙي!

پوک=تَرُ. کپڙي جي=رلي>رُلي.

پنهون تَرُ نہ ٽکيو، پوءِ آءٌ رُلي ڙي!

[867]

آءٌ **ڪائي** ويندياس، **کائي** مون سان کانہ هلي.

کائي=موراهي>مورانهين. کائي=هيٺي.

آءٌ مورانهين ويندياس، هيٺي مون سان کانہ هلي.

Gul Hayat Institute

[868]

ڪجهه ڪاٽ جو ته ڪٽ، چئي ادي! ڪاٽ جو ڇا ڪٽان، جيئن وڪو.

ڪاٽ جو=ٻل. وڪر=آمري>امر.

ڪجهه ٻَل ته ڪٽ، چئي ادي! ٻل ڪيئن ڪٽان جيئن آمر.

[869]

مون کي اَڏ نانءُ جي ڪائي لڳي، اوهين چئو نرنانءُ.

اڏ نانءُ=نينهن. ڪائي=نائڪَ. نرنان=موتُو.

>موٽ.

مون کي نينهن جي نائڪَ لڳي، اوهين چئو ته موٽ.

[870]

ڳهه جي ڪنديس ڪينڪي، نالو نالو ڙي، نالي منهنجا سپرين، آءٌ نالي وڃان ڙي.

ڳهه جي=ٽِڪَ> ٽڪنديس. نالو=ممون>مرَ +مون.

نالو= پَليو. نالو= پر مون> پري مرَ. نالو= يَلُو>يَلي.

هاڻي ٽڪنديس ڪينڪي، آ مون پليو ڙي، پري مرَ منهنجا سپرين، آءٌ پلي وڃان ڙي!

[871]

اوهين چو نالي ٽيون آهيو، مر نار نالي آئون، مرض حاڪيماڻا مون پيا، سي پي رب جون رضائون.

نارنالي=جُلي>جُليون>جَليُون. نار نالي= جُلي>جُلان>جَلان. مرض=ڏُنڊ. حاڪيماڻو =ڳولڻ.

اوهين چو جليون آهيو، مر جَلان آئون، ڏنڊ ڳولڻ مون پيا، سي پي رب جون رضائون.

Gul Hayat Institute

[872]

اوهين سپ **مٽيءَ جون**، مون کي **جھنگ** نہ چئو.
ويندیس **وڃ** پنھل ڏي.

مٽيءَ جون=چريون. جھنگ جو=جھالو>جھليو.
وَڃ(جي)=ويڑھ.

اوهين سپ چريون مون کي نہ جھليو، ويندیس ويڑھ پنھل ڏي.

[873]

پنھون جھڙا **پکي جا راڳ** ڪيئن آيا ويا، نڪي **پيڙيءَ جي** گھرين!
چئي: پنھون **مال جيئن** آن نہ ڏٺو، تڏھن مون کي **چئو پونءِ جي**.

پکيءَ جا=پر. راڳ=ديسي. پيڙي جي=سلامتي.
مال جي=پرک>پرکي. پُونءِ جي=چَري.

پنھون جھڙا پرديسي ڪيئن آيا ويا، نڪي سلامتي گھرين!
چئي: پنھون پرکي آن نہ ڏٺو، تڏھن مون کي چئو چري.

[874]

ڪاٺ نہ پايو جيڏيون، **جيت** نہ رھنديا‌س،
نار نانءَ ڪاڇ چونديا‌س، **گھہ مال نرنانءَ** کي.

ڪاٺ=جھل. جيت= پنيوري> پنيور. نارنان= چگي. ڪاڇ=پت. گھہ=ڏورا. مال=پاڏا. نرنان= آدو>آڏن.

جھل نہ پايو جيڏيون، پنيور نہ رھنديا‌س،
چگيءَ پت چونديا‌س، ڏوراپا ڏاڏن کي.

[875]

اَن جن آڻ نہ پائيان، مون سان **ڪاٺ جن** ڪئي.

اَن جا=تُھ>توهان. ڪاٺ جو=ڪارب>
ڪا +رب.

توهان کان آڻ نہ پائيان، مون سان ڪا رب ڪئي.

[876]

تڙ منهنجو **نرنانءَ**، تڏهن مون **مرض** پرائيا.

تڙ=ڦٽو. نرنان=ڪرم. مرض=سُورَ.

ڦٽو منهنجو ڪرم، تڏهن مون سورَ پرائيا.

[877]

وکر نالن هوت، پر **نالن** نيو ڙي اديون!

وکر=ڳوڙ>ڳُڻَ. نالو=مِنو. نالو=نصيبو>نصيب.

ڳُٽن مِنو هوت، پر نصيب نيو ڙي اديون!

[878]

نالا منهنجي **نانءَ** ويا، **وڃ جو** ٻين کي ڏيان!

نالا=ڪيچي. نانءَ=ڪرمون>ڪرمؤن. وڃ جو=چوڏو>چو +ڏوهه.

ڪيچي منهنجي ڪرمؤن ويا، چو ڏوهه ٻين کي ڏيان!

[879]

هٿيو **ڪاڻ جو ڪاڻ** تي، **ڳهه** پايو روءِ،

هَي هَي **مال جا** ڙي، **پوڪ نالي** ڪي نه چوءِ.

ڪاڻ جو=هٿيو>هٿ. ڪاڻ جي=منُ> مونن.

ڳهه=مُنڊيون>مُنڊيون. مال جا=گهوڙا. پوڪ جو=ٻارو>ٻاڙو. نالو=پنهون.

هٿيو هٿ مونن تي، منڊيون پايو روءِ،

هي هي گهوڙا ڙي، ٻاڙو پنهون کي نه چوءِ.

[880]

اَن جيئن ٿيو، **مَن** ڪا پئيوَ **رات**.

ان جي=مُٺ>مُنيون. رات=قدر.

مُنيون! مون جيئن ٿيو، مَن کو پئيو قدر.

[881]

وڃ هئوڙي جيڏيون، **ڪاڻ** ٻه منهنجي ڪي،

مال جوڙي جيڏيون، جنهن کي **مال جو** پيو؟

وڻ=لاڻو>هالاڻو. ڪاٺ=من. مال جو=هيتُ (=پيار). مال جو=چوڙو>وچوڙو.

هالاڻو هئو ڏي جيڏيون، من بہ منهنجي ڪي، هيت هوءِ ڏي جيڏيون، جنهن ڪي وچوڙو پيو؟

[882]

اديون! انهن **ذاتين** جو، مون سان شايد اڳي **نالو** هو، ڪري **پوليون** پاڻ ۾، هنن ڏي **نالي** هوت نيو، سُڌ نہ پير سرتيون، نہ تہ مون پڻ **وڻ** ڪيو، **پوک** بنان ڏي پانهنجي، مون کي ڏير آن چو نہ ڏيو، اهڙو ڪونہ ٿيو، جنهن کي **ڳهہ جي** خان پنهون کي.

ذات=جت>جتن. نالو=وڻو. پولي=پاريسي> پاريسيون. نالو=ٻانهو>ٻانهيو. وڻ=هيرڻ> رڻ. پوک= چانور> چان(= چوان) + ور. ڳهہ جي=نڻ>منڻ.

اديون! انهن جتن جو، مون سان اڳي وڻو هو، ڪري پاريسيون پاڻ ۾، هنن ڏي ٻانهيو هوت نيو، سڌ نہ پير سرتيون، نہ تہ مون پڻ رڻ ڪيو، چان، ور پنان ڏي پانهنجو، مون کي ڏير آن چو نہ ڏيو، اهڙو ڪو نہ ٿيو، جنهن کي منڻ خان پنهون کي.

[883]

ڏڪار پاروٽو پيءَ مئو؟

ڏُڪار=قحط. پاروٽو=باسي>باسيو. پيءَ مئو= چورو>چو +روئو.

قحط تہ باسيو (مون، اوهين) چو روئو؟

[884]

جبل جهليو ڏي جيڏيون، مان **مال جي** ٿيان.

جبل=روڻو روئڻ. مال جي=رواني.

روئڻ جهليو ڏي جيڏيون، آءٌ رواني ٿيان.

Gul Hayat Institute

سسئي جو ماءُ کي جواب

[885]

کاڻ مرض ٿيام، نرنانءَ تن ذاتين جا.

کاڻ(جو)=سنجو>سنجهو. مرض=ساڙ. نرنان=
آئل>آيل. ذات=آريچا>آريچن.

سنجهي ساڙ ٿيام، آيل، تن آريچن جا.

[886]

هار جيئن لڳوم، نالو تنهن نرنانءَ جو.

هار جيئن=چوٽيءَ وارو ڏک. نالو=آئِل>آيل.
نرنانءُ=هاروچو.

چوٽيءَ ڏک لڳوم، آيل هاروچي جو.

[887]

اُٽن جي لوهه جا، کاڻ جي شڪاري آهيان.

لوهه جا=کيرَ> اُکير. کاڻ جو=در>مادر.
شڪاري=ماري.

اُٽنَ جي اُکير، مادر ماري آهيان.

[888]

ري هٿيار جي ويندياس، شهر جي هوت پنهونءَ ڏي.

هٿيار جي=کوني. شهر جي ماڙي>ماءُ +ڙي.
ري کوني ويندياس، ماءُ ڙي هوت پنهون ڏي.

Gul Hayat Institute

سسئيءَ کي سرتين جو دلاسو

[889]

هت ڏڻ جو سسئي، اسان جا پکي ٽا ڪرن،
پاڻي وڻ جي ڪري، وجي پکي ٽج تون.

ڏڻ جو=نرو>نہ +روءُ. پکي=هنجهه. پاڻي جي=
موڪ. وڻ=لاڻي. پکي=ڪيرو>اڳي +روءُ.

هت نہ روءُ سسئي، اسان جا هنجهه ٽا ڪرن،
موڪلاڻي ڪري، وجي اڳي روءُ تون.

[890]

چڏ ڪاڪ ڙي سسئي، وڃي ذات ٽي.

ڪاڪ=راهو>راهون. ذات=اُتيرو>اُتي +روءُ.

چڏ راهون ڙي سسئي، وڃي اُتي روءُ.

[891]

تون تان پڪي ڏونگرين، فاقيرا ڇو ڪرين.

پڪي=پهوڙي>پئو +ڙي. فاقيرا>سانگا.

تون تان (نڪري) پئو ڙي ڏونگرين، سانگا ڇو ڪرين!

[892]

پنهنجا ۽ مال جا، چڏ پنهنجون سسئي!

پنهنجا=آسانگا. مال جا=وڳر. پنهنجون=سهيليون.

آسانگا ۽ وڳر، چڏ سهيليون سسئي!

[893]

حاڪيماڻي ويهه سسئي، ڳهه ڪي ڪندين ڪوهه،

اتي ئي رهندئين ته توکي نرنان ڏيندو ڏوهه.

حاڪيماڻي=مَٽڪي>مَ +ٽڪي. ڳهه=ڪُرڪي.

نرنان=عالم.

مَ ٽڪي ويهه سسئي! ڪُرڪي ڪندين ڪوهه،

اتي ئي رهندين ته توکي عالم ڏيندو ڏوهه.

[894]

حاڪيماڻي ويهه، نرنالو ڪيچ ڏي.

حاڪيماڻي=مَٽڪي>مَ +ٽڪي. نر نالو=

روحل>رئي +هلُ.

مَ ٽڪي ويهه، روئي هَل ڪيچ ڏي.

[895]

ويهه حاڪيماڻي، وڃ ذات سان اڳيئون نرنان اٽئي.

حاڪيماڻي=مٽڪي>مَ +ٽڪي. ذات=

رندَ=رَند. نرنان=محبوب.

ويهه مَ ٽڪي، وڃ رَند سان، اڳيئون محبوب اٽئي.

Gul Hayat Institute

[896]

ليڪي پڪياڻي سسئي، تنهنجا ڏير ويا ڏونگر،
ذاتين مٿي **ڪپڑو** ڏي، وڃي **رنگ راند** جا ڪر.

ليڪي جي=نوي>نہ. پڪي=وهيو>ويهہ. ذات=
راهو> راهُن. ڪپڑو= پڳ> پڳڑا. رنگ =
ڪيسُ. راند جا=ڏڙها>ڏڙا.

نہ ويهہ ڙي سسئي، تنهنجا ڏير ويا ڏونگر،
راهن مٿي پڳڑا ڏي، وڃي ڪي سڏڙا ڪر.

[897]

ڪڻ **پنهنجا**، لنگهہ **مال جا**، اڃيان **اَن جا** اٽئي.

پنهنجا=چپر. مال جا=ٽَڪر. اَن جا=آڏارڻ>
آڏا +رڻ.

ڪڻ چَپر، لنگهہ ٽَڪر، اڃيان آڏا رِڻَ اٽئي.

[898]

ڪڻ **ڪڪ جا**، ڏس **مال جا**، اڃيان **نرنانءَ** اٽئي.

ڪڪ جا=چپر. مال جا=ٽَڪر. نرنان=فتح.

ڪڻ چپر، ڏس ٽڪر، اڃيان فتح اٽئي.

[899]

ڪو بہ **نشي جو** نہ ڪر سسئي! اڃيان **نالو** اٽئي.

نشي جو=مونجهارو. نالو=فتح.

ڪوبہ مونجهارو نہ ڪر سسئي، اڃيان فتح اٽئي!

Gul Hayat Institute

[900]

هو **قرآن جي** ڪٽي ويا، تون ٻي **قرآن جي** ڪر سسئي!

قرآن جي=تبار>تہ +بار. قرآن جي=منزل.

هو تہ بار ڪٽي ويا، تون ٻي منزل ڪر سسئي!

[901]

اڇ **نرنانءَ** سان، وڃ **نرنانءَ** سان، چڙهہ **نرنانءَ** تي،
ڇڏ **نرنانءَ** ڪان، تہ ڪو **نرنانءَ** ڏنئي.

نرنان=محبت. نرنان=جبل. نرنان=ڏونگر.
نرنان=پنهل.

اڇ محبت سان، وڇ محبت سان، چڑهه جبل تي،
ڇڻ ڏونگر کان، ته کو پنهل ڏٺئي.

[902]

زمين راند جو لڳئي، ته پوڙهي کيڇن کاڻ.

زمين جي=وَسَ. راند جو=واکو. پوڙهي=
کُراڙي>کر +ڙي.

وس واکو لڳئي ته کر ڙي کيڇن کاڻ.

[903]

عضوو کيڇين کاڻ، کاڻ پوندئي ڙي سسئي!

عضوو=ڇپر. کاڻ(جو)=ڏورٽو.

ڇپر کيڇين کاڻ، ڏورٽو پوندئي ڙي سسئي!

[904]

سسئي! شهر اٽئي، وڇ ڪپڙ جي کيڇ ڏي.

شهر=ياڳناڙي>ياڳ +اناڙي. ڪَپڙ جي=
ڏُپ ڇَٽي>ڏُپَ +ڇٽيندي.

سسئي! ياڳ اناڙي اٽئي، وڇ ڏُپَ ڇٽيندي کيڇ ڏي.

[905]

پنهون ڪپڙجيئن ويو، تون اَن جيئن سسئي!

ڪپڙ جي=پَٽي.اَن = مَٽَرُ> مرَ +ٽُر.

پنهون پٽيءَ ويو، تون مرَ ٽَرُ سسئي.

[906]

ڪپڙو تنهنجو کانڌ هو، اوکيءَ ڳولح تون،
پنهنجو نرنانءَ ڪري، پهچ نرنانءَ کي تون.

ڪپڙو=جوڙي>جو +ڙي. اوکي=سوڙهي>
سو +ڙي. پنهنجو=نفس. نرنان=پليو>پلي.
نرنان=پنهون.

جو ڙي! تنهنجو کانڌ هو، سو ڙي! ڳولح تون،
نفس کي پَلي ڪري، پهچ پنهونءَ کي تون.

Gul Hayat Institute

[907]

لوهہ جـو ڪيچيـن ڪـاڻ، جـر جـو آيئـي سسـئي!

لوهہ جو=بَرمون>برُ +مُنهن. جَرجو=جهاڳڻ.

بـر مـُنهن ڪيچيـن ڪـاڻ، جهـاڳڻ آيئـي سسـئي!

[908]

جيئـڏ ڪيچيـن ڪـاڻ، بـاز جـو ڙي سسـئي!

جيئڏ=ڪهہ(ماڪڙ). باز جو=چاپو>چا +پوءِ.

ڪاهي ڪيچين ڪاڻ، چا پـوءِ ڪنديـنءِ ڙي سسـئي؟

[909]

ڪپڙ جي ڪيچين ڪاڻ، ڪپڙ جـو ڪنديـنءِ سسـئي!

ڪپڙ جي=ڪَهي>ڪَهہ. ڪپڙ جو=چاپو>چا +پوءِ.

ڪَـهہ ڪيچيـن ڪـاڻ، چـا پـوءِ ڪنديـنءِ سسـئي!

[910]

ڪـاڻيءَ ڪوهيارو ويو، ڪـاڻي ڳـول پنهـون ڪـي.

ڪاڻيءَ=ڪڙڪي>ڪسڪي. ڪاڻي=تاڪي>تان +ڪي.

ڪسڪي ڪوهيارو ويو، تـان ڪـي ڳـول پنهـون ڪـي.

[911]

گاهہ پنيـان ڪـر ڪاهہ، ڳهہ ۾ ڳـول پنهـل ڪـي.

گاهہ=چاهڪ>چا +حق. ڳهہ=دُرُ> وندر.

چا حق پنيـان ڪـر ڪاهہ، وندر ۾ ڳـول پنهـل ڪـي.

[912]

هو تا مرد جي وجن، تون وڪـر جـي ڙي سسـئي!

مرد جي=هڪل>هڪليو. وڪر جي=ڪمرڪس>ڪمرڪش.

هـو تـا هڪليـو وجـن، تـون ڪمـر ڪـش ڙي سسـئي!

[913]

پولـي پـڏي هـُـئي جـن جـي، ڇڏ مَ ذات تـن جـي.

پولي=پهڪَ. ذات=منگسي>م +گيسي.

پهـڪَ پـڏي هئي جـن جـي، ڇڏ مَ گيسـي تـن جـي.

[914]

اُٽـــي ســـنير سســـئي، هـــوت وينـــدءِ ڏي.
وڻ ڇـڏي گاهـــ پيـــا تـــ هـــٽ نـــ اينـــدءِ ڏي.

وڻ=هيرڻ>هي +رڻ. گاهـ=ٻيرڻ>
ٻئي +رِڻ.

اُٽـــي ســـنير سســـئي، هـــوت وينـــدءِ ڏي،
هـــيءُ رِڻ ڇـڏي ٻئـي رِڻ پيـــا تـــ هـــٽ نـــ اينـــدءِ ڏي.

[915]

اٽـي سسـئي اوزار ٽـي، بـي اوزار ٽيندي کانـ،
ذاتيـن ۾ نرنـان ڇئـي تـــ نرنـانءُ مليئـي شـال!

اوزار=سيراهي>راهي. اوزار=کارائي>راهي.
ذات=رِند>رَندن. نرنان=رمضان. نرنان=محب.

اٽي سسـئي راهي ٽي، بـي کـا راهـي ٽيندي کانـ،
رَنـدَن ۾ "رمضـان" ڇئـي تـــ محـب مليئـي شـال!

[916]

نرنـــانءُ تـــان مـــرون، زحمـــت کـــاڇ ســـئي!

نرنان=راهو>رهڻ. مرون=دلاهـ>دل +لاهي.
زحمت=اُٽي. کاڇ=وانڪڙي(سوپاري)>
وانڪ +ڏي.

رهـــڻ تـــان دل لاهـــي، اُٽـــي وانـــڪ ڏي ســـئي!

Gul Hayat Institute

[917]

زحمـت کـر ڏي سسـئي، کـاڇ جـي مليـن مـانَ.

زحمت=ستَ. کاڇ جي=اوبر>برين.

ســٽ کــر ڏي ســـئي، هـــو بريـــن مليـــن مـــانَ.

[918]

کـر مَ سرائڪي، وڃ مَ فقير، ڪپڙي جي هوت وڃن.

سرائڪي=ڪڙُو>ڪڙمَ. فقير=سامي>وِسامي.
ڪپڙي جي=اڇڙي>اڇڙيئون.

کـڙ مَ اتـاهون، وڃ مَ وِسـامي، اڇڙيئـون هـوت وڃـن.

[919]

عضوو ڪڻ سسئي، ڏي **ڪپڑي** جيئن هوت ويا.

عضوو=ڪُڙي. ڪپڑي جي=اڇڙي>اڇيون +ڏي.

ڪُڙي ڪڻ ڏي سسئي، اڇيون ڏي هوت ويا.

[920]

ناڻي جا ڪٽي، وڃي **ڪاچ** پنهون کي.

ناڻي جو=رند. ڪاچ جو=رس.

رند ڪٽي وڃي رس پنهون کي سسئي!

[921]

نالي پنهون، **متي** نهار.

نالو=جَتو>جِتي. متي=اُتي.

جتي پنهون، اُتي نهار.

[922]

وهٽين ويو ٻاروچو، وچ **ولهارين** سسئي!

وهٽ=جاڏو>جاڏي. ولهار=تاڏو>تاڏي.

جاڏي ويو ٻاروچو، تاڏي وچ سسئي!

[923]

اُٿي **نالي ڪاڻي** ڪر، متان **نالي** هوت اچئي.

نالو=ڪالو. ڪاڻي=چڪر. نالو=نظر.

اُٿي ڪا لوچ ڪر، متان نظر هوت اچئي.

[924]

ڪاڻي ڪيچين ڪاڻ، وڃهه **مال جا ملڪ** ۾.

ڪاڻيءَ جي=پوڙي>پوءِ ڏي. مال جو=وڙهو>

وڙهول. ملڪ=ولهار.

پوءِ ڏي ڪيچين ڪاڻ، وڃهه وڙهول ولهار ۾.

[925]

ڪاغذ جو نه هجئي، ته وڃي **مال جا** ڪر.

ڪاغذ جو=پتو. مال جا=گهوڙا.

پتو نه هجئي، ته وڃي گهوڙا گهوڙا ڪر.

Gul Hayat Institute

[926]

چا ڪندينءَ **ٻيڙي وارن** ڪي، تون **ذات** وٽي وڃ سسئي!

ٻيڙيءَ وارا=سونهان>سونهن. ذات=رِند>رَندَ.

چا ڪندينءَ سونهنِ ڪي، تون رَندَ وٽي وڃ سسئي!

[927]

ڪپڙي جي وِڙڪي ڏير، وڃ ڪاسبڪي سسئي!

ڪپڙي جي=ڪهي. ڪاسبڪي=ڏَنوڻ>ڏَنوندي.

ڪَهي وِڙڪي ڏير، وڃ ڏنوندي سسئي!

[928]

ان جو اٽڪي سسئي، **ان جي** وات وٽيج.

ان جو=ڪَهڙو. ان جي=رڙي>رِڙهي.

ڪهڙو اٽڪي سسئي، رڙهي وات وٽيج.

[929]

ڪڻ **ڪاڻي ڪيچن ڪاڻ، ڏينهن** تو ٽئي سسئي!

ڪاڻي=ڏانگ. ڏينهن=سهائي.

ڪڻ ڏانگ ڪيچن ڪاڻ، سهائي اٽئي سسئي!

[930]

پنهون تہ **پوک جو**، پر سسئي وڃي **مال جي**.

پوک جو=داڙو>سڏاڙو. مال جي=ڦولهڙي>ڦولهہ +ڙي.

پنهون تہ سڏاڙو، پر سسئي وڃي ڦولهہ ڙي!

[931]

هٿيارئون هوت ويا، تن ڪي **اُٽي مال جي**.

هٿيار=تبر>تہ +بَرن. مال جي=ڦولهڙي>ڦولهہ +ڙي.

(اهي) تہ برن پر هوت ويا، تن ڪي اٽي ڦولهہ ڙي.

[932]

وٽين **نالن** ڪان نڪري، هاڻي **ذات** پنهون **ڏڻ جو**.

Gul Hayat Institute

نالو=خان>خانن. ذات=پٽپار>پٽي +پار.

ڏڻ جو=پيچ.

وئين خانن کان نڪري، هاڻي پٽي پار پنهون جو پيچ.

[933]

ذات مال لوهه جي ڪري ويئي، تون تڙ حاڪم مال جي سسئي!

ذات=ڪيچي. مال=اُٺ. لوهه جي=تار>قطار.

تڙجي=پُوٽي>پُٽي. حاڪم جي=پارت>پارَ.

مال جي=پُچڙي>پيچ +ڙي.

ڪيچي اُٺ قطاري وَيئي، تون پُٽي پارَ پيچ ڙي سسئي!

سسئيءَ جو پنهون پنيان وڃڻ

[934]

جنهن جو هو واڻيو رات ويڙو، سا عورت ڪندي چو نہ ميان!

واڻيو=تُرسي. عورت=ساهُل>سا +هُل.

جنهن جو هوت رسي رات ويڙو، ساهُل ڪندي چونہ ميان!

[935]

سڻيو مال جا، نار نالي سسئي!

مال جا=چوٻول. نار نالو=صابل>سا>بُل.

سڻيو چوٻول، سا بُل ڪائي سسئي!

[936]

وکر وهاءِ نہ سسئي، ڪري پوک جي پنهل ڪاڻ.

وکر=سرمون. پوک جي=سوءَ>سُوءَ.

سرمون پائي نہ سسئي، ڪري سُوءَ پنهل ڪاڻ.

[937]

جنهن جو ڳهه وني ويا ڏير، سو نالو نرنان ئي نہ ٽئي.

ڳهه=ور. نالو=موربو>مُور. نرنان=ٽڪيو>ٽڪي.

جنهن جو ور وني ويا ڏير، سا مور نہ ٽڪي سسئي.

Gul Hayat Institute

[938]

ڪاٺ ٿون هلندي، **ڪاٺ** نہ رهندي،
ڪاٺ ٿون ڪنيو ٻئي **ڪاٺين** هٽندي،
وئي ائين چوندي، **ڪاٺ** ڏي ڇيڏيون **ڪاٺ**.

ڪاٺ= ڏرو(گاڏيءَ جو پويون تختو)> ڏرٿون.
کاٺ=مُول(لاهہ). کاٺ=پانهون (جهلار جي
کوهاڏي ۾ اُهي ٻہ کاڻيون جن تي جهلڻ رکجي).
کاٺ=مُنو>مونو>مونين. کاٺ=ورو.

ڏرٿون هلندي، مُول نہ رهندي،
پانهون ڪنيو ٻئي مونين هٽندي،
وئي ائين چوندي، ورو ڏي ڇيڏيون ورو.

[939]

هوءَ اٿي **ڪاٺ** ٻڌي، الله! **عورت** ٿون ڪرين.

کاٺ=وٺوهڙ>وٺو +هڙ. عورت=سونهين.

هوءَ اٿي وٺو هڙ ٻڌي، الله! سونهين ٿون ڪرين.

[940]

شهر سارو **لوهہ** ٿيو، **نالو** هوئي ڪونہ.

لوهہ(جو)=مارو. نالو=سڃڻ.

شهر سارو مارو ٿيو، سڃڻ هوئي ڪونہ.

[941]

ويهڻ هنڊ ٿيوس، تڏهن ٿي **پٽي** ڇام پنهون ڪي.

ويهڻ هنڊ=ڪٽولو>ڪٽو +لوڪ. پٽڻ=
اوسارڻ>اوساري.

ڪٽو لوڪ ٿيوس، تڏهن ٿي اوساري ڇام پنهون ڪي.

[942]

جڏهن پنهون هو هتي، **سمهڻ هنڊ** نہ هو،
جڏهن پنهون هُت ويو، تڏهن **سمهڻ هنڊ** ٿيو.

سمهڻ هنڊ=ڪٽولو>ڪٽو +لوڪ.

جڏهن پنهون هو هتي، ڪٽو لوڪ نہ هو،
جڏهن پنهون هُت ويو، تڏهن ڪٽو لوڪ ٿيو.

Gul Hayat Institute

[943]

آءٌ تان **کاڻي** کيڇين لئي، سي ويا **کاڻي** ڪوهيارا،
هـاڻي ڏي **کـــاڻي** اُليـــرا، تـــ **رڇ** پـــوي روهـــ ۾.

کاڻي=ڪڙڪي. کاڻي=سرڪي. کاڻي=سڏي.
رڇ=طَباک>تـ +باک.

آءٌ تان ڪڙڪي کيڇين لاءِ، سي ويا سرڪي ڪوهيارا،
هـاڻي ڏي سِـــڏي اُليـــرا، تـــ بـــاک ڦٽـــي روهـــ ۾.

[944]

پنهون کان پوءِ سسئيءَ سان **ذات پنهنجو** ڪونہ ٽيو،

ذات=سورو>سُورن. پنهنجو=پائي.

پنهون کان پوءِ سســئيءَ سان سورن پـائي ڪونہ ٽيـو.

[945]

باهہ جي کيڇيـــن کـــاڻ، **پنهنجـــون ڪـري** ســـئي.

باهہ جي=بَـٽي>بيٽي. پنهنجون = اَرداسُون.

بيٽـي کيڇيـــن کـــاڻ، ارداســـون کـــري ســـئي.

[946]

هوءَ جا **کاڻي** ڪوهيارل، تنهن **کي علم جُر جا** چا ڪندا.

کاڻي=ڪپي. علم جا=ڦيٽا. جر جا=چنڊا.

هوءَ جا ڪپي ڪوهيارل، تنهن کي چنڊا ڦيٽا چا ڪندا.

[947]

ولايـت ٿـون آئـي **کـامڻي**، کـري ڪلهـي تـي وڃ،
پـــاريندي پنهـــل ســـان، وڃـــي **وڃ** جـــو وڃ.

ولائت=پار>پارئون. کامڻي=سسئي. وڃ=
اَڪ>حق.

پـــارئون آئـــي ســـئي، کـــري ڪلهـــي تـــي حـــق،
پـــاريندي پنهـــل ســـان، وڃـــي حـــق جـــو حـــق.

[948]

کُـٽي واري کيڇين مان ڪانہ آئي، نہ تہ پاڻ سان
وڃـــي وڃـــي هـــا.

Gul Hayat Institute

ڪَتي واري=ڪا ڏاڙهيل>ڪا +ڏاڙهي.
ڪا ڏاڙهي ڪيڇين مان ڪانہ آئي، نہ تہ پاڻ سان وڻي وڃي ها.

[949]

جاءِ جي نہ ڏيرن، پوءِ عضوي ويندي سئي؟
جاءِ جي=ڪوني. عضوو=ڇاتي>ڇا +تي.
ڪوني نہ ڏيرن، پوءِ ڇا تي ويندي سئي؟

[950]

پنهنجو هو ئي ڪونہ، نہ ڪنهن زمين جي سئي.
پنهنجو=وارث. زمين جي=واري.
وارث هوئي ڪونہ، نہ ڪنهن واري سئي.

[951]

نار نالي تہ ذات هئي، پر پڪي فقيراڻو ڪري ويس.
نار نالي=سسئي. ذات وينجهر>وينجهار. پڪي=ڪيچي. فقيراڻو=منڊ.
سسئي تہ وينجهار هئي، پر ڪيچي منڊ ڪري ويس.

[952]

جر جي جت ڪري ويا، ڇڏي جيت جيتن ۾.
جر جي=ڏار>ڏاري. جيت=ڏڪڻهار. جيت=ڏونگر>ڏونگرن.
ڏاري جت ڪري ويا، ڇڏي ڏڪڻهار ڏونگرن ۾.

[953]

آءٌ ٿي بيماري پوان، تون ڪي گلن جا ڪريج.
بيماري=ڪَڍ. گُلن جا=موڙَ.
آءٌ ٿي ڪَڍَ پوان، تون ڪا موڙَ ڪرين.

[954]

بن نالن ڪان پوءِ، سسئي مال جا ڪندي ويئي.
بہ نالا=هڪ نالو سجُو>سجُ، بيو نالو پِريو>اُپريو. مال جا=ڏُوڙيا.
سج اُپرئي ڪان پوءِ، سسئي ڏوڙيا ڪندي ويئي.

Gul Hayat Institute

[955]

سازين چڑهي سسئي، **ان جنا** کندي ويئي.

ساز=ڏولڪ>لَڪ>لڪين. ان جا=ڏوڙيا.

لڪين چڑهي سسئي، ڏوڙيا کندي ويئي.

[956]

مال جو ڪري **متيءَ** سان، **وڻ عضوي** وئي سسئي.

مال جو=سودو. متيءَ(جي)=سِرَ. وڻ=مَڪ.

عضوو=رانَ.

سودو ڪري سِرَ سان، مڪران وئي سسئي.

[957]

پنهنجو ڪنيائين ساڻ، **شهر جو ڪپڙو** ڪري.

پنهنجو=سُور. شهر جو=ويڑهن>ويڑهي.

ڪپڙي جو=وهاٽو.

سُور ڪنيائين سَاڻ، ويڑهي وهاٽو ڪري.

[958]

هيءَ جا **جبل مال جي**، تنهن جو **نالو نرنانءَ** ٿئي.

جبل=وندر. مال جي=وڪاڻي. نالو=موٽڻ.

نالو=مَسُو>مس.

هيءَ جا وندر وڪاڻي، تنهن جو موٽڻ مس ٿئي.

[959]

نالي ماري سسئي، سا **نالو** کندي ڪيئن!

نالو=محبت. نالو=موٽڻ.

محبت ماري سسئي، سا موٽڻ کندي ڪيئن!

[960]

سسئي ڪنهن نه **هنڌ، ماءُ** وات پنهون جي.

هنڌ=ڪوني. ماءُ=آئي.

سسئي ڪنهن نه ڪوني، آئي وات پنهون جي.

[961]

پنهون! آءٌ تنهنجي لاءِ **ماءُ**، متان تون **ذات** سمجهين.

ماءُ=آئي. ذات=نائي>نہ +آئي.

پنهون! آءٌ تنهنجي لاءِ آئي، متان تون نہ آئي سمجهين.

Gul Hayat Institute

[962]

شهرئون نڪتي سسئي، شهر ڏسي پئي روءِ،
قسمت ڪئي پوءِ، نہ تہ مينهن سان ٽي آئي.

شهر=رڙي. شهر=روهہ. مينهن=اوٺ>اونين.

رڙي نڪتي سسئي، روهہ ڏسيو پئي روءِ،
قسمت ڪئي پوءِ، نہ تہ اونين سان ٽي آئي.

[963]

شهرئون نڪتي سسئي، سا ڪڏ ٽي پيئي،
اڇيان گڏيس ڪونہ ڪو، تڏهن واڻيو وٽيو ويئي.

شهر=هالا. ڪڏ=چري. واڻيو=هيمن>هَي +من.

حالئون نڪتي سسئي، سا چري ٽي پيئي،
اڇيان گڏيس ڪونہ ڪو، تڏهن هَي من وٽيو ويئي.

[964]

شهرئون نڪتي سسئي، ڪاٺ جو گڏيس ڪونہ،
پوءِ وڃي پوک جن ۾ پيئي.

شهر=پنيور. ڪاٺ جو=وانگي(=لاٺون).

پوک جي=راهہ>راهُن.

پنيورئون نڪتي سسئي، وانگي گڏيس ڪونہ،
پوءِ وڃي راهُن ۾ پيئي.

[965]

ڪاٺ جن هلي سسئي، نالي ملي مانَ!

ڪاٺ جو=تختو. نالو=بختو.

تختوئن هلي سسئي، بختوئن ملي مانَ!

[966]

نالو نالي هيٺ، ڪين پوک جي سسئي.

نالو=ڪارو. نالو=ڏونگر. پوک جي=ڏري.

ڪاري ڏونگر هيٺ ڪين ڏري سسئي.

[967]

ذاتين ماري سسئي، ڪاڻي ٽي پيئي.

ذات=ڏيرا>ڏيرن. ڪاڻي=ساڻي.

ڏيرن ماري سسئي، ساڻي ٽي پيئي.

Gul Hayat Institute

[968]

مڇي ڪيڇين ڪاڻ، سا ولايت ويندي سسئي.

مڇي=ڪَهي. ولايت=ڏُور.

ڪهي ڪيڇين ڪاڻ، ڏُور ويندي سسئي.

[969]

پوڪ ٿون ويئي سسئي، وڃي راند جن ۾ پيئي.

پوڪ=تَرَ. راند جو=مَڃُ> مڇن.

تِرئون (گُسي) وَيئي سسئي، وڃي مڇن ۾ پيئي.

[970]

نالا نانءَ ڇڏي ويا، نالا تون مَ ڇڏ،
وٽي مرون روهه مان، وڃي عورت گاهين گڏ.

نالو=والي. نانءَ=وارث. نالو=وسيلو>وسيلا.

مرون=واڳون. عورت=سسئي. گاهه=سِڻ> سيڻ>سيڻين.

والي وارث ڇڏي ويا، وسيلا تون مَ ڇڏ،
وٽي واڳون روهه مان، سسئي سيڻين گڏ.

[971]

الله! انهيءَ پار جا، وهت ٿي ڏيکار،
رڇن ڪوئن رکي، مون کي وارن سين مار.

وهت=تودّا. رڇ=ڏوهو>ڏوهن. وار=ڪلمون.

الله! انهيءَ پار جا، تودّائي ڏيکار،
ڏوهن ڪوئن رکي، مون کي ڪلمن سين مار.

[972]

ذات نماڻيءَ جا، ڪاغذ جو ڪائي ويو.

ذات=ٻيبرا>ٻئي +پير. ڪاغذ جو=ڪرڙو.

ٻئي پير نماڻيءَ جا ڪرڙو ڪائي ويو.

[973]

عضوا مرض ڪيا، نار نالي عضوي ۾.

عضوا=پير. مرض=پِٽُون. نارنالي=حليمان> هلي +مان. عضوو=پَٻ.

پير پِٽون ڪيا، هلي مان پَٻَ ۾.

[974]

وڻ ٿون پير ٿيام، تڏهن نالن ماري آهيان.

وڻ=چوڙ>چور. نالو=ميو>مين.

چور پير ٿيام، تڏهن مين ماري آهيان.

[975]

پير جن مٽي، سي پاگا وات پنڊ کان.

پير=مدار. پاگا=چُکا. وات پنڊ=پير چَلَڻ.

مدار جن مٽي، سي چُکا پير چلڻ کان.

[976]

نندا عضوا ٿيام، گاهه ڏيندي ملک ۾.

نندا=پٽون>پٽُون. عضوا=پير. گاهه=

واهو>واهون. ملک=وڻکار.

پٽُون پير ٿيام، واهون ڏيندي وڻکار ۾.

[977]

نالو ڏيندي نالي ۾، من نالو مون اچي!

نالو=جيتو>جهوتون. نالو=جهنگلي>جهنگل.

نالو=نظر.

جهوتون ڏيندي جهنگل ۾، من نظر مون اچي!

[978]

نرنان جا عضوا ذات ڏي!

نرنان=پنهون. عضوا=پيرڙا. ذات=وادا>

واءِ+ڏَکيا.

پنهون جا پيرڙا، واءِ ڏکيا ڏي!

[979]

پکي جا کريو حاکم جا ڏسي، جي لوهه کپڙ جا ڇڏيا.

پکي=کرناءِ>کَرَ+نايو. حاکم جا=پيرا.

لوهه جا=وَرَ> واري. کپڙ جا= ڏک>ڏکي.

کَرَ نايو پيرا ڏسي، جي واريءَ ڏکي ڇڏيا.

[980]

جَـر جـون نهاريـان، مـن کـو سُـٽ جـو پـوي.

جر جون=نَيُـون>نَـيو. سٽ جو=پتو.

نَـيو نهاريـان، مـَـن کـو پتـو پـوي.

[981]

کـڏ کنيـو ٽـي سـڏ کريـان، مـن ذات اچـن.

کڏ=چيهه. سَڏ=ريهه. ذات=اوڏ>اوڏڙا.

چيهه کنيـو ٽـي ريهـنَ کريـان، مـن اوڏڙا اچـن.

[982]

کـاٽ جـو معـذور، مٽـيءَ سـان کپـڙو کيـو.

کاٽ=مُهرو>منهن +روئي. مٽيءَ جا=ڳوڙها>

ڳوڙهن. کپڙو=ڳاڙهو.

روئـي منهـن معـذور، ڳوڙهـن سـان ڳـاڙهو کيـو.

[983]

کـائي کيچيـن کـاٽ، کـاڄ کـري ٽـي سسـئي.

کائي=روهيڙو>رويو. کاڄ=طعام>ماتام.

رويـو کيچيـن کـاٽ، ماتـام کـري ٽـي سسـئي.

[984]

مٽـيءَ جـا عضـوي تـان، پکـي ٽـا وجـن.

مٽيءَ جا=ڳوڙها. عضو=ڳل. پکي=وهيو.

ڳوڙهـا ڳـل تـان وهيـو ٽـا وجـن.

[985]

ذاتيـن بيٺـي چـوءِ، تـ وڃ سُـٽ جـي آهيـان.

ذات=جهيڙ. وڃ=ورهه. سُٽَ جي=ويڙهي.

جهيڙيـو بيٺـي چـوءِ، تـ ورُهـ ويڙهـي آهيـان.

[986]

ذاتيـن پنهنجـي کئـي، تـڏهن مـال جـن تـي

کـاٽ جـي کـري.

ذات=کيچي. پنهنجي=کُپت. مال جو=

رَندَ>رَندن. کاٽ جي=رَندي>روئندي.

کيچيـن کُـپت کئي، تڏهن رَندن تي روئنـدي وتـي.

Gul Hayat Institute

[987]

تـي روئـي **أنـن** تـي، چئـي **مـال ڏي مـال!**

أن جون=راهون>راهن. مال=گهوڙا.

تـي روئـي راهـن تـي، چئـي: گهـوڙا ڏي گهـوڙا!

[988]

وڻـن تـي روئـي، **نـالي** متـي سسـئي.

وڻ=ڪيهرو>ڪهي. نالو=واٽـو>واٽن.

ڪـهي ۽ روئـي، واٽـن متـي سسـئي.

[989]

ذات جـا، مـال جـا، پنهـل جـا، گاهـ ۾.

ذات=آنچي>اچي. مال جا=پُورَ. گاھ=پِندُ.

(گڏو)> پِندو (جسم).

اچـي پـُور پـون، پنهـل جـا پـِندي ۾.

[990]

ڪـائي پيـڙيءَ جـن، نرنـانءَ جـا عضـوي ۾.

ڪائي=آنچي>اچي. پيڙيءَ جا=پُور. نرنان=پنهل. عضوو=پِندو (=جسم).

اچـي پـور پـون، پنهـل جـا پـِندي ۾.

[991]

آءٌ ٿـي توڪي **عضـون** ۾ ڳوليـان، پـر تـون ليـن نٿـو،
هـاڻي وري **عضـون** ڪـان پڇـان.

عضوا=چپر>چپرن. عضوا=تارا>تارن.

آءٌ ٿـي توڪـي چپـرن ۾ ڳوليـان، پـر تـون ليـن نٿـو،
هـاڻي وري تـارن ڪـان پڇـان.

[992]

ڪاسبڪي آهيان منهنجا پرين، **ڪڙمڪي** مون سان ڪر.

ڪاسبڪي=مَتَڪي>مان +تَڪي.

ڪُڙمڪي=واهر.

مان ڪي آهيان منهنجا پريـن، واهـر مـون سـان ڪـر.

Gul Hayat Institute

[993]

ڪوهيارا! تون ڪاڻ، ڪٽي ڪنيوسين ڪاڻ،
پڇن ڏس پرين جو، سي ماڻهو آهن ڪاڻ،
لايان تي لڳن ڪي سندءِ پيرن ڪاڻ،
ور ڪوهيارا سپرين! هٽي ڪاڻ مٽي ڪاڻ.

ڪاڻ=برتن. ڪاڻ=بياني. ڪاڻ(جي)پَٽي.
ڪاڻ=ڪرهو. ڪاڻ=ڪام.

ڪوهيارا! تو ڪاڻ ڪٽي ڪنيوسين برتن ني،
پُڇن ڏس پرينءَ جو، سي ماڻهو آهن بياني،
لايان تي لڳن ڪي، سندءِ پيرن پٽي،
ور ڪوهيارا سپرين، ڪَرهن مٽي ڪام هٽي.

[994]

ذات پولي الله ڪندو آءٌ تہ جر جي آهيان.

ذات=شر>سر. پولي=پوش. جر جي=
گهاري>اُگهاڙي.

سِر پوش الله ڪندو، آءٌ تہ اُگهاڙي آهيان.

[995]

راند جا سڻ نرنانءَ، تہ نالو ڏسان شهر ۾.

راند جا= سڏ. نرنان=سردار. نالو=پنهون.
شهر=پَهَ.

سَڏ سڻ سردار، تہ پنهون ڏسان پَهَ ۾.

[996]

آءٌ نرنانءَ!ڏي مال جا، وڻ جن ۾ ڏڻ جي آهيان.

نرنان=آري. مال جا=اڏوڙ>آڏر. وڻ جا=
تار>تارن. ڏڻ جي=اُج>اُجي.

آءٌ آري! ڏي آڏر، تارن ۾ اُجي آهيان.

[997]

الله ۾ نالا ڪر، مان واڻڪي وجان.

۾ نالا=هڪ نالو'ميگهه'، ٻيو نالو'ملهار'.
واڻڪي=ڏڏڙي.

الله! ميگهه ملهار ڪر تہ مان ڏڏڙيءَ وجان.

[998]

نارنانءُ سور نہ پوک جي، هن کي ڪپڙي سُور پيا.

نارنان=سسئي. پوک جي=ڪرڻي. ڪپڙي جا=چرٽا.

سسئي سور نہ ڪرڻي، هن کي چرٽا سُور پيا.

[999]

قرب جي ويجهي ڪئي، جا ٽَبَڪي ڪيائين،

قرب جي=وِڪَ. ٽَبَڪي=ڪُهي.

وِڪَ تنهن ويجهي ڪئي، جان ڪُهي ڪنيائين.

[1000]

نالي ماريس جيڏيون، وَل مٿي سورن،

ڪپڙو ٽي نالو ڪري، اهو نرناءُ نہ ٻاروچن.

نالو=هيبت. ول=ڪانئل>ڪاهل. ڪپڙو=ڪورو>ڪو +روئي. نالو=عرض. نرنان=لائق.

هيبت ماريس جيڏيون! ڪاهل ڪيس سورن،

ڪو روئي ٽي عرض ڪري، اهو لائق نہ ٻاروچن.

[1001]

سسئي! سورن وکر ڪيئي، پر وکر ڇڏيئي ڪين.

وکر=پاهہ. وکر=ڪنڑو>ڪنارو.

سسئي! سورن پاهہ ڪيئي، پر ڪنارو ڇڏيئي ڪين.

[1002]

عيبدار نالي ڪئي، تڏهن ٽي مرون جون ڪائي سسئي.

عيبدار=بُري>برائي. نالو=بخت. مرون جون=سَٽُون.

برائي بخت ڪئي، تڏهن ٽي سٽون ڪائي سسئي.

[1003]

ذات لاءِ ٽي ذاتيون ٽيان، پر پنهنجون ذاتيون ڪنهن کي ڏيان!

ذات=پنهور>وَر. ذات=پَٽ>پَٽُون. ذات=گندرا>گوندر.

وَرَ لاءِ ٽي پٽون ٽيان، پر پنهنجو گوندر ڪنهن کي ڏيان!

Gul Hayat Institute

[1004]

نالو وڏو **بلا**، ٿي **مرض** پانيان.

نالو=ڏونگر. بلا=ڏکو. مرض=وِرهه.

لوهه جي ليلان، اڪر جو چنيسر،
ڪاڻ ڏون پئي، هاڻي نالو ڪر.

لوهه جي=روات>روءُ +اُت. اڪر جو=وَتُ.

ڪاڻ جو=هڏيو>هڏ. نالو=بخشڻ>بخش.

روءُ اُت ليلان، وَتِ چنيسر،

هڏڻون پئي، هاڻي بخش ڪر.

[1315]

ذات ليلان سُتَ جي، چُنيسر من نانءُ ڪريئي!

ذات=وونرا>وڻ +روءُ. ستِ جي=وَتِ.

نانءُ=سائينداد>سائين +داد.

وڻ روءُ ليلان! وَتِ چنيسر، من سائين داد ڪريئي.

[1316]

مال جو ليلان، توسان الله نانءُ ڪندو.

مال جو=نرو>نہ +روءُ. الله=سائين. نانءُ=داد.

نہ روءُ ليلان، توسان سائين داد ڪندو.

[1317]

پر ڙي ليلان ڪائي، اڇيان ذاتين ۾ ويندينءَ.

ڪائي=قلمي>ڪلمون. ذات=ملائڪ>ملائڪن.

پر ڙي ليلان ڪلمون، اڇيان ملائڪن ۾ ويندينءَ.

Gul Hayat Institute

[1318]

ليلان! ويهه نه **مال جن** ۾، وچ تون **ذات** ڪٽي.

مال جا=اَجها>اَجهن. ذات=ساڏور>ڏور.

ليلان! ويهه نه اَجهن ۾، وچ تون ڏُور ڪٽي.

ليلان جو وڃڻ

[1319]

هئينءَ **ڪڪن جي ڪامٽي، نرنانءُ** ويوئي ڇڏي،

هاڻي ليلان وڃ لڏي، متان **مرضو مرض** مري وڃي.

ڪڪن جي=تونري>توڙي. ڪامٽي=سومري.

نرنانءُ=سياڳو>سو +ياڳ. مرض=رنجو رُنج.

هئينءَ توڙي سومري، سو ياڳ ويوئي ڇڏي،

هاڻي ليلان وڃ لڏي، متان رنجو رنج مري وڃي.

[1320]

اي ليلان! **گاهه جي** هتئون، **ڪوڙو ڪپڙو** ڪيو.

گاهه جي=لَڏ. ڪپڙو=چوڙو (ڪفن متان ڪپڙو) >وچوڙو.

اي ليلان! لڏ هتئون، ڪوڙو وچوڙو ڪيو.

[1321]

هتي **واڪي ڪريان ڪوهه**، چنيسر **ذات** ٿيو.

واڪي=وَهي>ويهي. ذات=سامٽيا>ساءِ +مٽيو.

هتي ويهي ڪريان ڪوهه، (جڏهن) چنيسر ساءِ مٽيو.

[1322]

حاڪيماڻا هت ڇڏيو، ليلان **ولايت** وڃي.

حاڪيماڻا = قلعا. ولايت=ڏُور.

قلعا هت ڇڏيو، ليلان ڏور وڃي.

[1323]

جڏهن ليلان تي **گاهه جي**، تڏهن **ڪائڙ جو** ڪير چويس ئي ڪونه.

گاهه جي=لَڏ>لڏي. ڪائڙ جو=وهه>ويهڙ.

جڏهن ليلان تي لڏي، تڏهن ويهڙ جو ڪير چويس ئي نه.

Gul Hayat Institute

[1324]

ليلان پئي **گاهه جا** ڪيا، ته **هندو نالي** ڪنهن نه چيو.

گاهه جا=لڏ>لاڏاڻا. هندو نالو=ٽڪيو>ٽڪ.

ليلان پئي لاڏاڻا ڪيا، ته 'ٽڪ' ڪنهن نه چيو.

[1325]

حاڪيماڻي ليلان، چنيسر ٿو **ذات** ڪري، متان **ڪاسبڪي** ڏي.

حاڪيماڻي=پَڇ. ذات=وڳڙ. ڪاسبڪي=مار.

پڇ ليلان، چنيسر ٿو وڳڙ ڪري، متان مار ڏي.

[1326]

ڪپڑي جي اٽئي ليلان، وڃ **نالو** ڪٽي.

ڪپڑي جي=هَڙَ. نالو=ساهُڙ>سا +هَڙَ.

(جا) هَڙ اٽئي ليلان، وڃ ساهَڙ ڪٽي.

[1327]

اي ليلان! **فقير جو نه، ڪپڑي جو** آ.

فقير جو=گيڑُ (هارڙ). ڪپڑي جو=پَريو.

اي ليلان! گيڑُ نه، پَريو آ.

[1328]

هٿيار جي ليلان، نه **ٻولي** چنيسر.

هٿيار جي=جامڪي>جا +مُڪي. ٻولي=مجي.

جا مُڪي ليلان، نه مجي چنيسر.

[1329]

پنهنجو جيت چنيسر، ليلان **ان جو نه**.

پنهنجو=نياپو. جيت=مُڪو. ان جو=چُنو>اڇ +نه.

نياپو مڪو چنيسر، ليلان اڇ نه.

[1330]

ايندين **گاهه عضوي**، ٻي **ڪاڻ جا عضوي** ڪهڑي؟

گاهه=سَرُ>چنيسر. ڪاڻ جا=هَرُ. عضوو=ڳِرو (ڳچي). عضوو=نڪ.

ايندين چنيسر ڳِري، ٻيهر نڪ ڪهڑي؟

Gul Hayat Institute

[1331]

ليلان اڳي **ذات** هئي، پر ڪوئرو ڪٽي **پاٽي** ڪئي.

ذات=مشوري>مشهور. پاٽي=پڌرو>پڌري.

ليلان اڳي مشهور هئي، پر ڪوئرو ڪٽي پڌري ڪئي.

[1332]

ذاتيون اڳئي **ذاتيون**، پر **ذات** ٻڌاسين ڪين ميان!

ذات=ڪانڊڙا>ڪانڊ. ذات=ڳهلڙا. ذات=وڪيا.

ڪانڊ اڳئي ڳهلڙا، پر وڪيا ٻڌاسين ڪين ميان!

[1333]

ليلان **ڪپڙي** جو سودو ڪيو، **ذات** ۾ آيس ڪاڻ،

پر **نالو** ئي ويو.

ڪپڙي جو=لٻادو>لٻائتو. ذات=ڪسر>ڪٽر.

نالو=مور>مُور.

ليلان لٻائتو سودو ڪيو، ڪٽر آيس ڪاڻ، پر

مُور ئي ويو.

[1334]

ليلان تہ **ڪاڻي** هئي، پر ڪوئرو **جرجا** ڪري،

حاڪيماٽي ڏنني.

ڪاڻي=ڪاٽي>مالڪياٽي. جر جا=جهڳڙا.

حاڪيماٽي=طلاق.

ليلان تہ مالڪياٽي هئي، پر ڪوئرو جهڳڙا ڪري،

طلاق ڏني.

[1335]

ليلان **پوڪ جو** ڪيو، ڪوئرو **نالو** ڪندي.

پوڪ جو=ڇيهہ. نالو=قرب.

ليلان ڇيهہ ڪيو، ڪوئرو قرب ڪندي.

[1336]

ڪوئرو تہ **پوڪ جا** ڪيا، پر ليلان **نرنانءُ** ڪندي.

پوڪ جا=دنگ. نرنانءُ=نياز.

ڪوئرو تہ دنگ ڪيا، پر ليلان نياز ڪندي.

Gul Hayat Institute

[1337]

جي اکر جا لکيا، سي وکر ئي ڪين.

اکر=اڪ. وکر=ميٽ>ميٽيا.

جي اَڻ لکيا، سي ميٽيائي ڪين.

[1338]

ڪاسبڪي ذات ڪئي، نہ تہ ڪامڙ هئي نرنانءَ سان.

ڪاسبڪي=پَهي>پَهو. ذات=نائي>پِنائي.

ڪامڙ=اربيلي. نرنانءُ=ارباب.

پَهي پِنائي، نہ تہ اربيلي هئي ارباب سان.

[1339]

عورت ٿي ڪوڙو، جنهن اُچي ڏکر جو هنيو،

نہ عورت ٿي ليلان، جنهن سان جنڊ جي ٿي.

عورت=ياڳي (ياڳ واري). ڏکر جو=نارو.

نہ عورت=نياڳي. جنڊ جي=سوڙهي.

يَاڳي ٿي ڪوڙو، جنهن اُچي نعرو هنيو،

نياڳي ٿي ليلان، جنهن سان سوڙهي ٿي.

[1340]

لوهہ جي ليلان، رڇ چنيسر.

لوهہ جي=ڪَنڊي>ڪُنڊي. رڇ=مَٽُ>مَٽيئين.

ڪُنڊي ٿي ليلان، مٽيئين چنيسر.

[1341]

ڪاڇ جو ڏنائون، وکر ويچاريءَ کي.

ڪاڇ جو=ڪريلو>ڪري +لوءِ. وکر=وهہ.

ڪري لوءِ ڏنائون وهہ ويچاريءَ کي.

[1342]

هئي نالي وٽ نارنانءُ، اها تلوار جي ڪنهن ڪئي.

نالو=دوس>دوست. نارنانءُ=دادلي.

تلوار جي=ڏار.

هئي دوست وٽ دادلي، اها ڏار ڪنهن ڪئي.

Gul Hayat Institute

[1343]

عورت ويئي، نالو ڪيائين، نرنانءُ ٿي.

عورت=ڦوڙلان. نالو=مدگر>مَدِ +گهَر.

نرنانءُ=پُورن>پوءِ +رن.

قولا ويئي مَدِ گهر ڪيڏائين، پوءِ رن ٿي.

[1344]

لوهه لڳي ليلان، متيءَ جي ٽئي ڪيئن؟

لوهه=داغ. متي =اڇي.

داغ لڳي ليلان، اڇي ٽئي ڪيئن؟.

[1345]

متيءَ جي ليلان، لوهه جو چنيسر.

متيءَ جي=چَري. لوهه جو=ڪَڙو.

چري ليلان، (ٿيو) ڪڙو چنيسر.

[1346]

پوک ڏڪ جي ليکي راند جون ڪائي.

پوک=تِر. ڏڪ جي=گُٽِي. ليکي جو=سؤ.

راند جون=چوٽون.

تِر جي گُٽي، سو چوٽُون ڪائي.

[1347]

ليلان مال جي، ڪوڙو تان مچي.

مال جي=ولوڙي>وينِي لوڙي. مچي=ڪَئي.

ليلان وينِي لوڙي، (جنهن سان) ڪوڙوءَ تان ڪئي.

Gul Hayat Institute

باب ڏهون

سُرائتيون ڳجهارتون: مارئي

عمر جو ڪوهه تان مارئي ڪٽڻ

[1348]

پوک هئي جَرَجي تي، تڏهن نرنان ڏنائين.

پوک(جي)=ڪڍهي(زمين تيار ڪرڻ)>ڪڍي.

جر جو=ڪوهه. نرنان=عمر.

ڪڍي هئي ڪوهه تي، تڏهن عمر ڏنائين.

[1349]

ادا! توکي منهنجي ولايت جو ڪنهن نالو ڪيو؟

ولايت=سورت>صورت. نالو=معلوم.

ادا! توکي منهنجي صورت جو ڪنهن معلوم ڪيو؟

[1350]

اَنب جا اِعضون مان، نالو اُٺ ڏني.

انب جا=ٻوڪڻ. عضوو=هٿ. نالو=ڇُٽو.

اُٺ=تودڙي.

ٻوڪو هٿن مان ڇٽو، تو ڏي ڏِني.

[1351]

عمر! عورت نالي ذات گهر جو نه.

عورت نالي=حُميءَ>همه. ذات=دستي.

گهر جو=ڪُٽ (ڇت جو)>ڪُٽ.

عمر! همه دستي ڪري ڪَٽُ نه.

[1352]

عمر! هڏَئون زحمت نه.

هڏي(جو)=ڏارو>ريڏار. زحمت=ڇِنُ.

عمر! ريڏارئون ڇِنُ نه.

[1353]

عمر! شهر نه ڇڏ، مان ذات نالو ڪنديسانءِ.

شهر=ڇِني. ذات=آهپن>آهه +پُڻي. نالو=ڪارو.

عمر! ڇني نه ڇڏ، آهه پُڻي ته ڪارو ڪنديسانءِ.

[1354]

مرض عمر، ککن جي مارئي.

مرض=سَٽ. ککن جي=دٻڪي.

سَٽ (ڪئي) عمر، (تہ) دٻڪي مارئي.

[1355]

جر ان جي ذات، نرنان کاٽ جي مال تي.

جر=پاٽي. ان جي=يَرٽي>پريندي. ذات=

پنهوار. نرنان=عمر. کاٽ جي=چاڑهي.

مال=اُٺ.

پاٽي پريندي پنهوار، عمر چاڑهي اُٺ تي.

[1356]

ذات کي ذات ڪيو، کائيءَ کي مال ۾.

ذات=سومرو. ذات=پيسڪ. کائي=بيراڳڻ.

مال=بَرُ.

سومري وٽي سُڪَ ڪيو، بيراڳڻ کي بَرَ ۾.

[1357]

کاڇ مڇي ماري، نہ تہ عمر پوک ئي نہ هو.

کاڇ=جُونو. مڇي=جَک. پوک=چَٽو>اچٽو.

جوئي (ڦوڳ) جَک ماري، نہ تہ عمر اچٽوئي نہ هو.

[1358]

عمر نہ ذات هو، پر کائي ٽي پيو.

ذات=امير. کائي=ناڑي>اَناڑي.

عمر تہ امير هو، پر اَناڑي ٽي پيو.

مارئيءَ جي ماءُ جي مارئيءَ لاءِ پڇا

[1359]

نالي مٽي نہ باهہ جي، الائي ڪنهن راند جي؟

نالو=اگڙ. باهہ جي=ٽمڪَ>ٽمڪي.

راند جي=چائِي.

اگڙ مٽي نہ ٽمڪي، الائي ڪنهن چائي؟

Gul Hayat Institute

[1360]

هوءَ جا **نالا** وٺي **ذات** وئي، سا **ڪاڻ** ٽوڻ ئي **ذات**.

نالو=جعفر>جا +ڦر. ذات=چارڻ. ڪاڻ=
ڪُوهو>ڪوهه. ذات=نائي>نہ +آئي.

هوءَ جا ڦَر وٺي چارڻ وئي، سان ڪوهه ٽوڻ ئي نہ آئي.

[1361]

منهنجي **جيت جو ڪاڻ جو** عمر سان.

جيت=جاهو>جائي. ڪاڻ جو=سَلُ>سليو.

منهنجي جائيءَ جو، ڪنهن سليو عمر سان.

[1362]

ذاتين آئين سومرا! **ذات** ڪري وئين مارئي.

ذات=غيبي>ازغيبي. ذات=غيب>غائب.

ازغيبي آئين سومرا! غائب ڪري وئين مارئي.

مارئي عمر جي قيد ۾

[1363]

نرنان نالو پانيان ها، تہ **ٻيلي ذات** نہ وڃان ها.

نرنان=عمر. نالو=آيو. ٻيلي>نَفر>نہ +ڦر.
ذات=چارڻ.

عمر آيو پانيان ها، تہ نہ ڦَرَ چارڻ وڃان ها.

[1364]

پنهنجي حاڪم جو ڪيو، تڏهن ڪاڻ جي تان گاهه جو ٽياس.

پنهنجي=قسمت. حاڪم جو=قهر. ڪاڻ جو=
ڪُوهو>ڪوهه. گاهه جو=بند.

قسمت قهر ڪيو، تڏهن ڪوهه تان بند ٽياس.

[1365]

نارنان حاڪيماڻا، ڪاڻ جي ڏسان ڪانہ ميان!

نارنان=جافران>جان +ڦران. حاڪيماڻا=ڪوٽ.
ڪاڻ جي=ڏاڪڻ.

جان ڦران ڪوٽ ڪي، تہ ڏاڪڻ ڏسان ڪانہ ميان!

[1366]

مارو چڏي مارئي، ٽي **مال جا** نهاري.

مال جا=اوٿر>ٿر.

مارُو چڏي مارئي، ٽي ٿر ڏي نهاري.

[1367]

نالو ذات راڳ، سا **پنڌ جا کپڑي** ۾.

نالو=جعفر>جا +قر. ذات=چارڻ. راڳ=

جوڳ>جوڳي. پنڌ جا=کوهه. کپڑو=کوٽ.

جا قر چارڻ جوڳي، سا کوهه (آهي) کوٽ ۾.

[1368]

مارئي اندران **باهه جي**، پئي **مال** نهاري.

باهه جي=اُماڙي>ماڙي. مال=هرڻ>رڻ.

مارئي اندران ماڙيءَ جي، پئي رڻ نهاري.

[1369]

مرضن چڙهيو مارئي، **بينءِ پوک** جا نهاري.

مرض=مهلو>محلين. پوک جا=چوڻرا.

محلين چڙهيو مارئي، بينءِ چوڻرا نهاري.

[1370]

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، بينءِ **ڏڻ جا** نهاري،

پوک اَباڻي پارَ جي، من ڏاتر ڏيکاري،

آءٌ ته گهٽئي **گهه جي**، پر جي عمر اُماڻي.

ڏڻ جا=اوگر>گهر. پوک جا=چوڻرا

گهه جي=ڪَنديلي>اُکنڊي.

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، بينءِ گهر نهاري،

چوڻرا اباڻي پارَ جا، من ڏاتر ڏيکاري،

آءٌ ته گهٽئي اُکنڊي آهيان، پر جي عمر اُماڻي.

[1371]

وڻ چڙهيو مارئي، بينءِ **جيت** نهاري.

وڻ(جو)=منگهو. جيت=پوپٽ>پَٽ.

منگهي چڙهيو مارئي، بينءِ پَٽَ نهاري.

Gul Hayat Institute

[1372]

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، **مال ڪاڻ جي** لائي روئي،
ائين ٻيئي چوئي، **مرض مال جي** آهيان.

ماڙيءَ(جو)=چاڇو. مال جي=رَتي>رَت.
ڪاڻ جو= وَرو>ورن. مرض= وِرهه.
مال جي=وڪوڙي.

چاڇين چڙهيو مارئي، رَتَ وَرَنو روئي،
ائين ٻيئي چوئي، ورهه وڪوڙي آهيان.

[1373]

ڪاڇ نه ڪائي مارئي، **نالو** اٽس مَن ۾.

ڪاڇ=ٽڪي (مانو). نالو=موٽ.
ٽڪي نه ڪائي مارئي، موٽ اٽس مَن ۾.

مارئيءَ جون عمر کي منڻون

[1374]

هڪ **نالو**، ٻيو **نالو**، ٽيون **نالو**، توکي چوڻون **نالو** نه هو.

نالو=عمر. نالو=ميرو>مير. نالو=امير.
نالو=لائق.

عمر مير امير! توکي (ائين) لائق نه هو.

[1375]

لوهه ڪاڻ نه اٽئي ميان سومرا، هي **نالو** نه تو.

لوهه جي=جهَلَ>جهَلَڻُ. ڪاڻ(جو)=مُنو
(نار جو عضوو)>مناسب. نالو=لائق.

جهلڻ مناسب نه اٽئي ميان سومرا، هي لائق نه تو.

[1376]

جيٽ نالي ڪيئي ميان سومرا! سو **شهر** ۾ ٽئين تون،
تو **پنهنجي پوک جي ڪئي**، پوءِ **ڪاڻ پنهنجو** مون.

جيٽ= ڪَٽ>ڪٽي. نالو= آندو>آندئي. شهر=
جهَلو>جهلي. پنهنجي=پٽ. پوک جي=پيوري>
پوري. ڪاڻ(جي)=ڪَٽ>ڪٽي. پنهنجو=نصيب.

ڪٽي آندئي ميان سومرا! سا جهلي ويئين تون،
تو پنهنجي پوري ڪئي، هاڻي ڪَٽي نصيب مون.

Gul Hayat Institute

[1377]

مٽئي نالي نار، شهرئون آندئي ڪيئن ميان!

مٽيو=ياقوت>قوت. نار=مكڙ>مكڙيون.

شهر=ساماروَ>سا +ماري.

قوت جنهن جو مكڙيون، سا ماري آندئي ڪين ميان!

[1378]

اولت نالي شهر مؤن، تو ڪائي آندي ڪيئن ميان!

اولت(عورت) =بيگمر>بي +غمي. شهر=گام.

ڪائي=ڳڻي>ڳڻهي.

بي غمي گام مؤن، تو ڳڻهي آندي ڪيئن ميان!

[1379]

نالو ڪر ڙي سومرا! ڏي پنهنجو نارنانءَ کي تہ حاڪم جي ٽئي.

نالو=ترس. پنهنجو=دلاسو. نارنانءَ=دلگير.

حاڪم جي=دلجاءِ.

ترس ڪر ڙي سومرا!ڏي دلاسو دلگير کي تہ دلجاءِ ٽئي.

[1380]

اٽئي نانءَ الله جو، ذات نہ ڪر مون،

نرنالي حاڪيماٽي ۾، جيت ٽيندين تون.

ذات= ڪارا> ڪاري. نر نالو= صاحب.

حاڪيماٽي=سرڪار. جيت=ڏوهو>ڏوهي.

اٽئي نانءَ الله جو، ڪاري ڪَر نہ مون،

صاحب جي سرڪار ۾، ڏوهي ٽيندين تون.

[1381]

ذات آهيان ميان سومرا! نہ ڏي ڳهٽو اَباٽن.

ذات=ماڇي>مان اَڇي. ڳهٽو=ٽڪڙو.

مان اَڇي آهيان ميان سومرا! نہ ڏي ٽِڪو اَباٽن.

Gul Hayat Institute

[1382]

پڪي ڪيئي مون کي، عمر! پڪين ۾.

پڪي=بَدڪ>بَد. پڪي=هيڙهو>هيڙين>ساهيڙين.

بَد ڪيئي مون کي، عمر! ساهيڙين ۾.

[1383]

نالا تنهنجا سومرا، نالي کي نہ وڻن.

نالو=حڪيم>جي +ڪَمَ. نالو=واحد.

جي ڪم تنهنجا سومرا، واحد کي نہ وڻن.

[1384]

اي عمر سومرا! توکي زال جي، نہ مال جو.

زال جي=ناس. مال جو=پِتو.

اي عمر سومرا! توکي ناس نہ پِتو.

[1385]

وڻن منجهہ هُياس، جي تون نہ ڪٽين ها سومرا!

وَڻ=اَنب>اَنبن +اَبن (عزتن).

اَبن منجهہ هياس، جي تون نہ ڪٽين ها سومرا!

[1386]

ڪائين آندئي مارئي، **ڪائي** کين ڇڏيج،

نالو اٽئي ميان سومرا! وڃي مال **جن کي** ڏيج.

ڪاٽ(جو) =ڪُوهو>ڪوهين. ڪائي=رُول>رولي. نالو=راضي. مال جا=ساڳا>ساڳين.

ڪوهين آندئي مارئي، رولي کين ڇڏيج،

راضي ٿيءُ ميان سومرا! وڃي ساڳين کي ڏيج.

[1387]

ڪاٽ تان ذات آندءِ سومرا!وڏئي **ڪائن** منجهہ **پڪي**،

سا هت کيئن گذاري، جنهن جا **شهر ۾ پوک** رچ تيا.

ڪاٽ=ڪوهو>ڪوهہ. ذات=ڪونيڙيا>ڪنيي.

ڪاٽ=طاق>طاقن. پڪي=تاڙو. شهر=ڪاهڙ.

پوک=ڪيٽ. رچَ=پڪا.

Gulistan Institute

کوهہ تان کنيي آندءِ سومرا! وڏئي طاقن منجهہ تاڙي،
هت ڪيئن گذاري، جنهن جا ڪاهڻ ۾ ڪيٽ پڪا.

[1388]

ذاتيون ڪنهن نہ ڪنيون **ذات**، عمر! تو کا **ذات** ڪئي.

ذاتيون=نياڻيون. ذات=تَڙت>تڙ تان.

ذات=ٽوري.

نياڻيون ڪنهن نہ ڪنيون تَڙ تان، عمر! تو کا ٽوري ڪئي.

[1389]

جيت متان **جر جو**، توکي رحم نہ پيو هڪ رَتي.

جيت=ڪَڙ>ڪٽي. جر جو=ڪو هہ.

ڪٽي متان کوهہ، توکي رحم نہ پيو هڪ رَتي.

[1390]

نالو نالي ۾، **چو راند جي** ڪيئي؟

نالو=بيگ. نالو=بنگل. راند جي=پوري.

بيگناهہ بنگلن ۾، چو پوريِ اٽئي؟

[1391]

ڪپڙي آندئي مارئي، **ڪپڙي** نہ ٽڪاءِ،
هن **ڪپڙي** مان ڪڍي، **ڪپڙي** ۾ ملاءِ.

ڪپڙو=زري>زوري. ڪپڙي(جو)=ڪوٽ.

ڪپڙو=ملير.

زوريءَ آندئي مارئي، زوريءَ نہ ٽڪاءِ،
هن ڪوٽ مان ڪڍي، ملير ۾ ملاءِ.

Gul Hayat Institute

[1392]

اداڙي عمر!اسان جي ملڪ ۾، **عضوي گهوڙي** ٽئي ڪانہ.

عضوو=هٽ. گهوڙو=ڪسي>ڪس.

ادا ڙي عمر! اسان جي ملڪ ۾ هٽ ڪس ٽئي ڪانہ.

[1393]

عمر! اسان جي ڏيهہ ڏي، **نالن** تي **قرآن**.

نالو=واٽُو>واٽن. قرآن=فرقان>قر +ڪانہ.

عمر! اسان جي ڏيهہ ڏي، واٽن تي قُر(ٽئي)ڪانہ.

[1394]

عضوو مون حاڪيماڻي ٿيو، عورت آندياس ڪپڙي ۾.

عضوو=تن>وطن. حاڪيماڻي=ويڙهه.

عو رت=قسمت. ڪپڙي جو=ڪوٽ.

وطن مون ويڙهه ٿيو، (پر) قسمت آنديـاس ڪـوٽ ۾.

[1395]

عـــرض اچيـــن ســـومرا! نـــالو نـــالن ســـان،
ڪـڏهن سُـــئاسون ڪينڪـي، اُپ جـا مـارن سـان.

عرض=صدا>سدا. نالو=رهندو. نالو=راڄو>راڄن.

اُپ جا=ڪس>عڪس.

ســـدا اچيـــن ســـومرا! رهنـــدو راڄـــن ســـان،
ڪـڏهن سُـــئاسون ڪينڪـي، عڪـس مـارن سـان.

[1396]

نـــالو ڪـــر ڙي ســومرا! ذاتيـــن رانـــد نـــ ڦٽـــاءِ.

نالو=نظر. ذات=سانگي. راند=سانگ.

نظـــر ڪـــر ڙي ســومرا! ســانگين ســانگ نـــ ڦٽـــاءِ.

[1397]

ذاتئيـــن آندئـي مـارئي، ســا ذاتئيـــن تـــون پهچـاءِ.

ذات=ڪيبر>بَـرين. ذات=راڄپر>راڄين.

بَـــرين آندئـــي مـــارئي، ســا راڄيـــن تـــون پهچـــاءِ.

[1398]

ڪڪيـــن آنـــدءِ ميـــان ســـومرا! ڪڪـــن ۾ پهچـــاءِ.

ڪڪن جو=پهارو. ڪڪن(جون)=جهوپڙيون.

پهـاري آنـدءِ ميـان سـومرا! (سـا) جهوپڙيـن ۾ پهچـاءِ.

[1399]

ڪڪـــان آنـــدءِ ميـــان ســـومرا! تڙئـــون موڪـــل ڏي.

ڪڪن(جو)=پُـهارو. تڙ (جو)=وارو.

پُـهاري آندءِ ميان سومرا! (تنهن کي) واري موڪل ڏي.

Gul Hayat Institute

[1400]

عمر! گاھ جو کيئي، ھاڻ نارنانءُ کڍجانءِ.

گاھ جو=بند. نارنان=عزت.

عمر! بند کيئي، ھاڻ عزت سان کڍجانءِ.

[1401]

اي پکي عمر سومرا! مون کي کڍ لوھن مان.

پکي=پرمار. لوھ=کَڙو>کَڙن.

اي پرمار عمر سومرا! مون کي کڍ کَڙن مان.

[1402]

پنھنجيءَ کونہ آيس، پکيءَ جو کٽي آئين.

پنھنجي=خوشي. پکيءَ جو=کنيءِ>کنيي.

خوشيءَ کونہ آيس، کنيي کٽي آئين.

[1403]

کاڻي ادا سومرا! نہ تہ آءٌ مڇيءَ جي کنديسانءِ.

کاڻي=نيگھر>ني +گھر. مڇيءَ جي=ھاري>ڏوھاري.

نيِ گھر ادا سومرا! نہ تہ ڏوھاريِ کنديسانءِ.

[1404]

کپڙي مرون آيا، پر کاڇ جي کنھن نہ ڪئي!

کپڙو=چندو>چندين. مرون=چنچل>چئنچل.

کاڇ جيِ=ھڏيَ>ھيڏي.

چندين چئنچل آيا، پر ھيڏي کنھن نہ ڪئي!

[1405]

ھت ھندکا اڳ بہ ھئا، جر جو جون فقيراٽيون تو کيون.

ھندکا=راجا. جر جون=نيون. فقيراٽيون=ريتيون.

ھت راجا اڳ بہ ھئا، پر نيون ريتيون تو کيون.

[1406]

ادا ڙي عمر! تو نالي اھڙا کاٽ جا کنھن نہ کيا.

نالو=ساماڻو. کاٽ جا=گز>غضب.

ادا ڙي عمر، تو ساماڻي اھڙا غضب کنھن نہ کيا.

Gul Hayat Institute

[1407]

سٽي ان جون ڪري، نرنائُ ٽيو ڪونہ ڪو.

سٽي جي=چُوري>چوريون. ان جون=رَيون.

نرنائُ=وَنهيون.

چوريون ڪري، وَنهيون ٽيو ڪونہ ڪو.

[1408]

نالا نائُ نہ ڪن، ڪائيون هٽن نہ سومرا!

نالو=چگو>چگا. نائُ=چُوريو>چوريون.

ڪائيون=سڏيون>سَنڈيون(ڪات).

چگا چوريوُن نہ ڪَن، سَنڈيون هٽن نہ سومرا!

[1409]

مٽيا پوک نہ ڪن، پوک پلي پورهيت ڪن.

مٽيو=سالڪ. پوک=ڪَس. پورهيت=

ڪمي>ڪميٽا.

سالڪ ڪَس نہ ڪن، ڪَس پلي ڪميٽا ڪن.

[1410]

اهو مال جو نہ هُيئي سومرا، جو لڄايئي ذاتيون.

مال جو=وڙ. ذات=

پنهوار>پنهواريون.

اهو وَڙُ نہ هيئي سومرا، جو لڄايئي پنهواريون.

[1411]

پڪي مار نہ سومرا! نالو پوک نہ تون.

پڪي=آيرا. نالو=رعايا. پوک(جو)=تڪ.

آيرا مار نہ سومرا! رعايا تَڪ نہ تون.

[1412]

پڪي مار مَ سومرا! مَٿَ پڪي مارُو هون،

پڪي جهلڻ جهنگ مان، اها ريت نہ راجائن.

پڪي=آپرو>آيرا. پڪي=سيرو>سيرا. پڪي=

پار ڏتارو.

آيرا مار مَ سومرا! مر سيرا مارُو هون،

پار ڏتاري جهلڻ جهنگ مان، اها ريت نہ راجائن.

Gul Hayat Institute

[1413]

ذات نہ ڪر ميان سومرا، توکي **نرنانءَ نالو** ڪندو.

ذات=تُرڪ>روڪ. نرنانءَ=مالڪ.

نالو=موچارو.

روڪ نہ ڪر ميان سومرا، توکي مالڪ موچارو ڪندو.

[1414]

تڙ ڦٽا ڪر سومرا! نيئي ڏي **ڳهه** مارن ڪي.

تڙ=ڏنگُ. ڳهه=مانگهه>مان گڏ.

ڏِنگ ڦٽو ڪر سومرا! نيئي مون گڏ مارن ڪي.

[1415]

عمر! اسان جي ڏيهه ۾، **ول پوک** ٽئي ٿي ڪاڻ.

ول=ويساهي>ويساھ. پوک=ڪَٽي>گھاتي.

عمر! اسان جي ڏيهه ۾، ويساھ-گھاتي ٽئي ٿي ڪاڻ.

[1416]

ذات آنديس سومرا! **وٽن** ڪونهي ڏوهه.

ذات=اَمر. وٽ=مئٽ>مائٽ.

اَمر آنديس سومرا! مائٽن ڪونهي ڏوهه.

[1417]

مارئي مري ٿي **نرنانءَ لاءِ**، آءٌ **نرنانءَ** ڪي پڇاءِ؛

نالي نرنائن ۾، تو ڇو **ڪاڇ جي** ڪئي؟

نرنانءَ=ننگ. نرنانءَ=ساھُو>سا +هن. نالو=

بيگ> بيگناھ. نرنانءَ= بَنگُل> بنگلن.

ڪاڇ جي=پُوري.

مارئي مري ٿي ننگ لاءِ، آءٌ سان هُن ڪي پڇاءِ،

بيگناھه بنگلن ۾، تو ڇو پُوري آھه؟

عمر جو مارئيءَ ڪي شاديءَ لاءِ چوڻ

[1418]

مال جي ٿي نہ مارئي، تنهنجا **نالا نالا** آهن.

مال جي=مادي>ماندي. نالو=سانگي. نالو= سڪيو>سڪيا.

ماندي ٿيءُ نہ مارئي، تنهنجا سانگي سُڪيا آهن.

Gul Hayat Institute

[1419]

چلم جي نہ ٽيءُ مارئي! تون **نارنان** ٽي ويھہ.

چلم جي=ڪنيءِ. نارنان=سُرهي.

ڪنيءِ نہ ٽيءُ مارئي! تون **سُرهي** ٽي ويھہ.

[1420]

نالو ٽي جي **رچ** ڪرين، تہ ڏيان **وکر** مارن ڪي.

نالو=روچي>پرچي. رچ=پرُڻ>پرڻو. وکر=زهر>زر.

پرچي جي پرڻو ڪرين، تہ ڏيان زر مارن ڪي.

[1421]

وڻ تون **ملڪ** وسار، **پنهنجو** ڏي **نرنان** ڪي.

وڻ=وينگس. ملڪ=ويڑهہ. پنهنجو=جهجهڻ. نرنان=جهانگي.

وينگس تون ويڑهہ وسار، جهجهڻ جهانگيئڙن ڪي.

[1422]

نالي ۾ ٽي ويھہ، **چڏ مرون** مارئي.

نالو=نظر. مرون=ويڑهو>ويڑها.

نظر ۾ ٽي ويھہ، **چڏ** ويڑها مارئي.

[1423]

توکي **نالي** آندم مارئي، تون **نالي** ۾ ٽي ويھہ،
هي بہ تنهنجو ڏيھہ، **نالي** ڪندوسانءِ مارئي!

نالو=دلو>دليئون. نالو=بيگر>بي +غمي.

نالو=بخشو>بخش.

توکي دليئون آندم مارئي، تون بي غمي ٽي ويھہ،
هي بہ تنهنجو ڏيھہ، بخش ڪندوسانءِ مارئي!

[1424]

نالي ۾ آندومانءِ مارئي! **نالي** ۾ ٽي ويھہ،
هي بہ تنهنجو ڏيھہ، **نالي** ۾ ڪندوسانءِ مارئي!

نالو=محبت. نالو=صحبت. نالو=سُڪيو.

محبت ۾ آندومانءِ مارئي! صحبت ۾ ٽي ويھہ،
هي بہ تنهنجو ڏيھہ، سڪيو ڪندوسانءِ مارئي!

Gul Hayat Institute

[1425]

ڪاڻ ڪ، پولي شهر جن ۾ فقير جون ڪر مارئي.

ڪاڻ(جي)=مان. پولي=هلي. شهر جا=محلات.

فقير جون=موجون.

مان ڪر، هلي محلاتن ۾ موجون ڪر مارئي.

[1426]

ڪر پنهنجو، ٽيءُ نارنان، پوليون ڪيم ڪر،

تہ نرنان ڪريئين مارئي.

پنهنجو=صبر. نارنان=سياڻي. پوليون=دانهون.

نرنان=راضي.

ڪر صبر، ٽيءُ سياڻي، دانهون ڪير ڪر،

تہ راضي ڪريئين مارئي.

[1427]

ڪاڇ نہ ڪائين ڙي مارئي! نالا نامن جا.

ڪاڇ=صوف. نالو=تاجو>تازو. نام=باغ.

صوف نہ ڪائين ڙي مارئي! تازا باغن جا.

[1428]

مڇي ٽي ڳهہ پاءِ، ڪڙمڪا نہ هار.

مڇي=ڏاهي. ڳهہ=ڇلا. ڪڙمڪا=ڳوڙها.

ڏاهي ٽي، ڇلا پاءِ، ڳوڙها نہ هار.

[1429]

ان جا آڻيو ڏينِ، تہ مال جا ڪر مارئي!

انءَ جا=وساڻ>ويس +نوان. مال جا=چوندِ.

ويس نوان آڻيو ڏينِ، تہ چوندِ ڪر مارئي!

مارئيءَ جو عمر کي جواب

[1430]

وات جا آڇ نہ مون، راند جا پلي هَٽ.

وات جا=ويڙ. راند جا=هاڙهي>کهاڙي.

ويڙ آڇ نہ مون، کُهاڙي پلي هَٽ.

Gul Hayat Institute

[1431]

حاڪم جون نہ ڪر عمر ادا، بلائون ڪينئي.

حاڪم جون=آڇون. بلائون=ارموش(وڏي بلا).

آڇون نہ ڪر عمر ادا، ارموش ڪينئي.

[1432]

عمر! تون چوين **نرنان**، مون کي **مال جي**.

نرنان=پرچو>پَرچ. مال جي=اُکي>اوکي.

عمر! تون چوين پرچ، مون کي اوکي.

[1433]

ڪپڑو نہ ڪر ميان سومرا! هيءُ **ڪپڑو** چگو هنا هہ،

جو **نالو** تون چوين، سو **نالو** مون وٽ ناهہ.

ڪپڑو=ڪارو. ڪپڑو=اَنڌاري>انڌير. نالو=

ڪلڻ. نالو=خوشي.

ڪارُو نہ ڪر ميانَ سومرا! هيءُ انڌير چگو ناهہ،

جو ڪِلڻ تون چوين، سا خوشي مون وٽ ناهہ.

[1434]

ذات ڪاسبڪي ڪار، نرنالي آزار جي نارنالي.

ذات=دائي>مدائي. ڪاسبڪي ڪار=مَنڊ>

من +ہر. نرنالو=اَمانُ>اما +نہ. آزار جي=سُتي.

نار نالو=ڏَني.

مدائيءَ جي مَن ہر، اما نہ سُتي ڏَني.

[1435]

عضوي تي ويهي، **عضوو** ڏيندي سانءِ ڪين ميان!

عضوو=سَنڊ>سَڊ. عضوو=گوش.

سَڊُن تي ويهي، گوش ڏيندي سانءِ ڪين ميان!

[1436]

عورت تنهنجي سومرا، **مرونءَ جي** وٽي مَ مون.

عورت=هرجي>هر چيز. مرونءَ جي=ڪائنين>

ڪائي.

هر چيز تنهنجي سومرا، ڪائي وٽي مَ مون.

Gul Hayat Institute

[1437]

عمر چئي **ست جي**، آءُ **نار نالي** نہ هڪڙي.

ست جي=كاهي>كاءُ+هي. نار نالو=زليخان>ذَري+كان.

عمر چئي كاءُ هي، آءُ ذري كان نہ هڪڙي.

[1438]

ڪٽ پنهنجا **عضوا**، مان **ذات** جي نہ آهيان.

عضوا=ڏاكون. ذات=بخاري>بكاري.

ڪٽ پنهنجا ڏاكون، مان بُكاري نہ آهيان.

[1439]

نالو ڪر نہ سومرا، تہ ويهي **عورت** تون.

نالو=صلاح. عورت=خاتُون>كاءُ+تون.

صلاح ڪر نہ سومرا، تہ ويهي كاءُ تون.

[1440]

كاڇ نہ كائيندیس سومرا، مون كي **متيءَ جون** آڻي ڏي.

كاڇ=حلوو>حلوا. متيءَ جون=كنييون.

حلوا نہ كائيندیس سومرا، مون كي كنييون آڻي ڏي.

[1441]

كاڇ كائيندیس **كينكي**، **نار نالي** تنهنجو.

كاڇ=آكو>آءُ+كو. نار نالو=داني> اَدا +ني.

آءُ كو كائيندیس كينكي، ادا ني تنهنجو.

[1442]

متيءَ جي كائيندیاس، **ذات** كنديس كينكي.

متيءَ جي=پِني. ذات=شاهہ>شاهي.

پِني كائيندیاس، شاهي كنديس كينكي.

[1443]

مُئي جوكائيندیس كينكي، وچ **نالو نانوَ** كڻي.

مئي جو=ماتام>مان+طعام. نالو=خانا>كانا. نانءُ=خان.

مان طعام كائيندیس كينكي، وچ كانا خانَ كڻي.

Gul Hayat Institute

[1444]

تنهنجي **ذاتين** ڪريان ڪوهه، منهنجي **پڪين شهر جا ڪيا**.

ذات=خشڪ>خشڪن. پڪي=ڏولير. شهر جا=ڏير.

تنهنجي خشڪن ڪريان ڪوهه، منهنجي ڏولين ڏير ڪيا.

[1445]

ست جا آڇ مَ سومرا! **مان گاهه جي** هيراڪ.

ست جا=وَٽيا>وَٽا. گاهه=ٻُڪن.

وَٽا آڇ مَ سومرا! مان ٻُڪن جي هيراڪ.

[1446]

اَن جا آٽي ڏينِ، ته به **وڻ جا** نه ڪائي مارئي.

اَن جو=ميدو>ميدا. وڻ جا=مور(گونچ)>مُور.

ميدا آٽي ڏينِ، ته به مُور نه ڪائي مارئي.

[1447]

نار نالي آڇ نه سومرا، **نار نالي** پنهنجون پاڻ، جي **نارنالي** ڪاوان، ته مارن ۾ **متي** ٿيان.

نار نالو=مِلي>مليدا. نار نالو=خاتون>ڪاءِ+ تون. نار نالو=زرينا>ذري. متي=ڪاري.

مليدا آڇ نه سومرا، ڪاءِ تون پنهنجا پاڻ، جي ذري ڪاوان، ته مارن ۾ ڪاري ٿيان.

Gul Hayat Institute

[1448]

تنهنجي **جر جن** ڪريان ڪوهه، منهنجي **جيتن عضوا** ڪيا.

جر جو=ڪنڊ. جيت=ڪارڙو>ڪرڙن. عضوا= ڏوئرا.

تنهنجي ڪنڊن ڪريان ڪوهه، منهنجي ڪِرڙن ڏوئرا ڪيا.

[1449]

وڻ جي عمر سومرا، نالي مرض نه.

وڻ جي=چوڏي>چو +ڏين. نالو=مصري.

مرض=ڪامَ>ڪان +مان.

چو ڏين عمر سومرا، مصري ڪان مان نه.

[1450]

ادا ڙي عمر! اسان جو **ڪاڻ** تي گذران، ڇا ڪنديس **شهر** ڪي.

ڪاڻ=ساڳُ. شهر=مصر>مصري.

ادا ڙي عمر! اسان جو ساڳن تي گذران، ڇا ڪنديس مصريءَ ڪي.

[1451]

پوک ملڪ ميان سومرا! **وڻ** ڪائي.

پوک=ڪَٽي>ڪَٽيون. ملڪ=سال. وڻ=ڪاٽونبا.

ڪَٽيون سال ميان سومرا! ڪاٽونبا ڪائي.

[1452]

نالان ۾ نالان تي، آءٌ **ڪاڻي**.

نالو=لونگ>لونگن. نالو=قوتو>قوتن.

ڪاڻي=نهري>نہ +هري.

لونگن ۾ قوتن تي، آءٌ نہ هري.

[1453]

نالو ڪائي نہ مارئي، اهو **نالو نالان** جو.

نالو=مٽو. نالو=ميوو. نالو=باغ>باغن.

مٽو ڪائي نہ مارئي، اهو ميوو باغن جو.

[1454]

بن نالان مان **عورت** آءٌ نہ، متان **حاڪيماڻي** ٿي پوان.

بہ نالا=هڪ نالو توت، ٻيو نالو صوف. عورت= زليخا>ذري ڪان. حاڪيماڻي=گنهگار.

توتن ۾ صوفن مان آءٌ ذري نہ ڪان، متان گنهگار ٿي پوان.

[1455]

نرنانءُ! نار نالي پنهنجو نہ، اسان وٽ **نالان** ۾ **ڪاڻ**.

نارَ=گلابي. نالو=گل. نرنانءُ=عمرَ. پنهنجو= سونگهڙ> سونگهيان. نالو= ڪپڙ> ڪپڙن.

ڪاڻ=بانس.

عمر!گلابي گل سونگهيان نہ، اسان وٽ ڪپڙن ۾ بانس.

Gul Hayat Institute

[1456]

ڏڏ وڃ جـي آڇ مَ سـومرا! اسـان ڏي ريـت رڇـن.

ڏڏ جي=جهـو (ڦيڙ). وڃ جي=مَـڪ. رڇ= وَڻو>وَڻين (ڪنن ۾ پائڻ جو ڳهه).

جهومـڪ آڇ مَ سـومرا! اسـان ڏي ريـت وَڻيـن.

[1457]

عمر! تون شهرئون ڏئين، آءٌ ڪـاڻي بـ ڪانـ ڏيـان.

شهر=سَڳيون. ڪاڻ(جي)=ڦٽي.

عمـر! تـون سڳيون ڏئيـن، آءٌ تـ ڦٽي بـ ڪانـ ڏيـان.

[1458]

اڏ شهر ۾ ساز جو وٽي نـ مون، مون کي پنهنجـن جـا پنهنجـا ئـي چگـا.

شهر=چوٽي (چوٽياريون مان اڏ شهر). ساز جو= چمڪو. پنهنجن=ٻاٻاٽا. پنهنجا=ٻچڙا.

چوٽيءَ ۾چمڪو وٽي نـ مون، مونکي ٻاٻاٽا ٻچڙائي چگا.

[1459]

ڪـاڻ ئـون ڪـاڻي، ڪـانهي ريـت رڇـن جـي.

ڪـاڻ(جـي) =ٻـانهين > ٻـانهيون، ڪـاڻي = ٻنـدو رڇ= وڻو> وڻن.

ٻـانهيون ٻـُـندا ناهـ، ڪـانهي ريـت وڻـن جـي.

[1460]

عمـر اسـان جـي ڏيهـ ۾، ڪـاڻ ئـون ڪـاڻي ڪانـ.

ڪاڻ=ٻانهين. ڪاڻي=پائو>پائي.

عمـر اسـان جـي ڏيهـ ۾، ٻـانهين پـائي ڪانـ.

[1461]

ڪپـڑي آنـدءِ سـومرا! سـُـٽ پـائيندي ڪيـن.

ڪپڑو=ٻانڊڻي>بنڊياڻي. سُٽ جي=سانٽ>سا +نَٽ.

بنڊيـاڻي آنـدءِ سـومرا! سـا نـَـٽ پـائيندي ڪيـن.

Gul Hayat Institute

[1462]

عمر! اسان جي ڏيهه تي، **ڪائيون** ڪنهن نه **ذاتيون**.

ڪاڪ(جي) =نڪ>نڪون. ذات=پاتڻي، پاتا>پاتيون.

عمر! اسان جي ڏيهه تي، نَڪون ڪنهن نه پاتيون.

[1463]

ڪتا آڇ مَ سومرا! آءٌ **مرون** نه پايان،
جيت اباڻي پار جا، مڙيئي ملهايان،
پوءِ گاهه لڳين لايان، آءٌ **ذات** ٿيندين ميان سومرا!

ڪُتو=وينڊو. مرونءَ جو=چلو. جيت=اڏوهي>
اوڏانهين. گاهه=چاهڪ. ذات=ماڇي>آڇي.

وينڊا آڇ مَ سومرا! آءٌ چلو نه پايان،
اوڏانهين اباڻي پار جا مڙيئي ملهايان،
چاهڪ لڳين لايان، مان آڇي ٿيندين ميان سومرا!

[1464]

ڪائين راندين ڪن، سي سيباڻا ساهه ڪي،
نالا نرنان تنهنجا، پهڳڙ وجهان ٻن،
عمر! اسان جي ملڪ تي، **ڪپڙوئي** نه ڪن.

ڪاڪ= ڪوهو> ڪوهين. راند= ڪيل> ڪيلون.

نالو=سونو. نرنان=ڳهٽو. ڪپڙو=شال>شالون.

ڪُوهين ڪيلون ڪن، سي سيباڻا ساهه ڪي،
سونا ڳهٽا تنهنجا، پهڳڙ وجهان ٻن،
عمر اسان جي ملڪ تي، شالون ڪونه ڪن.

[1465]

فقير جي پائي، **باهه جا** ونبي آءٌ.

فقير جي=جاڳهه>جا +ڳهه. باهه جا=اُهاءِ>اُها.

جا ڳهه پائي، اُهنا ونبي آءٌ.

[1466]

اوطاق پائي سومرا! **ڪپڙي** آڻج جوءِ،
اسان ۾ ريت **ڪائين** جي، **نرنان** ڪن نه هوءِ.

اوطاق=جاڳهه>جا +ڳهه. ڪپڙو=سائو>سائي.
ڪاني=ٻُندو. نرنان=حَسن>هس.
جا ڳهه پائي سومرا! سائي آڻج جوءِ،
اسان ۾ ريت ٻُندن(پائڻ) جي، هَسَ ڪن نه هوءِ.
[1467]
مٽيءَ جي آڇ نه سومرا، مون ڪاڻ جا ئي ناهن.
مٽيءَ جي=جاڳهه>ڳهه. ڪاڻ جا=پائڻا (لکڻ).
ڳهه آڇ نه سومرا! مون پائڻائي ناهن.
[1468]
تنهنجن **نرنامن** کي چا ڪريان، هي **مال جائي** مون بس،
راند جن بنان ڙي سومرا! منهنجي روح نه اچي رس.
نرنالا=سونو ۽ ڳهٽو. مال جا=وڳ>وڳا.
راند جا=ڏارا>ريڍار.
تنهنجن سونن ڳهٽن کي چا ڪريان، هي وڳائي مون بس،
ريڍارن بنان ڙي سومرا! منهنجي روح نه اچي رس.
[1469]
تنهنجي **نالن** ڪان، مون کي **سُٽ جا** چگا.
نالو=سونو. سٽ جا=وَٽا.
تنهنجي سونن ڪان، مون کي وَٽا چگا.
[1470]
ٻه **وڻيون** اَباڻن جون، سي ڇڏيندیس ڪين ميان!
تو ٽي آڇيا **نالا ۽ نرنان**، سي وٺنديس ڪين ميان!
تو ٽي گهڙيا **رڇ راند جا**، سي رڇ ڏيندیس ڪين ميان!
وڻي= ڪرڙي> ڪرڙيون. نالو= هيرو.
نرنان=جواهر. رڇ=پرڻ>پرٽو. راند جو=پاسو.
رڇ=دلو>دلئون.
ٻڪرڙيون اَباڻن جون، سي ڇڏيندیس ڪين ميان!
تو ٽي آڇيا هيرا جواهر، سي وٺنديس ڪين ميان!
تو ٽي گهريا پرٽي لاءِ پاسا، دلئون ڏيندیس ڪين ميان!

Gul Hayat Institute

[1471]

گهــ پــائيندين ســومرا، لوهــ جــا تنهنجــا.

گهـ=نسبي>نہ +سِبي. لوهـ جا=رَوَاتَ>
رَوَا +تہ.

نــ ســبي پــائيندين ســومرا، رَوَا تــ تنهنجــا.

[1472]

لوهــ جــون آڇ مَ ســومرا! آءٌ وڪــر ٿــي ڪنديــاس.

لوهـ جون=رواتيون>روا +تون. وڪر=
ڪَتيلو>ڪتي +لو.

روا تــون آڇ مَ ســومرا! آءٌ ڪــَتي لوئــي ڪنديــاس.

[1473]

ادا عمر! اهو **وڪر** ڪنديس ڪين، جو **وڪر** اٿر مارن جو.

وڪر=تِج>تاج. وڪر=ڪُهنبو.

ادا عمر! اهو تاج ڪنديس ڪين،جوڪُهنبو اٿر مارن جو.

[1474]

ڪپڑو آڇ نہ ســومرا! اهــو ڪپــڑو ٿئي منهنجــي مــن،
مــارو ملــڪ مليــر تــي، اهــو پيــا **ڪپــڑو ڪــن.**

ڪپڑو=گيگم. ڪپڑو=گيگم>غم.

گيگــم آڇ نــ ســومرا! اهــو غــم ٿئي منهنجــي مــن،
مــارو ملــڪ مليــر تــي، اهــو پيــا غــم ڪــن.

Gul Hayat Institute

[1475]

هي **پورهيو وڻ** نہ مارئي، چي، وجي **نالي نار** پهچاءِ.

پورهيو=پَرت. وڻ=بانس>باسي. نالو=پَٽ.
نار=راٹي.

هي پَرت نہ باسي مارئي، چي، وجي پٽ راٹيءَ پهچاءِ.

[1476]

فقيــر جــي آنــدءِ ســومرا، فقيــر جــا آڇ مَ تــون،
جَــر جي ٿيندين ڪينڪي، جي **شهر** ڏئين ٿو مون،
جيئن **سَڏجي** اٿئي مون، تيئن پنهنجون **سڏيندءِ** سومرا!

فقير جي=ڳاڻي>آڳاڻي. فقير جو=پَٽو>پَٽ.
جَرَ جي=چري. شهر=گام. سَڏجي=رڙ.
آڳاڻي آندءِ سومرا، پَٽَ آڇ مَ تون،
چري ٽيندين ڪينڪي، جي گام ڏئين ٽوڙ مون،
جيئن رڙايو اٽئي مون، تيئن پنهنجون رڙندءِ سومرا!

[1477]

ڪاريگر جا ڪندين ڪينڪي، مون کي **مال جائي** بس.
ڪاريگر(جا)=پٽ. ڪندين=پهريندين.
مال(جا)=ليڑا.
پٽ پهريندين ڪينڪي، مون کي ليڑا (اباڻا)ئي بس.

[1478]

ادا عمر! **باهه جا** نه ڏي، مون کي **ڪپڙو**ئي چگو.
باهه(جا)=شَمر>ريشم. ڪپڙو=ليڑو.
ادا عمر! ريشم نه ڏي، مون کي ليڑوئي چگو.

[1479]

ڪپڙو آڇ مَ سومرا! مون **اُن پهٽ** جي وٽي.
ڪپڙو=ڪيمخواب.اُن(جي)=لوئي.پهٽ جي=لال.
ڪيمخواب آڇ مَ سومرا! مون لوئي لال وٽي.

[1480]

ذات ڇڏيندين ڪينڪي، **ذات** نه مون کي آڇ.
ذات=ڪلوئي>لوئي. ذات=وينس>ويس.
لوئي ڇڏيندين ڪينڪي، ويس نه مون کي آڇ.

[1481]

مال جا مون وٽ هُون، تہ **پوک** ڪري **ذات** ڪريان.
مال(جا)=جُنڍا. پوک=ڪَتي>ڪَتي.ذات=
ڪلوئي>ڪا +لوئي.
جُنڍا (اُن)مون وٽ هُون، تہ ڪَتي ڪا لوئي ڪريان.

[1482]

تنهنجن **جر جن** ڪريان ڪوهه، منهنجا **ذات** جائي چگا.
جرجا=نوان(لَٽَ)>نَون. ذات=ٽڳڙ>ٽڳڙ.
تنهنجن نَوَن ڪريان ڪوهه، منهنجا ٽڳڙئي چگا.

Gul Hayat Institute

[1483]

ذات اٿم ڪپڙا، **پوک جا** تان نہ ڪنديـاس.

ذات=مڱٽيجا>مڱٽي +جا. پوک(جا)=پيجا>
پيجا(پيا).

مڱٽي جا اٿم ڪپڙا، پيجا تان نہ ڪنديـاس.

[1484]

شل **باهہ جا** تنهنجا **ڪپڙي جا**،**عضوي ليڪي جا** ڏي،
تہ وجي ڪريان **پنهنجن** سان **معشوقن جا**.

باهہ جا=کامڙ>کامَن. ڪپڙي جا=طول وهاڻا.
عضوو=رُخُ. ليڪي جا=سَتَ. پنهنجا=مائڙ>
مائڻن. معشوقن جا=ماڻا.

شل کامن تنهنجا طول وهاڻا، رخصت ڏي تہ وجي
ڪريان مائڻن سان ماڻا.

[1485]

تنهنجي **ذاتين** کان ميان سومرا! منهنجي **ذات** مٽي.

ذات=فراش>فراشين. ذات=کَرڙ.

تنهنجي فراشين کان ميان سومرا! منهنجا ڪرڙ مٽي.

[1486]

ذاتيون آڇ نہ سومرا، تنهنجي **ذاتين** ڏيان ٻَنِ،
راڳ جي منهنجي من، **اوزار** اَباڻي پار جا.

ذات=ڏڳڙ>دڳڙ. ذات=فراش>فراسين. راڳ
جي=صدا>سدا. اوزار=سونهڙ>سونهان.

دڳڙ آڇ نہ سومرا، تنهنجي فراسين ڏيان ٻَنِ،
سدا منهنجي من، سُونهان اَباڻي پار جو.

[1487]

ذات عورت سومرا، **مُندون اوزارن**،
سي ڪيئن **نانءُ** رهن، جن **جون ٿوريون وڻ** مان سومرا.

ذات=کَرڙ. عورت=اوڊي.مُند=سيارو.اوزار=
سونهن>سونهن. نانءُ=رتو>رتولين. ٿوري=
سوڙهي>سوڙيون. وڻ=سِڻُ.

Gul Hayat Institute

ڪَرڙ اوڍيُون ميان سومرا، جي سياري سُونهن،
سي ڪيئن رتولين رهن، جن جون سوڙيون سِڙ مان سومرا.

[1488]

حاڪيماڻا نہ وٽن مون، آءٌ تہ وڃي **مرض** واريون ڏسان.
حاڪيماڻا=طنبو. مرض=ملیریا>ملير.
طنبو نہ وٽن مون، آءٌ تہ وڃي ملير واريون ڏسان.

[1489]

اُپ جُن تي ويهنديُاس، **رڇ جي** تو وٽ.
اُپ جا=نَڪٽ>نہ +ڪٽ. رڇ جي=گھڙي.
نہ ڪٽ تي ويهنديُاس، هڪ گھڙي تو وٽ.

[1490]

تنهنجي **ڪاڇ گاھ** کان بس، **حاڪيماڻا** مون نہ قبوليا.
ڪاڇ=سڇ>سيڇ. گاھ(جا)=بند. حاڪيماڻا=پلنگ.
تنهنجي سيڇ بندن کان بس، پلنگ مون نہ قبوليا.

[1491]

مِٺي جن ۾ ويهار نہ ميان سومرا، **اي نالو** مون نہ آھہ.
مٺيءَ جي=ماڙي>ماڙين. نالو=لائق.
ماڙين ۾ ويهار نہ ميان سومرا، اي لائق مون نہ آھہ.

[1492]

ڪاريون آڇ مَ سومرا، مان **مال جون** ڪائينديُاس.
ڪاريون=اُماڙيون>ماڙيون. مال جون=گوريون.
ماڙيون آڇ مَ سومرا، مان گوريون ڪائينديُاس.

[1493]

پوڪ جو مون نہ وٽي، اِھو **نالو** ڏي پنهنجن ڪي.
پوڪَ جو=مھلو>محلو. نالو=بنگل>بنگلو.
محلو مَنون نہ وٽي، اھو بنگلو ڏي پنھجن ڪي.

[1494]

آءٌ **مرض** ڏيان تنهنجي **شھر جن** ڪي، مون ڪي وٽن
مال ۽ جر جون.

مرض=باھہ. شھر جا=بنگلا. مال(جا)=ڇيلا.
جر جون=ڇٽڪارون.
آءٌ باھہ ڏيان تنھنجي بنگلن ڪي، مون ڪي وٽن ڇيلن جون ڇٽڪارون.

[1495]

عمر! اسان جي ڏيھہ تي، **ڪاڻي** ٽئي ئي ڪانہ.
ڪاڻيءَ جي=اُماڙي>ماڙي.
عمر! اسان جي ڏيھہ تي، ماڙي ٽئي ئي ڪانہ:

[1496]

ادا عمر! اسان وٽ نڪي **علم جو**، نڪي **مال جو**،
ڪريون **ڪاڇن** تي گذران.
علم جو=صفحو>صفو. مال جو=ماڙي(پاڏو).
ڪاڇ=پيھُون>پيھين.
ادا عمر! اسان وٽ نڪي صفو، نڪا ماڙي، ڪريون پيھين تي گذران.

[1497]

باھہ جن تنھنجن باھہ **جون** ڏيان، آءٌ **ككن** ۾ ويھندياس.
باھہ جون=اُماڙيون>ماڙين. باھہ جون=
اُماڙيون. ككن (جا)=جھوپڑا>جھوپڙن.
ماڙين تنھنجن اُماڙيون ڏيان، آءٌ جھوپڙن ۾ ويھندياس.

Gul Hayat Institute

[1498]

ڪاڻ جا سمجھان ذات، ڪڪ جون ڪپڙي رڇ.
ڪاڻ جا=مول(لاه). ذات=سومرا. ككَ جون=
ڪنڊيون. ڪپڙو=ڪوٽ>ڪوٽن. رڇ=مَٽ.
مُول نہ سمجھان سومرا! ڪنڊيون ڪوٽن مَٽ.

[1499]

عمر! **ڪاڻ جو ۽ پنھنجي، وڻ جي ڪپڙي ڪي.**
ڪاڻ جو=در>اندر. پنھنجي=آھہ. وڻ جو=
ڪيرو>ڪيرائي. ڪپڙو=ڪوٽ.
عمر! اندر جي آھہ، ڪيرائي (تنھنجي) ڪوٽ ڪي.

[1500]

نالا نانءُ تہ تنهنجا، نالا نانءُ تہ تو،
نالا نالي ڪينڪي، تن ڪي نالا وجهين ٿو.

نالو=نوڪر. نانءُ=چاڪر. نالو=سانگي. نانءُ=
پرتو> پرتا. نالو= ماروُ. نالو> محسن> مئاس.
نالو=هيبت.

نوڪر چاڪر تنهنجا، سانگي پُرتا تو،
ماروُ تہ مئاس ڪينڪي، تن ڪي هيبت وجهين ٿو.

[1501]

نرنان آڇ نہ سومرا، آهي مرض مارن ڪي.

نرنان=دولت. مرض=گنج.

دولت آڇ نہ سومرا، آهي گنجُ مارن ڪي.

[1502]

نالو تو وٽ سومرا، ٻولي اسان مارن ڪي.

نالو=ڏَنو>ڏَنُ. ٻولي=مسڪيني.

ڏنُ تو وٽ سومرا، مسڪيني اسان مارن ڪي.

[1503]

مارئي عمر سان، وڻ جو ئي نہ ڪري.

وڻ جو=آڪارو>هاڪارو>هائوڪار.

مارئي عمر سان، هائوڪارئي نہ ڪري.

[1504]

Gul Hayat Institute

ادا عمر! جيڪو مون سان عضوو لائي، ذات تنهن
ڪي ڪائي.

عضوو= لوٿو> لنوُ. ذات= نانگا> نانگ.

ادا عمر! جيڪو مون سان لنوُلائي، نانگ تنهن کي کائي.

[1505]

مون گاهہ اڇيئي ڪيا، ڪائي ڪين ڪنڌياس،
ذاتيون ٿي ويندياس، ڪاٽ پريندين ڪينڪي.

گاهہ= سيٹُ. ڪائي=ٻياڻي. ذات=مري. ڪاٽ=
بانس>باس.

مون سيڻ اڳيئي ڪيا، پياني ڪين ڪنديا‌س،
مري جي ويندياس، ته بہ باس پريندين ڪينڪي.

[1506]

نالو ذات ٿيو، سو نہ **مرض** ميان!
نالو=جڳسو>جڳ +سُئو. ذات=سنگراس>
سگّ +راس. مرض=جِنُ.
جڳ سُئو سگّ راس ٿيو، سو نہ جِنُ ميان!

[1507]

نالو منهنجو **نالي** سان، **نالن** مجهہ ٿيو،
وکر هوندين **ڪامڻي**، **پنهنجو** نہ ڪندين پيو.
نالو=مگّيو>مگّڻو. نالو=ڪيت. نالو=جَتو>
جَتڻ. وکر=تِر>جيتر. ڪامڻي=جيئري.
پنهنجو=حق.
مگّڻو منهنجو ڪيت سان، جَتڻ منجهہ ٿيو،
جيتر هوندين جيئري، حق نہ ڪندين پيو.

[1508]

ذات وجين ميان سومرا، تون تو **ذات** ڪرين،
آءٌ **نالو** ناهيان، تون **ذات** ننہ ٿيءُ.
ذات=مري. ذات=مگّڻا>مگّڻو. نالو=راضي.
ذات=ڪهيري>قهري.
مري وجين ميان سومرا، تون تو مگّڻو ڪرين،
آءٌ راضي ناهيان، تون قهري نہ ٿيءُ.

[1509]

مرض اٽر هڪڙو، **راند جو** جيئنديس ڪين،
شهر ڪاچ اباڻن جو، **عيب** لائيندين ڪين.
مرض=دم. راند جو=جُڳ>ست جڳ. شهر=
لکپت>لک پت. ڪاچ=رهو>رهي. عيب=ٽِڪو.
دم اٽر هڪڙو، ست جڳ جيئنديس ڪين،
لک پت رهي اباڻن جي، آءٌ ٽِڪو لائيندين ڪين.

Gul Hayat Institute

[1510]

مون ۾ **مرون** هڪڙو، ٻـ **راند جا** آءٌ نـ ڪنڊياس،
هـي **شـهر** مـارن جـو، **پڪـي** تـان نـ ڪنڊيـاس.

مرون=سهو>ساهـ. راند جا=جُڳ. شهر=لڪپت.
پڪي=ميري.

مـون ۾ سـاهـ هڪـڙو، ٻـ جـُـڳَ آءٌ نـ جئنڊيـاس،
هـيءَ لک پت مـارن جـي، ميـري تـان نـ ڪنڊيـاس.

[1511]

گاهـ مـان وينڊيـاس، **ڪـائي** ڪنڊيـس ڪينڪـي.

گاهـ=مريڙو>مري +ڙي. ڪائي=بانس +باس.

مري ڙي وينڊياس، **باس** باسينديس ڪينڪي.

[1512]

عمـر ٽـو **گاهـ** ڪـري، مـان وڻ چـوان تـ وات سـڙي.

گاهـ=وَس. وڻ=بانس>باسيان.

عمـر ٽـو وَسَ ڪـري، مـان باسـيان تـ وات سـڙي.

[1513]

ڪـُـهي ڪـاڇ ڪريـن، تـ ٻـ **نـالو** نـ **نـالي** ونـانءِ.

ڪاڇ=ڪباب. نالو=عمر. نالو=قبول>قبوليانءِ.

ڪـُـهي ڪبـاب ڪريـن، تـ ٻـ عمـر نـ قبوليـانءِ.

[1514]

لوهـ جون آءٌ نـ ٽينڊياس، توڙي مون ڪي **ڪاڻ جـا** وڃيـن.

لوهـ جون=ساهميون>سامهون. ڪاڻ جا=وَڏَ.

سـامهون آءٌ نـ ٽينڊيـاس، تـوڙي مـون ڪـي وَڏَ وڃيـن.

[1515]

نرنـانءُ آڇ مَ سـومرا، **نرنـان** آءٌ مَ ڪنڊيـاس،
ذات ٽينڊيـاس، تـ ٻـ **ڪـاڻ** ڪمـائينديس ڪانـ.

نرنان=بخشو>بخششون. نرنان=قبول. ذات=
مري. ڪاڻ=بانس>باس.

بخششـون آڇ مَ سـومرا، قبـول آءٌ مَ ڪنڊيـاس،
مـري وينڊيـاس، تـ ٻـ بـاس باسـينديس ڪانـ.

Gul Hayat Institute

[1516]

آءُ نالا، وٺ نالو، تنهنجي نالي ڏيان ٻن،
ماروئڙا مليرِ ۾، اهو ڪپڑو ٽا ڪن.

نالو=عمر.نالو=محبت. نالو=صحبت. ڪپڑو=گيگر>غم.

آءُ عمر، وٺ محبت، پر تنهنجي صحبت ڏيان ٻن،
ماروئڙا مليرِ ۾، اهو غم ٽا ڪن.

[1517]

هندو منهنجو ماءُ پيءُ، هندو سر سندون،
عمر اسان جي ڏيهه ڏي، هندو ڪري ئي ڪونہ.

هندو=جيسو>جئي +سو. هندو=لکي. هندو=هاسو>هائو.

جئي سو منهنجو ماءُ پيءُ، لکي سر سندون،
عمر اسان جي ڏيهه ڏي، هائو ڪري ئي ڪونہ.

[1518]

آءُ مٽي جن جي، شل ذات ملان تن کي.

مٽي=والاريل، ذات=کوري.

آءُ والاريل جن جي، شل کوري ملان تن کي.

[1519]

نالو ڪر تہ شهر ٽيئي، اسان جو نالو ئي نہ.

نالو=پيجلو>پي جوءِ. شهر=گهارو. نالو=شيوو.

پي جوءِ ڪر تہ (تو وٽ) گهاري، اسان جو شيووئي نہ.

[1520]

مين نہ لوهہ دي تيڏي، تون چا لوهہ دي ڪر.

لوهہ دي=ٽجوڙي>جوڙ. لوهہ دي=چاهي> چا +هي.

مين نہ جوڙ تيڏي، تون چا هي ڪر.

[1521]

مان هِت دریاءَ جو ڪريان، متان مارو هُت ڪپڑا ٽينِ.

دریاءَ جو=وَرُ. ڪپڑا=ڪارا.

مان هِت وَر ڪريان، متان مارُو هُت ڪارا ٽينِ.

Gul Hayat Institute

[1522]

اَن جـي آڻ ميـان سـومرا! جـا جـر جـي تـو سـاڻ.

اَن جي=ڪاسگي>ڪا +سڳي. جر جي= گهاري>گهاري.

ڪـا سـڳي آڻ ميـان سـومرا! جـا گهـاري تـو سـاڻ.

[1523]

آءٌ ڪپـڑي جـي سـومرا! تـون حاڪيمـاڻي آڻ.

ڪپڑي جي =انڌاري> ڏاري، حاڪيماڻي = ڪاسگي> ڪا + سڳي.

آءٌ ڏاري سومرا! تون ڪا سڳي آڻ.

[1524]

گهـوڙي جـي ذات ۾ آڻ، توڪـي آهـي ڏُٽ جـي ميـان سـومرا!

گهوڙي جي=ڏُوڻ>ڏوڙي. ذات=ڪابي> ڪا +بي. ڏُٽ=لوڙهه.

ڏُوڙي ڪا بي آڻ، (جي) توڪي آهي لوڙهه ميان سومرا!

[1525]

ڪامڻ ڪا آڻ، جيڪا شهر تو سان، نالو نـه مـان.

ڪامڻ=ميري>مير>امير. شهر=گهارو> گهاري. نالو=سيئو>سيوو.

امير ڪا آڻ، جيڪا گهاري تو سان، سيوو نه مان.

[1526]

ذات مـؤن ڪـاڻي آڻ، مـان آهيـان حاڪيمـاڻي.

ذات=اُڇ>اُڇن. ڪاڻي=ڪانواڻي>ڪا +وڻي.

حاڪيماڻي=دڙي (دنگ تي لڳل)>گندڙي.

اُڇـن (پـاڻن) مـؤن ڪـا وڻـي آڻ، مـان آهيـان گنـدڙي.

[1527]

نـار نـالي نـه آءٌ، نـار نـالي سـا جـر جـي.

نار نالي=طوطل>تو +تُـل. نار نالي=جادُل> جا +تُـل. جر جي=آڻ.

تـو تـُـلَ نـه آءٌ، جـا تـُـل، سـا آڻ.

[1528]

اُٽ جيئن اسان وٽ ڪريئي ڪاڻ، اوهان وٽ ڪا **اُٽ جيئن** ڪري!

اُٽ جي=پهڪ>ٻه حق.

ٻه حق اسان وٽ ڪريئي ڪاڻ، اوهان وٽ ڪا ٻه حق ڪري!

[1529]

هندونالي لنگهيا ميان سومرا! گڏ وڻ ڪنهن نه ڪيا.

هندو نالو=ڪيسن>ڪي +سنہ. وَڻ=ٻائر> ٻه +وَر.

ڪي سنہ لنگهيا ميان سومرا! گڏ ٻه وَر ڪنهن نه ڪيا.

[1530]

نرناڻ ويندءِ سومرا، **ذات** ڪرين ٿو تون.

نرناڻ=هوشيار>حشر +محشر. ذات=ماسسَ> ماڻ +سسُ.

محشر ويندئي سومرا، ماڻ سسُ ڪرين ٿو تون.

[1531]

آڻ تہ **ڪاڻيءَ جي** تنهنجي، تون تہ **ڪاڻي نالو** ڪر.

ڪاڻيءَ(جي)=پيتي>پيئتي(پيءِجي). ڪاڻي= ڏِگهي. نالو=نظر.

آڻ تہ پيئتي تنهنجي، تون تہ ڏِگهي نظر ڪر.

[1532]

ميان عمر! آڻ **راند جي** تنهنجي، تون ڪيئن ٿو **ذات** ڪرين؟

راند جي=پيٽي>پيڙ. ذات=جويا>جوءِ.

ميان عمر! آڻ پيڙ تنهنجي، تون ڪيئن ٿو جوءِ ڪرين؟

[1533]

جي **سُٽ شهر جون** سومرا! سي ڪيئن **ذاتيون** ٿين؟

سُٽ جون=سڳيون. شهر جون=پيٽيون>پيٽون. ذات=جويا>جويون.

جي سڳيون پيٽون سومرا! سي ڪيئن جويون ٿينِ؟

Gul Hayat Institute

[1534]

ادا عمر! مرض، توکي چور جو چا؟

مرض=ماشرا (موت جي وقت نرڙ جو پگهر "ماشرات ٿيندي") > شرع. چور جو=جائز.

ادا عمر! مان شرع ۾ توکي جائز چا؟

[1535]

ڪَن جو لڇايان ڪيئن پلا، جو اٿر ٻنيءَ جو وَر، پنهنجو پري ڪيئن ڪري قبوليان مان پَرُ.

ڪن جو=ڪُر، ٻنيءَ جو=ڪيٽ>ڪيت. پنهنجو= سيلُ. پَر=ڏاريو (عمر).

ڪُر لڇايان ڪيئن پلا، جو اُٿر ڪيت وَر، سيلُ پري ڪيئن ڪري، قبوليان مان عمر.

[1536]

سڪ جو نہ لڇاءِ پنهنجو، ڪوڙ جو لڇاءِ مون، ڏينهن دنيا آهي ڏُون، ذات وڃاءِ پنهنجي.

سڪ جو=ياڪر>ياءُ+ڪُر. ڪوڙ جو=مڪر> مَ+ڪُر. ذات=مشائخ>مَ+ساکَ.

ياءُ! ڪُر نہ لڇاءِ پنهنجو، مَ ڪُر لڇاءِ مون، ڏينهن دنيا آهي ڏُون، مَ ساک وڃاءِ پنهنجي.

[1537]

عمر! تنهنجو حُقي جوءِ منهنجو حُقي جو آهي تہ ذات.

حقي جو=پيٽ>پيءُ. ذات=هڪڙا>هڪڙو.

عمر! تنهنجو پيءُ ءِ منهنجو پيءُ آهي تہ هڪڙو.

[1538]

تنهنجي انهن ذاتين کان، مُون کي مال جا چگا.

ذات=سونُهان>سهاڳن. مال جا=ڏوها>ڏهاڳ.

تنهنجي انهن سهاڳن کان، مون کي ڏهاڳ چگا.

[1539]

نالو هيئن ڙي سومرا، هاڻي نالو ٽئين.

Gul Hayat Institute

نالو=عزيز. نالو=يزيد.

عزيز هئين ڏي سومرا، هاڻي يزيد ٿئين.

[1540]

کاني هٽ مَ لاءِ، نہ تہ مال جون کيان ٿي.

کاني=مُني>مون +ني. مال جون=گوريون.

مون ني هٽ مَ لاءِ، نہ تہ گوريون کيان ٿي.

[1541]

کامڙ پنهنجي سومرا، ماکوڻ **پولي** ڪر، مان کي **نار نالي** وڃي.

کامڙ=شڪيل>شڪل. پولي=دُوراني>دُور.

نار نالي=نڪي>نہ +ڪي.

شڪل پنهنجي سومرا، ماکوڻ دور ڪر، مان کي نہ ڪي وڃي.

[1542]

مقام جا آڇ نہ ميان سومرا، **ڏڻ جا آڻ** نہ ڪندياس،

شهر ۾ نرنانڻ ٻُجهي، تنهن ڏي آڻ ويندياس.

مقام جا=ڊپ. ڏڻ جا=سانگ>سانگا. شهر=مليڙ. نرنانڻ=ڪيت.

ڊپ آڇ نہ ميان سومرا، سانگا آڻ نہ ڪندياس،

مليڙ ۾ ڪيت ٻُجهي، تنهن ڏي آڻ ويندياس.

[1543]

تون **نالو** نہ رکندين سومرا! تہ منهنجو **نالو** بہ ٿيندو ڪين،

اڏ نالي ۾ زحمت ٿيندين، **نالو** بہ ٿيندئي ڪين.

نالو=سيل. نالو=جيئڻ. اڏ نالو=عالم. زحمت=بدنام. نالو=حاصل.

تون سيلُ نہ رکندين سومرا! تہ منهنجو جيئڻ بہ ٿيندو ڪين،

عالم ۾ بدنام ٿيندين، حاصل بہ ٿيندئي ڪين.

[1544]

نارنالي ميان سومرا! توکي **وکر** ڪندا.

نار نالي=سيائي>سيئي. وکر=ڪنڙو.

سيئي ميان سومرا! توکي ڪنڙو ڪندا.

Gul Hayat Institute

[1545]

عمر! انهن **گهوڙي جن** کان، **مال جي** ڏين ها.

گهوڙي جا=قاعدا>قيدن. مال جي=گوئري>گوري.

عمر! انهن قيدن کان، گوري (زهر جي) ڏين ها.

[1546]

وڻ ڏي ويندیس، **اَن** جي کين ٿيندیس.

وَڻ=آمري>آءُ مري. اَن جو=تُهه>تنهنجي.

آءُ مري ويندیس، تنهنجي کين ٿيندیس.

[1547]

توڙي جا **رڇ** کرين، **پولي** نه.

رڇ=خونچو>خون چا. پولي=تنهنجي.

توڙي خون چا کرين، تنهنجي نه.

[1548]

ادا عمر! **کاڻ** ڪر، حاڪيماڻي نه ڪر.

کاڻ(جو) =محافو>معاف. حاڪيماڻي=حد.

ادا عمر! معاف ڪر، حد نه ڪر.

[1549]

نالو ڪر مَ سومرا! اهو **مرض** مارن کي.

نالو=شادي. مرض=دوکو.

شادي ڪر مَ سومرا! اهو دوکو مارن کي.

[1550]

ذات نه آهيان سومرا، **نالو** کريان ڪيئن؟

ذات=خشڪ>خوش. نالو=گهاتو>گهوٽ.

خوش نه آهيان سومرا، گهوٽُ کريان ڪيئن؟

[1551]

نالو منهنجو مليڑ ۾، هت **نالو** ڪيئن کريان؟

نالو=مگيلڏو>مگيندو. نالو=شادي.

مگيندو منهنجو مليڑ ۾، هت شادي ڪيئن کريان؟

Gul Hayat Institute

[1552]

ادا عمر! منهنجي **نرنانءَ** جا، اجا آئٽي **مٽي جا** گهٽا.

نرنانءُ=مگڻ>مگڻو. مٽيءَ جا=شاهد(کاٽيءَ جي ماپ لاءِ وچ تي ڇڏيل دڙي.)

ادا عمر! منهنجي مگڻي جا، اجا اٽئي شاهد گهٽا.

[1553]

ذات جا مٽ ڪپڙا، **پوک جا** تان نہ ڪنديا‌س.

ذات=مگڻيجا. پوک جا=پيجا>پئي جا.

مگڻي جا مٽ ڪپڙا، پئي جا تان نہ ڪنديا‌س.

[1554]

ميان عمر! **ڪاڻي** ڇوان توکي، **پنهنجي** لڳي تو، **نرنان** آهي **ڪپڙ** ۾، **نرنان** آهي سو.

ڪاڻي=سچي. پنهنجي=ڪاوڙ. نرنان=مارُو. ڪپڙ(جو) =ملير. نرنان=مگيو.

ميان عمر! سچي ڇوان توکي، ڪاوڙ لڳي تو، مارو آهي مليڙ ۾، مگيو آهي سو.

[1555]

تڙ ڏنو ڪر سومرا! ڏي **مٽال** مارن کي.

تڙ=ڏنگو. مال جو=سنگ>سڱ.

ڏنگ ڏنو ڪر سومرا! ڏي سڱ مارن کي.

[1556]

رچ آڇ مَ سومرا! **نرنانءُ** آءٌ نہ ڪنديا‌س، **مال جون** ڪائينديا‌س، **پر وڻ** ڪنديس ڪينکي.

رچ=پرڻ>پرڻو. نرنان=قبول. مال جون= گوريون(ڳاڙهيون ڏڳيون). وڻ=هيرڻ>هي رڻ.

پرڻو آڇ مَ سومرا! قبول آءٌ نہ ڪنديا‌س، گوريُون ڪائينديا‌س، پر هي رڻ ڪنديس ڪينکي.

[1557]

ڪپڙي جي پوئي ميان سومرا! **نالو** آڇ نہ مون.

ڪپڙي جي=ڳارَ. نالو=شادي.

ڳارَ پوئي ميان سومرا! شادي آڇ نہ مون.

Gul Hayat Institute

[1558]

عمر! **نالو** مليو آهي مون، آءُ **لوهه** جي نہ، تون **مال** جو نہ ڏي.

نالو= کيت، لوهه جي=پرٽي. مال جو=ٽڪو.

عمر! کيت مليو آهي مون، آءُ پرٽي نہ، تون ٽڪو نہ ڏي.

[1559]

سومرا! تنهنجي سورن جي، مون **وکر** ئي ڪونهي،
ڪاٽ منهنجي من تي، سو **لوهه** ئي ڪونهي،
تڏهن ٿي پانيان، تہ **ڪاٽ لوهه** ئي ڪونهي.

وکر=ڪاٽو. ڪاٽ=رنجهه>رنج. لوهه (جا) = تولا>تو +لاٽو. ڪاٽ=تُم>تو +مون. لوهه= ڏاتُو>ڏاتو.

سومرا! تنهنجي سورن جو، مون ڪاٽوئي ڪونهي،
رنج منهنجي من تي، سو تو لاٽوئي ڪونهي،
تڏهن ٿي پانيان، تہ تو مون سان ڏاتو ئي ڪونهي.

[1560]

سنج آڇ نہ سومرا! مون کي **ڪپڙي جا** اَباڻن.

سنج=پرڻ>پرٽو. ڪپڙي جا=چاڪ.

پرٽو آڇ نہ سومرا! مون کي چاڪ اَباڻن.

[1561]

شهر جي چئو مون کي، **نالو** چوان تو،
مال جو وٽ **ذاتين** کان، جو **نالو** آهي تو.

شهر جي=پيٽي>پيٽ. نالو=دادُو>دادو (ياءِ).

مال جو=سڳ>سَگ ّ. ذات=سومرا>سومرن.

نالو=لائق.

پيٽ چئو مون کي، دادو چوان تو،
سَگ ّ وٽ سومرن کان، جو لائق آهي تو.

[1562]

شهر ڪر نہ سومرا، **شهر** چگوئي ناهہ،
چا ڪنديس تنهنجي **شهر** کي، **نالو** مون وٽ ناهہ.

Gul Hayat Institute

شهر=بغداد. شهر=جهول>جهل. شهر=بخت.
نالو=خوشي.

بغداد ڪر نه سومرا، اها جهَل چگي ناهه،
چا ڪنديس تنهنجي بخت ڪي، جو خوشي مون وٽ ناهه.

[1563]

نالا نالن تي، پوک جا هُن مٽي،
رچ آڇين ها سومرا، چگي ڳالهه ٽئي.

نالو=گل. نالو=موڙ>موڙن. پوک جا=آڇون>آءُ+ڀُونءِ. رچ=پرڻ>پرڻجي.

گل موڙن تي ہَڏي، آءُ ڀونءِ هن مٽي،
پرڻجي اڇين ها سومرا، چگي ڳالهه ٽئي.

[1564]

ڪائين جون هڻ مَ سومرا! نالا نانءُ نه ڪن،
جن جو ڪم رچن سان، مر ته وڃ جن سان اچن.

ڪائين جون=سنڌيون. نالو=راجا. نانءُ=راڻو. رچ=پرڻ. وڃ جا=موڙ.

سَنڌيون هڻ مَ سومرا! راجا راڻا ائين نه ڪن،
جن جو ڪم پرڻي سان، مَرُ ته موڙن سان اچن.

[1565]

مرونءَ جون ڪجن پنهنجن سان، ان جا ڪجن ذاتين سان.

مرون جون=هلاڻون. پنهنجا=جيسَ. اَن جا=ٻائيتال. ذات=مهراج>راج>راڄن.

هلاڻون ڪجن جيسن سان، ٻائيتال ڪجن نه راڄن سان.

[1566]

جتي **پکي** مارو ڪن، اُتي **پکي** ٽَڪي ڪونه ڪو،
اها ريت نه راجائن، جو **پکي** ڪَنائين پاڻ ڪي.

پکي=شهباز. پکي=ڪانڙو. پکي=پاپيهو>پاپي.

جتي شهباز مارو ڪن، اتي ڪانڙ ٽڪي ڪونه ڪو،
اها ريت نه راجائن، جو پاپي ڪونائين پاڻ ڪي.

Gul Hayat Institute

[1567]

گل مال جا سومرا، توکان اڳي هندکا هئا،
تون **جر فقير جي** نه ڪر.

گل=ڪيسو>ڪي +سُئا. مال جا=ماها>
مان +هئا. هندکا=مارکا. جرجي=نئين>
نئين. فقير جي=ريت.

ڪي سُئا مان هئا سومرا، توکان اڳي مارکا هئا،
تون نئين ريت نه ڪر.

[1568]

جر حاڪم جو سومرا، **پيڙين جيئن** ٿيو.

جر جو=هيڏو. حاڪم جو=هاجو. پيڙيءَ(جي) =
نَـتَر (ناتاري)>نہ +تر.

هيڏو هاجو سومرا، نہ تر ٿيو.

[1569]

اهي وهڻن جا نہ وِير، **جو جيٽ لڇائين ذات** ڪي.

وهڻ جو=وڙ. جيٽ=پوٻٽ>پٽ. ذات=پنوهار.

اهي وَڙَ نہ وِير، جو پٽ لڇائين پنوهار جو.

[1570]

ذاتيون نالا جن ڏريا، **وڻ ۽ مرض جي** تن ڪئي.

ذاتيون=سما ۽ سومرا. وڻ جو=ٽارو. مرض جي=
سردي>سرندي.

سومرا ۽ سما نالا جن ڏريا، سرنديءَ ٽارا تن ڪيا.

[1571]

نالا اُهي چئجن، جي **پاڻي وڻ جا** ڪن.

نالو=بهادر. پاڻي=سَرد>سرندي. وڻ جا=ٽارا.

بهادر اُهي چئجن، جي سرنديءَ ٽارا ڪن.

[1572]

جبل جي پوئي ميان سومرا! **جيتين** وجهه نہ مون.

جبل جي=چِپَ. جيت=مَهلو>محل.

چِپَ پوئي ميان سومرا! محلين وجهه نہ مون.

Gul Hayat Institute

[1573]

نالا لنگهيا ميان سومرا، سُٽ جي ڪنهن نہ ڪئي.

نالو=عيسن>سنہ. سٽ جو=بَند.

سنہ لنگهيا ميان سومرا، بند ڪنهن نہ ڪئي.

[1574]

نرنالن جون اهي نہ ڪامڙيون، جي نالن تي گهوڙن جون ڪن.

نرنالو=صاحب>صاحبن. ڪامڙي=پَري>پريون.

نالو= راڄو> راڄن. گهوڙن جون= قُرڪُون (تَنبَڻ واري حالت)>قُر +ڪَن.

صاحبن جون اهي نہ پَريون، جو راڄن تي قُرڪن.

[1575]

وڪر ميان سومرا، توکي شهر ڪيو، نالا جهلڻ ڪم اوهان جو هو، پر تو نالي اڳيون ڏڻ ويو.

وکر=ڪنڙو>ڪنڙي>ڪن +ڙي. شهر= ڪڏهرو. نالا=سما>سامون. نالو=ساماڻو> ساماڻي. ڏڻ (جو) =وڙُ.

ڪنڙي ميان سومرا، توکي ڪڏهر ڪيو، سامون جهلڻ ڪم اوهان هو، پر تو ساماڻي اڳيون وڙ ويو.

Gul Hayat Institute

[1576]

چور جي ڪري اڇي ڪپڙي جي ڪيئي، سا ڪيئن نالو؟

چور جي=قزاقي. ڪپڙي جي=گَٺُون (ڳوٽري) نالو=ڦهيو>ڦهندي.

قزاقي ڪري تو اڇي گَٺُون ڪئي، سا ڪيئن ڦهندئي؟

[1577]

چوڙ ڪُڙمڪا، جو مان ذاتئين ويندياس.

ڪُڙمڪا=فرسا>قر +سي. ذات=چارڻ.

چوڙ قَر، سي مان چارڻ ويندياس.

[1578]

گاهـ اڳي ڪيـم سومرا! **ڪـائي** ڪانـ ڪنديـاس.

گاهـ=سيڙُ. ڪائي(جي) =ٻياڻي.

سيڙُ اڳي ڪيـم سـومرا! ٻيـا نـي ڪانـ ڪنديـاس.

[1579]

عمـر ادا! تـو وٽ اڳي بـ ڪـا **وڻ ذات** هئـي، يـا آءٌ تـــي **وڻ ذات** ٽيـــان.

وڻ=ٻُوهـ>ٻُو. ذات=ساڻي.

عمـر ادا! تـو وٽ اڳي بـ ڪـا ٻُـوساڻي هئـي، يـا آءٌ تـــي ٻـــــوساڻجان؟

[1580]

عمرا! تنهنجن **عضـون** ۾، مـون ڪي **پنهنجا** ٽا مـارين.

عضوو=بغل>بنگلن. پنهنجا=اوجاڳا.

عمـرا! تنهنجـن بنگلـن ۾، مـون ڪـي اوجاڳا ٽـا مـارين.

[1581]

لوهـ جـون پـج نـ سـومرا! **ڪـاٽين** هـڏ مَ پئـو،

نـ آهـي **ڪـاٽ** ڪنـڊيءَ ۾، تـڏهن توکـي نـاهي پئـو.

لوهـ جون=ڪارايون>ڪرايون. ڪاٽ جو=هٿيو>هٿين. ڪاٽ جو=وَرُ.

ڪـَـرايون پـج نـ سـومرا! هٿيـن هـڏ مَ پئـو،

نـ آهـي ور ڪنـڊيءَ ۾، تـڏهن توکـي نـاهي پئـو.

Gul Hayat Institute

[1582]

مـارو تـ منهنجا **حاڪيماڻا، ولايت** ڪر نـ تـن سـان.

حاڪيماڻا=سپاهي. ولايت=اُڇ>اُڃاڻ.

مـارو تـ منهنجـا سـپاهي، اُڃـاڻ نـ ڪـر تـن سـان.

[1583]

مرون ڏسي **ڪُـتي جو** نـ هڻ، اڳيان بـ **نرنانءَ** اٽئي.

مرون(جي) =هڪل>هيڪلي. ڪتي جو=جهٽ.

نرنانءَ=راڇو>راڇ.

هيڪلـي ڏسـي جهـٽ نـ هـڻ، اڳيـان بـ راڇ اٽئـي.

[1584]

جي **ذات پولي** هجن ها، تہ **لوهہ جي** وجهنئي ها.

ذات=مارُو. پولي=ڪول (ويجها). لوهہ جي=ڪَتَ>ڪُتّي.

جي مارو ڪولِ هجن ها، تہ ڪُتّي وجهنئي ها.

[1585]

عمر! **شڪار وارا** ڪونہ هئا، نہ تہ **ڪاني** ڪنئي ها.

شڪار وارا= پهتا. ڪانيءَ جو=لَڪُ>پلڪ.

عمر! (مارو) پهتا ڪونہ هئا، نہ تہ پَلڪَ ڪنئي ها.

[1586]

عمر! منهنجا گڏجنئي ها، تہ **چمر جو** ڪنئي ها.

چمر جو=مَڙهہ.

عمر! منهنجا (مائٽ)گڏجنئي ها، تہ مڙهہ ڪنئي ها.

[1587]

ادا عمر! **پوڪ جي** ڪري آئين، تو ۾ **گاهہ جو** هو،

مارن ۾ **مال جي** ڪانہ هئي، نہ تہ **وڪر** ڪنئي ها.

پوڪ جي=قِسط>ڪستُ. گاهہ جو=ڪير.

مال جي=پهر. وڪر=ناس.

ادا عمر! ڪست ڪري آئين، تو ۾ ڪير هو،

مارن ۾ پهر ڪانہ هئي، نہ تہ ناس ڪنئي ها.

[1588]

ڪاٽ تي **پنهنجو** هجي ها، تہ **عضوي ٻار جي**

ٽئي ها سومرا!

ڪاٽ جو=ڪُوهو>ڪوهہ. پنهنجو=وارث.

عضوو=سسي. ٻار جي=لڙڪي.

ڪوهہ تي وارث هجي ها، تہ سسي لڙڪئي ها سومرا!

[1589]

جي ڪا **لوهہ جي** پوي ها، تہ مارو اچي هت **ڪاٽ جا** ٽين ها.

لوهہ جي=ڪَل. ڪاٽ جا=ڪوڙ.

جي ڪا ڪَل پوي ها، تہ مارو اچي هت ڪوڙ ٽين ها.

Gul Hayat Institute

[1590]

انهي جنگ جوڙي نرنان، ذاتين ڪڪ پوءِ،
تہ درياءَ ۾ هٿيار جو، مقام جي تهان پوءِ،
پوءِ شهر جبل هوءِ، ڪي ڏينهن ڪپڙي جن ۾.

جنگ جو= سُرسلو> سُرسلي. نرنان= سومر> سومرا. ذات=پنهوار. ڪڪ=ڪَل. درياءَ جو= ڪپ>ڪپينئي. هٿيار=ڪهاڙو. مقام جي=سر. شهر=راڄ. جبل=روهہ>روءِ. ڪپڙي جو=ڪوٽ.

انهي سُرسلي جي ڙي سومرا، ڪَل پنهوارن پوءِ،
تہ ڪپينئي ها ڪهاڙن سين، سُر تهان پوءِ،
پوءِ راج تولاءِ روءِ، ڪي ڏينهن انهيءَ ڪوٽ ۾.

[1591]

مرض جي ڪري، مرون جي آندءِ، ڪپڙي جهنگ جي
مَ پيانئج سومرا!

مرض جي=سوڙهيءَ گهُٽَ. مرونءَ جي=سَٽ. ڪپڙو=صفا. جهنگ جي=سج.

سوڙهيءَ گهُٽَ ڪري، سٽ ڏيئي آندءِ، تڏهن صفا سج
مَ پيانئج سومرا!

[1592]

شل شهر ڪاڻي ٿيئي، عضوي جي ڪر نہ مون سان.

شهر=ڏينگو. ڪاڻي=ڏيري. عضوي جي=تَري>ايتري.

شل ڏينگو ڏيري ٿيئي، ايتري ڪر نہ مون سان.

[1593]

جهُڙ جا پونئي سومرا، مال جا وڃئي شال!

جهُڙ جا=هاگام. مال جا=دوڙ.

ها گام پونئي سومرا، دوڙ وڃئي شال!

[1594]

جيڪا تو مرض جي، سا حاڪيماڻي اچيئي شال!

مرض=پٽري. حاڪيماڻي=پيش.

جيڪا تو پٽري، سا پيش اچيئي شال!

Gul Hayat Institute

[1595]

شهر تنهنجو سومرا، مان **پن ذاتين** کي ڏيندیس.

شهر=ٻيراني. پ ذاتيون=هڪ ذات ڪوري.

ٻي ذات=ڪُٽڙا.

ٻيرا ني تنهنجا سومرا، ڪوري ڪُٽڙن کي ڏيندیس.

[1596]

متيءَ جن ۾ پوين سومرا، ڏي **جيت** موکل.

متيءَ جا=ڏاوَ(سرن جا ننڍا ٽڪر. جي اوساريءَ ۾ ڪم اچن)>ايڏاوَ. جيت=اصيل>اصل.

ايڏاوَن ۾ پوين سومرا، ڏي اصل موکل.

[1597]

عمر ري **نرنان**، ڏي **حاڪيماٽي** يا **ذات** ڪر.

نرنان=سوپو>سويا. حاڪيماٽي=مهلت. ذات=ڪُهاوڙ>ڪُهيا +وڙ.

عمر بي سويا، ڏي مهلت يا ڪهيا وڙ ڪر.

[1598]

لوهه جي پوئي ميان سومرا! مون کي **ڪپڙي** موکل ڏي.

لوهه جي=ڪوڏر>ڪو +ڏُر. ڪپڙو=ملير.

ڪو ڏُر پوئي ميان سومرا! مون کي ملير موکل ڏي.

[1599]

ڪاڻ جا پونئي ڙي سومرا! مون کي **لوهه جي**.

ڪاڻ جا=ڏندڻ. لوهه جو=زبانو> زبانئرن.

ڏندڻ پونئي ڙي سومرا! مون کي زبانئون موکل ڏي.

[1600]

نرنانءَ سڏائين سومرا، تو **ذات مال جو** ڪيئن،

پنهنجي ملڪ جي هيئن، تنهنجو **ڪاڇ جو** مونکي **نالا**.

نرنانءَ=اشرف>اشراف. ذات=شَر>شرم.

مال جو=وڪيو. پنهنجي=آهه>آهي. ملڪ جي=ڏينهن رات. ڪاڇ جو=داغ. نالو=سؤمرو.

اشراف سڏائين سومرا، تو شرم وڪيو ڪيئن،

آهي راتو ڏينهن، تنهنجو داغ مون کي سومرا.

Gul Hayat Institute

[1601]

ڪاٽ نہ بچئي سومرا! شل **وڪر** وڃئي،
تو اسان کي ڇو **مال جن** ۾ وڌو؟

ڪاٽ جو=وانگي. وڪر=مُرداسنگ>مردو.

مال جا=ڇوڙا>وڇوڙن.

وانگي نہ بچئي سومرا، شل مردو وڃئي،
تو اسان کي ڇو وڇوڙن ۾ وڌو؟

[1602]

وڪر پويئي ميان سومرا، **شهر** اچين ڇو!

وڪر=ڇوڙ>ڇوڙنگ. شهر=ماڏو>مان +ڏي.

ڇوڙنگ پويئي ميان سومرا، مان ڏي اچين ڇو!

[1603]

لوهہ جا پونئي ميان سومرا، اچيو **لوهہ جا** پون،
انهن **لوهہ جن** مان کڏي، من مون کي مارو نين.

لوهہ جا=ڏول.

ڏول پونئي ميان سومرا، اچيو ڏول پون،
انهن ڏولن مان کڏي، من مون کي مارو نين.

[1604]

ڪنڪيون پونئي سومرا، تون **ڪَنڪيون** آڻين ڪيئن،
توکي راتو ڏينهن، آهن **ڪَنڪيون** من ۾.

ڪَنڪيون= ڇُرون> ڇُريون. ڪَنڪيون=
بَڌيون>ٻڌيو. ڪَنڪيون=ٻانڌيون>ٻانهون +
ڏٽڻيون.

ڇُريون پونئي سومرا، تون بَڌيو آڻين ڪيئن،
توکي راتو ڏينهن، آهن ٻانهون ڏٽڻيون من ۾.

[1605]

وڃ جون وڃئي ميان سومرا! **اُپ جي** مون تان لاهہ.

وڃ جون=پاڙون. اُپ جي=ڪارنهن.

پاڙون وڃئي ميان سومرا! ڪارنهن مون تان لاهہ.

Gul Hayat Institute

[1606]

وکر وڃئي ميان سومرا، **اُپ جي** مون تان لاهه.

وکر=صابڙ>سو +بُڙ. اُپ جي=کاراڙ.

سو بُڙ وڃئي ميان سومرا، کاراڙ مون تان لاهه.

[1607]

وکر وڃئي ميان سومرا! **مال جو** نہ بچئي کو.

وکر=صابڙ>سو +بڙ. مال جو=بُج.

سو بُڙ وڃئي ميان سومرا! بُج نہ بچئي کو.

[1608]

وکر وڃئي ميان سومرا، **تڙ جا** تان ڪجن،

مال جا ڏئي اسان کي، سي **ڪپڑي** تان نہ لهن.

وکر=صابڙ>سو +بُڙ. تڙ جو=نهڙ>نهن.

مال جا=داغ. ڪپڑو=ڏوتو>ڏوتي.

سو بُڙ وڃئي ميان سومرا، جيئن نهن تيئن ڪجن،

جي داغ ڏنئي اسان کي، سي ڏوتي تان نہ لهن.

[1609]

وڙ وڃئي ميان سومرا، **ڪاڙ** نہ بچئي کو،

مون کي آڙي تو، **مال جن** ۾ ڇو وڏو!

وڙ=ڇمون>ڇم. ڪاڙ=بُند. مال جا=

ڇوڙا>ويوڙا.

ڇم وجيئي ميان سومرا، بُند نہ بچيئي کو،

مون کي آڙي تو، ويسوڙن ۾ ڇو وڏو!

[1610]

وڙ وڃئي ميان سومرا! **سُڙ** نہ بچئي کو،

مون کي آڙي تو، هنت **مرضن** ۾ وڏو.

وڙ=سرُ>سرُ. سُڙ جو=بڙ. مرض=سور>

سُورن.

سرُ وڃئي ميان سومرا! بُڙ نہ بچئي کو،

مون کي آڙي تو، هت سُورن ۾ وڏو.

Gul Hayat Institute

[1611]

راند ڪيف جا سومرا! تو جرَ جو آندو ڪيئن،
مون کي راتو ڏينهن، آهي مال جوئي من ۾.

راند جو=خانو. ڪيف جو=خراب. جر جو=
چاڑهو. مال جو=اوسيڑو.

خانو خراب ٿيئي سومرا! تو چاڑهي آندو ڪيئن،
مون کي راتو ڏينهن، آهي اوسيئڑو من ۾.

[1612]

جر جون پونئي سومرا! مال جي آندئي ڪيئن،
مون کي راتو ڏينهن، آهي نالو من ۾.

جر جون=سيرون. مال جي=پڏي. نالو=موٽڻ.

سيرون پونئي سومرا! پڏي آندئي ڪيئن،
مون کي راتو ڏينهن، آهي موٽڻ من ۾.

[1613]

ونڊيو ڪاڻ ڪائنئي ميان سومرا، ڏڻ جو آڻي ڪيئن،
مون کي راتو ڏينهن، آهي مرد من ۾.

ونڊيو=ڪاري. ڪاڻ(جو) =هَل(هر). ڏڻ جو=
بَندِيو>بنديئي. مرد=موٽڻ.

ڪاريهل ڪائينئي ميان سومرا، بنديئي آڻي ڪيئن،
مون کي راتو ڏينهن، آهي موٽڻ من ۾.

[1614]

جيٽ ڪائني ميان سومرا، ڪاڻ نہ بچئي ڪو.

جيٽ=ڪاريهر. ڪاڻ=وانگي.

ڪاريهر ڪائني ميان سومرا، وانگي نہ بچئي ڪو.

[1615]

اَن جو پوئي ميان سومرا! جر جي بچئي ڪين.

اَن جو=تُوتَڑ(تُهه). جر جي=پوئڪي>
پوءِ ڪي.

تُوتَڑَ پوئي ميان سومرا! پوءِ ڪي بچئي ڪين.

Gul Hayat Institute

[1616]

ذات وجين ميان سومرا! **کپڑي جو** کيئي مون.

ذات=مري. کپڑي جو=رَئو>گلارو.

مري وجين ميان سومرا! گلارو کيئي مون.

[1617]

کو لوهه پوئي ميان سومرا، تو **وڻ جي** آندي کيئن!

لوهه(جي) =کوڏر. وڻ=کُنوار پوٽي>کنواري.

کو ڏُرُ پوئي ميان سومرا، تو کنواري آندي کيئن؟

[1618]

متيءَ جو وڃي ميان سومرا، تو **ذات جي** آندي کيئن!

متيءَ جو=تَنُور>نُورُ. ذات جي=تُنياڻي>

تو +نياڻي.

نُور وڃي ميان سومرا، تو نياڻي آندي کيئن.

[1619]

پج پڃئي ميان سومرا، **کپڑو** نہ بچئي کو.

پج=ککڑا>کي کَڙا. کپڑو=کوٽ.

کي کڙا پڃئي ميان سومرا، کوٽ نہ بچئي کو.

[1620]

عمر، شال **مال جا** پونئي.

مال جا=گهوڙا.

عمر، شال گهوڙا پونئي.

Gul Hayat Institute

[1621]

هندکو وڃي ميان سومرا، **شل نالو** ٽئين کين!

هندکو=رام>آرام. نالو=سکيو.

آرام وڃي ميان سومرا، شل سکيو ٽئين کين!

[1622]

نرنانءَ وڃي ميان سومرا، تڏهن کا **ذات** پوئي.

نرنان=موسن>مون +سنہ. ذات=دُر>قدر.

مون سنہ وڃي ميان سومرا، تڏهن کو قدر پوئي.

[1623]

سُٽ جون وڃي سومرا، هي لوهہ جا مون ٽوڙ لاهہ.

سُٽ جون=پيڙهيون. لوهہ جا=مارا.

پيڙهيون وڃي سومرا، هي مارا مون تان لاهہ.

[1624]

گاهہ ٽئين ميان سومرا! مون تان جر جا لاهہ.

گاهہ=چٽ. جر جا=لُڙَ.

چَٽُ ٽيئن ميان سومرا! مون تان (هي)لُڙ لاهہ.

[1625]

ڪڪ جر جون پونئي سومرا، مون تان پاٽي وارا لاهہ.

ڪڪ جا=سر. جر جون=واهيون. پاٽي وارا=لُڙَ.

سرواهيون پونئي سومرا! مون تان (هي) لُڙ لاهہ.

[1626]

ڪاٽ جا پونئي ميان سومرا، مون تان لوهہ جا لاهہ.

ڪاٽ جا=اَرٽ. لوهہ جا=ڪرٽ.

اَرٽ پونئي ميان سومرا، مون تان ڪَرٽ لاهہ.

[1627]

لوهہ جا پونئي ميان سومرا، اَن جا مون تان لاهہ.

لوهہ جا=ڪنگڻ. اَن جا=لنگهڻ.

ڪنگڻ پونئي ميان سومرا، لنگهڻ مون تان لاهہ.

[1628]

ادا عمر! ڏينهن پوئي، ڏينهن مون تان لاهہ.

ڏينهن=حشر. ڏينهن=محشر.

ادا عمر! حشر پوئي، محشر مون تان لاهہ.

[1629]

لوهہ جا پونئي ميان سومرا،هي ذاتيون مون تان لاهہ.

لوهہ جا=برمان. ذات=ڏچر>ڏچا.

برمان پونئي ميان سومرا، هي ڏچا مون تان لاهہ.

[1630]

اُپ جون پونئي ميان سومرا! شل ذات وڃين.

Gul Hayat Institute

اُپ جون=اورکون. ذات=ڳاها>ڳاهجي.
اورکون پونئي ميان سومرا! شل ڳاهجي وجين.

[1631]

جڏهن **نرنانءَ** ٽي **وڻ** ٽيو، تڏهن **نارنان** هجان ها،
تہ **گاهہ واريندي، عضوي جو** ڏيانس ها.

نرنانءَ=عمر. وڻ=ڇميو. نارنان=حڪيمان>
حقي ماءُ. گاهہ=ناڙو. واريندي=موڙيندي.
عضوي جو=سُنهن.

جڏهن عمر ٽي ڇميو، تڏهن حقي ماءُ هجان ها،
تہ ناڙو موڙيندي، سُنهن ڏيانس ها.

[1632]

اي **ذات گاهہ** ڪيندڙ، تو **هٽ جو** چونہ ڏنو عمرکي؟
ذات=دايا>دائي. گاهہ=ناڙو. هٽ جو=گهُٽو.
اي دائي! ناڙو وڍيندڙ، تو گهُٽو چو نہ ڏنو عمر کي؟

[1633]

جڏهن عمر پئي **ڪپڙا** کيا، تڏهن **ڪپڙو** ڪنهن نہ اُتو.
ڪپڙو=اُبتو>اُبتا. ڪپڙو=سُبتو.
جڏهن عمر پئي اُبتا کيا، تڏهن سُبتو ڪنهن نہ اُتو.

[1634]

سي **ڪاٺ جا** ميہ عمر! جن **نرنانءَ** مون هتي.
ڪاٺ جا=مُنيا>مُنا. نرنان=آندو.
سي مُنا ميہ عمر! جن آندو مون هتي.

[1635]

ڳالهہ چوانءِ ميان سومرا! جي **عضوي** لايين تون،
تهان پوءِ مون، **اُڻن شهر** جي ڇڏيين.
ڳالهہ(جي) =نصيحت. عضوو=دل. اُڻن(جو) =
ساڳو>ساڳي. شهر جي=جاءِ.
نصيحت ڪريين ميان سومرا! جي دل(سان) لايين تون،
تهان پوءِ مون، ساڳي جاءِ ڇڏيين.

Gul Hayat Institute

[1636]

لهي وج انهيءَ لوهه تان، توکي نالو نالو ڏي.

لوهه جو=بُرج. نالو=هادي. نالو=هدايت.

لهي وج انهي برج تان، توکي هادي هدايت ڏي.

[1637]

لوهه تي راڄ ويهار، گهر جي ڏي نه تن کي.

لوهه=ريهو>ريهي. گهر جي=کارنهن.

ريهي راڄ ويهار، کارنهن ڏي نه تن کي.

[1638]

راند جون ذاتين سان ڏجن، نه کجن کائن سان حکيماڻا،

جيئن نانوَ نرنانون جا، تيئن مارو سونهن مس،

ڏيئي دلاسن دس، لوهه جي نانءَ ويهار سومرا!

راند جون=جوڙون. ذات=جوسي>جيسين. کائي=هيڻي. حاکيماڻا=حسد. نانءَ=گاهي. نرنانوَ=درگاهي.لوهه جي= ريهه. نانءَ=راڄ.

جوڙون جيسن سان ڏجن، نه کجن هيڻن سان حسد،

جيئن گاهي درگاهي، تيئن مارو سونهن مس،

ڏيئي دلاسن دس، ريهي راڄ ويهار سومرا!

[1639]

ادا عمر! لوهه جا انهن سان کر، جيکي انهيءَ اَن جون هجن.

لوهه جا=کَرڻَ. ان جي=چال.

ادا عمر! کرڻ انهن سان کر، جيکي انهيءَ چال جون هجن.

[1640]

ذات ذات کي ذات جيئن آهي، سا کيئن ذات سومرا!

ذات=رعيت. ذات=حاکم. ذات=پيڙا>پيڙن.

ذات=تَکيا>تکين.

رعيت حاکم کي پيڙن جيئن آهي، سا کيئن تکين سومرا!

Gul Hayat Institute

[1641]

ادا عمر! مون کي وڻ آهي ته تون ذات آهين.

وڻ=کين>يقين. ذات=صراف>اشراف.

ادا عمر! مون کي يقين آهي ته تون اَشراف آهين.

[1642]

ادا عمر! مون کي ته ڪٽي جي، تون چوين ته اجان ڪپڙي جي.

ڪُٽي جي=ٽٽڪ. ڪپڙي جي=گهاري>گهار.

ادا عمر! مون کي ته ٽَٽڪ (مارن جي)، تون چوين ته اجان گهارِ.

[1643]

نالي سان نالو، عمر! نالوئي نه.

نالو=مولو>مون. نالو=مرڪڻ. نالو=شيوو.

مون سان مرڪڻ، عمر! شيووئي نه.

[1644]

چر جي آهيان ميان سومرا، چر جي ڪر نه تون.

چر جي=نَط>امانت. چر جي=نَط>خيانت.

امانت آهيان ميان سومرا، خيانت ڪر نه تون.

[1645]

نالو ٿي حاڪم جو نه ڪر، نه ته ملڪ ٿي ويندين.

نالو=ظالر. حاڪم جو=ظلر. ملڪ=تباهر.

ظالر ٿي ظلر نه ڪر، نه ته تباهر ٿي ويندين.

[1646]

وڻ ڏسي نالو نه ٿي، اڳيان مچي زور آهي.

وڻ=سورت>صورت. نالو=ظالر. مچي=

هَڪَرُ>حاڪر.

صورت ڏسي ظالر نه ٿي، اڳيان حاڪر زور آهي.

[1647]

علر وارا! مون سان علر واري نه ڪر، متان علر وارو اچئي.

Gul Hayat Institute

علم (جي) =زير>زوراوَر. علم (جي) =زبر>
زورزَبر>علم (جو) =پيشُ.
زوراور! مون سان زور زبر نہ ڪر، متان پيش اچئي.

[1648]

نالا نام تنهنجا، آهن **نالا نام** تو،
نام ڪرين ٿو چو، **نالي نام** ڪندين ڪينڪي.
نالا=نوڪر. نام=چاڪر. نالا=سندا. نام=رعايا.
نام=هيبت. نالا=مارو. نام=ناموس.
نوڪر چاڪر تنهنجا، آهن سندا رعايا تو،
هيبت ڪرين ٿو چو، مارُو ناموس ڪندئي ڪينڪي.

[1649]

هت تہ **نالا نانءُ** وٽ تو، هت بہ **نالا نانءُ** تو،
سي **نالا نالن** تي ڪين هئا، تو **نانءُ** ڏرين ٿو چو؟
نالا= نوڪر. نانءُ= چاڪر. نالا= سانگي. نانءُ=
پرتو>پرتا. نالو=مارو. نالا=مَواس (زورائتا، مَواڙ)
نانءُ=هيبت>هيبتون.
هِت بہ نوڪر چاڪر وٽ تو، هُت بہ سانگي پرتا تو،
سي مارو مواس ئي ڪين ها، تون هيبتون ڪرين ٿو چو؟

[1650]

ادا عمر! هت تہ **ذات** تي، ڪا **ڪاڻي نالو** ڪر.
ذات=مانجهي>مانجهاندو. ڪاڻي=ڏگهي.
نالو=نظر.
ادا عمر! هت تہ مانجهاندو ٿي، ڪا ڏگهي نظر ڪر.

[1651]

هت تون ٿو **جنگيون** ڪرين، اڳيان **ڪاٺ جن** ۾
مال جا اٿئي.
جنگ جو=اولاٽو. ڪاٺ جو=ڳجهہ>ڳجهن.
مال جو=چاٽو>پچاٽو.
هِت تون ٿو اولاٽا ڪرين، اڳيان ڳجهن ۾ پچاٽو اٿئي.

Gul Hayat Institute

[1652]

ادا عمر! انهيءَ وڻ ٿون تندئون چمر جو وجئي.

وڻ=آڪ. تند=لئون. چمر جو=مَڙهه.

ادا عمر! انهيءَ عقلوئن مَڙهه وجئي.

[1653]

ذات ۾ ڪپڑو ٿئين، تون ڪي ذات.

ذات=سامي. ڪپڑو=سوڙهو. ذات=سڪ.

ساميءَ ۾ سوڙهو ٿئين، تون ڪي سُڪ.

[1654]

رات ڪيئي سومرا، مَنَ ڪو ڏينهن ٿئي.

رات=ڪاري. ڏينهن=آڇر>آچار.

ڪاري ڪيئي سومرا! من ڪو آچار ٿئي.

[1655]

جڏهن ڏينهن ٿيندو، تڏهن ڪاڪ ڪنديسانءِ سومرا!

ڏينهن=آڇر>آچار. ڪاڪ=سنئون.

جڏهن آچار ٿيندو، تڏهن سنئون ڪنديسان سومرا!

[1656]

ادا عمر! تنهنجي ڏيهه تي اها ڪاڻي ناهي، جنهن سان ڪاڇ كريان.

ڪاڻي=ونگي>وانگي. ڪاڇ=آچار.

ادا عمر! تنهنجي ڏيهه تي اهو وانگي ناهي، جنهن سان آچار كريان.

[1657]

اُهي نالا آڻ، جيكي لوهه جي ته ڪن.

نالا=امين. لوهه جو=پرُوڙ>پروڙ.

اُهي اَميون آڻ، جيكي پروڙ ته ڪن.

[1658]

رڇ پاڻيءَ جي ڪان پڇ عورت ٿون ته عورت ڪير آهي؟

رچ=ڪرسيا>ڪر +سيا. پاڻيءَ جو=گڏون>
گڏ. عورت=امينا>امينئون. عورت=اُتما>اتر.
ڪر سِيا گڏ، پچ اَمينئون تہ اُتم ڪير آهي؟

[1659]

ڪاچ ڪر ميان سومرا! توتي شهر ڪندا.

ڪاچ=آچار. شهر=لکپت>لک +پت.
آچار ڪر ميان سومرا! توتي لَکَ پَت ڪندا.

[1660]

ذات لڳئي ميان سومرا! تہ نالو ٽينڊون.

ذات=آهڻ>آهہ +پُنئي. نالو=امين.
آهہ پُنئي ميان سومرا! تہ اَمين ٽينڊون.

مارئيءَ جو وطن ۽ ويڑهيچن کي سارڻ

[1661]

ادا عمرا! ڏڏڪ پر ڪٽڪ نہ.

ڏڏڪ=شرع. ڪٽڪ=لُٽ.
ادا عمر! رهہ شرع، پر لُٽ نہ.

[1662]

علم جي آئي مارئي وهٽ جاچڏي،
پوءِ هاڻي کو هجي، جو ڪري راند ڪائيءَ سان.

علم=مسين. وهٽ جا=ايال>عيال. راند=ميلو.
ڪائي=ڏوئي>ماڏوئيءَ.
مسين آئي مارئي، عيال چڏي،
پوءِ هاڻي کو هجي، جو ڪري ميلو ماڏوئيءَ سان.

Gul Hayat Institute

[1663]

وڻ جون وتن ميان سومرا، ڪپڑي تي ڪيئي.

وڻ جون=چڑيون>چُڑيون. ڪپڑو=پَٽ>پَٽن.
چُڑيون وتن ميان سومرا! پَٽن تي ڪيئي.

[1664]

وڻ جون وجن مال سان، عمرا! پوک جي نہ ڪن.

وڻ جون=ڇڙيون. مال=ڇيلا. پوک جي=
اول>اُلکو.
ڇڙيون وجن ڇيلن سان، عمر! اُلکوئي نہ ڪن.

[1665]

ليکي ۽ سور ۾ آڻي، تو **راند جي** ڪئي ميان سومرا!
هت تو **ذاتيون** ڪرين، اتي مارو **نالو** ڪندا.
ليکي جي=پُل. سور جي=چُڪ. راند جي=
لڪائي. ذات جا=مذاق>مزا. نالو=سڪيو.
پُل چُڪ ۾ آڻي، تو لڪائي ميان سومرا!
هت تو مزا ڪرين، اتي مارُو (مون لاءِ) سڪندا.

[1666]

پکي ساريم سومرا! جنهن مون کي **ڪاڇ جي** ڏني.
پکي=هُماءِ>هوءَ +ماءِ. ڪاڇ جي=ڇ.
هوءَ ماءِ ساريم سومرا! جنهن مون کي ڇ ڏني.

ٿر

[1667]

پکي ڪائين ميان سومرا! **ذاتين منجهه** رهن،
مال انهن جا سومرا! **راڳن** منجهه چرن.
پکي=گُرڙ. ذات جا=پَٽ>پِٽ. راڳ=ڏهر.
گرڙ ڪائين ميان سومرا! پِٽن منجهه رهن،
مال انهن جا سومرا! ڏهرن منجهه چرن.

[1668]

ڪپڙجي ڪري آندءِ ميان سومرا! **ڳهه** تي موڪل ڏي.
ڪپڙ جي=پانڌڻي>پانهن ڏوڻي. ڳهه=مُرڪي.
پانهن ڏوڻي آندءِ ميان سومرا! (هاڻي)مُرڪي موڪل ڏي.

[1669]

نرنان ته منهنجا **نرنان** آهن، پر قسمت قيد ڪيو.
نرنان=مارو. نرنان=منو.
مارو ته منهنجا منا آهن، پر قسمت قيد ڪيو.

Gul Hayat Institute

[1670]

عمر! انهيءَ جاءِ تي مارو مون لاءِ، **ڪاڦي ذات ڪن.**

ڪاڦي= اُڏهڻي(ڏڪَ = ڪنيار ٽانون ڪي ٽپڻ
وقت ٽيڪ طور ڏيڻ)>او +ڏهاڻي. ذات=گهمرا.

عمر! انهيءَ جاءِ تي مارو مون لاءِ اُوڏهاڻي گهمرا ڪن.

[1671]

جهليو **دريائَ زمين جي**، آءٌ **ڏينهن جي** هياس،
آڻي **نرنائَ ڪپڙي** ۾، **پنهنجي حاڪم جو** ڪياس،
تنهان پوءِ ٽياس، **ذاتين نالي** لاءِ.

دريائَ جي=پَر. زمين جي=پٺ. ڏينهن جي=
مُرڪ. نرنائَ= عمر. ڪپڙي جو= ڪوٽ.
پنهنجي=قسمت. حاڪم جو=قيد. ذات=مشتاق.
نالو=مارو.

جهليو پَر پٺ جي، آءٌ مرڪندي هياس،
آڻي عمر ڪوٽ ۾، قسمت قيد ڪياس،
تنهان پوءِ ٽياس، مشتاقي مارن لاءِ.

[1672]

تون **ذات ڪر، هو ذات** ڪندا.

ذات=ڪيهر>قهر +نہ. ذات=هَهَا>هاءِ هاءِ.

تون قهر نہ ڪر، هو هاءِ هاءِ ڪندا.

Gul Hayat Institute

[1673]

ڪاڇ ٿون تنهنجي سومرا! **وڻ جيءَ** تي نہ **ڪپڙا.**

ڪاڇ=ڏاڪون>ڏاءُ +ڪوئن. وڻ جي=پُسي.
ڪپڙو=پهراڻ>پهرن.

ڏاءُ ڪوئن تنهنجي سومرا! پُسيءَ تي نہ پهرن.

[1674]

ٻن ڳهن ڪوئن ميان سومرا! مارو ٽا **مال جا** ڪن.

ٻه ڳهه=طوق>تو +هار>قهار. مال جا=ڦر> ڦَڙ.

تو قهارئون ميان سومرا! مارو ٽا ڦڙڪن.

[1675]

ڳونـاڻو ڳـوڻ منهنجـو آهـي **رسـو** مـارن سـان.

ڳوڻ=ڪلڻ. ڳوڻ=خاشو. رسي جو = مرڪ.

ڪلـڻ خاشـو، منهنجـو آهـي مـرڪ مـارن سـان.

[1676]

ڪپـڑو مـارن مـن ۾، **نـالو** ڪـن ئـي ڪونـ.

ڪپڑو=قلمي(ٻيڑيءَ جو جهنڊو)>ڪلمون.

نالو=ٻيجل>ٻي +جهل.

ڪلمـون مـارن مـن ۾، ٻـي جهـل ڪـن ئـي ڪونـ.

[1677]

ڏڻ جون سڻيو سومرا! مون کي **ڏڻ جون** اڇيو پُـون،

ڏڻ جـن منجهـان سـومرا! مـن مـارو مـون کـي نيـن،

هُـتي **ڏڻ جـن** مٿي سـومرا! ٻيا مـارو قـوت ڪـن.

ڏڻ جون=چيرون. ڏڻ جون=لُڙڪيون>لُڙڪ.

ڏڻ جون=ماڑيون. (ضد=ٻلوڙيون). ڏڻ جا=

ڪُڏا (ڪن چيريل).

چيـرون سڻيو سـومرا! مـون کـي لُـڙڪ اڇيـو پـون،

مـاڑين منجهـان سـومرا! مَـن مـارو مـون کـي نيـن،

هُـتي ڪڏن مٿي سـومرا! ٻيا مـارو قـوت ڪـن.

[1678]

اڳ **جرجـن** منجهـ هياس، هاڻ **جر جـا** اڇيـو پُـون،

جرجـن مـاري آهيـان، هـاڻي مـارو شـال نيـن.

جر جا=لوڙهـ>لوڙهن. جر جا=لڙڪ.

جر جا=بندَ.

اڳ لوڙهـن منجهـ هيـاس، هـاڻ لڙيـو لڙڪ پُـون،

بنـدن مـاري آهيـان، هـاڻي مـارو شـال نيـن.

[1679]

لوهـن مـاري مـارئي، **لوهـ** تنيـن کـي پُـون،

لوهـن مـان ڪـيي، مـارئي مئـيءَ کـي نيـنِ.

Gul Hayat Institute

لوهه جو=ڏول>ڏولاوا>ڏولاون.

ڏولاوان ماري مارئي، ڏولاوا تنين کي پُون،
ڏولاون مان کڏيي، مارئي مئيءَ کي نين.

[1680]

سنج آهن مال جا، نرنان منهنجي نالن جا،
نالا ٻڌي مال جا، هت نه ٽکي ٽو هينون.

سنج=ٽڙا>ٽر. مال جا=ٽاڪ. نرنان=عمر.

نالو=مارو>مارن. نالو=عمر. مال جا=ٻاڪ.

ٽر آهن ٽاڪ، عمر منهنجي مارن جا،
عمر ٻڌي ٻاڪ، هت نه ٽکي ٽو هِنيون.

[1681]

پاهڻ منهنجي من، ذاتيون کين ميان!

پاهڻ=ماروسو>مارو +سي. ذات=وسريا>وسرن.

مارو سي منهنجي من، وسرن کين ميان!

[1682]

ڏي رچ سومرا، نالو تنه.

رچ=حُقو>هُ +ڪو. نالو=ويسرو>وسريو.

ڏيهه کو سومرا، مون وسريو تنه.

[1683]

وڻ ڦر مارن ڏي، حاڪيماڻا ويل سومرا!

وڻ ڦر=ماڇڪ>مان +ڇڪ. حاڪيماڻو=روز.

ويل=ڏيهاڙي.

مان ڇڪ مارن ڏي، روز ڏيهاڙي سومرا!

[1684]

عمر! **پکي کپڙي جي، جي ذات وڃي سا به،**
پکيءَ تي.

پکي=طوطو>تو +تہ. کپڙو=جهلي. ذات=مري. پکي=طوطو>تو +تي.

عمر! تو تہ جهلي، جي مري وڃي سا به توتي.

Gul Hayat Institute

[1685]

ادا عمر! هت نه **مال جا**، پر هُت **مال جا**.

مال جا=مَرا>مَران.

ادا عمر! هت نه مران، پر هُت مران.

[1686]

جي مان **ذات** ٿيان، ته **ساز جو** وجي **نرنان** کي ڏيو.

ذات=مري. ساز جو=مڙهه. نرنان=کيت.

جي مان مري وجان، ته مڙهه کيت کي ڏيو.

[1687]

جيت آيا ٿي سومرا، **پکي جي** ملان تن،

جڏهن **اَن جي** آهيان **گاهه** ۾، آکهه اباڻن.

جيت=اڏوهي>اوڏانهون. پکي>کُرکي>

کَر +کي. اَن جي=ساري. گاهه=سر>سرير.

اوڏانهون آيا ٿي سومرا، کَر کي ملان تن،

ساري آهيان سرير ۾، آکهه اباڻن.

[1688]

کپڑو آڇ نه ميان سومرا، **کپڑو** منهنجي من،

منهنجا مارو مليرَ ۾، **کپڑو کپڑو** ڪن.

کپڑو=گيگهر>کي +غم. کپڑو=گيگهر>

هي +غم. کپڑو=گيگهر=غم.

کي غم نه آڇ ميان سومرا، هي غم منهنجي من،

منهنجا مارو مليرَ ۾، غم پيا ڪن.

[1689]

مينهن جا ميان سومرا، **گاهن جا** اباڻن.

مينهن جا=وسڻ>وسن. گاهن جا=ويڑها.

وسن ميان سومرا، ويڑها اباڻن.

[1690]

مُردي ڏُکيءَ ان جا، مون **پوک جون** مليرَ ۾.

مُردي جا=سُور>سُو. ڏُکيءَ جا=مَرا.

ان=ساريون. پوک جون=رتيون.

سومرا ساريون، مون رُتيون مليرَ ۾.

Gul Hayat Institute

[1691]

ٻاراڻا مون ڇڏيا، نالي اباڻا.

ٻاراڻا=منهن>مَنهن>مَنهڙا. نالو=
آڏيو>آڏيا.

منهڙا مون ڇڏيا، آڏيا اباڻا.

[1692]

ڪاڇ ريءَ سومرا! ڪڪن جا نہ ٻڌن.

ڪاڇ=سيرا>سيرون. ڪڪن جا=مَنَهُن.

سيرن ريءَ سومرا! مَنَهڙا نہ ٻڌن.

[1693]

نالا جن رکيا، ڪاڇ بہ ڏيندیس تن ڪي.

نالو=چَتو>چتا. ڪاڇ=گُنڊ.

چَتا جن رکيا، گُنڊ بہ ڏيندیس تن ڪي.

[1694]

ڪاڻ پنهنجو ڙي سومرا! ٿو ذاتين ڪي پِٽي.

ڪاڻ جي=مَن. پنهنجو=اُداس. ذات=سانگي.

پِٽ=اوسارڙ>سارڙ.

من اداس ڙي سومرا! ٿو سانگين ڪي ساري.

[1695]

جر جي آهي ڇڪ، مان هاريان ٿي جر جا.

جر جا=سنگهارا>سنگهارن. جر جا=قُڙا.

سنگهارن جي آهي ڇڪ، مان هاريان ٿي (رت جا) قُڙا.

[1696]

نالو مارن ڪاڙ، پلپل پاڻيءَ جي ٽيو.

نالو=هيمنُ>هي +من. پاڻيءَ جي=
پياس> پياسي.

هيءُ مَنُ مارن ڪاڙ، پلپل پياسي ٽيو.

[1697]

اجان سگّ جن، پنهنجي پوک جي منهنجي.

سگّ جا=اباڻا. پنهنجي>آس. پوک جي=پَلي.

اجان اباڻن، آس نہ پلي منهنجي.

[1698]

نرنانءُ ڙي ميان سومرا، هت **شهر مال جن** سان.

نرنانءُ=موسن>مون +سنُ (هڪجيڏا).

شهر=گُڏ. مال جا=گهيتا>گهيتن.

مون سَنُ ميان سومرا، هُت گَڏُ گهيتن ساڻ.

[1699]

ڪپڙي جن تي سومرا! **ڪير جي، پار جون** ڪن.

ڪپڙي جو=بَر. ڪير جي=ڏَر>ڏَري.

پار جون=راندين.

بَرن تي ميان سومرا! ڏَري راندين ڪن.

[1700]

هت ڪڏهن **نالو**، هت مارو مون **مال جا** ڪن.

نالو=عيدُو>عيدون. مال جا=ڪسيرا>ڪَسو.

هت ڪڏهن عيدون، هت مارو مون ڪَسو ڪن.

[1701]

مارئي! تنهنجي ملڪ ۾، ڪهڙا **نالا نانوَ** ٿين؟

چي: **جيئڏ** جي ڪن ڪانه ڪا، تہ بہ ڏئي ٿو **اَن جون** اُن ڪي.

نالو=هالو. نانءُ=چالو. جيئڏ=ڪاريهر>ڪار +

هر. اَن جون=روٽيون.

مارئي! تنهنجي ملڪ ۾، ڪهڙا هالا چالا ٿين؟

چي: ڪار هر جي ڪن ڪانه ڪا، تہ بہ ڏئي ٿو

روٽيون اُن ڪي مولا.

[1702]

جر جو ساريم سومرا! آءٌ جن جو **وڻ** هياس،

نر نالي ٽيندياس، **شهر** تن سان سومرا!

جر جون=سيمو. وڻ=ڇمون>ڇر. نر نالو=

ميڙائو. شهر=سال>شال.

سي مون ساريا سومرا! آءٌ جن جو ڇر هياس،

ميڙائي ٽيندياس، شال تن سان سومرا!

Gul Hayat Institute

[1703]

بلا شهر ڙي سومرا! لوهه جا ساريا مون.

بلا=جِن. شهر=پالهي>پالي. لوهه جا=سينوَر>سي +وَر.

جن پالي ڙي سومرا! سي وَر ساريا مون.

[1704]

اجان آهي آس، نالن کي ڏيان پوک جا.

نالو=سانگي. پوک=ساريون>ساريان.

اجان آهي آس، سانگين کي ٿي ساريان.

[1705]

کپڙي جي دل مارن سان، اَن جي ٿيندي کانه.

کپڙي جي=رِلي. اَن جي=پَلي.

رِلي دل مارن سان، سا پلي ٿيندي کانه.

[1706]

عورت ٿيکندي هيٺ، عورت ماروئڙن سان.

عورتُ=نڌُلَ>نَ +دِل. عورت=جادُل>جَا +دِل.

نه دل ٿيکندي هيٺ، جا دل مارن سان.

[1707]

کامڙ هئي کپڙن، ته آزار هو مردن.

کامڙ=وسندي. کپڙا=ملير>مليراڻين. آزار=وارو (تپ جو). مرد=سنگهار>سنگهارن.

وسندي هئي مليرياڻن، ته وارو هو سنگهارن.

[1708]

نالا هئن سومرا، نالا هُون شال،

راند جون ولات ۾، مال جون ڏسان شال!

نالو=سُکيو. نالو=سڃڻ. راند جون=بَڏيون.

ولات=پاهڙمير. مال جون=چيليون.

سکيا هُئن سومرا، سڃڻ هون شال،

بَڏيون پاهڙ مير ۾، چيليون ڏسان شال!

[1709]

اکر آهي انگ، ته وجي ملنديس **ذاتين** سان.

اکر=لکيو. ذات=مارُو>ماروئڙن.

لکيو آهي انگ، ته وجي ملنديس ماروئڙن سان.

[1710]

مال جون ساريان سومرا، جي **پير جي** خدا.

مال جون=پنهواريون. پير جي=ڏيکاري> ڏيکاريندو.

پنهواريون ساريان سومرا، جي ڏيکاريندو خدا.

[1711]

متيءَ جا ڏنم شهر کي، سي اڃان ذات ٽياڻي کين.

متيءَ جا=ليٽڙا. شهر=لس. ذات=وِيسر>وِسريا.

ليٽڙا لس ڏنم، سي اڃان وسريائي کين.

[1712]

پورهئي جا ساريم سومرا! **پکيءَ** پيئي رات،

مال جا پريات، **نار نالو** پاڻيءَ تي.

پورهئي جا=هيج. پکي جو=طعامو>تان +مون.

مال جا=ڏر. نار نالو=نعمت>نيا +مون.

هيجئون ساريم سومرا، تا مون پيئي رات،

ڏر (چوڙي) پريات، نيا مون پاڻيءَ تي.

[1713]

پوک جا ڇڏيم جي، سي **نالا** آهن مان کي،

نه **شهر** کرين ٿو، ادا عمر! چا کي؟

پوک جا=ڏَرَ. نالو=مِنو>مِنا. شهر=ناگور> نہ +غور.

ڏَرَ ڇڏيم جي، سي منا آهن مان کي،

نه غور کرين ٿو، ادا عمر چا کي؟

[1714]

نرنانءَ ڙي سومرا! هُت **نرنانءَ مال** سان.

نرنانءُ=مؤمن>مُئو +مَن. نرنانءُ=جڙيو. مال=گهيڻا.
مُئو من ڙي سومرا! هُت جڙيو گهيڻن سان.

[1715]

ست جا چڏير سومرا! سي وکر جا هوندا ڪيئن؟
ست جا=بَڏا>بڏيَ: وکر جا=ڏاڙا>ڏايا.
بَڏي چڏير سومرا! سي ڏايا هوندا ڪيئن؟

[1716]

ڪانئين چڏير سومرا! سي ككين هونديون ڪيئن؟
نرنانءُ اسان جي من ۾، آهي راتو ڏينهن.
ڪاڙ جو=گهاڙو. ككن جون=ڏايُون (سَڙيون)
نرنانءُ=موڙ.
گهاڙي چڏير سومرا! سي ڏايُون هونديون ڪيئن؟
موڙ منهنجي من ۾، آهي راتو ڏينهن.

[1717]

مال جا ساريم سومرا، هو جي وڃ جا اباڻن.
مال جا=چيلا. وڃ جا=پُور>پوريا.
چيلا ساريم سومرا! هو جي پوريا اباڻن.

[1718]

ڏڃ پهڻ ڙي سومرا! وڃ ولايت مون،
ٻيو سواءِ مون، ذات نيندو ڪونہ ميان!
ڏڃ جا=ڦر. پهڻ=ڏڪر. وڃ =لَيا. ولايت=
ڪابول>قابو. ذات=چارڻ.
ڦر ڏڪر ڙي سومرا! لَيا (بَڏا) قابو مون،
ٻيو سواءِ مون، چارڻ نيندو ڪونہ ميان!

[1719]

ڳهہ وڃ جا چني، ڪپڙي ۾ ڪري، وجي ذاتين ڪي ڏيندياس.
ڳهہ=مُرکي. وڃ جا=سگر. ڪپڙو=لوئي.
ذات=ليل> ليلن.
مُرکي سگر چني، لوئيءَ ۾ ڪري، وجي ليلن گي ڏيندياس.

Gul Hayat Institute

[1720]

چمر جون ساريم سومرا! سي **چمر جا** اچيو پُون،
چمر جن متي سومرا! قوت اباڻا ڪن،
مانَ مُنيءَ ڪي نين، چمر جن **منجهان** سومرا!

چمر جون=وڍيون>وانديون. چمر جا=وَڍَ.

وانديون ساريم سومرا! وَڍ اچيو پُون،
وَڍَن (پٽن) متي سومرا، قوت اباڻا ڪن،
مانَ مُنيءَ ڪي نين، وڍن (ڏڪن) منجهان سومرا!

[1721]

مال جا ساريم سومرا، هو **راند جا** اباڻن،
مارو تنهن مليرِ ۾، **ڪپڙو** ئي نه ڪن.

مال جا=جَندا. راند جا=جوڙا>جوڙيا ڪپڙو = ڪانُ.

جَندا ساريم سومرا، هو جوڙيا. اباڻن،
مارو تنهن مليرِ ۾، ڪانُ ئي نه ڪن.

[1722]

تيلين جا ۽ پنهنجا، جڏهن چت پون،
عضون مان **وڪر جا**، وڻ وانگر تا ڪن،
عضوا لڳي مرن، جي اڃان **عضوي** تن جي.

تيلين جا=پڪا. پنهنجا=وار>پنوهار. عضوو=
اک>اکين. وڪر=ڳڙ>ڳوڙها. وڻ جو=ڇاڻو>
ڇڻيو. عضوو=ڳل. عضوو=هٿ.

پڪا پنوهارن جا، جڏهن چت پون،
اکين مان ڳوڙها، ڇڻيو تا پون،
ڳلي لڳي مرن، جي اڃان هٿ تن جي.

[1723]

ادا عمر! **ڪڪن جو وهٽ** تي، **نالو** اباڻن.

ڪڪن جو=پَڪو. وهٽ=ڪودڙو>دڙو. نالو=آڏيو.

ادا عمر! پڪو دڙي تي، آڏيو اباڻن.

[1724]

ڏڏ جون ساريم سومرا! جي کاٽ جون اباڻن.

ڏڏ جون=مَنيون>مَنَهيون. کاٽ جون=اڏيون.

مَنهيون ساريم سومرا! جي اڏيون اباڻن.

[1725]

مال جا ساريم سومرا، کاٽ جا اباڻن.

مال جا=اوگهر>اوءِ +گهر. کاٽ جا=اڏا>اڏيا.

اوءِ گهر ساريم سومرا، جي اڏيا اباڻن.

[1726]

گاهه جا پَسي ميان سومرا! آءٌ ذات ٿيندياس.

گاهه جا=ويڑها. ذات=سُرهيا>سَرهي.

ويڑها پسي ميان سومرا! آءٌ سرهي ٿيندياس.

[1727]

نالو ساريم سومرا! آهي مَروُن مارن وٽ.

نالو=ساجُو>سا جُوءِ. مَرون=جاجُو>جا جُوءِ.

سا جُوءِ ساريم سومرا! جا جوءِ مارن وٽ.

[1728]

وٽ ملک کيئن وساريان، منهنجو پنهنجو نرنانءُ لاءِ.

وٽ=وينگس. ملک=ويڑهه. پنهنجو=جهڄڻ.

نرنانءُ=جهانگي>جهانگين.

وينگس ويڑهه کيئن وساريان، منهنجو جهڄڻ جهانگين لاءِ.

[1729]

گاهه جا ساريم ميان سومرا، هُو ان جا اباڻن.

گاهه جا=اويڑ. ان جو=چُنُو>چِنو.

اويڑ ساريم ميان سومرا، هو چِنا اباڻن.

[1730]

وٽ جا ساريم سومرا! شهر جون اباڻن.

وٽ جا=ڏونرا. شهر جون=چاڑهيون>چاڑهيا.

ڏونرا ساريم سومرا، جي چاڑهيا اباڻن.

Gul Hayat Institute

[1731]

جھنگ جون ساريم سومرا! شهر جون اباڻن.

جھنگ جون=ڪُنيِيون. شهر جون=چاڙهيون.

ڪُنيِيون ساريم سومرا!(جي) چاڙهيون اباڻن.

[1732]

وڻ جا ساريم سومرا! مال جون اَباڻن.

وَڻ=مُنگها. مال=ميڙيا.

مُنگها ساريم سومرا! ميڙيا اَباڻن.

[1733]

سُٽ جون ساريم سومرا! هوءِ جي راند جون اباڻن.

سٽ جون=ڇاريون. راند جون=پَڪيون.

ڇاريون ساريم سومرا! هوءِ جي پڪيون(وٽ) اباڻن.

[1734]

عمر! اسان جي ڏيهه تي، ڪاڻ ۾ عضوا ڪن.

ڪاڻ=ڪرڙ. عضوا=ڏوئنرا.

عمر! اسان جي ڏيهه تي، ڪرڙ نه ڏوئنرا ڪن.

[1735]

جيتن ٽي عضوا ڪيا، تڏهن مرض هنيون ساري،

پورهيت اباڻي پار جا، ڪيئن ويهان وساري؟

جيت=ڪرڙي>ڪرڙن. عضوو=ڏونرو.

مرض=ٽوٽر. پورهيت=نقر>قَر.

ڪرڙن ٽي ڏوئنرا ڪيا، تڏهن ٽو ٽر هنيون ساري،

(مان) قَر اباڻي پار جا، ڪيئن ويهان وساري.

[1736]

ذاتين منجهه جا ذات، سا مون پوک وٽي.

ذات=ماڇاڻي>مان ڇاڻي. ذات=ڇڇڙا>ڇڇڙن.

پوک=نانگلي.

مان ڇاڻي جا ڇڇڙن ۾، سا مون نانگلي وٽي.

[1737]

حاڪيماڻيون ساريم سومرا! جي پٽر جون اباڻن.

Gul Hayat Institute

حاڪيماٽيون=سوليون(ڪورٽون)>سي +وليون.
پٽر جون=موريون.
سي وليون ساريم سومرا! جي موريون اباڻن.

[1738]

وڻ جا ساريُم سومرا، هُت پوک جا اباڻن.
وڻ جا=چُڳا. پوک جا=چُونڊا>چونڊيا.
چڳا ساريم سومرا، هُت چونڊيا اباڻن.

[1739]

شهر ساريم سومرا، پڪي ڏنم رات،
پچاڻان پريات، ڪي نالا ساريم سومرا.
شهر=جيسر>جي +سر. پڪي=سيسر>سي +سَر.
نالو=قيصر>ڪي سر.
جي سَرَ ساريم سومرا، سي سَرَ ڏنم رات،
پچاڻان پريات، ڪي سَرَ ساريم سومرا.

[1740]

ذاتيون ساريم سومرا! جي نالا مليم ڀر.
ذات=سروري>سَرَ +وري. نالا=موريو ۽ مَسُو>مَسَ.
سَرَ وري ساريم سومرا! جي موريا مس مليم ڀر.

[1741]

جهنگ جون ساريم سومرا! جي لوهه جون اباڻن.
جهنگ جون=ماڪيون. لوهه جون=چاڻيون.
ماڪيون ساريم سومرا! جي چاڻيون اباڻن.

[1742]

لوهه جون ساريم سومرا! هوءِ اَن جون اباڻن.
لوهه جون= ٽپريون (گيهه پرڻ جون). اَن جون= پريون.
ٽپريون ساريم سومرا! هوءِ (جي) پريون اباڻن.

[1743]

مال جون ساريم سومرا! جي سُٽ جون اباڻن.

Gul Hayat Institute

مال جون=جَروڻ. ست جون=اُجلون>اُجليون.

جَروُن ساريم سومرا! جي اُجليون اباڻن.

[1744]

پنهنجا ساريم سومرا! جي نالا اباڻن.

پنهنجا=ڪَر>اوڪر. نالو=ڏڏو.

او ڪَرَ ساريم سومرا، جي ڏڏا اباڻن.

[1745]

ڪاچ جون ساريم سومرا! جي ڪائيءَ جون اباڻن.

ڪاچ جون=چانهيون. ڪائيءَ جون=هاريون.

چانهيون (باهيون)ساريم سومرا! جي هاريون اباڻن.

[1746]

ڏڻ جا ساريم سومرا! ڏڻ جا تان نہ ڪندياس.

ڏڻ جا=سچا. ڏڻ جا=ڪوٽا.

سچا ساريم سومرا، ڪوٽا تان نہ ڪندياس.

[1747]

مال جا ساريم سومرا! هُت اُپ جا اباڻن.

مال جا=پس. اُپ جا=ڪاڙها>ڪاڙهيا.

پس ساريم سومرا! هُت ڪاڙهيا اباڻن.

[1748]

مال جون ساريم سومرا، اَن جون اباڻن.

مال جون= ڏوريون. ان جون= رڪون> رڪيون.

ڏوريون ساريم سومرا، جي رڪيون اباڻن.

[1749]

وڻ جون ساريم سومرا! جي لايون اباڻن.

وڻ= ميندي.

ميندیون ساريم سومرا! جي لايون اباڻن.

[1750]

ڪاڻ جا ساريم ميان سومرا! هُت ذاتيون اباڻن.

ڪاڻ جا= پينگها. ذاتيون= واڻيا.

پينگها ساريم ميان سومرا، (جي) هُت واڻيا اباڻن.

Gul Hayat Institute

[1751]

مال جون ساريم سومرا! **لوهه جون** اباڻن.

مال جون= پُڻيون. لوهه جون= ڪَتَرون.

پُڻيون ساريم سومرا! (جي) ڪتريون اباڻن.

[1752]

ست جون ساريم سومرا! **اُپ جون** اباڻن.

سُتَ جون= ڏيريون. اُپ جون= ڪتيون.

ڏيريون ساريم ميان سومرا! جي ڪتيون اباڻن.

[1753]

ست جون ساريم ميان سومرا، هو **نالو** اباڻن.

ست جون= سڱيون. نالو= سونو> سونهن.

سڱيون ساريم ميان سومرا، هو سُونهن اباڻن.

[1754]

ست جون ساريم سومرا! هو **مال جون** اباڻن.

ست جون= چوٽيون. مال جون= گهُٽون> ڳُٽيون.

چوٽيون ساريم سومرا! هو ڳُٽيون اباڻن.

[1755]

مال جا ساريم سومرا، جي **پوک جا** اباڻن.

مال جا= ڇندا. پوک جا= ڇُونڊا> چونڊيا.

ڇُنڊا ساريم سومرا، (جي) چونڊيا اباڻن.

[1756]

ست جا ساريم سومرا، هُت **مال جون** اباڻن.

سُتَ جا= جُوالنگ. مال جون= اُٽيون.

جُوالنگ ساريم سومرا، هُت اُٽيون اباڻن.

[1757]

مال جا ساريم سومرا، **ست جا** اباڻن.

مال جا= جوڙا. ست جا= جوٽا> جوٽيا.

جوڙا ساريم سومرا، جي جوٽيا اباڻن.

[1758]

پوک جا چمن ۾، عضوا اباڻن.

Gul Hayat Institute

پوک جا= ککڑا. چر جو= کوس. عضوو=
جوٽ> جوٽيا.
ککـــڑا (ڏڳـــا) کوســـن ۾، جوٽيـــا ابـــاڻن.

[1759]

ذات ۽ مال جا ساريم سومرا، **مـن کپڙ جـا کـن.**
ذات= اونا. مال جا= مهري. ذات= اونا.
کپڙ جا= کونا> کوني.
اوني ۽ مهري ساريم سومرا، مـن کوني مـون وجـن.

[1760]

ڏڻ جا ساريم سومرا، مون کان کـريو **ڏڻ جا** پُـون،
انهـــن **ڏڻ جـــن** مـــان، وڃـي قـــوت اباڻـا ککـــن.
ڏڻ جا= ککر. ڏڻ جا= لڙڪ. ڏڻ جون= کنيون.
ککـر ساريم سـومرا، مـون کـان کريـو لڙڪ پـون،
انهـــن کنيـــن مـــان وڃـي قـــوت اباڻـا کـــن.

[1761]

پوک جون ساريم سومرا! هوءِ جي **نار نـالي** اباڻن.
پوک جون= مُندون. نار نالي= عيد> عيدون> ايندیون.
مُـــندون ســاريم سـومرا! هـوءِ جـي ايندیـــون ابـــاڻن.

[1762]

کاڻ ڻون **پوک** پيدا ٿي، هتي **ذاتيـن** کاريـا **ڏڻ**،
عمـر تنهنجـي تـڻ، **پـــ نـــالا** ڏسـان ٿـي کينکـــي.
کاڻ= نيسر> نيسارا. پوک= نير. ذات= ماڃي>
ماڻ+ ڇيڪاريا. ڏڻ جا= ڏر. پ نالا= سانگي ۽ سکيو.
نيسـارڻون نير پيدا ٿيـو، هُـــتي مـاڻ ڇيڪاريـا ڏُـر،
عمر تنهنجي تڻ، سـانگي سکيا ڏسـان ٿـي کينکـي.

[1763]

مـرون ساريم ســومرا! جـي **مـــُلڪن** پـاس پـون،
هتي **هٽ راند جي**، هُـت هُـو **حاکيماڻيون** کـن.
مرون= وڃُـو> وڃون. ملڪ=کاهڙ. هٽ جي=
مُـٽ> مُـٽي. راند جي=ماري> مارئي.
حاکيماڻي= رس رِهاڙ.

Gul Hayat Institute

وڃون ساريم سومرا! جي ڪاهڙ پاس ڪنون،
هِتي مني مارئي، هُت هُو رس رهاٽيون ڪن.

[1764]

پکي ساريم سومرا! **پکي** جهل نہ ڏين،
مون کي اچي انهن، **ڏڻ جن** ماريو سومرا!

پکي=گُرڙ>گوڙ. پکي=هنجهه. ڏڻ جا=
ڪُڏا (سجاٽپ لاءِ ڪنن جا ڪپيل نشان).

گوڙيون ساريم سومرا! هنجهون جهل نہ ڏين،
مون کي اچي انهن، ڪُڏن ماريو سومرا!

[1765]

جا **ذات** ساريم سومرا، سا مر **رڃن** هوءِ،
آءٌ پٽ تنهين لوءِ. **ذات** آهيان سومرا!

ذات= جهنجهڻ> جهڻ. رڃ= ماڻي. ذات=
پيسڪ> پي + سڪ.

جا جهڻ ساريم سومرا! سا مر ماڻين هوءِ،
آءٌ پٽ تنهين لوءِ، پي سڪ لاهيانَ سومرا!

مارئيءَ جي مارن تي ميار

[1766]

منهنجي ڪائي جر گهر جي ڪانہ ڪيائون،

جر جي= پَر. گهر جي= پيئي.

منهنجي ڪائي پَر پيٽي ڪانہ ڪيائون،

[1767]

ڪائي عمر تو ڏي، نہ **عضوي جي** اباڻن.

ڪائيءَ= ميڙ. عضوي جي= مُڪ> مُڪي.

ميڙ عمر تو ڏي، نہ مُڪي اباڻن.

[1768]

تڙڻون لڳي تن ڪي، **مرد** نہ مُڪائون،
تن ڪي آءٌ جيڪر **ڳهہ** ٿي آيس.

تڙ جي= رندِ. مرد=سنيهو. ڳهہ= لاڃهي.

رندِ لڳي تن ڪي، سنيهو نہ مڪائون،
تن ڪي آءٌ جيڪر لاڃهي ٿي آيس.

Gul Hayat Institute

[1769]

تڙڻون لڳي تن کي، **مرد** نہ مڪائون،
تن کي آڻ جيڪر **گهر** ٿي آيس.

تڙ جي= روڪ. مرد=خاطي. گهر=ڪَسي.

روڪ لڳي تن کي، خاطي نہ مڪائون،
تن کي آڻ جيڪر ڪسي ٿي آيس.

[1770]

تڙڻون لڳي تن کي، **مرد** نہ مڪائون،
تن کي آڻ جيڪر **گهر** ٿي آيس.

تڙ جي= ڪيهي. مرد= سلام. گهر= ڪڙي.

ڪيهي لڳي تن کي، سلام نہ مڪائون،
تن کي آڻ جيڪر ڪڙي ٿي آيس.

[1771]

جڏهن آڻ **نالن** ۾ هياس، تڏهن **نرنان** ٿيم ڪونہ ڪِو.

نالو= قادو> قيد. نرنانءُ= وارث.

جڏهن آڻ قيدن ۾ هياس، تڏهن وارث ٿيم ڪونہ ڪو.

[1772]

ان جي آڻ نہ ڪيان، **عورت** تان نہ ٿيان،
پوءِ منهنجي ڙي سومرا، **مٽيءَ جي** ڪانہ ڪيائون.

ان جي= ٻُڪي. عورت= چگي. مٽيءَ جي= واري> پوئواري.

ٻُڪي آڻ نہ ڪيان، چگي تان نہ ٿيان،
پوءِ منهنجي ڙي سومرا، پوئواري ڪانہ ڪيائون.

[1773]

مون ڏي اباڻن، **مٽيءَ جو** ڪونہ مُڪو.

مِٽيءَ جو= ڪونو.

مون ڏي اباڻن، ڪونو ڪو نہ مُڪو.

Gul Hayat Institute

مارئيءَ جو وطن ورڻ لاءِ واجهائڻ

[1774]

جن سان گڏ هئا **مال جا**، سي اڄ **ذات** نہ جيڏيون!

مال جا= پاڻا. ذات= اوڏ> اوڏا.

جن سان گڏ هئا پاڻا، سي اڄ نہ اوڏا ڏي جيڏيون!

[1775]

اديون! عمر ڄام کي، آءُ وڏو **ڳهه** ڪندياس،
جر جو ڏينڊم سومرو، تہ هتي نہ هونديـاس،
مرون ٿي **ملڪ** ۾، وڃي **ٻه وڻ** ڳولينديـاس،
ڏس جا **هٿيارن** ڪئي، سا **تڙ** جي مور نہ ڪنديـاس،
ولايت آءُ ويندياس، **ڳهه** سُڄي ٿي مارئي.

ڳهه= نڻ> منڻ. جر جي= موڪ> موڪل.

مرون= سرهه>سرهي. ملڪ=ساڻيهه. ٻه وڻ= ٻه ڪرڙيون> ٻکرڙيون. هٿيارن جا= پليتا.

تڙ= ڦٽو. ولايت= هرات> هئي +رات. ڳهه= پوپٽ> پوءِ + پٽَ.

اديون! عمر ڄام کي، آءُ وڏي منڻ ڪنديـاس،
موڪل ڏينـدم سومرو، تہ هتي نہ هونديـاس،
سرهي ٿي ساڻيهه ۾، وڃي ٻکرڙيون چاريندياس،
ڏس جا پليتن ڪئي، سو ڦٽو تان نہ ڪنديـاس،
هئي رات آءُ ويندياس! پوءِ پَٽَ سُڄي ٿي مارئي.

[1776]

ڏُڏ جي ڏسي مون کي **چمر جا** نہ ڏيو،
مان ٻہ ڪن جي **پوک جي** آهيان.

ڏڏ جي= ڏَرَ. چمر جا= ڏيلها. پوک جي= ڄائي.

ڏر جي ڏسي مون کي ڏيلها نہ ڏيو،
مان ٻہ ڪن جي ڄائي آهيان.

[1777]

اڇو ڏي جيڏيون! **مال جي** ڪريون، مال جي ڪري
راند جي ڪريون، **راند جي** ڪري **ست جا** ڪريون.

مال جي= ٻڌ ڇوڙ. راند جي= ويڑهه> ويڑها.
ست جا= ڏيرا.
اڇو ڏي جيڏيون! ٻڌ ڇوڙ ڪريون، مال ٻڌي، ويڑها وڌيون، ويڑها وڌي، ڏيرا ڪريون.

[1778]

چمر مرض ڏي جيڏيون، **ڪائين** شال وڃان،
انهيءَ **عورت ڪان ڪپڙي** جيئن وڃان.
چمر= ورت. مرض= وارو. ڪائي= ڪوهو> ڪُوهين.
عورت= حياتان> حياتيءَ ڪان. ڪپڙو= ٻڌڻ.
ورت واريو ڏي جيڏيون! ڪوهين شال وڃان،
انهيءَ حياتيءَ ڪان ٻڌي آءٌ مران.

[1779]

جيت اُنو ڏي جيڏيون! پوءِ **مال جون** اباڻن.
جيت= پوپٽ> پٽ. مال جون= ڪاهيون> ڪاهيو.
پَٽُ اُنو ڏي جيڏيون! پوءِ ڪاهيون اباڻن.

[1780]

اڃان تہ **مال جو** آهي، من **فاقيرو** بہ ٽئي!
مال جو= ڇوڙو> ڇوڙو. فاقيرو= ميلو.
اڃان تہ ڇوڙو آهي، من ميلو بہ ٽئي!

Gul Hayat Institute

[1781]

الله **پنهنجي** ڏيندو، شال وڃي **نرنانءَ** ڏسان.
پنهنجي= سوپ. نرنانءَ= ڪيت.
الله سوپ ڏيندو، شال وڃي ڪيت ڏسان.

[1782]

پنهنجن سان، **پير جا** ٽيندا ڪڏهن.
پنهنجا= مِٽَ. پير جا= ميلا.
مِٽن سان ميلا ٽيندا ڪڏهن.

[1783]

مارئيءَ کي پوک جي، نارنالي ئي نہ.

پوک جي= تات. نار نالو= وسري.

مارئيءَ کي تات وسري ئي نہ.

[1784]

جيکي ککڙ جي ڪيو، سو وکر نہ منهنجي وس.

ککڙ جو= قلم. وکر= ميٽ> ميٽڻ.

جيکي قلم ڪيو، سو ميٽڻ نہ منهنجي وس.

[1785]

ولايت ٿون مال جي آئي، سا ذات نہ ميان!

ولايت= الست. مال جي= تکبير> تقدير. ذات= ترندَ = ترندي.

الستي تقدير آئي، سا ترندي نہ ميان!

[1786]

اي نالا! نالو ٿيءُ تہ مان ملک وڃان.

نالو= رب. نالو= راضي. ملک= مليو.

اي رب! راضي ٿيءُ تہ مليو وڃان.

[1787]

نالي آندي نرنانءَ موکل ڏي تہ نالي کي وجي ملان.

نالو= راڏو> راڏي> ايرادي. نرنانءُ= پروردگار. نالو= ڪيت.

ايرادي آندي، پروردگار موکل ڏي تہ ڪيت کي وجي ملان.

[1788]

جيئڙ شهر ڏسان، جاءِ وڃ جي پنهنجي.

جيئڙ= اڏوهي> ڏيهي. شهر= سال> شال. جاءِ جي= پوڄي> پهڄي. وڃ جي= پاڙ> پاڙي.

ڏيهي شال ڏسان، پهڄي پاڙي پنهنجي.

[1789]

راند جي ذات ڪپڙي جي، روز تَڪيان تي اَن جي.

Gul Hayat Institute

راند جي= لڪَ> مالڪ. ذات= مارُو. ڪپڙي جي= مِل> مَيل. اَن جي= راه.

مالڪ! مارو ميل، روز تڪيان ٽي راهه.

[1790]

الله! **ڪپڙي جي آڻ، ته ڏئي سڏ ولايت جي.**

ڪپڙي جي= ڳوٽري> ڪو +ٽري. ولايت= ساٽيهه.

الله! ڪو ٽري آڻ، ته ڏئي سڏ ساٽيهه جي.

[1791]

وڻ ڳالهه ٻڌاءِ، نالي ۽ ذاتين جي.

وڻ= ڪامُنهَن> ڪا +مون. نالو= سڪيو.

ذات= سانگي.

ڪا مون ڳالهه ٻڌاءِ، سڪين سانگين جي.

[1792]

اي **نالا! وجي ذاتين کي فقيراٽو ڪجانءِ.**

نالو= پانڊي. ذات= سنگهار. فقيراٽو= حال.

اي پانڊي! وڃي سنگهارن کي حال ڪجانءِ.

[1793]

اي **پکي! تو جا ٻولي ڪئي، سا مون ولايت ٻُڌي.**

پکي= تاڙو. ٻولي= تنوار. ولايت= هرات> هُئي رات.

اي تاڙا! تو جا تنوار ڪئي، سا مون هُئي رات ٻُڌي.

[1794]

اي نالا، اي نرنانءُ، وجي مارن کي نالو ڪر.

نالو= بادل. نرنانءُ= سارنگ. نالو= ستابو.

اي بادل، اي سارنگ، وجي مارن کي سَتابو ڪر.

[1795]

اي **نالا! وجي عضوي تي نالو ڪر.**

نالو= بادل. عضوو= پُنا> پونا. نالو= وسڻ.

اي بادل! وجي پونن تي وسڻ ڪر.

Gul Hayat Institute

[1796]

نالي ۾ ميان سومرا! مارو **عورت** ڪن.

نالو= سانوڻ. عورت= خوشي.

سانوڻ ۾ ميان سومرا! ماروُ خوشي ڪن.

[1797]

هت **نالا نام** ڪن، هُت **حُقي** جي مارئي.

نالو= مينگهو> مينگهه. نام= ملهار. حقي جي= پچاڑي> پچاڑي.

هُت مينگهه ملهارون ڪن، هت پچاڑي مارئي.

[1798]

هُت ۾ **نالا** ڪن، هت **حقي جي** سومرا!

۾ نالا= هڪ نالو سارنگ، ٻيو نالوگاجي> گاجُون.

حقي جي= پچاڑي> پچاڑيان.

هُت سارنگ گاجوُن ڪن، هت پاڻ پچاڑيان سومرا!

[1799]

ڪڏهن ڪاڻيءَ تي، ڪڏهن لکن تي لال،

عمر! اباڻي ڏيهه ۾، مون ڏڻ جا ڏنا ڪال.

ڪاڻي جي= پَٽي> پٽن. لکن جي= پِٽَ> پِٽُن.

ڏڻ جا= ڪڪرا>ڪڪر.

ڪڏهن پَٽن تي، ڪڏهن پٽن تي لال،

عمر! اباڻي ڏيهه تي، مون ڪڪر ڏنا ڪالهه.

Gul Hayat Institute

[1800]

آئي نار نرنانءُ جي، مارن ماڳ متي،

وڻ منجهانرا ڪاڇ جون ڪيو وينا ڪينِ اُتي،

مال جن پنهنجا ڏيکيا مِروُن به آهن اُتي،

عمر ڇام! اُتي، آءٌ به نالو اُنِ جي.

نار= عيد. نرنان= رمضان. وڻ جا= سگر.

ڪاڇ جون= سيويون. مال جا= ڪڪر. پنهنجا= تارا. مِرون= وِڇُو> وڇون. نالو= ميڙائون.

آئي عيد رمضان جي، مارن ماڳ مٽي،
سگرن منجهانرا سيويون ڪيو، وينا ڪين اتي،
ڪرن وجي تارا ڏيکيا، وڃون بہ آهن اتي،
عمر ڄام! اتي، آءٌ بہ ميڙائنو اُن جي.

[1801]

شهر ڏسان ميان سومرا! جنهن ۾ **عضوا** ڏنا مون.
شهر= سيوهڙ> سي وَڙ. عضوا= ڏوئرا.
سي وڙ ڏسان ميان سومرا! جنهن ۾ ڏوئرا ڏنا مون.

[1802]

نالن ۾ نرنانون ڪان، آندئي ڪالهه ميان!
نالن ۾ نرنانون لاءِ، سڪي ٽو ساهه ميان!
نالن تي جي **نالا** پکا، سي ڪائيندیس شال ميان!
هيس گهٽي ڳهه **جي**، پر **ڪپڙي جي** ڪيئي سومرا!
نالو= ڪرڙ. نر نالو= ڪنبو. نالو= منو. نر نالو=
ميوو. نالو= مينهون. نالو= ميهو> ميها. ڳهه جي=
لعل. ڪپڙي جي= ڪاري.
ڪرڙن ۾ ڪنبن ڪان، آندئي ڪالهه ميان!
منن ميون لاءِ، سڪي ٽو ساهه ميان!
مينهن تي جي ميها پکا، سي ڪائيندیس شال ميان!
هُيس اڇي لعل ميان، پر ڪاري ڪيئي سومرا!

[1803]

جڏهن **ذاتين** تي **نرنان** ڪيا، تڏهن مارن کي **نرنان** لڳو.
ذات جا= گولاڙا. نرنان=گل. نرنان= نورنگ>
نئون رنگ.
جڏهن گولاڙن تي گل ڪيا، تڏهن مارن کي نئون رنگ لڳو.

[1804]

پکي ڪاڏم، **مال** چاريم، پنهنجن ذاتين ۾ ميان!
پکي=ڪُرڙ. مال= پَهُون. ذات= ڏُهر>ڏهرن.
ڪُرڙ ڪاڏم، پَهون چاريم، پنهنجن ڏُهرن ۾ ميان!

[1805]

هُو تا **كاچ كاچ كن، هٿيار جا ڏسي، پوءِ مال جي وجن.**

كاچ كاچ= لڏُون لڏون> لڏيون لڏيون.

هٿيار جا= ڪڪر. مال جو= سانگ.

هوتا 'لڏيون لڏيون' ڪُن. ڪڪر ڏسي، پوءِ سانگ وجن.

[1806]

مِرون تن ذاتين تي، فقير جئن سونهن،

نالو تن ذاتين تي، نالي پولي نه ڪن.

مرون= وڃُو> وڃون. ذات= ولهار. فقير جي= صَدا> سدا. نالو= مينگهو> مينگهه. ذات= مارو.

نالو= بادل. پولي= بس.

وڃون تن ولهارن تي، سدا ٽيون سونهن،

مينگهه تن مارن تي، بادل بس نه ڪن.

[1807]

شهر مٽان پوک جا، مِرون وڏا وس ڪيا.

شهر= مِلير. پوک جا= گَج> گاج. مِرون= وڃو> وڃون.

ملير مٽان گاجن ۽ وڃُن وڏا وس ڪيا.

[1808]

هڪ نالو، ٻيو نالو ئي نائوَن تي.

نالو= وَسيو. نالو= وَسند> وَسندو. نالو= موريو.

نالو= مينهون> مينهن.

هڪ وَسيو، ٻيو وَسندو، مورئو ئي مينهن تي.

[1809]

اُپ ڏيهه سندون، گاهه پکي ڙي ميان.

اُپ= پِنو. گاهه= سِڻ> سيڻ. پکي= سانباهو.

پِنو ڏيهه سندون، سيڻن سانباهو ڙي ميان!

[1810]

لوهه سان پنهنجو ڪيام، پر عمر ذات ئي نه.

Gul Hayat Institute

لوھ جي= سندائڻ> سندائڻ. پنھنجو= وس.
ذات جا= ٻُڌ.
سندائڻ سان وس ڪيائين، پر عمر ٻُڌيئي نہ.

[1811]

توکي بہ **باغ**، مون کي بہ **باغ**، منھنجي مارن کي بہ **باغ**.
باغ= ارم> اَرم> اَرمان.
توکي بہ ارمان، مون کي بہ ارمان، منھنجي مارن کي بہ ارمان.

[1812]

ادا عمر **کاٹ** ڪر، پر **حاکيماٹو** نہ.
کاٹ= محافو> معاف. حاکيماٹو= عکس (ويڑ).
ادا عمر! معاف ڪر، پر عکس نہ.

[1813]

کاٹ جن کي ميڙ عمر! تو جيت ڪيو.
کاٹ جا= اوگڻ> اوگن. جيت= ڏُکٹھار.
اوگڻ کي ميڙ عمر! تو ڏُکٹھارو ڪيو.

[1814]

هُيس آءٌ **کاٹ** جي، پر **مال** جو تو وڏو.
کاٹ جي= ڪٺ> ڪَني. مال جو= چوڙو> وچوڙو.
هيس آءٌ ڪني، پر وچوڙو تو وڏو.

[1815]

ذاتيون رچن ۾، **نرنائءَ گاھ** ڪن.
ذات= سينار> سيناريون. رچ= ٺڪر. نرنائءَ= چيڙ. گاھ= چُوپا.
سيناريون ٺڪرن ۾، چيڙ چوپا ڪن.

[1816]

هن جو **اوزار رچن** سان، **نر نالي جيتن** ڪين.
اوزار= سونھڙ. رچ= وٽو> وٽن. نر نالو= عطر.

Gul Hayat Institute

جيت= مڪ> مڪين.
هن جو سونهڻ وٽن سان، عطر مڪين ئي ڪين.

[1817]

نالن تي نانءَ جن جا، عمر! سي ذاتيون.
نالو= زيب. نانءُ= ذوق. ذات= واڍا> وانڍيون.
زيبن تي ذوق جن جا، عمر! سي وانڍيون.

[1818]

جڏهن **مال جا** ٿا پون، تڏهن پکي **پوک جا** وجن.
مال جا= پُورَ. پوک جا= ڳوڙها.
جڏهن پور ٿا پون، تڏهن ڳوڙها ٿا وهي وجن.

[1819]

جو **ڪاريگر** مارن جو، سو **ذاتين** تي ڪيئن متيان؟
ڪاريگر جي= سيرائي> سير + سيل. ذات= چوڻن> چشن.
جو سيل مارن جو، سو چشن تي ڪيئن متيان؟

[1820]

ادا عمر! **نالو** وڻڻ نہ آءُ، ڪر **مال جو** مارن تي،
شهر ڪري هٽ لاءِ.
نالو= منگهه. مال جو= ڪٽڪ. شهر= گُڏ> گڏ.
ادا عمر! منگهه وڻڻ نہ آءُ، ڪر ڪٽڪ مارن تي،
گڏ ڪري هٽ لاءِ.

Gul Hayat Institute

[1821]

جي مان **نالو** هجان ها، تہ **ذات ڪڙمڪي** ڪريان ها.
نالو= جيسي> جيس. ذات= سينا. ڪڙمڪي= تنگي.
جي مان جيس هجان ها، تہ سينا تنگي ڪريان ها.

[1822]

تڙ جي نہ ڪر ميان سومرا، **تڙ جي** چگي نان،
تڙ جي ڪر انهن سان، جي **جر جون** هجن.
تَڙ جي= ڏند پيهہ. جر جون= واهيون> بيواهيون.
ڏند پيهہ نہ ڪر ميان سومرا، ڏند پيهہ چگي نان،
ڏند پيهہ ڪر انهن سان، جي بيواهيون هجن.

[1824]

نالو جي ميان سومرا، **نالو** مون کي نه.

نالو= سکندر> سڪ + اندر. نالو= ساڻي> سا +ڻي.

سڪ اندر جي سومرا، سا ڻي مون کي نه.

[1824]

گهوڙي جن جهلياس، نه ته **وکر** هوند وياس!

گهوڙي جو= بند. وکر= ساڻر> ڻر.

بندن جهلياس، نه ته ڻر هوند وياس!

[1825]

کائن ته چڙهي، **وکر** ڏيان مارن کي.

کاڻ جن= رحلن> رلين. وکر= کتيلو> کتي لوئي.

رلين ته ويهي، کتي، لوئي ڏيان مارن کي.

[1826]

نارنائ آهن، وڃي **جيٽ** ڏسندیس.

نارنائ= اُميدان> اُميدون. جيت= پوٽ>

پوءِ + پٽ.

اُميدون آهن، وڃي پوءِ پٽ ڏسندیس.

[1827]

پوک ۽ پاڻيءَ جا، هئا مارئيءَ کي من ۾.

پوک جا= چونرا> چورا. پاڻي جا= کونرا> کورا.

چورا ۽ کورا، هئا مارئيءَ کي من ۾.

مارئيءَ جي عمر کان موکل گهرڻ

[1828]

نرنائ نرنائ نرنائ، اسان منجهه ناهي،

موکل ڏي ميان عمر، ته پنهنجن ۾ وجي **مِرون** ٽيان.

نرنائ= کلو> کلڻ. نرنائ= کوڏڻ> کڏڻ.

نرنائ= حسن> هسڻ. مِرون= تازي (کتو).

کلڻ کُڏڻ، هسڻ، اسان منجهه ناهي،

موکل ڏي ميان عمر، ته پنهنجن ۾ وجي تازي ٽيان.

Gul Hayat Institute

[1829]

نالو ڪر ميان سومرا، جو **نالو** آهي **زحمت** ۾.

نالو= احسان. نالو= بيگن> بي +گناهه. زحمت= قئي> قيد.

احسان ڪر ميان سومرا، جو بيگناهه آهيان قيد ۾.

[1830]

نالي موڪل ڏي، نه ته **وڪر** ڪائيندیس سومرا!

نالو= پٽوري> پئي + ٽوري. وڪر= گوري.

پئي ٽوري موڪل ڏي، نه ته گوري ڪائيندیس سومرا!

[1831]

عضوءِ پنهنجي ڏي ميان سومرا، **مال جي** پوان نه اُن سين.

عضوو= مُنهن> مو. پنهنجي= ڪَل. مال جي= ماڪڙي> مان +ڪَڙي.

موڪل ڏي ميان سومرا، مان ڪڙي پوان نه اُن سين.

[1832]

لوهه جا پونئي ميان سومرا! **ڪاچ جن** موڪل ڏي.

لوهه جي= ڪوڏر> ڪو +ڏر. ڪاچ= پَتُ.

ڪوڏر پوئي ميان سومرا! (ڪنهن) پَتِ موڪل ڏي.

[1833]

نارنانءَ سان حاڪم جو نه ڪر، ڇڏ ته وڃي مال شهر جا ڪري.

نارنانءَ= نماڻي. حاڪم جو= ناحق. مال جا= چيلا. شهر جا= چارا> چاري.

نماڻيءَ سان ناحق نه ڪر، ڇڏ ته وڃي چيلا چاري.

[1834]

نالوڏي ته ولايت وڃان، نه ته **وڪر** مُنج ميرِ.

نالو= جعفر> جان +قَرَ. ولايت= چارڻ. وڪر= ساٿر> سا +ٿر.

جان قَر ڏي ته چارڻ وڃان، نه ته سا ٿَرُ مُنج ميرِ.

Gul Hayat Institute

[1835]

نالو ٿي موڪل ڏي، تہ **ڪپڙي جي** ڪنديون.

نالو= راضي. ڪپڙي جي= سوڙ> سوَ +وڙ.

راضيَ ٿي موڪل ڏي، تہ سوَ وڙ ڪنديون.

[1836]

نرنالي ملير ۾، تہ **وڪر راڳ** ڪري مارئي.

نر نالو= واريو> واري. نالو= موٽيو> موٽائي.

وڪر= ڳوڙ> ڳُٽ. راڳ= ڳائڻ.

واري موٽاءِ ملير ۾، تہ ڳُٽ ڳائي مارئي.

[1837]

نالو ٿي موڪل ڏي، تہ **عضو** آءٌ وجان.

نالو= راضي. عضو= تن> وطن.

راضيَ ٿي موڪل ڏي، تہ وطن آءٌ وجان.

[1838]

جَرَ جي موڪل ڏي، تہ **نالو** ڏسي **نرنانءُ** ٿيان.

جَرَ جي= ڪَرَ. نالو= وطن. نرنانءُ= راضي.

هيڪر موڪل ڏي، تہ وطن ڏسي راضي ٿيان.

[1839]

شهرئون پوئي ميان سومرا! **ڪا** شهرئون موڪل ڏي،

شهرئون چوانءِ ٿي، وجان ادا! **شهرن** ڏي.

شهر = دلي.

دليئون پوئي ميان سومرا! ڪا دليئون موڪل ڏي،

دليئون چوانءِ ٿي، وجان ادا! دلين ڏيَ.

[1840]

آءٌ هڏ **گهوڙي جي**، مون کي ڪنهن **نالي** موڪل ڏي.

گهوڙي جي= اَڙي. نالو= پٽورو> بہ + ٽورو.

آءٌ هڏ اَڙي(ڦاٽي)، مون کي ڪنهن بہ ٽوري موڪل ڏي.

[1841]

ڪپڙ جي آندوءِ، عمر سومرا! **ڳهہ** ٿي موڪل ڏي.

ڪپڙ جي= ٻانڌڻي. ڳهہ= مُرڪي.

ٻانهن ڏوڻي آندوءِ، عمر سومرا! مُرڪي موڪل ڏي.

Gul Hayat Institute

[1842]

ستُ جون ساريم سومرا! مون کي **ڳهه جي** موڪل ڏي.

ستُ جون= ڏهيون> ڏيهه. ڳهه= مُرکي.

ڏيهه ساريم سومرا! مون کي مُرکي موڪل ڏي.

[1843]

نالي آندي مارئي، **نالا** موڪل ڏي تہ **نالي** وڃي مارئي.

نالو= پرور> پرائي +وَرُ. نالو= سرور. نالو= انور> انهي + ور.

پرائي وَر آندي مارئي، سرور موڪل ڏي، تہ انهيءَ وَر وڃي مارئي.

[1844]

ميان عمر! آءٌ **لوهه جي** آهيان، مون کي **پوک ڪاريگر جي** ڏي، تہ آءٌ **هندو پوک** جا ڏسان.

لوهه جي= ڪُنديِ> اُڪنڊي. پوک جي= موڪَ.

ڪاريگر جي= ڪل. هندو= مهتا> ماتا.

پوک جا= پتا.

ميان عمر! آءٌ اُڪنديِ آهيان، مون کي موڪل ڏي، تہ آءٌ ماتا پتا ڏسان.

[1845]

لوهه پوئين ٽي سومرا، **رچ** جيئن موڪل ڏي.

لوهه جي= سامَ. رچ= اڪليِ(اڪري)> او + ڪلي.

سامَ پوئين ٽي سومرا، او ڪِلي موڪل ڏي.

[1846]

وڻ جن تي **ڪپڙي جو** رکيو، **ولايت** پوان ٽي سومرا! موڪل ڏي تہ **پنهنجن** وڃان.

وڻ جا= پيرونُ> پيرن. ڪپڙي جو= هٽ.

ولايت= شام> سام. پنهنجا= مائٽ.

پيرن تي هٽ رکيو، سام پوان ٽي ميان سومرا! موڪل ڏي تہ مائٽين وڃان.

Gul Hayat Institute

[1847]

چڈ تڙ ميان سومرا! ڏي گھه ماروئڙن.

تڙ= ڏنگو> ڏنگ. گھه= مانگھ> مان +گھر.

چڈ ڏنگ ميان سومرا! ڏي مان گھر ماروئڙن.

[1848]

نرنانءَ! ڪر نار، ته ذاتيون ذات ڪي.

نرنانءَ= عمر. نار= آجي. ذات= مُلان> مِلان.

ذات= ماروئڙا.

عمر! ڪر آجي، ته ملان ماروئڙن ڪي.

[1849]

نرنالي آندئي مارئي، وجي ذاتين ڪي پھچاءِ.

نرنالو= جيوڙ> جنھن + وڙ. ذات= تيوڙا>

تيوڙ> تنھن + وڙ.

جنھن وڙ آندئي مارئي، وجي تنھن وڙ پھچاءِ.

[1850]

عضوي ليکي جا ڏي ميان سومرا! ڪر پوک جي شھر تي.

عضوو= رخ. ليکي جا= ست. پوک جي= پلائي.

شھر جي= پيٽي> پيڙ.

رخصت ڏي ميان سومرا! ڪر پلائي پيڙ تي.

[1851]

پڪي پڪيءَ جون ڳالھڙيون، آڇيم نرنان ڪي،

ريڇ اباڻي پار جا، ھتي نه ھوندا سي،

ميان موڪل ڏي، ته وڙ وجي گاھ ٽيان.

پڪي=زُرو> ذرو. پڪي= پرو. نرنان= عمر.

ريڇ= دِلي> دليون. وڙ=گولاڙو. گاھ جو=گُل.

ذري پري جون ڳالھڙيون، آڇيم عمر ڪي،

دليون اباڻي پار جون، ھتي ته ھونديون سي،

ميان موڪل ڏي، ته گولاڙي چڙھي گل چونديان.

Gul Hayat Institute

[1852]

سُٽ جا ساريم سومرا! مون کي ڳهه جي موکل ڏي.

سٽ جا= پاندا> پنهنجا. ڳهه= مُرکي.

پنهنجا ساريم سومرا! مون کي مُرکي موکل ڏي.

[1853]

مٽيءَ جا ساريم سومرا! مون کي ذاتئين نيئي پهچاءِ،

مان مال جي اوڏانهن وڃان، نارنان منهنجي ماءِ.

مٽيءَ جا= دلا. ذات جا= کيڙا> خيرا. مال جي= سائي> سائين. نارنانءِ= جَتو> جتي> جت.

دلئون ساريم سومرا! مون کي خيرئون نيئي پهچاءِ،

مان سائين! اوڏانهن وڃان، جتي منهنجي ماءِ.

[1854]

نالو ساريم سومرا! نالو ناهي هتي،

ميان! موکل ڏي، ته نالو وڃي هُٽ کريان.

نالو= پيرو> پيرُون. نالو=کپڙ. نالو= عيدو> عيدون.

پيرون ساريم سومرا! کپڙ ناهي هتي،

ميان! موکل ڏي، ته عيدون وڃي هُٽ کريان.

[1855]

پکي آندءِ، سا کيئن پکين ۾ ويهي؟

نالو ڪڙي سومرا! هو وڃي فقير جو رسي.

پکي= چڙي. پکي= هنجهه. نالو= راضي.

فقير جو= سانگ.

چڙي آندءِ، سا کيئن هنجهن ۾ ويهي؟

راضي ٿيءُ سومرا! هو وڃي سانگ رسي.

[1856]

مقامن جا آڇ مَ سومرا! مال جا آءُ نه کنديا،

نرنانءُ سجهي شهر ۾، اوڏانهن آءُ ويندياس.

مقامن جا= ڊپ. مال جا= سانگا. نرنانءِ= مارو.

شهر= ملير.

ڊپ آڇ مَ سومرا! سانگا آءُ نه کنديا،

مارو سجهي ملير ۾، اوڏانهن آءُ ويندياس.

Gul Hayat Institute

[1857]

نالئون آندئي سومرا، تيئن وطن پهچاءِ.

نالو= جيوڙ> جيئن + وٽئون. وطن= وندر.

جيئن وٽئون آندئي سومرا، تيئن وندر پهچاءِ.

[1858]

ادا عمر! **پنهنجو نہ وجهہ ذات ۾، ڏي نارنالي** مون کي.

پنهنجو= جيءُ. ذات= جوکيا> جوکي. نار نالي= اميرزادي> آزادي.

ادا عمر! جيءُ نہ وجهہ جوکي ۾، ڏي آزادي مون کي.

[1859]

پولي، پنهنجو ڪر، آءٌ سُٽ عورت جي آهيان.

پولي= ڇڏ. پنهنجو= شرم. سُٽ جي= سڳي. عورت= پيڙ.

ڇڏ، شرم ڪر، آءٌ سڳي پيڙ آهيان.

[1860]

ڪ پوک جي سومرا، **ڪپڑي جي** اباڻن.

ڪ= مُڄَ> مَڄ. پوک جي= ميڙَ.

ڪپڑي جي= جامڪي> جا + مُڪي.

مَڄ ميڙ سومرا! جا مُڪي اباڻن.

[1861]

رڇن ڪان رکي وڻي، **وارن** سان ماري،

پوءِ ڏاتر ڏيکاري، **مال** اباڻي پار جا.

رڇ= ڏوها> ڏوهن. وار= ڪلمون. مال= ڪنوات> ڪا وات.

ڏوهن ڪان رکي وڻي، ڪلمن سان ماري،

پوءِ ڏاتر ڏيکاري، ڪا وات اباڻي پار جي.

مارئيءَ جو ملير ڏانهن موٽڻ

[1862]

ڪاڻي ٿيءُ نہ مارئي، ٿي ڪاچ جي عمر سان.

كاني= مُنهن رکي. کاڇ جي= مَهي.

مُنهن رکي نہ مارئي، ٽي سامهون عمر سان.

[1863]

پنهنجا ۽ پنهنجيون، پنهنجا اٽئي مارئي!

پنهنجا= جهجهڙ. پنهنجون= جهوريون.

پنهنجا= مَرک.

جهجهڙ ۽ جهوريون، مَرک اٽئي مارئي!

مارئيءَ کي دلداري ۽ اُميد

[1864]

نالي رو نہ مارئي! توکي نرنان کري نيندا.

نالي= کپيو> کپ. نرنانءُ= نواز.

کپ رو نہ مارئي! توکي نوازي نيندا.

[1865]

مٺکو کري نہ مارئي، سا عورت کيئن؟

مٺکو= ياقوت> قوت. عورت= جيئندي.

جا قوت کري نہ مارئي، سا جيئندي کيئن؟

[1866]

کاڇ نہ کاڏو مارئي، سا کاڇ کندي ويئي.

کاڇ= ماني. کاڇ= لولا> الوالا.

ماني کاڏي نہ مارئي، سا اَلو اَلا کندي ويئي.

[1867]

پوک جي کٽي، کاريگر جي هٽي، نرنان مون کي راند جو ڏنو.

پوک جي= چانهين. کاريگر جي= چَتي.

نرنانءُ= کيت. راند جو= پتو.

چانهين کٽي، چَتي هٽي، کيت مون کي پَتُو ڏنو.

[1868]

عورت جو هو مارن کي کو مال جو.

عورت جو= لکيو. مال جو= ٻُکو.

لِکيو هو مارن کي (هيءَ) کو ٻُکو.

Gul Hayat Institute

[1869]

ذات هيس سومرا! نالي نه آڻين ها.

ذات= ماڇي> مان + اَڇي. نالو= جيتو> جي + تون.

مان اَڇي هيس سومرا! جي تون نه آڻين ها.

[1870]

پکيءَ جو نه کڻين ها، ته ڇو عيبدار ٿيان ها!

پکيءَ جو= کنب> کنبي. عيب جي= کاڙياري.

کنبي نه کڻين ها، ته ڇو کاڙياري ٿيان ها!

[1871]

کپڑو ته کيئي، جُتيءَ جي ته کر.

کپڑو= کارو. جتيءَ جي= رَءُ (متي) رُوءِ.

کارو ته کيئي، هلي روُءِ ته کر.

[1872]

اڳي منجهه مليرِ کائي هئي کانه،

هاڻي منجهه مليرِ، گهمان ته گاهه ٿئي.

کائي= جهل. گاهه= سيءُ.

اڳي منجهه مليرِ جَهَل هئي کانه،

هاڻي منجهه مليرِ، گهمان ته سيءُ (ڊپ) ٿئي.

[1873]

آءُ نالا، وڻ نالا، ته مان وکر ٿي پوان.

نالو=کيت. نالو= اسحاق> ساک. وکر= سرهي جيري> سرهي.

آءُ کيت، وڻ ساک، ته مان سَرهي ٿي پوان.

[1874]

عمر شهر کانه، وئي شهر سان مارئي.

شهر= جوهي. شهر= عَمان> اَمانَ.

عمر جو هي کانه، وئي اَمانَ سان مارئي.

Gul Hayat Institute

باب يارهون

سُرائتيون ڳجهارتون: مومل راڻو

سامیءَ جو مومل کان ڏند ونڻ

[1875]

عضوو سامیءَ من ۾، بينو کائي پسي.

عضوو= کوپري> کوپرو. کائيءَ جي= ڏوئي> اوڏوئي.

کو پَرو سامیءَ من ۾، بينو اوڏوئي پسي.

[1876]

چم جو فقير من ۾، اچيو کاٽ پِني.

چم جو=کوس> کو + شَڪ. فقير= سامي.

کاٽ= در> اندر.

کو شڪ سامیءَ من ۾، اچيو اندر پِني.

[1877]

نالو کڻي ويو **عضوي جو**، توکي **نالو** ٻيو به گهٽو.

ٻلا ڙي **نر نالا** تو **پنهنجو** وجايو **نالي** تي.

نالو= فقيرو> فقير. عضوو= ڏند. نالو= ڏنو> ڏن.

نر نالو= راجا نند. پنهنجو= ڏرم. نالو= ڏنو> ڏن.

فقير کڻي ويو ڏند، توکي ڏن ٻيو به گهٽو،

ٻلا ڙي راجا نند! تو ڏرم وجايو ڏن تي.

مومل جو کاڪ محل اڏائڻ

[1878]

شومر جي ڏنگي، جيت آزار تي آڏيا.

شومر جي= نند> نند(راجا). ڏنگي= لَڙکي.

جيت= محلو> محلا. آزار = ککَ> کاڪ.

راجا نند جي لڙکي، محلا کاڪ تي آڏيا.

[1879]

ڏينهن جي گلن جا، مال جا کائن مٽي.

ڏينهن جو= صبوح. گل= سناسي. مال جا= دونهان.

کاٽ= در> درن.

صبوح سناسين جا، دونهان دَرن مٽي.

[1880]

پنڊ ذات جا پڌرا، جتي **پوک پکيءَ** جا پُون،
هن بہ **نالا** کوڙيا، بينا **نالا** رون،
جي **عورت عضوي** پُون، تن جو **نرنان** ئي نہ ٿئي.

پنڊ= گام. ذات= گُجر. پوک= لڙي> لڙيو.
پکي= باشو> باشا. نالو=کيمو> کيما. نالو=راوت.
عورت= مومل. عضوو= مُنهن. نرنان= موٽڻ.

گام گجر جا پڌرا، جتي لڙيو باشا پُون،
هن بہ کيما کوڙيا، بينا راوت رون،
جي مومل جي منهن پُون، تن جو موٽڻ ئي نہ ٿئي.

[1881]

نارنانءَ جي **پولي** ٻڌي، **ذات نالا**،
متيءَ جو ڏيئي، **ذات گاهہ** تي ويا.

نارنانءَ= مومل. پولي= هاڪ. ذات= سورهيہ.
نالو= سلطان. متيءَ جي= سر. ذات= مري.
گاهہ= مُڇ.

مومل هاڪ ٻڌي، ڪئين سورهيہ سلطان،
سر ڏيئي، مري مُڇ ٿي ويا.

[1882]

نرنانءَ پولي، نرنانءَ ذات ٿيا ڪين،
نارنانءَ تي **نالي ذات** ٿي ويا.

نرنانءَ= عاشق. پولي= آيا. نرنانءَ= داناءِ. ذات= دهليا. نارنانءَ= مومل. نالو= مست. ذات= مري.

عاشق آيا، داناءِ دهليائي ڪين،
مومل تي مست ٿي مري ويا.

[1883]

هن ڪئين **مال جا وڻ** ڪري، **جر وڪر** جا ڪيا.

مال جا= نر. وڻ جي= نمائي. جَرَ جو= نِڪُونج.
وڪر جي= ناس.

هن ڪئين نَرَ نمائي، نڪونج ۾ ناس ڪيا.

Gul Hayat Institute

[1884]

راندیون ۾ راندیون، جر جون هیون شهر تي.

راند(جا) = منڊل. راند(جا) = مشاهدا. جر جي= کوڏي> ک +ڏينهن. شهر= ڪاڪ.

منڊل ۾ مشاهدا، ڪي ڏينهن هڪا ڪاڪ تي.

[1885]

نارنانءَ پنهنجي شهر جيءَ تي ذات جر جو ڪٽايو، جنهن تي هرڪو پولي عضوو ٽي ويو.

نارنان= مومل. شهر جي= ماڻي. ذات= خوني. جر جو= کوهه. پولي= هئي. عضوو= ران.

مومل پنهنجي ماڻيءَ تي خوني کوهه ڪٽايو، جنهن تي هرڪو حيران ٿي ويو.

راڻي ۽ سندس يارن جو سامي‌ءَ سان ملڻ

[1886]

شهر ٿون نرنانءُ نڪتو، ڏڻ جون ڏنائين، باب اڪر تي چوڙي چڏيائين، اَن پَٽَ راند جا، وجي چِٽا پچيائين.

شهر= ڏُر. نرنان= مينڊرو. ڏڻ جون= روجهون. باب اڪر= بر، بي، بان> بَرَ بيابان. اَن جا= ڪَرا. پَٽَ جا= پارَ. راند جا= مل> مومل.

ڏُرئون مينڊرو نڪتو، وجي روجهون ڏنائين، بَرَ بيابان ۾ چوڙي چڏيائين، ڪرا پار مومل جا، وجي چِٽا پچيائين.

[1887]

ولايت ٿون آيو نرنانءُ، جنهن اچي مُئي ڪپڑ جا ڏنا.

ولايت= ڪاف. نرنانءُ= ڪاپڙي. مُئي(جا) = پار. ڪپڑ جا= چِٽا.

ڪافئون آيو ڪاپڙي، جنهن اچي پار چٽا ڏنا.

Gul Hayat Institute

[1888]

آءُ نالا! شهر ئون اچي ڏي ذات سندن.

نالو= سامي. شهر= ڪاڪ. ذات جا= ڏيپار> ڏي +پار.

آءُ سامي! ڪاڪئون اچي ڏي پار سندن.

[1889]

ذات تو، ذات مون.

ذات جا= جيپر> جي پار. ذات جا= ڏيپار> ڏي + پار.

ڪي سنہ ڪاٽيم جن ڪاڻ، مولي ميلي سي.

[2422]

پوک ڪاڻ تي، جي **ڪامڻ** آهہ تہ **نرنانءَ** بہ ٿيندو،
نہ تہ **شهر ڏي**.

پوک جي= رکَ. ڪاڻ= لاهہ> الله. ڪامڻ=
حياتان> حياتي. نرنانءَ= مولو> ميلو. شهر=
پاڳناڙي> پاڳ.

رک الله تي، جي حياتي آهہ تہ ميلو بہ ٿيندو، نہ تہ
پاڳ ڏي.

[2423]

ذات لڳي جن، **پڪيءَ جو** تن ڦٽو ڪيو.

ذات= جوڪيا> جوڪو. پڪيءَ جو= ڦيرو.

جوڪو لڳو جن، ڦيرو تن ڦٽو ڪيو.

[2424]

نرنانءَ ماڻهو ڏيهہ ۾، آءٌ **نرنانءَ** کونہ ڏسان،
نرنانءَ آهير کونکو، جنهن کي **سُٽ** هٿ جا ڏيان،
هاڻي ڪيئن ڪريان، جو مون جي **پَٽَ** پري ٿيا.

Gul Hayat Institute

نرنانءُ = دشمن. نرنان= سڃڻ. نرنان= محرم.
سُٽ جا= ڏورا. هٿ جا= پاءِ. پَٽَ جَي=وَسَ.
دشمن ماڻهو ڏيهه ۾، آءُ سڃڻ کونه ڏسان،
محرم آهيم کونکو، جنهن کي ڏوراپا ڏيان،
هاڻي ڪيئن ڪريان، جو مون بيوس کان پري ٿيا.

[2425]

شهر سڃوئي **لوهه، نرنانءُ** نهي ئي کونه.
لوهه= مارو. نرنان= سڃڻ.
شهر سڃوئي ماروءِ، سڃڻ نهي ئي کونه.

[2426]

ڪنڌ وڻ ۾ منهنجا پرين، وجي **وڻ جا** ڪياسون،
شهر جن ۾ وجي، **رپي جا** ڪياسون،
جڏهن **مال جا** ماڻهو پيدا ٿيا، تڏهن ڪٽي **ڏڏ جا** ڇڏياسون.
ڪنڌ وڻ جا= پور. وڻ جا= گوش> گوشا. شهر
جا= ماڙيون ۽ محل. رپي جي= پرک. مال جا=
ڪُرَ> ڪَرَ. ڏڏ جا= گهمرا.
پورن ۾ منهنجا پرين، وجي گوشا ڪياسون،
ماڙين ۽ محلن ۾، پرين پرڪياسون،
جڏهن ڪَرَ ماڻهو پيدا ٿيا، تڏهن ڪٽي گهمرا ڇڏياسون.

[2427]

هي جي **مرون** پيدا ٿيا، تہ **اَن جا** ڇڏيا مون.
مرون = ڪتو> ڪُتڑا. اَن جا= گهمرا.
هي جي ڪتڑا پيدا ٿيا، تہ گهمرا ڇڏيا مون.

[2428]

جنهن کي **ڳهه جي** لڳل، سا **ذاتيون** جو نہ ڪري.
ڳهه جي= لئون. ذات= گهمراٽي> گهمرا.
جنهن کي لئون لڳل، سا گهمرا ڇو نہ ڪري.

[2429]

اسان وٽ **لوهه جي** گهٽي، توهان وٽ **ڪٽولي جي** ڪانہ.

لوهه جي= ڪير> اُڪير. ڪنولي جي= تانگهه.
اسان وٽ اُڪير گهٽي، توهان وٽ تانگهه (ئي) ڪانه.

[2430]

لوهه نالي جي هنيئي، لوهه جي مون کي ناهه.

لوهه جي= ميخ. نالو= محبت. لوهه جي= چَينَ> چَينُ.
ميخ محبت جي هنيئي، چَينُ مون کي ناهه.

[2431]

نالي کي نالو ڳري، سو پٽ نالو ڏي.

نالو= دانهه. نالو= ديوانو. نالو= عشق.
دانهه کي ديوانو ڪري، سو پٽ عشق ڏي.

[2432]

گاهه ڏني نرنائ ملي، تہ مان نالو ٿيان.

گاهه= سَرُ> سِرُ. نرنائ= ساجن. نالو= قربان.
سِر ڏني ساجن ملي، تہ مان قربان ٿيان.

[2433]

مٽي ڏني نرنائ ملي، تہ ليکي عضوي ڏئي.

مٽيءَ جي= سِرَ> سِرُ. نرنائ= ساجن. ليکو= ڏون> ڏونهين. عضوو= هٽ> هٽين.
سِر ڏني ساجن ملي تہ ڏونهين هٽين ڏي.

[2434]

اي ميان ذات! هن مٽيءَ جي ڪا ڪاني ڇڏين ها،
تہ جرجي ۾ پيو ڏسان ها.

ذات= اوڏ. مٽيءَ جي= ماڙي. ڪاني= دري.
جرجي= گهڙي. ذات= معشوق.
اي ميان اوڏ! هن ماڙيءَ کي ڪا دري ڇڏين ها،
تہ آءٌ گهڙي گهڙي پيو ڏسان ها.

[2435]

ذات سان نالو سڳو، تيلاڻهه سڏ مرض جو ٿيو.

Gul Hayat Institute

ذات= رازا> رضا. نالو= رمضو> رمزون. سڏ= جيءُ. مرض جو= جڏو.

رضا سان رمزون لڳيون، تيلائھ جيءُ جڏو ٿيو.

[2436]

چڏ حاڪيماڻيون، ڪر ڪاڇ جون، ذات ٿينداسون.

حاڪيماڻيون= ڏاڏايون. ڪاڇ= مٽايون. ذات= مَري.

چڏ ڏاڏايون، ڪر مٽايون، مري ويندا سون.

[2437]

نالي وارا هئاسون، رڇ نہ ٿياسون،
ڪاٺ جن ۾ پئي، ذات ويندا سون.

نالو= اُميدو> اُميدن. رڇ= گڏُون> گڏ.

ڪاٺ جو= ڦوڙائو. ذات= مَري.

اُميدن وارا هئاسون، گڏ نہ ٿياسون،
ڦوڙائي ۾ پئي مري ويندا سون.

[2438]

نالي ماريس، نالو آهي، نالو ڪي ٿو نالو نہ.

نالو= محبت. نالو= صحبت. نالو= سڪندر> سڪ + اندر. نالو= ساڻي> سا + ٿي.

محبت ماريس، صحبت آهي، سڪ اندر جي، سا ٿي نہ.

[2439]

نالو وينہ نهاريان، نالي ماري آهيان.

نالي= واڻو> واڻُون. نالو= محبت.

واڻون وينہ نهاريان، محبت ماري آهيان.

[2440]

زمين جيئڏ ۾، شهر ڦون آيو ٿي سپرين!

زمين جي= ڳجهہ. جيئڏ= ڳوهہ. شهر= مڏئي> مان + ڏي.

ڳجهہ ڳوهہ ۾ مان ڏي آيو ٿي سُپرين!

[2441]

اڳي تہ منهنجو نالو هئين، هاڻي گاهہ ڦون وئين.

Gul Hayat Institute

نالو= جاني. گاھ جو= پُڇَڙُ> پُڇڙ.
اڳي ٿـ منهنجـو جـاني هئيـن، هـاڻي پُـڇڙئون وئيـن.

[2442]

رڇ نـ وجهـ منهنجـا پريـن، **پـوک جـي** ٿـي ٿيـان،
ڪونهي شهر نالي، جنهن **عضـوي هـٿ جـا** ڏيـان.

رڇ = گهڙي. پوک جي= چَري. شهر= هالا> حال.
نالو= محرم. عضوو= هٿ. هٿ جا= پاڻ> نياپا.

گهڙيـون نـ وجهـ منهنجـا پريـن، چـري ٿـي ٿيـان،
ڪونهـي حـال محـرم ڪـو، جنهـن هـٿ نياپـا ڏيـان.

[2443]

نالي منجهـ هياس، ٿـ بـ **عضـوي** ۾ **پنهنجـي** هئـي.

نالو= سقراط> سڪرات. عضوو= تن. پنهنجي= تات.

سڪرات منجهـ هياس، ٿـ بـ تنهنجي تن ۾ تات هئي.

[2444]

ڏينهن جي توکان **جرجي، ملڪ** نـ ٿي **نند جا** پرين!

ڏينهن جي= گهڙي. جر جي= ڏار. ملڪ= سِرو= سَري. نند جا= سهٽا.

گهـڙي توکـان ڏار، سَـري نـ ٿـي سـهٽا پريـن!

[2445]

مٽيـي جـون بُـڏي آءٌ **اَن جـا** گهوريندياس.

مٽيي جون= وايون. اَن جا= جيءَ.

وايـون بُـڏي آءٌ جـيءُ گهوريندياس.

[2446]

ڪـائي لائيـن تـ مـان **ذات** ئـي تنهنجـي.

ڪائيءَ(جو) = ڪَتب. ذات= گولا> گولي.

ڪتـب لائيـن تـ مـان گولـي ئـي تنهنجـي.

[2447]

پريـن بـ **ڪپـڑو**، مـان بـ **ڪپـڑو**، پـر الله **ڪپـڑو**
ڪونـ ميـان!

Gul Hayat Institute

ڪپڙو= جوڙي.

پريـن بـه جـوڙي، مـان بـه جـوڙي، پـر الله جـوڙي ڪانـه ميـان!

[2448]

جهـڙ جـو ڪـر نـه سـپرين، هـي اَن جـو ڏينـدس تـو.

جهڙ جو= آگر> آءُ + غر. اَن جو= جيءُ.

آءُ غـر ڪـر نـه سـپرين، هـيءُ جـيءُ ڏينـدس تـو.

[2449]

محبوبـن گنـدي هنئـي، سـا وجـي سـگيٽين پيئـي، نرنـانءُ ٽيـس ڪونڪـو، پاڻـان جـر جـي ٽـي.

گندي= چُريل> چُري. سگيٽين= ساهُرني> سا + هُري. نرنانءُ= چُٽڻ. جر جي= چِڪ> چِڪي.

محبوبـن چـُـري هنئـي، سـا هـُـري پيئـي، چِٽـڻ ٽيـس ڪونڪـو، پاڻـان چـِـڪي پيئـي.

[2450]

ذات منهنجي ڳهـه مـان سـودي رانـد جـي آهيـان.

ذات= عامل> آءُ + مل. ڳهه = والي. سودي جي= پول. راند جي= ٻڌي.

آءُ مـِـل منهنجـا والـي، مـان پولـن ٻـڌي آهيـان.

[2451]

مان هيـس **ٻيـڙيءَ جـن** ۾، تـو ٽـي **مـال جـا** ڪيـا.

ٻيڙيءَ جا= پُور. مال جا= گهمرا.

مـان هيـس پـورن ۾، تـو ٽـي گهمـرا ڪيـا.

[2452]

جي ڪـاڻيءَ جـو آڻين ها سپرين! توکي مـرض جـو نـه ڏيـان هـا.

ڪاڻيءَ جو= ميڙ. مرض= وارو> واري.

جي ميڙ آڻيـن هـا سـپرين! توکـي واري نـه ڏيـان هـا.

[2453]

نـالو ڳهـه جـو جيڏيون، تـه عـورت چـو نـه ٽيـان.

Gul Hayat Institute

نالو= ساجن. گھر جو= رڄ> سرڄي. عورت= سُکي.
ساجن سرڄي جيڏيون! تہ سُکي ڇونہ ٿيان.

[2454]

ڪير راند جون ڪيترون، نرنان عمر ساري،
آهيان ڏوهاري، نرنانءَ تہ عضوو ٿيان.

راند جون= ڪڇيون. نرنانءَ= سڃڻ. نرنانءَ=
تارو> تارئين. عضوو= تِري> تَري.

ڪير ڪڇيون ڪيترون، سڃڻ! عمر ساري،
آهيان ڏوهاري، تارئين تہ تَري ڀوان.

[2455]

وهت جي پڇئي تہ نالو ڪجان،
نالو ڪري، راند جي ڪجان،
راند جي نہ پڇئي تہ پوءِ نالو نہ هولجان.

وهٽ جي= وڪ. نالو=محبت. راند جي= توڙ.
نالو= ڪوڙو> ڪَڙو.

وڪ پُڇئي تہ محبت ڪجان،
محبت ڪري، توڙ ڪجان،
توڙ نہ پڇئي تہ پوءِ ڪڙو نہ هولجان.

[2456]

آءٌ ڙي نرنانءَ، تہ ڪنو نالو ڪريون،
متان نرنانءَ اچي، ڪو مال جو وڃي.

نرنانءَ= ساجن. نالو= صحبت. نرنانءَ= موتي>
موت. مال جو= ڇوڙو> وڇوڙو.

آءٌ ڙي ساجن تہ ڪا صحبت ڪريون،
متان موت اچي، ڪو وڇوڙو وڃي.

[2457]

ڪائي ڪنهن جي نہ پُڇي، پوک هر ڪنهن جي هوءِ،
راتو هن فقير جو، مَن پرينءَ کي پوءِ،
اسين سوداگر نہ سَهون، اوهين نرنان ڪريو ڇو؟

Gul Hayat Institute

كانيءَ جي= اسني> آس. پوک = پوري. رات= قدر. فقيرجو=حالَ. سوداگرجي=ساعت. نرنان=آچار.

آس ڪنهن جي نہ پُڄي پوري هر ڪنهن جي هوءِ،
قدر هن حال جو، من پرينءَ کي پوءِ،
اسين ساعت نہ سهون، اوهين آچار ڪريو چو؟

[2458]

اک جو اڳي ويو، ويو هاڻ بہ اک سندو،
ننڊ جا نہ ڪر حاڪيماڻي، تون نرنانءُ ٽيءُ نار،
رچ ڪر نرنانءُ، تڙ مٽي جو نام جو.

اک جو= حيا. اک سندو= شرم. ننڊ جا= سهڻا (خواب). حاڪيماڻي= سختي. نرنانءُ= دلبر. نار= نريمان> نرم. رچ= ڪَرو> ڪري. نرنانءُ= ڪَرم. تڙ جو= وارو. مٽي جو= وار. نام= واصل> وصل.

حيا اڳيئي ويو، ويو هاڻي شرم،
سهڻا! نہ ڪر سختِي، تون دلبر ٽيءُ نَرم،
ڪري ڪو ڪرم، وارو وار وصل جو.

[2459]

رَسي جا ڪرين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڪيا،
مال جا ڪرين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڪيا،
لوهہ جا ڏئين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڏنا،
عضوي جا وجهين ها منهنجا پرين! سي تو نہ وڌا،
جڏهن تون ٽئين **نرنانءُ**، تڏهن، آءٌ ويس **نارنانءُ**.

رسي جا= ويڇوا. مال جا= چٽ. لوهہ جا= پالا> اوپالا. عضوي جا= پاڪر. نرنانءُ= ٽڏو. نارنانءُ= بچي.

ويڇوا (وِڇوارو) ڪرين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڪيا،
چٽ ڪرين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڪيا،
اُوپَالا ڏئين ها منهنجا پرين! سي تو نہ ڏنا،
پاڪر وجهين ها منهنجي پرين! سي تو نہ وڌا،
جڏهن تون ٽئين ٽڏو، تڏهن آءٌ ويس بچي.

Gul Hayat Institute

[2460]

نالن ۾ منهنجا پرين! **پاڻي** ٽياسون پاڻ،
عضون جون هاڻ، مون سان نہ ڪر منهنجا پرين!

نالو= پڈُو> پُڈو. نالو= سوڈو> سُئو. پاڻي=
پڈرو. عضون جون= تريون> ايتريون.

"پُڈو سُئو" ايتريون منهنجا پرين! پڈرا ٽياسون پاڻ،
ايتريون هاڻ، مون سان نہ ڪر منهنجا پرين!

[2461]

آيس **وڪر** ڪٽي، مون کي **وڪر** ۾ نہ چيائون،
مرونءَ جي من ڪري، **شهرن** جي ڏُنائون،
مڇي پاڻيءَ جي مان سان نہ ڪيائون،
انهيءَ کي آءٌ **ذات** سَلي چا کريان.

وکر= وهڙ> ويهڙ. وکر= وهڙ. مرونءَ=
گورکر. شهرڙ= چني. مڇي(جي) = پُڇي
پاڻيءَ(جي) = ڪَرَ>ڪَلَ. ذات= سُورَ.

آيس ويهڙ، مون کي، ويهڙ ۾ نہ چيائون،
گورکريُن! ڪن ڪري چني چڏيائون،
پُڇي مان وٽان ڪَلَ ۾ ڪانہ لڏائون،
انهيءَ کي آءٌ سورَ سلي چا کريان.

[2462]

ڪاچ جو ڪنهن کي چوان، من ڪو **پِير جو** ٿئي.

ڪاچ جو= پيرو> پيروئي> پيو + روئي. پِيرجو= ميلو.
پيو روئي ڪنهن کي چوان، من ڪو ميلو ٿئي.

[2463]

مان سان محبوبن، **ليڪي هٿ جي** ڪانہ ڪئي.

ليڪي جي= اَسي. هٿ جيَ= لَپَ> اصيلپ.

مان سان محبوبن، اصيلپ ڪانہ ڪئي.

[2464]

پوک جي ڪري پرينءَ کي ٻُڏائي،
تہ **نارنءَ** وس اسان جي نہ آهي،
اسان جو **مال جو** اوهان سان آهي.

Gul Hayat Institute

پوک جي= ڪورڙ> ڪو + رڙ. نارنانءِ= جيئڻ.
مال جو= آسابند.

ڪو رڙ ڪري پريِنءَ کي ٻُڌائي،
تہ جيئڻ وس اسان جي نہ آهي،
اسان جو آسابند اوهان سان آهي.

[2465]

مهتي ڪيو مهتي ڪريان، مهتي ٽئي شال،
مهتي مون کان يار لهڻي، سا بہ ڏيان شال.

مهتي= آسي> آس. مهتي= اُميد. مهتي= پوري.
مهتي= پرتي> پِرت.

آس ڪريو اُميد ڪريان، پوري ٽئي شال!
پِرت مون کان يار لهڻي، سا بہ ڏيان شال!

[2466]

اسان کي ڪٽولي جي گهٽي، اوهان کي جنڊ جو ناهي،
پِيرن جو الائجي ڪڏهن ٽيندو!

ڪٽولي جي= تانگهہ. جنڊ جو= ڪِرُ> اُڪير.
پِيرن جو= ميڙو.

اسان کي تانگهہ گهٽي، اوهان کي اُڪير ناهي،
ميڙو ڪڏهن ٽيندو!

[2467]

اَن جا پريِن! آءٌ تولاءِ اَن جي آهيان.

اَن جو= چوندو> چونڊ> چوندِيل. اَن جي= ڪُنڊِي> ڪُنڊِي> اُڪنڊِي.

چونڊِيل پريِن! آءٌ تولاءِ اُڪنڊِي آهيان.

[2468]

رَچ نَيا منهنجا پرين تون ولاتئون وري آءٌ،
تہ تو مون وچانءِ، گاهہ بہ وجي نڪري.

رچ= پارا. ولايت= ڪچ. گاهہ= سيءُ.

پارا(سيءُ) نَيا منهنجاپرين، تون ڪچئون(ڪچ ۾) وري آءٌ
تہ تو مون وچانءِ، سيءَ بہ وجي نڪري.

[2469]

نالن جي وڻ خبر ڏي؟

نالو= مِنو. نالو= ميوو. وڻ= كامونئي> كا + مون.

مِٺن ميون جي كا مون خبر ڏي؟

[2470]

عورت ڏيو ڏي جيڏيون! تہ كاريگر جي اچان.

عورت= متي> مت. كاريگر جي= آنڊ

(آن وڻ= اوهان وڻ).

(كا) مت ڏيو ڏي جيڏيون! تہ اوهان وڻ اچان.

[2471]

ٻولي كري ٻولي كيائون، تن كي كهڙا مال جا پيا.

ٻولي=ها. ٻولي= نہ. مال جا= گهوڙا.

ها كري نہ كيائون، تن كي كهڙا گهوڙا پيا؟

[2472]

پنهنجي كپڙي جا، تون كاڻ شهر كراءِ.

پنهنجي= دل. كپڙي جا= بَرَ. كاڻ جو= در.

شهر= سن.

دلبرا! تون درسن كراءِ.

[2473]

مال جي ڏيكار، نہ تہ نرنانءُ ٽو ماري!

مال= مينهن> مُنهن. نرنانءُ= سكندر>

سڪ + اندر.

منهن ڏيكار، نہ تہ سڪ اندر جي ٽي ماري!

[2474]

چوڙ پوک دي، متان مين ذات ٽيوان.

پوک= تماڪ> طمع + كُون. ذات= مَري> مَر.

چوڙ طمع كون، متان مين مر وڃان.

Gul Hayat Institute

[2475]

اسين اوهان جي راڄ ۾، اچي **لوهه جا** ٽياسون،
ماٺهو اوهان جي راڄ جا، ٽا **مال جون** ڪن مون،
ائين ٽا چون تہ تون **جيئڏڙي** جيڏيون.

لوهہ جا= ڪڙا. مال جون= ويڑهون. جيئڏ=
مهو> مَ + هو.

اسين توهان جي راڄ ۾، اچي ڪڙا ٽياسون،
ماٺهو اوهان جي راڄ جا ٽا ويڑهون ڪن مون،
ائين ٽا چون تہ تون: مَ هو، ڙي جيڏيون!

[2476]

اڳي **نالي** ايندو هئين، هاڻي تہ **نالي** ئي نٽو اچين،
متان ڪنهن **نالي** جهليو اٽئي.

نالو= اڳڻ. نالو= نظر. نالو= وارث.

اڳي اڳڻ ايندو هئين، هاڻي تہ نظرئي نٽو اچين،
متان ڪنهن وارث جهليو اٽئي.

[2477]

تو ٽي **ڍڳي جا** ڪيا، تڏهن هتي **حُقي** جا گهٽا،
هاڻي تون وڃي **پنهنجي** ٽيءُ.

ڍڳي جا= ڦيرا. حُقي جا= چُغل. پنهنجي = جاءِ.

تو ٽي ڦيرا ڪيا، تڏهن هتي چُغل گهٽا،
هاڻي تون وڃي جاءِ ٽي.

[2478]

ڪپڙي ۾ ايندياس، **ڪپڙي** ۾ ويندياس،
ڪپڙي سنديون ڳالهڙيون، **ڪپڙي** سان ڪنديا‌س.

ڪپڙو= گهونگهٽ.

گهونگهٽ ۾ ايندياس، گهونگهٽ ۾ ويندياس،
گهونگهٽ سنديون ڳالهڙيون، گهونگهٽ سان ڪنديا‌س.

[2479]

پوک ڪکن جي آءٔ منهنجا پرين، هو ٽا **مال جا** ڪن.

پوک= ترَ> تَر. ڪکن جي= رسي. مال جا= وڳ.

ترسي آءٔ منهنجا پرين، هو ٽا وڳَ ڪن.

Gul Hayat Institute

[2480]

عورت کر منهنجا نرنان، شهر ئون پنهنجي ڏيندي سئين.

عورت(جو) صبر. نرنان= منو. شهر= دلي.

پنهنجي= گرائي.

صبر کر منهنجا منا، دليئون گرائي ڏيندي سئين.

[2481]

زحمت جانور جي، مڪائون مان ڏي،
تڙن جون رڇن تي، اچان کيئن آن ڏي.

جانور جي زحمت= کت> خط. تڙن جون= چوڪيون.

رڇ= در> درن.

خط مڪائون مان ڏي، چوڪيون درن تي،
اچان کيئن آن ڏي.

[2482]

نالي وارا، نالو اٿئي، هن نالي جي پارت آٿئي.

نالو= بُولو. نالو= جانُو> جانو. نالو= غلام.

بُولي وارا، جانو اٿئي، هن غلام جي پارت اٿئي.

[2483]

نالي منجهه هياس ته به تنهنجي عضوي ۾ پنهنجي هئي.

نالو= سقراط> سڪرات. عضوو= تن. پنهنجي= تات.

سڪرات منجهه هياس ته به تنهنجي تَن ۾ تات هئي.

[2484]

سازين لوهه لڳو، نرنانءَ ڏيندس تن کي.

ساز= دلو> دليئون. لوهه(جو) = پيچ. نرنانءِ= محبت.

دليئون پيچ لڳو، محبت ڏيندس تن کي.

[2485]

نالي واراهئاسي، رڇ نہ ٿياسي،انهن نالن ۾ ذات ٿيناسي.

نالو= اُميدو. رڇ=گڏون> گڏ. نالو= اميدو.

ذات= مري.

اميدن وارا هئاسي، گڏ نہ ٿياسي،انهن اُميدن ۾ مري ويناسي.

Gul Hayat Institute

[2486]

رڇ مَ ڪـــڻ منهنجـــا پريـــن! آءٌ ٿـــي رڇ ٿيـــان،
هي شهر نرنانءُ جو ناهي، هٽ جا ڪنهن کي ڏيان؟
هاڻي ڪيئن ڪريان، جو پـَـٽ وارئـون پـري ٿيا.

رڇ= دلي> دل. رڇ= چروڙي> چري ڙي.
شهر= هالا> حال. نرنانءُ= محرم. هٽ جا=
وٽ> انت. پٽ واريون=وَسيون.

دل مَ ڪـڻ منهنجـا پريـن، آءٌ ٿـي چـري ڙي ٿيـان،
هـي حـال محـرم نـاهي، اَنـت ڪنهـن کـي ڏيـان؟
هـاڻي ڪيئـن ڪريـان، جـو وسـئون پـري ٿيـا.

[2487]

مـرض نـه آيـو تـن، متـيءَ جـي لڏائـون ڪانـه.

مرض چـڪي. متيءَ جي= واري> پوئواري.

چـڪي نـه آئـي تـن، پوئـواري لڏائـون ڪانـه.

[2488]

حـــُـــب جـــو ڪـــري نـــالو ٿـــي،
نرنـانءُ جـي گهـوڙي ۾، تـه نـالو سـڏجين.

حُب= قرب. نالو= قربان. نرنانءُ= معشوق.
گهوڙي جو= ميُدان. نالو= عاشق.

قـرب ڪـري قربـان ٿـي، تـه معشـوق جـي ميـدان ۾
عاشـق سـڏجين.

Gul Hayat Institute

[2489]

مر تہ جهنگ جا مون ڏين، ڪوڏي ٿيان مان نہ تن سان.

جهنگ جا= مـرون> مارون. ڪوڏي= سچلي> سچي.

مر تہ مـارو مـون ڏيـن، سچي نـہ ٿيـان مـان تـن سـان.

[2490]

اي مئا مـرون!حاڪم جي ٿئيئي، وڻ ڇڏيو تہ پـوڪ مـلون.

مـرُون= ڪتا. حاڪم (جو) = خط> ڪَتُ(مرض).
وڻ= بَهَـڻ. پوڪ= ساڙ> ساڻ> ساعت.

اي مئا ڪتا! ڪَتُ ٿئيئي، بهڻ ڇڏ تہ ڪا ساعت ملون.

[2491]

نالو پائي عضوي ۽ بينا نالو ڪن:
آءٌ بہ نالو تن جو، جي مون کي نالو ڪن.

نالو= بولو. عضوو= نڪ. نالو= سلام. نالو= غلام.
نالو= قبول.

بولو پائي نڪ ۽، بينا سلام ڪن،
آءٌ بہ غلام تن جو، جي مون کي قبول ڪن.

[2492]

نرنانءُ عضوو جيت ڏي!

نرنان= مِٽو> مِنا. عضوو= اک. جيت= کڻ(بلا).

مِنا، اک کڻ ڏي!

[2493]

پوک پکي ٿي، تون وجي ڪاڻي ٿيءُ.

پوک= ڦُٽي(وونئڻ). ڪاڻي= طاقي.

پرهہ ڦٽي ٿي، تون وجي اوطاقي ٿي.

[2494]

وڻ جي وڻ ٽياس، پر هن گاهہ ئي ڪونہ ڪيو.

وڻ جي= ڳَرِ> ڳري. وڻ= ڪنڌو> ڪنڌا.
گاهہ= ڪَل.

ڳري ڪنڌا ٽياس، پر هن ڪَل ئي ڪانہ لڏي.

[2495]

ڪاڇ جو ڪنهن کي چوان، من ڪو پِير جو ٿئي.

ڪاڇ جو= پيرو> پيو + روئي. پِير جو= ميلو.

پيو روئي ڪنهن کي چوان، من ڪو ميلو ٿئي.

[2496]

نالي ٽي ڏسان، پر نالي آڇن ئي ڪين.

نالو= پيروز> پَئي روز. نالو= موندر> مون در.

پئي روز ڏسان، پر مون در اڇن ئي ڪين.

[2497]

آن جي ٽي ڪِيان، عورت مان ٽيان،
منهنجا ڏي ميان! پُوءِ متيءَ جي ڪانہ ڪيان.

اُن جي= ٻُڪي> ٻڪيون. عورت= چگي. منّيءَ جي= واري.

ٻُڪيون ٽي ڪيان، چگي مان ٽيان،
منهنجا ڙي ميان! پوئواري کانه ڪيان.

[2498]

جنڊ ٿون ٻيڙيءَ جا، مان سان شال نه ڪن،
جن سان شهر لڱن، سي مَر ذات هجن.

جنڊ جا= جهيڙا (گُڙڪا). ٻيڙيءَ جا= جهوڙا> جهڙا.
شهر= دلي(دهلي)> دليون. ذات= اوڏ> اوڏڙا.

جهيڙا ۽ جهڙا، مان سان شال نه ڪن،
جن سان دليون لڱن، سي مر اوڏڙا هجن.

[2499]

اکرين آءٌ ٽي ساريان، اکرين تون پٽ سار،
اوزارين چگي پوئي، ته جر جون ڳالهيون پار،
نالو ٽئي قرار، جي ڏينهن جي ملين سپرين!

اکر= جير ۽ ميم> جيئن + من. اکر= تي ۽ ميم> تيئن + من. اوزارن= کاتن> کا + تن. جرجن= سيمن> سي + من. نالو= هيمن> هيءُ + من. ڏينهن جي= ساعت.

جيئن من آءٌ ٽي ساريان، تيئن من تون پٽ سار،
کا تن چگي پوئي، ته سي مَن ڳالهيون پار،
هيءُ من ٽئي قرار، جي ساعت ملين سپرين!

[2500]

کو وهٽ جي هوءِ، ته پنهنجي ڪپڙي جي ٽئي کانه:

وهٽ جي= ٽورَ> ٽورڻ. پنهنجي= پريت. ڪپڙي جي= پُراڻي.

کو ٽورڻ وارو هوءِ، ته پريت پراڻي ٽئي کانه.

[2501]

جتي پاڻيءَ جون هجن، اتي اُن جون ٽين ئي ڪين.

Gul Hayat Institute

پاٹيءَ جون= دليون. اَن جون= پَليون.

جتي دليون هجن، اَتي پليون ٿين ئي ڪين.

[2502]

ڪپڑي دل محبوب سان، اَن جي رهندي ڪيئن؟

ڪپڑو= رکي. اَن جي= پَلي.

رکي دل محبوب سان، پَلي رهندي ڪيئن؟

[2503]

پاٽي جون، راند جون، پوک جون رهن نه مون.

پاٽي جون= دليون. راند جون= اَڙيون. پوک جون= پليون.

هي دليون اَڙيون، پليون رهن نه مون.

[2504]

اي نرنان، ڪول پار جي، پرين من ذات تي اچن؟

نرنان= ٻانيڻ. پار جي= پوتي> پوٽي. ذات= چنڊ.

اي ٻانيڻ، ڪول پوٽي، پرين من چنڊ تي اچن؟

[2505]

نالي ڏاند ملئي، تہ اَن جون آڻجان.

ڏاند نالو= سنيهو. اَن جون= ساريون> ساري.

سنيهو ملئي تہ ساري آڻجان.

[2506]

پکي کا پولي ڪر، مون کي وڻ وري ويا.

پکي=ڪانگ> ڪانگا. پولي + لات. وڻ= ڪيسن> ڪي + سنہ.

ڪانگا ڪا لات ڪر، مون کي ڪي سنہ ٿي ويا.

[2507]

ڳهہ جي ڪاٺ جو، تہ منهنجو نرنانءَ اچي.

ڳهہ جي= لئون> لنوَ. ڪاٺ جو= ڪانوَ(مالهہ کي ڏينگي ڏانهن سِري اچڻ کان روڪيندو آهي).

نرنانءَ= سڃڻ.

لنوءَ ڪانوَ، تہ منهنجو سڃڻ اچي.

[2508]

تڙ جي لڳين جو مرد نہ مکائون،
تنين کي آءٌ ڳھ ٽي آيس.

تڙ جي= کيھي. مرد= سلام. ڳھ= ڪَڙي.

ڪھڑي لڳين جو سلام نہ مکائون،
تنين کي آءٌ ڪَڙي ٽي آيس.

[2509]

پوک جو رکيم، لوھ جو ٽي پيو،
نارنءٗ ڇا ڪريان، پنڌ جو ٽي پيو.

پوک جو= سَنگ> سُنگ(سنگت). لوھ جو= ڪَڙو> ڪُوڙو. نارنءٗ= حليمان> هلي + مان.

پنڌ جو= پري.

سُنگ رکيم ڪوڙو ٽي پيو،
هلي مان ڇا ڪريان، پري ٽي پيو.

[2510]

نالو نالو، نالو ڏي!

نالو= جاني، نالو= موسو> مون + سُئو(ٻُڌو).

جاني آيو، مون سُئو ڏي!

[2511]

نالا آيا نالن وٽ، کي وکر جون ونڻ.

نالو= يوٗنر. نالو= گُل. وکر جون= واسنايون.

يوٗنر آيا گلن وٽ، کي واسنايون ونڻ.

[2512]

ڪاڪ جو نرنءٗ، پر تنهنجي کيئن پوک جي؟

ڪاڪ جو= سَلُ. نرنءٗ= سڃڻ. پوک جي= سُري> سَري؟

سَل سڃڻ، تنهنجي کيئن سَري؟

[2513]

تنهنجا مرون تہ مان پوک ۾ ڏنا، مون کي ڏاڍا رڇ جا لڳا.

Gul Hayat Institute

مرون= چلو> چلڙا. پوک= ٻيجو> ٻيءَ + جاءِ.
رڄ جا= وڃا> ڪس وڃا.
تنهنجا چلڙا مان ٻيءَ جاءِ ڏٺا، مون کي ڏاڍا ڪس وڃا لڳا.

[2514]

مرون محبوبن جا، مون کي **راڳ زحمت** هئا.
مرون= چل> چَلا. راڳ= آسا. زحمت= بند.
چلا محبوبن جا، مون کي آسا بند هئا.

[2515]

جيڪو **نالو نالي** تي رکي، اهو **نالو** ئي ناهي.
نالو= بيگن> بيگنا> بي +گناهه. نالو= ايوب> عيب. نالو= سڄڻ.
جيڪو بي گناهه عيب رکي، اهو سڄڻ ئي ناهي.

[2516]

ڪپڙي ۽ مال پوک جي اٽئي، تڏهن ڪا رڄ ترس.
ڪپڙي جي= بُوند. مال جي= بري> برهه.
رڄ= گهڙي.
بوند برهه جي لائي اٽئي، تڏهن ڪا گهڙي ترس.

[2517]

گاهه وينا سپرين، **مال جون** ڏيئي،
انهن وٽ ويهي، **پوکون** پوکيان ڪهڙيون!
گاهه= ڪٽڻ. مال جون= پٽيون. پوکون= اورون.
ڪٽڻ وينا سپرين، پٽيون ڏيئي،
انهن وٽ ويهي، اورون اوريان ڪهڙيون!

[2518]

جتي **سڄ مرد جي** نه آهي، اُت **منڊيءَ جي** ڇا ڪريان؟
سڄ جي= اڇين. مرد جي= محبت. منڊيءَ جي= ٽڪ> ٽڪي.
جتي اڇين محبت نه آهي، اُت ٽڪي ڇا ڪريان؟

Gul Hayat Institute

[2519]

جڏهن تو ۾ **نالو** ئي نہ، پوءِ مان **اَن جي** چا ڪريان.

نالو= پيارو> پيار. اَن جي= رانهي> رَهي.

جڏهن تو ۾ پيار ئي نہ، پوءِ مان رهي چا ڪريان.

[2520]

پهڻ جي ڪر منهنجا پرين، جنهن ۾ **پنهنجو** رهي.

پهڻ جي= سڪر> سا + ڪر. پنهنجو= پڙدو.

سا ڪر منهنجا پرين، جنهن ۾ پڙدو رهي.

[2521]

سڃڻ تا **پڪي** ڪن، هلو تہ **جر وڻ** جي ڪريون.

پڪي= سانباهو. جر جي= موڪ. وڻ= لاٺي.

سڃڻ تا سانباهو ڪن، هلو تہ موڪلاڻي ڪريون.

[2522]

ڪڪ ڏسيو اُن جا، مون کي **پاڻي جا** جهَل نہ ڏين.

ڪڪن(جو) وڇڙو> وڇڻ. پاڻيءَ جا= لڙڪ.

وڇڻ ڏسيو اُن جا، مون کي لڙڪ جهل نہ ڏين.

[2523]

مرض ڪيئي جي سپرين، سي تون **وڪر** وچ.

مرض= قول. وڪر= پارو> پاري.

قول ڪيئي جي سپرين، سي تون پاري وچ.

[2524]

مرض ڏيئي، پوءِ وڃي **پوڪ جي** ڪيئي.

مرض= قول. پوڪ جي= ڪچي.

قول ڏيئي، پوءِ وڃي ڪچي ڪيئي.

[2525]

پہ نالا هُون تہ ڪاڻي ٽئي ڪانہ.

پہ نالا= ساهو> سَهُو. ۽ سڃڻ. ڪاڻي= ڪچي.

سَهُو سڃڻ هُون تہ ڪچي ٽئي ڪانہ.

[2526]

Gul Hayat Institute

مٽيءَ جا جبل تان پکي ٽيو ٽي ويا.
مٽيءَ جا= گوڙها. جبل= گل> گلن. پکي= وهيو.
گوڙها گلن تان وهيو ٽي ويا.
[2527]
پنهنجن منهنجي عضوي تي آهي شهر مال جو ڪيو.
پنهنجا= درد. عضوو= دل. شهر= ديرو. مال
جو= مچڻ> مچايو.
دردن منهنجيءَ دل تي آهي ديرو مچايو.
[2528]
اهڙي نرنائءَ کان، ککن جا پَلا هٿاسون.
نرنائءَ= جيئو> جيئڻ. ککن جا= مُوئا> مُئا.
اهڙي جيئڻ کان، مُئا پَلا هٿاسون.
[2529]
وڪر ڪيم وسار، ٽي ڪاڻي نرنائءَ لاءِ.
وکر= وهُ> ويهي. ڪاڻي(جو) = اِرو> روءُ.
نرنائءَ= پرين.
ويهي ڪيم وسار، پيئي روءِ پرينءَ لاءِ.
[2530]
نالي هندو هُون، ڏي ڪهه ذات تنهين کي.
نالو= سڃڻ. هندو= ساڏو. ڪهه جي= چاپ.
ذات= چارڻ.
سڃڻ ساڏو هُون، چا چارڻ تنهين کي.
[2531]
مچي نه نرنان، گاهه نه منهنجا پرين.
مچي= سٽهي> سٽي. نرنان= آيو> آيا. گاهه=
اوئن> اُوءِ + نه.
سُٽي نه آيا، اوءِ نه منهنجا پرين.
[2532]
مچيءَ جي بہ اچن، ڏجن اڏ سڏ مچيءَ جا تن کي.
مچيءَ جي= پُچي. اڏ سڏ= او. مچيءَ جا= تارا (ترڻ).
پچي جي اچن، ڏجن اوتارا تن کي.

Gul Hayat Institute

باب ويهون

سورهيائي واريون ۽ عام چوٽين واريون ڳجهارتون

سورهيائي

[2533]

ڪاڪ لڳن، اُت **پڪي** چپن،
بنان **نرنائن**، **مال جو** ٽئي ڪونہ.

ڪاڪ(جو)= ڪلو> ڪلا. پڪي= ڪانئر.
نرنائ= بهادر. مال جو= ٽُڪر.

ڪلا لڳن، اُت ڪانئر چپن،
بنان بهادرن ٽُڪر ٽئي ڪونہ.

[2534]

هو جي **پڪي** آئيا، وجهي **ڪپڑو** وات،
اچي پچيائون **رات**، ڪٽي **نالا جنگ** جا؟

پڪي= ڳجهہ> ڳجهون. ڪپڑو= ڳاڙهو. رات= پريات. نالو= محب. جنگ جا= ماراڻا.

هو جي ڳجهون آئيون، ڪري ڳاڙها وات،
اچي پچيائون پريات، ڪٽي محب ماراڻا؟

[2535]

نالو ڏسي **نالو** گهري، اهو **نالو** ئي ناهہ.

نالو= جنگو> جنگ. نالو= جيئڻ. نالو= بهادر.

جنگ ڏسي جيئڻ گهري، اهو بهادر ئي ناهہ.

Gul Hayat Institute

[2536]

جڏهن **متيءَ** تي **ساز** وڳو، تڏهن **پڪي** چو نہ ڪيئي؟

متيءَ جو= بَنگلو. ساز= بِگُل. پڪي= سانباهو.

جڏهن بنگلي تي بگل وڳو، تڏهن سانباهو چو نہ ڪيئي؟

[2537]

نرنائ هو ئي ڪونہ، ملڪ سڀ **لوهہ** پئجي ويو.

نرنائ= سُورو> سورهيہ. لوهہ(جو) = مارو.

سورهيہ هو ئي ڪونہ، ملڪ ۾ مارو پئجي ويو.

[2538]

سو **نرنانءُ** اچي ڪيئن؟ جنهن جا **پنهنجا** ڪونهن **شهر** ۾.

نرنانءُ= وڃيو. پنهنجا= چُوٽا. شهر= اُپ.

سو وڃيو اچي ڪيئن، جنهن جا چُوٽا ڪونهن اُپ ۾.

نصيحت ۽ هدايت

[2539]

اي **نرنان**! **پوک جي ڪر ڪاٺ** سين، جيسين **عضوي جو** هجين **ملڪ** ۾.

نرنانءُ= بندو. پوک جي= اوڙ> اور. ڪاٺ جو= لاهر> الله. عضوو= جيرو> جيئرو. ملڪ= جهان.

اي بندا! اور الله سين، جيسين جيئرو هجين جهان ۾.

[2540]

ڪاٺ نرنانءُ هٿ ۾، **وڪر ڪندو** ڪير ميان!

ڪاٺ(جو) = قلم. نرنانءُ= قادر. وڪر= ميڙ.

قلم قادر هٿ ۾، ميڙيندو ڪير ميان!

[2541]

نالو نالي عضوي ۾، تون به ڪو **ڪاڇ** جو ته ڪر!

نالو= پيروز> روز. نالو= رزاق. عضوو= هٿ.

ڪاڇ= ماهيلو> حيلو.

روز رازق هٿ ۾، تون به ڪو حيلو ته ڪر!

Gul Hayat Institute

[2542]

علم جي پڙهه **ذات** تي، ته **ذات فقير جا** ڪنئي.

علم جي= صلوات. ذات= سيد. ذات= شافي.

فقير جي= شفا.

صلوات پڙهه سيد تي، ته شافي شفا ڪنئي.

[2543]

مڙيو رک نرنان ڏي ته من اڇيئون **نارنالي** جاءِ ملئي.

مڙيو= دل پاڪ. نرنانءُ= محمد ﷺ. نارنالو= جنت.

دل پاڪ رک محمد ڏي، ته مَن اڇيئون جنت جاءِ ملئي.

[2544]

رک عضوو فقير جي سان، تہ شهر جو ٿئين.

عضوو= دل. فقير جو= دين. شهر جو= چارو> موچارو.

رک دل دين سان، تہ موچارو ٿئين.

[2545]

رک پنهنجو فقير جي سان تہ مرض کان ليکي ٻجو ٿئين.

پنهنجو= نينهن. فقير جي= نماز. مرض= عذاب.

ليکي جو= آجو.

رک نينهن نماز سان تہ عذاب کان آجو ٿئين.

[2546]

آيو نالو مرد جو، نالو هڏ مَ ڇڏ،

نالو ڇڏيندين هڪڙو، ليکو پوندئي هَڏ،

جهلي پنهنجو عضوو، راند واري سان گڏ،

پهرين وڃي سڏ، پولي ناڻي جي ٿئي.

نالو= مينهون> مهينو. مرد= رمضان.نالو=پيروز>

روزو. ليکو= ٽيهه. عضوو= هنيون. راند وارو=

شيطان. پولي= ڏٽيءَ پاران. ناڻي جو= ڇوٽڪو.

آيو مهينو رمضان جو، روزو هڏ مَ ڇڏ،

روزو ڇڏيندين هيکڙو، تہ ٽيهه ئي پوندئي هڏ،

جهلي پنهنجو هنيون، شيطان سان مَ گڏ،

پهرين وڃي سڏ، ڏٽي پاران ڇوٽڪو ٿئي.

[2547]

نالو اچي تہ نالو ٽجي ۽ راند جي کي ڪٽي ڦٽو ڪجي.

نالو= رمضان. نالو= راضي. راند جي= شيطاني.

رمضان اچي تہ راضي ٽجي، شيطانيءَ کي ڪٽي ڦٽو ڪجي.

[2548]

نالو رکي ويهہ تہ نار بہ ايندي تو گهر.

نالو= فيروز> روزو. نار= عيد.

روزو رکي ويهہ تہ عيد ايندي تو گهر.

Gul Hayat Institute

[2549]

نالا جن رکيا، نار ۽ نالي تن جي.

نالو= راضي> روزا. نار= عيد. نالو= صادق> صدقي.

روزا جن رکيا، عيد ۽ صدقي تن جي.

[2550]

نرنانءُ ڏُنو نرنانءُ ويو، نرنانءُ چئي نرنانءُ ڪريو.

نرنانءُ= چنڊ. نرنانءُ= رمضان. نرنانءُ=آدم.

نارنانءُ= عيد.

چنڊ ڏُنو رمضان ويو، "آدم" چئي عيد ڪيو.

[2551]

متي نالو ڪر ڪاڪ ۾، پڪي ٿيئن، شهر پنهنجو ٿينئي.

متيءَ جي= سِرَ> سِر. نالو= قربان. ڪاڪ(جو) = جهاز> جهاد. پڪي= شهيد. شهر= بهشت، پنهنجو = نصيب.

سر قربان ڪر جهاد ۾ ته شهيد ٿئين، بهشت نصيب ٿينئي.

[2552]

ڪني نرنانءُ ڪوڙيا، ڪي نرنانءُ پنهنجون ڪن،

جي وڃي عورت ۾ پون، ٿيو موٽڻ مشڪل تن جو.

نرنانءُ= جهنڊو. نرنانءُ= راول. پنهنجون= رڙيون.

عورت= قبر.

ڪني جهنڊا ڪوڙيا، ڪي راول رڙيون ڪن،

جي وڃي قبر ۾ پون، ٿيو موٽڻ مشڪل تن جو.

[2553]

نرنانءُ تنهنجي متي تي، نرنانءُ تنهنجي وات،

نرنانءُ تنهنجا انگڙا، نرنانءُ تنهنجي ذات.

نرنانءُ= موتي> موت. نرنان= ڪرمو> ڪلمون.

نرنانءُ= خاڪي. نرنانءُ= سامي.

موت تنهنجي متي تي، ڪلمون تنهنجي وات،

خاڪي تنهنجا انگڙا، سامي تنهنجي ذات.

Gul Hayat Institute

[2554]

نالو چوي **راند جي** ڇڏ، اڳيان **نالو حاڪم** آهي.

نالو= قاضي. راند جي= ڪپت. نالو= قادر.
حاڪم= قهار.

قاضي چوي ڪپت ڇڏ، اڳيان قادر قهار آهي.

[2555]

مائٽ چمر جيءَ ۾ **چور جي** نه ڪر، **ولايت** ۾ **واپار نالو** ٿيندين.

مائٽ= امان. چمر جي= نَط> نت. چور جي= خيانت. ولايت= قيامت. واپار(جي) = ڪاڙ.
نالو= يارو.

اَمانت ۾ خيانت نه ڪر، قيامت ۾ ڪاڙيارو ٿيندين.

[2556]

پنهنجي نالي ڏار ته **مرض** ڏون **ليکي جو** ٿئين!

پنهنجي= نيت. نالو= نيڪ. مرض= عذاب.
ليکي جو= آجو.

نيت نيڪ ڏار ته عذابڻ ون آجو ٿئين!

[2557]

اي **نالا!** بي **نالا**، تون **پوک زمين جو** ڇو ڪرين؟

نالو= بندو. نالو= بقا. پوک جو= تڪ. زمين جو= بر.

اي بندا بي بقا، تون تڪبر ڇو ڪرين؟

[2558]

اي **نالا نرنانءَ** جا! **قرآن جي** ڪري **نالو** ٿي ته **پنهنجيءَ** ڪان **حاڪم جي** ملئي.

نالو= بندو. نرنانءَ= خدا. قرآن جي= توبه. نالو= طيب> تائب. پنهنجو= گناهه. حاڪم جي= معافي.

اي بندا خدا جا! توبه ڪري تائب ٿي ته گناهن ڪان معافي ملئي.

[2559]

نالو جن هوندو، **نر نالي** تن ٿيندي.

Gul Hayat Institute

نالو= صابر> صبر. نالو= فتح.
صبر جن هوندو، فتح تن ٿيندي.

[2560]

جن **پنهنجي** کي **ذات** ڪيو، سي **راند نالا** ٿيا.
پنهنجي= طمع. ذات= تُرڪ> ترڪ. راند= رڇي. نالو= لعل.
جن طمع کي تُرڪ ڪيو، سي رڇي لعل ٿيا.

[2561]

شاهوڪاري ڏسي **فقير جو نه** چڏ،
انهيءَ **ڪاڇ جي تي پنهنجو نه** ڪر!
شاهوڪاري= دنيا. فقير جو= دين. ڪاڇ جي= ٽُڪي> نہ + ٽڪيءَ. پنهنجو= پروسو.
دنيا ڏسي دين نہ چڏ، انهيءَ نہ ٽڪيءَ تي پروسو نہ ڪر!

[2562]

حاڪم جو ڏسي **ذات نہ** ٽيءُ، **نالو** ٿيندءِ ڪونہ!
حاڪم جو= خزانو. ذات= خشڪ> خوش. نالو= نيبائو> نيبهہ.
خزانو ڏسي خوش نہ ٽيءُ، نيبهہ ٿيندءِ ڪونہ!

[2563]

ڏي **مال جي ڪر مرض جو**، من **ڪا پنهنجي** ٽئي.
مال جي= مايا. مرض جو= صدقو. پنهنجي= مهر.
ڏي مايا، ڪر صدقو، من ڪا مِهر ٽئي!

[2564]

اٽئي **جر جي**، ڪڏهن وجي **ذات** ٽيندين.
جر جي= ڪوڏي> ڪو + ڏينهن. ذات= سانگي.
اٽئي ڪو ڏينهن، ڪڏهن وجي سانگي ٽيندين.

[2565]

جا **ذات نالي** ڪان، سا **ڪيئن نار** ميان.
ذات= جعفري> جا + ڦري. نالو= خاوند. نار= تڱي.
جا ڦري خاوند ڪان، سا ڪيئن تڱي ميان.

Gul Hayat Institute

[2566]

نرنانءَ اهي، جي **پنهنجو پنهنجي ڪري ذات** ٿي ويا.

نرنانءُ= درويش. پنهنجو= نياز. پنهنجي= نوڙت.

ذات= ڪٽي.

درويش اهي، جي نياز نوڙت ڪري ڪٽي ويا.

[2567]

ذات ٿي **فقير جي** هڻ، من **نالو پنهنجو نرنانءُ ڪري!**

ذات جا= صوفي. فقير جي= صدا. نرنانءُ= آگو.

پنهنجو= عرض. نالو= قبول.

صوفي ٿي صدا هڻ، من آگو عرض قبول ڪري!

[2568]

نالي حاڪم جيءَ ۾، پولي ڪر ته نالو ٿيئي.

نالو= دوست. حاڪم جي= دربار. پوليءَ جي= دانهن. نالو= داد.

دوست جي دربار ۾، دانهن ڪر ته داد ٿيئي.

[2569]

هت ته وڃ، پر اڳيان وڏو نالو اٿئي.

وڃ= مانجهاندڙي> مانجهاندو. نالو= صفر> سفر.

هت ته مانجهاندو، پر اڳيان وڏو سفر اٿئي.

[2570]

ميوي جو ته گهٽوئي موچارو، پر نيٺ ڪاچ جو.

ميوي جو= رَس. ڪاچ جو= حلوو> هلبو.

(هتي) رس ته گهٽوئي موچارو، پر نيٺ هلبو.

[2571]

نر ڪٽي نار ڪائي، اَن جو ٻنهي ڪي نه ٽئي.

نر= موت. نار= قبر. اَن جو= ڏوءُ.

موت ڪٽي، قبر ڪائي، ڏوءُ ٻنهي ڪي نه ٽئي.

Gul Hayat Institute

[2572]

بہ نالا ايندا، وڃ جو ٿيندو تڏهن.

بہ نالا= منکر ۽ نکير. وڃ جو= ڇاڻو> پڇاڻو.

منکر نکير ايندا، پڇاڻو ٿيندو تڏهن.

[2573]

جڏهن اُپ ڪاٺ ڪپڙ جو ٿيندو،

تڏهن ڪاغذ ۽ فقير جو ڇا ٿيندو.

اُپ جو= سج. ڪاٺ جو= نيزو. ڪپڙ جو= پاند.

ڪاغذ جي= بندي> بند. فقير جو= حال.

جڏهن سج نيزي پاند ايندو،

تڏهن بندي جو حال ڇا ٿيندو.

[2574]

اول ساز ڪپڑو، پوءِ مال جو ذاتين.

ساز= مڙهه. ڪپڑو= لٽو> لٽيو. مال جو= پُڇ>

پڇيو. ذات= مَلڪ> ملڪن.

اول مڙهه لٽيو، پوءِ پڇيو مَلڪن.

[2575]

ڏاڏيءَ منجهه هياس، نالا آيا لوهه جا ڪٽي.

ڏاڏي= قبر. نالو= مَلڪ. لوهه جا= گُرز.

قبر منجهه هياس، مَلڪ آيا گرز ڪٽي.

[2576]

ڪاٺ پِير کان عضوو لاءِ فقير جي گهُر، من حاڪم جي ڪري.

ڪاٺ(جو) = لاهه> الله. پِير= پاڪ. عضوو=

دل. فقير جي= دعا. حاڪم جي= ٻاجهه.

الله پاڪ کان دل لائي دعا گهر، من ٻاجهه ڪري.

Gul Hayat Institute

مناجات

[2577]

شهر مڙئي شهر، تو ريءَ شهر نه ڪيو.

شهر(جو) = تڪيو.

تَڪيا مڙئي تڪيه، تو ريءَ نه تڪيو ڪو.

[2578]

اي نالا! ڏي نالو، مان نار نالي ٽي وڃان.

نالو= عارف> رب. نالو=پناهه. نار نالو= بچي.

اي رب! ڏي پناهه، ته مان بچي وڃان.

[2579]

رچن ڪان رکين مون، وارن سان مارين،

شهر نرنان جي، ڪا مال جي ڏيکارين.

رچ= ڏوها. وارن(جو) = قلم> ڪلمون. شهر

جو= ميڙو. نرنان= محمد(ﷺ). مال جي= وات.

ڏوهن ڪان رکين، مون ڪلمي سان مارين،

ميڙي محمد ﷺ جي، ڪا وات ڏيکارين.

[2580]

ڪپڙي جي وٺي نرنائ ڪان، مان ولايت ويندياس.

ڪپڙي جي= داوَن. نرنانءِ= دستگير. ولايت= مدينو.

داوَن وٺي دستگير جي مان مدينو ويندياس.

[2581]

نالو ۽ نرنانءَ، ڪاٺ مٿيءَ سان لاءِ!

نالو= پيرو> پير. نرنان= دستگير. ڪاٺ(جا) =

پيڙا. مٿيءَ جا= هنا.

پير دستگير، پيڙا هَني لاءِ!

Gul Hayat Institute

[2582]

اي نرنـــانءَ واءُ جـــي كـــر تـــ شـــهر ٿيـــان.

نرنانءُ= لعل شهباز. واءُ جي= سڃائي. شهر= سكر.

اي لعـــل شـــهباز! ســـڃائي كـــر تـــ ســـكر ٿيـــان.

[2583]

وڃ جـــي وجهـــي رڇ ۾، مـــان شـــهر نينديـــس.

وڃ جي= ميندي. رڇ= وڻو. شهر=سيوهڻ.

ميننـــدي وجهـــي وڻـــي ۾، مـــان ســـيوهڻ ويندیـــس.

[2584]

اي زميـــن جـــا ڏڻـــي، شـــل عـــورت نـــالي ٿئـــي!

زمين(جي) = پِتَ، عورت= مُرادان> مراد.

نالو= حاصل.

اي پـــت جـــا ڏڻـــي، شـــل مـــراد حـــاصل ٿئـــي!

[2585]

ذات نـــالا، كـــائن وارا، عـــورت ڏي تـــ نـــالي وجـــان.

ذات= سيد. نالو= سونهارو. كاڻ(جو) = نيزو.

عورت= صحت. نالو= سومار.

سيد سونهارا، نيزن وارا، صحت ڏي تـ سومار تي وجان.

[2586]

اي نـــالا شـــهر جـــا ڏڻـــي! كـــاڻ جـــا مـــون تـــان لاهـــ.

نالو= ياون شاهه. شهر= بديڻ. كاڻ جا= ڏلها.

اي يـــاون شـــاهه بديڻـــن جـــا ڏڻـــي! ڏلهـــا مـــون تـــان لاهـــ.

[2587]

نـــالي شـــاهه پـــــير شـــهر جنـــا ڏڻـــي،

ككـــن جـــا تـــون لاهـــي، مـــُـــني كـــي مـــال جـــا ڏي.

نالو= عباس علي. شهر= ونهيرو. ككن جا= تُرها.

مال جا= ڏاڻ.

عبـــاس علـــي شـــاهه پيـــر، ونهيـــري جـــا ڏڻـــي!

تـــُـــرهن تـــان لاهـــي، مـــُـــني كـــي ڏاڻ ڏي.

Gul Hayat Institute

[2588]

اُٽـي عـورت! کـٽ ڪپـڙ جـي، نرنـانءَ آبـو ڙي.

عورت= دائي. ڪپڙ جي= رضائي. نالو= مرشد.

اُٽـي دائـي! کـٽ رضـائي، مرشـد آبـو ڙي.

چوٽيون ۽ پهاڪا

[2589]

ذات هجـي ذات ڪجـي، نرنـانءَ ڪجـي ڪانـ.

ذات= جيترا. ذات= اوترا. نرنانءَ= واڌو.

جيتـري هجـي اوتـري ڪجـي، واڌو ڪجـي ڪانـ.

[2590]

ليڪـي پـوڪ جـي جـو ڪـري، تنهـن سـان جهجهـا ڪـاٽ ڪجـن.

ليڪي جي= اَسي> اصي. پوڪ جي= لائي. ڪاٽ (جو) = گهُـٽو> گُـنَ.

اصيلائي جو ڪـري، تنهـن سـان جهجهـا گُـن ڪجـن.

[2591]

ليڪـي عضـوي جـي جـو ڪـري، تنهـن ڪـي مـال جـا نـ ڏجـن.

ليڪي جي= اَسي. عضوي جي=لپ. مال جا= ڏنپ.

اصيلـپ جـو ڪـري، تنهـن ڪـي ڏنـپ نـ ڏجـن.

[2592]

نرنـانـ پـائي پـاند ۾، نرنـانـ ٿـي اچـن،

نرنان بـ ڏجي انهن کي، پـل نرنـان ٿـي وجن.

نرنان= عيب. نرنان= غلام. نرنان= احسان.

نرنان= راضي.

(جـي) عيـب پـائي پـاند ۾، غـلام ٿـي اچـن،

احسـان بـ ڪجـي انهـن سـين، پـل راضـي ٿـي وجـن.

[2593]

نـالو ڏجـي نـالي کـي، تـوڙي نـالو هجـي.

Gul Hayat Institute

نالو= عزت. نالو= آيو> آئي. نالو= ٻانهون.
عـــزت ڏجـــي آئـــي کـــي، تـــوڙي ٻـــانهون هجـــي.

[2594]

نـــالو هونـــدو ســـو **نـــالو** ٿينـــدو، نـــه تـــه **نـــالو!**
نالو= ساهُو> سائُو> سائو. نالو= سنيالو> سنيالبو.
نالو= چُـٽو.
ســـائو هونـــدو ســـو ســـنيالبو، نـــه تـــه چـــُـــٽو!

[2595]

علم ۾ **راند جو نالي، جر** ۾ **مرونءَ جي** نـاهي،
اُپ ۾ **متيءَ جي** ناهي، **فقير جي** ۾ **ماڻهوءَ جي** ناهي.
علم= قرآن. راند جو= کوڙ. جر= پـاڻي. مـرونءَ جي=پليتي. اُپ= آسمان. متيءَ جـي= قبـر. فقيـر جو= مقام. ماڻهوءَ جي= ڀَالهـ.
قـــرآن ۾ کـــوڙ نـــاهي، پـــاڻيءَ ۾ پليتـــي نـــاهي،
آسمـــان ۾ قبـــر نـــاهي، مقـــام ۾ ڀَالهـــ نـــاهي.

[2596]

راند کـاڻ وڻ جـو، پـر جـر جـو ٿيندوئي کونـ.
راند جو= سچ. کاڻ جو= پيڙو. وڻ جو= لڏ> لڏي. جر جو= ٻڏو> ٻڏي.
ســـچ جـــو پيـــڙو لـــڏي، پـــر ٻـــڏي کونـــ.

[2597]

اَن جـــي ســـپ جمـــار، کـــاڻيءَ ســـاعت هکـــڙي.
اَن جي= رک> مورک. کاڻيءَ جي= گهڙ> سگهڙ.
مـــورک ســـپ جمـــار، ســـُـــگهڙ ســـاعت هکـــڙي.

[2598]

نرنانءُ هجـي تـه **عضـوي جـي** ڏجـي، **نرنـانءَ کـي فقيـر جـي** نـه ڏجـي.
نرنانءُ= دوست. عضوي جي= دل. نرنانءُ= دشمن. فقير جو= حال.
دوسـت هجـي تـه دل ڏجـي، دشمـن کـي حـال نـه ڏجـي.

Gul Hayat Institute

[2599]

نالي کان نالو پلو، جو نالي ۾ نالو ڏئي.

نالو= سخي. نالو= شوم. نالو= ترت. نالو= جواب.

سخيءَ کان شوم پلو، جو ترت ڏئي جواب.

[2600]

جت نالا ۽ نرنانءَ هجن، تت کاڻي ٽئي ئي کانـ.

نالو= سالڪ. نرنانءُ= سگهڙ. کاڻيءَ جو= کَڇُ> کَڇي.

جت سالڪ ۽ سگهڙ هجن، تت کڇي ٽئي ئي کانـ.

[2601]

ذات آزار ۾ خوش.

ذات= چاکي. آزار= پيڙَ.

چاکي پيڙَ ۾ خوش.

[2602]

کاٽ ڪُتي جي وات ۾، کاٽ ڪُتي جو ڪم،

ماري لاهينس چم، تہ بہ **کاٽ ڪُتي** جي وات ۾.

کاٽ= بهڙ.

بهڙ ڪُتي جي وات ۾، **بهڙ ڪُتي** جو ڪم،

ماري لاهينس چم، تہ بہ **بهڙ ڪُتي** جي وات ۾.

[2603]

مَرونءَ جي وات ۾ آهي وڻ.

مرون= ڪتو. وڻ= بهڙ.

ڪُتي جي وات ۾ آهي بهڙ.

Gul Hayat Institute

[2604]

ڪامڻ ڪک اٽي ويا، وجي مال جا رهيا.

ڪامڻ= سچي> سچا. ڪک= سَرَ> سير. مال جا= دَنگل> غل باز.

سچا سير اٽي ويا، وجي دغل باز رهيا.

[2605]

جڏهن ليکي شهر لڳو، تڏهن نرنانءُ ذات ٽيو.

ليکو= تيرهن. شهر= سن. نرنانءِ=آدم. ذات= سامٹيا> ساءِ + مٹيو.

جڏهن تيرهون سنہ لڳو، تڏهن آدم ساءِ مٹيو.

[2606]

ملڪ مڙوئي مڇي، وڻ ڪونہ ڇوي.

مڇي= مُڪر> مڪر. وڻ= سَرينهہ> صريح.

ملڪ مڙوئي مَڪر، صريح ڪونہ ڇوي.

[2607]

نالو ۽ نارنانءَ، نالي ايندا.

نالو= موت. نارنانءِ= ملاقات. نالو= اوچتو.

موت ۽ ملاقات اوچتا ايندا.

[2608]

جيڪي تيل جا، تن سان ڪاڇ جا ڇا ڪبا.

تيل جا= پُڙا> پوڙا. ڪاڇ جا= ٻاٽ> سُرهاٽ.

جيڪي پوڙا، تن سان سُرهاٽ ڇا ڪبا.

[2609]

ذاتين کي ڪاٽ جا ڇا ڪندا؟

ذات= نوڙها. ڪاٽ جا= ڪٽوتا.

نوڙهن کي ڪٽوتا ڇا ڪندا؟

[2610]

ڪاٽ جي ڪٽي لشڪر جو ڏي تہ مرونءَ جي ڇا ڪري؟

ڪاٽ جي= ڪٽي. لشڪر جو= مٹو. مرونءَ جي= جُوءِ> جُون.

ڪٽي ڪٽي مٹي کي ڏي تہ جُونءِ ڇا ڪري!

[2611]

جنهن کي مٹيءَ جي پوندي، سا شهر مان نالو آڻيندي.

مٹيءَ جي= ڪٽي. شهر= لَڪي. نالو= لعل.

جنهن کي ڪٽي پوندي، سا لَڪي مان لعل آڻيندي.

[2612]

Gul Hayat Institute

جن مُنڊن کَتي ليکو نہ ڪيو، سي مال جون ڙي.
منڊ= عورت. ليکي(جو) = انگ. مال جون= گڏهيون.
جن عورتن کَتي اَنگ نہ ڏکيو، سي گڏ هيون ڙي.

[2613]

نالي ۽ نرنان تي پُڇي جي ڏنيسون ڪانہ.
نالو= خسيس. نالو= کدڙو. پڇيءَ جي= ڪلنگي.
خسيس ۽ کدڙي تي ڪلنگي ڏنيسون ڪانہ.

[2614]

جيت ٿي پر مال نہ.
جيت= اصيل. مال= خر.
اصيل ٿي پر خَر نہ.

[2615]

پنهنجا ۽ مال جا چني نہ چڏجن.
پنهنجا= ننگ. مال جا= وڙ.
ننگ ۽ وڙ چني نہ چڏجن.

[2616]

ڪائي ۽ نالو رچ نہ ٿيندو،
جي رچ ٿيندو تہ بہ مال جو.
ڪائي= من. نالو= موتي. رچ= پڳو سُجو. رچ= سُجو. مال جو= سنڊو.
مَن ۽ موتي پڳو، سُجو نہ ٿيندو،
جي سُجو ٿيندو تہ بہ سَنڊو.

[2617]

ڪپڙ ڪي ذات ڪائي تہ هٽجي گهوڙي جي.
ڪپڙ(جو) = ڪوٽ. ذات= ڪَلَر. گهوڙي جي= پُستي> پُشتي.
ڪوٽ ڪي ڪلر ڪائي تہ هٽجي پُشتي.

[2618]

چمر ۽ باهہ جي، تنهن ڪي شهر چا ڪندا؟

Gul Hayat Institute

چم جي= سيڃاھ. ٻاھ جي= ڦُوڪڙي> ڦُوڪي، شھر = ٻاڌھ، ٻانڌ.

(جنھن) سيڃاھ ڦُوڪي، تنھن کي ٻانڌ ڇا کندا؟

[2619]

جن جا **نالا نالي** هُون، **ذات** نہ ڪجي تن سان.

نالو= ڪرم. نالو= سيڃاڳو. ذات= رئيس> رِيسَ.

جن جا ڪِ ر سيڃاڳا هُون، ريس نہ ڪجي تن سان.

[2620]

پولي ڪجي ان کي، جيڪو **پولي** ڪري،

جيڪو **پولي** نہ ڪري، **پولي** نہ ڪجي ان کي.

پولي= عرض. پولي= غرض. پولي= غرض.

پولي= عرض.

عرض ڪجي ان کي، جيڪو غرض ڪري،

جيڪو غرض نہ ڪري، عرض نہ ڪجي ان کي.

[2621]

نالو ڪاڏو جن، سي **ذات** ڪائيندا ڪين ميان!

نالو= پنيو> پني. ذات= ڪتي.

پني ڪاڏو جن، سي ڪتي ڪائيندا ڪين ميان!

[2622]

نالو ٽي گذار، **ڪڙم جو** ڪر، **وڻ** نہ جڳاءِ.

نالو= غريب. ڪڙم جو= پورهيو. وڻ= سڪ مرد.

غريب ٽي گذار، پورهيو ڪر، سڪ مرد کي نہ جڳاءِ.

Gul Hayat Institute

عام گجھارتون

[2623]

ذات آئي **لوھ جي نالو** ڪائون.

ذات= چنڊ. لوھ جي= بتي. نالو= گل.

چنڊ آئي بتي گل ڪائون.

[2624]

نرنانءُ ھڪڑو، ٻيا سڀ **نالا** ڏي!

نرنانءُ= چنڊ. نالو= تارو> تارا.

چنڊ ھڪڑو، ٻيا سڀ تارا ڏي!

[2625]

وڪـــــــر بنـــــان ذات پئـــــون.

وکر= لوڻ. ذات = مري.

لـــــوڻ بنـــــان مـــــري پئـــــون.

[2626]

ناڻي جو اٿر ڪونہ، ڪاٺ جي تي وڻ ٽيان ڪيئن؟

ناڻي جو= نُول. ڪاٺ جو= جهاز. وڻ جو= چڙهيو.

نـــُول اٿـــر ڪونـــہ، جهـــاز تـــي چڙهـــان ڪيئـــن؟

[2627]

ناري رکيئون نر تي، ناريون پيجيو ٿي نر ڪري.

ناري= جنبي. نر= ڏيهو. ناريون= ساريون. نر= چانور.

جنبي رکيئون ڏيهي تي، ساريون پيجيو ٿي چانور ڪري.

[2628]

ڪاٺ ۾ مـــال جـــو پيـــو، ســـو بـــہ نـــالو ٽيـــو.

ڪاٺ= ساڳُ. مال جو= مکڻ. نالو= يَلُو> يَلو.

ســـاڳ ۾ مکـــڻ پيـــو، ســـو بـــہ يلـــو ٽيـــو.

[2629]

ڪاٺ جو فقيرا شهر جـــو ڪيئـــي ڪونـــہ ڪـــو.

ڪاٺ جو= رول. شهر جو= ٽڪاڻو.

رول فقيـــرا ٽڪـــاڻو ڪيئـــي ڪونـــہ ڪـــو.

[2630]

شهر ٿون پڪـي لوهہ ٽيو تہ راند جون چا ڪنديون.

شهر= دلي. پڪي=باز. لوهہ(جي) = آر. راند جون=اٽڪلون.

دل جيڪـڏهن بيـزار ٿئـي تـہ اٽڪلـون چـا ڪنديـون.

[2631]

اي ميان نرنان، تو ۾ نرنان، اجان بہ پيو ڪرين نالا.

نرنان= ڪانڊيرو. نرنان= ڪنبو. نالو= گُل.

اي ميان ڪانڊيرا، تِو ۾ ڪنبا، اجا بہ پيو ڪرين گُلَ.

Gul Hayat Institute

[2632]

جڏهن پِير جو هُيو، تڏهن وڻ کي ڪپڙي جي لڳي.

پير جو= چاليهو. وڻ= ڪنڌو. ڪپڙي جي= لِير> ليڑ (سڳرَ).

جڏهن چاليهو هيو، تڏهن ڪنڌي کي لِيڑ لڳي.

[2633]

نرنان‌ءَ لڳو، نارنان آئي جر جي پويئي کانـ.

نرنان= اتر. نارنان= واهوندي. جر جي= ماڪ.

اُتر لڳو، واهوندي آئي، ماڪ پويئي کانـ.

[2634]

پکين مُلڪ ڏنو، پولي ڪندي ويون.

پکي= ڪونجون. ملڪ= روهـ. پولي= ڪر ڪا.

ڪونجن روهـ ڏنو، ڪَرڪا ڪندي ويون.

[2635]

پکي ڏڏائون، جهُڑ جي کيائون،

ائين نہ چيائون، جيئن هاري چوي ڏاند کي.

پکي= ڪونج. جهُڑ جي= لسي. هاري ڏاند کي چوي= دُڪا> دُڪ.

ڪونج ڏڏائون، لسي کيائون،

ائين نہ چيائون تہ دُڪ (پيئ).

[2636]

مال ۾ مرون ناهي، تون ٿولوهـ جي گهرين!

مرون= سيڙهـ. لوهـ جي= لسي (چَڙَ ۾ بَدل ڏاڻو).

مال ۾ سيڙهـ ناهي، تون ٿو لسي گهرين!

[2637]

ذات ڏنا هوئي، تڏهن حاڪم جو ٿيئي ڪونـ،

جو عضوي جو ڪرين ها.

ذات= دشمن. حاڪم جو= خوف. عضوي جو= پاسو.

Gul Hayat Institute

دشمن ڏنو هُوئي، تڏهن خوف ٿيئي ڪونہ،
جو پاسو ڪرين ها.

[2638]

جيڪو تو چيو سو **گاهہ** ٿيئو، منهنجي تہ **ذات**.
گاهہ جو= ڪَرو. ذات= ہُڏَ.
جيڪو تو چيو سو ڪَرو ٿيو، منهنجي تہ ہُڏ.

[2639]

رڇ جي نار جو تہ نرنانءَ ٿئين.
رڇ جي= ڪانيَ. نار جو= ڪير. نرنان= سُڪيو.
ڪاني ڪير تہ سُڪيو ٿئين.

[2640]

فقير جو وڪر تہ نالو ٿيئي.
فقير جو= درد. وڪر جي= دوا. نالو= فيضو> فيض.
درد جي دوا ڪر تہ فيض ٿيئي.

[2641]

شهر سامهون **شهر** آهي، **نرنانءَ** مٿي **نار** آهي،
واهہ ڪاريگر **ڪپڙ جي** آهي!
شهر= سکر. شهر= روهڙي. نرنانءَ= دريا خان.
نار= موري. ڪپڙ جي= جوڙي.
سکر سامهون روهڙي آهي، درياءَ مٿي موري آهي،
واهہ ڪاريگر جوڙي آهي.

Gul Hayat Institute

[2642]

ڪٺ **ڪاٺ جو**، پڇ **مٿيءَ جو**، جيئن **پکي** ٿي وڃن.
ڪاٺ جو= وڻوهڙ. مٿيءَ جو= پتر. پکي=
پوري> پورا.
ڪٺ وڻوهڙ، پڇ پتر، جيئن پورا ٿي وڃن.

[2643]

نالو ڇئي **نالي** ڪي تہ هٽ **ڪائي شهر** ڪي.
نالو= گاهي. نالو= ماهي. ڪائيءَ جي= ٽِنب.
شهر= ڪاهي.
گاهي ڇئي ماهيءَ ڪي تہ هٽ ٽِنبَ ڪاهيءَ ڪي.

[2644]

هڻ حاڪيماڻي، ٻڌ ڪاسبڪي، مانَ رَچ ٿي پوين.

حاڪيماڻي= اڙي. ڪاسبڪي= ڪارائي. رچ= مَٽُ.

هڻ اَڙي، ٻڌ ڪارائي، مانَ مَٽُ ٿي پوين.

[2645]

جان وجان جتن ۾، تہ نالوئي ناهہ.

جتن جي= وتاڱ> اوطاق. نالو= ريحاڻ> رهاڻ.

جان وجان اوطاقن ۾، تہ رهاڻ ئي ناهہ.

[2646]

جر جيت جو مون نہ ڪيو، پوک جي پڇي نرنان ٿي.

جر جو= روڳ. جيت جو= ريڑهو. پوک جي= ناڙي.

نرنان= نهال.

روڳ ريڑهي جي مون نہ ڪئي، ناڙِي پڇي نهال ٿي.

[2647]

سُٽ جو چنو، ڪاٺ جو ڏيو، حاڪيماڻي جو الله!

سُٽَ جو= تنگ. ڪاٺ جو= هنو. حاڪيماڻو= سوار.

تَنگ جِنو، هَنو لَڏيو، سوار جو الله!

[2648]

ولايت ٿون رچ ڪري، ٽيو پڪي ڏي پڪي.

ولايت= ڪَچ. رچ= ڪوڙو. پڪي= پوري> پورا.

ڪچ مان ڪوڙو ڪري، ٽيو پورا ڏي پورا.

[2649]

ڪٽ ڪاٺ جي، هڻ هٽ جي، توکيٰ زحمت چا ڪري!

ڪاٺ جي= دٻلي. هَٽ جي= چَپڙي. زحمت= نزلو.

ڪٽ دٻلي، هڻ چپڙي، توکي نزلو چا ڪري!

[2650]

ڪٽ اوزار، وڍ وڻ، متان مرض ٽيئي.

اوزار= سوئڙي. وڻ= سوپاري. مرض= اُلٽي.

ڪٽ سوئڙي، وڍ سوپارِي، متان اُلٽي ٽيئي.

Gul Hayat Institute

[2651]

ڏس رنگ **نرنانءَ** جا، جو **کاڻ جا** پيجيو **کپڙ جا** ڪري.

نرنانءُ= صاحب. کاڻ جا= جهاز. کپڙ جا= پرزا.

ڏس رنگ صاحب جا، جو جهاز پيجيو پرزا ڪري.

[2652]

پکيئون وياسين، **نرنان** ٿياسين، هاڻي **نالو** ڪير ڪندو؟

پکي= وهيو> وَهي. نرنانءُ= ٻڌو. نالو= قبول.

وَهي ٿون وياسين، ٻڌا ٿياسين، هاڻي قبول ڪير ڪندو؟

[2653]

جڏهن **نالا** آيا، تڏهن **واڪي** ويئي.

نالو= پَريو> پريا (اڇا). واڪي= وَهي.

جڏهن پَريا آيا، تڏهن وَهي ويئي.

[2654]

جيڪي **رنگ جا** اڇن پاڻهي، تن کي **ڪورٽ جا** نہ ڪجن.

رنگ جا= اڇا. ڪورٽ جا= ڪيس.

جيڪي اڇا اڇن پاڻهي، تن کي ڪيس نہ ڪجن.

[2655]

نالن ۾ **نالا** پيا تہ **ولايت** ويئي.

نالو= ڪارو> ڪارن. نالو= اڇو> اڇا. ولايت= سُورت> صورت.

ڪارن ۾ اڇا پيَا تہ صورت ويئي.

[2656]

ٿَڪين ڏني **ڪاغذ جي** ملي تہ **مان نالو** ٿيان.

ٿَڪا= لک> لکين. ڪاغذ جي= وَهي. نالو= جوان.

لکين ڏني وَهي ملي تہ مان جوان ٿيان.

[2657]

سڄ تہ **پکي**، جُتي تہ **ڳهه**.

پکي= وهيو> ويو. ڳهه= نسبي> نہ + سبي.

سڄ تہ ويو، جُتي نہ سبي.

Gul Hayat Institute

[2658]

ذات جا گھٹا هئا، پر **عورت** هئي کانہ کا.

ذات جا= خشک> خشکا. عورت= کنڊل> کنڊ.

خشکا گھٹا هئا، پر کنڊ هئي کانہ کا.

[2659]

پُوريو چوي **تَنگيل** کي، ادا کڏهن ملنداسين؟

تنگيل جواب ڏنو تہ **رچ** ۾ ملنداسين.

پوريو= بصر. تنگيل= واگڙ. رچ= کُنو.

بَصر چوي واگڙ کي، ادا کڏهن ملنداسين؟

واگڙ جواب ڏنو تہ کُنو ۾ ملنداسين.

[2660]

نالو تو، **نالو مون**، هاڻي **لوهہ جي**.

نالو= مَکو> مُکو. نالو= ريڏو> رڏو. لوهہ جي= رِنگَ.

مُکو تو، رڏو مون، هاڻي رِنگ نہ.

[2661]

آهي تہ **کاچ جي** پر **گاهہ جي** ڙي!

کاچ جي= ماکي. گاهہ= ڏنگڻي.

آهي تہ ماکي، پر ڏنگڻي ڙي!

[2662]

کاڻيءَ پوک جي، جر جي ۾ پلي، تون **کاچ جي** نہ.

کاڻيءَ جي= اک. پوک جي= کاڻي. جر جو= مُنهن. کاچ جي= وَڏَ> وَڏُ.

اک کاڻي منهن ۾ پلي، تون وَڏُ نہ.

[2663]

پوک پيلي تہ گهوري، منهنجي **مال واريں** کي نہ ٽئي.

پوک= تُري. مال واريون= ماڻکيون.

تُري پيلي تہ گهوري، منهنجي ماڻکين کي نہ ٽئي.

Gul Hayat Institute

[2664]

نالي نرنانءَ کي عضوي جي آئي ته به ول نه ڪيائين.

نالو= جيئند. نرنانءُ= خليفو. عضوي جي= ڏاڙهه> ڏاڙهي. ول= ڪَدُو> قد.

جيئند خليفي کي ڏاڙهي آئي، ته به قد نه ڪيائين.

[2665]

اي نرنانءَ! ڏينهن ڪر ته ڪاٺ جن کان نارنانءَ، متيءَ جي حاڪم ٿئي!

نرنانءُ= الله. ڏينهن= جمعو. ڪاٺ جا= ڏلها.

نارنانءُ= ڇُٽان. متيءَ جي= ڪاڻي. حاڪم جي= معافي.

اي الله! جمعو ڪر ته ڏلهن کان ڇُٽان، ڪاڻيءَ کان معافي ملي.

[2666]

ڪپڙي جو ڪير سُڪاءِ، پوک ٽي ڪاٺ جو گهُري.

ڪپڙي جو= صافو. پوک= پنگ. ڪاٺ جو= ڏنڊو.

صافو ڪيئَ سڪاءِ، پنگ ٽي ڏنڊو گهري.

[2667]

اي ميان نرنانءَ! ڪاٺ جي آڻ ته پوک جو ڏيانءِ.

نرنانءُ= موالي. ڪاٺ جي= سُلفي. پوک جو= تماڪ.

اي ميان موالي! سلفي آڻ ته تماڪ ڏيانءِ.

[2668]

متيءَ جي هٿ ۾ ڪپڑ جي ٽي گهري.

متيءَ جي= سُلفي. ڪپڑ جي= صافي.

سُلفي هٿ ۾ صافي ٽي گهري.

Gul Hayat Institute

[2669]

رڃ ڪٽي ڪتو ڪ! وڪر نهيئي ڪونہ، تہ پوءِ راند جون ڇا؟

رڃ= چلر. ڪتو= تازي. وڪر= تماڪ. راند جون= چڪيون.

چلر ڪٽي تازي ڪر! تماڪ نهيئي ڪونہ، تہ پوءِ چڪيون ڇا؟

[2670]

ٽڪر ڪي ڪتونہ سڏ، پوڪ جي ناهہ، راند جي ڇا؟

ٽڪر= حقو. ڪتو= تازي. پوڪ= تماڪ. راند جي= چڪي> چڪيون.

حقي ڏي تازو نہ ڪر، تماڪ ناهہ، چڪيون ڇا؟

[2671]

ڳهہ ڏي تہ حقي ۾ وجهان.

ڳهہ= پٽڙو.

پٽڙ (تماڪ جو پن) ڏي تہ حقي ۾ وجهان.

[2672]

حقي ۾ ٻرنان ٽئين ذات.

ٻرنان= متو ۽ رکيو. ذات= آهيڙي> آهي + ڙي.

حقو متو رکيو آهي ڙي!

[2673]

پن جي ۽ ڪاٺ جو ڪو تو وٽ ذات!

پن جي= ٻيڙي. ڪاٺ جو= ماچيس. ذات= آهيڙي> آهي + ڙي.

ٻيڙي ۽ ماچيس ڪو تو وٽ آهي ڙي!

[2674]

شهر ٻاڏو خير، مان ڏي خير.

شهر= ماڏو> مان + ڏي. مان= تون> تو + ڏي.

مان ڏي ٻاڏو خير، تو ڏي خير.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ